سنڌوءَ جو سفر

1831

الیگزینڈر برنس



Sindhica

سنڌوءَ جو سُفر

ع1831

سنڌوءَ جو سفر

ع1831

اليگزينڊر برنس

سنڌيڪار

عطا محمد پنيرو

سنڌيڪا اڪيڊمي

ڪتاب نمبر
19

ڇپائيندڙ جا هڪ حق واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: سنڌوءَ جو سفر (1826ع)
ليکڪ : اليگزينڊر برنس
ڇاپو پهريون: جولاءِ 1994ع
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نياز حسين گبول
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
ملڪ: 100 رپيا

All rights are reserved for the publisher
'SINDUA JO SAFAR'
Sindhi Tranlation of Book "Journey into Bokhara' Vol. II
by Alexandar Brunes
First edition: July 1994
Printed at Azad Communications
Karachi Ph: 7737290
Published by: Sindhica Academy
Karachi, P.O Box No:7363

Price: Rs. 100.00

لکپڙهه لاءِ

سنڌيڪا اڪيڊمي

پوسٽ باڪس نمبر 7363 ڪراچي 74400

ستاءُ

پبلشر پاران
تعارف
باب پهريون
سفر جي شروعات 13
باب ٻيو
ٽئين کان حيدرآباد 31
باب ٽيون
بکر جو سفر 44
باب چوٿون
بهاول خان جو ملڪ 62
باب پنجون
سنڌوءَ جو درياهي سفر 77
باب ڇهون
لاهور 100

واڌارا

باب پهريون
سنڌوءَ متعلق لکيل يادگيريون 131
باب ٻيون
سنڌوءَ گنگا وچ ۾ ٻيٽ 133
باب ٽيون
سنڌ جي سرزمين 139
باب چوٿون
سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو 148
باب پنجون
سنڌوءَ جو درياهي سفر 160

باب ڇهون
ٺٽي کان حيدرآباد تائين سنڌوءَ جو احوال 164
باب ستون
حيدرآباد کان سيوهڻ تائين سفر 167
باب اٺون
سيوهڻ کان بکر تائين سنڌوءَ جو سفر 171
باب نائون
سنڌو بکر کان وٽي پنجاب جي ندين جي ملڻ واري جاءِ تائين 176
باب ڏهون
سنڌو مٺڻ ڪوٽ کان اٽڪ تائين 180
باب يارهون
چناب جو ستلج سان سنگم 183
باب بارهون
بهاول خان جو ملڪ 185
باب تيرهون
پنجاب 188
باب چوڏهون
چناب (Acesines) ۽ روايءَ (Hydroates) جو سنگم 191
باب پندرهون
لاهور کان هيٺ راويءَ جو احوال 194
باب سورهون
سنڌوءَ جي اوپرندي شاخ ۽ ڪچ متعلق يادگيرن تان ورتل احوال ۽ ڪچ ۾ 1819ع ۾ آيل زلزلي ڪري آيل تبديلين ۽ رڻ متعلق ۽ چار ڳالهيون 196

ضميمو

باب پهريون 213
باب ٻيو 228
باب ٽيون 245

سنڌوءَ جو درياهي سفر

پبلشر پاران

سنڌيڪا کي اشاعتي سلسلو شروع ڪندي ٽي سال مڪمل ٿي چڪا آهن، ان عرصي ۾ اسان سنڌ، سنڌي ثقافت، سنڌ جي تاريخ، لطيفيات ۽ ٻين علمي ۽ ادبي موضوعن تي پنهنجي حال سارو جيترا ڪتاب شايع ڪيا آهن، تنهن لاءِ سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقن جي طرفان سوين خطن ۽ روبرو ملاقاتن جي ذريعي نيڪ جذبن ۽ تمنائن جي اظهار سان سچ پچ تہ اسان جي سفر جا سيئي ٽڪ لهي ويندا. آهن ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه اها تہ هي عملي ۽ ادبي ذوق پنهنجي ماٺهن جي لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي احساس ۾ سيني ڏکيائين کي اورانگهي سفر کي پوري همٿ سان جاري رکڻ ۾ مصروف رکندو پئي آيو آهي. ساڳي وقت ائين ب ٽيو آهي تہ ڪجهه مهربانن هن ڪم ۾ ريس ڪرڻ جي سڀي روايت بجاءِ حسد جو ٻهارو وڌي پاڻ کان ڪجهه سرانجام نہ ٿيڻ جي محروميءَ کي تاتيندي اداري کي لوئڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. انهن ڪوششن ۾ اهي ماٺهو پيش پيش رهيا آهن، جن ماٺهن جي شاعري، ناولن، ڪهاڻين ۽ سفرنامن کي، اسان پنهنجي لاءِ منتخب تحقيقي موضوعن جي مجبوري پيش ڪندي چاپڻ کان معذوري ڏيکاري.

اسان هيستائين انهن ماٺهن کان ڪاب شڪايت ڪونہ ڪئي آهي ۽ ان کي غلامن جي نفسيات جو مظهر سمجهي پنهنجي سفر کي جاري رکيو آهي، بلڪ اسان کي پنهنجي سوسائٽيءَ جي لاءِ ڪم ڪرڻ واسطي وڌيڪ موضوع سامهون آيا آهن، جن تي تحقيق ۽ تشريح جي ضرورت آهي.

محترم بدر ابڙي صاحب جڏهن 'سنڌوءَ جو سفر ۱۹۸۹ع' جو مسودو اسان جي حوالي ڪيو تہ انهن ڏينهن ۾ ئي Travels into Bukhara ڪتاب اسان جي نظر مان گذريو، جنهن جي پئي حصي کي ترجمو ڪري، ان کي 'سنڌوءَ جو سفر ۱۸۲۶ع' جي نالي سان پڌرو ڪرڻ جو عزم ڪيو ۽ محترم عطا محمد پنيري ان جي ترجمي لاءِ هائوڪار ڪري معاملو سولو ڪري ڏنو. انهيءَ عرصي ۾ اليگزينڈر برنس پئي

ڪتاب "Quabul" جو مطالعو ٿيو ته ان ۾ ڪابل جي سفارت لاءِ ويندي سنڌ مان سندس گذرڻ جو احوال پنجن بابن تي مشتمل هو، تنهن کي ڀُڻ ترجمو ڪري ضميمي طور هن ڪتاب ۾ شامل ڪري رهيا آهيون ته جيئن اليگزينڊر برَنس جو سنڌ متعلق احوال هڪ ئي ڪتاب ۾ يڪجاءِ پڙهندڙن کي ملي ويجي.

اهو حصو پڻ محترم عطا محمد پنيري مختصر نوٽيس تي ترجمو ڪري ڏنو، جنهن لاءِ هن کيرون لهٽيون. ترجمن جي صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سندس خدمتون هميشہ يادگار رهنديون. محترم علي حسن چانڊيو ڪتاب جي پروفن ڏسڻ ۽ محترم طارق هيسباڻي ڪمپوزنگ ۾ هميشہ وانگر پاڻ ملهايو، ان لاءِ هنن ٻنهي جَس لهٽي.

نور احمد ميمڻ

چيئرمين

سنڌيڪا اڪيڊمي

پهرايڪر

سڀا دوست ڪنهن پاڻ واري کي ملندا آهن. منهنجي خوش قسمتي آهي جو اسان جي چوڌاريءَ سان سيد محسن علي شاهه بخاري، مرحوم محمد زمضان اعوان ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق شامل آهن. انهن سان هوندئن ٿا ازل جو انگ هو. پر اهو 1956ع ۾ ممتاز ڪاليج خيرپور ۾ پڙهائي دوران پڌرو ٿيو. جڏهن اسان چئني جو اڪثي مڪا ميلو ٿيو.

انهن دوستن جي صحبت ۾ علم ۽ ادب سان دلچسپي ان دور کان ئي قائم رهي. حيدرآباد اچڻ کانپوءِ سنڌ جي متعلق انگريزي ڪتابن کي سنڌي هوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جو عزم ڪيو ۽ مون بسم الله سورلي جي ڪتاب 'Shah Abdul Latif of Bhitt' جي ترجمي سان ڪني، جيڪو سنڌ جي معروف اداري 'سنڌيڪا' پاران 'ڀٽ جو شاهه' نالي سان ڇپجي چڪو آهي. ان کان پوءِ سنڌيڪا جي چيئرمين نور احمد ميمڻ جي چوڻ تي برنس جي ڪتاب 'Travels in to Bokhara' جو ترجمو ڪيم، جيڪو هينئر اوهان جي هٿن ۾ آهي. ڪجهه ٻيا ڪتاب ترجمو ڪيا اٿم، جيڪي مختلف ادارا ڇاپي رهيا آهن.

هي حقيقت آهي ته ارڙهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ روس ايراني دربار ۾ اثر رسائي حاصل ڪري چڪو هو. ان دور ۾ انگريز هندستان ۾ پنهنجا پير وڌيڪ پختا ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيو هو. روس اڳتي سمنڊ ڏانهن وڌڻ ٿي گهريو. روس جي ان ارادي انگريزن کي پڙڪائي ڇڏيو هو. کين اهو به ڊپ وکوڙي ويو ته متان روس، افغانستان، پنجاب ۽ سنڌ رستي اڳي وڌڻ شروع ڪري. ٽپولين بوناپارٽ کان پوءِ رومن، انگريز جي آفريڪي پاليسي هندستان تي اثرانداز ٿي سگهي ٿي. ان ڪري هن افغانستان جي وڳوڙي صورتحال مان فائدو ونڻي، اتي پنهنجا پير پختا ڪري روس کي روڪڻ جو منصوبو بڻايو. جنهن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هن پنهنجو لشکر سنڌوءَ وسيلي افغانستان ونڻي وڃڻ پئي چاهيو. ان کان سواءِ دهلي تي پوري ريت قبضي ڪرڻ کان اڳ سنڌ ۽ پنجاب کي فتح ڪري پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ ٿي چاهيو.

تاريخ پڙهڻ سان اسان کي پتو پوي ٿو ته تُرڪ دور ۾ دهليءَ جي بچاءَ واسطي سنڌ جا هميشه طاقتور گورنر مقرر ڪيا ويندا هئا. اڪبر بادشاهه به

ايران تي حملي ۾ قندار تي مضبوط گرفت رکڻ لاءِ سنڌ کي فتح ڪرڻ لازمي سمجهيو هو. انگريزن به ارڙهين صديءَ جي ڀئي اڌ جي شروعات ۾ پلاسيءَ جي جنگ ۾ سوپ حاصل ڪئي هئي. انگريز ايترو تہ طاقتور هو جو ان وقت به دهليءَ تي حملو ڪري فتح حاصل ڪري پئي سگهيو. ان زماني ۾ احمد شاه ابدالي ۽ دهليءَ جي مغل طاقت ۽ هين قومي قوتن جهڙوڪ: سک، مرهٹا، پنجاب ۽ سنڌ کي تباه ڪري چڪو هو ۽ هڪ معنيٰ ۾ انگريزن جي فتح لاءِ جڙ رستو صاف ڪري ڇڏيو هئائين. پر انگريزن ڪنهن مصلحت ۽ دوراندیشيءَ کان ڪم وٺي پهريائين 1843ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪري، 1848ع ۾ پنجاب کي فتح ڪري، پوءِ 1857ع ۾ دهليءَ تي دنگو جمايو.

سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان اڳ ۾ هن سنڌوءَ ذريعي فوجي اهميت وارا ماڳ ڏسڻ پئي گهريا. سنڌ جي تالپر حڪمرانن انگريزن کي ائين ڪرڻ کان روڪيو هو. تنهن ڪري هن 'سوکڙي وارن گهوڙن' جو بهانو بنائي سنڌو ماپي فوجي اهميت وارا ٽاڪ ڏسي ورتا هئا. اهو احوال هن ڪتاب ۾ موجود آهي. ان کان سواءِ هن ڪتاب مان تڏهوڪي پنجابي حڪمرانن جي نيتن جو پڌ پتو پوي ٿو تہ ان زماني ۾ پنجابي، سمنڊ ڏانهن وڌڻ جا جتن ڪري رهيا هئا. اهو به پتو پوي ٿو تہ انگريزن کان اڳ ئي پنجابين سنڌ کي فتح ڪرڻ گهريو ٿي. چاڪاڻ تہ ٻاهر وڃڻ لاءِ سندن اڪيلو ڪس سنڌ ئي آهي. هن ڪيترا پيرا انگريزن سان امڙن ارادن جو اظهار ڪيو هو.

اليگزينڊر برنس، ان دور جي سنڌوءَ جي وهڪري جو اکين ڏٺو شاهد هو: ان وقت کان وٺي اڄ تائين هن پورالي درياه الائي ڪيترا وهڪرا بدلايا آهن. ان کان سواءِ اسان کي اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ ۾ پنجابين جي حملن ڪان ڏجي، سنڌ وارن مختلف عهدنامن وسيلي انگريزن کي ڪراچيءَ ۽ بکر ۾ فوج رهائڻ جي ڪيئن موڪل ڏني هئي. چاڪاڻ تہ اهي ماڳ سنڌ جي سياسي ۽ فوجي اهميت وارا اهم ٽاڪ هئا، اهي اڄ بہ سنڌ واسطي ساڳيءَ ريت اهم ۽ نازڪ آهن.

مطلب تہ هن ڪتاب مان پڙهندڙن کي نہ فقط ان وقت جي سنڌو درياه بابت معلومات ملندي، پر انگريزن جي چالاڪيءَ ۽ بدنيتيءَ جو پڌ پتو پوندو. ان کان علاوه، سنڌ، هند، ايران ۽ افغانستان جي سياسي حالتن بابت ڪافي معلومات ميسر ٿيندي.

پنهنجي ترجمي بابت پاڻ ڪا راءِ ڏيڻ سٺي ڳالهہ نہ ٿو سمجهان. اهو سڀ پڙهندڙن تي ڇڏي ٿو ڏيان، پر ايترو ضرور عرض ڪندس تہ مون ڪوشش ڪري سؤلي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، پر پوءِ بہ پڪ آٿم تہ مون کان ڪي اوڻايون ضرور رهجي ويون هونديون. مون کي يقين تہ هيءُ ڪتاب سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ سان دلچسپي رکندڙ دوستن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

عطا محمد پنيرو

حيدرآباد سنڌ

10- جنوري 1994ع

تعارف

ڪڇ صوبي جي ڪوارٽر ماسٽر جنرل واري ڪاتي ۾ ڪيٽرن سالن کان ويٺي، مان هڪ آفيسر طور نوڪريءَ ۾ هوس. تاريخ ۽ جاگرافيءَ سان لاڳاپيل معلومات هٿ ڪرڻ ڄڻي سلسلي ۾ پڇا ڳاڇا ڪندو مان سنڌوءَ جي صفا اوپارين منهن وٽ وڃي نڪتو هوس. سنڌوءَ جو اهو ڦاٽ هن ملڪ (ڪڇ) جي دنگ سان وهندو آهي. سنڌ کان سواءِ ڪڇ جو رڻ ئي هڪ واحد علائقو آهي، جنهن مان هن درياه جي هڪ مکيه ڇاڙهه وهي ٿي، جنهن بابت اسان وٽ ڪافي معلومات موجود هئي ۽ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ اڻ ٽڻ ٻ ڏايي هئي. هن ڏس ۾، بمبئيءَ جي فوجي ڪمانڊر- ان- چيف، ليفٽيننٽ جنرل ٽامس برابر فورڊ منهنجي همت افزائي ڪئي. سندس ترغيب مون کي گهڻو اتساه ڏياريو: هن فوجي آفيسر اڳ- اولاد هندستان جي سرحدي علائقن متعلق مون ساڻ، ڪُليءَ دل سان پنهنجي راءِ جو اظهار ٻ ڪيو هو. ڇاڪاڻ ته برطانيا جي مفادن واسطي انهن علائقن جي ڄاڻ وڌيءَ اهميت واري هئي، منهنجيءَ گذارش تي مون کي، هنَ، اهڙي منظوري ڏئي منهنجيءَ دل کيس وڌو ڏنو هو، جنهن لاءِ مان سندس ڏاڍو ٿورائتو آهيان. ان ڪم لاءِ مون پنهنجون خدمتون رضاڪارانه پيش ڪيون هيون. سونپيل فرض ڪي اڪلائڻ واسطي مون کي، 1829ع ۾، هندستان ۾ سنڌوءَ جي وچ واري ٽر جو رڻ اڪري، ڪوشش ڪري درياه رستي سمنڊ تائين پهچڻو هو. اهڙي طرح سفر سبب سياسي معاملا مونجهاري ۾ پئجي سگهيا ٿي: پر ان زماني ۾ بمبئيءَ جي حڪومت اهڙي فرد جي هٿن ۾ هئي، جنهن کي هين ماڻهن کان وڌيڪ ، ايشيا، جي جاگرافيءَ ۽ ادب لاءِ ڏاڍو شوق هو. ان مقصد جي موتيءَ هٿ ڪرڻ واسطي بمبئيءَ جي حاڪم سر ٻجان مالڪم مون کي ان سفر تي روانو ڪيو هو ۽ مون کي ڪاتي جي سياسي شاخ ۾ بدلي ڪرائي هو ڏاڍو خوش ٿيو هو. سندس خيال هو ته جن حڪمرانن جي ملڪ منجهان گذران ته ساڻن ڳالهائڻ لاءِ مون وٽ ڪو طاقتور اثر ضرور موجود هجي. اهو اثر سندن ڪاوڙ ۽ ڪيني کي مائي ڪرڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ويندو. نه ته ٻيءَ صورت ۾ هن کوجنا واري ڪشالي کي بند ڪري ڇڏيندا يا پيا اجايون سجايون رندڪون وجهندا.

1830ع ۾ خيرن سان ٽر جي رڻ ۾ داخل ٿيس. سفر ۾ ليفٽيننٽ جيمس هالينڊ مون سان هانهن هيلي هو. هو ٻ مون جيان ڪوارٽر ماسٽر جنرل جي ڪاتي ۾ آفيسر طور نوڪريءَ ۾ هو. ڏاڍو هوشيار هو ۽ منهنجي مدد واسطي هڪ لائق

آفيسر ثابت ٿيو هو.

جيسلمير وٽ پهتاسين ته اسان کي هندستان جي سپريم گورنمينٽ وٽان هڪ نهايت اهم پيغام اچي مليو، جنهن ۾ اسان جي واپس ورڻ جي خواهش ڏيکاريل هئي. چاڪاڻ ته ان زماني ۾ سنڌ جي حڪمران کي ڪاوڙائڻ جي خطري کان جو موقعو ڪونه هو. اهو به امڪان هو ته هن سفر جي ڪري هيا ملڪ به مٿڙ ڦوڪ ڪن ها. ان ڪري واپس ته موٽياسين، پر اهڙيءَ مايوسيءَ کي مون محسوس ڏاڍو ڪيو. ٻئي سال اها چپ پائهي چيتيون ٿي وئي. ٿيو هيئن جو برطانيه جي بادشاه وٽان، لاهور جي سک حڪمران راجا رنجيت سنگهه لاءِ ڪي سوکڙيون پاکڙيون اڇي پهتيون هيون. ان معاملي سان گڏ، اها به خواهش ڏيکاري وئي هئي ته لاهور ويندي، سنڌوءَ جي صحيح معلومات حاصل ڪرڻ واسطي، سندس گهري ايياس کي ڌڻ ۾ نظرانداز نه ڪريون. هيءُ ڪتاب ان فرض جي پوئواريءَ جي ڏس ۾ هڪ مفصل احوال آهي، جيڪو مون سنڌوءَ رستي لاهور ويندي قلمبند ڪيو آهي. جيسلمير ۽ هندستان جي اتر- اولهه واري سرحدي ملڪن مان لنگهندي، مون جيڪا به متعلق معلومات حاصل ڪئي هئي، سا هاڻي رايل جاگرافيڪل سوسائٽي آف لنڊن طرفان شايع ڪئي ويئي آهي.

لنڊن- جون 7- 1934ع

سفر جي شروعات

سن 1830ع ۾ هڪ جهاز اچي بمبئيءَ جي بندر تي بيٺو. هن جهاز ذريعي برطانيہ جي بادشاه طرفان، لاهور جي سک حڪمران، راجا رنجيت سنگھ لاءِ سوڪڙيءَ طور موڪليل پنج گھوڙا اچي پهتا هئا. بادشاه سلامت جي وزير(1) طرفان سک حڪمران ڏانهن لکيل هڪ دوستاڻو خط بہ هن سوغات سان گڏ هو. ان وقت جي بمبئيءَ جو گورنر ميجر جنرل سر جان مالڪم جي سفارش سان، هندستان جي سپريم گورنمينٽ، سنڌوءَ درياه رستي، سکر جي صدر مقام لاهور وڃي سوڪڙين پهچائڻ جو ڪم منهنجي حوالي ڪيو، جيڪو مون لاءِ هڪ اعزاز هو. ان وقت ڪ۾ ۾ مون کي هڪ سياسي عهدو هو. ڪ۾، هندستان اندر انگريز سرڪار جو اهو اڪيلو حصو آهي، جيڪو سنڌوءَ جي بلڪل ويجهو آهي.

ان وقت انگلينڊ ۾ هندستان جي اعليٰ اختياري وارن کي فقط اها هوڙا ڪوڙا لڳل هئي تہ ڪيئن بہ ڪري هن سفر دوران، سياست ۽ جاگرافيءَ سان لاڳاپيل اهم معلومات هٿ ڪئي وڃي. سنڌوءَ متعلق، اسان وٽ معلومات منجهيل ۽ اٿوري هئي. سندس وهڪرن جو گھڻو تڻو احوال آرين (Arrain) ڪرٽس ۽ سڪندر اعظم جي فوجي مهم سان لاڳاپيل مورخن جي لکڻين تان ورتل هو.

ان ڏس ۾، سرجان مالڪم، آگسٽ 1830ع ۾ سرڪاري رڪارڊ ۾ هن طرح جو ٽورو ڪجھ واڌارو ڪيو. "سنڌو جهازراني لائق هڪ وڏو ۽ اهم درياه آهي. ڏڻي کان وڻي حيدرآباد ستر ميل ٻيڳھ متعلق اسان وٽ معلومات آهي. باقي ان پاڪي کان هيٺ يا مٽي ڪا پروسي جوڳي جاڻ پاڻ وٽ ڪانهي، سندس ڇوڙ واري علائقي متعلق، اسان وٽ فقط مقامي ماڻهن وٽان هٿ ڪيل احوال آهن، جن مان اسان کي حقيقتون سمجهي وڻون ٿا تہ ڏڻي کان هيٺ سنڌوءَ جا ڦاٽ گھڻي لٽ سبب، پنهنجا وهڪرا بدلائيندا رهيا آهن. انهن مشڪلاتن هوندي بہ ننڍي قسم جا ٻيڙا هاڪاري سنڌوءَ جي وڏي وهڪري تائين پهچي سگھجي ٿو ۽ جيستائين سنڌوءَ جو تعلق آهي تہ هي درياه، بنا ڪنهن شڪ شبهي جي، حيدرآبا کان مٿان، هن

(1) Lord Eden brough, Then president of the India Board Vole. III

هزارن سالن کان وٺي جهازراني ۽ جي لائق رهيو آهي."

تنهن ڪري هن اعزازي ڪمر جي پوئواري ۽ سان ڪڏ، مون کي سنڌو ۽ سان لاڳاپيل پوري ۽ جاڻ حاصل ڪرڻ تي خاص ڏيان ڏيڻو هو. هي ۽ ڪمر پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان ڏاڍو ڏکيو ب هو. ڇاڪاڻ ت سنڌ جا حڪمران ڏارين کان سخت نفرت ڪندا هئا. ڪنهن ب انگريزي سفارت کي حيدرآباد کان مٿي وڃڻ جي اجازت ئي ڪانه هئي. سنڌ ب اهڙن علائقن مان ٻيمنڊ ۾ جوڙ ڪندو آهي، جيڪي ڏاڙيلن ۽ ظالم قبيلن سان ڀريا پيا آهن. جن مان لنگهڻ وڏي ۽ مخالفت ۽ مزاحمت، جان ۽ عزت جي خطري کان خالي ڪونه آهي. هن ڪٺيير معاملي ۾، ڪچ ۾ پوليٽيڪل ريزيڊنٽ ۽ بلوچستان جي سفر جي ناتي سان جڳ مشهور انسان هينري پاٽنگر سان صلاح مشورو ڪيو ويو. سندس راءِ هئي ت گهوڙن سان ڪڏ گهوڙي گاڏي ب لاهور وڃي رهي آهي. مال مڏي ۽ مان معلوم ٿئي ٿو ت اهي سوڪڙيون سنڌو ۽ رستي روانيون ٿيندیون. تنهن ڪري اهو ضروري ٿيندو ت پهرياڻين سنڌ جي حڪمرانن جي خوف ۽ خطري کي دور ڪيو وڃي. سندس هن مناسب رٽ کي سرڪار جهٽ پٽ ٻجي ورتو. هينري پاٽنگر جي تجربي نه فقط هن منجهيل مامري ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي پر آئي ويل ۽ ڏکئي ٽائيم ۾ پنهنجي اڻ ٽڪ آٽت ۽ صلاح مشورن سان منهنجي سهائتا ڪئي آهي ۽ جيڪي ب مون کي ڏکيا ڪمر سونپيا ويا، تن ۾ منهنجي سوپيا ۽ ساڪ واسطي هو هميشه منهنجو آڏول ٿيڪو ۽ پرجهلو ٿي بيٺو.

هن اهم سفر کي ڪجه وڌيڪ رنگين ۽ مؤثر بنائڻ لاءِ، منهنجي ۽ سفارت کي، سنڌ جي امين کي ڏيڻ واسطي ڪي سوڪڙيون پاڪڙيون ب ڏنيون ويون. ان سان گڏ اسان تي اهو ب فرض عائد ڪيو ويو هو ت اسان ساڻن سياسي نوعيت جون ب ڳالهيون ڪريون، جن جو واسطو هنهي ملڪن جي دنگ سان هو. ڇاڪاڻ ت سنڌن رعايا جي ڪن ماڻهن انگريز سرڪار جي دنگ سان ڪوٺس ڪئي هئي، مون کي اهو ب چتايو ويو هو ت ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ت ڪٿي خود اهي ڳالهيون يا ڪن ٻين ڳالهين جا فيصلا لاهور جي سفر ۾ رندڪ نه ٿابت ٿين. انگلينڊ جي اختياري ۽ وارن جو هن ڳالهه تي ب زور هو ت هن سفارت سان گڏ ڪو فوجي جٿو ب ساڻ هجي. منهنجو خيال هو ت منهنجي ۽ هن سفارت سان ڪنهن فوجي جٿي جو ساڻ هلڻ خطري کان خالي ڪونه ٿيندو. اها ڳالهه صاف ظاهر هئي ت هي ۽ عام قسم جي سفارت هئي، تنهن کي فوجي تحفظ جي ايڏي ضرورت ڪانه هئي. تنهن ڪري مان اهڙي ۽ فوجي نگراني ۽ کان لنوائي ويس. پر مون ان بدران، اتان جي ملڪي ماڻهن تي پروسو ڪرڻ جو پڪو پ ڪيو. منهنجو خيال هو ت مان انهن ملڪي ماڻهن جي معرفت اتان جي عام رهاڪن سان رابطو ۽ واسطو پيدا ڪري ونڊندس.

گورنر جنرل ڏانهن خط لکندي سر جان مالکم به ساڳين خيالن جو اظهار ڪيو هو: "جتان جتان هو گذرندو ته سندس رکوالي اتان جا ڏيهي ماڻهو ڪندا. ڇاڪاڻ ته هيءُ انهن ماڻهن کي اڳ ۾ ڪافي ڄاڻي سڃاڻي ٿو. ليفٽيننٽ برنس، اهڙين ڳالهين کي ڪن معقول سببن ڪري ترجيح ڏئي ٿو ۽ سمجهي ٿو ته سندن ڪم ۾ اهي ڳالهيون سولائي ۽ سهنجائي پيدا ڪنديون. هن فوجي محافظن کي نه ڪٽي ناراضگيءَ واري وايو منڊل کي پيدا ٿيڻ ئي ڪونه ڏنو آهي." منهنجا اهي خيال کي غلط به ڪونه هئا، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ بلوچن اسان جو وڏو بچاءُ ڪيو هو ۽ شڪن گمانن کي دور ڪري ڇڏيو هو."

شروعاتي تيارين جي پوري ٿيڻ کان پوءِ، مون کي بمبئيءَ جي چيف سيڪريٽري وٽان هڪ ڪُجهي خط ذريعي خاص هدايتون مليون. منهنجو ڌيان ان طرف ڇڪايو ويو هو ته مان سفر دوران سنڌوءَ جي اونهائي، طرف ۽ ويڪر معلوم ڪندو رهان ۽ اها به معلومات حاصل ڪريان ته سنڌوءَ ۾ جهازراني جون ڪهڙيون سهولتون موجود آهن؟ ڪنارن سان هارڻ جو ڪاٺ موجود آهي يا نه؟ حڪمرانن جي حالت. ڪهڙي آهي؟ سنڌوءَ سان ڏنگي ڪهڙين ذاتين جون زمينون آهن؟ اهي نقطا حڪومت جي مفاد لاءِ خاص اهميت رکن ٿا. سفر دوران، معلومات واسطي جيڪڏهن هيا به نقطا سامهون اچن ته مون کي پنهنجي جاڻ ۽ ڏاهپ مطابق انهن کي منهن ڏيڻو پوندو. مون کي اهو به چتايو ويو هو ته سنڌوءَ ۾ ٻيڙيون تمام آهستي هاڪاريون وڃن. ان جو سبب اهو هو ته ان حڪمت عمليءَ وسيلي مون کي تحقيق ڪرڻ ۾ ڏاڍي سولائي ٿيندي. سنڌوءَ جي جاچ پڙتال واسطي مون کي گهربل سامان به مليو. مون سوچيو ته ٻلَ ذريعي پنهنجي خرچ لاءِ پئسا ڪيرايان. تن ڏينهن بمبئي جو گورنر سرجان مالکم جهڙو سُڄيت ۽ سڃاڻ ماڻهو هو. تنهن اڳين سرانجام ڪيل خدمتن عيوض هڪ تعريفي خط مون ڏانهن لکيو. ان خط پڙهڻ کان پوءِ، مون ۾ اڃا به وڌيڪ اعتماد پيدا ٿيو. ان خط ۾ هن صاحب لکيو هو ته مون کي پاڙيسري ملڪن ۽ اتان جي رهاڪن جي هلت چلت متعلق ڪهڙي جاڻ آهي ۽ منهنجي اثررسوخ جو دائرو به وسيع آهي. منهنجن اهڙين خوبين جي مدنظر مون کي انهيءَ سفارت لاءِ چونڊيو ويو آهي ۽ هين جي پيٺ ۾ مون کي ڏيڪ فائدو رسيو آهي.

سرجام مالکم، هندستان جي گورنر جنرل ڏانهن جو ڪجهه خط ۾ لکيو هو، سو پڙهي مان ته ڪپڙن ۾ ئي ڪونه ٿي ماپيس. خط جو مضمون ڪجهه هن ريت هو. "جيڪڏهن هندستان جي ڪنهن پاڳي ۾، ليفٽيننٽ برنس کي ڪو ڪم سونپيو ويو ته مون کي پورو اعتماد آهي ته هو اهو ڪم ڏاڍي خوش اسلوبيءَ سان پورو ڪندو. پر شرط اهو آهي ته حالتن مطابق، ڪم ڪرڻ لاءِ ڪيس آزاد ڇڏيو وڃي. آءٌ ان لاءِ ضمانت ڏئي سگهان ٿو ته هو عوامي مفادن کي ضرور نظر ۾

رکندو. ايشيا جي مختلف ملڪن جي مطالعي ۽ جاچ واسطي مان پنهنجو جوگو ڏيان ڏئي رهيو آهيان. مون کي ان ڏس ۾ وسيع تجربو ٻ آهي. مون کي خاص اهڙن ڪمن کي اڪلائڻ دوران گهڻن ماڻهن جي خوبين ۽ عادتن کي پرکڻ جو موقعو ٻ ملیو آهي. مان اهڙن ڪمچور ماڻهن کي هڪدم سچائي ونڊندو آهيان، جيڪي پنهنجي سوچيا ۽ ناماچاريءَ واسطي، پنهنجي مٿان رکيل فرض جو دل سان پورائو ڪرڻ کندا آهن." هڪ نوجوان ڦرٽ چالاڪ ۽ ڏاهو آفيسر مسٽر جي (J) بي- ليڪي ٻ مون سان گڏ هلڻ لاءِ چونڊيو ويو. سندس واسطو 22 ريجمينٽ N.J سان هو. ان سان گڏ هڪ ڊاڪٽر، هڪ سرويئر، ٻيو عملو ۽ نوڪر اٽالي ۾ شامل ڪيا ويا.

21 جنوري 1831ع جي صبح جو، ڪچ جي مانڊوَ شهر مان ڪچي ہيڙيون ساڻ ڪري هاڪاريوسين. روانگيءَ کان ٻئي ڏينهن اسان ڪچ واري ڪاري اکري ويا هئاسين، توڙي جو ان مان ہيڙا هاڪارڻ ڏاڍو خطرناڪ هو. ڪُڻ جا ڪڙڪا ۽ ساموندي لهرين جي لس ليٽ هئي. سمنڊ جو پاڻي جڏ ڪهرا هٿي گرم پاڻيءَ جيان ٽڇڪي رهيو هو. اڪ وٽائڻ سان رڳو گجي ئي گجي ٽي نظر آئي. اوپري ماڻهوءَ لاءِ اهو ڏيڪ ڏاڍو پوائتو هو. پر اتان جا رهاڪو ڪچي ته هر موسم ۾ بنا ڪنهن ٻوڙ پولي جي پيا ايندا ويندا هئا. ڪچ وارو ساموندي ڪنارو گهڻي پاڪي ٽڪرين کان آجو ۽ وارياسو آهي. ساموندي پاڻي ہيڙين کي ڏکي وڃي ڪناري جي واريءَ تي بيهارينڊو آهي. اسان ٻ هڪ پيري 50 ٽن وزني ہيڙي سان هتان گذريا هئاسين. اهو ہيڙو موزمبيق جي قيمتي سامان سان لڏيل هو. پر اسان جو ہيڙو ڪناري لڳي ڇڏ کان بچي ويو. ٻئي سال وري هن سونهيل ڪمر سان وڃي رهيا هئاسون.

اوپر جي گيدي ہيڙائتن جي ٻيٽ ۾ ڪچي ناکئا ساموندي سفر جا مٽير مڙس آهن. پنهنجي ملڪ جا ساموتبي ڪنارا ڇڏي، عربي سمنڊ مان هاڪاري وڃي ڳاڙهي سمنڊ ۾ پهچندا آهن. هيڏانهن ہيڙا ہار ۾ وڃهي، آفريڪا جي زنجبار ملڪن جا بندر ۽ بازاريون ٻيٽيندا آهن. معلم يا ناکئوا منجهند جو سج جي مدد سان يا رات جو ستارن جي سهاري ڀڳهائي ڦاڪ ڏسي نقشا جاچي ہيڙين جي سفر جي رستي جي پڪ ڪندا آهن. سندن غلط سلط ٽاهيل نقشن تي منزلن جا نشان ٽيل هوندا آهن ۽ وڏن ساموڏبي سفر جو ڀڳهو ۽ مشڪل تجربو هوندو آهي ۽ بنا عرشي (Un-decked) ۽ وڏن ٽڪنڊن سڙهن وارين ہيڙين ۾ ويهي، هندي وڏي سمنڊ جي طوفاني موسم جو مطالعو ڪري اندازو لڳائيندا آهن. مون کي چوٽائي اصول (Quadrant) واري چارٽ جو مطالعو ٻ هڪ ڪچي ناکئي سيکاريو هو، جيڪو گذريل صديءَ جي وچ ڌاران هالينڊ ڏانهن ہيڙو هاڪاري ويو هو. واپس موٽيو ته ڪافي ڪراڙو ٽي چڪو هو. هن يورپ جي سائنسي-ترقيءَ متعلق پنهنجيُ ڏيهي ماڻهن کي ڏاڍيون خوشخبريون ٻڌايون. پنهنجي ملڪ جي پلي

چاهيندڙ هن عظيم انسان، جهازن ٺاهڻ جي هنر سان لاڳاپيل هنر ۽ سچي لاپ واريون ڳالهيون پنهنجي ملڪ ۾ اڇي متعارف ڪرايون، جنهن فن ۾ ڪيي اڳ ۾ ئي ڪجھ اڳيرا هئا. ٽوري انعام تي ڪيي ناکٹا، نہ جُھڙَ کي تکيندا آهن نہ ڏينهن کي ڏسندا آهن ۽ ائين ڪئي ڀار ۾ ٻيڙا هاکاريندا آهن. مانڊو جا هندو وٹجارا مهر جو طبيعت وارا وڏا واپاري آهن، سي هن ناکئن جي ڏاڍي دلجوئي ۽ همت افزائي ڪندا آهن.

24 تاريخ ڪچ جي ڪاري اکري، ڪچ ۽ سنڌ جي دنگ تي ڪوريءَ جي ڪاريءَ جي ڪناري تي پهچي لنگر هنياسين. ڪوريِ ڪاٺ ۾ هاٿي سنڌوءَ جو پاٹي ڪونہ وهندو آهي. هيءَ ڪاري لڪپت ڏانهن وڃي ٿي. سنڌوءَ جي سيني مُنهن کان وڏي آهي. مٿي پاٹيءَ جي بند ٿي وڃڻ ڪري هاٿي سمنڊ جي ڪاري پاٹيءَ سان پري بيٹي آهي. سندس ڪناري سان ڪيترائي پوتر آسٹان ڏسڻ ۾ ايندا، جن مان ڪوٹيسر ۽ نارائڻ سر هندن جا وڏا تيرٿ گاه آهن. ڪچ جو اولهه وارو ٽڪرائتو علائقو هنن ماڻهن جي پر ۾ آهي. پرسان ٻي 'ڪانوجي' جي راءَ ڏيوريِ آهي. ان جي هيٹان هڪ مسلمان بزرگ جو مقبرو آهي.

ڪوريءَ جي ڪاري پار ڪرڻ وقت ٻيڙائتا هن بزرگ جي مقبري تي مجتا طور اَنُ، تيل ۽ ڪجھ نقد پيٹا رکندا آهن، نہ تہ ناکئن جي عقيدي موجب ٻيڙين کي ضرور جوکو رسندو. اهي سڀ وهم ۽ وسوسا آهن. بزرگن جي احترام طور خوف ۽ خطري کي مجٹو پوي ٿو ۽ مجبورن ناکئن جي ڳالهين کي وزن ٻہ ڏيٹو پوي ٿو.

ڪچ ۽ سنڌ جي ساموندي ڪنارن ۾ وڏو فرق آهي. سنڌ جا ڪنارا هيٹانهان ۽ سمنڊ جي ستوت سمان هوندا آهن. ڪچ جي ساموندي ڪناري سان هرندڙ جبل جي شڪل جهڙيون مخروطي ٽڪريون هونديون آهن ۽ ڪناري جي اوجھل ٿي وڃڻ کان پوءِ ٻہ پري کان پيون ڏسڻ ۾ ايندیون آهن. اسان ڪچ جي نظاري واري ڪناري کان ٽپي ۽ سنڌ جي هڪ جهڙي ٻسي ڊيڪ واري سمنڊ ۾ پهچي ڏاڍا سرها ٿياسون. جتهن جي ڪناري سان هڪ ٻوٹيءَ کان سواءِ ٻي اوپڙ کانہ ڏسبي آهي، جنهن کي هر وير جي چاڑھ جو پاٹي ٻوڙي ڇڏيندو آهي.

سنڌ جي ساموندي ڪناري سان پنجن ڏينهن تائين پنهنجا ٻيڙا هاکاريندا رهياسين. اهڙيءَ ريت ووڙي واوڙي سنڌوءَ جا سيبيٹي منهن جاچي ڏٹاسين. اسان جي ڪٹپ موجب سنڌن انگ 11 هو. اسان سنڌوءَ جي سيني کان مُک منهن ۾ داخل ٿياسين. سندس جاچ پڙتال ڪئي سون، پر ڪنهن ٻہ سنڌيءَ اسان کي ائين ڪندي ڪونہ ڏٹو. ان ماڪ تي اسان کي اهڙيون نشانيون نظر آيون، جنهن مانَ سمجهيوسين تہ ڪنهن وڏي درياه جي چوڙ وٹ پهچي چڪا آهيون. چاکاڻ تہ سنڌوءَ جي هڪ وڏي ڪاٺ گھوڙا جو لُڙيو پاٹي سمنڊ ۾ ميل ڪن اندر ٽوڪي ويو هو ۽ ٻنهي پاٹين ۾ ڪوبہ ٽڪراءُ موجود ڪونہ هو. ڪڏهن ڪڏهن گجيءَ جي

هلڪي لهر اپري رهي هئي، سنڌوءَ جي ڦاٽن، سندن ڇاڙهن جو تعداد، پاڻيءَ جي رفتار، خود سنڌوءَ جي ويڪر ۽ هوريان هوريان گهٽجي رهي هئي. اهو ۽ سمجهيوسين پئي ته سنڌوءَ جهڙو هيڏو سارو مهان درياه پنهنجي ڇوڙ ڪان وٺي سمنڊ ۾ اندر پري پري تائين پنهنجي طاقت ڪي قائم رکيو ٻيٽو هوندو. مون کي پڪو ويساه آهي ته جولاءِ ۾ آگسٽ جي مهين ۾ جڏهن ٻوڏ ۾ چاڙهه جي رت هوندي آهي ته ٻنهي پاڻين جي ٽڪراءُ جي صورتحال ضرور هوندي. ان موسم ۾ سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ تمام گهڻي لٽ لڙيات ۾ گرڻ هوندي آهي، جنهن ڪري ڪناري ڪان وٺي ٽن ميلن تائين اندر سمنڊ جو پاڻي لڙياٽو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. درياه جي ڪيترن مُنهن ۾ پوري رنگ جا ذرڙا پاڻيءَ ۾ ترندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. سنڌي انهن کي پٽ (Pit) جي نالي سان سڏيندا آهن. مون هڪ ذري کي جاچي ڏٺو ته گول شڪل جو هو. منجهس پاڻي پريل هو. پليٽ ۾ رکي جاچي ڏٺوسين ته سندس ماپ شلنگ جي سڪي جيتري هئي. مٽائنس پوري رنگ جي ڪل چڙهيل هئي. زور ڏنو مانس ته قسي پيو. هيڙين جا ناکٽا سندن موجودگيءَ مان سمجهي ويندا آهن ته درياه جو تازو پاڻي سمنڊ جي کاري پاڻيءَ سان ملي رهيو آهي. ناکٽن جي سمجه مطابق اهي ذرا واريائسي ڪناري کان ڇڇي سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ اچن ٿا ۽ درياه ۽ سمنڊ جي ميلاپ ڪري پيدا ٿي پوندا آهن. پاڻيءَ ۾ سندن موجودگي گدلي ۽ تيل جهڙي سٽپي محسوس ٿيندي آهي.

رات جو اسان سنڌوءَ جي پٽيءَ (Pittee) نالي اولهائهين مُنهن ۾ وڃي لنگر هنيا. سمنڊ کان ٽي ميل پري، سامونڊي ڪناري ۽ سنڌوءَ جي ڪپ ۾ ڪجه فرق ڏسڻ ڪونه ايندو. ڪڏهن رڇ سبب هڪ ننڍو ٻوٽو پري کان ڇڇ سائو پيو ڏسڻ ۾ ايندو. پر ويجهي وڃڻ سان اهو دوکو دور ٿي ويندو آهي. لنگر هٽڻ واريءَ جاءِ وٽان اسان کي ڪراچيءَ جي اپسمنڊ واري ڪناري تي، اتر- اولهه طرف هڪ اڇو قبو ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جي چوڌاري ڪوٽ ڏنل هو. ان کان پريان هالار نالي ڪاري رنگ جو جبل ٽي ڏٺو. جنهن کي نيرڪوس (Nearchus) ائرس (Irus) جي نالي سان سڏيو آهي. مان هتي آرين (Arrain) ۽ ڪئنٽس ڪرٽس (Quintus Cur-tuis) جا سڪندر اعظم جي مهم ۽ سندس اميرالبحر نيرڪوس جي سنڌ ڇڏڻ ۽ سنڌوءَ مان هيڙا هاڪاري ڪيي وڃڻ واري وقت سان لاڳاپيل اقتباس پيش ڪندس. آرين لکي ٿو: "درياه جي ويڪر 500 گز ڪان وڌيڪ ڪانه ٿيندي." ان جي خلاف آرين ٻڌائي ٿو ته درياه جي ويڪر 200 اسٽاڊيا (Stadia) آهي. "تازه ترين اطلاعن مطابق 12 ميل آهي ۽ اها ماپ مقامي ماڻهن جي چوٽ تي لکي وئي آهي. يونان جي هن مصنف ۽ درياه جيٰ موجوده ويڪر واريءَ ماپ ۾ ڪجه هڪ جهڙائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪراچيءَ پرسان ٽڪرائتي سامونڊي ڪناري ۽ وچ واري زمين جي ٽڪري جي شڪل اڌ گول اُپسمنڊ جهڙي آهي. پرسان هڪ

ٻيٽ ۾ موجود آهي. ڪتارا وارياسا آهن ۽ وچ تي موجود ٻيٽ ڪري اوپرو ماٿهو ائين سمجهندو تہ جڻ اونهون سمنڊ اڃا گهٽو پري آهي.

سڪندراعظم پنهنجي جنگي ٻيڙي جي اڳيان ۾ وڏيون ٻيڙيون ان ڪري موڪليون هيون تہ جيئن سمنڊ اندر موجود ٻيٽ، جنهن کي سلوٽس (Cillutus) ٿي سڏيائون، ڳولي کيس خبر ڏين. سندس ناکئن سمنڊ اولي پتو پَرو لائي اچي کيس حقيقت حال ٻڌائي تہ وڏي سمنڊ اندر هاکاري وڇ کان اڳ ڪنارو ڏئي ٿورو هيلو تہ هڪ ٻيٽ ايندو، جيڪو رهڻ واسطي ڏاڍو آرام ۽ آسائش وارو آهي. پرسان ئي درياه جو مٺو پاڻي موجود آهي. سڪندر پنهنجي فوجي ٻيڙين کي ان ٻيٽ تي رهڻ جي هدايت ڪئي ۽ پاڻ اونهي سمنڊ ڏانهن اندر هاکاري ويو." اهو ساڳيو ٻيٽ ڪنهن اوڙ کان سواءِ خالي ٻُڌ پيو نظر ايندو آهي ۽ درياه جي مٺي پاڻيءَ جو به محتاج آهي. اسان هندستان جي زبانن ۾ ان ٻيٽ جي نالي ڳولڻ جي لاءِ گهٽيئي مٿا مونا هنيا، پر هڙ حاصل ڪاتہ ٿي. ڇاڪاڻ تہ ان ٻيٽ جو نالو ڪونہ هو، پر جهازن جي لنگر هٽڻ واسطي هڪ سٿي جاءِ هئي، مون ٻيٽ ڏانهن نهاري ڏٺو ۽ مون کي پڪ ٿي وئي تہ اهوئي سلوٽس ٻيٽ هو، جنهن جي پوٽي هيئان مقدونيا جي جهونجهار پنهنجي ٻيڙين ٻيهارڻ جو حڪم ڏنو هو. "جٽي 'آمون' ديوتا جي فرمان مطابق هن ديوتائن لاءِ قرباني ٻہ ڪئي هئي." هيءَ اها جاءِ آهي، جتي نيرڪوس پنج فرلانگ ڏکڻ واهہ کونڊ جو حڪم ڏنو هو. واهہ کونڊ واسطي مٺي ڏاڍي سهنجي هئي، جڏهن سامونڊي ويرِ چڙهي تہ سارو جنگي ٻيڙو ان واهہ واري گهري پاڻيءَ رستي وڃي اونهي سمنڊ ۾ پهتو هو. يونان جي هن اميرالبحر نيرڪوس هتان جي ماٿهن جي تجربي مان فائدو ورتو هو. ڇاڪاڻ تہ اڄ ٻہ سنڌين ۾ رواج آهي تہ ڪو تراکڙو واهہ کونڊيندا آهن تہ پوءِ درياه جو پاڻي ۽ سمنڊ جي وير، ان کي پاڻ اونهون واهہ بنائي ڇڏيندي آهي. پنج فرلانگ يا اڌ ميل جيتري واهہ کونڊ کي تہ سنڌي ڪو پورهيو ئي ڪونہ سمجهندا آهن. اهو سمجهڻ غلط آهي تہ وارياسا ڪنارا ڪو صدين تائين جڙاءُ ڪري سگهندا آهن. منهنجو خيال آهي تہ ان ٻيٽ سان گڏ هڪ پاسي کان ڪو ڪنارو ۽ ٻئي طرف کان سمنڊ موجود هو ۽ نيرڪوس وچ وارو واهہ ڏاڍيءَ سولائي سان کوٽائي سگهيو هوندو. جڏهن سامونڊي سفر تي روانو ٿيو هوندو تہ آئرس جبل سندس ساڄي هٿ تي هوندو."

هن علائقي جو بيان ڏاڍو صحيح بيان ڪيل آهي. آندريِ نالي وارا ٻہ وارياسا ٻيٽ، ڪراچيءَ کان ٻاهران، سنڌوءَ جي ڇوڙ کان 8 ميلن جي فاصلي تي اڄ ٻہ موجود آهن. وڏي اهم ڳالهہ اها ٻہ آهي تہ پٽي (Pitee) جنهن دوآبي مان وهي ٿي، سنڌي ان کي اڄ ٻہ ڪروڪولا (Crocola) سڏيندا آهن.

پر سامونڊي ويرِ جي چاڙهہ ۽ لاهہ سڪندر جي جنگي ٻيڙي کي بي انتها

پريشان ڪري ڇڏيو هو. ان مشڪلات جو سبب به اسان کي جهٽ پٽ سمجھ ۾ اچي ويو. اسان جون به ٻيڙيون ان جاءِ تي گھ ۾ قاسي پيون، جتي فقط اڌ ڪلاڪ اڳ اٽاھ پاڻي ٻيڙل ھو. ھتي ساموندي ويڙ علائقي کي وڏيءَ طاقت سان ٻوڙي ڇڏيندي آھيءَ لھي به جھٽ پٽ ويندي آھي. جيڪڏھن ٻيڙا واھڙ ۾ ٻيڙل نہ ھوندا تہ ويڙ ڇڏي وڃن ڪان پوءِ ڪناري واري واريءَ تي ٻيڙل ڏسڻ ۾ ايندا. ارين (Arrian) اسان کي ٻڌائي ٿو تہ: "اڄا ان ماڳ تي ترسيل ھئا جو اھو واقعو ٿيو ۽ سيئي اچرج ۾ پئجي ويا. اھو ھيئن ٿيو جو ساموندي ويڙ جي لاھ ۽ چاڑھ سبب، جيئن سمند ۾ عام طور ٿيندو آھي، ٻيڙا خشڪ زمين تي رھجي ويا. سڪندر ۽ سندس ساٿين سان اھڙو واقعو اڳي ڪونہ ٿيو ھو. تنھن ڪري ھو وائڙا ٿي ويا. وڌيڪ حيران پريشان ان ڪري به ٿيا جو ھڪ وڏي ويڙ سندن ٻيڙا سمند ڏانھن لوڙھي وئي ۽ سندن تختو تختي کان جدا ٿي ويو، ٻئي کناري ڏانھن ايندڙ ويڙ، ٻيڙن کي ڪٽي وڃي کناري سان ھنيو. انھن مان به ڪو بانجھر ڪونہ بچيو."

يونانين جي تباھي جو مزيدار احوال ڪُنٽس ڪرٽس به ڏنو آھي. انھن گول قسم جي درياھي ٻيڙن کان وڌيڪ حقيقي ٻيا ڪي شاھد ڪونہ آھن، جن تي تمرند جا ٻوٽا اھو ماضيءَ وارو ساڳيو منظر پيش ڪندا ھجن. ھاڻي اچو تہ مصنف کي ٻڌون ھو پنھنجي وات چا ٿو سڀائي:

"ٽئين ڪلاڪ ۾ سمند پنھنجي روايتي واري وڏيءَ سان وڏو چاڑھ ڪيو ۽ درياھ جي پاڻيءَ کي پٺتي ھٽائي ڇڏيو. سندوءَ پھريائين ساموندي ويڙ کي روڪيو. پوءِ وڏيءَ طاقت سان مٿي ايڙ شروع ڪيو ۽ خطرناڪ حد تائين مٿي چاڑھ ڪندو ويو. جيئن جبل جي ڪا خوفناڪ برساتي نديءَ ڏاڪڙ ۽ گجگوڙون ڪندي، لڳو. ايڪپريءَ ھيٺانھينءَ تي عمودي طرح ھيٺ ڪرندي وڏا وحشتناڪ آواز ڪندي آھي. پنھنجن ٻيڙن ۾ ويٺل يوناني فوجي ھن ٻيانڪ ۽ خطرناڪ صورتحال کي، ديوتائن جو قھر سمجھي ڪنبي ويا. اڪ ڇني ۾ ڏس تہ سمند جون جبل جيڏيون اتاھيون ويڙون، وري اڪ ڇني ۾ ڏس تہ واري جا پوئا، خشڪ ميدان، جتي پاڻي جو قڙو به نظر نہ ٿي آيو. سندن جنگي ٻيڙو جيڪو کناري سان لنگر ھنيو ٻيٺو ھو، سو پاڻيءَ جي اھڙيءَ اوٽ موٽ ۽ تکيءَ تار ڪٽو ڪٽو ڪري الائي ڪٿي وڃي ڪيو. جنگي سپاھي جيڪي جھازن تي چڙھيا ويٺا ھئا، سي ھن ڪولاھل کان ڪنبي جھازن مان لھي پيا. ھن اُڪريءَ ۽ اوچتيءَ آپدا کان بچي پريشان ٿي ھنيانءَ قاڙ رڙيون ڪري وري جھازن ڏانھن ڀڄڻ لڳا. پر ھن ڏکيءَ ۽ ويڙن واري ويل ۾ جيترو به اتاولا ھئا، ايترو پاڻ کي جڙ ھوريان ڏوڙندو محسوس ڪري رھيا ھئا. جھاز پاڻ ۾ ٽڪرائجي رھيا ھئا. ونجھ ۽ اولا پڻ پرزا پرزا ٿي چڪا ھئا. جن سان باقي بچيل ٻيڙن کي ھاڪاري ڪنھن محفوظ ھنڌ ڏانھن پڄي وڃن ھا. ڏسڻ وارو ڪڏھن به سڃاڻي ڪونہ سگھي ھا تہ اھا ساڳي فاتح فوج

هئي، پر هو ائين سمجهي ها ته دشمن جي هارايل فوج آهي، جيڪا جنگ جا سانياها پئي ڪري... هاڻي سمنڊ جي ويڑ پر وارن گول ٻيڙن کان سواءِ سڄي علائقي کي ٻوڙي ڇڏيو هو ۽ اهي وڏا ٻيڙ به ننڍڙيون ٻيڙياريون معلوم ٿي رهيا هئا. ڊڇ ۾ لڏل جنگي سپاهين جي گهٽائي پنهنجا هوش حواس وڃائي پريشانيءَ جي حالت ۾ سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ تڙڦي ۽ تڙڪي رهي هئي. جنگي ٻيڙي جا ڪي جهاز سمنڊ جي اونهي پاڻيءَ ۾ ته ڪي تانگهي ۾ ٻيٺا هئا. ويڑ سامونڊي پوڻن کي پسائي ڇڏيو.

مقدونيڙ مٿان نئينءَ مصيبت منهن ڪيو. جيڪا اڳئين کان وڌيڪ ڏکي ۽ خطرناڪ هئي. سمنڊ لهڻ شروع ڪيو هو. مهان وڏي ويڑ پوئتي هٽي وئي هئي. اها هر چيز ظاهر ٿي پئي هئي، جيڪا سواءِ گهڙي اڳ، تار پاڻيءَ هيٺ لڪل هئي. جهاز ڪنارن کان ڇهٽو پوئتي هليا ويا هئا. ڪن جهازن جون آڳلیون ڪپ ۾ ڪتل ۽ پاڇيلون مٿي آسمان ڏي اڀيون هيون. ڪي جهاز وري پاسا کوڙيو سڪيءَ زمين تي آهليا پيا هئا. جنهن جاءِ تان پاڻي ڇڏي ويو هو، اتي يوناني لشکر جو سامان سڙو چوڌس پکڙيو پيو هو. هٿيار پنهوار ۽ چوڌاري کنڊرڻا پيا هئا. جيڏانهن نهار تيڏانهن يونانين جي ڀڳل جهازن جا تختا پکڙيل هئا ۽ جاڏي اک کڻ اوڏاهين ڀڳل اوڙ جا ٽوٽا ۽ پرزا پيل هئا. جيڪو وهيو واپريو، تنهن جو يونان جي جنگي سپاهين کي اعتبار ئي ڪونہ ٿي آيو. جيڪو اکيئن ڏٺو هئائون تنهن تي ۽ ويساه ڪونہ ٿي ڪيائون. سمنڊ ۾ نظر ڪر ته ڀڳل جهاز، اکين آڏو واريا سن ڪنارن ڏي ڏس ته ۽ ڀڳل جهاز، درياهه ڏي اک وڏاءِ ته ۽ ڀڳل جهاز، ڪيڏ پڪو ويساه ٿي ويو ته سندن بدبختي اتي ختم ڪانہ ٿي آهي. پنهنجي لاءِ هر شيءِ جي کوٽ ۽ موت لاءِ اڳڪٿي ڪيو ويٺا هئا. سندن خيالن ۾ سامونڊي لهرون جيڪي ڪنارن تي موت جا راکاس چڏي ويون هيون، سي اڃا ۽ هنن لاءِ رانيات ڪندا ڦري رهيا هئا. پر انهن اڃ جاڻن کي اها ڪل ڪانہ هئي ته واپس موڙندڙ سامونڊي ويڑ، سندن جهازن کي اونڌي مان سٽئون ڪري تاري ۽ سگهي ٿي."

اسان جو هي ننڍڙو جنگي ٻيڙو نيرڪوس جي پيدا ڪيل آفت سان ڪڍهن ۽ پورو،پئجي ڪونہ سگهيو. ڪُنڌس ڪرنس جا چيل لفظ ۽ سانگي سان ٻڌندا هلو: "سمنڊ جو پاڻي آهستي آهستي پکڙجڻ لڳو. چوڌاري اٿل ٿيڻ لڳي. جهازن مٿي ٿيڻ شروع ڪيو. پاڻيءَ جو اهڙو ته چاڙهه ٿيو جو جهاز پاڻ مرادو هلڻ شروع ٿي ويا."

مان هن قسم جي عنوانن تي هاڻي ڪونہ لکندس، جيتوڻيڪ اهي ڏاڍا دلچسپ آهن، پر هن ڪتاب ذريعي مان پراڻي دور جي ناتي سان موجوده سنڌوءَ کي سجاڻ جي ڪوشش ڪندس. جيڪڏهن مان هن ڪاله ۾ سوپارو ٿيس ته بيحد خوشي ٿيندي ۽ ڪتاب ۽ بذات خود ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيندو. جڏهن ماڻهو سنڌوءَ سان

لاڳاپيل ڪوبہ ڏيڪ ڏسندو آهي تہ پنهنجي اُڌمن ۾ اتساھ تي ضابطو رکي ڪونہ سگھندو آهي. سنڌوءَ ڏسڻ وقت سڪندر جي بہ ساڳي جذباتي ڪيفيت هئي. هن يوناني جونجهار پنهنجي خواهش مطابق امرتا ماڻي آهي ۽ پنهنجي فتحن جي تاريخ پنهنجي نانءَ سان ڳڏي پوئين نسلن جي نالي ڪري ڇڏي آهي. جيڪو بہ شهر يا درياھ سندس رستي ۾ آيو، تنهن کي بہ سندس نالي پٺيان شان ۽ شوڪت نصيب ٿيو. وقت سندس معيار ۾ اڃا بہ واڌارو ڪندو رهي ٿو. جڏهن اسان مهان سنڌوءَ ڏانهن اک ڪٽون ٿا تہ جڏ سندس ماضيءَ واري شان ۽ شوڪت سان پاڻ کي ڳنديل سمجهون ٿا. اهو سوچيندي مان هن خيالن کان لنوائي ڪونہ ٿو سگهان تہ اهي خالص تاريخ ۽ نج سائنس جي پيداوار آهن. اسڪامندر (Scamander) جي ملبل امرتا کي ميسيسپيءَ جهڙو عظيم درياھ بہ ختم نہ ٿو ڪري سگهي ۽ هيڏانهن سڪندر مقدونيءَ جو سنڌوءَ جي ڪنارن، مٿان اچي خيما کوڙڻ هڪ مستند ۽ تصديق شده اپوٽر (Profane) تاريخي عمل هو.

سنڌ جي ساڙوليءَ حڪومت جو اسان کي اڳ ۾ ڪئي ڳڻتي تجربو هو. پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪيوسين تہ ڪنهن اڳواڻ اطلاع ڏيڻ جي بدران، سنڌوءَ ڏانهن سفر ڪندو رهجي. منصوبي جي اهميت کي نظر ۾ رکي، لنگر هٽڻ کان پوءِ ڏاراجي ۾ مقيم امرين جي گماشتي ڏانهن اطلاع موڪليو ويو. ان سان گڏ اسان ڏاڍي ڏيان ۽ گيان سان سنڌوءَ ۾ سفر ڪرڻ شروع ڪيو. ٻئي ڏينهن شام جو، 30 ميل سمنڊ کان پري سنڌوءَ ۾ وڃي لنگر هنياسين. درياھ جي منهن وٽان، اسان هڪ ٽڪريءَ کان گذريا هئاسين، جيڪا سڄي درياھ جي آرپار هئي. نيرڪوس هن کي خطرناڪ ٽڪري ڪوٺيو آهي.(1) چٽي ان ڪري آهي، جو ٻڌي کان هيٺ سمنڊ تائين سنڌوءَ ۾ ٻي ڪابہ اهڙي ٽڪري موجود ڪونہ آهي. اسان گهٽن گوٺن وٽان لنگهياسون ۽ اهي ڏسي ڏاڍا خوش بہ ٿياسون. هن گوٺن اسان جو ڌيان بہ چڪايو هو. اسان سعيو ڪري ماڻهن سان گهري ٽيڻ کان نٽائيندا پئي آياسين. نيٺ ڏاراجيءَ ۾ رهندڙ اختياري وارن کي پنهنجي اچڻ جو اطلاع موڪليوسين. هڪ ڏينهن ڏاڍي اوسيئڙي ۾ گذري ويو. ٻئي ڏينهن صبح جو هٿياربند ماڻهن جو اتالو اسان جي ٻيڙين جي چوڌاري ڦري ويو. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو تہ جڏ سڄي پسگردائي تاءَ ۾ هئي. آيل هٿياربند جٿو، جيڪو پاڻ کي امرين جو فوجي جٿو سڏائي رهيو هو، اسان جي ٻيڙين ۽ اسان جي سفارت ۾ شامل ماڻهن جو تعداد معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو. هن ٻيڙين تي رکيل شين کي چڱيءَ ريت اکين مان ڪيو ۽ ٻيڙيءَ ۾ رکيل صندوقن کي بہ جاچي ڏٺو. پنجاھ کن ماڻهو هڪدم مٿي

---

(1) جنرل هنگ ان ٽڪريءَ جي موجودگي کان انڪار ڪري ٿو. انڊس ڊيلٽا ڪنٽري، ص:10 (سنڌيڪار)

چڑهي آيا ۽ مان کين جاچ پڑتال ڪرڻ لاءِ جهٽ پٽ اجازت ڏني ڇڏي. هنن به هر سامان کي موڙي مروڙي ڏٺو. توب ۽ بارود ڳولي لهڻ واسطي هر نندي وڏيءَ شيءِ جي تلاشي ورتائون. مسٽر ليڪي ۽ مان اڇرج ۾ پنهنجي منهن پرتي بيٺا هئاسين. آخرڪار هنن گهٽي سامان سان پريل وڏيءَ صندوق کي کولي ڏيکارڻ لاءِ چيو. ائين جيئن يونانين ڪاٺ جي گهوڙي ڏسڻ جو مطالبو ڪيو هو. کين خدشو هو ته صندوق ۾ سنڊ جي تباهي واسطي ڪو سامان لڪايل آهي. اها صندوق ڏسي کين ڏاڍي مايوسي ٿي، کين اهو يقين ٿي ويو ته اسان جادوگر آهيون ۽ جادوءَ جي زور تي اسان توب ۽ بارود کي گهر ڪري ڇڏيو آهي.

جڏهن تلاشي ختم ٿي وئي ته مان سڄي اتالي جي مک سان ڳالهايو. مون کي اميد هئي ته هن همراهه جي ناتي اختياريءَ وارن سان واسطو ۽ رابطو پيدا ٿي پوندو. پر ٿوريءَ دير ماڻ رهڻ کان پوءِ هن مک شخص جيڪو لاڙ جو رئيس ٿي ڏٺو، تنهن چيو: "اڄوڪي ڏينهن جي ڪارگذاري، متي حيدرآباد موڪلي ويندي ۽ ميرن جي فيصلي تائين اسان کي پوئتي هٽي، سنڊوءَ جي منهن وٽ، سمنڊ اندر اوسيئڙي ۾ لازمي طور ترسٽو پوندو." سندس گذارش ته مناسب هئي. هنن همراهن اسان کي زندگيءَ جي ضرورت سان لاڳاپيل هر چيز ڏيڻ جو واعدو ڪيو ۽ اسان لنگر کڻي هيٺ درياه وٽي سمنڊ هليا وياسين. هن واقعي کان پوءِ اسان مروت ۽ اخلاق ڇڏي ڏنو. درياه ۾ هاڪاريندي اسان کي هٿياربندن سان پريل ڪيترين دنگين مليون. رات جو اسان کان سڌ ڪري پڇيو ويو ته اسان سان ڪيتري فوج گڏ آهي. "اسان وٽ هڪ بندوق به ساڻ ڪونه آهي." اسان کين جواب ڏنو. "ظلم ٿي ويو، اوهان اسان جو ملڪ ڏسي ورتو آهي، پر ياد رکو، اسان وٽ به جوابي ڪارروائي لاءِ چار هزار ماڻهو آهن." هڪ هٿيلي هروچ سپاهيءَ اسان کي رڙ ڪري چيو. اجايون ٻڙاڪون ۽ گاريون ٻڌندا اچي سنڊوءَ جي منهن وٽ پهتاسون ته اسان تي فائرنگ ٻ. ڪئي وئي. پوءِ لنگر هٽي پڪو په ڪيوسين ته هن بي عزتيءَ ۽ زيادتيءَ جي باوجود به مناسب حد تائين کين ٽڏي دل سان سمجهائيندا سين، پر اسان جي اهڙي سوچ اجائي هئي. ڇو ته اسان وحشي ۽ جاهل ماڻهن جي گهيري ۾ هئاسون. جيڪو ڪجهه مان کين سمجهايو، تنهن جي جواب ۾ هنن رڙ ڪري، چيو ته اسان کي حڪم ڪيو ويو آهي ته توهان کي سنڊ جي سرحدن کان ٻاهر هڪالي ڏيون. مان سندن روش خلاف زورائتي زبان ۾ احتجاج ڪيو. ۽ کين ياد ڏياريو ته ڪمزور ئي سهي پر مان هڪ وڏيءَ سلطنت جو نمائندو آهيان، ۽ مون سان گڏ شاهي سوکڙيون آهن. اهو به چيم ته سندن مالڪ طرفان اهڙيءَ ڪنهن لکت ۾ حڪم کان سواءِ مان سنڊ ڪونه ڇڏيندس. ڪلاڪ کن جي ماڻ مان محسوس ڪري ورتم ته جيڪڏهن مان پنهنجي ڳاله تي اڙيو رهيس ته هو مون کي اوس هاجو رسائيندا.

هن اهم مهم کي سوپاري ڪرڻ کان اڳ، ڪنهن به قسم جي چيهي رسائڻ جي منهنجي مرضي ڪانه هئي. تنهن ڪري مائٽ مينڊ ۾ لنگر ڪٽي هاڪاري سنڌوءَ جي صفا اوپارئين منهن ۾ وڃي پهتس. اتي ويهي مان سنڌ جي اختياريءَ وارن سان ڳالهايو ۽ ڪچ ريزيڊنٽ ڪرنل هينري پانگر سان به صلاح مشورو ڪيو.

مون کي پورو ويساه هو ته سنڌي سپاهي کين مليل اختيارن جي ٻاهر ڪم ڪري رهيا آهن، ان سمي امين جي طرفان هڪ خط به اچي پهتو، جيڪو ڏاڍي دوستاڻي ورن ۾ لکيل هو، جنهن ۾ بيان ڪيل هو ته سنڌوءَ رستي ٻيڙين ۾ سفر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ۽ هاڃيڪار آهي. هڙهاءِ نيس مير صاحب اهو به لکيو هو ته سنڌوءَ جون ٻيڙيون تمام ننڍڙيون آهن، جو هر هڪ ۾ چار يا پنج ماڻهو مس ويهي سگهندا. رفتار تمام ٿوري اٽن. کين نه سکان نه سڙهه ئي آهن. سنڌوءَ ۾ پاڻيءَ جي ماپ مختلف آهي. ڪٽي گوڏي جيڏو ڪٽي ڇيلهه جيترو پاڻي آهي. مشڪلاتون ته گهڻيون ئي ٻڌايون ويون هيون، پر حڪمران طرفان درياهي سفر کان منع جو ڪو ذڪر خط ۾ موجود ڪونه هو. تنهن ڪري هڙهاءِنيس وٽان جوابي خط ملڻ کان پوءِ صلاح مشورو ڪيوسين ته هڪ ٻيرو ٻيهر اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري ڏسجي.

10- فيبروريءَ جو اسان ٻيو ٻيرو سنڌوءَ ڏانهن سفر واسطي سڙهه سنباهيا. پر 14- فيبروريءَ آڏيءَ رات ڏاران اچي اسان کي طوفان ورايو، جنهن جي تيز هوائن اسان جي ننڍڙي بمفري ٻيڙي کي توائي ڪري ڪٽو ڪٽو ڪري ڇڏيو. هن ٻيڙين جا ته شڪان پڄي پرزا ٿي ويا. هڪ ننڍي ٻيڙي ته ماڳهين وڃائجي وئي. ڪن ٻيڙين جا سڙهه ڦاٽي ويا. ڪن ٻيڙين ۾ تن پڻجي ويا. ڪجهه ڏينهن جي طوفان هوا، تند ۽ تيز لهرين جي لوڏن کان پوءِ مس وڃي سڄ جي سهائي ڏسڻ نصيب ٿي. رستو ڳولي اسان سنڌ جي ساموندي ڪناري ڏانهن هاڪاڙ شروع ڪيو. اسان جون باقي چار ٻيڙيون بچيون هيون جيڪي اسان واري ٻيڙيءَ پٺيان، ڪڍ اچي رهيون هيون. انهن کي ڪاهي سنڌوءَ جي پٽياڻيءَ واري منهن ۾ وڃي پهتاسين ۽ اتي لنگر هنياسين. مان اتان پنهنجي هڪ اعتماد جوڳي قاصد هٿان، سنڌ جي امين طرفان، ڏاراجيءَ ۾ رهندڙ عملدار ڏانهن هيٺئين مضمون وارو خط لکي موڪليو:

"ڏاراجي ۾ رهندڙ، سنڌ سرڪار جي عملدار کي نيڪ روشن هجي ته هيءُ خط مسٽر برنس طرفان آهي، جيڪو سندس ئي مهر سان سيل مُهر ٽيل ۽ سندس هٿ اکر فارسي ٻولي ۾ لکيل آهي. هيءُ عملدار انگريز سرڪار، سنڌ جي امير ڏانهن پنهنجو نمائندو يا وڪيل ڪري موڪليو آهي. ساڳئي وقت هيءُ عملدار انگلينڊ جي بادشاه طرفان، مهاراجا رنجيت سنگهه ڏانهن موڪليل سوڪڙيون ڪٽي وڃي رهيو آهي."

"مان ڪجھ ڏينهن اڳ سنڌوءَ وٽ پهتو هوس ته تو منهنجي سامان جي چڪيءَ ريت تلاشي وڙتي هئي. مان سمجهان ٿو ته تو اهڙو اطلاع سنڌ جي امير کي پهچائي ڇڏيو هوندو ته اسان سان ڪهڙيون شيون گڏ آهن. مان هاڻي موڪي آيو آهيان ۽ تنهنجي جواب جي اوسيڙي ۾ ويٺو آهيان.

تون پنهنجي مرضيءَ مطابق پنهنجا ڪيترا به هٿياربند ماڻهو موڪلي سگهين ٿو. منهنجي حياتي تنهنجي هٿ وس آهي. پر اها ڳاله ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن منهنجي بي عزتي ڪئي وئي ته سنڌ جو امير توکان ضرور پڇاڻو ڪندو. ساڳيءَ ريت اهو به ياد رکڻ گهرجي ته مان به انگريز سرڪار جو هڪ عملدار آهيان، توکي خبر آهي.ته مون ساڻ هڪ به فوجي سپاهي ڪونہ آهي ۽ نہ وري ڪا بندوق ئي آهي. منهنجي حڪومت سنڌ جي امير مٿان، منهنجي بچاءَ جو ويساه ڪري سندس پروسي تي مون کي هيڏانهن موڪليو آهي."

هن شڪايتن پرئي خط جو ڏاراجي اختياريَ وارن وٽان ڪوبہ جواب ڪونہ آيو. اهو ماڻهو جيڪو اسان جي پهرئين پيري سنڌ پهچڻ وقت عهدي تي هو، تنهن کي نوڪري مان سزا طور ڪڍي ڇڏيو هئائون. سندس ڏوھ اهو هو ته هن اسان کي سنڌوندي ۾ مٽي اچڻ جي اجازت ڇو ڏني هئي. اسان جي نوڪرن اسان واسطي اها خراب خبر آندي ته اسان کي سنڌوءَ جي ڪناري تي لهڻ جي اجازت ڪانهي ۽ اسان کي ڪٽان ۾ ڪاڏو خوراڪ وٺڻ ۽ سنڌوءَ جي پاڻي استعمال ڪرڻ جو به حق ڪونهي ڪو. تنهن ڪري اسان رکيل ڪاڏي خوراڪ جو استعمال تمام گهٽ ڪري ڇڏيو. پاڻيءَ جي ذخيري کي ڪلف هٽي ڇڏيو ۽ امين جي صلاحڪارن ۾ اميدون رکيون ويٺا هئاسون. جڏهن اسان جو پاڻي جو ذخيرو ختم ٿي ويو ته اسان هڪ نندڙي ٻيڙي سنڌوءَ تان پاڻي ڪڍي اچڻ لاءِ موڪلي ڏني. اها ٻيڙي پڪڙي ضبط ڪئي وئي ۽ ٻيڙيءَ سان جيڪي به ماڻهو هٿا تن کي گرفتار ڪري ڇڏيائون. اهڙيون حالتون ڏسي اسان پنهنجي ڪاميابيءَ کان مايوس ٿي وياسون ۽ سنڌ جي بي رحم ڪنارن کي ڇڏڻ لاءِ اتاولا ۽ اباڻڪا ويٺا هئاسون.

22- فيبروري تي اسان سفر واسطي سڙھ سنباهيا. ڏينهن جو سمئ هو. جڏهن اسان سنڌوءَ جي سُوڙهي منهن مان گذري رهيا هئاسين، ته واءُ جو رخ بدلجي ويو. سامونڊي وڏي ويرِ خوفناڪ رفتار سان اڀتي وڌي رهي هئي. سا اسان سان ٽڪرائجي اسان جي ٻيڙي کي اڀتي ڪناري ڏانهن ڌڪي وئي ۽ سمنڊ جو پاڻي اسان جي مٿان وري ويو. لهر جي چڙهڻ ۽ لهڻ سان اسان جو ٻيڙو هر هر پئي زمين تي ويٺو. اسان نراس ٿي لنگر ڪٽي اڇلايو. جڏهن اسان پنهنجي زندگي کي بچائڻ واسطي سوچي ويچاري رهيا هئاسون ته اسان ڏٺو ته اسان وارو جهاز ڪناري ڏانهن ويندڙ لهر سان رڳڙجي لڏي لهي رهيو هو. مان جهاز جي خلاصين جي جيئڻ جي اتساه ۽ بهادريءَ کي ساراهڻ کان سواءِ رهي ڪونہ سگهيس. ڪ جي بزرگ

شاھ پير جو نالو وٺي مدد لاءِ وڏي آواز سان ڪيس پڪاري رهيا ھئا. سندن پڪو يقين ۽ جذبو ڏسي مان ۾ دنگ رهجي ويس.

جڏھن اھي ڪچي ماٺھو ھن سخت طوفاني خطري ۾ قاسي پيا ۽ وٺي رڙيون ڪري چوڻ لڳا: "او پاڪ پير ۽ فقير! او سخي بزرگ ۽ ڪامل ولي اسان جي مدد ڪر." ان جي نالي لوبان جو ڪٽي جھنڊ ٻڌن دونھون ڪيائون. سيني ماٺھن وڏان شاھ پير جو نياز گڏ ڪري، خوشبوءِ سان پاڻ ڪري ۽ ان بزرگ جي نالي ڪري گوشائتو رکي چڏيائون. غريب ماٺھن جنھن طريقي سان پير جي نالي نياز گڏ ڪيو ھو، تنھن مان سندن نيت جي سچائي بکي رهي ھئي. توڙي جو منھنجو اھڙو اعتقاد ڪونہ ھو، پر تنھن ھوندي بہ سندن ويساھ ڏسي، اھو ظاھر ڪري ڪونہ ٿي سگھيس تہ منھنجو اھڙو ڪو عقيدو ڪونہ آھي. ھيو ھيڙو اسان جي جھاز جيان خوشقسمت ڪونہ ھو ۽ طوفاني ھوا ۾ توائي ٿي زور سان وڄي ڪناري سان لڳي. ڪنارو ايڏو خطرناڪ ڪونہ ھو. ان ھيڙي جي وس آھر سھائتا ڪئي سين. سڙھ سنباھي ڪچ ڦاڪاري وياسين ۽ ماندو ۾ لنگر ھنياسين. ھي ساموندي سفر اسان 33 ڪلاڪن ۾ پورو ڪيو.

اسان کي ھاٺي اھا ڳالھ لڪائڻي ڪانہ ھئي تہ سنڌ جي امير ۽ جو اسان سان روپو دوستاڻو ڪونہ ھو، پر ان جي برخلاف سندس خط ۾ اھڙيءَ بي وفائي جو تڇ جيترو بہ ذڪر موجود ڪونہ ھو. ھن پنھنجي خط ۾ سنڌوءَ جي درياھي سفر جي مشڪلاتن کي وڌائي پيش ڪيو ھو. منجھس جبلن جي قطارن جي صف بندي ڪري، ڪُنڊ ڪارونيارن کي وڇائي ۽ تانگھي پاڻيءَ جي مشڪلاتن جي ذڪر کي بہ ڪونہ وساريو ھو. جنھن مان ثابت اھو ٿي رهيو ھو تہ انسان درياھي سفر ڪري پنھنجي زندگيءَ ۾ لاھور پھچي ٿي ڪونہ سگھندو. خط مان ائين ظاھر ٿي رهيو ھو تہ سنڌ جي حڪمران کي اسان جي مھم جي خطريءَ ۽ خوف جو پورو يقين ٿي ويو ھو. تنھن ڪري ھو اسان کي بہ شڪ شبھي جي نگاھن سان ڏسي رهيو ھو. انگريز سرڪار طرفان حيدرآباد ۾ رهندڙ گماشتي بہ ھن تعصبي حڪمران جي پَوَ ۽ پوڙي کي سمجھي ورتو ھو. جنھنجو اظھار ھن ڏاڍي شانائتي ۽ باوقار نموني سان ڪيو آھي. سنڌ جي حڪمران جي اندازي مطابق، اسان جڙ ڪنھن فوجي حملي جا پيشرو ھئاسين ۽ سندس دلي خواھش بہ اھا ھئي تہ اسان کي پنجاب ڏانھن وڃڻ واسطي سنڌ مان لنگھڻ جو ڪوبہ رستو نہ ملي. ميرن جون عنايتون ۽ ٺڪراءَ واري حڪمت عملي پڌري پَٽ ظاھر ڪرڻ ۾ سفارتي طور سندس نقصان ھو. جنھن جي وضاحت ھن پنھنجي خط ۾ اڳيئي ڪري چڏي آھي. ھن ھڪ خط ۾ اھو بہ لکيو ھو تہ: "سنڌ جو امير جواب ڏيڻ کان نٽائي رهيو آھي تہ متان ڪنھن پريشانيءَ ۾ قاسي پوي. ھو ڪابہ ڳالھ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آھي. ڪي گندا خيال سندس ذھن ۾ واسو ڪري ويا آھن تہ جيڪڏھن ڪٿڻ برنس ھاٺي

ايندو ته سنڌوءَ ۾ هزارين ٻيڙيون ٻيٽ ڏسي وٺندو ۽ اهڙو اطلاع پنهنجي حڪومت کي ڏئي ڇڏيندو. سندس حڪومت اهو نتيجو ڪيندي ته سنڌ جو امير ڪير هر ڏس ۾ ٽڪر چاهي ٿو. سندس مزاج ۾ ئي انگريزن جي دوستيءَ لاءِ سڃٽپٽو ۽ سچائي ڪانهي ڪا. آخر ڪرنل پاٽنگر جي ڏکن ڏوراپن هٽي وڃي هنڌ ڪيو. ڪيس ۽ مون کي حيدرآباد مان خط پهتا، جن ۾ سنڌ منجهان خشڪيءَ رستي سفر ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي. اهو سمجهڻ کپي ته سفر جا بند ٽيل دروازا پهريون پيرو وڏي جتن ۽ جاکوڙن کان پوءِ ڪليا هئا. ڪرنل پاٽنگر جي صلاح سان مان ٽيون پيرو سنڌوءَ رستي سفر ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو. ساڳئي وقت هن آفيسر منهنجي روانگيءَ جو اطلاع به سنڌ جي امير ڏانهن موڪلي ڇڏيو. ان ڳاله جو به ساڻن ذڪر ڪيو هئائين ته لاهور تائين خشڪيءَ رستي سفر ناممڪن هو. اهو اطلاع ڪنهن تحريل تورپل زبان ۾ بيان ٽيل ڪونه هو ته "سنڌ جي حڪمران جي قرندڙ گهرندڙ طبيعت ۽ غيردوستاٽي رويي کي ڳهريءَ نظر ۾ رکيو ويندو." خاص طور ان ڪري ته هن سفارت جو تعلق ان ڳاله سان آهي ته انگلينڊ جي بادشاه سلامت جون موڪليل سوڪڙيون سلامتيءَ سان سنڌ مان گذري وڃن.

مارچ جي 10 تاريخ، اسان وري به سنڌ ڏانهن سفر واسطي ٻيڙا هار ۾ وڌا. سنڌوءَ جي وچ واري منهن حجامڙي وٽ پهتاسين. اسان کي ڪچ کان حجامڙي تائين ڪل ست ڏينهن لڳا. اسان هانڊي پار ڪرڻ لاءِ ڪنهن رهبر کي پاڙي تي ساڻ ڪونه ڪيو ۽ درياه جي غلط ۽ تراکڙي منهن وارو رستو ورتو. ان جي سوڙهي منهن ۾ پيل ڪپ ۽ گرڻ مان پنهنجون ٻيڙيون ڪهلندا سهلندا وڃي پار پياسون. اڳيون جهاز جڏهن اوٻهي پاٽيءَ ۾ پهتو ته اسان جي فوجي پلٽڻ وارو ڳاڙهو جهنڊو کوليو ويو. ٻين جهازن جي ماڻهن به خوشي وچان پنهنجا جهاز هاڪاري هن جهاز جي پرسان اچي لنگر هنيا. سنڌ حڪومت جو هڪ آفيسر اسان سان ملڻ آيو. ذات جو سيد سڳورو هو. هن جي بي انتها ٽوله ميان سندس وڏماڻهپائي جو چڱيءَ پر اندازو ٿي سگهيو ٿي. اسان سان ملڻ لاءِ هيءُ شخص درياه جي منهن وٽ آيو هو. چاڪاڻ ته سنڌوءَ ۾ مٿي هاڪارڻ جي اسان کي اڃا اجازت ڪانه ملي هئي. سنڌ جي امير وٽان آندل خط هن اسان کي پڙهي ٻڌايو. هن ٻيو دفعو پڙ اهو ساڳيو خط پڙهي ٻڌايو ۽ پنهنجي ذاتي راءِ ڏيندي خط ۾ بيان ڪيل مير صاحب جي نقطءِ نظر کي رد ڪيو. جنهن مان هن سيد صاحب ائين پئي سمجهيو ته سندس هن روپي مان سندس بالا عملدار خوش ٿيندا. سفر جي شروعاتي مرحلي ۾ سنڌين جي چالبازي ڏاڍي بيزار ڪندڙ ۽ ٽڪائيندڙ هئي. اسان جو سجو سامان سنڌوءَ ۾ ٻيٽل جهازن تي ڏيل هو. اسان هڪ خطرناڪ ڪناري پرسان نديڙين ٻيڙين ۾ سوار منڌا ۽ اهاٽڪا ويٺا هئاسون. سنڌوءَ جي پاٽيءَ استعمال ڪرڻ جي اسان کي اجازت ڪانه هئي. ان سيد آفيسر اسان کي خشڪيءَ رستي سفر ڪرڻ لاءِ

ورجائي ورجائي زور پئي پڙيو. آخري سهاري طور مان کيس پاڻ سان گڏجي دارالسلطنت وڃي، سنڌ جي امير کي روبرو گذارش ڪرڻ واسطي عرض ڪيو.

مان گهوڙا جهاز تان لهرائي هيٺ زمين تي بدرائي ڇڏيا ۽ جيئن ساهدار ڪجه ساهي پڻين ۾ جنگهون ساهين. اهڙيءَ اجازت جو بندوبست هڪ قاصد ذريعي ڪيو ويو هو. جنهن کي مان دربار ڏانهن اڳيئي موڪلي اهڙي موڪل ورتي هئي. ٻئي ڏينهن صبح جو دنگيون اتي درياهه ۾ ڇڏي، مهماندار سيد جيئندل شاهه سان گڏجي دارالسلطنت ڏانهن روانو ٿيس. اسان نڪتي پهتاسون ۽ مٽان دارالسلطنت مان، سنڌوءَ رستي ٻيڙين ذريعي سفر ڪرڻ جي اسان کي اجازت ملي وئي، پر شرط اهو هو ته ٻيڙيون سنڌوءَ رستي ۾ اسان خشڪي ذريعي سفر ڪنداسون، پر مون هنڪدم انڪار ڪيو. مان پنهنجي ذاتي نظرداريءَ کان سواءِ ٻيڙين کي ائين ڇڏي هڪ وڪ به ڪٽ لاءِ تيار ڪونه هوس. هفتو ڪن نڪتي ۾ وهي پنهنجي مرضيءَ مطابق معاملو طئي ڪرايم. اهو ڏکيو ۽ ٽڪائيندڙ مامرو هو ۽ ان جو سنڌي حڪمت عملي ۽ سنڌي شعور سان به واسطو آهي، تنهن ڪري ان احوال جو تت ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان.

نڪتي ۾ پهچڻ کان پوءِ سيد ذوالفقار شاهه اسان جي سرڪاري طور آجيان ڪئي. ماٺو شريف ۽ بااخلاق هو. اسان وارو مهماندار ساٿس گڏ هو. ڏاڍي نماڻائي ۽ نهٺائي سان اسان جي پلبڪار ڪيائين. هن ٻڌايو ته ڪيس سنڌ جي امير ن حيدرآباد وٽي هلڻ لاءِ رهبر طور موڪليو آهي. جنهنجو مان مختصر جواب ڏنو ته هاڻي مون کي حيدرآباد هلڻ جي ضرورت ڪانه آهي. چاڪاڻ ته مان جنهن ڪم لاءِ حيدرآباد وڃي رهيو هوس، سو ٿي ويو آهي ۽ اسان کي سفر ڪرڻ جي اجازت ملي وئي آهي. ان کان پوءِ شاهه صاحب پنهنجيءَ فصاحت ۽ بلاغت جو هر جوهر مون تي آزمائڻ شروع ڪيو. هن مون کي چيو ته "توهان حيدرآباد نه وڃي مهماندار کي ڪوڙو ثابت ڪري سندس توهين ڪري رهيا آهيو. چاڪاڻ ته توهان ساٿس گڏجي شاهي دربار وڃڻ جو واعدو ڪيو آهي ته هن به اهڙو اطلاع سنڌ جي امير ڏانهن حيدرآباد موڪلي ڇڏيو آهي." هن زور پريندي چيو ته "توهان کي پنهنجي واعدي جو ڪجه ته خيال ڪرڻ کپي ۽ مهماندار سيد جيئندل شاهه سان گڏجي ضرور دارالسلطنت وڃڻ گهرجي. نڪتي کان حيدرآباد بلڪل ويجهي پنڌ تي آهي. فقط ٻه منزلون ٽيندي، جيڪڏهن توهان هاڻي نڪتي پهچي دارالسلطنت نه ٽا وڃو ته ان مان اندازو اهو لڳائي سگهجي ٿو ته توهان فريب ڪري رهيو نڪتو شهر ڏسڻ ٿي چاهيو." منهنجي مهماندار سيد جيئندل شاهه مون کي نڪتي شهر تائين اچڻ جي اجازت ڏئي جڏ ته شاهي فرمان جي خلاف ورزي ڪئي آهي.

هن چيو ته "توهان کي شايد سيد جيئندل شاهه جي اخلاق جي خبر ڪانه آهي. هو رسول ڪريم ﷺ جي اولاد مان آهي. هن ملڪ ۾ سندس وڏي عزت ۽ احترام

آهي. عيسائي جن وٽ حضرت عيسيٰ جي نَنهن جي عزت آهي، سي سمجهي سگهن ٿا ته سيد جي عزت چا ٿيندي آهي. عقلمند ماڻهوءَ جو اهو ڪم نه آهي ته ملن وانگي سدائين في سبيل الله فساد ۾ رُڌل هجي. امير به سفارت کي پاڻي رستي سفر ڪري لاهور وڃڻ جي اجازت ڏني آهي. جيڪڏهن اسان حيدرآباد هلنداسون ته هو پنهنجي ملڪي دنگ تائين گهوڙن جي تحفظ جا ذميوار به رهندا." آخر هن مون کي اهو چتايو ته جيڪڏهن توهان پاڻيءَ رستي سفر ڪرڻ لاءِ ضد ڪري رهيا آهيو ته اها ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ٽيل عهدنامي جي ڪُلي توهين آهي وغيره.

مان ڏاڍي ڏيان سان ذوالفقار شاهه جا دليل ٻڌندو رهيس ۽ ان ڳالهه کان باخبر هيس ته هو پنهنجي جنهن دوست لاءِ عزتن ۽ تعريفن جو ورد پڙهي رهيو هو سو به هن جيان رسول ڪريم ﷺ جي اولاد مان هو. مان ڪيس جواب ۾ چيو ته سنڌ ۽ انگريز سرڪار جي وچ ۾ گهٽي وقت ڪان وٺي دوستي جو معاهدو ٿيل آهي. مان هڪ عام نموني ۾ سنڌوءَ جي رستي، انگريز سرڪار جي بادشاه سلامت طرفان موڪليل سوڪڙيون سکن جي حڪمران سردار رنجيت سنگهه ڏانهن لاهور ڪٽي وڃي رهيو آهيان، پر جڏهن مان سنڌ پهتس ته پنهنجي بي عزتي ڪئي وئي، گاڙيون ڏنيون ويون. بک ۽ اڄ مرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. مون کي به دفعا سنڌ نيڪالي ڏني وئي. عام ماڻهن مون کي سنڌ مان لوٽي ڪيي ڇڏيو. جن جا نالا به سرڪار کي ٻڌايم. منهنجي حڪومت جيڪا ٽڏي. دل ۽ دماغ واري آهي، تنهن هي توهين جهڙيون ڳالهيون پنهنجي دوست سنڌ جي امير ڏانهن نه پر هيئين جاهل ماڻهن جي ڪارستاني سمجهي، مون کي هي ٽيون ٻيرو سنڌ موڪليو آهي. جڏهن مان اتي پهتس ته مان پنهنجي استقبال لاءِ سيد جيئندل شاهه کي ڏٺو. ڪيس چگيءَ ريت خبر هئي ته منهنجي نگراني هيٺ سوڪڙيون خشڪيءَ جي سفر رستي لاهور نه ٽيون پهچي سگهن، ته هن مون کي پاڻ پاڻي رستي سفر ڪرڻ جي صلاح ڏني ۽ مون کي 11 ڏينهن لاءِ ٻيڙين اندر بند ٿي وهڻ لاءِ چيو. پوءِ مون کي امير سان روبرو ملي مشڪل مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ويچار آيو. هاڻي ته حالتون سراسر بدلجي چڪيون آهن. سنڌوءَ رستي سفر ڪرڻ جي اجازت ملي چڪي آهي، هن صورتحال ۾ حيدرآباد ڏانهن وڃڻ غيرضروري آهي. جنهن طريقي جو اوهان ذڪر ڪيو. سو ظاهر ظهور تعصب ۽ سازَ آهي، جيڪو سنڌ جي حڪومت کي ڪونه ٿو سونهي. وڌيڪ ڪيس چيم ته:

"مان ٽئين جي رستي سنڌوءَ سان سفر ڪرڻ چاهيان ٿو. چاڪاڻ ته منهنجي خرچ جي بلَ جي ادائگي هن شهر مان ٿي سگهندي. منهنجي خيال ۾ جيترو اڳ ۾ امير سان ملبو، اوترو وڌيڪ بهتر ٿيندو. چو ته سنڌوءَ جي اُتل واري رت اڪثين ٿي ڏسجي. ڪاڙهي جي موسم اچڻ واري آهي، ان ڪري دير ٿي وئي ته وڌيڪ مشڪلاتن ۾ ڦاسي وڃبو." بحث مباحثي ۽ دليلن جي ڪا به گنجائش ڪانه رهي

هئي، سندس مرضيءَ اها هئي ته هو مون کي شاهي درٻار ڏانهن زبردستيءَ وٺي وڃن ۽ سندس اها به خواهش هئي ته گهوڙا ٻيڙين رستي متهنجي غيرموجودگيءَ ۾ لاهور هلن ۽ آءٌ خشڪي رستي سفر ڪندو وڃي منزل تي رسان. جيڪڏهن امير جي پنهنجي مرضي اسان سان دوستي نباهڻ واري ڪانه آهي ته منهنجي خيال ۾ اها به هڪ سٽي ڳالهه نه آهي. هو رڳو پنهنجي زبان سان چوي سو ڪافي آهي. اهڙي قسم جو جيڪڏهن مون کي سنڌ سرڪار طرفان خط ملندو ته مان سنڌ ايهيءَ ويرِ ئي چڏي ويندس. آخر ۾ ڪيس-اهو به چپر ته سنڌ جي امير انگريزن جي ڪردار واسطي غلط راءِ قائم ڪري چڏي آهي. جيڪڏهن اهو سمجهيو وڃي ٿو ته مون کي عهدنامي جي ڀڃڪڙي ڪرڻ واسطي موڪليو ويو آهي ته اهو غلط آهي؛ ڇو ته مان ته معاهدي کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ آيو آهيان. ان کان پوءِ هن ڳالهه تي به ويچاريو وڃي-ته آفيسر جو ڪيل واعدو مقدس هوندو آهي.

هُئي ڏينهن صبح جو وري ملاقات ٿي. وري به ساڳيو ئي بحث ڇڙي پيو. جيئن ته اسان هُئي ڏريون هڪ ٻئي کي قائل ڪري ڪونه پئي سگهياسون. تنهن ڪري اسان اهو معاملو هڙهاءِ نيس سنڌ جي امير ڏانهن رجوع ڪيوسين. ايشيائي طرز جي ايلچيگيري تدبر مطابق، مان سنڌ جي امير کي اطلاع ڏنو ته هن هڪ سٽي دوست جو ڪردار ادا ڪندي سنڌو درياهَ رستي ڏکئي آبي سفر ڏانهن اشارو ڪيو هو. هاڻي مون کي سنڌوءَ رستي سفر ڪرڻ جي منظوري ڏئي منهنجي وڏي امداد ڪئي آهي. مون کي هڙهاءِ نيس جي مهرباني معرفت سنڌوءَ جي خطرناڪ سفر جي سڌ ملي آهي. مان شاهي سوڪڙين جي باري ۾ ڪنهن تي اعتبار ڪرڻ جي جرئت ڪري ڪونه ٿي سگهيس. ڇو ته انگريز سرڪار جي هن ادنيٰ نوڪر جي حوالي برطانيه جي بادشاهه سلامت جون سوڪڙيون آهن.

سنڌوءَ رستي سفر ڪرڻ جو مون کي غيرمشروط پروانو ٽن ڏينهن اندر ملي ويو. مان ڏاڍو خوش آهيان. مان انهن واقعن جو تفصيل ڏيڻ ڪونه ٿو چاهيان، جن جي پٺيان ماضيءَ جون ڪوڙيون ڪساريون يادگيريون وابسته آهن. سفر جي اجازت واسطي ڪوشش جي ضرورت هئي، جن جي طفيل سنڌ سرڪار اسان کي سنڌوءَ رستي سفر ڪرڻ جي منظوري ڏني. سنڌ جي امير پنهنجي طرفان سنڌوءَ جي سياءَ کان اسان کي باخبر رکڻ جا جتن ڪيا. سندس روپي سبب اسان جي دليلن جو هن تي ڪو سٽو اثر ڪونه ويٺو آهي. وري وري موٽي وڃڻ ڪري اسان ڪيترائي ڀيرا پاڻيءَ جو سفر ڪيو. سنڌوءَ جي سيني منهن کان واقف ٿي ويس. سڄو نقشو منهنجي سامهون ڪليو پيو آهي. ٽٽي تائين خشڪي رستي سفر جو مون کي تجربو آهي. سنڌوءَ جا ڪپ ۽ ڪنارا، گپ ۽ چڪڻ وارا چارا ڏاڍا خطرناڪ ۽ گهٽا هئا، پر مان ڏاڍو خوش آهيان ته اسان جو هي تلخ تجربو هين کي هن مصيبتن ۽ مونجهارن مان پار اڪاري چڏيندو.

ٺٽي کان حيدرآباد

هڪڙو ڪن ٺٽي ۾ ترسياسون ۽ پرپاسي جون عجيب غريب تاريخي عمارتون ڏسندا رهياسون. شهر سنڌوءَ کان ٽي ميلَ پري آهي. اوير جي تاريخ مطابق ڪيترن شاندار روايتن سان لاڳاپيل مشهور شهر آهي. سندس تجارتي خوشحالي دهليءَ جي مغل شهنشاهي دور سان گڏ ختم ٿي وئي. هي شهر موجوده ٽالپر گهراڻي جي حڪمرانيءَ دوران تباهه ٿيو. هن وقت سندس آدمشماري 15,000 کان مٿي ڪانه ٿيندي. سندس گهر هن قٽل شهر جي ڪندرن ۾ وڇو واڙيءَ پکڙيا پيا آهن. ڪل آدمشماريءَ جي اڌ ماڻهن وٽ ته رهڻ لاءِ گهر به ڪونه آهن، جتي آئيءَ ويل مٽو لڪائي سگهن. ڇيو ويندو آهي ته اڳين حڪمرانن جي وچ ۾ سياسي ڇڪتاڻ ۽ گهرو لڙاين سبب ڏارين پٺاڻن کي ڪاهي اچڻ جو وجهه ملي وڃو، جن شهر جي واپارين کي قُري لٽي پاڻهو ڪيو ۽ شهر کي قٽائي پڙپاڻ ڪري ڇڏيو. ڪيترا ماڻهو سندن قهري ڪارروائين جي ڊڄ کان پنهنجا اباڻا اجها ڇڏي هليا ويا آهن ۽ اڄا تائين پنهنجن پراڻين جهڳين کي ويري وسائڻ جي دل ٻڌي ڪونه سگهيا آهن. ڪڏهن اهو زمانو هو جو هي شهر هندستان ۾ لنگهن ٽاهڻ جو مرڪز هو، پر هاڻي ان ڏنڊي سان لاڳاپيل 125 خاندان وڃي بچيا آهن. سڄي شهر ۾ توهان کي 40 واپاري به ڪونه ملندا.

پئسن جي مٽاسٽا ۽ ڏيتي ليتي جي ڏنڊي سان واڳيل فقط 20 ماڻهو ليندا. شهر جي سڄي آدمشماريءَ کي فقط 5 ڪاسائي گوشت ڏيندا آهن. هيءُ تمام وڏو تجارتي شهر هوريان هوريان تباهه ٿيندو ويو. گذريل صديءَ جي شروع ۾ نادر شاهه جي حملي وقت هيءُ عظيم شهر پنهنجي اوج تي هو. شهر جي چوڌاري پلي زمين جو هڪ وسيع علائقو آهي، جيڪو حڪمرانن جي بي توجهيءَ جو شڪار آهي. ان جو ڪو ٽورو حصو آبادييءَ هيٺ آندو وڃي ٿو.

ٺٽي جُو قدامت سان ڪنهن جو به اختلاف ڪونهي. يونانين جي تاريخ ۾ بيان ڪيل پٽالا جو شهر ٺٽي جي ماڳ وٽ موجود هو. اهڙي قسم جي ويساه رکڻ ۾ اسان وٽ معقول سبب به آهن، ته هتان درياه هن پاڳن ۾ ورهائجي وڃي

ٽو. ان متعلق هڪ مؤرخ جو بيان هن ريت آهي:

"پٽالا پرسان سنڌو ٻن وهڪرن ۾ ورهائجي وڃي ٿي."(1)

ونسينٽ ۽ رابرٽسن به ٻئي پٽالا کي ٺٽو سمجهن ٿا. سنڌو ۾ اسلامي دور کان اڳ، هندو راجائون هن شهر (ٺٽي) کي 'سامينو نگر' جي نالي سان سڏيندا هئا. منهنجي خيال ۾ پري پلس جو "مينا نگر' به هي شهر آهي. ٺٽي کان ڏکڻ- اولهه طرف تي چار ميل پري 'ڪلان ڪوٽ' جو قٽل شهر آهي. ان کي برهمڻ آباد جي نالي سان سڏيندا هئا.(2) جنهن تي هڪ پاڻ جيَ حڪومت هوندي هئي ۽ ٻيو پاڻ حيدرآباد جو راجا هو. جنهن کي نيرون ڪوٽ سڏيو ويندو هو. عرب هن شهر کي 'ديبل سنڌي'(3) ڪري سڏيندا هئا.

ٺٽو نگر (جنهن نالي سان عام طور تي مشهور آهي) سندس تازو نالو آهي. جيستائين ٽالپرن سنڌ ۾ پير جمايا، تيستائين ٺٽو سنڌ جو دارالسطلنت رهندو آيو.(4)

هيءَ هڪ ڪليل شهر آهي ۽ هڪ ترائيءَ ۾ زمين جو درو بنائي تعمير ڪيو ويو هو.

شهر واريءَ ايراضيءَ ۾ مون ڪيترائي ڪوهه ڏٺا، جن جي اوسارياءَ واريون سرون ڏرتيءَ جي متاجري کان 20 فوٽ کن هيٺ هيون. شهر کان اولهه طرف مڪليءَ ٽڪريءَ تي ٽاهيل مقبرن تي ڪاب تاريخ وغيره ڪانه ٽي ڏسڻ ۾ اچي. منهنجي خيال ۾ سندن تعمير کي به سئو سال مس ٿيندا. گهر ڪاٺ جا ۽ جافري طرز تي ٽاهيل آهن. مٽن مٽيءَ جو گارو هنيل آهي. مٽي اتانهان آهن. چت تراکڙي اٽن، شڪل صورت ۾ سوڙها آهن. پري کان ڇڻ همچورس منارا پيا ڏسڻ ۾ ايندا. سندن رنگ نيم سفيد آهي. ظاهر ۾ ڏسڻ ۾ نهرا پيا ايندا پر پنهنجي بناوت ۾ اندران پورا آهن. سٽن گهرن جا بنياد پڪ سرا آهن. پٽر جو استعمال فقط هن مسجدن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيتوڻيڪ هتي پٽر ملي به عام جام ٿو. موجوده دور

---

(1) Arrain lib .6

(2) اهو صحيح نه آهي ته هن قٽل شهر جا کنڊر ضلعي سانگهڙ ۾ موجود آهن. عرب دور ۾ هي شهر سنڌ جيَ گاديءَ جو هنڌ هو. (سنڌيڪار)

(3) ديبل جو بندر سنڌوءَ جي صفا اولهائهين چاڙهه تي سمنڊ جي ڪناري پرسان سنڌ جو مشهور بندر هو. جيڪو جلال خوارزم شاه جي زماني تائين آباد هو. ان شهر جو چوٽون حڪمران چنيسر هو. جنهن کي جلال الدين شڪست ڏني هئي. (سنڌيڪار)

(4) ٽالپرن جي پيرن جمائڻ کان اڳ ڪلهوڙن جي واري ۾ خدآباد سنڌ جو دارالسلطنت هو. ارغون ترخانن ۽ مغل دور ۾ ئي ٺٽو نگر پنهنجي اڳوٽي عظمت وڃائي چڪو هو. (سنڌيڪار)

ھڪ ٻئي شهر اندر جا خاص گاله ڪاڻ آهي، جيڪا اسان کي قديم ٻئي جي عظمت جو حال ٻڌائي. اورنگزيب جي دور سان لاڳاپيل هڪ موڪري ۽ ڪشادي مسجد آهي، جيڪا هاڻي زبون حاليءَ جو شڪار آهي.

ٻئو، هندستان کان هنگلاج ڏانهن ويندڙ رستي تي آباد آهي. هنگلاج جو ماڳ هالار جبل (Irus Mountain) جي سلسلي ۾ مڪران جي علائقي ۾ هندن جو هڪ وڏو تيرٿ گاهه آهي. هتي ڪنهن به مندر جي ٺهيل عمارت موجود ڪاڻ آهي، فقط پاڻيءَ جو هڪ جهرٽو آهي، جنهن کي هندو جوڳي پوتر جل ڪري سمجهندا آهن. چيو وڃي ٿو ته بنواس واري زماني ۾ هندن جو اوتار سري رام چندر هن جهرٽي تي آيو هو. ان واقعي جي ياد کي تازي ڪرڻ لاءِ پرسان جبل تي سج ۽ چند جي تصوير اڪيري وئي آهي. ٻئي کان هنگلاج جو پنڌ 200 ميل آهي. رستو ڪراچيءَ ۽ نومڑين واري لس جي علائقي جي سون مياڻي مان گذري ٿو. مذڪوره رستو سڪندر اعظم واري رستي جو ڪجهه حصو به آهي. هندن جي عقيدي موجب هنگلاج جي ياترا انسان جا گناه دوئي صاف ڪري ڇڏي ٿي. هتي پاڻيءَ جي حوض ۾ ناريل اڇلائي ماٿو پنهنجي ڇڳيءَ ٻُريءَ حياتيءَ جو اندازو لائيندا آهن. جيڪڏهن ناريل اڇلائڻ کان پوءِ حوض واري پاڻيءَ ۾ بوڙيا پيدا ٿيا ته اڇلائيندڙ ماٿوءَ جي حياتي پاپ کان پوري پوترتا ۾ گذرندي. جيڪڏهن پاڻيءَ ۾ بوڙيا پيدا نه ٿيا ته ان ماٿو جي جمار پاپ پيڙا ۾ گذرندي ۽ ڪيس وڏيڪ توبه تائب ٿيڻو پوندو ۽ ديوتائن کي راضي ڪرڻ واسطي ڪيئي جتن ڪرڻا پوندا. گوسائين قبيلو ڏرمي جوڳين فقيرن سان واسطو رکي ٿو، سي هن گوشائتي تيرٿ گاهه ڏانهن عام جام پيا ايندا ويندا آهن ۽ ايران جي بندر عباس پرسان سيتا ديپ نالي هڪ تيرٿ گاهه آهي، اوڏاهين به پيرين پنڌ ۽ ٽولن جي صورت ۾ پيا ايندي ويندي ڏسبا آهن. اهي جوڳي فقير سَوَ يا سَوَ کان وڌيڪ ماٿهن جي قافلي صورت ۾ هڪ 'اڳوا' (1) (Agwa) جي اڳواڻيءَ هيٺ هن ياترا تي نڪرندا آهن. اهڙن ياترين کي ٻئي ۾ رهندڙ وڏو ٻاڻو هڪ ٺڏيندو آهي، جيڪا ياترين واسطي هدايت جو مظهر بڻجي پوندي آهي. بعد ۾ ماٿهن جو اهو ميڙاڪو جلوس جي صورت ۾ ياترا واسطي روانو ٿيندو آهي. ڏرمي ڪرياڪرم ۽ ٺڏيڻ جي بدلي هر ياتري ان وڏي ٻاڻي کي سايا ڏي روپيا ڏيندو آهي ۽ واپسيءَ تي ٻاڻي جي ڏنل ٺڏيڻ جو به واعدو ڪندو آهي. ان پاڻ ۽ پوتر تيرٿ جي حدن اندر ڪير به رهڻ جي ڪوشش ڪونه ڪندو آهي. قافلي جي سرواڻ اڳوا (Agwa) 'بورائي' کي هر ياتري کجهه نه کجهه ڏيندو آهي. ڪيترا هندو هن تيرٿ گاهه جي ياترا واسطي

---

(1) ان کي شاهه لطيف 'بورائو' سڏيو آهي: 'بر ۾ بورائو پچي پورج سسئي.' (سنڌيڪار)

سورن پاپن سان گڏ کيل پنهنجي سڃيءَ حياتيءَ جي ميڙيُ چونڊي ٻ پيٽا طور ڏيئي ڇڏيندا آهن. 'اڳوا' جڏهن هنگلاج کان ڦٽي پهچندو آهي تہ ڪيس سفيد مٽينا جي مالها ڏني ويندي آهي. هن شهر سان لاڳاپيل خاص رواج آهي. هن قسم جا مٽيا پرسان ٽڪريءَ کان ملي ويندا آهن. مٽين جي شڪل ڊال جي داڻن جهڙيُ ٽيندي آهي. ڪي مٽيا جوئر جي اَنَ جي شڪل جهڙا هوندا آهن. ياتري پنهنجي دل ۾ ڏاڍو راضي ۽ پرسن هوندا آهن. ڪين اهو يقين هوندو آهي تہ اهو پنڌ پاهڻ ٽيل اناج آهي، جيڪو ايشور انسان جي تنبيه واسطي هتي-ڏرتيءَ تي نشاني طور ڇڏيو آهي. هندو ٻاون لاءِ اهڙا پٽر آمدنيءَ جو ذريعو بڻجي ويا آهن ۽ انهن جي مٽن هڪ هٽي قائم آهي.

10- اپريل صبح جو اسان خيرن سان ڦٽي کان روانا ٿياسين ۽ 24 ميل پري ميرپور جو رخ ڪيوسون. جنهنجو رستو مينهن وسڻ ڪري چکڻ لڳو پيو هو. مان هيلٽن جي تصنيف 'انديا' ۾ پڙهيو هو تہ هٽي مينهن تمام ٿورو پوندو آهي، ۽ ٽئين چوٿين سال وسندو آهي، پر هتي تہ وڏ- ڦڙي جي وسڪاري ڪوڏ- گهڻايو. ٿرمامیٽر موجب گرميءَ جو درجو 86 هو. ان هوندي ٻ ڇڙو واءُ جو پيو. ڏنڊ ۽ ڪوهيڙي سبب ڦٽي ۾ رهڻ ڪجهه مزئي ڏکيو ٿي پيو هو. جون ۽ جولاءِ جي مهينن ۾ ڏوڙ جا ڏوڙيا آپرا بڻجي ويندا آهن. رات ڏينهن مٽيءَ جو مينهن پيو وسندو رهندو آهي.

اسان جنهن رستي سان سفر ڪري رهيا هئاسون، سو بگهيڙ ڦاٽ جي ڪناري سان هڪ ويران علائقي مان گذري رهيو هو. بگهيڙ ڦاٽ، ڦٽي کان هيٺ ٻ درياهي جي هڪ وهڪري جو نالو آهي. اهو نالو مٽس رفتار جي تيزيءَ سبب پيو آهي. وڻ ٽڻ، ڪوٽ ۽ ڪوٽ، مطلب جيڪا ٻ شيءِ سندس وهڪري جي سامهون آهي، سا پائي ڪيرائي وهائي ڪٽي ويندو آهي. گذريل ٿوري عرصي کان وٽي سندس اهو اوج ڪوٽ رهيو آهي ۽ ويڪر ٻ 200 گز مس وڃي بچي اٿس. اسان آهو ميرپور جي هيڻان اکريو. سنڌو، هن ٻ درياهي کان مٿي هڪ شانائتو درياه آهي. جڏهن اسان ڪيس ڦٽي وٽ ڏٺو تہ دل خوشي ڪان اڌما پٽي ڪاڌا. سنڌس وهڪري جو پاٽي ڏاڍو ميرو ۽ لڙياٽو آهي. 2000 فوٽ موڪر هيس. هڪ ڪناري-ڪان ٻئي ڪناري تائين سراسري طور 10 فوٽ اونهون آهي. جڏهن مان پهريون ڀيرو هن درياه کي ڏٺو تہ طوفان سبب سندس پاٽيءَ ۾ ڏاڍي دهشت ۽ دم هو. سمنڊ جيان وڏيون لهريون اٿي رهيون هيون. ڪپرن تي ڏاڍي ڪولاهل ۽ شور

---

(1) جيئن لطيف سائين سُر سهڻيءَ ۾ فرمايو آهي:

دهشت دم درياه ۾، جت ڪُنن جا ڪڙڪا،
سهڻي ڪين سمنڊ جا، ماندي دل درڪا،
ساهُڙ تون سڻ ڪا، فرياديُ فقير جي.

هو. مون کي اهو ٻڌي ڪو گهٽو اڇرج ڪونہ لڳو تہ سنڌي هن وڏي درياه کي سنڌ جو سمنڊ ڪوٺيندا آهن. (1)

اسان جي واپس اچڻ تي، پهرئين پيري کان وڌيڪ ماڻهو اسان ڏانهن اچڻ لڳا. اهي حڪومت کان وڌيڪ اسان سان سٺو ورتاءُ ڪري رهيا هئا. ڪين اسان لاءِ عجيب غريب خيال هئا. ڪيترن ماڻهن اسان کان پڇيو تہ مائي ڪاڻ ڪان پوءِ پنهنجا هٿ ڪٿ کان چٽائي صاف چو ڪرائيندا آهيو؟ اهو ٻہ پڇڻ لڳا تہ اسان ڪُٽا، ٻليون ۽ سوئر ايترا گهٽا چو کائيندا آهيون؟ انهن پنهنجن حاڪمن جي ظلمن جون گهٽيون شڪايتون پئي ڪيون. دل جي ظالماڻي طريقي سان اوڪاڙيءَ جي ٻہ گلا پٽي ڪيائون، جنهن ڪڇ جيتري زمين ڪيڙڻ کان ڪين روڪي ڇڏيو هو. ٽٽي ۽ سمنڊ جي وچ تي ٻليون ۽ غيرآباد زمينون جهنگلن جي صورت ۾ ائين خالي پيون هيون، جن ۾ لَڳ ڀڳ 20 فوٽن کان وڌيڪ اٿاهن وٽن وارا گهاٽا جهنگ هئا، جن وچان گذرڻ ناممڪن هو. زمين جا ڪي ٽڪرا سخت ۽ چيڪي مٽيءَ وارا ٻہ هئا، جن ۾ ڪامان هنيل ۽ ڪڙيا ڪنيل هئا. زمين جي انهن ٽُڪرن کي شايد آباد ڪرڻ ٻہ ڇڏي ڏنو هئائون.

آرين (Arrain) اشان کي ٻڌائي ٿو تہ سڪندر اعظم، سنڌوءَ جي ساڄي طرف وارو قاڻ ڏسي، پٽيالا کان سنڌوءَ جي کاهي طرف وارو قاڻ ڏنو هو. ان قاڻ مان هاڪاري هڪ ڏينہ وڃ پهتو هو. ڪيس محسوس ٿيو هو تہ سنڌوءَ جو پاڻي ميداني علائقي ۾ اڇل ڪري ڦري ان ڏينہ ۾ پيو ٽي، يا ٻہ وارن علائقن مان کي واهڙ هن ڏينہ ۾ وڙها پئي. ڏينہ هڪ وڏي اپسمنڊ جيان بي پايان ڦهٽ ۾ اڇي رهي هئي. هن هتي ورڻ ٻہ زئلينو پولس (Zyleno polis) نالي هڪ خوبصورت ڳوٺ تعمير ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. سندس ٻئي درياهي سفر جو مقصد هو اهو تہ جيئن هو ساموندي ڪناري سان اهڙين ڪاڙين ڳولي لهي، جن وسيلي سندس جنگي ٻيڙو سولائي سان سمنڊ تائين پهچي سگهي. آرين جي بيان مطابق ساموندي سفر مان سندس اهو مقصد هو تہ جيئن هو اهو ثابت ڪري سگهي تہ هندستان ۽ ايران جي وچ ۾ ساموندي رابطا ۽ واسطا موجود هئا. هن اپسمنڊ تي سڪندر ڪن گهوڙيسوارن سان گڏ اچي لٿو هو. هو ساموندي ڪناري سان گهمي ڦرڻ جاچي ڏسڻ لڳو هو تہ من ڪا اهڙي ساموندي ڪاري ملي وڃي، جيڪا طوفان وقت سندس ٻيڙن جي بچاءَ جو ڪم ڏئي سگهي. هن مٽي پاڻي واسطي ڪوهن ڪوڻ جو پڻ حڪم ڏنو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن سندس ساموندي لشکر کي مٽي پاڻيءَ جي تڪليف نہ اچي. هن معاملي ۾ منهنجو پنهنجو ويساه اهو آهي تہ سڪندر اعظم ٽٽي هيٺان سنڌوءَ جي من مشهور قاڻن 'بگهيارَ' ۽ 'ساتا' وڃ پهتو هو ۽ ڪڇ ۾ ڪڏهن ب داخل ڪونہ ٿيو هو. عام طور اهو خيال ڪيو ويندو آهي تہ سڪندر واپسيءَ وقت ڪڇ ۾ ب آيو هو. ٽٽي جُي هيٺان اويارئين قاڻ وڃ پهچي هو تي ڏينهن اوهه

طرف سفر ڪندو رهيو. اهو سنڌوءَ جي ٻن منهن جي وچ وارو رستو آهي. جنهن سان بعد ۾ سندس جنگي ٻيڙو اچي لنگهيو هو.

12- اپريل تي اسان سنڌي ڏونڊين ۾ سوار ٿي، سنڌوءَ ۾ سفر جي شروعات ڪئي ۽ دل ۾ ڏاڍو سرها هئاسون. اسان جو سجو ٻيڙو ڇهن سنڌي ڏونڊين ۽ ڪ مان آندل انگريزي طرز جي وڏين ٻيڙين تي مشتمل هو. سنڌوءَ جون ٻيڙيون هوبهو چين جي جنڪ (Junkes) ٻيڙين جهڙيون آهن. توڙي جو اهي وڏيون آهن، پر ان هوندي ٻه انهن تي ضابطو رکي نه سگهبو آهي. اهي ٻيڙيون لهرين جي لوڏن تي ترندڙ ۽ ترکندڙ گهر هوندا آهن. اسان جا ٻيڙائتا ٻه پنهنجين زالن، ڪٽنبن، پکين پکڙن سميت انهن منجهه ويٺل هئا ۽ اسان ٻه ساڻن ڪڏجي ٻيڙين ۾ وڃي سوار ٿياسون. سٽائو واءُ نه هجڻ جي حالت ۾ ونجه يا اولي جي مدد سان اوپارو ٻيڙي ڏيڍ ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي پئي سگهي. واءُ هجڻ واري حالت ۾ وڏن چوراس سڙهن جي مدد سان ٻيڙي ٻيڻي رفتار سان سفر ڪري سگهي ٿي. پهرين منزل اسان 'وڪر' ۾ ڪئي. درياهه جو اهو پهريون بندر هو. هتي اناج جي وڏي منڊي هئي. ان وقت هن بندر تي پنجاه ڏونڊين کان سواءِ ساموندي جهاز پڻ بيٺا هئا.

3 تاريخ، اسان اڌن ميلن جي گهيري ۾ ڪيترين ڪارين جاچي ڏٺيون. آخرڪار 'وٻاٽيءَ' نالي سنڌوءَ جي هڪ مکيه ڦاٽ ۾ داخل ٿياسون. جنهن جي ويڪر 500 گز ۽ اونهائي 24 فوٽ آهي، هيءُ پنهنجي قسم جو هڪ خوبصورت درياهه آهي. سندس ڪنارا ڪٽي ايڪپرا ته ڪٽي تراکڙا هئا. سندس وهڪرو ورن وڪڻن وارو هو. هر وڪڙ وڻان منجهائنس واهڙ نڪري دوآبي جي ٻي شاخ سان مليو ٿي. ڪُنڌين ڪنارن سان لُون جا وڻ ۽ ڪڪر ڪانن مان جوڙيل مهاڻن جون ٻيهون ۽ ٻڪا هئا. جن مان پتو پيو ٿي ته اسان ماڻهن جي وسندين ۾ پهچي ويا آهيون. سنڌوءَ ۾ جيئن اسان مٿي هاڪاريندا ٿي وياسين، تيئن اتان جي اوسي پاسي جا رهواسي اسان سان گڏ هلندا ٿي رهيا. هڪ سيد پاٽيءَ جي سَنڌي تائين اچي، اسان ڏانهن جوهه ڪري تڪي، پوءِ پنهنجي ساڻين ڏانهن منهن ڦيرائي رڙ ڪري چيو: "يارو! سنڌ اسان کان وئي، انگريزن سنڌ جي فتح جو رستو، سنڌو درياهه ڏسي ورتو آهي." اهي اکر اسان جي قافلي جي ماڻهو ٻڌي ۽ سمجهي ورتا. جيڪڏهن سنڌ فتح ٿي ٻه وئي ته عام ماڻهو ته ڏاڍا خوش ٿيندا. باقي سيد جيڪي نبي ڪريم(ﷺ) جي اولاد مان آهن، سي هتان جي حڪمران گهراڻي جيان موجوده نظام برقرار رهڻ ۾ ڏاڍا خوش آهن ۽ پيا خواه مخواه اڌ ڏٻيون اڌ ٻڌيون هڏندا ۽ اڳڪٿيون ڪندا.

سنڌ ۾ داخل ٿيڻ سان ڪنهن اوپري ماڻهوءَ جو عربستان جي نبي ڪريم(ﷺ) جي دين کان وڌيڪ ٻي ڪنهن شيءِ ڏانهن ڌيان ڪونه ويندو. هر

جڳھ تي اھو ڏسڻ ۾ پيو ايندو تہ غريب غربو مقرر وقت تي مکي ڏانھن منھن ڪيو نماز پيو پڙھندو. منھنجي ھيڙيءَ ۾ بہ اھڙو ماڻھو موجود آھي، جيڪو ھيڙيءَ جي اوپاري ھاڪارڙ ۽ ونجھ ھلائڻ ۾ ھين جي ويٺ ۾ ڏاڍو ير آھي. جڏھن نماز جو وقت ٿيندو آھي، تہ ھيڙي ڇڏي، سنڌوءَ جو ڳپ ۽ ڇڪ وارو ڪنارو اچي خشڪيءَ تي وڃي خدا جي آڏو سجدي ۾ پنھنجو سر جھڪائي ڇڏيندو آھي. نندڙن ڳوٺن مان بہ مختلف نمازن جي وقت تي مٿن جي بانگ جا آواز پيا ٻُرندا آھن ۽ مومن کي نماز پڙھڻ لاءِ پيا سڏيندا آھن. ھانگ جي ڪِرِوال ڪنن تي پوڻ سان مسلمان ھر ڪم ڪار مان ھٿ ڪيي ھڪ ڪنا ٿي ٻيھندا آھن ۽ ان سريلي آواز جي ختم ٿي وڃڻ تي 'آمين' (1) چوندا آھن. ان جو اثر ڏاڍو سٺو ٿيندو آھي. ھين ملڪن ۾ ائين ڏسڻ ۾ آيو آھي تہ ثقافت جي ڪنھن خاص نقطي تي پھچي ۽ انسان جون اخلاقي حالتون مذھبي بندگي يا عبادت سان ميل ڪونہ کائيندیون آھن.

پندرھين تاريخ شام جو ڏٺي پھچي لنگر ھنياسين. اسان جو ھيءُ سفر ڏاڍو سھنجو ۽ سٽائو گذريو. سنڌوءَ سان ھيڙيءَ ذريعي ھن سفر ۾ ڏاڍا دل لُڀائيندڙ ڏيک ڏسندا آياسين. چوڙ واري علائقي ۾ ھيڙءَ درياه ڏاڍو خوفناڪ ۽ پوائتو ھوندو آھي. مست سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو وھڪرو ھڪ ڪناري کان ھئي ڪناري تائين تيز رفتاريءَ سان ٽوڪيندو وڃي ڪنارن سان ٽڪرائيندو آھي. ڪاڌ ۽ پائيندڙ ڪري ڪنڌين ڪنارن جي روپ ۾ ڏرتيءَ جي خاصي ٻڪ ، ٻيڙ ڏئي، وڏي ڏڪي سان پاڻيءَ اندر ڪيرائي وجھندو آھي. ڪڏھن تہ ھيڙين کي ڇڇي پروڙي تختو تختي کان ڌار ڪري ھوڙي ناس ڪري ڇڏيندو آھي. انھن ٻڪن ٻيڙين ۽ ڪنڌين ڪنارن جي پائڻ جا خطرناڪ آواز، رات جو ڏورانھين پنڌ تان ڪن ڪونہ ڌاريندا آھن. معلوم ائين ٿيو ڏيندو تہ جڻ ٻڙي ڪٽي توبن سان بمباري ٿي رھي آھي. اسان ڏٺو تہ ھڪ جاءِ تي درياه ايتري تکڙي کاڌ ڪري رھيو ھو جو اتي ڪُن ٽُھي ويو ھو. جڏھن ھيڙا اُن ڪُن جي ٻرسان گذرڻ لڳا تہ وڻي چوڌاري ڦرڻ لڳا. ان وقت درياه ۾ ھر جاءِ تي 36 فوٽ پاڻي موجود ھو. پر ڪُن واريءَ جاءِ تي درياه جي اونھائي ٽيٽ ٿي ٿي ويندي آھي. اسان جي ھيڙي بہ ان ڪن ۾ وڃي ڦاٽي ھئي، پر پاڻ پلا ھئا جو ان ٽکيءَ تار مان نڪري اھو پاسو بدلائي وڃي تانگھي پاٽي ۾ نڪتي.

اسان سنڌوءَ ۾ سفر پلي مارڻ واريءَ موسم ۾ ڪيو ھو. ھيءَ مڇي ڪڳي (Carp) جي قسم سان تعلق رکي ٿي ۽ منڪريل جيتري وڏي ۽ ذائقي ۾ سامن مڇيءَ جھڙي ٿيندي آھي. چار مھينا درياه ۾ رھي ٿي. جنوري کان اپريل تائين سمنڊ کان درياه ڏانھن رخ ڪندي آھي، پر بکر مٽي کان چڙھي. ھتان جا ماڻھو

---

(1) بانگ پوري ٿيڻ تي ڪلمو پريو ويندو آھي. (سنڌيڪار)

ڪنهن وهم طور اهو سمجهندا آهن تہ پلو خواجہ خضر جي مزار جي زيارت واسطي بکر ويندو آهي، جڏهن واپس ورندو آهي تہ ان بزرگ کي پٹي ڏيندو آهي، جيڪڏهن ائين ڪندو تہ درياهہ جو ڏُڙيو پاڻي ڪيس اندو ڪري وجهندو آهي.

پلي ڦاسائڻ جو طريقو بہ هتان جو پنهنجو ۽ مخصوص آهي، جيڪو فقط سندوءَ سان تعلق رکي ٿو. هر هڪ مهاڻي کي هڪ گهڙو هوندو آهي، جنهن جي مٿان مهاڻا لينڊي پوندا آهن. پوءِ جنگهون ٻانهون هٿندا، ڏيڏر جيان ترندا ترڪندا وچ سير ۾ پهچندا آهن، جتي پاڻيءَ جو وهڪرو تيز هوندو آهي تہ جار پاڻيءَ ۾ اڇلي لهواري طرف هلڻ شروع ڪندا آهن. جار کي لڪڙي وٽ هڪ ڳوٽري ٽيندي آهي، جنهن کي مهاڻو شڪار ڪرڻ وقت بند ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پلي کي ڳوٽري مان ڪڍي پنهنجي شڪار کي جاري رکندو آهي. ڪيترين اهڙين نندڙين ڀيڙين ۾ آهن، جن کي وچ تي خال (Orifice) ڪونہ هوندو آهي. مهاڻا وهي ڪري کين هاڪارياندا آهن. هزارين مهاڻا هيڏا ۽ ٻار هن موسم ۾ پلي مارڻ جي ڏندي ۾ رڌل هوندا آهن. هن رُت جي خوشيءَ سان پلّيڪار ڪندا آهن، جو تہ سال جي ٻين مهين کان هن موسم ۾ وڌيڪ مڇي مرندي آهي، جنهن کي پروارن ملڪن ڏانهن برآمد ڪيو ويندو آهي.

18- تاريخ صبح جو اسان حيدرآباد جي سامهون وڃي لنگر هنيا. هيءُ شهر سندوءَ کان پنج ميل پري آهي. هتي ٽُنڊي جي طرف کان ڏڏڙي هير ڪُهلي رهي هئي، جنهن جي مدد سان درياهہ جي اوپارو ٿي ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان اسان حيدرآباد پهتاسون. مٿان منڊيءَ جو وسڪارو سهڻ کان ٻاهر هو. سنڌ جو هيءُ ياڪو ڏاڍو مشهور آهي. سنڌ جي امير هن علائقي ۾ شڪار واسطي ٻيلا رکي پليءَ زمين کي غيرآباد ڪري ڇڏيو آهي. درياهہ جون ڪنڊيون پاڻيءَ جي سڌي سڌين آهن. شڪار لاءِ رکيل ٻيلن ۾ رتر ٻوٽو (Furze) سنهون جهنگ ۽ ننڍي قد وارو ٻهر جام ٿئي ٿو. پليءَ زمين هڻ ڪري اهي سپ چهچ سٹاوا پيا ڏسبا آهن. اسان هڪ يا ٻن ائن وارا ڪيترا نار ڏٺا جيڪي شڪار گاهن ۾ ٽاهيل تلائن کي پاڻيءَ سان پري رهيا هئا. ڇاڪاڻ تہ تن ڏينهن سنڌ جي امير ۽ سندن مٿن مائٹن شڪار ڪرڻ جو پروگرام رٿيو هو. جهنگ ۾ اڇايل هرڻ (1) پاڻي پيئڻ واسطي انهن تلائن تي ايندا ۽ ير پاسي ۾ ٽاهيل ڪڏن ۾ ويهي هرڻن جو شڪار ڪيو ويندو. اهڙيءَ ريت هرڻن سان گڏ غريب رعايا بہ امير جي مٿان شڪار ٿيندي آهي.

اسان جي رَسڻ کان هڪدم پوءِ، دارالسلطنت وٽ خيريت سان پهچڻ ڪري، مير مراد عليءَ ۽ سندس خاندان طرفان موڪليل چار وڏ اسان کي واڌايون ڏيڻ آيا.

---

(1) The specees hunted in Sindh in Called 'hota punchu'. It is Kind of hog deer.

انهن وقدن برطانيہ سرڪار سان مضبوط دوستيءَ ۽ عزت جو اظهار ڪيو. سيني ڪي مناسب جواب ڏئي ڪين واپس روانو ڪيم.

شام جو اسان کي حيدرآباد ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ رهنمائي ڪئي وئي ۽ ٽنڊي ولي محمد ۾ سنڌ جي وزير نواب ولي محمد جي گهر جي پرسان اسان کي لاٿو ويو. نواب ولي محمد جي غيرحاضريءَ ۾ سندس پٽ کي اسان جو مهماندار مقرر ڪيو ويو هو. اسان جا تنبو وغيره به ان جاءِ تي ئي هنيا ويا. اسان جي هر قسم جي ڪاڌي خوراڪ سان مهمانواڙي ڪئي وئي. اهو اندازو لڳائڻ جڏ مشڪل ٿي پيو تہ اسان اهي ساڳيا ماڻهو آهيون، جن کي ڪائڻ پيئڻ لاءِ هر چيز جي اٽاٽ ۽ تنگي هئي ۽ سنڌ جي ڪناري سان گهٽي وقت کان پئي ڏومائون ڪاڌيون ۽ هاڻي انهن ساڳين متعصب امين جا معزز مهمان آهيون. نندا ۽ وڏا اسان جي خدمت ڪرڻ ۾ رڌل آهن. خان، سيد، چوڌار ۽ نوڪر بلڪ هر قسم جا ماڻهو اسان لاءِ قاصد جو ڪم ڪري رهيا هئا. اهڙي ريت اسان جي تعظيم ۽ تڪريم ڪندي رات گذري چڪي هئي. ساڳي قسم جي نياپي واسطي، حجم، پاڻياري ويندي وزير اعظم تائين مختلف ماڻهو پئي آيا ۽ ويا.

دربار ۾ اسان جي آجياڻي واسطي بہ معقول بندوبست ڪيو ويو هو. پر ان ۾ بہ سنڌي خاصيت واري مهمانواڙي شامل هئي. دربار ۾ وڃڻ لاءِ ايندڙ شام مقرر ڪئي وئي هئي. اسان جو مهماندار باڪ قُنَيءَ جو اڇي پهتو ۽ اسان کي ان وقت شاهي محلات ڏانهن هلڻ لاءِ چيائين. مون ڪانئس سڃي ساري بندوبست جو پڇيو پر هن منهنجيءَ ڳالهہ کي لاپرواهيءَ سان ٽاري ڇڏيو. وڏي نوڙتَ ۽ نياز سان ۽ فصيح ۽ بليغ زبان ۾ پنهنجي مالڪ جي ان ڪري تعريف ڪرڻ لڳو تہ هن ڪين ملاقات جو ايڏو سويرو شرف بخشي وڏو احسان ڪيو آهي، نہ تہ هين ملڪن جا وڪيل ۽ نمائندا ويٺا هفتن جا هفتا پيا سڪندا آهن. مان خان کي ٻڌايو تہ سندس مالڪ جي ايتري سويرِ ملاقات جي شرف بخشڻ کي مان ٻئي نموني سان ڏسان ٿو تہ اها اسان جي مٿان امير جي مهرباني ڪانہ آهي، پر هو برطانوي حڪومت جي ڪنهن بہ گماشتي کي ڪنهن بہ وقت گهرائڻ ۾ پنهنجي آڏ- وڏائي سمجهي ٿو. منهنجي وراڻي ٻڌي خان ماٺ ٿي ويو. گهڙي ڪن کان پوءِ هو اٿي هليو ويو هُن ۽ دربار ڏانهن هلڻ واسطي هر هر زور پرڻ لاءِ هڪ قاصد موڪلي معافي گهري، جنهن سندس بيان مطابق غلط فهمي پيدا ڪري وڌي هئي.رسنڊين جي متڪبرانہ ڳالهين کي منهن ڏيڻ لاءِ اهڙائي هٿيار استعمال ڪيا وڃن، پوءِ اهو رستو بداخلاقي وارو ڇو نہ هجي. سموريون ڳالهيون نبيرڻ ڪرڻ واسطي اسان ساڳي حڪمت عملي اختيار ڪئي آهي، جنهن ۾ اسان گهٽي قدر ڪامياب ويا آهيون. تڪرار جي صورت ۾ اسان شائستگي ۽ ٽڏائي کان ڪم ورتو آهي ۽ سندن توهين واري سلوڪ کي اسان وساري ڇڏيو آهي.

شام جو اسان سندس پٽ مير نصير جي معرفت سنڌ جي امير سان ملاقات ڪئي، جيڪو اسان کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي هليو. هن ٻڌايو ته هو برطانيه حڪومت جو دوست آهي ۽ سندس ڪوشش سبب اسان کي سنڌوءَ رستي سفر ڪرڻ جي اجازت ملي آهي. اسان سنڌ جي امير کي دربار جي ڪمري جي وچ تي ويٺل ڏٺو. جنهن جي پرسان سندس ڪيترائي مٽ مائٽ ويٺل هئا. جيئن ئي اسان اندر گهڙياسون ته سڀني اٿي بيٺا ۽ پنهنجي روش ۾ ڏاڍا تماڻا نهٺا هئا. هزهاءِ نيس مير صاحب مون سان منهنجو نالو وٺي مخاطب ٿيو ۽ ٻڌايو ته مان سندس سرڪاري ۽ غيرسرڪاري دوست آهيان. ڇاڪاڻ ته منهنجي پاءُ (ڊاڪٽر برنس) (1) ڪنهن موذي مرض جو علاج ڪري ڪيس چڱو پلو ڪيو هو ۽ مؤن کي ان گاديلي تي گڏ وهاريائين جنهن تي هو پاڻ ويٺو هو. هن مون کي گذارش ڪئي ته سڀ سامهون آيل مشڪلاتون ۽ خطرا وساري ڇڏيان ۽ ڪيس برطانيه سرڪار جو دوست سمجهان. اسان جي سفر ۾ جيڪي روڪون ۽ رندڪون درپيش آيون هيون، سي سندس سياسي اثاڻائي سبب ٿي ويون هيون ۽ هو اهڙي قسم جي رويي کي هنهي ملڪن جي وچ ۾ ٽيل عهدنامن جي ڀڃ ڊاڙ سمجهي ٿو. اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٿيو جو هو هڪ سپاهي آهي ۽ سياست مان گهٽ ڄاڻي ٿو. هن کي ٿي لڳ بلوچن جو ڪمانڊر مقرر ڪيو ويو آهي ۽ الله جي مهرباني سان هو ئي سنڌن حڪمران آهي.

"توهان جيئن ته دارالسلطنت ۾ پهچي ويا آهيو، تنهن ڪري اسان جو فرض آهي ته توهان جي دلي طور آجيان ڪريون." هن اسان کي اهو به چيو ته سندس شاهي هيڏو سنڌ جي سرحدن تائين توهان سان گڏ هلندو ۽ سنڌوءَ جي اوپاري وهڪري ۾ هتان جي رعايا توهان جي هيڏين هلائڻ ۾ هر قسم جي مدد ڪندي. جيڪڏهن توهان جي مرضي هجي ته شاهي هاٿي ۽ پالکيون به توهان جي حڪم جون منتظر آهن. برطانيه جي بادشاه سلامت طرفان موڪليل سوڪڙيون سنڌ جي سرحدن تائين اڳيريون ڪرائڻ لاءِ وزير جو پٽ مقرر ڪيو ويو. مان هزهاءِ نيس سان ڪاب سياسي ڳالهه هوله ڪانه چيڙي ۽ نه وري ان بدلي پنهنجي قوج جي انگز اکر ڏيڻ جي ضرورت پيش آئي. برطانيه سرڪار طرفان نيڪ خواهش رکڻ لاءِ مان سندس ٿورا مڃيا ۽ ڪيس چيو ته: "هنهي ملڪن وچ ۾ بهتر لاڳاپن ۽ دوستي جي موجودگيءَ ڪري منهنجو هيءُ سفر جيڪو مان هن ملڪ سنڌ منجهان ڪري رهيو آهيان، تنهن کي غيراهم ڪوٺ سمجهيو ويو آهي.

سنڌ حڪمران جي دلي سهائتا کان سواءِ، بنا فوج جي هڪ اڻ سونهين ۽ اوپري فرد جي نگهباني‌ءَ هيٺ، سنڌوءَ رستي هيڏين جو سفر چريائي‌ءَ کان وڌيڪ هڪ ڪڏو ڪم ثابت ٿئي ها. اهي ڏک ۽ ڏاکڙا جيڪي اسان جي سر تي آيا، تن

---

(1) هن لاءِ ڏسو ڪتاب 'سنڌ جي دربار'

کي برطانيہ حڪومت جي پليٽن پاڻين، مردن جيان منهن ڏئي وڃي پار پياسين. اهي ساموٺبي آپدائون ڪنهن انسان جي هٿ وس ڪونہ هيون، جو انهن کي قيرائي سگهجي. "لکيو منجهہ نراڙ قلم ڪيارِي نہ وهي." اسان الله تعاليٰ جي مهربانين سان انهن سپني لهرين ۾ لوڏن مان نڪري، اچي ڪناري سان لڳا آهيون. مون کي پورو ويساه آهي تہ اهي اعليٰ اختياري وارا جن جو آءٌ نوڪر آهيان، اوهان جي ڏنل هن آجياڻي سبب ايتروئي گهڻو خوش ٿيندا، جيترو آءٌ هينئر خوش ۾ سرهو آهيان. هلندڙ ملاقات ختم ٿي وئي. هڙهاءِ نيس ايندڙ ضبح جو وري ٻيءَ ملاقات لاءِ اڳ ۾ ئي وقت رکي ڇڏيو هو. جنهن ۾ برطانيہ سرڪار طرفان سياسي نوعيت جون ڳالهيون ٻولهيون ساٿس ڪيون ويندیون. منهنجي ٻاڻ جي تصنيف (1) ڪرنل پاٽنگر جي لکيل تذڪري ۾ سنڌ جي دربار متعلق سندن لاتعلقي ڏيکاري وئي آهي. ساڳيءَ ريت سنڌ جي دربار سان لاڳاپيل ڪنهن بہ معاملي سان منهنجو ڪوبہ تعلق ڪونہ آهي. امير ۾ سندس خاندان وارن کي ڪي اوچي قسم جا جواهر موتي پاتل ڪونہ هئا. جيڪڏهن پاتل هجن بہ ها تہ اها سندن شاهي شان ۾ گهٽتائي سمجهي وڃي ها. دربار ۾ سندن شاهي محلات ٻئي ساديون هيون، جن اسان جو ڏيان ڇڪايو. اسان جي آجيان هڪ صفحي ۾ ڪئي وئي، جنهن ۾ ڪو غاليچو بہ وڇايل ڪونہ هو. امير بہ هڪ اهڙي ڪمري ۾ ويٺا هئا، جتي گدلا ميرا سپاهي ميڙاکو ڪيو مٽان بيٺا هئا. گوڙ شور ۾ مٽي ايڏي هئي، جيڪا سهڻ جهڙي نہ هئي. کين مانُ رهڻ واسطي امير پاڻ وري وري آواز ڏئي تاکيد پئي ڪيو، پر ان جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿي ٿيو. ان گوڙ ۾ شور ڪري بعضي تہ خود امير جو پنهنجو آواز بہ ٻڌڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو. اسان کي ٻڌايو ويو تہ اهو گوڙ ان ڪري آهي جو اسان کي امين سنڌ جي فوجي طاقت ڏيکارڻ پئي چاهي. رستا ۾ گهٽيون ماڻهن سان پريون پيون هيون. سردارن جي ڪوشش کان سواءِ اسان جو قلعي کان ٻاهر نڪرڻ ئي ممڪن ڪونہ هو. اهي سردار قلعي کان ٻاهر نڪرڻ واسطي اسان جا پيشوا مقرر ٿيل هئا.

مان ملاقات کان پوءِ سرڪار طرفان هڙهاءِ نيس لاءِ ڏنل سوکڙيون، جيڪي گهڻو ڪري يورپ جون ٺهيل هيون، جهڙوڪ: بندوق، پستول جو پٽو، سوني واچ، ٻہ دوربينيون، هڪ گهڙيال، انگريزي شالون، شيشي جي شمعدانن جا ٻہ عاليشان جوڙا، ڪجهہ بمبئي ۾ ڇاپيل فارسي ڪتاب ۾ فارسي نوعيت جو دنيا جو ۾ هندستان جو نقشو هئا. اسان اهي سڀ سوکڙيون هڙهاءِ نيس جي حوالي ڪيون. سنڌ جي امير اسان ڏانهن اڳ ۾ ئي ٻہ قاصد ان مقصد لاءِ موڪليا هئا تہ جيئن مان تحفي واريون شيون هن کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي نہ ڏيان، ۾ پندرهن ملين استرنگ پائونڊ فقط سندس گهر جي ياتين ۾ ورهايان ۾ هوڏانهن سپني سوکڙين

(1) Narrative of the visit to the court of Sinde - Edin 1821

جو ملھ ٻہ ٿي سو پائونڊن ڪان مٿي ڪونہ ٿيندو. سندس لالچ جو اندازو هن ڳالھ مان چڱيءَ ريت لائي سگھجي ٿو تہ هن پنھنجي وزير کي سيڙائي هن مقصد سان مون ڏانھن موڪليو تہ مان کيس سوڪڙيءِ طور ڏنل گھڙيال ۽ شمعدانن جي بدران ٻين سردائُن لاءِ مخصوص ڪيل سوڪڙين مان کي شيون ڏيان. ڇاڪاڻ تہ ان گھڙيال ۽ شيشي جي شمعدانن سندِ جي حڪمران جي شاهي محلات جي ٻئي سامان سان ميل ڪونہ ٿي ڪاڏو. مان وزير کي جواب ۾ چيو تہ جيڪي شيون مان تحفي ۾ ڏنيون آهن، سي يورپ ۾ ٺهندڙ مال جي نمائش طور ڏنيون آهن. اهو رواج ٻہ ڪونہ آهي جو هڪ ماڻھوءَ جي نالي ڪيل ملڪيت ٻئي کي ڏئي ڇڏيان. منهنجي هن انڪار کان پوءِ ٻہ هڪ ٻيو قاصد آيو، جنهن ٻہ اها ساڳي ڳالھ ورجائي.

سن 1809ع ۾ ٻہ هن درٻا ۾ اهڙو واقعو پيش آيو هو. اسان اهڙي قسم جي حالتن مان سمجھي ويا هياسين تہ حيدرآباد جي اميرن ۽ وزيرن جي ذهني سوچ ڪيتري هيٺانهين آهي. ان ڏينهن سج لٿي تائين مٿاڻين ۽ ميوات سان پريل ۽ سونن ورقن سان ڍڪيل تَس امير جي گھر جي مختلف پاتين جي طرفان اسان ڏانهن پٿي ايندا رهيا.

صبح جو سويل اسماعيل شاه جي رهنمائي ۾ اسان کي شاهي درٻارَ ۾ آندو ويو. هو اسان جو مهمانَدار ۽ شاهي وزير هو. هن موقعو ڏسي مون کي چيو تہ مان امير کي گھڙيال جي بدلي ٻيون شين ڏئي ڏاڍو خوش ڪري سگھان ٿو. امير سان ٻي ملاقات منظم ۽ پرامن ماحول ۾ ۽ ڏاڍي بهتر نموني ۾ ٿي. جڏهن امير کي انگريز سرڪار جي خواهش جي جاڻ ڏني وئي تہ هن صاحب ان کي هڪدم قبول ڪري ورتو. گفتگو ڏاڍي دوستاڻي وايومنڊل ۾ ٿي. هزاءِ نيس منهنجي ياءَ متعلق ٻہ خاص طور پڇيو. هو اسان جي لباس ڏانهن ڏاڍي ڌيان سان ڏسي رهيو هو. منهنجي ٽوپلي ۾ جيڪي ڪنپ لڳل هئا سي کيس ڏاڍو وڻيا ٿي. موڪلائڻ وقت هن ڪالهوڪي معاملي تي پنهنجي نقطءِ نگاه مطابق زور ڏئي ڳالهايو. سندس نيت ۾ ڪيترو ٻہ شڪ هجي، پر جيڪو ڪجھ ٿيو هو، ان ڪان آڏو ڏاڍو مطمئن هوس ۽ مون کي يقين هو تہ هو اسان جي لاهور جي سفر ۾ ڪنهن ٻہ قسم جي رندڪ ڪونہ وجهندو.

امير جي فرزند مير نصير خان اسان کي دمشق جي هڪ خوبصورت تلوار تحفي ۾ ڏني. ان جي ميان ڳاڙهي بخمل جي ٺهيل هئي ۽ مٿس سون جو ڪم ٿيل هو. سندس پيءُ اسان ڏانهن پندرهن سو رپين جو پريل ٿيلهو موڪليو ۽ معافي ٻہ طلب ڪئي هئائين تہ وٽس پيش ڪرڻ لاءِ اهڙي ڪا خوبصورت تلوار موجود ڪانہ هئي ۽ چورائي موڪلياائين تہ اميد تہ اسان جي هيءَ سوڪڙي قبول پوندي. مطلب تہ مهڙ ۾ انبان کي جهڙين مصيبتن جي منهن ۾ ڏنو ويو هو، ان مان اسان کي حيدرآباد جي اهڙي آجياڻي جي اميد ڪانہ هئي. ٻئي ڏينهن صبح جو اسان شهر

چڏي، ٻيڙين پرسان اچي پنهنجي واند هنئي.

سنڌ جي دارالسلطنت جي پرسان ڏيک ڏاڍو گهڻ رنگائون ۽ خوبصورت آهي. سنڌوءَ جي ڪناري سان وڃا ۽ بگها وڻ آهن. پس منظر ۾ ٽڪريون اٽس، جن هن مٿيءَ واري خشڪ علائقي ۾ ڏاڍي رونق پيدا ڪري وڌي آهي. سنڌو ٻه گهڻن هيئين علائقن کان هتي ڪجه وڌيڪ ڪشادي آهي. هن ماڳ تي سندس ويڪر 830 گز آهي. وچ تي ورايستي ٻيٽاريءَ اٽس، پر اها پاڻيءَ هيٺان لڪل آهي. حيدرآباد جو شهر هڪ خشڪ ٻيٽ تي ٺاهيل آهي. ان جو سبب اهو آهي ته اها زمين پٿرائين ۽ ٽڪرائتي آهي. هتي ته پوڪ لائق پليءَ زمين وڃا علائقا ٻه غير آباد پيا آهن. هي پٽ ته مٽانهون ۽ جابلو آهي.

هن دارالسلطنت متعلق اڳي ٻه ڪيترائي احوال لکيل آهن ۽ انهن ۾ آءٌ ٻه ڪجه واڌارو ڪندس. هن شهر جي آدمشماري ويه هزار آهي. ماڻهن جو گهڻو انگ جهوپڙين ۾ رهي ٿو. ڪجه ڪچيون جايون ٻه نظر اچن ٿيون. امير جو پنهنجو گهر ٻه زيب ۽ زينت وارو ڪوٺ آهي. هڪ عام رواجي گهر نظر ايندو. قلعو ۽ شهر هڪ ٽڪريءَ تي ٺاهيل آهي. قلعو ٻه هڪ عام رواجي طرز جو آهي ۽ ڪنهن پاڪي جي چوڌاري 10 فوٽ ويڪري ۽ 8 فوٽ اونهي کاهي کوٽيل آهي، قلعي ۾ اندر داخل ٿيڻ لاءِ کاهيءَ مٿان ڪاٺ جي هڪ پل ٺاهيل آهي. سندس پٽيون پڪ سريون، اوچائيءَ ۾ 25 فوٽ ڪن مٿي آهن، جيڪي زبون حاليءَ جو شڪار آهن. ڪا ڪين ڪائي تڪڙو ناس ڪري رهيو آهي. حيدرآباد کا ايڏي مضبوط جاءِ ڪانه آهي. جيڪڏهن ڏاڪٽيون رکي قلعي تي حملو ڪبو ته اهو فتح ڪرڻ ۾ ڪا دير ڪانه لڳندي. قلعي جي وچ تي هڪ مناري ٺاهيل آهي، جنهن جو قلعي جي تعمير سان گڏ واسطو ڪونهي. مناري تي مٿي چڙهي نظارو ڪبو ته آس پاس وارو سارو علائقو اکين اڳيان پيو ڏسبو. چيو ويندو آهي ته هتي سنڌ جا خزانا پوريل آهن. ڪليليءَ جي ڳالهه، حيدرآباد کي سڄي علائقي کان الڳ ڪري ڇڏيو آهي. چاڙهه وري موسم ۾ هيءُ ڳالهه وڏو درياهه پيو نظر ايندو. اپريل جي مهيني ۾ جڏهن اسان حيدرآباد ۾ هياسون ته اهو سڪل هو. حيدرآباد جي نظاري متعلق احوال، آءٌ هن ڪتاب سان شامل ڪري رهيو آهيان. تنهن لاءِ مان ڪئپٽن ايم گرنڊلي جو شڪر گذار آهيان، جنهن مهرباني ڪري هن دارالسلطنت ۽ سندس پسگردائي سان لاڳاپيل ڏيڪ جو احوال منهنجي حوالي ڪيو آهي.

بکر جو سفر

تاريخ 13- اپريل صبح جو اسان امير جي وڏيءَ سرڪاري ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي خير سان روانا ٿياسين. هن ورن جي ٻيڙيءَ کي سنڌي، 'جهمٽيءَ' جي نالي سان سڏيندا آهن. سندس بناوت سنڌوءَ جي ٻين ٻيڙين جهڙي تراکڙي آهي. ڏاڍي آرام واري آهي. سنڌ جي حڪمران ته اسان ڏانهن لکيل خطن ٻڌن ۾ ائين پيو لکندو هو ته سنڌوءَ ۾ هلندڙ ٻيڙيون ننڍڙيون،، خراب ۽ سفر ڪرڻ ۾ ڏکيون آهن. هيءَ ٻيڙي 60 فوٽ ڊگهي آهي. ٿي کوها اٽس. مٿن اسان کيترائي سڙه اڏيا جيڪي سفيد ۽ ڪاڙهي ڪپڙي جي ڇڻين کي سبي ملائي جوڙي ٻناوان ٺاهيا ويا هئا. ٻيڙيءَ ۾ اندر ٻه ڪمرا بنايل هئا، جيڪي عرشي رستي پاڻ ۾ ملايا ويا هئا. هڪ ڪمري جي ونگن وارن دروازن پرسان، وچ واسطي خوبصورت جاءِ جوڙيل آهي، مٿانئس ڪرمچي رنگ جي ڪپڙي جي ڇٽي ٺاهي وئي آهي. باهرين،ماٿهن جي نظر کان بچڻ لاءِ ريشمي پردا هنيا ويا آهن. جهمٽيءَ کي وڌيڪ خوبصورت بنائڻ واسطي مختلف قسم جي جهنڊين ۽ لڏڪڻ سان سينگاريو ويو آهي. انهن مان ڪي جهنڊا ته 40 فوٽ ڪن موڪرا ۽ وڏا آهن. اسان هن ٻيڙيءَ جي پاڇيل تي برطانيہ سرڪار جو جهنڊو ڦڙڪايو.

منهنجي خيال ۾ اهو پهريون پيرو هوندو جو سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي انگريز سرڪار جو جهنڊو جهولي رهيو هو. اها ٻيڙي جنهن تي اهو ڦريرو ڦڙڪي رهيو هو، سا سيني کان اڳ ۾ هئي. اهو سوڻ ڏاڍو سڳورو هو. آس آهي ته برطانيہ سرڪار جو واپار سندس جهنڊي جي ڪري جلد شروع ٿيندو. واءُ سٽائو هو ۽ اسان سنڌوءَ رستي سفر ڏاڍي سولائي ۽ سهنجائي سان ڪري رهيا هئاسين. رات جو لنگر هٽندا هئاسون ۽ پنهنجي واڌ سنڌوءَ جي ڪناري سان قائم ڪندا هئاسون. حيدرآباد جي وڏن قائدن کان دور پهچي سچ پچ ته ڏاڍا سرها هئاسون.

پهرين مئي تي اسان سيوهڻ رسياسون. 100 ميلن جو سفر اسان 8 ڏينهن ۾ طئي ڪيو. انهن ماڳن وٽ سنڌوءَ جي ڪناري سان ڪا خاص ڳالهہ نظر ڪانہ آئي. ان علاقي ۾ ماٿهو ڇڀا پاڙا نظر آيا ۽ ڪنڊين سان وڙاهہ ٻوري ٽڪي هئي. ڏيک ۾ ٻہ ڪا رونق ۽ رنگيني ڪانہ هئي. ٽئين ڏينهن لڪيءَ جي ڊگهن جبلن

جي قطار نظر آئي، جيڪا سنڌوءَ جي ڪناري سان سيوهڻ تائين گڏ پئي هلي. سنڌوءَ جهڙي مهان درياه جي پيٽ ۾ بہ ڪٽي ڪٽي واريءَ جون ٻيٽارون پڻ ڏسڻ ۾ ٿي آيون. اسان ايائي ميل في ڪلاڪ سست رفتاريءَ سان سنڌوءَ مان هاڪاري رهيا هئاسون. هڪ ٻيڙي ٻانڊ سان لڳي، پر تباه ٿيڻ کان ذري گهٽ بچي وئي هئي. سنڌوءَ ۾ اهڙا حادثا تہ جام پيا ٿيندا آهن. آمريڪا جي ندين ۾ بہ اهڙي ورن جا حادثا اٽيهئي پيا ٿيندا آهن. ڪڏهن تہ ڏاڍا پيانڪ ۽ موتمار بہ ثابت ٿيندا آهن. ڏسڻ ۾ اهو آيو آهي تہ گهٽو ڪري اهڙي قسم جا حادثا لهواري طرف هاڪارڙ وارين ٻيڙين سان پيش ايندا آهن. اسان هن حادثي مان بچي تہ وياسين، پر ان واقعي سنڌين کي واڌاين ڏيڻ جو جڙ هڪ موقعو فراهم ڪري ڏنو. اسان سنڌين واتان پنهنجي لاءِ ڏهاڙي وڏي پاڳوان هجڻ جا اعلان پيا ٻڌندا هئاسون ۽ هلڪي سلڪي حادثي مان بچي وڃڻ، هواءِ جي هر ڇوهي مان نڪري پار پوڻ کي اسان جو اعليٰ مقدر سمجهيو ٿي ويو.

اسان جي خلاصين جو عملو 16 جڻن تي مشتمل هو. سيئي ڏاڍا خوش مزاج ۽ يوگائي چرچائي هئا. سڀ ڏينهن پيا ڪم ۾ ڪهندا، پاڻيءَ مان هلندا، ڪلندا، ترندا تڙڪندا ۽ مڇيءَ جو شڪار ڪندا رهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ٻيڙين ۾ حقي سان بہ شغل ڪندا هئا. ڪڏهن وري ينگ جو چڪڙو چاڙهيندا هئا. ڇاڪاڻ جو منجهن ڪجه موالي بہ هئا. ينگ جا پن ڇ ۽ ڏاندين ڏنبي ڪونبي ۾ گهرڙي گهوٽي ڇاٽي جڏهن سوائي تيار ڪندا هئا تہ ان گهوٽيل ينگ جو رنگ سائو پَنير ٿي پوندو هو ۽ ڏٺي پئي ڪري ايندي هئي. اها صحت لاءِ پڻ ڏاڍي هاڃيڪار آهي. سندن چلمون بہ مان نہ ٿو سمجهان تہ ڪي ٻيڙين ۾ ساڻ ڪٽڻ لائق آهن. ڇو تہ اهي ٽڪر جوڙ ٽهيل آهن ۽ ڪٽڻ ۾ ڏاڍيون ڪوريون هونديون آهن. تنهن ڪري هڪ هٿ رکيل هونديون آهن. جڏهن همراهن کي ٻاڙ لڳندي آهي تہ وڃي چلم جو پاسو ڏيندا آهن ۽ ڪاني جي نڙ وسيلي چڪيندا رهندا آهن. هو گڙنگ موالي آهن. تماڪ ۾ آفيم ملائي پيا سوٽا هڏندا آهن. تماڪ تہ اڳيئي زهر هوندو آهي، سو وڌيڪ هاڃيڪار ٿي پوندو آهي. اسان جي ٻيڙين جا خلاصي مسلمان آهن، جيڪي ڏاڍا وهمي ٿيندا آهن. حيدرآباد کان هيٺ واڳونءَ ڏسڻ کي بدسوڻ سمجهندا آهن ۽ ان قصي کي وساري ئي ڪونہ سگهندا آهن. سنڌوءَ جي ان حصي ۾ اهي اجگر اونهي پاڻيءَ ۾ بہ گذاري سگهندا آهن.

سنڌي ٻيڙائٽن جا سُنگ جي انداز ۾ ڳايل راڳ، جيڪي ورتن ڇڪڻ ۽ سڙهن کي چاڙهڻ ۽ ونجه هلائڻ وقت ڳائيندا آهن، سي بزرگن جي درن تي سوال ۽ وينتيون هونديون آهن. دنيا جي سيني ملڪن جا ٻيڙائٽ راڳ ۽ سُر جا شوقين هوندا آهن. جيتوڻيڪ سندن زبان سمجه ۾ ڪانہ ايندي، پر ان هوندي بہ سندن هوڻ ۾ ميٺ ۽ مڌرتا موجود هوندي آهي. نموني طور ڪجه شعر ڏجن ٿا:

هلم هلم هلي	Pull oh pull
جبا لائين	Use your strength
ليلائين	Raise your shoulders
هوا قلعا	By the favour of God
مدد پيران	Paese your feet
دعا فقيران	By the Saint's assestance
دعا جي نالي	The boat will sail
ہيڙي چالي	She is pretty boat
ہيڙي راڻي	
سرنگ سڪاڻي (Surung)	The Steerman is warrior
اونهون پاڻي	The water is deep
لمبا کوها	the mast is tall
سلامت هوئا	She will reach in safety
وجن دماما	Beat the dreems
آچر شاه جا	Of king Achar
	The port is attaind
	By the favour of God
پير پٹو	Hail Peer Putho
جگ ڈٹو	who has seen the world
نگر ٹٹو	Hail city of Thatto
پاڻي مٹو	The water is sweet.
جهولا کيجي (Julla kejye)	Pull together
تاڻي ليجي (Tanee leege)	Pull at once
تاڻ تماچا	Pull for joy
بندر خاصا	The port is good.
بندر ڪوچي	Though the bunder is small
مرد بلوچي	The men are Balouchi
بندر ماريو	Behold the Bandar Tower
رب ڏيکاريو	Which God has Shown us
ملڪ حبيبي	The Country is Gods
رب ربوبي	By God we came.

جيئن ئي اسان جي اڪ سيوهڻ جي مسجد تي پٻي تہ ہيڙائتن بہ خوشيءَ کان وٽي دهل تي ڏمال جو ڏوئونڪو هنيو ۽ وٽي راڳ گائڻ شروع ڪيائون. لڪي جبل

جي پاسي مان گذرڻ سبب راڳ ڏاڍو پلو معلوم ٿي رهيو هو. لکيءَ جون ٽڪريون ويندي سيوهڻ تائين سنڌوءَ جي واسطي جڙ بچاءُ بند جو ڪم ڏين ٿيون.

سيوهڻ جو شهر سنڌوءَ کان ٻه ميل پري، ڏنڊ جي ڪناري پرسان هڪ مٿانهينءَ تي آڏيل آهي. سنڌوءَ جي هڪ ڇاڙهه آڏل سندس پرسان وهي ٿي. ان جو منهن لاڙڪاڻي علائقي ۾ سنڌوءَ مان نڪرندو آهي. شهر جي آدمشماري هزار ڪن ٿيندي. اتر طرف کان هڪ پوئي تي قلعو اٽس. سيوهڻ کي سيوستان پڻ سڏيو ويندو آهي ۽ تمام پراڻو شهر آهي. منجهس ڪيترين ئي پراڻين مسجدون ۽ مزارون آهن، جيڪي سندس شاهوڪار ماضيءَ جي ياد تازي ڪن ٿيون. مغل دور ۾ هيءُ شهر گورنر جو صدر مقام هو ۽ ان کان پوءِ هوريان هوريان تباهه ٿيندو ويو. هي شهر لکي جبلن جي پرسان آهي. مون کي يقين آهي ته سيوهڻ، سڪندر جي مؤرخن جي بيان موجب جابلو راجا سامبس جو صدر مقام آهي. سنڌوماني، سنڌ جي لاڙ واري حصي کي نه ٿو سڏي سگهجي، جنهن کي هميشه پٽالا جي نالي سان سڏيو ويو آهي. اتان جي حڪمرانن کي 'پتالان' جا بادشاهه سڏيو ويندو هو. سنڌي، سنڌ جي موجوده اصلي رهاڪن کي سڏيو ويندو آهي.

سيوهڻ کي خراسان کان ايندڙ بزرگ لال شهباز قلندر جي مزار سبب گهڻي عزت ڏني ويندي آهي. کيس هتي دفن ٿئي ڇه سؤ سال ٿي ڇڪا آهن. مزار وچ شهر ۾ آهي. مٽانئس چوراس عمارت تي خوبصورت قبو تعمير ٿيل آهي. وچ ڪاشيءَ جي سرن جهڙيون سرون هن مٽان هنيون ويون آهن. قبر مٽان ڳاڙهي رنگ جي پٽ جي ڪپڙي جي ٻن پڙن سان ڍڪ هڪ اهڙو پڙُ ٻه آهي، جنهن تي سون جو ڪم ٿيل آهي. پٽين تي چوڌاري ونڊن عربي اکرن ۾ بزرگ جي تعريف ۽ قرآني آيتون لکيل آهن. اڃ پکي جا آنا، مور جا کنب، مٽيا ۽ گل هن مزار جو ڪل سامان آهي. ڪبوتر جن کي عام طور امن آشتي جي علامت سمجهيو ويندو آهي، پر هتي انهن کي قبرن جي پڙن تي ويهڻ لاءِ سيکاريو ويندو آهي. قلندر لال شهباز جي ڪرامتن جو ڪو انت شمار ڪونهي، پر شرط اهو آهي ته توهان کي ماڻهن جي گالهين تي اعتبار ڪرڻو پوندو. سندس هڪ ڪرامت اها ٻه آهي ته سنڌو درياهه ٻه سندس امر وهيڻو آهي. ڪوبه ٻيڙو سندس مزار تي مجتا طور ڪجهه ڏيڻ کان سواءِ اڳتي وڃي نه سگهندو. زيارت واسطي هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو هتي هارهوئي ايندا آهن. ڪابل ۽ هندستان جا بادشاهه ٻه هن مزار تي سر جهڪائيندا آيا آهن . نغارا جن تي ڏمال وڄائي هن بزرگ جي بادشاهت جو اعلان ڪندا آهن، سي دهليءَ جي بادشاهه علاؤالدين ڏنا هئا. جنهن 1242ع ڌاران هندستان تي حڪومت ٿي ڪئي، چاندينءَ جا دروازا سنڌ جي بادشاهه طرفان نذر طور ڏنا ويا هئا. ضرورتمندن کي روزانو لنگر تان ماني ملندي آهي، اهڙي قسم جي عام سخا ماڻهن جي اخلاق کي وڃائي بگيڑي ڇڏيو آهي، جيڪي هاڻي سست ۽ ڪنهن ٻه

ڪمر جا ماڻهو ڪونہ رهيا آهن. هن بزرگ جي ميتا ۾ مسلمانن سان هندو بہ گڏيل آهن ۽ ڪيس اشاري طور 'لال' جو هندو طرز وارو نالو ڏيندا آهن. مسلمان ڪُيس پنهنجي رسول ڪريم ﷺ جي مذهب سان گڏي ڪيس فاسقن بيدنن جو سهارو ڪري ميندا آهن. پر وارين ٽڪرين ۾ رهندڙ چيتو، مزار پرسان هڪ پجري ۾ ويهي سخاوت جو مزو ماڻيندو آهي.

سيوهڻ جو قلعو، سنڌو درياه جي ڪناري تي هڪ اڪيلي قسم جي اڏاوت آهي. هينئر ڪنڊرن جي حالت ۾ شهر ڪان بلڪل مٽانهين جاءِ تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. منهنجي خيال ۾ يوناني حملي جيترو ئي پراڻو آهي. سندس اڏاوت 60 فوٽ مٿي اوچي درڙي تي ٽيل آهي، چوڌاري پڪين سرن جي پٽ ڏنل ٽي پاننجي. قلعي جي شڪل بيضوي طرز جي آهي. لاڙ 1200 ۽ مُنڊيو 750 فوٽ اٽس. اندرئين پاسي واري سجي ايراضي سروٽن ۽ ٽانون جي ٺڪرائي سان پري پئي آهي. قاٽڪ، شهر ڪان طرف اٽس، جيڪو ونگ سان هڏل معلوم ٿئي ٿو. درڙ جنهن تي قلعو اڏيل آهي، سو هٽرادو پراڻ وجهي ٺاهيو ويو آهي. هيءُ قلعو پري ڪان، مسٽر رچ جي دلچسپ يادگيرين سان لاڳاپيل تصنيف ۾ لکيل بٹبلاڻ جي مجليبي مناري جيان ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

هتان جا ماڻهو، هن قلعي جي تباهيءَ متعلق کوبہ گهڙيل دلچسپ بيان ڪونہ ٻڌائيندا آهن، جنهن جو لاڳاپو بدرالجمال پريءَ جي دور سان ڏيکاريندا آهن. نہ تہ عام روايت اها آهي تہ سنڌ جي هر قديم شيءِ سان اهڙي قسم جي من گهڙت قصن جو ڪونہ ڪو واسطو ضرور ڏيکاريو ويندو آهي. اڙل واه هن قلعي جي پرسان وهي ٿو. ڪُنڌس ڪرٽس اسان کي ٻڌائي ٿو تہ راجا سامبس جي بادشاهيءَ ۾ (جنهن کي اڄ سيوهڻ سمجهان ٿو) هيءُ هڪ مضبوط شهر هو. سڪندراعظم پنهنجي ڪاهڙين هٽان سُرنگھ هٽائي ڪيس فتح ڪيو هو. اسان موجوده ماڳن تي پٽرن، سروٽن جي ديرن ۽ ٺڪرائي مان اهو سمجهون ٿا تہ اهو پراڻو شهر هن درڙ جي جاءِ تي آباد هوندو. ڪُنڌس ڪرٽس لکي ٿو "اهي جهنگلي ماڻهو جيڪي انجنيئري فن کان اڻ ڄاڻ هئا، تن پنهنجي دشمن کي زمين جي هيٺان ئي هيٺان سُرنگھ ذريعي اچي وچ شهر ۾ ظاهر ٿيندي ڏٺو. ان سرنگھ جو ان واقعي کان اڳ ڪو نانءُ نشان بہ ڪونہ هو." ان شهر جي مضبوط حيثيت کي پوئين دور ۾ بہ ڪونہ وساريو ويو. شهنشاه همايون (1541ع) جي دور ۾ هيءُ قلعو وڏيءَ جاکوڙ ۽ جتن کان پوءِ بہ فتح ٿي ڪونہ سگهيو هو. ان کان پوءِ هو عمرڪوٽ جي ڏکئي سفر تي روانو ٿيو هو. سندس پٽ اڪبر جي زمانيّ ۾ بہ سيوهڻ کي گهيرو ڪيو هو، جيڪو ست مهينا جاري رهيو. فتح ٿيڻ کان پوءِ هن قلعي کي ڀاهي پُٽ ڪيو ويو. سيوهڻ جي قلعي مان ڪيترائي سڪا مليا. انهن لڙل ٽيهن سڪن مان يونان جا الفال (Alphal) ڪونہ هئا. سيني جو دهليءَ جي

مسلمان شهنشاهت سان واسطو هو.

سيوهڙ کان 18 ميل هيٺ ۽ ساڄئي طرف واريَ ڪپ تي آمريءَ نالي هڪ ڳوٺ آهي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته ڪنهن زماني ۾ اهو وڏو عظيم شهر هو ۽ پراڻي زماني جي بادشاهن جي رهڻ واسطي ستدن من ڪُهريو ماڳ هو. هن شهر جي تباهيءَ لاءِ چيو ويندو آهي ته ڪيس سنڌوءَ جيَ اٽل جي پاڻي ناس ڪري ڇڏيو. آمريءَ جو موجوده ڳوٺ پوئين دور سان واسطو رکي ٿو. سندس پر ۾ منيءَ جو 40 فوٽ اٽاهون درڙو آهي. مقامي روايتون هن درڙي لاءِ اهي هول ٻڌائن ٿيون ته ڪنهن زماني ۾ هڪ ملڪ جو بادشاه پنهنجي لشکر سميت اچي لٿو هو، جنهن پتهنجي فوجي سپاهين کي حڪم ڪيو هو ته پنهنجي گهوڙن جي لڏ هڪ جاءِ تي گڏ ڪري رکن. آمريَ جو اهو درڙو ان لڏ مان بڌجي ويو هو. ان درڙي مٿان ڪي مزارون جوڙيون ويون آهن. سي به منهنجي خيال موجب پوئين دور سان واسطو رکن ٿيون.

اسان سيوهڙ ۾ چار ڏينهن ٽڪياسين. لوءَ ڏاڍي ڪوسي هئي. باهه جيان ساڙي رهي هئي. ٿرمامينر گرميءَ جون 112 ڊگريون ٽي ڏيکاريون. اڳ جي ساڙيندڙ هوا سبب آديءَ رات ڌاران به 100 ڊگريءَ کان پارو هيٺ ڪونه ٽي لٿو. چاڪاڻ ته علائقو خشڪ ۽ جابلو هو، جبلن جي هڪ اتانهين قطار، ساموندي ڪناري کان ولي وچ ايشيا تائين سنڌوءَ سان پور-وچوٽ تي اتر هلندي وڃي ٽي. سيوهڙ کان ڏکڻ طرف هاڻايل جبلن جي قطار سان لڳيءَ وارا جبل پڻ ملي وڃن ٿا، جيڪي سمنڊ جي طرف کان ايندڙ ٺڏڙيءَ هير کي روڪي ڇڏيندا آهن.

ڇوٽيءَ تاريخ، اسان سيوهڙ کان اسهياسين. پر اسان کي ڏاڍي ڏکيائي محسوس ٿيَ رهي هئي، چاڪاڻ ته ٻيڙين هاڪارن لاءِ ماٺو ڪونه ٿي مليا. اسان جو مهماندار جيتوڻيڪ هڪ وزير جو پٽ هو ۽ امير جي حڪمر سان سفر ڪري رهيو هو، سو قلندر جي مزار جي مجاور مٿان غالب پئجي ڪوٽ سگهيو. جنهنجو چوڻ هو ته سنڌ جي امير اهڙي قسم جو ڪوبه حڪم ڪوٽ ڪيو آهي ۽ نه وري هو اهڙي ڪا تعميل ئي ڪندو. ماٺهو زبردستي ڪنيا ويا ته سندن مائٽن ڪٽي تلوارون مياڻن مان ڪڍيون. اسان لاءِ چيائون ٿي ته "هن لاءِ وڏيڪ ٻيڙيون ڪونه هلايون ويندين ۽ اهي هتان نڪري وڃن." معاملو جيستائين ڪُلي ظاهر نه ٿيو تيستائين اسان کي ڪابه خبر ڪانه هئي ته ڳاله ڇاهي؟ هونءَ به اهو سيد تقي شاهه 'مهماندار' جو پنهنجو خانگي معاملو هو. جڏهن ماٺهن کي پتو پيو ته ٻيڙين هاڪارن جو ڪين اجورو ملندو ته سفر شروع ٿيڻ کان اڳ ئي اسان وٽ پهچي ويا. سنڌ جي هر شيءِ ظلم ۽ ڏاڍ واري حڪمراني کان متاثر ٿيل هئي سيوهڙ جي پاٽيارن ڏوڙي وڃي قلندر جي مزار ۾ پناه ورتي هئي. ڪين خبر هئيَ. ته اسان واري جهموٽي سرڪاري ٻيڙي آهي ۽ بنا اجر ڏيڻ جي ڪاڏن پاڻي پرايو ويندو.

سيوهڙ ڇڏڻ کان ٻئي ڏينهن خيرپور جي والي، مير رستم جيَ خاص سردار

محمد گوهر بلوچ ۽ سندس ماٿهو پنهنجي سرحد کان اٽ ميل اڪتي اچي، اسان کي خيريت سان پهچڻ جون واڌايون ڏيڻ آيا ۽ پنهنجي مالڪ مير رستم پاران برطانيہ سرڪار لاءِ نيڪ نيتيءَ جو اظهار ڪيائون. سندن ۾ اسان لاءِ اهڙي قسم جي روش جي اميد تمام گهٽ هئي، تنهن ڪري اهو ڏسي ڏاڍا خوش ٿياسون. ان وفد اسان لاءِ گهٽو ڪجھ آندو هو. جهڙوڪ: ريون، مکڻ، گيهه، اٽو، ميوات، مصالحا، ڪنڊ، تماڪ، آفيم وغيره. اسان جي ماٿهن کائي ڏاڍا چڙهه ڪيا. رين کي کهي، گيهه ۽ چانور ڪڍي واه جا طعام بنايا ويا. مان پڪ سان چوان ٿو تہ اسان جي قافلي جو هڪ هڪ ماٿهو مير رستم جي موڪليل هن دلي دعوت سبب سندس ٿورائتو هو. اها هڪ وڏيءَ دعوت جي شروعات هئي. اسان سندن ملڪ مان ٽن هفتن تائين سفر ڪندا رهياسون ۽ ڏهاڙي اهڙا جُڳ ٿيندا رهيا. محمد گوهر هڪ جهور ڪراڙو ماٿهو هو. سندس ڏاڙهي ڳاڙهي هئي. چيلهه جي چوڌاري ڏاڍي سهڻي لنگي ٻڌل هيس. هو ملاقات وارو سڄو وقت تعجب ۾ رهيو. ڇو تہ هن ڪڏهن بہ يورپي ماٿهو ڏٺا ئي ڪونہ هئا.

مير رستم جي مهربانين جي موٽ ۾ ڏانهن هڪ فارسيءَ ۾ خط لکيو ويو، جنهنجو اسلوب هن ملڪ جي انشا جهڙو هو. ان جو هوبهو نقل آءٌ هيٺ ڏئي رهيو آهيان:

> "سلامن کان پوءِ مان حضور والا کي ٻڌائڻ ۾ جلدي ڪري رهيو آهيان تہ مان سائينءَ جن جي ملڪ جي سرحدن وٽ پهچي ويو آهيان. مون سان گڏ جناب تقي شاه آهي، جنهن کي مير مراد علي خان حيدرآباد مان موڪلڻ جي مهرباني ڪئي آهي. مان ڪ ۽ سندن مان هر ايندڙ ويندڙ معرفت اوهان جون گهٽيون تعريفون ٻڌي چڪو آهيان، ۽ اڄ اها منهنجي لاءِ خوش قسمتيءَ جي ڳالهه آهي جو مان اوهان جي ملڪ ۾ آهيان. مون سان گڏ برطانيہ جي بادشاه طرفان راجا رنجيت ستگھ ڏانهن موڪليل سوڪڙيون آهن . انگلينڊ جو اهو بادشاه مريخ جهڙو خطرناڪ، شان ۽ شوڪت ۽ جاهه جلال ۾ جمشيد جهڙو، وقار ۾ سڪندر وانگي، دارا جيان لاثاني، نوشيروان جهڙو عادل، فريدون جهڙو عظيم، سندس تعريف سائرس وانگي مشهور، ۽ هو سڄ جيان معروف آهي. ظلم ۽ ڏاڍ کي ڏڪائيندڙ، سچو، سخي، متقي، پرهيزگار ۽ الله جو نوازيل وغيره آهي، جنهن جي حڪمراني سدائين قائم رهي."

> "اها ڪا مشهور حقيقت آهي تہ جڏهن هڪ دوست ٻئي دوست جي ملڪ ۾ ايندو آهي تہ اهو موقعو ڏاڍيءَ دلي مسرت وارو هوندو آهي ۽ مان هي چند سٽون بہ ان خوشيءَ کي لکيون

آهن. جڏهن مان اوهان کي ڏسندس تہ مون کي بي انتها خوشي ٿيندي.

"مان هي سڀون ان ڪري بہ لکي رهيو آهيان جو اوهان جو موڪيل ماڻهو محمد گوهر، جنهن تي اوهان جو پورو پروسو آهي، مون وٽ پهتو آهي. هن برطانيہ سرڪار لاءِ اوهان جي سچائي ۽ سپتائي بابت اسان کي گهڻي ڄاڻ ڏني آهي. اوهان جي طرفان اسان جي مهمانيءَ لاءِ ڪيترين ئي شين کڻي آيو آهي. انهن سڀني احسانن لاءِ اهو چوڻ ڪافي نہ ٿيندو تہ 'آءٌ ڏاڍو خوش ٿيو آهيان.' آهي مهربانيون ۽ ٿورا ايتري چوڻ کان گهڻو مٿي آهن."

ڏهن ڏينهن جي هاڪاڙ کان پوءِ ٻڪر پهتاسين. پر قلعي کان ڪجھ ميل هيٺ، لٽگر هنياسون. چو تہ اسان کي خيرپور جي ميرَ ڄانهن بہ وڃڻو هو. هن امير سنڌس ملڪ ۾ پهچڻ تي اسان جو وڏو آدرياءُ ڪيو هو. اسان سنڌوءَ ۾ مٿي اوپارو هاڪاريندي ڪيترا سنڌي ڏٺا، جن جي خواهش هئي تہ جيڪر هو اسان جا گهوڙا ڏسي سگهن. تنهن ڪري اسان غريب غربي سنڌيءَ کي ڪُليءَ دل سان موڪل ڏئي ڇڏي تہ پلي ٻيڙين تي چڙهي اچي گهوڙا ڏسن. اهي ويچارا سنڌي مسڪين ماڻهو پنهنجي غريباڻن حالن ۾ جهنگل جي وحشي ماڻهن کان ٿورو ڪجھ بهتر ٿي ڏٺا. بلڪل ان پڙهيل جاهل هئا. باقي سندن مرشد سيد جيڪي رسول ﷺ جن جي اولاد هئا تن وٽ علم هو. آزادي ۽ خوشحالي هئي. سيدن جي هڪ ٽولي کان پڇيم تہ هو امير ن مان ڪهڙي مالڪ جي رعيت آهن؟ تہ هن ٿُنديءَ سان وارٽيو "اسان جو خدا کان سواءِ کو بہ مالڪ ڪونہ آهي. اهوئي اسان کي روزگار ميسر ڪري ڏيندو آهي. اسان جنهن بہ شيءِ جي خواهش ڪندا آهيون تہ اها اسان کي ڏيڻ مان مريدن وٽان ملي ويندي آهي."

سنڌ اندر، سيد خاندان ۾ اهڙن خيالن جي هڪ جهڙائي ڏسي مون کي ڏاڍو اچرج بہ ٿيو. اهو سوچي بہ ڪونہ ٿو سگهجي تہ سيدن جي ايتري گهڻي انگ جو شجرو نبي ڪريم ﷺ سان ملندو هوندو. سنڌ جا فقير بہ ماڻهن لاءِ وڏو آزار آهن. پنڻ لاءِ هر فن ۾ طريقو استعمال ڪندا آهن. انهيءَ لاءِ تہ جيئن ماڻهو رحم ڪائين ۽ گهڻي خيرات ڏين. وات سان گاه ۾ هوڙا پٽيندا، گي ۾ واري ڪائيندا وٽندا آهن.

سنڌي معاشري جي ٻڌريل ماڻهن سان اسان آزاد نموني ايندا ويندا ۽ ساڻن ڳالهائيندا هولهائيندا هئاسون. انهن مان گهڻن اسان جي لاهور جي سفارت واري مقصد سان ڏاڍي دلچسپي ڏيکاري. اسان کي خلوص واري هن سفر لاءِ ڪا شاباس ڪونہ ٿي ڏنائون، چاڪاڻ تہ سندن خيال موجب اهڙي قسم جي سفر تي، حضرت نوح کان پوءِ ڪير نڪتو ئي ڪونہ هو. اسان جي رسم ۽ رواج متعلق اسان کان گهڻو ڪجھ پڇيائون. اسان جو خيرپور وارو دوست، محمد گوهر اسان جي شادين

جون رسمون ٻڌي گهڻو ٻڌي ويو هو. هن مون کي اڳتا واسطي ڏاڍي رکڻ جي نماڻائيءَ سان گذارش ڪئي. هن ماڻهوءَ جي علم متعلق آءٌ اوهان کي ٻڌائيندو هلان ته هن هڪ ڏينهن مون کي چيو هو ته جيڪڏهن لنبن ڪلڪتي جي ماتحت هجي هاڻ ته ڪيس وڌي خوشي محسوس ٿئي ها. مان ڪانئس سنڌي ڏٺ وارو راڳ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيس. سندس خيال موجب اهي دنيا جي ويڙهاڪن کان بلڪل نرالا آهن ۽ پنهنجن دشمنن سان پيادل وڙهڻ تي فخر محسوس ڪندا آهن. وٽن اسان جي لاءِ رحم جا جذبا موجود هٿا ۽ اسان کي ان ڪري ڏاڍو مزو پئي آيو. چاڪاڻ ته اها حقيقت معلوم ڪري کين دلي صدمو رسيو هو ته اسان پنهنجا ڏند سوئر جي وارن مان ٺهيل برش سان صاف ڪندا آهيون. مون کي بار بار اهو تاڪيد ڪيو پئي ويو ته آءٌ گهوڙي جو انگريزي طرز جو ٺهيل هنو (زين) استعمال ڪرڻ ڇڏي ڏيان، جنهن کي هن تچ سمان ٿي سمجهيو. سندس نظر ۾ گهوڙيءَ جي اڳهاڙي پٺي اهڙي هني کان سو ڀيرا سٺي هئي.

سنڌوءَ جي هن پاڪي کي سرو چوندا آهن. هيٺئين پاڪي کي لاڙ چيو ويندو آهي. سندس اهو نالو سيوهڻ کان هيٺ واري علاقي لاءِ آهي. اهي سنڌ جي اتر ۽ ڏکڻ واسطي بلوچي زبان جا به اکر آهن .(1) سرائي کوسن سان تعلق رکي ٿو. جيڪي سنڌ جي اوپردين حصّي ٿر ۾ رهندا آهن . آسان وٽ اهڙيون ڪافي حقيقتون موجود آهن ته اهي قبيلا سنڌ جي سري مان اچي هيٺ لاڙ ۾ پکڙيا آهن. هن درياه جو نالو مهراڻ به آهي. هن ٽالي کان ٻيا هندستاني ۽ ڏيساوري ماڻهو ته واقف آهن، پر سنڌي هن درياه کي مهراڻ کوڻ سڏين. سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي زندگيءَ جي هر مقصد واسطي کوهن جي پاڻي کان اعليٰ ۽ افضل سمجهيو ويندو آهي. درياه مان جڏهن پاڻي پريو ويندو آهي ته ڏاڍو لڙيانو هوندو آهي. ڪجه وقت رکڻ کان پوءِ اٽرجي صاف ٿي پوندو آهي. سنڌوءَ ۾ پاڻي ٻيڙيون تمام گهٽ آهن. اهو ڏاڍو عجيب نظارو هوندو آهي، جڏهن ماڻهو سيٺه يا ترهي سان هن درياه کي پار ڪندا ڏسبا آهن. هتان جا ماڻهو مينهن سان گڏ 15 کان 20 ميل درياه جو سفر ڪري سگهندا. درياه جي ڪنڌين ڪنارن سان هن قسم جي سفر کي وڌيڪ پسند ڪيو ويندو آهي. سيوهڻ کان مٽان پلو ٻيڙي مان لڙڪايل رڇ رستي ماريندا آهن. اهي ٻيڙيون نه فقط مڇي مارڻ جي ڪم آچن ٿيون پر اهي مهاڻن جي گهرن جو به ڪم ڏينديون آهن. مهاڻن جون زالون ڏاڍيون سگهاريون ۽ ٻلوان هونديون آهن. وچ سير ۾ ٻيڙيءَ جو وڻجه پيون هلائينديون ۽ چاتيءَ سان هار به چنبڙيو پيو هوندو اٽن. مڙس ساڳي ٻيڙيءَ تي مڇي مارڻ ۾ رڌل هوندو آهي. ٻلهڻ سمنڊ کان گهڻو پري ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي آهي، پر اهي بکر جي اوسي پاسي درياه ۾ تڙڳنديون ۽ راند ڪنديون ڏسڻ ۾ آيندیون آهن. ٻلهڻ جوڳهيءَ قسم سامونڊي ٻلهڻ

(1) اهي بلوچي نه پر سنڌي زبان جا اکر آهن. (سنڌيڪار)

کان وڌيڪ خاڪي رنگ جو آهي.

مون کان اها ڳالهه وسري وئي ته بکر پهچڻ کان اڳ، نواب ولي محمد خان لغاري جيڪو سنڌ جي وزيرن مان هڪ هو، شڪارپور مان سفر ڪري اسان سان ملڻ آيو هو. 72 سال جو ڪراڙو جهوڙ، قبر ۾ جنگهون لڙڪايو ويٺو هو. اسان سان سنڌس ورتاءِ ڏاڍو مهرباني پريو ۽ ٻاجهارو هو. نمرتا ۽ نهنائي سان اسان جون دليون جيتي رکيون هٽائين. هن مون کي هڪ گهوڙو، هڪ قيمتي ۽ سهڻي لونگي تحفي طور ڏني. هن اسان کي ٻڌايو ته سنڌ جي امير، ماٺهن جي غلط مشوري تي لڳي توهان کي خواه مخواه سنڌ ۾ ترسائي رکيو هو. هن هڪاءِ نيس ڏي تاڪيد ڪندي لکيو هو ته هو پنهنجي سنڌ آهڙا غلط قدم نه کڻي. اسان کي هڪ بلوچ سردار کي سنڌس وطن ۾ ڏسڻ جو موقعو مليو. هو وڏي شان شوڪت تنبو تولاتن. غلمن غالیچن سميت پهتو هو. ٽي پالکيون ۽ 400 ماٺهو ساڻ هئس. ڳائٽين چوڪرين جي ٽولي به سنڌس قافلي سان گڏ هئي. شام جو اسان کي پنهنجي مرضيءَ خلاف مجبور ڪيو ويو ته اسان به ڪلاڪ ڪن انهن خوبصورت چوڪرين جو راڳ ٻڌون. ڏکوئيندڙ منظر اهو هو ته جهٽ پل ساهي ڪرڻ، ۽ نڙيءَ آواز صاف ڪرڻ جي بهاني اهي ڳائيندڙ چوڪريون شراب پيئندڙن رهپون ۽ آخرڪار نشي ۾ نهوڙجي ويون. هن معاملي ڪري رنج ڏيکارڻ به ممڪن ڪونه هو. چو ته هي جشن اسان کي وندرائڻ واسطي ئي منعقد ڪرايو ويو هو ۽ پوءِ اسان جي بيزاري محسوس ڪندي اهو راڳ بند ڪرايو ويو. اسان جا ماڻهو جن جو ان وقت انگ 150 تي پهچي چڪو هو، تن کي نواب ولي محمد لغاري ٻن ڏينهن تائين اهڙي قسم جي راڳ رنگ سان وندرائيندو رهيو.

اسان 14- تاريخ، علي پور جي تنڊڙي ڳوٺ وٽ لنگر هنيا. اتي خيرپور جي ميرِ رستم جو وزير اسان جي آجيان واسطي اچي پهتو. سندس نالو فتح خان هو، ذات جو غوري هو. ڏاڍو خوش طبع ۽ رلٽو ملٽو هو. ڏاڙهي چانورن جي پٽ جهڙي اڇي ۽ مٽي جا وار ڳاڙها هجڻ ڪري عجيب غريب پئي ڏسڻ ۾ آيو. اسان جي آجيان دل جي گهراين سان ڪئي ويئي. وزير صاحب ٻڌايو ته "ميرِ رستم توهان جي اچڻ جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو آهي. سندس دلي خواهش انگريز سرڪار جي ويجهو اچڻ جي آهي، پر بدقسمتي جي ڳاله اها آهي جو ايجان تائين انگريزن جي ڪنهن ڳماشتي سان ملڻ جو اتفاق ئي ڪونه ٿيو آهي." هن وڌيڪ ٻڌايو ته ميرِ رستم کي هن عظيم قوم سان برابري رکڻ واري سوچ ڏاڍهن به ڪانه آئي آهي. سندس خواهش اها آهي ته کيس پنهنجن انهن نيڪ نيتن ۽ مخلص ماڻهن ۾ شمار ڪيو وڃي، جيڪي هر موقعي تي اسان جي خدمت ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن. فتح خان اهو به ٻڌايو ته خيرپور، حيدرآباد کان الڳ سنڌ جو هڪ حصو آهي. هيءَ ٻڌايل حقيقت ياد رکڻ جوڳي هئي. مان هن قسم جي جاڻ واسطي ٽورو گهٽو اڳ ۾ ئي

تيار هيس، چاڪاڻ تہ مان سندس اڳين ڪوشش منجهان اندازو لڳائي ڏاڍو خوش ٿيو هوس تہ هن حڪمران کي پنهنجا ڪي ٻيا مقصد ٻہ آهن . مير رستم خان جيڪو اسان ڏانهن پريت جو پيغام وڏايو هو، ان لاءِ مان وزير جا ٿورا مڃيا ۽ ملاقات کان پوءِ هُن معاملي تي ٻيهر ڳالهائڻ جو واعدو ڪيم. مون کي خيرپور وڃڻ لاءِ پالکي آندي وئي هئي. هتان کان خيرپور 14 ميل پري هئي. ٻئي ڏينهن اسان خيرپور هليا وياسين.

مان مير رستم سان ملاقات جو ذڪر اڳي ٻہ ڪڍي ڪري آيو آهيان، جيڪا ڏاڍي سٺي ماحول ۾ ٿي هئي. هن اسان جي آجيان ريشمي شامياني ۾ ڪئي. سون جي سڳي شان سينگاريل زربفت جي گدي تي ويهي اسان سان ملاقات ڪيائين. سندس چوڌاري خاندان جا چاليه ماڻهو ويٺل هئا. جيڪي سندس ڏاڏنگي هئا ۽ اڃا ٻہ زنده هئا. حيدرآباد کان ٻہ وڌيڪ هتي پنهنجي قوت جي نمائش ڪئي وئي هئي پر نظم و نسق ۾ خاموشيءَ ڏانهن ڌيان گهٽ ٿي ڏنائون. موقعي مطابق روايتي گفتگو جي ڏي وٺ ڪئي سين. مان هزهاءِ نيس جي خيالن جي هڪ جهڑائي ۽ مهمان نوازيءَ جو ٿورو مڃيو. مير رستم جي عمر پنجاه سال کن ٿيندي. سندس ڏاڙهي ۽ مٿو بلڪل اڇا ٿي وڃا آهن. سندس مُنهن جا خط ۽ خال، آداب ۽ اخلاق ڏاڍا ٻاجهارا هئا. هي ۽ سندس مائٽ اسان جون وردين ڏسي اچرج ۾ پئجي وڃا ۽ سندن چهرا اچرج کان گهٽو ڪجه ٻولي رهيا هئا.

مير رستم اسان کي شام جو اچڻ لاءِ گذارش ڪئي، چو تہ ان وقت گوڙ شور ڪونہ هوندو ۽ اسان هڪدم هائوڪار ڪئي. اٽڻ کان اڳ ۾ مان ڪيس پنهنجي واڇ، پستول جو پٽو، ڪالياس ڪوپ ۽ يورپ جون ٻيون ڪيتريون ئي شيون ڏنيون، تنهن تي هي ڏاڍو خوش ٿيو. ماڻهن جو ميڙ ڪو ايڏو وڏو هو جو انهن مان ٻاهر نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو، پر جيئن اسان ويجهو ايندا ٿي وياسون تيئن هو آواز ڏيندا ٿي ويا ۽ اسان کي آرام سان لنگهي وڃڻ جي جاءِ ملندي ٿي وئي. اسان جي ٽولين تي لڳل ڪنين تي ڏاڍو خوش ٿي رهيا هئا. "جهڙا ڪڙا!" اهڙي قسم جا ٻول اڇاري رهيا هئا. شاهي محلات کان 200 گز کن پري (جيڪڏهن مون کي، سنڌ جي اهڙين ڪچين جاين کي محلات سڏڻ جي اجازت ڏني وڃي) هٿيارٻند ماڻهن جي خاص گهٽي هئي، جن مان ٽيهن چالين کي هٿن ۾ ڪهاڙيون هيون، سندن واسطو ٻيلي ڪاتي سان هو يا شڪار لاءِ رکيل ڪي ماڻهو هئا.

شام جو ٻيهر مير صاحب جي ملاقات لاءِ آياسون. ڏٺوسون تہ هو ٽلهي تي وڇايل غاليچي مٿان ويٺو هو ۽ اڳي جيان سندس چوڌاري مٽ مائٽ ويٺا هئا. هو انگريز سرڪار جي عزت خاطر مون سان گهٽي وقت تائين مخاطب ٿيندو رهيو ۽ چيائين تہ توهان منهنجن جذبن بابت منهنجي وزير معرفت واقف ٿي چڪا هوندؤ. هُن اسان جي حيدرآباد واري مهماندار ڏانهن نهاريو، جيڪو منهنجي محسوسات ۽

مَعلومات مطابق وٽ آهر اسان جي ملاقات جي مخالفت ڪري رهيو هو ۽ بعد ۾ اسان گفتگو جي موضوع کي بدلائي ڇڏيو. امير اسان کان انگلينڊ متعلق گهٽا ئي سوال پڇيا ۽ اهو پڻ ٻڌايو ته "اسان بنيادي طور تي فوجي ذهنيت رکندڙ ڪونه هئاسون. صدي سوا اڳ اسان بنا ڪپڙن جي اگهاڙا گهمندا هئاسون ۽ پنهنجي جان کي مختلف رنگن سان رنگيندا هئاسين." اسان جي مذهب متعلق به هن گهٽو ڪجھ ڄاڻڻ ٿي چاهيو. جڏهن مان کيس ٻڌايو ته مان قرآن پڙهيو آهي ته هن بي انتها خوشي مان مون کي ڪلمو پاڪ پڙهڻ لاءِ چيو. هن چيو ته اسان جي عظمت انسان ذات جي سچاڻپ ڪري آهي ۽ ان ڪري به آهي جو پنهنجن ماڻهن سان گڏ ٻين ماڻهن جي ڏکن سکن ۾ شريڪ آهيون. هن منهنجي تلوار کي پڙکي ڏنو ۽ چيو ته هيءَ گهٽو ڪم ڪري ڪاڻ سگهندي. مان کيس جواب ۾ چيو ته هن هٿيار هلائڻ جي منهنجي عمر هاڻي گذري چڪي آهي. ڏٺم ته ڪجهريءَ ۾ گهٽن ماڻهن کان ٽڏو ساه ڪجي ويو. جيڪو ڪجھ هن امير چيو هو ان ۾ ڏاڍي نهٽائي نماڻائي هئي ۽ اعتبار ئي ڪونه پئي آيو ته مان ڪنهن بلوچ سردار جي دربار ۾ آهيان. هن گهڻي افسوس جو اظهار ٿي ڪيو ته اسان سائس مهينو ڪن ته گڏ گذاريون ها. اسان جيئن ته اڳتي سفر ڪرڻ جو پڪو پهه ڪري چڪا هئاسون. ان ڪري هن پنهنجي جهمڻي (ٻيڙي) ۽ پنهنجي وزير جو پٽ پنهنجي ملڪ جي سرحد تائين ڪڍي ڏنو ۽ هن جي چوڻ مطابق جيستائين اسان خيرپور جي سرحدن اندر هجڻون، هڪ بلوچ سپاهيءَ جي غريباڻي دعوت قبول ڪندا رهون. نياز ۽ نوڙت سان جنهن کي هن 'غريباڻي دعوت' پئي سڏيو، تنهن ۾ نوَ يا ڏهه ريڍون ۽ 150 ماڻهن جي روزانو ماني هئي.

جيڏو وقت خيرپور ۾ موجود هئاسون، ته 72 قسمن جا طعام به پيرا ڏهاڙي ايندا رهندا هئا. جن ۾ پلاءُ ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌي ڪاڌا شامل هئا. رڌپچاءُ به ڏاڍي ئاهوڪي نموني سان ٿيل هو. انهن مان کي ڪاڌا ته ڏاڍا ساءَ سواد وارا هئا. سپ ڪاڌا چانديءَ جي ٽانون ۾ ڏنا ويندا هئا. اسان جڏهن خيرپور ڇڏي ته دل ۾ ڏاڍو ڏک محسوس ٿيو. خيرپورين اسان جي ڏاڍي عزت ۽ مان رکيو. ڏاڍا محبتي مڙس هئا. سفر تي اسهڻ کان اڳ ۾، اسان کي مير صاحب جي خاندان طرفان به خنجر ميانڻ سميت ۽ به خوبصورت تلوارون مليون، جن مٿان سون جو ڏاڍو سهڻو ڪم ٿيل هو. هڪ تلوار جو قر ته 80 پائونڊن جيترو قيمتي هو. ان کان سواءِ سنڌ جا ڪيترائي پٽ مان ٽهيل ڪپڑا، هڪ هزار رپيا روڪ پڻ موڪليا ويا. جيڪي مون واپس موڪلائي ڇڏيا ۽ چورائي موڪليو ته مير صاحب جيڪي توهان اسان تي مهربانيون ڪيون آهن، سي اڳي ئي ڪافي آهن.

مسٽر ايلفن اسٽون پنهنجو رايو هن ريت ظاهر ڪيو آهي ته: "سنڌ جا سردار سخت قسم جا جهنگلي ماڻهو آهن." پر اها راءِ غلط آهي، منهنجي خيال ۾ هو

جهنگلي نہ آهن . هو سچا ۽ کرا آهن" منجهن بچاڙائي ڪاڻ آهي. خيرپور جي مير بہ اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ هو بهترين انسان آهن. پر حقيقت اها آهي تہ هتان جا سردار فقط پنهنجي ذات واسطي زنده رهندا آهن. پاڻ وڏا شاهوڪار آهن، پر سندن غريب رعيت ڏاڍين برن حالن ۾ پئي گذاريندي آهي. اسلام سان پنهنجو لاڳاپو ڏاڍو جذباتي ڏيکاريندا آهن پر حالت اها آهي تہ سندن حڪمرانيءَ جي حدن ۾ ڪابہ ٻاهوڪي مسجد ٻهيل ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي. حيدرآباد جو شهر تہ ٽڪريءَ تي ٻهيل آهي، پر نماز ڪچين مسجدن ۾ پڙهي ويندي آهي. گهرو اڏاوڻن ۾ بہ ڪنهن شان شوڪت، عيش ۽ آرام جو خيال ڪونہ رکيو ويندو آهي، خاص طور تي بلوچ جهنگلي نسل سان واسطو رکن ٿا، پر بهادر ضرور آهن. اهي هالجتيءَ کان وٺي هٿيارن واري ماحول ۾ پلجي وڏا ٿيندا آهن .

مان ڪن سردارن جا پٽ ڏٺا آهن، سندن عمر چار يا پنج سال مس هوندي آهي، پر ننڍي تلوار ۽ ڍال ڪلهي ۾ پائي وڏي شان ۽ آڪڙ سان پيا هيڏي هوڏي گهمندا آهن. سندن پيءُ ماءُ کين هالجتيءَ کان ئي جنگ ڪرڻ جا خيال دل ۾ وجهندا آهن. سندن نسل بنسبت هن قبيلي جا ماڻهو تمام ٿورا آهن. پرامن برادرين وارا ماڻهو پنهنجن هنن حڪمرانن جي ڏاڍائي واري روش سبب ڪائنڊ نفرت ڪندا آهن. ائين ڪٽي بہ ڪونہ ڏٺو ويو آهي جو پنهنجي حڪمران مان سيئي قبيلا تنگ هجن. پر سڀ ۾ سيئي ماڻهو ٽالپرن مان بيزار آهن. ڪوبہ ماڻهو هتي پنهنجن اهڙن خيالن کي لڪائڻ جي بہ ڪوشش ڪونہ ٿو ڪري. اسان تہ کين ائين چوندي بہ ٻڌو آهي تہ اسان/ هنن هيڙين جي قافلي وارا ماڻهو فتح جا نقيب آهيون ۽ فاتح جو هراول دستو آهيون.

سڀ جي هنن اميرن مٿان سندن غلام پهرو ڏيندا آهن ۽ هو هر خوف خطري کان محفوظ رهندا آهن. انهن پهريدار ماڻهن کي هتان جا ماڻهو خاصخيلي ڪري سڏيندا آهن ۽ اميرن جو مٿن وڏو ويساه هوندو آهي. اهي بہ امير سان گڏ سندن اقتدار ۾ پاڳي پائيوار هوندا آهن. هي موروثي غلامن جو هڪ خاص طبقو آهي. شاديون مرادیون بہ پنهنجي هن خاص طبقي کان باهر ڪونہ ڪندا آهن.

اسان 19 تاريخ صبح جو بکر روانا ٿياسين. خيرپور ۽ بکر جي وچ تي 15 ميلن جو پنڌ آهي. بکر جو قلعو سنڌوءَ جي ٻيٽ اندر هڪ ٽڪري تي ٺاهيل آهي. هڪ طرف کان روهڙي ۽ ٻئي پاسي کان سکر جو شهر اٿس. اسان کي اهڙي اميد ۽ آسرو ڪونہ هو تہ خيرپور جو امير اسان کي هن عجيب غريب قلعي ڏسڻ جي اجازت ڏيندو. مان بہ هن قلعي ڏسڻ واريءَ گاله تي زور ڪونہ ڏنو. چاڪاڻ تہ اسان جي اهڙي گذارش قبول ٿيڻ بہ اڻ ٿيڻي گاله هئي، پر قلعي جي پرسان لنگهندي کيس جاچي ورتوسين، درياه مان اندران ۽ ڪناري تان بہ سندس چڱيءَ طرح مشاهدو ۽ مطالعو ڪري ورتوسين. ٻيٽ جي شڪل بيضوي آهي. ماپ 800

گز اٽس. سجو سارو هيڻ قلعي اندر واالاريل آهي. بناوت ۾ هندستاني هجڻ کان وڌيڪ يورپي معلوم ٿئي ٿو. سنڌوءَ جي ڪناري مٿان سندس ڏيک ڏاڍو دلفريب آهي. سندس برج بگهن وڻن سان ڍڪيا پيا آهن. ڪجهن جي اتاهن ۾ بگهن وڻ جا ڦرها قلعي جي پٽين ۾ مسجد تي لڙکي ٻيٽا آهن. هن قلعي جي پرپاسي ۾ هيا بہ ڪيترائي هيڻ موجود آهن. انهن مان هڪ تي مسلمانن جي پير خواجہ خضر جي مزار ٽاهيل آهي. سندس قبو بہ هن سهڻي ڏيک ۾ پنهنجو رنگ لايون ٻيٺو آهي. سنڌو بکر قلعي جي هنهي طرفن کان وهي ٿي ۽ هر پاسي جي ماپ اٽڪل 400 گز آهي. سنڌوءَ جون مست ڇوليون بکر جي هن ٽڪريءَ سان ٽڪرائيندیون رهنديون آهن. بکر جا مهاڻا پنهنجي ليکي ڏاڍا سڃاڻ سکاڻي ۽ دنيءَ دنگي- وان آهن. پوءِ بہ ڇاڙهہ واريءَ رت ۾ سنڌوءَ جي هن پاڳي ۾ هيڻيون هاڪاڻ ڏاڍو پوائتو ۽ جوکائتو هوندو آهي. روهڙيءَ جو شهر، بکر قلعي جي سامهون هڪ ايڪپريءَ ٽڪريءَ تي اڏيل آهي. ان ٽڪريءَ جي اوچائي 40 فوٽ ڪن ٽيندي. ٽڪريءَ مٿان ٽاهيل گهر ڇڻ سنڌوءَ مٿان ڳارو ڏئي ٻيٺل نظر ايندا آهن. هن گهرن ۾ رهندڙ ماڻهو پنهنجي گهرن جي درين مان ئي درياه جو پاڻي پري سگهندا آهن، ۽ پوءِ بہ ٽڪريءَ کي ڪاٽي رستو ٽاهي ڪنهن خوف خطري کان سواءِ وڃي پاڻي پري ايندا آهن. سنڌوءَ جو سکر وارو ڪنارو روهڙيءَ واري ڪناري جيان ايڪپرو ڪونہ آهي. بکر ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جو وار مبارڪ(1) جيڪو سوني دهليءَ ۾ رکيل آهي. مسلمانن ان جي زيارت لاءِ هتي ايندا آهن. جيتوٿيڪ هتان جا سيئي رهواسي هندو آهن.

بکر پهتاسون تہ شام جو سنڌوءَ جي ڪناري تي خيرپور جي مير رستم جي وزير سان اوچتو ملاقات ٿي وئي. ڪيس اسان جي سفر جي رهنمائي لاءِ مير صاحب موڪليو هو. ڪيس هيڻين جو بہ بندوبست ڪرڻ هو. سندس گذارش تي ساڻس اڪيلائيءَ ۾ ملاقات ڪيم تہ هو مير صاحب سان ڪيل پهرين گفتگو واري موضوع تي گهٽو زور ڏئي رهيو هو ۽ چئي رهيو هو تہ ڪيس مير صاحب انگريز سرڪار سان دوستيءَ جي پڪي عهدنامي ڪرڻ لاءِ رٽ ڏني آهي. پر هنهي ملڪن ۾ شرط، پروڙن ملڪن جهڙوڪ دائوديوٽن، جيسلمير جي راول، بيڪانير جي راجا سان ڪيل شرطن جهڙا هجڻ گهرجن. آخر ۾ هن انهيءَ ڳالهہ تي گهٽو زور ڏنو تہ علم نجوم جي ماهرن اڳڪٿي ڪئي آهي ۽ ڪتابن ۾ بہ لکيل آهي تہ سڄي هندستان تي انگريزن جي حڪومت قائم ٿيندي. جڏهن اها اڳڪٿي مير رستم يا هن وزير جي قول مطابق اوس پوري ٿيٽي آهي تہ انگريز تہ اهو پڇندا تہ مير رستم چو نہ اڳيرو اچي سندن تابعداري قبول ڪئي. مون سندس دل مان اهڙي اڳڪٿيءَ

---

(1) اهو وار مبارڪ بکر ۾ نہ بلڪ روهڙيءَ ۾ آهي ۽ ذوالحج ۽ هر جمعي تي سندس زيارت ڪرائي ويندي آهي. (سنڌيڪار)

جي اثر کي ڪيڻ جي گهٽي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نه ويس. ڪيس آهو به هڊايم ته مان هن ملڪن جي وچ ۾ ڪنهن عهدنامي ڪرڻ لاءِ بااختيار آفيسر ڪونه آهيان، پر جيڪڏهن مير صاحب پنهنجيءَ مُهر سان اهڙو عهدنامو لکندو ته پوءِ ائين ڪيو ويندو. مون ڪيس اهو به هڊايو ته سندس حڪومت جون خواهشون پنهنجيءَ حڪومت کي هڊائيندس ۽ اسان جي سرڪار اهو هڊي. ڊاڍو خوش ٿيندي ته ڪيس اهڙا به دوست آهن، جيڪي سندس سفارتڪارن جي دلجوئي ڪن ٿا. هن مون کي گذارش ڪئي ته جيڪي ڪجھ گذري چڪو آهي، ان کي دل ۾ چگيءَ ريت ياد رکان ۽ مون کان پڪو واعدو ورتائين ته آءٌ اتي پهچي ضرور خط لکندس ۽ دوستيءَ جو ناتو نيائيندس ته مقصد جو موتي حاصل ٿي ويندو. ڇاڪاڻ ته "آسمان ۽ ستارا انگريزن جي ياڳ ۽ بخت جو اعلان ڪري رهيا آهن."

اهو اڳڪٿي وارو ڪو اڪيلو اتفاق ڪونه هو جيڪو بکر ۾ اسان کي هڊايو ويو، پر وڏي پچنديءَ واري هڪ افغان نواب، جنهن کي هرات جي مرحوم شاه محمد هندستان جي گورنر جنرل ڏانهن موڪليو هو، تنهن به اهڙي اڳڪٿي ڪئي هئي. هن وقت افغانستان جي جهيڙي ۽ ٽڪراءَ ٽيڻ ڪري ڪيس عام رستي کان روڪيو ويو آهي، سندس ۽ مڪران واري رستو ڏيو پنهنجي وطن ڏانهن وڃي رهيو هو. هيءُ پٺاڻ واه جو پلو ماڻهو هو. سندس ڏاڙهي چيلھ تائين ٻگهي هئي. ڪلڪتي شهر جي ڏاڍي تعريف ڪندو هو. رسمن رواجن ۾ اسان جي پيروي ڪندو هو. انگريزي زين تي ويهي گهوڙيسواري ڪندو هو.

هڪ ڏينهن اوچتو مون کي چيائين ته اها زين سوئر جي کل مان ٺهيل آهي. ان حقيقت کي قبول ڪرائڻ لاءِ اها زين مون وٽ کڻي آيو. ڇاڪاڻ ته هو کا اهڙي شيءِ جيڪا سوئر جي کل مان ٺهيل هجي، سا پنهنجي ملڪ کڻي وڃڻ جي جرئت ڪري ڪونه ٿي سگهيو ۽ نه وري ناپاڪ هجڻ ڪري ٻيهر ان کي استعمال ڪري ٿي سگهيو. مان زين جيَ استعمال ڪرڻ کان کيس ادب ۽ احترام سان منع ڪئي ۽ ان ڳالھ جي هاڪار ڪيم ته زين برابر سوئر جي کلّ مان ٺهيل آهي ۽ ساڻس افسوس جو اظهار به ڪيم، پر سندس دل ته اهو چاهيندي هئي ته جيڪر هو انسان جي ملڪ جون ٺاهيل شيون استعمال ڪندو رهي. ڏُکڻهاريءَ دل سان کيس چيم ته هو اها زين پنهنجي ملڪ کڻي وڃي ڪونه ٿو سگهي. موڪلائڻ کان اڳ ۾ هن مون کي گذارش ڪئي ته آءٌ کيس ڏندن صاف ڪرڻ واري انگريزي برش ڏيان. جيڪو مان کيس خوشيءَ سان ڏنو، پر مون کيس اهو هڊائڻ ضروري ڪونه سمجهيو ته ناپاڪ جانور جي کل مان ٺهيل هني تي سواري ڪرڻ بدران هاڻي هو ان جي وارن مان ٺاهيل برش سان وات صاف ڪندو. تحفي ملڻ جي خوشيءَ ۾ ڊاڍو سرهو هو. جنهن جي عيوض هن مون کي پنهنجي پالکيءَ جي به آڇ ڪئي.

مون کي افسوس هو جو آءٌ هن افغان سردار واسطي ڏکَ ۽ تڪليف جو باعث

بٹيو هوس. انگريزي زبان ۾ سڏڻ جي ڪُل جي استعمال متعلق جاڻ ڪيس سنڌ جي مهماندار تقي شاه ڏني هئي ۽ هن کي چنڊ به ڪيي هئائين، گارگند به ڪئي هئائينس. تقي شاه سيد هو. اسلام جي اصولن جو سختيءَ سان پابند هو. هن جهڙو ڪٽر مسلمان، مون ڪٽي به ڪونہ ڏٺو. سيد مير اسماعيل شاه جو پٽ هو. اخلاق ۽ آداب جو صاحب هو. طبيعت جو ڏاڍو حليم هو. مان ائين سمجهندو هوس تہ جڏ سڏو دوست وڃائي ڇڏيو اٿم. هن اسان کي سکر ۾ ڇڏي پاءُ جي غيرحاضريءَ سبب شڪارپور جي علائقي جي گورنريءَ جي وڃي چارج سنبالي. هن شخص جي اصلي ڪردار کي مسلمانن تعصب ڪري بگيڙي پيش ڪيو آهي. طبيعت جو ڪجه وهمي به هو. مذهب ۾ ڪنهن حد تائين شڪ شبهي جو شڪار هو. دنيا جي ڪن معاملن تي ڏاڍي سيني سان سوچي به سگهندو هو. معجزن ۽ ڪرامتن کي وڏي اهميت ڏيندو هو. هن مون کي ڳالهين ڪندي هڪ قصو ٻڌايو هو تہ "جڏهن يزيد جي لشڪر امام حسين رضہ کي شهيد ڪري ڇڏيو تہ هڪ عيسائي کين طعنا مهٽا ڏيندي چيو هو تہ هن پنهنجي پيغمبرﷺ جي اولاد کي بنا ڪنهن قصور جي شهيد ڪري ڇڏيو آهي. اهو ٻڌي هڪ ماڻهوءَ مٿس حملو ڪيو. ان عيسائيءَ چا ڪيو جو حضرت امام حسين رضہ جو سر ڪٽي پنهنجي سيني سان لاتو ۽ ڪلمون پڙهي ڇڏيائين: لا الٰہ الا اللّٰہ محمد رسول اللّٰہ. اهو ڏسي منافق مسلمان ماٺ ٿي ويو."

بکر ۾ ترسي اروڙ جا ڪنڊر به ڏٺم. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ دلوراءِ جي زماني ۾ هڪ طاقتور حڪومت جو دارالسلطنت هو. سندس ماڳن جي اوسي پاسي سکر، بکر ۽ روهڙيءَ جا شهر آباد ٿيا. ان زماني ۾ سنڌ هڪ وسيع علائقي تي پکڙيل هئي. اتر ۾ ڪشمير ۽ قندار اوير ۾ قنوج ۽ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ هوس. حڪومت ڇڻ صوبن ۾ ورهايل هئي. ڪائياواڙ جو ديوبندر سندس ساموندي بندرن ۾ شمار ٿيندو هو. ستين عيسوي صديءَ ۾ هي ملڪ عربن فتح ڪيو.(1) فارسيءَ جي هڪ قلمي نسخي مطابق بغداد(2) جي خليفي جو سپہ سالار محمد بن قاسم خليفي جي محل سراءِ واسطي خوبصورت چوڪرين جي ڳولا لاءِ آڇي سنڌ ۾ پهتو.

اروڙ جي تاريخ جو گهڻو حصو هڪ فارسي تاريخ 'چچ نامي' مان ملي ويندو. جنهن کي صحيح ۽ مستند سمجهيو وڃي ٿو ۽ منجهس اروڙ جي برهمڻ راجا ڏاهر پٽ ڇچ جي لاءِ ۾ ڪي تاريخي ڳالهيون درج ٿيل آهن. اروڙ جا ڪنڊر بکر ڪان چار ميل اوير- ڏکڻ طرف هڪ ٽڪرائتي علائقي ۾ موجود آهن. ان جاءِ تي اڄ ڪله هڪ ننڍڙو ڳوٺ آباد آهي، جنهن ۾ ڪي زبون حال مزارون موجود آهن. پڪين

---

(1) اهو واقعو ائينءَ صديءَ جي شروع ۾ ٿيو. (سنڌيڪار)

(2) سنڌ جي فتح وقت اسلامي گاديءَ جو هنڌ شام جي دمشق شهر ۾ هو.

سرن سان ڇوڙيل تن ونگن سان هڪ ننڍي پل آهي، جنهن کي اروڙ جو بند سڏيندا آهن. هن مشهور دارالسلطنت جي عظمت جي نشاني طور فقط اها ننڍڙي پل رهجي وئي آهي. اها سندوءَ جي ڪنهن واهڙ تي آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ سنڌ جي ويرانن ۾ بيابانن کي آباد ڪري عمرڪوٽ کان ٺيندڙ لکپت پرسان وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. وڏيءَ اٽل واري موسم ۾ هوڏ جو پاڻي ساڪيا ڪُنَ ۾ گس وئي پيو وهندو آهي.

جنگ جنهن ۾ اروڙ پنهنجو نانءُ نشان وڃايو ۽ راجا دلوراءِ(1) پنهنجي حياتي گنوائي، تنهن جي بيانن ۽ احوالن ۾ اهڙا اهجاڻ موجود آهن، جنهن مان اسان ان دور جي ڪردار جو اندازو ڪري سگهون ٿا. حوالا هن ريت آهن ته برهمڻ هاڻين جي قطار وئي ٻاهر نڪتو. هڪ هاڻيءَ تي هو پاڻ ڏيئو هو. ٻه خوبصورت ڇوڪريون ساڻس گڏ هاڻيءَ تي ويٺل هيون. هڪ ڪيس شراب جو جام ڏئي رهي هئي، ته ٻي پنهنجي نازڪ ۽ خوبصورت هٿن سان ڪيس پان جو ٻيڙو ٺاهي سندس وات ۾ وجهي رهي هئي. مسلمان اهڙن جانورن جو مقابلو ڪري ڪونہ سگهيا. جنگ جي ميدان مان موٽي آچي ڪنهن ٻاڙ واري شيءِ جو بندوبست ڪيائون. پنهنجي نالين کي نفت سان ٻري هاڻين ڏانهن اڇلائڻ لڳا، جن مان ٻرندڙ باه جا شعلا وڃي هاڻين کي ٿي لڳا. هاڻين باه جي شعلن کان بچي وئي جنگ جي ميدان مان پاڻ کاڏي.(2) راجا ان پاڻ ۾ هاڻيءَ تان ڪڏي پيو. سندس چنڊ کان وڌيڪ سهڻيون ٻہ ڏيئر محل سراءِ جي موتين طور، بغداد جي خليفي ڏانهن موڪليون ويون. هن ڇوڪرين جو قصو بيان ڪرڻ جي لائق آهي. بغداد ۾ پهچڻ تي هن خليفي کي ٻڌايو ته فتح جي خوشيءَ ۾ محمد بن قاسم کين خليفي جي لائق نہ ڇڏيو آهي. اهو ٻڌي خليفي محمد بن قاسم جي موت جو حڪم صادر ڪري ڇڏيو.(3) هڪ معصوم مسلمان جرنل کي ڏڳي جي کل ۾ سبي سنڌ کان عربستان روانو ڪيو ويو. جڏهن سندس هڏا محلات ۾ آندا ويا ته ڏاهر ٻڌ ڇڇ جي ڏيئرن اهو قبول ڪيو ته اهو سارو بهتان ۽ ڪوڙ هو ۽ اهي مرڻ لاءِ تيار آهن ۽ انهن پنهنجي پيءُ جي خون جو بدلو وئي چڏيو. پوءِ کين بغداد جي گهٽين ۾ گهلي مارايو ويو.

. اسان برهمڻن جي دور وآري اروڙ جي شان شوڪت جو قصو اهوئي بيان

---

(1) اهو راجا دلوراءِ لاءِ نہ پر راجا ڏاهر لاءِ چيو ويندو آهي. (سنڌيڪار)

(2) It world appear from this that they smoked in that age: It must have been bang or hemp, since tobacco was untill the discovery of America. knoon

(3) تاريخي طور اهو قصو شڪ ۽ شبهي جو شڪار آهي. خليفي سليمان بن عبدالمالڪ خلافت تي ويهڻ سان خليفي وليد جي وفادارن سان انتقامي ڪارروايون ڪرايون هيون، محمد بن قاسم بہ انهن مان هڪ هو. (سنڌيڪار)

ڪيو آهي، جيڪو ستين صدي عيسويءَ ۾ هو. تاريخ ۾ ان بادشاهت کي مسيڪئنس (Musicanus) جي بادشاهت جي حوالي سان به سڃاتو وڃي ٿو. سڪندر به ڏٺو هو ته اتان جو راجا برهمڻ هو. سندس علائقو سڄي هندستان ۾ سائو ستابو ۽ خوشحال هو.

هن علائقي کي خوبصورت ۽ فرحت بخش ڏسي فاتح سڪندر هتي هڪ قلعو به تعميرُ ڪرايو هو. سندس مقصد پر وارن علائقن تي ڪڙي نظر رکڻ هو. هڪ هزار سال کن پوءِ محمد بن قاسم برهمڻن کي شڪست ڏني هئي، جن جي ابن ڏاڏن ڪنهن زماني ۾ سڪندر مقدوني خلاف بغاوت جي باه ٻاري ڇڏي هئي. هن علائقي جي موجوده خوشحالي قديم دور جي خوشحاليءَ جي تصديق ڪري ٿي. بکر پراڻو منصورهُ آهي.(1) هن کي ساڳي وقت مينگر به سمجهيو وڃي ٿو.(2) منهنجي خيال ۾ اهو غلط آهي. آرين (Arrian) ثاني پنهنجي پيري پلس جي بيان ۾ چوي ٿو ته "هي سنڌ جو وڏو شهر هو. جنهن جي بند تي سنڌوءَ جي وچين وهڪري تي قائم هڪ شهر باربريڪا کان ايندڙ سامان اچي لهندو هو." اهو ڏٺو وائڙو اسان کان وسري چڪو آهي ته مينگر (Minagur) اڄ ڪلهه وارو ٺٽو آهي. هيءَ هڪ واحد ثابتي ۽ وزنيٰ حقيقت به آهي. ڪڇ جا جاڙيجا راجپوت پنهنجو شجرو ٺٽي سان ملائن ٿا. ٺٽي کي قديم زماني ۾ سامينگر جي ٽالي سان سڏيو ويندو هو، جنهن ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي ڪابه گنجائش ڪانه آهي. مينگر، سامينگر جو اختصار آهي. مان ٺٽي ۽ مينگر کي بلڪل هڪ شهر سمجهان ٿو ۽ پيري پلس جو مصنف پٽالا جو ذڪر ڪونه ٿو ڪري. ريچل (Reechle) معرفت اسان باربريڪا جي بندر کان واقف ٿيون ٿا. سڪندر جا مؤرخ اسان کي مسيڪئنس جي ملڪ جون سرحدون ڪونه ٿا ٻڌائين، پر ملڪ جي بادشاهن جي سڌ ڏين ٿا. سنڌو درياه جي سامهون لاڙڪاڻي واري علائقي کي اسان آڪسيڪئنس (Oxy Canus) جي خطي طور سڃاڻون ٿا، جيڪو پنهنجي سکر سٽائيءَ خوشحاليءَ سبب مشهور هو. جتان سڪندر پنهنجو هڪ طاقتور لشکر آرچوتي (Archoti) ۽ درانگي (Drangi) جي رستي ڪارمينا ۽ ڪرمان ڏانهن موڪليو هو. اوله ڏانڻهن ويندڙ اهو مشهور رستو لاڙڪاڻي وٽان به واڻي جي صورت اختيار ڪندو هو ۽ جبلن مان بولان وارو لڪ لنگهي قلات ويندو هو ۽ اتان کان پوءِ ڪرمان ويندو هو. سنڌ جي موجوده رهواسين کي سڪندر مقدونيءَ جي حملي ۽ فتح جي ڪابه معلومات ڪانه آهي. جو مهذب قومن جي ماٿهن کان پڇا ڪرڻ تي ان متعلق ڪا امڪاني مدد ملي سگهي.

---

(1)منصوره جا کنڊر ضلعي سانگهڙ ۾ موجود آهن. (سنڌيڪار)
(2) مينگر، سمينانگر ساموئي کي سڏيو ويندو هو. (سنڌيڪار)

بهاول خان جو ملک

21 مئي تي اسان بکر مان سڙهه سنباهيا. اڳين ٻيڙين بدران اسان کي زُروڪ نالي ٻيون ٻيڙيون استعمال لاءِ ڏنيون ويون. لاڙ سنڌ ۾ اهڙيون ٻيڙيون استعمال ۾ ڪونه ايندينءَ آهن. شڪل صورت ذري گهڻ چوڪنُبي ۽ اڳل ۽ پاڇلي گولائتي اٿن. ڏالهيءَ جي ڪاڻ مان جوڙيون ويندينءَ آهن. ميخن بدران لوهه جا ٽڪرا استعمال ڪيا ويندا آهن. هلائڻ ۾ ڏاڍي سولي ۽ سهڻي ٽئي ٿي. ڪن ٻيڙين ۾ ڏيگهه 80 فوٽن ڪان ٻ وڌيڪ هوندي آهي ۽ ويڪر 20 فوٽ ڪن هوندي اٿن: سندن ترو تراڪڙو ٽئي، ۽ ٻوندي ٻيڙيءَ ڪان وڌيڪ سولائي سان پاڻيءَ تان ترڪندينءَ ويندينءَ آهن. ڪين ڪوهر فقط هڪ ٽئي ٿو. سڪندر جن ٻيڙين رستي پنهنجي لشکر سان گڏ سفر پئي ڪيو، تن جون وصفون اهڙيون بيان ڪيل آهن، جو پائنجي ٿو ته اهي 'زروڪ' قسم جون ٻيڙيون هيون، جن کي لشکر جي آمد ورفت لاءِ بهتر نموني استعمال ڪري سگهجي ٿو. آرين ان کي 'گول قسم جي ٻيڙي سڏي ٿو، ۽ چوي ٿو ته جڏهن جهلم درياه مان چناب ۾ پهتيون ته ڪين ڪوبه جوکو ڪونه رسيو. پر وڏيون ٻيڙيون پَڇي ڪنا ٽي ويون. سندن بَناوٽ، جهلم ۽ چناب جي پاڻيءَ جي سنگم وقت ٻيڙينَ جي حادثن کي نظر ۾ رکي تيار ڪئي وئي هئي.

سنڌوءَ جي ڪنارن سان بيندل ماڻهن جي اسان جي باري ۾ ڇڇ تمام گهڻي هئيَ. ماڻهن جيَ ميڙ مان هڪ ماڻهو، ٻيڙي جهلي اسان کي ٻاهر اڇڻ لاءِ گذارش ڪئي. چاڪاڻ ته هتان جي ماڻهن ڪڏهن سفيد چمڙيءَ وارا يورپي ماڻهو ڪونه ڏٺا هئا، اهوَ حال ڏسي اسان کيَ ٻاهر اڇڻ پيو. ماڻهن جي ميڙاکي اسان جو ڏاڏو آدرياءُ ڪيو. اهو ماڻهو ميڙاکي جو جڻ نمائندو ٽي معلوم ٿيو. تنهن اسان کي چيو ته هُن ڪابل جو بادشاه شاه شجاع ڏٺو آهي، پر ڪو انگريز ڪونه ڏٺو آهي. مان سندس ٿورا مَڇيا، ٻيڙيءَ مان ٻاهر اڇي ظاهر ٽي ٻيهڻ تي ماڻهن 'بسم الله' چئي اسان جي مرحبا ڪئي.

جتان لنگهندا هئاسون ته ماڻهو اسان کي بادشاه يا شهزادا سمجهندي اسان جي آجيان ڪندا هئا. هن معاملي ۾ عورتون پنهنجي مردن کان به اڳرين هيون.

قيمتي پٽرن جي ٻُڌن سان وڌا پنڙا سندن ڪنن ۾ پاتل هئا. اهڙن پٽرن جي خراسان جي پرپاسي جي تمام گهٽ قيمت هوندي آهي. عورتن ۾ سيدياٽيون يا بيبيون به هيون، جيڪي برقعن ۾ ويڙهيل هيون ۽ اکين وٽ ڏسڻ لاءِ برقعي ۾ ٽوري جاري لڳل هئي. هي سڀ پينو هيون ۽ وڏي آواز سان پنڊ لاءِ واڪا ڪري رهيون هيون. انهن مان هڪ ٽولي (اهي گهٽو ڪري ٽولين ۾ نڪرنديون آهن.) جڏهن ڏٺو ته مان سندس ڪوبه سوال پورو ڪري ڪونه ٿو سگهان ته هن لال شهباز قلندر جي مزار تان ملهل هڪ ڪاغذ ڏيکاريو ته آءٌ کين جلديءَ ۾ ڪا خيرات ڏئي روانو ڪريان. عيسائين جي پادري ينڊ ڪجه صديون اڳ سنڌوءَ رستي سفر ڪيو هو، سو به اهڙين دوکيبازين جو ذڪر ڪري ٿو، جن کيس آزاريو هو. موجوده دور ۾ هر جاءِ تي ملندڙ ڀائٽين عورتن جي ڪپڙن مان سنڌ جي خوشحاليءَ جو پتو پئجي ويندو. سندن عشقيه راڳ، ٻڌڻ، هتان جي رهاڪن جي هڪڙي وندر آهي. اهي راڳي عورتون ڏاڍي خوبصورت نسل سان تعلق رکن ٿيون. سندن راڳ جي ادائگيءَ ۾ هڪ والهانه جذبو موجود هوندو آهي، جنهن جي هندستان جي ٻين راڳي عورتن کي ڪا خبر ئي ڪانه هوندي.

بکر کان ٽٽن ڏينهن جي هاڪاڙ کان پوءِ اسان کي ڪچي ڪنڊاوا جا جبل ڏسڻ ۾ آيا. اهي سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري تي ۽ اٽڪل هڪ سو ميل پري هئا. جبل جي وڏي چوٽي 'جندراري' جي نالي سان مشهور آهي. هتي اسان اهڙي علائقي ۾ داخل ٿياسون، جنهن ۾ گهٽائي بلوچن جي هئي، جن جو اصلي ڏندو لٽڻ ڦرڻ ۽ ڏاڙا هڻڻ آهي. پر خيرپور جي ميرن جي وڏندڙ طاقت سبب سندن زور گهٽجي ويو آهي. هن اسان جي ڪاب روڪ رندڪ ۽ مخالفت ڪانه ڪئي ۽ دوستن وانگي اسان سان ملندا جلندا رهيا. سندن ملڻ جو طريقو جيڪو بلوچن ۾ عام هوندو آهي، سو به خاص قسم جو آهي. ويجهي پهچڻ تي آيل ماڻهوءَ جو هٿ جهليندا ۽ ساڄي ڪلهي سان ڇاتيءَ جي ساڄي پاسي کي ڇهندا ۽ ڪاهو ڪلهو ڇاتيءَ جي ڪاهي پاسي سان هٽندا ۽ پليڪار به چوندا ويندا ۽ اڌ ڏنن ڪن هيٺين لفظن جو ورجاءُ ڪندا:

" خوش آهين؟"

"سڀ خير آهي؟"

"ٻار ٻچا خوش آهن"

"مال منهن گهوڙا ٻهيڙا ٺيڪ آهن؟".

"پلي آئين جي آئين نڇ آئين."

ٽورن ڏينهن جي سفر کان پوءِ اسان انهن بلوچن جي پهچ کان پري سنڌ جي حڪومت کان ڏور نڪري وياسون. سبزل ڪوٽ کان 30 ميل اتر طرف اسان لنگر هنيا. هي ماڳ دائودپوٽن جي خان ۽ سنڌ جي امير جي دنگ تي هڪ شهر هو ۽

اسان 26 تاريخ شام جو هن شهر ۾ پهتاسين. اسان ڏاڍو تکڙو سفر ڪيو هو. سبب اهو هو ته واءُ سٽائو هو. اسان سنڌوءَ جي وڏيءَ وهڪري جي لهرين ۾ لوڏن کان بچڻ واسطي واهڙن رستي سفر ڪيو هو. سمجهيوسين پئي. ته هيڏين واه جو تکو سفر ڪيو هو. ڇاڪاڻ ته اسان درياه رستي ڇهن ڏينهن اندر 120 ميل اوپارو سفر ڪيو هو. هتي خيرپور جي مير ۽ مير مراد عليءَ جي فرزند مير صوبدار اسان کي الوداعي دعوت ڪئي، جنهن سڄي سفر دوران اسان سان ڏاڍو هاجهارو ورتاءُ ڪيو هو. مزيدار دعوت کائڻ پيئڻ کان پوءِ هيڏين ۾ ماڻهن جا ميڙاکا ٿي ويا. پوءِ مان ويهي هنهي امين ۽ سندن وزيرن ڏانهن خط پٽ لکيا ۽ ڪيترن هين ماڻهن ڏانهن خطن جا جواب موڪليا. ڇاڪاڻ ته ملڪ جي امين نوابن مون کي جڏ اڇي سوڙهو گهٽيو هو ۽ هڪ هڪ ڏينهن ڇه ڇه خط ملندا هئا. اهي سيئي خط اصطلاحن ۽ استعارن سان پريا پيا هوندا هئا. صحت ۽ حفاظت جو گهٽو پڇندا هئا. دوستيءَ واسطي عاميانه قسم جا محاورا پيا استعمال ڪندا هئا ۽ دوستي جا فائدا ۽ هڏائيندا هئا ۽ آخر ۾ اهوَ ۽ چوندا هئا ته خط اڌ ملاقات برابر آهي. خط و ڪتابت جي آدابن ۾ يورپ ۽ ايشيا ۾ ڪو خاص فرق نه آهي. مشرق جا حاڪم خط جو مضمون پنهنجي مير منشي کي سمجهائيندا آهن. ڪين اهو هڏائيندا آهن ته خط دوستاڻي واڌاين وارو يا ڪنهن ٻئي موضوع سان لاڳاپيل لکڻو آهي. اهو مير منشي لکندو آهي، جنهن تي حاڪم جي فقط مهر هنئي ويندي آهي. ڪڏهن ته مهر بنا پڙهڻ ۽ سوچڻ کان سواءِ ۽ هنئي ويندي آهي.

جيڪڏهن مُهر پڙهڻ جهڙي ڪاته هوندي آهي ته ماڻهو پنهنجي خط موڪلڻ واري ماڻهوءَ جي نالي ڳولڻ جي ڪوشش ئي ڪونہ ڪندو آهي. ڇاڪاڻ ته بنا مهر خط تي پنهنجو نالو لکڻ پسند ڪونہ ڪندو آهي. مان پنهنجي خط ۾ خيرپور جي حڪمران کي لکيو هو ته سندس دوستي ۽ مهربانين سبب اسان بنا ڪنهن حادثي جي اوپارو سفر ڏاڍي سٹيءَ رفتار سان ڪندا رهياسون. مان اهو يقيني طور سمجهان ٿو ته حيدرآباد جي مير جي دانائيءَ ڪري اسان هتي امن سان پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون. اهو هڏائڻ لازمي ٿيندو ته سندو سمنڊ کان وٺي جهازراڻيءَ جي لائق درياه آهي ۽ هر جاءِ تي اجهاڳ پاڻي موجود هو. مون سنڌ ڇڏي مگر مون تي ڪو سٹو اثر ڪونہ ويٺو. پوءِ اهو اخلاق جي نطقئ نگاه کان هجي يا پاليسيءَ جي لحاظ کان. پر هڪڙي ڳاله اها به آهي ته اسان هتان جي ماڻهوءَ کي يورپ جي معيار مطابق چو پرکيون. ڪيترا سبب ڏٺي اسان کي سنڌوءَ رستي پنهنجي پسند جو رستو وٺي سفر ڪرڻ ڏنو ويو هو. مان خيرپور وارن دوستن کي ڏاڍي ڏکيءَ دل سان ڇڏيو. ڏاڍا قربدار ۽ محبتي مڙس هئا. خيرپور سان لاڳاپيل هيڏائتن منهنجي طرفان انعام وڏيءَ ريڙهه پيڙهه ڪان پوءِ قبول ڪيو. منهنجي مهماندار مون کي هڏايو ته مٿاڻ کي ڪجهہ به وٺڻ کان روڪيو ويو آهي ۽ سندس مالڪ جي

خواهش آهي تہ انگريز سرڪار متن وڃ ۾ وڃ راضي رهي. هيءَ مهماندار اڳئين سيد مهماندار کان معيار ۾ گهٽ هو. سندس تعليم گهٽ هئي. ذهين ۽ ايڏو ڪونہ هو. پر ايمانداري ۽ خلوص جو منجهس ڪاٽو ڪونہ هو. سندس نالو عنايت خان غوري هو.

هتي اسان سنڌ ۽ سنڌوءَ جي سونهين کان ڏايڙي ڏک سان موڪلايو. جن اسان جو سمنڊ کان ويڻي ساٿ ڏنو هو. اهي ۽ اسان سان ڏاڍو رلي ملي ويا هئا ۽ اسان سان گهمڻ گهٽڻ ۽ گهوڙيسواريءَ وقت گڏ هوندا هئا ۽ ڏاڍا قرب ۽ چالاڪ هئا. جڏهن اسان لنگر کنيا تہ پاڻي جي ڪناري سان اسان سان گڏ هلڻ لڳا ۽ وڏي آواز سان اسان جا گڻ ڳايائون جا ٻورا مڃيائون ۽ اسان جي خير سلامتيءَ لاءِ خدا کان دعائون گهريون. اهي ڪل 24 ماڻهو هئا. تن مان 12 هروچ، باقي ڪراچيءَ جي جابلو علائقي جا رهاڪو جوڪيا هئا. اسان سنڌ احسان جي بدلي اهو ڪجھ ڪين ڏئي ڪونہ سگهيا هئاسون، جنهن جا هو لائق هئا. اسان فقط ڪين هڪ مهيني جي وڌيڪ پگهار ڏني جا فقط 8 روپيا هئي. انهن پئسن جي مدد سان 350 ميل پري پنهنجي ملڪ پهچي ويندا. انهن مان ڪيترن لاهور تائين گڏجي هلڻ جي ٻہ استدعا ڪئي. ايسانڪين سمجهايو تہ جيئن تہ اسان سنڌ مان انهن کي نوڪريءَ تي پرتي ڪيو هو ۽ ساڳي اصول تحت جنهن ملڪ ۾ داخل ٿينداسون، نوڪريءَ ۾ ماڻهو ٻہ اتان جا پرتي ڪنداسين. اسان کين اخلاق سان سمجهائي ان ڳالھ تان لاٿو.

اهي ماڻهو اسان لاءِ شڪار ڪري ايندا هئا ۽ اسان جي مرضيءَ جي کين اڳواٽ جاڻ پئجي ويندي هئي. ايماندار ٻہ واہ جا هئا. اوپري ملڪ ۾ سفر ڪندي اسان جي ڪابہ شيءِ گم ڪائتي. ڏارين ماڻهن اسان جو بچاءُ ٻہ پئي ڪيو. جن سان اسان جو ڪو لھ لاڳاپو ڪونہ هو. اهي ماڻهو پنهنجي زمين ۾ ڪم ڪري رهيا هئا ۽ اتان اسان کين پنهنجي نوڪرن طور پرتي ڪيو هو.

پرپاسي جي ملڪن وارا ماڻهو ۽ سنڌ جا امير خاندان هتان جي مڇي کائڻ وارن ماڻهن لاءِ ڪو سٺو خيال ڪونہ رکندا آهن. سندن خيال هوندو آهي تہ مڇي کائڻ ڪري سندن عقل ۽ فڪر ۾ ڪوتاهي اچي ويندي آهي. ڪنهن جي اڇاٽائيءَ کي معاف ڪرڻ واسطي ائين چوندا آهن. "بس مڇي آهي مٺس ڪهڙي معيار". سنڌ جا غريب ماڻهو مڇيءَ چانور کائي وقت گذارينداآهن. مٽيون خيال ٻہ ڪنهن پراڻي زماني سان تعلق رکي ٿو. ڳالھ ڪندا آهن تہ دهليءَ جي هڪ بادشاہ دربار ۾ هڪ اوپري ماڻهوءَ کان پڇيو تہ هو ڪٿان آيو آهي. هن جواب ۾ چيو تہ 'ٺٽي کان. بادشاہ اهو ٻڌي منهن ٻئي پاسي ڦيرائي ڇڏيو. اوپرو ماڻهوءَ پنهنجي وطن خلاف تعصب جو ڪارڻ سمجهي ويو ۽ هڪدم چيائين "مان مڇي خور ڪونہ آهيان." مان ڪڏهن ٻہ اهو چوڻ لاءِ تيار ڪونہ آهيان تہ مڇيءَ کائڻ ڪري سنڌين جو عقل گهٽجي ويندو آهي. مان سنڌوءَ جي ڪناري سان سنڌي ٻارن کي ڪيترن

قسمن جا کاڏا کائيندي ڏٺو آهي. عام طور تي ڪن يورپي ماڻهن کي سنڌين جون ڪي عادتون ڪونه وٺنديون آهن. سنڌي ڪارا ڪپڙا گهٽو ڪري مذهبي نقطئ نگاه کان پائيندا آهن. پر ڪارن ڪپڙن پائڻ متعلق رسول پاڪ ﷺ جا احڪام تمام گهٽ آهن. منهنجو ويساه آهي ته سنڌي ضرور خوشحال هوندا پر صفائيءَ جي عادتن ورتائڻ کان اڳ ۾ دل جي صفائيءَ رکڻ جو احساس پيدا ٿيندو آهي. ماڻهن جي لباس ۾ تبديلي جڏ ته هڪ اعلان هوندو آهي ته مُلڪ تبديل ٿيڻ چاهي ٿو. بکر ڇڏڻ کان پوءِ اسان کي افغان ۽ ڪابل جا رهاڪو ڄجهي انگ ۾ ڏسڻ ۾ آيا. انهن ڏارين ماڻهن جا بوٽ مختلف قسم جي ڪلن مان ٺاهيل هئا. مٿن پاسرين جهڙيون ليڪون به هيون. ڪن بوٽن جو چمڙو چيتي جي ڪل جيان هو. وٽن ڪراڙي مڙه جي لاءِ خاص قسم جي پوشاڪ هوندي آهي.

اسان 27 جي شام سنڌ جي سرحدن کي آخري سلام ڪيو. سنڌوءَ ۾ اوپارين طرف ڪجه ميل سفر ڪيوسين. هتي بهاول خان دائوڊپوٽي جو موڪليل نواب غلام قادر خان اسان جي آجيان واسطي اوسيئڙي ۾ ويٺو هو. ان وقت اسان سندن ملڪ جي سرحد مان سفر ڪري رهيا هئاسين. نواب غلام قادر خان قد جو بندرو، پيٽ باهر نڪتل، عمر ۾ ڪراڙو هو ۽ منهن تي مرڪ هئس. هن.ڀڏايو ته هو بهاول خان جا سلام ۽ هتي پهچڻ جون واڌايون ڪٽي آيو آهي. هو اهو سڪ پريو سنيهو ڪٽي آيو ته 15 هيڙيون اسان لاءِ آنديون ويون آهن. جيڪي اسان سان دائوڊپوٽن جي سرحدن تائين سُفر ۾ رهنديون. انهن کان هڪ هيڙي خاص اسان جي رهڻ واسطي تيار ڪرائي وئي هئي. ان کان سواءِ هن هڪ سو رپين جي ٽيلهي اسان جي حوالي ڪئي ۽ چيو ته اها رقم ڏهاڙي اسان کي ورءُ طور ملندي رهندي. مان اهڙيءَ آڇ جو انڪار ڪيو ۽ چيو ته "اوهان جي حڪمران اسان جي ضرورت جي هر شيءِ موڪلي ڏني آهي، تنهن ڪري پٽسن جي ڪا ضرورت ڪانه آهي." اسان پنهنجي ميزبان سان جلد ئي رلي ملي وياسين. هيءَ شام جو اسان لنگر کٽي پرواري سرحدي ڳوٺ پهتاسين. دائوپوٽا قبيلي جا ڪيترائي ماڻهو اسان کي ڏسڻ آيا. پوشاڪ ۾ سنڌين کان ڪجه مختلف هئا. سنڌن مٿي تي گول قسم جا پٽڪا هڏل هئا.

30 مئي تي اسان جو قافلو 18 هيڙين تي مشتمل هو. اسان منڊ ڪوٽ وٽ سنڌوءَ کي الوداع ڪيو. هتي پنجاب جي هين درياهن جو پاڻي سنڌوءَ سان ملي رهيو هو ۽ اسان جو پنهنجي ويڪر ڏانهن ڏيان ڇڪائي رهيو هو. هتي سنڌوءَ جي ويڪر تمام گهٽي هئي جنهن جهڙي اسان کا ٽي به ڪانه ڏٺي هئي، جيڪا 2000 ڪٽن کان به مٿي هئي. اسان سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي هت آخري سلام ڪري پنهنجن هيڙين کي چناب جي وهڪري ۾ هنيو. جنهن کي يوناني Acesines سڏيو آهي. سڪندر هن درياه مان هيڙا هاڪارندو سنڌوءَ ۾ لٽو هو. پر سندس ڪنارن

تي اهڙيون ڪي روايتون موجود ڪونہ آهن. سنڌي ڪابل ڪي پٺاڻن جي حوس جا آماجگاھ سمجهن ٿا ۽ سڪندر سندن نظرن ۾ اهو ماڻهو آهي، جنهن پنهنجي همت ۽ دليريءَ سان ڪجھ ڪري ڏيکاريو. مشرق ۾ ۽ مغرب جيان ڪي ڪارا دور آهن. جن جي سچاين مٿان چڙهيل ڏند ڪي لاهڻ جي ضرورت آهي. مشرق ملڪ جي ان حقيقت کي جيڪر شاعريءَ جو لباس ڏيڪائجي. سڪندر جو سنڌوءَ منجهان ٻيڙيون هاڪاري وڃڻ هڪ مستند ۽ تاريخي حقيقت آهي،

مٿڻ جو ڪوٽ هڪ نديو شهر ۽ سنڌوءَ ڪان ميل ڪن پري آباد آهي. منهنجو خيال آهي تہ يونانين جي ٻين آباد ڪيل شهرن منجهان هڪ شهر جي پراڻن پٻن تي وسايل آهي، جاڪاڻ تہ ان ماڳ جي تجارتي اهميت سڪندر جو پاڻ ڏاڻهن ڏيان ڇڪايو هو. سنڌ جي لاڙ واري پاڳي جيان هتان ڏنار پنهوار ۽ ڪڪن ڪاڻن جي ٽهيل پکن پيهن ۾ گذاريندا آهن. هڪ ڪان ٻيءَ جُوءِ تائين وڃندا آهن. مال جي ڪي سانگ ڪندا. سنڌوءَ جي ان علائقي ۾ پوسل ۽ مچرن ڪان بچڻ واسطي 8 يا 10 فوٽ مٿي منهيون ۽ منجٹيون ٽاهيندا آهن. انهن جي ٽاهڻ لاءِ ڪڪ ڪانا ۽ ڪاٻ ڪندا آڻين. مٿي ڏاڪڻ ذريعي ويندا آهن. اهي جهوپڙيون پنهنجي ٻناوٽ ۾ نندڙيون پر ڏاڍيون صاف هونديون آهن. چارڻ جي رٽ تائين سنڌوءَ جي ڪنڌين ڪنارن سان سانگي ماڻهو اهڙن گهرن ۾ گذارو ڪن. هيروڊوٹس جو ۽ بيان آهي تہ ٻوڏ واريءَ موسم ۾ نيل جي پرپاسي وارا مصري ماڻهو، مٿي منارن جهڙن گهرن ۾ رهندا آهن. سنڌوءَ جي آبهوا جي اثر متعلق سنڌين جي دلين تي هڪ خيال ويٺل آهي. سندن ويساه آهي تہ سنڌوءَ ڪري سدائين ٽڏڙي هير گُهلندي رهندي آهي. تنهن ڪري پنهنجا اَڇها سنڌوءَ جي پرسان اڇي اڏيندا آهن. جاڪاڻ تہ سنڌ جو ڪاڙهو دوزخ جي باھ جهڙو هوندو آهي.

تاريخ جي ابي هيرو ڊوٹس نيل واسطي اتان جي ماڻهن جي ساڳي خيال جو اظهار ڪيو آهي، جيئن سنڌي، سنڌوءَ لاءِ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندا آهن ۽ اها تعجب جهڙي ڳالھ ۽ آهي. مان ۽ سچ پچ ائين ئي سمجهندو آهيان تہ پاڻيءَ جو ايڏو وڏو وهڪرو پنهنجي ڪنڌين ڪنارن سان ضرور ٽار آڻيندو هوندو. اهو ۽ چيو ويندو آهي تہ گرمي درياه جي ڪنارن وٽ پهچي گهٽجي ويندي آهي.

اسان خير سلامتيءَ سان اُچ پهتاسين. هتي ستلج ۽ بياس جو ڪڏيل پاڻي، جنهن کي گهاري جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، سو چناب ۾ وڃهو ٿي، هتان جي ماڻهن کي پنجند جي نالي جي ڪا ڄاڻ ڪانہ آهي. اسان هتان چناب رستي هاڪارڻ شروع ڪيو، جنهن کي يونانين Acesines سڏيو آهي. هن وڏي وهڪري وٽ پنجن ئي درياهن جو نالو ختم ٿي وڃي ٿو. اها اچرج جهڙي ڳالھ آهي تہ هن حقيقت کي آرين چٽي نموني لکيو آهي، "چناب جو نالو سنڌوءَ سان سندس سنگم تائين قائم آهي." سڪندر جا مؤرخ ستلج جو ذڪر ڪونہ ٿا ڪن. هنن درياهن جو ڪڏيل

پاڻي هڪ وڏو وهڪرو ٻڌائي ڇڏيندو آهي. چناب جا ڪنارا سنڌوءَ جي ڪنارن جيان وڻن سان جهنجهيل ڪونہ آهن. سنڌوءَ واري طرف ڪان سندس ڪنڌيون ڪنارا ڳوڙن سان ڇڻيا پيا آهن، ڇاڪاڻ تہ اتان جا ويڙهہ ۽ ولهار ڏنارن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ويندا آهن.

اُڇ ۾ اسان پنهنجي اندازي کان اڳ ۾ پهتاسين ۽ هڪ اتفاقي حادثي کان بچي وياسين. ڪاله هيءَ هئي جو بهاول خان جي فوج درياهہ جي ڪناري سان وانديون هنيو ويٺي هئي. ڏُنڊ سبب ڏينهن اڻ ڇڻو هو هن اسان کي سکڻ جي فوج سمجهيو. جن جي حملي جو ڪين اڳيئي ڌاڻ هو. توب جي بمباري ۽ بندوقن جي ٺڪائن ڪري اسان پنهنجيون هيڙيون روڪي ورتيون. غلطي هڪدم ظاهر ٿي پئي. هوڏانهن جي بمباريءَ ۽ اسان جي پريشانيءَ ڪري هڪ قسم جو ڇڻ پوگهہ ٿهي ويو هو. مان سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن کو نقصان ٿئي ها تہ معافيون ۽ ڏکہ جا اظهار تلافي ڪانہ ڪري سگهن ها.

اڇ جو شهر هڪ سرسبز علائقي ۾ آباد آهي، چناب کان ڇڻ ميلن جي پنڌ تي وڻن جي خوبصورت نظاري سان گڏ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. منجهس ٿي مختلف شهر آهن. هرهڪ جي چوڌاري سرن جو زبون حال ڪوٽ آهي. آدمشماري 20000 اٽس. گهٽيون سوڙهيون ۽ سج جي گرميءَ کان بچڻ واسطي تڏن سان ڍڪيل آهن. پر جاءِ ڏاڍي خراب آهي. اسان جي رهڻ جو انتظام هڪ باغ ۾ ڪيو ويو، جنهن ۾ وڻ، ميوات جهنجهيل هئا ۽ چوڌاري گلزاري لڳي پئي هئي. هيڙين جي گُهٽيل ماحول کان پوءِ هي ڏاڍي دلفريب تبديلي هئي. بهاول خان جي ملاقات لاءِ تيار ٿياسون. هو ديراوال ۾ موجود ڪونہ هو. سندس هڪ قاصد جي پهچ ڪري اسان اچرج ۾ پئجي وياسين. جڏهن اسان کي ٻڌايو تہ هو 60 ميل تان هلي اسان سان اڇ ۾ ملڻ آيو آهي. اهو اِن لاءِ تہ اسان کي وڻس پهچ ۾ تڪليف نہ ٿئي. اهو سڀ ڪجهہ هنَ انگريز سرڪار جي عزت ڏيکارڻ لاءِ ڪيو هو. قاصد خان جو شڪار ڪيل هڪ هڙ ڪٽي آيو هو ۽ اسان کي قبول ڪرڻ جي گذارش ڪئي هئائين. ان سان گڏ 40 شيشا شربت جا ۽ 40 ٽانو مٺاين جا ٻہ هئا. 200 رپين جي ڳوٽري ٻہ موڪلي هئائين ۽ گذارش ڪئي هئائين تہ جيئن اسان خيريت سان پهچي ويا آهيون تہ اها رقم خيرات طور غريبن مسڪينن ۾ ورهائي وڃي.

اسان 3 جون تي بهاول خان سان ملاقات ڪئي، جيڪو شهر کان ميل ڪن پري هڪ ڪشاديءَ جاءِ ۾ اچي لٿو هو. هن اسان ڏانهن، رهبريءَ واسطي فوجي جٿو موڪليو. جنهن وٽ اسان جي سواري لاءِ گهوڙا ۽ پالکيون هيون. تن مان هڪ پالکي تہ بيان ڪرڻ جي لائق آهي. اها هڪ قسم جي ڪرسي هئي. مٿان چانوَ واسطي ڳاڙهي ڪپڙي جي ڇٽي ٻہ هيس، جنهن کي ٻہ گهوڙا ڇڪي رهيا هئا. هڪ گهوڙو اڇيان ۽ ٻيو پٽيان هو. اها گاڏي ڏسڻ ۾ ڏاڍي بي ڍنگهي هئي. جيڪا

ڏاڍي تڪليف سان ڦري پئي سگهي ۽ گهوڙا ۽ اهڙي قسم جو بار کڻڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿي ڏنا. اسان 600 فوجين جي قطار مان لنگهياسون، جيڪي ڳاڙهين، نيرين، سفيد ۽ ڦڪين وردين ۾ ملبوس هئا. 80 بندوقن جي سلاميءَ کان پوءِ اندر دربار ۾ داخل ٿياسون. اسان وارو رستو آفيسرن ۽ سردارن جي قطارن مان گذريو ٿي. خان هڪ ڪليل جاءِ تي ويٺو هو، جيڪا خوبصورت غاليچن سان سينگاريل هئي. ساٿس گڏ ڏهن کان وڌيڪ ماڻهو ڪونہ ٿي.نظريا. هن اٿي اسان کي ياڪر پاتو. هن مسٽر ايلفن استون بابت گهٽو پڇيو، سندس بيان مطابق هن سندس خاندان ۽ انگريز سرڪار جي وچ ۾ پرخلوص ۽ پڪيءَ دوستيءَ جي شروعات ڪئي هئي.

بهاول خان، شڪل شبيه ۾ ٺاهوڪو ٽيهن سالن جو نوجوان آهي. هلت چلت ۾ ڪجه سخت گير ڏٺو ٿي. جيتوڻيڪ سندس ظاهري روپ خوش مزاج ۽ پلي ماڻهوءَ جهڙو هو. ملاقات دوران اسان کيس ڏٺو تہ سندس هٿ ۾ تسبيح هئي، هو اسان سان گفتگو دوران بہ تسبيح پڙهندو ٿي رهيو. آخر ڳاله کي وڌائي پيش ڪرڻ لڳو تہ جڏهن برطانيہ جي بادشاه جون سوڪڙيون راجا رنجيت سنگهہ وٽ پهچنديون تہ هو ڪين، بہ وڏي عزت بخشيندو. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ هو ڪڏهن بہ لاهور جي حڪمران سان ويساه گهاتي ڪونہ ڪندو. هن جا ساٿس دوستي جي ناتن کان بہ وڌيڪ گهاتا رشتا آهن. بهاول خان هندستان جي ماڻهن جي اڀرندڙ سياسي ڳالهين کان ڏاڍو لنوايو ٿي. هن اسان کي مُنهن جي پرڻ واري بندوق ڏيکاري ۽ اهو طريقو سمجهايو تہ ڪيئن هو هرڻن جو شڪار ڪندو آهي. هرڻن جو شڪار سندس من پسند وندر آهي. سندس اها خاص مرضي هئي تہ اسان بہ ساٿس گڏجي ٽل واري رهائش گاه تي هلئون. هن مهر، محبت ۽ ڪٽن پرئي ڳالهائڻ ۽ پرخلوص روش سان اسان کي موهي وڌو هو. شام جو خان، مسٽر ايلفن استون ۽ سندس ڏاڏي وچ ۾ ٽيل لکپڑهہ جيڪا هن مال خاني ۾ ساه برابر سانديي رکي هئي، سا وڏي اهتمام سان منهنجي غور واسطي اسان ڏانهن موڪلي.

مان پنهنجي طرفان ساڳي خوشيءَ جو اظهار ڪيو. چو تہ هندستان جي دوردراز هڪ ڪنڊ تي، هڪ مهان انگريز ۽ اعليٰ رتبي واري فرد جو ڪردار منهنجي لاءِ گهٽو مٿانهون ۽ عزت پريو هو. جنهن هن قسم جي لکپڑهہ جُو تعين ڪيو.

اُچ ۾ ترسڻ دوران بهاولپور جا مکيہ واپاري بہ ملڻ آيا، جيڪي بهاول خان سان گڏجي آيا هئا. سندن عقل جي وسعت ۽ سفر جي دائري مونکي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو هو. انهن مان کي تہ کابل لتاڙي بلخ ۽ بخارا تائين بہ پهتا هئا. ڪن استرخان (Astracan) ۾ بہ گذاريو هو. اتان جي شهرن جا نالا ائين پئي ورتائون جڻ اتي هندستان جيان گهٽو عوصو رهي آيا هجن. اهي روس جي واپارين سان

بخارا ۾ مليا هئا، هن مون کي يقين ڏيارينديِ چيو تہ اهي واپاري ان شهر کان اوير طرف ڪڏهن نڪتا ئي ڪونہ هئا. وچ وارا ملڪ ڏاڍا محفوظ هئا ۽ ڪابل جي دوست محمد ۽ ازبيڪ ماڻهن کي ڏاڍو ساراهيائون ٿي. چاڪاڻ تہ اهي تجارتي رابطي کي همٿائي رهيا هئا. انهن مان گهڻا واپاري هندو هئا. سندن خاصيت، محنتي طبيعت ۽ تحمل ڏيساوري واپارين جهڙو هو. انهن مان کي يهودي هئا، جيڪي پنهنجي قسم جي خاص نشانين سان هر ملڪ ۾ هر جاءِ تي موجود هوندا آهن.(1)

اُڇ ۾ هفتو ڪن رهياسون. هيءُ ماڳ قديم دور سان واسطو رکي ٿو ۽ بغداد ۽ بخارا جي بزرگن جي مقبرن سبب پروارن ملڪن ۾ گهڻو مشهور آهي. غوري حڪمرانن اڇ جي هندو راجا کي ڪيي مسلمانن کي هن علائقي جو حڪمران بڻايو هو. هن بزرگن جا مقبرا ڏاڍا خوبصورت آهن ۽ عام ماڻهو بہ سندن ڏاڍي عزت ۽ احترام ڪندو آهي. سندن عمارتون 500 سال کن پراڻيون آهن ۽ اڃ ڪان اڳ جي دور واسطي تاريخ خاموش آهي. انهن بزرگن جا پوئنير هاڻي روحاني ۽ دنياوي طور وڏي طاقت جا مالڪ آهن، جيڪي هتان جي غريب مسڪين ۽ ضرورتمندن جي خدمت ڪرڻ بدران پنهنجي دولت شرطن هٽڻ ۾ حرام ڪندا آهن. پنهنجي وندر واسطي ڪتن جون لوڏيون ۽ پلا ڪهوڙا ڏاريندا آهن. ڪجهہ سال اڳ جناب ۾ اڏل آئي تہ شهر جي ڪجهہ حصي سان گڏ هڪ مقبري جو اڌ بہ پائي وئي. جناب جو موڪي اچي وري ساڳي پيڙ ۾ وهڻ ۾ بہ هڪ ڪرامت ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي ۽ هڪ مري ويل بزرگ جي وچ ۾ پوڻ تي اڇي بہ ائين ٿي چڪو هو ۽ ماڻهن تباه ٿيل مقبري جي مرمت نہ ڪري ان بزرگ جي ناشڪريءَ جو ثبوت ڏنو آهي. اُڇ، ٿڌي شهر جيان درّي تي تعمير ٿيل آهي، جيڪو منهنجي خيال موجب ڏڪڻ گهرن جي پنجو آهي. جناب درياه جڏهن اڏل ۽ پائيندڙ ڪئي ۽ ان درّي جو اڌ پائي ويو تہ اها حقيقت ظاهر ٿي پئي آهي ۽ جنهن مان منهنجي خيال جي تائيد ٿئي ٿي.

5 تاريخ جون تي بهاول خان اسان سان ملاقات ڪئي. هن زور پريو هو تہ هو پاڻ اچي اسان سان ملاقات ڪندو. هڪ وڏو تنبو ان باغ جي پرسان هنيو ويو هو جنهن ۾ اسان رهندا هئاسين ۽ اسان سندس آجيان ڪئي. هو ڪلاڪ ڪن اتي ترسيو ۽ يورپ جي ٿهيل شين متعلق ڪيترا سوال پڇيائين. هيءُ سردار مشيني دماغ جو ماڻهو آهي. هن هڪ ٿڪاءُ واري بندوق ڏيکاري جيڪا سندس حڪم ۽ هدايت تي سندس خيال مطابق تيار ڪئي وئي هئي. ان جي طرز يورپ ۾ ٿهيل بندوق جهڙي هئي، اهڙي قسم جي ڪاريگريءَ تي هن ڪيرون لهڻيون. هن ڪارتوسن

It was my conversation with these men which made me decide on undertaking the journey to control Asia, which I after wards performed.

جون ٽوپيون ۽ بارود جو سفوف پاڻ تيار ڪيو هو.

خان هن ملاقات ۾ اسان طرفان مليل سوڪڙين جو دلي شڪريو ادا ڪيو. جيڪي پستول جي پٽي، واڇ ۽ ٻين شين تي مشتمل هيون. اڇڻ وقت هڪ ڪليل قسم جي ڪرسيءَ تي ويهي آيو هو. روانگي وقت اسان ٻه ساٿس ٽورو اڳتي وياسين. هن ساڻ گڏ هزار ڪن ماڻهو هئا. ڏٽم ته لنگهڻ وٽ ماڻهن ۾ پئسا ورهائيندو ٽي رهيو. ملاقات کان پوءِ مهماندار خان وٽان اسان لاءِ سوڪڙيون ڪٽي آيو. جن ۾ چاندي‌ءَ جي سنجن سان ٻه گهوڙا، هڪ بان، شالون، ٻهاولپور ۾ ٺهندڙ ڪپڙي جا پريل تس، جن مان ڪي ڪپڙا ڏاڍا سٺا ٻه هئا ۽ انهن سان گڏ ٻه هزار رپيا روڪ ۽ ٻه سو روپيا نوڪرن لاءِ الڳ هئا. انهن کان سواءِ هڪ بندوق تحفي ۾ موڪلي هئائين. جنهن طريقي سان اها پيش ڪئي ويئي هئي، تنهن سندس ملهه ٻيٽو ڪري ڇڏيو هو. قاصد ٻڌايو ته "خان هن بندوق سان ڪيترا هرڻ شڪار ڪيا آهن. خان هاڻي اوهان جي هيءَ بندوق قبول ڪرڻ جي گذارش ڪئي آهي. توهان جڏهن هن سان شڪار ڪندؤ ته توهان کي ياد ايندو ته ٻهاول خان اوهان جو دوست آهي."

شام جو اسان ٻهاول خان سان الوداعي ملاقات ڪئي. مان ڪيس هڪ خوبصورت گهوڙي واري بندوق ڏني. مان ڪيس يقين ڏياريو ته اسان هتي پهچي سڪون محسوس ڪيو آهي، اوهان جي ٻاجهه پري هلت ۽ مهمان نوازي کي اسان گهڻو وقت ياد رکنداسون. اسان کانئس جڏهن موڪلايو، تڏهن هن اسان کي پاڻ ۾ پريو. اسان کي خط لکندو رهڻ جي گذارش ڪيائين ۽ پنهنجي ملڪ جي فوجي ڪمان سنڀالڻ لاءِ ٻه چيائين. سندس درباري ۽ رعيت ٻهاول خان جيان حليم سياءَ واري هئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو اڇ ڇڏيوسون ۽ پنهنجي واڌ چناب ۽ گهاري جي سنگم وٽ هئي سين. ستلج (1) ۽ بياس جي ڪڍيل وهڪري کي گهارو سڏيو ويندو آهي.

اڇ جي اوسي پاسي واري زمين هموار ۽ ڏاڍي زرخيز آهي. درياهن ۽ ڳوٺن جي وچ تي اڪل جا ڪيترا نشان موجود آهن. مٽان مٽي وسڻ جي مصيبت سهڻ جهڙي نه هئي، پر شام جو صاف ٿي ويندي هئي. اسان ڏٺو ته سج سنڌوءَ کان پار اٽڪل اسي ميل پري سليمان جبل ۾ ڏاڍي چٽي روپ ۾ لهي رهيو هو. اهي جبل

---

(1) تيرهين‌ءَ صدي‌ءَ جي شروعات ۾ مسلمان التمش، تاج الدين مسبخر کي ونجهوٽ جو علائقو ڏنو هو، جيڪو هاڪڙي درياه تي آباد ٿيندو هو. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته ان زماني تائين ستلج ۽ بياس هاڪڙي ۾ وهي رهيون هيون. سندس 1245ع نيون سنگهه ملتان تي حملو ڪيو هو، ان وقت به ستلج ۽ بياس سنڌوءَ بدران هاڪڙي ۾ وهي رهيون هيون. انڊس ڊيليا ڪنٽري جي 23- ايڇ جي ريورٽي- مهراڻ آف سنڌ ص-12، 13، 23 (مترجم)

گھٹو اتاهان کونہ ٹي ڏنا ۽ بگهين چوتين نہ هجڻ ڪري ايڏا چٽا ۽ واضح بہ ڪونہ هئا. اُڇ جي بگهائي ڦاڪ کان ٽورو هيٺان سنڌوءَ سان پور وڃوڻ رکن ٽا ۽ ان کان پوءِ اها ساڳي پور- وڃوڻ قائم رهندي اچي ٽي. اڇ کان ملتان هاڪارڻ جي ٻئي ڏيڻهن اسان سليمان جبل جي صورت ڪانہ ڏٺي.

7 تاريخ تي اسان ستلج جي منهن کان ٽپياسين. چناب مان هاڪاريندا رهيا سين. 8 تاريخ تي بهاول خان جي آخري سرحد آئي. چناب ۽ ستلج جو پاڻي بلڪل آرام سان هلندو آهي. انهيءَ سنگم کان ڪيترن ميلن تائين مٽيئن پاسي يا هيٺئين پاسي پاڻيءَ جو گوڙ شور ڪونہ هوندو آهي. ٻنهي ندين جو پاڻي، ڪيترن ميلن تائين رنگ مان سجاڻي سگهبو آهي. چناب جو پاڻي ڳاڙهو هوندو آهي، ۽ جڏهن ان سان ستلج جي ڦڪي رنگ جو پاڻي ملندو آهي تہ فرق واضح ٽي پوندو آهي. ڪجھ فاصلي تائين هڪ درياه کان پوءِ ٻيو درياه ساڃو طرف وٽي ٽو ۽ وچ واري حدبندي چٽي ڏسڻ ۾ اينديِ. چناب جنهن قسم جي ڏرتيءَ مان وهندي آهي، پاڻيءَ کي اهو رنگ ڏئي ڇڏيندي آهي. چناب جي پاڻيءَ جي خاصيت هتان جي ماڻهن وٽ مشهور آهي، جنهن کي اهي "ڳاڙهو پاڻي" چوندا آهن. پر قديم مصنفن ان متعلق ڪوبہ اشارو ڪونہ ڪيو آهي. اُڇ ۽ سنڌوءَ جي وچ واري علائقي جي سياءَ کي ڪنهن بہ ڪونہ سمجهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ ان علائقي ۾ اڻل ڪانہ ايندي آهي. ميجر رنيل (Major Runnel) جي خيال موجب جيڪڏهن وچ وارن ڦٽل واهن کي صاف ڪجي تہ چناب جو پاڻي سنڌوءَ جي وڏي وهڪري سان موجوده سنگم واري جاءِ کان ڪيترائي ميل مٿي وڃي ملندو. اها جاگرافيائي غلطي ڪابل جي سفارت وقت دور ڪئي وئي هئي.

اسان سڪ علائقي ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ پنهنجي مهماندار غلام قادر خان کان موڪلائي ڪيس واپس ورڻ جي موڪل ڏني. ڏاڍو پلو ماڻهو هو. پنهنجي ڄاڻ مطابق هر موضوع تي سڀ معلومات رکندو هو. ڪيس چار ڪتاب سدائين ساڻ هوندا هئا. جن مان هڪ ڇڇ نامو يا تاريخ سنڌ، جنهنجو آڏ اشارو اڳ ۾ ڪٽي ڪري آيو آهيان، بہ ڪتاب دوائن سان لاڳاپيل، ۽ هڪ ڪتاب شاعريءَ جو هو. پڇاڙيءَ ۾ موڪلائڻ واريءَ ملاقات وقت اسان کي جادوءَ جي رازن متعلق ڪجھ ٻڌائڻ لاءِ چيائين، جنهن لاءِ ڪيس پورو يقين هو تہ مان وڏو جادوگر آهيان. مان ڪيس يقين ڏياريو تہ هو پليل آهي، مون وٽ اهڙي ڪاب ڳالھ ڪانہ آهي. پر هن جواب ۾ چيو تہ "اهو ڪيئن ٽي سگهي ٿو تہ جڏهن کان وٽي مان اوهان سان آهيان تہ سدائين ٻيڙين وِچ سٽائو واءُ ڪُهليو آهي ۽ 20 ڏينهن جو سفر فقط پنجن ڏينهن ۾ پورو ٽيو آهي. جڏهن تہ عام صورت اها هوندي آهي جو ملڪ ۾ مهينن تائين هوا ۽ هاڻ بہ ڪانہ هوندي آهي. ڪيس چيم تہ اهي انگريزن جا ياڳ آهن.

جڏهن نواب صاحب کي پتو پيو تہ مان جادوءَ جي ڪاري علم مان ڪونہ

جاڻان ٿ هن مون کي آهستي ٻڌايو ٿ هو خود جادو منتر جاڻندو آهي ۽ عقلمنديءَ جي هيءَ گاله پڻ ڪيائين ٿ جيئن ٻيا ماڻهو جادوءَ ۾ وسواه ڪندا آهن، تيئن هو پنهنجي جادوءَ ۾ يقين ڪونه رکندو آهي. هن مون کي اهڙيءَ دوا ڏيڻ لاءِ گذارش ڪئي ٿ جيئن هو پنهنجي ٽوله کان جان ڇڏائي سگهي. پر نه ڪيس روزانو ورزش ڪرڻ ٿي وڻي ۽ نه وري ڪيس سرڪي جو ذائقو پسند هو. ڏاڍو وهمي ۽ سودائي قسم جو ماڻهو هو. سنڌ ۾ هر اختيار جو صاحب ٽوله کي پنهنجو شان سمجهندو آهي. پر ان ملڪ کان ٻاهر ٿي ميل پري "ٽوله جا شهيد" ان کي پنهنجي بدقسمتي پيا سمجهندا آهن.

سکن ۽ بهاول خان جي وچ ۾ خلوص ۽ نيڪ نيتي کا نالي خاطر آهي. مان بهاول خان جي هيڙين ۾ سوار ٿي سکن جي فوجي ڪئمپ ۾ وڃڻ ٿي چاهيو. پر نواب صاحب راضي ڪونه ٿي ٿيو. مس مس ڪري مان ڪيس مڃايو. مُنن ٻڌايو ته سڪ، سندس مالڪ بهاول خان جا دشمن آهن ۽ اسان جي هڪ ٻ هيڙي سندن سرحد کان ٽپندي آهي. جڏهن مان هيڙين جي وڃڻ لاءِ ذميوار ٿيس، تڏهن مس هائو ڪيائين.

هيڙين هاڪارڻ کان پوءِ ٽورن ڪلاڪن اندر لڙيءَ رات ٽاڻي سکن سان ملڻ واري جاءِ تي پهتاسين. کين جڏهن اسان جي اچڻ جي خبر پئي ته هنن خوشيءَ مان وڻي فائر ڪيا ويا. ڪاريءَ ٻاڻ رات ۾ بارود جي ٽڪائن ۽ شعلن ڪري ايترو ته اتساه ۾ پرجي وياسون جو چئون پيا ته جيڪر اڏامي وڃي پنهنجي دوستن سان ملون. اها واندِ (ڪئمپ) اسان جي آجيان واسطي لاهور مان موڪليل ماڻهن جي هئي ۽ گهڻي وقت کان وڻي اسان جي اوسيڙي ۾ جڙ اهاڻڪا وينا هئا. هيڙين مان لهڻ تي سردار لهڻي سنگه اسان جي آجيان ڪئي. هو وڏي شان ۽ شوڪت سان هاٿيءَ تي سوار ٿي آيو هو. ماڻهن جو وڏو انگ ساٿس گڏ هو. سردار کي ڏاڍا قيمتي ڪپڙا پاتل هئا. ڳچيءَ ۾ زمرد جو هار پاتل هوس، ٻانهن ۾ هيرن جا ڪنگڻ پيل هئس. کيس هڪ هٿ ۾ تلوار ۽ ٻئي هٿ ۾ ريشمي ڳوٿريءَ ۾ فارسيءَ ۾ لکيل خط هئا. هن راجا رنجيت سنگه جي قائم مقام طور اسان جي آجيان ڪئي.

هن اسان کي ٻڌايو ته هزهاءِ نيس رنجيت سنگه انگلينڊ جي بادشاه طرفان ڏنل عزت کان گهڻو خوش آهي. هن وڏيڪ ٻڌايو ته ڪجه وقت کان وڻي سندن فوج جهنگلي جاهل ۽ وحشي سنڌين کي سيکت ڏيڻ لاءِ سنڌ جي دنگ تي جنگ جي واسطي بلڪل تيار ٻيٺي آهي، جيڪي اسان جي اڳتي وڌڻ کان رستا روڪ ڪيون ٻيٺا آهن. ان کان پوءِ هن اسان کي خط ڏنا، جن مطابق هن سان گڏ ٻين ٻن ماڻهن کي اسان جو مهماندار مقرر ڪيو ويو هو ۽ سکن جي رسم ۽ رواج مطابق اسان کي تحفي ۾ هڪ ڪمان ڏني وئي، آجيان واري رسم ختم ٿيڻ تي سردار ۽

ٻين ماڻهن اسان جي پيرن ۾ پئسا رکيا جيڪي 1400 رپيا هئا ۽ پوءِ هو هليا ويا.

اوپرن ماڻهن سان پهرين ملاقات دلچسپيءَ کان خالي کانه هوندي آهي ۽ هيءَ ملاقات به اهڙي قسم جي هئي.

سڪ، قد جا ڀڳا، هائيءَ ۾ سگهار ۽ جنگي ڀول جا جوان هوندا آهن. کين خاص قسم جو وَرُ جو پٽڪو ٻڌل هوندو آهي، جيڪو کين ڏاڍو ٺهندو آهي. سندن وار ڀڳا هوندا آهن ۽ گوڏن کان هيٺ پنهنجون جنگهون اگهاڙيون رکندا آهن. وقد جي موڪلائي وڃڻ کان پوءِ هڪ رهبر فوجي دستو اسان کان احڪام وٺڻ آيو ۽ اسان جي واڌ جي چوڌاري پهري لاءِ سنتري مقرر ڪري هليو ويو. اها اسان واسطي نئين ڳالهه هئي جو فوجي احڪام فرينچ زبان ۾ ڏنا ٿي ويا.

ڏينهن ٽيڙ تي مهاراجا جي ماڻهن گهوڙن ڏسڻ جو ڏاڍو شوق ڏيکاريو ۽ اسان به پنهنجا گهوڙا ٻيڙين مان لاهي ڏيکارڻ لاءِ هيٺ ٻڌا هئا. کين ڏاڍو اچرج هو. گهوڙن جو قد ڏاڍو وڏو هو، جڏ ته ننڍڙا هاٿي پئي معلوم ٿيا. سندن بشڪون به ڏاڍيون سهڻيون هيون. گهوڙن جا پڇ ڏسڻ خوشيءَ مان جڏ نچي رهيا هئا، ڇاڪاڻ ته اهي جڏ ٽڃيڻ جي ڳڻن جي پڇ جهڙا خوبصورت هئا. سندن چوٽ مطابق گهوڙن جو ابلق رنگ به واه جو شانائتو هو. هن هرهڪ سوال جو جواب ڏيڻ منهنجي لاءِ ڪٽن ڪم هو. سندن پنهنجو به اهو خيال هو ته برطانيه جي بادشاه طرفان موڪليل سوڪڙيون ضرور هر لحاظ کان مان ۽ مرتبي واريون هونديون.

گاڏيءَ وارن گهوڙن ۾ هن رَلا، مُن ۽ چانچ هلڻ جي دل ۾ آس پئي رکي، جڏهن گهوڙن جا پير ۽ نعل جاچيِ ڏٺائون ته تعجب ۾ پئجي ويا. مون کي گذارش ڪيائون ته هڪ نعل لاهور موڪليو وڃي، چو ته ان نعل جي تور هڪ سو رپيا جي تور جي برابر هئي. ڏاڍا خوش هئا ته سندن ملڪ ۾ اهڙا چار نعل آهن. سندن تمنا جلد جي پوري ڪئي وئي. راجا رنجيت سنگهه جي معلومات لاءِ هر گهوڙي جي ڏري پرزي پوري ماپ وئي لاهور موڪلي وئي. هن گهوڙي کي قدرت جن خاص خوبين سان نوازيو آهي، سي ته بعد ۾ ظاهر ٿيندیون، پر جڏهن نئون چنڊ هن جي نعل کي ڏسندو ته حسد وچان ڦڪو ٿي ويندو.

جڏي وڏي پئي سوڪڙيءَ طور موڪليل گهوڙن جي تعريف ڪئي، پر تنهن هوندي به اسان جي آرام ۽ آسائش جو خيال ڪندا ٿي رهيا. ماڻهو ڏاڍا قربائتا پئي ڏٺا. سندن کهڙي ڳالهه ڪجي، انهن ماڻهن ته اسان کي ايتري عزت ڏني هئي، جنهن جو بيان ڪرڻ ممڪن ئي ڪونه آهي. مهماندار اسان کي ٻڌايو ته مهاراجا طرفان اسان جي آجيان واسطي تاڪيد ڪيل آهي ۽ هو پنهنجي فرمان جي سختي سان پوئواري ڪري رهيو آهي، جنهن مطابق راجا رنجيت سنگهه جي علائقي ۾ اسان سڀان عزت ۽ مروت وارو ورتاءُ ڪيو ويو هو.

مهاراجا جي پرواني يا آفيسرن ڏانهن سندن احڪامن جو نقل ملاخطي لاءِ

ڏجي ٿو.

"ديوان اجوديہ پرساد، مانشيور چيلوليئر وينچوارا Monsceur chevalier Vancura وڏي ۽ ڏاهي سردار لهٹي سنگھ ۽ ملتان جي سردار لال ساوڻ مل کي معلوم هجي ته جڏهن مسٽر برنس اسان جي ملڪ جي سرحدن وٽن پهچي ته توهان سڀ سندس هر ضرورت جو خيال رکندا ۽ هڪدم تاجي سنگھ جي اڳواڻيءَ ۾ 200 فوجي ۽ نيزي بردار جلال پور موڪليا وڃن، جيئن پهچڻ تي سندس حفاظت ۽ رهنمائي لاءِ تيار هجن ۽ اوهان به اتي پرپاسي ۾ موجود هجڻ جو اطلاع موڪلجو. جڏهن مسٽر برنس ويجهو پهچي ته تون هڪدم ديوان اجوديہ پرساد معرفت چانديءَ جي هودي سان هاٿي روانو ڪجانءِ ۽ مسٽر برنس کي ظاهر ظهور اهو ٻڌايو وڃي ته اهو هاٿي فقط سندس ئي سواري لاءِ موڪليو ويو آهي ۽ اهو ڪيس مٽس سوار ٿيڻ لاءِ گذارش ڪري. اهو ٻن ملڪن جي وچ ۾ پکي دوستيءَ ۽ ڪڏيل دلچسپي جو مظاهرو آهي.

جڏهن مسٽر برنس پنهنجي هاٿيءَ تي سوار ٿي آرام سان ويهي ته ان کان پوءِ سردار لهٹو سنگھ ۽ ساوڻ مل پنهنجن هاٿين تي سوار ٿين. بعد ۾ سندس قريب وڃن ۽ ملاقات ڪن. ڪيس عزت ڏيڻ جون حتي الامڪان ڪوششون ڪيون وڃن. وڏي پنڌ تان ڪي هٿي حفاظت سان پهچڻ تي ڪيس واڌايون ڏنيون وڃن. ان خوشيءَ جي موقعي تي 225 رپيا غريبن ۾ ورهايا وڃن. ان کان پوءِ توڪي هڪ سهٹي ڪمان تحفي ۾ ڏيڻي آهي.

ان رسم ادا ٿيڻ کان بعد اوهان ٿيئي هڪ يارهن سنوا وينس ڄا سڪا ڪيس پيش ڪري، ۽ بعد ۾ ڪيس وٽي، رهڻ واريءَ جاءِ تي آندو وڃي. اتي ڪيس 1100 رپيا ۽ پنجاه مٺائي جا ٽانو نذرانو ڏنا وڃن. سڄي تقريب ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪيس گاه، اَن، بوسو، ڪير، آنا، ڪکڙيون، ڏنبا، ڏُهي، سايون پاڇيون، ميوات، گل، مصالحا، پاڻي جا ٽانو بسترا يا ٻيون اهڙيون شيون جيڪي ڪين ضرورت ۾ هجن، سيئي شيون ججهي انگ ۾ هجن ۽ بنا دير ڪين ڏنيون وڃن. جڏهن اوهان مسٽر برنس جي ملاقات لاءِ وٽس وڃو ته فوج جون به ڪمپنيون ۽ گهوڙيسوار ساڻ هجن. باقاعده پريڊ ڪري ڪيس سلامي ڏني وڃي ۽ سندس مرضيءَ مطابق پهريدار رکيا وڃن.

شجاع آباد پهچڻ تي ڪيس 11 توپن جي سلامي ڏني وڃي. هدايتن موجب ڪيس هر چيز ميسر ڪري ڏني وڃي. 1100 رپيا، مٺايون ميوات به حسب دستور ڏنا وڃن ۽ سندن هر خواهش جو احترام ڪيو وڃي. جيڪڏهن مسٽر برنس شجاع آباد وارو قلعو ڏسڻ گهري ته ڪيس ڏيکاريو وڃي. ان ڳاله جو خيال ڪيو وڃي ته ڪيس روڪڻ وارو ڪير به نه هجي ۽ نه وري کو ڏاڍيان ڳالهائڻ جي جرئت ڪري.

ملتان پهچڻ تي مسٽر برنس جي رهنمائي لاءِ اوهان پاڻ اڳتي اچجو. سندس

ٽڪڙ جي واسطي تنبو سندس پسند جي باغ ۾ هٽجو. حضوري باغ، شيش محل، بيگي، خاص عام يا ڪا ٻي جاءِ جتي هو چاهي، سندس تنبو هٽجو. ان وقت تون کيس 2500 رپيا ۽ هڪ سو ٽاله مٺائي جا پيش ڪجانءِ. سندس آجيان واسطي ملتان جي قلعي مان توبن جا يارهن گولا ڇوڙي خوشيءَ جو اظهار ڪيو وڃي. خيريت سان ملتان پهچڻ تي کيس مبارڪ ڏيڻ وقت اهو مشورو ڏجو ته هن ٻگهي سفر جي ٽڪ ڀيڻ واسطي جيڪڏهن هو ملتان ۾ پنج ڇهه ڏينهن ٽڪندو ته صحيح رهندو ۽ سندس رضامندي مطابق عمل ڪيو وڃي. جيڪڏهن هي قلعي ڏسڻ جي مرضي ڏيکاري ته توهان ٻڌائي ٻڌي ڪنهن کي قلعي اندر داخل ڏيڻ نه ڏنو ۽ ڪنهن کي به ڏاڏيان ڳالهائڻ جي اجازت نه ڏجو. هڪ خاص ڳاله ڌيان ۾ رکجو ته هننگن (Nihungs) ۽ ٻين سر قرين ماڻهن کي پريڙ رکڻ جي ڪوشش ڪجو."

"جڏهن اوهان ملتان مان نڪرو ته ضروريات زندگيءَ سان لاڳاپيل شين سان لڏيل هڪ سو اٺ لاهور لاءِ روانا ڪجو. جيئن مسٽر برنس کي رستي ۾ ڪنهن شيءِ جي تنگي محسوس نه ٿئي. پهرين منزل تي صوبيدار سانوڻ مل پنهنجي سر پاڻ وڃي مسٽر برنس جو سلام پريندو. ان جي اجازت وٺڻ کان پوءِ مانشيور چاولينئر وينچورا ڪئمپ جي سنيال رکندو. سردار لهڻو سنگهه، ديوان اجوڌيه پرساد فتح سنگهه رامگري فوج جي ٻن ڪمپنين ۾ نيزه بردارن سان گڏ مسٽر برنس جي خدمت ڪندا ۽ آرام سان منزلون ڪندا، لاهور پهچندا ۽ ڏهاڙي سفر جو اطلاع به موڪليندا رهندا. ديرا سعدالله وٽ ڪازدار 100 رپيا ۽ مٺائي مسٽر برنس کي پيش ڪندو. اوهان سيئي هر وقت "ٻن ملڪن جي وچ ۾ موجود دوستيءَ جو گهٽي ۾ گهٽو خيال رکندا."

مشرق ۾ اسان اهو ڏٺو آهي ته هن قسم جي هر شيءِ ظاهر ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ڪابه لڪ لڪوٽي ڪونه ڪندا آهن. پر هن مثال ۾ اهو ڏٺو ويندو ته مهاراجا رنجيت نه رڳو ٻين معاملن ۾ ڪُلي دل ڏيکاري، پر پنهنجي حڪمراني اندر موجود قلعن گي به اسان کان ڪونه لڪايو. هن قسم جي ڪمر کي اهي ماڻهو داد وارين نظرن سان ڏسندا، جن جو هندستان جي انتها درجي وارن متعصب حڪمران سان ڪمر ٻيو هوندو. سڪ سردار جيڪي اسان جي خدمت ۾ رهندا هئا، تن سان اسان جو رابطو تمام گهڻو رهندو هو ۽ گهڻي معلومات پيا ڏيندا هئا. انهن ته خود مهاراجا کي به ڪونه ڇڏيو. اسان پنهنجي ملڪ جي مفادن جي پيش نظر نئين معلومات هٿ ڪرڻ لاءِ سندوءَ جو هڪ نئون رستو اختيار ڪيو هو.

جون جي 12 تاريخ تي اسان دريائي سفر جون تياريون مڪمل ڪري ڇڏيون. وري جناب رستي هاڪاريوسين. هن وقت اسان جي استعمال لاءِ سئيون ٻيڙيون ڪونہ هيون. پر پوءِ ٻہ سندن نالو 'زروڪ' هو. ڪين سڙھ وغيرہ ٻہ ڪونہ هئا. ننڍي ڪوهي يا مستول تي تڏن مان ڪم ورتو ٿي ويو. سندن لَڪُ، پاڻيءَ کان هڪ فوٽ ڪن مٿي هو. اسان جي سفر واسطي جيڪي خاص ٻيڙيون آنديون ويون هيون، سي مختلف قسم جون پانڌي ٻيڙيون هيون. هن علائقي ۾ درياہ رستي تجارت ڪافہ ٿيندي آهي، تنهن ڪري ٻيڙيون ٻہ ڪونہ آهن. ڪجھ ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ شجاع آباد جي سامھون هڪ پٽڻ وٽ پهتاسون ۽ ڪجھ وقت اتي ترسياسين. هيءُ علائقو ڏاڍو سرسبز ۽ آباد آهي. زراعت جا ذريعا تمام گهڻا آهن. وڻن واهن ۽ ڪڙين ذريعي پاڻي تمام ڏورانهن علائقن ڏانهن نيو ويچي ٿو.

• 13 تاريخ شام جو اسان شجاع آباد شهر ڏٺو. جيڪو درياہ کان 4 ميل اوپر طرف آهي. ڏاڍو ترقي پذير ماڳ آهي. چوڌاري پڪين سرن جو قلعو اٽس. پٽ جي اوچائي 30 فوٽ کن ٿيندي. شهر جي شڪل بيضوي قسم جي چوڪنڊي نموني تي آهي. قلعي جي پٽ کي مضبوط رکڻ لاءِ هڪ جيترن وٿين تي اٺ ڪنڊا برج هنيا ويا آهن. قلعو گهرن سان ڀريل آهي. جن جي تعمير گهڻين جي پاسڻ تي هڪ ٻئي جي سامھون گونيءَ ڪنڊ تي ڪيل ڏسجي ٿي. قلعي جي پٽ جي چوڌاري ڪچا گهر ٽهيل آهن. شجاع آباد جو قلعو ملتان جي نواب 1808ع ۾ تعمير ڪرايو هو. هو عوامي جذبو رکندڙ انسان هو ۽ وڏو پئسو خرچ ڪري ڏهن سالن جي عرصي ۾ اهو قعلو ٽهرائي پورو ڪيائين. قلعو تمام خوبصورت علائقي ۾ ٽاهيل آهي. ٻہ وڏا واہ، هڪ شهر کان مٿان، هڪ شهر جي هيٺان وهي هن علائقي کي آباد ڪن ٿا.

سکن ملتان سان گڏ هن قلعي کي ٻہ فتح ڪيو هو. هاڻي هيءُ سکا شاهيءَ جو سرحدي قلعو آهي. اسان پنهنجي مهماندار سان گڏجي شجاع آباد جو قلعو ڏسڻ وياسون. ان وقت هو شاهي پرواني موجب پنهنجي فرض جي بجا آوري ڪري رهيو هو. هو هاٿيءَ تي سوار هو. جنهن تي چانديءَ جي هودي رکيل هئي. سندس اڳيان ٻہ گهوڙيسوار هلي رهيا هئا. جن مان هڪ جي زين قيمتي ۽ ٻئي جي ڳاڙهي هئي. هڪ نوڪر کي سندس ڪمان ۽ تيرن جي بٽي هئي ۽ ٻئي کي سندس تلوار هئي. ڪيس جواهرن سان جڙيل قيمتي پوشاڪ پاتل هئي. شهر جي شاهي محلات ۾

پهتاسون ته معزز شهرين اسان جي آڃيان ڪئي. انهن سيني جي روبرو مهاراجا طرفان موڪليل منائي ۽ روڪ رقم اسان کي پيش ڪئي وئي، جنهن کي ضيافت ٽي سڏيائون. پهريائين اسان کي شهر جي مکيه گهٽي گهمايائون. پوءِ اسان جتي به پهتاسون ته اتي اسان جي وڏي آڃيان جو بندوبست ڪيو ويو هو. جڏهن قلعو ڏسي واپس ٽياسون ته اتي رهندڙ فوج اسان جي مان ۾ توبن جا گولا ڇوڙيا.

15 تاريخ جو اسان کي ملتان جا قبا ڏسڻ ۾ آيا. پري کان ڏاڍا سهٽا من مهٽا پئي ڏٺا. شام جو حضوري باغ ۾ لٽاسون. ڇوڙاري سنهڙي پٽ ڏنل اٽس. ڇگو خاصو وسيع ماڳ هو ۽ شهر ميل ڪن پري هو. باغ ۾ لٽاسون، ڇوڙاري سنهڙي پٽ ڏنل اٽس. ڇگو خاصو وسيع ماڳ هو ۽ شهر ميل ڪن پري هو. باغ جو فرش مقامي طرز تي جوڙيل آهي. ويڪرا رستا هڪ ٻئي کي گونيءَ ڪنڊ تي ڪاٽين ٿا. سندن پاسا ميوات وارن وٽن سان سينگاريل آهن، جيڪي رنگ ۾ ڏاڍا ساوا ڇهڇ لڳا ٻيٺا آهن. هڪ رستي جي ڇيڙي وٽ بنگلو ٺاهيل آهي، جنهن جو ڪمرو اسان جي حوالي ڪيو ويو آهي. هتي به اسان جي آڃيان شهر جي اختياريءَ وارن طرفان، شجاع آباد جيان ڏاڍي سٺي نموني سان ڪئي وئي. اسان کي هتي 2500 رپيا روڪ، منائين جا 100 ٽانو ۽ بي شمار ميوات ڏني وئي هئي. سهڻن نظارن ۽ ماڻهن جي شرافت کان گهڻو متاثر ٽياسون.

مسٽر ايلفن اسٽر جي ڪتاب 'ڪابل' ۾ ملتان جو ذڪر آهي ۽ ان جو هن وقت هتي ذڪر ڪرڻ مناسب ڪونه لڳندو. هتي سندس سفارت کي ڏاڍي نفرت جي نظر سان ڏٺو ويو ۽ ان کي نه شهر ۾ اندر داخل ٽي گهمڻ جي اجازت ڏني وئي ۽ نه وري کين قلعو ئي گهمڻ ڏنو ويو هو. هفتي کن رهڻ کان پوءِ اسان ملتان شهر جون ڪي خاص ڳالهيون محسوس ڪري ورتيون. ملتان جو شهر ٽن ميل جي هڪ مٽانهين علائقي تي آهي. ڇوڙاري زبون حال ڪوٽ اٽس ۽ اتر طرف اتانهينءَ زمين تي اوچو قلعو آهي. آدمشماري 60,000 آهي. ٽيون حصو هندن تي مشتمل ٽيندو. باقي آدمشماري مسلمان آهي. هيءُ شهر سکن جو غلام آهي. ملتان ۾ رهندڙ سکن جو تعداد 500 کن ٽيندو. جيڪي فوجي آهن. هتي افغانن جي حڪومت ختم ٽي وڃڻ سان افغاني ماڻهو نظر ڪونه ٿا اچن. گهرن جي گهٽائي اڳين ٻٽل گهرن جي دڙن تي تعمير ٽيل آهي. اڏاوت ۾ پڪيون سرون استعمال ٽيل آهن. ڇتيون هموار آهن. ڪي گهر ڇهن ماڙين تي مشتمل آهن، پر سوڙهين گهٽين ۾ ٽهڻ ڪري سندن سونهن نظر ڪانه ٽي اچي.

هتان جا رهاڪو گهٽو ڪري ڪوري ۽ ڪٽي آهن. ملتان ۾ ريشم جي صنعت کي ڪئيس (Kais) نالي سان سڏيندا آهن. منجهس سيئي رنگ موجود آهن. سندن قيمت 20 رپين کان وٺي 120 رپين تائين هوندي آهي. اوچ ۾ بهاولپوري لنگيءَ کان گهٽ نفيس ۽ نزاڪت وارو ٽئي ٽو. راجا رنجيت سنگهه اوچ جي صنعت کي ڏاڍي

هٹي ڏني آهي. سندس دربار ۾ ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڪپڙي جو استعمال ڪونهي ڪو. تنهن ڪري هن قسم جي ڪپڙي جو ڪاپو تمام وڏي ويو آهي. سڪ سردار ڪمربند ۽ چادرون به هن ڪپڙي مان ڪندا آهن. خراسان ۽ هندستان ڏانهن برآمد به ڪيو وڃي ٿو. مٽس محصول نالي ماتر آهي. هندستان سان واپار سندڪان جيلسمير ۽ بيڪانير رستي وڏيڪ پسند ڪيو ويندو آهي. چاڪاڻ ته ان طرف واري واپار مان انصاف وڏيڪ پلئه پوي ٿو. ملتان ۽ بهاولپور جي تجارت هڪ جهڙي آهي پر ان کان وسيع بنيادن تي ٻيئل آهي. ان ڪري جو اتان جا 40 صراف Money lenders شڪارپور سان واسطو رکن ٿا.

ملتان جا قبا عاليشان آهن. انهن مان هڪ مقبرو شيخ بهاؤالدين ذڪريا ملتاني جو آهي، جيڪو فارسي شاعر سعدي جو همعصر ۽ پنج سو سال اڳ هن دنيا ۾ زنده هو ۽ ڪيس وڏو بزرگ ڪري مڃيو ويندو آهي. اڏاوت ۾ سندس پوٽي رکن عالم جو مقبرو سندس مقبري کان وڏيڪ خوبصورت آهي. هن مقبري جي تعمير 1323ع ۾ ٿي هئي. مٿي اوچائي 60 فوٽ کن اٿس، هڪ تغلق شهنشاه(1) اهو مقبرو پنهنجي واسطي تعمير ڪرايو هو. قبي جا بنياد، قلعي جي پٽين جي چوٽيءَ کان مٿي ٻيئل آهن. پرسان ئي قديم زماني سان واسطو رکندڙ هندن جو هڪ مندر آهي. ٽيوِ ناٿ (1665ع) ان مندر کي ٻهلاد پوري جي نالي سان سڏيو آهي.

ملتان جو قلعو خاص ذڪر ڪرڻ جي لائق آهي. سندس اڏاوت هڪ دڙي تي آهي. شڪل ۽ اڏاوت ۾ ڇه ڪنڊون آهي. ڀڳو پاسو اتر- اولهه اٿس، جنهن جي ماپ 400 گز کن ٽيندي. پت تي 30 برج ٺهيل آهن. اوساريءَ ۾ نهرو ۽ پڪين سرن جو جڙيل آهي. ٻاهرئين پاسي کان سندس اوچائي چاليه فوٽ ٽيندي. پر اندرئين پاسي کان تري کان وٺي پت جي چوٽيءَ تائين ڪل ماپ چار يا پنج فوٽ ٽيندي. قلعي اندر جاين جا بنياد ٻه قلعي جي پت کان مٿي آهن ۽ هيٺان ميدان مان ئي ڏسي سگهجن ٿا. قلعي جو اندريون پاسو گهرن سان پريو پيو آهي. سکن ملتان کي 1818ع ۾ فتح ڪيو. ان وقت تائين ملتاني ماڻهو قلعي اندر رهندا هئا. پر هاڻي ملتانين کي قلعي ۾ اندر اچڻ جي اجازت ڪانه آهي. ڪجه مسجدون ۽ ڪجه مقبرا تباه ٿيڻ کان رهجي ويا آهن. چاڪاڻ ته انهن کي ٻين جاين کان وڏيڪ سگهاري نموني سان تعمير ڪيو ويو هو. ملتان جي قلعي جي چوڌاري ڪا کاهي وغيره ڪانه آهي. چاڪاڻ ته اهو اهڙو علائقو آهي، جو اتي کاهي کڻي ڪانه ٽي سگهجي. رنجيت سنگهه هن وقت تائين ڪيترو ئي ناڻو خرچ ڪيو آهي، پر ڪوبه فائدو ڪونه ٿيو.

جناب جي اٽل سندس واهڻ ۽ مينهن جو پاڻي، ملتان جي پسگردائي ۾ پاڻيءَ

---

(1) محمد تغلق

جون ڊيڊون ۽ تلاءَ بنائي ڇڏيندو آهي. گرمر موسم وارو اڃا درياه ۾ ڇاڙه ئي ڪونہ آيو آهي. پر پروڪو پاٽي اڃا ملتان جي اوسي پاسي ڇرَ ڪيو ٻيٺو آهي. قلعي جي پٽين کي متيءَ جا ٿُلھ ڏئي قلعي کي ہن هنڌن تان ٽيڪ ڏني وئي آهي. ملتان جو موجوده قلعو شاهجهان جي پٽ مراد بخش پراڻي شهر جي پڊن تي اڏايو آهي. سندس تعمير جو سال 1640ع آهي. ان کان پوءِ هيءُ علائقو هن شهزادي جي ٻائرن، بدنصيب دارا ۽ شڪوه اورنگزيب جي جاگير ٽي رهيو. احمد شاه ابدالي جي زماني ۾ هن قلعي تي پٺاڻن قبضو ڪيو ۽ گهڻي جدوجهد کان پوءِ سکن افغانن کان هيءُ قلعو 1818ع ۾ فتح ڪيو. قلعي جي فتح کان پوءِ اتان جي گورنر جي روش بيان ڪرڻ جوگي آهي. جڏهن ساٿس بااخلاق ۽ سهڻي ورتاءَ جي واعدي کان پوءِ پيش پوڻ ۽ قلعي جون ڪنجيون حوالي ڪرڻ لاءِ چيو ويو تہ هن وراٽيو تہ اهي منهنجي دل ۾ آهن ۽ ڪڏهن بہ ڪافرن جي حوالي ڪونہ ڪندس. پوءِ هن قلعي جي ڇاڇ ۾ ٽپو ڏئي پنهنجو انت آڻي ڇڏيو. سندس نالو مظفر خان هو. ڪيس هاٿي برزگ مجيو ويندو آهي ۽ سندس مقبرو ملتان جي متبرڪ جائين ۾ شمار ٽيندو آهي.

سکن ڪيترن هنڌن تان قلعي جون پٽيون ٻهرائي وري نيون اڏايون آهن. ٽوله چہ فوٽ ڪن ٽيندس. توب جي گولي جي پهچ اندر آهي. سرن پڇائڻ وارن کورن سبب بڊجي ويل متيءَ جي ڊڍن تي توبون بيهاري پٽين کي سولائي سان ٻاهي سگهجي ٿو.

ملتان هندستان جي قديم شهرن مان هڪ آهي. 1 هجريءَ ۾ هن شهر کي محمد بن قاسم فتح ڪيو. سندس شاهوڪاريءَ ۽ خوشحاليءَ عزنين، غورين ۽ هندستان جي مغلن کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪيو. پر سڪندر جي حملي وقت هن شهر کي 'مالي' قوم جي دارالسلطنت سمجهڻ ۾ اسان کي ٿورو ڪجهہ شڪ ٿئي ٿو. ميجر رنيل ان زماني ۾ هن شهر کي ڪجهہ متي راويءَ جي ڪناري سان سمجهي ٿو. چاڪاڻ تہ آرين Arrian جو ذڪر آهي تہ ملتان جا شهري راوي درياه ڏانڊي پڄي ويا. اها هڪ وڏي سند آهي. پر ملتان جي بدران 'مالي ٽان' يا مالي ٽارن لکيل آهي. جنهنجو مطلب اسان اڄ 'مالي جو آستان' يا مالي جي رهڻ جي جاءِ ڪيون ٿا. پر هن ۾ وڏي خامي اها معلوم ٿئي ٿي تہ تلمبا پرسان کي پراڻا ڪنڊر موجود ڪونہ آهن، جن ماڳن تي ميجر رنيل، ان دارالسلطنت هجڻ جو اشارو ڪيو هو. اهو چڏو ۽ واضح بيان آهي تہ سڪندر راوي درياه پٽي ہ شهر فتح ڪيا ۽ بعد ۾ لشڪر وٽي مالي جي دارالسلطنت تي حملو ڪيو. درياه کان فاصلو 30 ميل ڪن آهي، ملتان هڪ قديم شهر آهي.

اسان قديم شهر کي ڳولينديِ موجوده ملتان جي وجود کي ڇو وساري ڇڏيو. اسان کي پورو ويساه آهي تہ ملتان تمام قديم دور سان واسطو رکي ٿو. سندس ڏسڻ مان بہ پتو پوندو تہ واقعي هي هڪ پراڻو شهر آهي. موجوده دور جا گهر

اڳئين دور جي بدلل گهرن جي درڻن تي ٽاهيل آهن. سجو شهر اهڙي قسم جي منڍءَ جي درڙي تي تعمير ٿيل آهي. اڳئين دور جي گهرن جو سامان سڙي ڳري سڙي ذرا پرزا ٿي ويو آهي. پسو ٻه اکين سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اها سندس قديم هڇ جي ڏني وائني ثابتي آهي. اُڇ ۽ ٽني لاءِ ٻه مان انهيءَ قسم جا رايا ڏنا آهن.

ملتان جي اڳئين نواب شهر ۾ هڪ ڪوهه پئي ڪوٽايو ته ست فوٽ هيٺ اونهيءَ کوٽائيءَ مان هڪ جنگي نغارو لڌو ويو. ٻيون ٻه ڪيترين ئي پراٽين شيون وقت ٻه وقت پئي لڌيون آهن. پر هن وقت تائين ملتان ۾ ان کي پراڻو سڪو هٿ ڪونہ آيو آهي. ملتان جي شهر ۽ قلعي کي ڪنهن حد تائين برهمڻ دور سان منسوب ڪرڻ گهرجي، جنهن کي سڪندر مالي جي دارالسلطنت کان اڳ ۾ فتح ڪيو هو. پر هن صورت ۾ اسان انهن مان ڪنهن ٻه ماڳ کي دارالسلطنت ڪونہ سمجهندا سون. ملتان ۽ بهاولپور جي ڪيس جا ڪاريگر مالي جي علائقي جي چڱيءَ ريت سيڃاڻپ ڪرائن ٻا. ڪئنٽس ڪرٽس، جو بيان آهي تہ مالي ۽ آڪسيڊراسيا (Oxydracae) (اڇ ۽ ملتان) جا سفير جيڪي سڪندر سان ملڻ آيا تن کي ڪپهه جي ڪپڙي جو سٻهڙو لباس پاتل هو ۽ اهو Lineae vestes ڪپڙو سون جي تندن سان اٽيل ۽ واڳڻائي رنگ جو هو. اسان Leneae vestes جي ڪپڙي کي اڇ ٻه بهاولپور ۽ ملتان ۾ اُڇندو ڏسون ٿا. جنهن ۾ سون جي تند اٽيل هوندي آهي ۽ رنگ ٻه واڳڻائي هوندو اٿس.

ملتان ۾ ترسڻ دوران اسان کي مغل شهنشاهيت جي هن گورنر جون پراٽيون جايون ڏيکاريون ويون: قلعي جي اندرئين پاسي هندن جو مندر آهي. ان جي پوجارين جو بيان آهي تہ هيءُ مندر ايترو پراڻو آهي جو سندس قدامت جو ڪاڦو ڪري ئي ڪونہ ٿو سگهجي. هن مندر سان لاڳاپيل ٻہ روايتون مشهور آهن. هرڻاڪش نالي هڪ دٽ هو. هو خدا جي وجود جو انڪاري هو ۽ پنهنجي پوڄا ڪرائيندو هو. سندس خواهش هئي تہ سندس پٽ پهلاد ٻه سندس خيال جي پٽيرائي ڪري، پر هن کيس خدا مڃڻ کان انڪار ڪيو. اهڙي گستاخي سبب کيس قتل ڪرڻ جي سزا ڏنائين، پر هڪ ديوتا جنهن جو اڏ انسان ۽ اڏ شينهن جهڙو هو، پهلاد کي بچائي ورتو. هرڻاڪش پنهنجي موت لاءِ اها اڳڪٿي ڪئي هئي تہ سندس موت نہ ڏرتي تي ٿيندو، نہ آسمان تي، نہ باه سان ٿيندو، نہ پاڻيءَ سان، نہ تلوار سان ٿيندو، نہ ڪمان سان، نہ ڏينهن جو ٿيندو، نہ رات جو. نرسنگا وقار نالي هڪ اوتار هن کي جهونجهڪڙي مهل پڪڙي گوڏي تي جهلي کيس ٽڪرا ٽڪرا ڪري ماري ڇڏيو ۽ سندس پٽ پهلاد کي پنهنجي تحفظ ۾ ورتو. هيءُ مندر پهلادپوريءَ جي نالي سان مشهور آهي. جڳهه مٿي اوچي ڪاند آهي ۽ ڪاٻ جي ٽنڍن جي مدد سان ٻيڙل آهي. دروازي تي هنومان ۽ ڪٽيش جا بت پهريدارن جيان رکيا ويا آهن. هندن جي پوجا واسطي ملتان ۾ فقط اهو هڪ مندر آهي، اسان کي اندر وڃڻ

ڪونہ ڏنو ويو.

ملتان ۾ هڪ ٻيو بہ شاندار مقبرو آهي، جنهن ۾ بغداد جو شمس تبريزي دفن آهي، هو ڪيترين ئي ڪرامتن جو صاحب هو. منا بہ جيئرا ڪندو هو. هن عظيم انسان جي لاءِ چيو ويندو آهي تہ ڪنهن ڳالهہ تان سندس جيئري ڪل لهرائي وئي هئي. بک کان هن سڄي شهر کان خدا تعاليٰ واسطي مانيءَ جو سوال ڪيو، پر ڪنهن بہ ڪونہ ميڌو. آخرڪار هن هڪ مڇي قاسائي، پر اها پڇائڻ واسطي ڪيس ڪنهن بہ ويڇهو اڇڻ نہ ٿي ڏنو. هن پنهنجي ڪرامت سان سڄ ڪي هيڻ لاهي اها مڇي پڇائي هئي. هن ٻنهي ڪرامتن ڪري هي بزرگ ڏاڍو مشهور ٿي ويو. هتان جا رهاڪو ملتان جي گرمي کي هن حقيقت ڏانهن منسوب ڪندا آهن.

ملتاني ماڻهن جو ڪانين ۽ ڪرامتن ۾ وڏو ويساه آهي، پر انهن ڳالهين کي اسان گهٽ اهميت ڏيندا آهيون. هتان جي ماڻهن هن واهيات ڳالهين کي ڏاڍو مشهور ڪري شهر جي هر مقبري ڏانهن انهن کي وابستہ ڪري ڇڏيو آهي. انهن مان هڪ ڪرامت اها بہ آهي تہ رڪن عالم، بهاءُالحق ذڪريا جي پوئي مُئي کان پوءِ پاڻ پنهنجي قبر مٿائي ٻي قبر ۾ وڃي دفن ٿيو هو.

اسان ملتان ۾ پهريائين سڪن جو مذهبي پوڄا پاڻ ڏٺو. سڪن جي فتح ٿيڻ کان پوءِ شهر ۾ شمس تبريزيءَ جي مقبري جي وراندي ۾، سڪن جي هڪ گروءَ، گردوارو قائم ڪيو هو. هڪ ڪمري ۾ هيڻ سندس ويهڻ لاءِ جاءِ ٺاهي وئي هئي. سندس سامهون هڪ وڏو ڪتاب رکيل هو. اها جاءِ ڪپڙي سان ڍڪيل هئي. پري کان جڻ ڪو قربان گاه پئي معلوم ٿيو. منهنجي گذارش ڪرڻ تي 'واه! گرو جي ڪا فتح' جا اکر اُچاري ڪتاب کي نرڙ سان ڇهي، گروءَ ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو. ٻيا موجود سڪ ادب کان زمين تائين هيڻ جهڪي ويا. هن ڪتاب کولي، پهريون صفحو پڙهي سمجهايو. جيڪو هن ريت هو:

"اوهان سيني گناه ڪيا آهن. تنهن ڪري اوهان پاڻ کي صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. جيڪڏهن اوهان تنبيه کان پوءِ بہ خبردار نہ ٿيؤ تہ سمجهو تہ بچڙايون اوهان ۾ گهر ڪري ويون آهن." مان سمجهان ٿو تہ سڪن جو مقدس ڪتاب گرنٿ صاحب هو. جنهن جو احترام ڪرڻ سندن مذهبي فرضن ۾ شامل هو. سڪن جو گرو ان کي 'چوري' يعني ٽهيڻ جي ڳڻن جي ڇڇ سان هواءِ جهلي رهيو هو. جڻ ڪنهن شهنشاه کي پکو جهلينڈو هجي. گروءَ يا ڪنهن ٻئي سڪ کي ڪا هَٽُ وڌائي ڪانہ هئي. جيڪي سوال اسان گروءَ کان پڇيا پئي تن جا جواب خوش مزاجيءَ سان ڏئي رهيو هو. هن ادب سان پيش ڪيل پئسن جي نذراني عيوض ڪتاب کولي پڙهي ٻڌايو ۽ موٽ ۾ پرساد طور ڪُجهہ مٺائي وغيره ڏنائين.

هڪ مسلمان شهر ۾ ۽ شمس تبريزيءَ جي مقبري اندر هڪ سڪ گرو ويٺو هجي، ان سان گڏ هڪ سڪ نواب پنهنجي جهنڊي ۽ نوبت سان گڏ موجود هجي تہ

پوءِ مسلمانن جي بگڙيل حالت ۽ تباهيءَ تي گهٽو تبصرو ڪري سگهجي ٿو. عام صورتحال مان ته ائين سمجهه ۾ اچي ٿو ته مسلمانن ۽ اسلام کي ته برداشت ئي ڪونه ٿو ڪيو وڃي. هن شهر ۾ 800 سالن کان وڌيڪ اسلام جي سر بلندي رهي آهي. پر اڄ حالت اها آهي جو نماز به ڪلهي عام پڙهي ڪانه ٿي سگهجي. سچا مومن به الله تعاليٰ جو نالو وٺي ڪونه ٿا سگهن.

عيد جي نماز به ڪانه ٿي پڙهي سگهجي. محرم جا تعزيا نڪري ڪونه ٿا سگهن. الله اڪبر جي آواز ٻڌڻ کان ڪن سڪن ٿا. مسجدن ۾ ماڻهو ته اچن ٿا، پر مڙن جيان ماڻ ڪيو نماز پڙهيو هليا وڃن ٿا. ملتان جڏهن 1818ع ۾ فتح ٿيو، تڏهن کان شهر جي اها حالت آهي. سکن جو تعداد فقط چار يا پنج سو ٿيندو جيڪي فوجي آهن. شهر ۾ مسلمانن جو تعداد 40,000 آهي، جن کي هي ڪابه تڪليف ڪانه آهي. کين واپار جو وڏو تحفظ حاصل آهي. سکن جو چوڻ آهي ته هنن مسلمانن کي معاف ڪري ڇڏيو آهي، جن ماضيءَ ۾ سندن سک مت وارن جي چوٽين حصي کي قتل ڪري ڇڏيو هو. منهنجي خيال ۾ سکن جو چوڻ صحيح به آهي. مذهبي طور تي جيڪڏهن کنهن سان ظلم ڪيو ويندو ته ان جو نتيجو انقلاب ئي هوندو آهي ۽ هر دور ۾ هر ملڪ ۾ گهاتڪي اثر رکندو آهي.

ملتان جي آبهوا سنڌوءَ جي ڏاکڻين علائقي کان مختلف آهي. هر موسم ۾ مينهن پيا پوندا آهن، پر پوءِ به ڏوڙ جا ڏوڙيا جام هوندا ۽ سهي ڪونه سگهبا آهن. نَو ڏينهن هر شام جو اولهه طرف کان طوفان سان ڪڪ سانده برسات ايندي رهي. ڪنوٽيون ۽ ڳوڙيون ڏاڍيون هيون. چيڪ وڃي ٿو ته اهڙي قسم جا برساتي طوفان عام جام پيا ايندا آهن ۽ سليمان جبل کان شروع ٿيندا آهن ۽ ان جبل ۽ سنڌوءَ جي وچ تان تيز واءُ سان وري مٿي اٿڻ شروع ٿيندي آهي. ملتان جي مٿي ۽ گرمي ته پهاڪو بڻجي وئي آهي ۽ هيٺئين فارسي شعر ۾ گداگرن ۽ مقبرن جي گهٽائيءَ جو ذڪر آهي:

چهار چيز هست تحفات- ملتان
گرد، گدا، گرم و گور ستان

منهنجي خيال ۾ ملتان لاءِ اها چوٽي صحيح به آهي. مٿي ايڏي اڏامندي آهي جو سج ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي. جون مهيني ۾ ٿرمامينٽر گرميءَ جون 100 ڊگريون فارن هائيٽ ڏيکاريندو آهي. اسان جي رهائش واري بنگلي کي هٿرادو نموني سان ٺڏو ڪيو وڃي ٿو. فقيرن جو اڏار تمام وڏو آهي. جيڏانهن اسان ويندا آهيون ته ڪونه ڪو مقبرو ضرور مُنهن ۾ پوندو آهي. جتي فقيرن جا ميڙا متل هوندا آهن.

ملتان جي اوسي پاسي وارو علائقو ڏاڍو سرسبز ۽ خوشحال آهي. چناب جي اٽل جو پاڻي ملتان جي قلعي جي پٽين سان اچي ٽڪرائبو آهي. هين موسمن ۾

ملتان جي علائقي جي هڪ وڏو واهه آباد ڪندو آهي. شهر ۽ درياهه واري وچ واري ميدان تي ويڙهه ولهار-ڀهاري لائي ٻيهندا آهن. منجهن ڪجهه جو وڻ تمامَ گهٽو آهي، جنهن ڪري محصول جي پيداوار ڇڇهي ٿئي. عامر خيال اهو آهي ته ڪجهه جو وڻ عربستان سان لاڳاپو رکي ٿو. محمد بن قاسم پنهنجي فوج جي خوراڪ واسطي پاڻ سان گڏ ڪارڪون آندیون هيون، جن مان ڪجهه جا وڻ پيدا ٿيا. حقيقت ۾ اڻا آهي ته انهن وڻن جي گهٽائي ۾ ان رستي سان آهي، جنهن سان جاٽائيل حملہ آور اروڙ ڪان هلي ملتان پهتو هو. جيڪڏهن اها روايت صحيح آهي-ته عرب حملہ آورن پنهنجي حملي جي تباهيءَ جو ڪجهه بدلو ڪڍيءَ جي وڻن جي صورت ۾ ڏئي ڇڏيو آهي. ملتان جي اوسيءَ پاسي ڪيترائي تباه ٿيل ڳوٺ آهن. اهي پڻاٽن جا ظلمن جو يادگار آهن. انهن قتل ڳوٺن جا ماڻهو پڻاٽن جي ڏاڏاڻن ڪان تنگ اچي پنهنجا اباڻا اجها ڇڏي، ملتان جي ماڳن تي اچي پُنهنجي مٽي چانو ڪئي.

20 تاريخ اسان ڪئمپ پُٽي وڃي چناب جي ڪنڌيءَ تي قائم ڪئي، جيڪا ملتان ڪان چار ميل پري آهي. درياه جي موڪر 650 گز ڪن ٿيندي. پر چاڙهه جي موسم ۾ پٽڻ وٽ 1000 گز موڪري ٿي ويندي آهي. اسان پٽڻ تي پنڊ دادن ڪان آيل ڏهه ٻيڙيون سئونچر لوڻ سان لڏيل ڏٺيون. ٻيڙين جي ٻيگهه 80 فوٽ هئي. اهي ٻيڙيون پوري ريت لڏيل حالت ۾ لوڻ جي ڪاٽين ڪان ملتان تائين ٻارهن ڏينهن ۾ پهچي ويندیون آهن.

21 جون جو اسان هاڪاريو، مهاراجا رنجيت سنگهه ڪاڻ جا ٻہ ننڍڙا بنگلا ٺهرائي هڪ ٻيڙيءَ سان جڙايا هئا ۽ اسان ان بنگلن واري ٻيڙيءَ ۾ سوار هئاسون. ٻيڙين جو ٻيو قافلو اسان سان گڏ هو. اسان لاهور ويندي وري ٻيڙين جي متاسٽا ڪانه ڪئي. ملتان واري پٽڻ ڇڏڻ ڪان ٿوري دير پوءِ اسان سنڌوءَ ۽ چناب جي وچ تي پيل ويران علائقو ڏٺو. اهو علائقو اڇ جي ميداني خطي يا اسان جي نقشن ۾ ڏيکاريل صورتحال جيتانهون ڪونه آهي. جاٽايل ويران علائقو ملتان جي ڀڳهائي قاڪ جي پرسان، درياه ڪان ٻہ ميل پرين ۽ ان سان پوروچوٽ تي هلندو مٽي وڃي ٿو. درياه ۽ ان بيابان علائقي جي وچ تي آباد پٽو ٻہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان ويران علائقي ۾ موجود واريءَ جون پٽون ساموندي ڪناري جيان معلوم ٿين ٿيون. منجهس اوچڻ تمام گهٽ نظر ايندي. مان هن اوچڻ کي ساوڪ ڪونه چوندس، چو ته سندس اوچائي 20 فوٽن ڪان گهٽ آهي. وڏين پٽن ڪان پريان وچ تي انهن ساڳئي قسم جي وڻ جو قد 20 فوٽن ڪان وڌيڪ آهي. اوهه وارن غيرآباد ڪنارن ۽ اوپر وارن آباد ۽ وسيع علائقن ڪان سندس ڏيڪ نرالو آهي. ڳوٺ درياه ڪان ٻن ميلن جي پنڌ تي آباد آهن. انهن ڳوٺن جي چوڌاري پلي زمين، درياه مان واهه ڪوٽي نارن رستي آباد ڪئي وڃي ٿي. سَنڌوءَ جي اوسيءَ پاسي ڪوهه ٻہ جامِ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. چناب تي اهڙا ڪوهه منجهانئس ڪوٽيل واهن جي ڪنارن

سان نظر اچن ٿا.

هتي ٻيلوءَ (1) نالي هڪ ٻوٽو ٿيندو آهي، جيڪو سنڌوءَ ۽ پنجاب جي درياهَن جي ڪنڌين ڪنارن ۽ ڪلر واري زمين ۾ ٻه ٿيندو آهي. منجهس ڳاڙهي ۽ سفيد رنگ جو ٻير جهڙو ٻر نندڙو ڦل ٿيندو آهي. سڳنڌ پوري ساري ٿيندي اٿن ۽ ذائقو Water Cresses جهڙو ٿيندو اٿن. پڇڻ جي هيءَ رُت اٿن. ملتان جي بازارين ۾ اڇڻ شروع ٿي ويا آهن. مان هن ڦسر جي وڻ کي سنڌ جي هيئٺين ڇوڙ واري علاقي ۾ ٻه ڏينهن هو. مون کي ويساه آهي ته اهو وڻ انهن ايراضين ۾ ٻه ٿيندو آهي، جن جو اڳ مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان. مان آرين (Arrain) جي هندستان واري تاريخ ۾ ان وڻ جو ذڪر پڙهيو آهي. سندس بيان آهي ته ان وڻ جا پن تمرند (laurel) وڻ جهڙا ٿيندا آهن ۽ اهڙين ايراضين تي ٿيندا آهن، جتي ساموندي ويرِ لهندي ۽ چڙهندي آهي، سندس گل سفيد ۽ واڪٽائي رنگ جا هوندا آهن ۽ ڦل ڏاڍو مٺو ٿيندو اٿن."

سکن جي سرحدن مان اسان جي سفر جو مڪمل بندوبست ٿيل هو. اسان سج اپرئي کان سج لٿي تائين ٻيڙيون هاڪارينداِ هئاسون ۽ باک ڦٽيءَ مهل اسان جي ٻيڙين کي ڏکڻ لاءِ 30 يا 40 ماڻهو اوسيڙي ۾ ويٺا هوندا هئا. گرم موسم ۾ اهي ماڻهو سجو ڏينهن پيا ڇهندا هئا. گدرن جي فصل وٽان لنگهندا هئاسون ته اسان جي قافلي سان شريڪ ماڻهو ڏاڍي ڀيل ڪندا هئا ۽ مالڪ لاءِ پوئتي ڪا شيءِ ڇڏيندا ئي ڪونه هئا. ڪراڙيون مايون جيڪي گدرن جي واهت لاءِ ويٺل هونديون هيون سي گدرن پٽڻ وارن کي درڪا دهماڻ ۽ گار ڪنڊ ۾ ڏيندیون هيون ته ۽ ماڻهو مزدائي ڪونه هئا. حڪومت هتان جي عام غريب ماڻهوءَ کي عزت آبروءَ جي نظرن سان ڪانه ڏسندي آهي. فتح ٽيڻ کان پوءِ کين پنهنجو زر خريد غلام سمجهندي آهي. ويچارا ڳوٺاٽا ماڻهو جيڪي چارئي پهر پيا پاڻي ۽ چور گپ مان هلندا ۽ سهڪندا آهن. تن کي اسان جي وچ ۾ پوڻ تي رات جي آجهاپي لاءِ موڪل ڏني ويندي آهي. مهاراجا جي سخا طور ڏنل گيهَ ۽ اٽي مان اسان ۽ ٽي سؤ ٻڪيا ڳوٺاٽا ڪائيندا پيئندا عيش ڪندا هلندا هئاسون.

مون سان گڏ مهماندار مون کي ويساه ڏياريو ته اسان جي سفر ڪري فصلن جي جيڪا تباهي ٿئي ٿي، ان جي عام معافي ڏني ويندي. اسان ته پاڻيءَ رستي سفر ڪري رهيا هئاسون ۽ اسان سان هلندڙ هاٿي، اٺ، رهبر فوجي جٿو ۽ ڪي هاڃي هنيا ڪي رڦشي ڪوڏيا ماڻهو درياه جي وٽ سان هلندا هئا. اهي اسان جي رات واري منزل ڏانهن قطارون ڪري آباد زمين مان هلندا هئا ۽ لتاڑي ڇٽاڙي فصلن جو خانو خراب ڪري ڇڏيندا هئا. اسان جهونجهڪڙي کان ٿورو اڳ،

---

(1) سنڌ ۾ اُن وڻ کي جار يا ڪبڙ ڇيو ويندو آهي. سرائڪي ۾ پيلُو پيرُن کي سڏيو ويندو آهي. (سنڌيڪار)

هاٿين تي چڙهي پر وارن ڪوٽن ۾ وڃي قربانيون ڪڇريون ۽ رهاٽيون ڪندا هئاسون. اسان ڏٺو ته اهي اهوجه انسان علم جي روشنيءَ کان ڪوهين دور هئا. جاڻ قبيلي سان تعلق، مذهب جي لحاظ کان مسلمان ۽ ڏنڊي ۾ راهڪ هئا. ڪين ڏاڍيان تلاوت ڪرڻ ۽ وڏي آواز سان عبادت ڪرڻ جي سخت منع ٿيل هئي. جڏهن اسان جي نوڪريءَ ۾ آيا ته غوث بهاءُ الحق جو نالو وٺي ڏاڍيان دنبها هٽڻ لڳا.

23 تاريخ جو سج لٿو ته اسان فاضل شاهه ڪوٽ جي هيٺئين پاسي اچي ٻيڙين جا لنگر هنيا پرسان راوي ندي چناب ۾ ڇوڙ ڪري رهي هئي. هتان جا ماڻهو راويءَ کي اجا تائين اروتي (Iroatee) جي نالي سان سڏيندا آهن. يوناني ڪيس هاءِ ڊروٽس (Hydroates) ڪري ڪوٺيندا هئا. هيءُ اهو ماڳ آهي، جتي سڪندر اعظم پنهنجي اتاوليءَ فوج سان سخت زخمي حالت ۾ اچي مليو هو. ڪين پنهنجا زخم ڏيکاريندي چيو هئائين ته سندس قيمتي حياتي بچي وئي آهي. هي اهڙا واقعا آهن، جيڪي فقط يورپ جي تاريخ ۾ ضايع ٿيڻ کان بچي ويا آهن. ايشيا جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي ياد ڪونہ آهي ته سڪندر مقدوني ڪير هو. مان يوناني مؤرخن جي تائيد ڪندڙ ڪن حقيقتن متعلق اوهان کي ٻڌائيندو هلان ته هن درياه جي ڪنارن سان متڙن جا فصل بيئل هئا، جن ڪيتري وقت تائين سڪندر اعظم کي هن غلط فهميءَ ۾ مبتلا رکيو هو ته سنڌوءَ جو منهن نيل درياه منجهان آهي. ڪيترو زمانو گذري چڪو آهي، پر اهڙيون حقيقتون هتي سڪندر جي فوجي مهم کي ثابت ڪن ٿيون. هي ڳالهه ته سندس مؤرخن جيڪو به بيان ڪيو آهي، سو بلڪل صحيح آهي.

سڪ علائقي ۾ پهچڻ جون خبرون وڃي لاهور پهتيون. ان خوشيءَ ۾ مهاراجا زمرد ۽ هيرن سان جڙيل ڏوري ۾ هڏڻ وارا ٻہ سونا تاٽ، اسان جي مهماندار ڏانهن سوڪڙي طور موڪلي ڏنا. لاهور جو سڪ سردار پنهنجي امين ۽ نوابن کي سوڪڙين ڏيڻ ۾ ڏاڍو سخي آهي. پر اڳئين دور کان مڙوئي ڪجه گهٽ آهي. پرڀوءِ ٻہ زمين، جواهر ۽ نقد رقمن جا انعام اڄ ٻہ ڏنا ويندا آهن. هن مان ملڪ جي خوشحاليءَ ۽ حڪمران جي صحيح حڪمت عمليءَ جي سڌ پوي ٿي.

24 تاريخ اسان چناب کي چڏي پُنهنجون ٻيڙيون راويءَ ۾ هاڪاريون. سنگهر واريءَ جاءِ تي چناب جي موڪر 3/4 ميل آهي. پر سندس اونهائيءَ وارو حصو 500 گز ڪن کان مٿي ڪونہ ٿيندو.

ليفٽيننٽ مئڪارٽني (Macartney) ذڪر ڪيو آهي ته چناب جي هن جاءِ کان هيٺ سيارين جي موسم ۾ لانگها ٿي ويندا آهن. پر هتان جي ماڻهن ٻڌايو ته سندن يادگيرين مطابق ائين ڪڏهن ٻہ ڪونہ ٿيو آهي. منهنجي خيال موجب ماڻهن جو چوڻ بلڪل صحيح آهي. چاڪاڻ ته هن جي اونهائي ٻارهن فوٽ آهي. چناب سنڌوءَ کان گهٽي ياڳي گهٽ آهي پر رفتار ۾ سنڌوءَ کان گهٽي تيز آهي. ڪنارن

هيڻ هوندي بہ سندس اونهائي ٻارهن فوٽ آهي. راوي چناب ۾ فقط ٽي مهينا وهندي آهي ۽ ٻئي ڪجھ فاصلي تائين هڪ ٻئي جي ويجھو وهندیون آهن. راوي تمام ننڍي ندي آهي. جڏ تہ واه پئي ڏسڻ ۾ ايندي ۽ ڪٽي بہ 150 گز ن کان موڪري ڪاڻ آهي. سندس ڪنارا ايڪپرا هوندا آهن، تنهن ڪري اها ويڪر ۾ وکرجڻ کان لڳ ۾ گهري ٽيڻ شروع ٿيندي آهي. سندس وهڪري ۾ ور وڪڙ تمام گهٽا هوندا آهن، ان ڪري درياهي سفر ۾ ڏاڍي ڏکي آهي. اسان اڌ ڏينهن جو سفر ڪري جو حساب لڳايو تہ معلوم ٿيو تہ اسان شروع واري جاءِ کان فقط بہ ميل اڳتي وڌي سگهيا هئاسين. راويءَ جو ٻاڻي چناب جي پاڻيءَ کان وڌيڪ ڳاڙهو آهي. سال جا اٺ مهينا ماڻهو منجهانئس پيا لنگهندا آهن. سندس ڪنڊيون ڪنارا ٻوڙڻ ۽ لُون سان ڀريا پيا آهن. ڇوڙ واري جاءِ جي اڌ پنڌ کان وٺي دارالسلطنت تائين ڪابہ آبادي نظر ڪاڻ ٽي اچي. لاهور کان هيڻان هن درياه ۾ ڪي واه ڪوٽيل ڪونہ آهن ۽ نہ وري ڪنڊن پوڻ جا نشان آهن. شهر کان مٽان هڪ وڏي ڪنڊ پوڻ جو نشان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن جو ڪنهن مناسب جاءِ تي ذڪر ڪندس.

27 تاريخ تي تلمبا پهتاسين. هيءُ شهر راويءَ کان ٽي ميل ڏکڻ طرف، ڪچيءَ جي وڻ جي وچ ۾ ڏسڻ ۾ پئي آيو. تيمور جو مؤرخ شريف الدين اسان کي ٻڌائي ٿو تہ فاتح تيمور دهلي ڏانهن ويندي تلمبا وٽان راوي اُڪريو هو. اسان هاڻي ٻئي فاتح جي رستي تي پهچي چڪا هئاسون.

هن تاتاري حملہ آور کي آس پاس جي درگاهُن تي نذرانن ڏيڻ سبب اڄا تائين ياد ڪيو ويندو آهي. هن ڳوٺ کان هيٺئين پاسي درياءُ 12 ميل ستڻ رخ اختيار ڪري ٿو. ان ايراضيءَ ۾ درياه جي ٻنهي ڪنارن تي ڏاڍو خوبصورت منظر هوندو آهي ۽ ڏکها وڻ درياه تي ڇانڻ ڏيو بيٺا هوندا آهن. هتان جا ماڻهو ڀن نظاري کي راوي جي ڪرامتي ڏيڪ ڏانهن منسوب ڪندا آهن. ڳالھ هيئن ڪندا آهن تہ درياه ۾ وهنجندي هڪ درويش جا ڪپڙا لڙهي ويا هئا. جڏهن درويش ڪپڙن جي ڳولا واسطي درياه ۾ واجهايو تہ درياه پنهنجا وڪڙ وڃائي سڌو ٽي ويو. جهلم ويجهو هئي. چناب سان سندس سنگم واري مقام فقط 45 ميل پري هو.

هتي سڪندر جي جنگي ٻيڙي کي درياه جي تک، تباهيءَ جي منهن ۾ ڏنو هو ۽ هن ئي جاءِ تي تيمور جي لشکر کي ٻنهي پاڻين جي ڪولاهل، دهشت، دم ۽ راڳي جهڙين راڙين وائڙو ڪري ڇڏيو هو. اسان جي سڪ دوستن کي تعجب ٿيو پر ڪين اسان جي جستجو جي مقصد جي ڪابہ خبر ڪاڻ هئي. اسان گهوڙن تي چڙهي انهن ٻنهي واقعن جي حوالي سان ٻنهي پاڻين جي سنگم کي ڏسڻ وياسين، ۽ ٻئي ڏينهن شام جو اسان جهلم جي ڪناري تي پڳاسين. ان وقت اسان جا جذبا ڏسڻ وٽان هئا. هي طلسمي جهلم درياه، منهنجي تصور ۾ ڪيڏو عظيم هو. هيءَ جاءِ

قديم تاريخ ۾ وڏي شهرت جي مالڪ هوندي ب، يونانين جي دور کان پوءِ، اڄ تائين ڪنهن يورپيءَ کانئن ڏٺي هئي، هيءَ درياه چناب سان ملڻ وقت وڏو آواز ڪندو آهي. سندس رفتار ايڏي خاص تيز ڪانه هوندي آهي. ٻيڙا ڪنهن خطري کان سواءِ منجهس داخل ٿي ويندا آهن. جولاءِ- آگسٽ واري وهڪرو البت خطرناڪ هوندو آهي. درياه ۾ نه ڪُن آهن. ۽ نه منجهس ٽڪريون آهن نه وري ڪٽي سوڙهو آهي پر سنگم وقت آواز ٻين درياهن کان تمام وڏو هوندو آهي.

پٽڻ جي ٻيڙائٽ اسان کي ٻڌايو ته چاڑهه جي رت ۾ اهي بزرگ جي پناه ۾ هوندا آهن. ان بزرگ جو مقبرو، ٻنهي درياهن جي وهڪرن جي وچ تي ٻيگهوءَ ۾ آهي. وهمي طور ڪنهن بزرگ ۾ پروسو ڪرڻ ڪنهن ڀ ۽ ٻاءَ جي احساسن جي علامت هوندو آهي. مان درياه جي ڪناري تي ٻيهي ماٿن سان گالهيون ٻولهيون ڪري رهيو هوس. سج لٽي تائين اتي اسان ماٿن سان پٽي ڪڇهريون ڪيون.

اسان جي اولهه پاسي وڪريل وسيع بيابان ۾ ڳاڙهو روپو سج لهي رهيو هو. ان وقت اسان جا سڪ دوست درياه ۾ وهنجي رهيا هئا. هن اسان جيان قدرتي ڏيک مان حظ حاصل ڪونه ڪيو پر ان بدران ٻن درياهن واري سنگم واري جاءِ جي پاڪ پاٽيءَ سان سنان ڪري روح کي راضي ڪري رهيا هئا.

اوسي پاسي جا ماڻهو هن درياه کي بيهت، بيدستا (Bedusta) ۽ جهلم جي نالن سان سڏيندا آهن. ۽ چناب درياه سان ويڪرائي ڦاڪ جي 31 ڊگرين 11 ۽ 30 انچن تي ميلاپ ڪندي آهي. اهو ماڳ راويءَ تي موجود تلمبا شهر کان 45 ميل مٿي آهي. جهلم جا ڪنارا ندين کي سوڙهو ڪونه رکندا آهن. آرين (Arrain) جو بيان ب. اڳتي حقيقت جي تصديق ڪري ٿو. پر جنهن جاءِ تي تباه ٿيل ٻيڙين جي ٽوڙن پرزن سان ڳڏ يوناني فوج ڪجه دير ساهي پٽي، اتي تاريخ ۾ بيان ڪيل ڪڙيءَ جو ڪو نانءُ نشان ئي ڪونه آهي. جهلم جو يوناني نالو هاءِ داس پس آهي، جنهن کي اسان اڄ بيدستا (Bedusta) جي مقامي نالي ۾ زنده ۽ موجود ڏسون ٿا. جهلم جي پاٽيءَ جي رفتار چناب جي پاٽيءَ کان ڊيري آهي. سنگم وٽ سندس ويڪر 500 گز آهي. ٻنهي درياهن جو پاڻي ملڻ کان پوءِ ٽوري پنڌ تائين چوڻيون هٽندو ويندو آهي. ان هنڌ ٻنهي ڪڏيل پاڻين جي ويڪر هڪ ميل ۽ اونهائي 12 فوٽ هوندي آهي.

جنهن کان مان پنجاب جون ٻيڙيون ٺاهيون ويندين آهن، تنهن کي هندوڪش مان جهلم جي پاٽيءَ ۾ لاٽو ويندو آهي. ساڳئي سبب ڪري سڪندر اعظم ب سندءَ تائين پهچڻ لاءِ پنهنجي درياهي سفر واسطي پنجاب جي ٻين درياهن مان فقط جهلم کي چونديو هو. چاڪاڻ ته سندس ٻيڙين ۾ ساموندي جنگ سان لاڳاپيل هٿيار رکيل هئا ۽ هن فاتح سُست رفتاري ب ڪانه ٿي چاهي. هن درياه ۾ ٻيڙيون تمام ٽوريون هلنديون آهن. پنجاهه ڪن لوڻ جي واپار سان لاڳاپيل

آهن، جي پنڊ دادن خان کان هلندیون آهن. کن ہیڑین تي 500 مڻ لوڻ لڏيو ويندو آهي. ستڏن ڊيگهه 100 فوٽ کن ٿيندي. زُروڪ-جيءَ طرز تي ٺاهيون ويندیون آهن. آڳل ۽ پاڇل گول ٿيندي-اٽن. سڙهه کوڙ هوندا اٽن. هن درياهن جي سنگهر واريءَ جاءِ تان آرام سان نڪري سگهندیون آهن. اسان کي خبر آهي ته یونان جي جُنگي ہیڑن کي هن درياه ۾ سخت تڪليف جو منهن ڏسڻو پيو هو. کي ہیڑا ته تباه ٿي ويا هئا، جن جي جاءِ تي نوان ٺاهيا ويا. کاڏي خوراڪ جي بار واريون ہیڑیون 'گول شڪل' جون هيون ۽ منهنجي خيال ۾ 'زروڪ' شڪل جهڙيون هيون ۽ کين کوڙ جوکو کوڙ رسيو.

اسان کي پورو يقين آهي ته سڪندر پنهنجي ہیڑين جي قافلي جو وڏو حصو هتي ٺهرايو هو. جڏهن جهلم ۾ هن پنهنجو جنگي ہیڑو هاکاريو ته ساٹهه 800 ہیڑیون گڏ هيون، هو پهريون ڀيرو جڏهن ان درياه وٽ پهتو هو ته وٽس هڪ ہیڑي به کانه هئي. تنهن کري هن جي حڪم سان انهن ہیڑين کي کولي دوآبي مان خشڪيءَ رستي مقرر ماڳ تي پهچايو ويو، جن جي مدد سان پوءِ سنڌو درياه جو سفر کيو ويو هو. اهڙيءَ ريت اسان ٽرائرسم ۽ بائرسم نالي ہیڑين جو ذکر ٻڌو ٿا، پر اهي سنڌوءَ جي ہیڑي جي وصف سان ميل کوڙ ٿيون کائين. جنهن مان اسان اهو سمجهون ٿا ته گول شڪل واريون ہیڑیون جن کي کوڙ جوکو کوڙ رسيو هو، سي هتان جون ملڪي ہیڑیون هيون.

جهلم ۽ چناب ۾ سياري جي رُت ۾ لنگهي سگهبو آهي. پر جڏهن ٻئي گڏبيون آهن، ته ہیڑين کان سواءِ ڪڏهن به اکري کوڙ سگهبو آهي. تيمور دهليءَ تي حملي ڪرڻ وقت ستگهر وٽان ۽ ٽ- منهن کان ہیڑين جي پل تيار ڪرائي هئي. رنجيت سنگهه، ساهيوال وٽان گهوڙيسوارن جي وڏي انگ سان جهلم تري ٽپي ويو هو. هن جنگجو سردار انڪ کان مٹان سنڌو به ساڳيءَ ريت پار کيو هو. خراسان جا واپاري هندستان ڏانهن سال جي هر موسم ۾ پيا ايندا ويندا آهن. سي ديري اسماعيل خان منڪري (Mankere) ان کان پوءِ هڪ ويران علائقو ٽپي ٽ- منهن پار ڪري تلمبا پهچندا آهن. ٽ- منهن ۾ تلمبا جي وچ وارو علائقو جهلم جي ساڄي ڪناري واري علائقي کان بلڪل مختلف آهي. منجهس واريءَ جون پٽڻون ته کوڙ آهن، پر ان هوندي به ويران غلائقو آهي. مٽي ڏاڍي سخت آهي. لوڻ، لاٹي، کائر، کيجرا ۽ ہين ہوٽن جي جهنجهٽ لڳي پئي هوندي آهي. اهڙي قسم جا هوٽا ٿر، هندستان جي رڻ، چناب ۽ راويءَ جي وچ واري علائقي ۾ جام ڏسبا آهن. درياه جي ڪنارن کان سواءِ ہئي هنڌ کاٹي گاه جو جُٹو به ڏسڻ ۾ کوڙ ايندو. پيٹ جي لاءِ پاٹي 30 فوٽ اوٿهن کوهن مان آندو ويندو هو. سٹو پاٹي ڪٹي ڪٹي ملندو آهي، نہ ته عام طور ڪنو ۽ صحت لاءِ نقصان ڪار هوندو آهي. لوٹيائو پاٹي به تمام گهٽ ملندو آهي.

ماڻهن جي گهڻائي مالوندن تي مشتمل آهي، جيڪي ڪاٽپا (Kattia) ۽ جوٽ (Jun) قبيلن سان تعلق رکن ٿا. سانگي زندگيءَ ڪري مٽن اهو نالو پيو آهي. جُونَ مينهن وسڻ تي درياهي ڪنارن جي آس پاس پيا ڏسبا آهن. ڪين مينهن ۽ انن جا وڏا وڳ هوندا آهن. ڪير مکڙ تي پيا پيڻ گذارو ڪندا آهن. ڪيتي راهي گهڻ ڪن، جيتوڻيڪ تماڪ جون پليون پوکون سندن واندين پرسان پيون ڏسبيون آهن. انهن قبيلن جا ماڻهو ڏاڍا سهٽا ۽ قد ۾ ڊگها ٿيندا آهن. منجهن اهو اصول آهي ته چوڪريءَ جي شادي 20 سالن کان اڳ ۾ ڪونہ ڪرائيندا آهن. هارن جي نندءَ عمر ۾ شادي جيڪا هندستان جي ٻين قبيلن ۾ عام آهي، تنهن کي خراب سمجهندا آهن.

ڪاٽيا ويڑهو ۽ ڏاڙيل نسل آهي. انهن مان ڪي ٿورا هوندا آهن جن جي جانين تي گهاوَن جا وڻا نہ هوندا. اهو قبيلو جهلم جي ڪنارن کان دهليءَ تائين پکڙيو پيو آهي. هي هن علائقي جا اصلوڪا باشندا آهن. منهنجو خيال آهي ته آرين جا ڪاٽيا (Cathaei) ٻ اهي ئي ماڻهو آهن. آرين کين سڳهارا ۽ جنگ جي فن ۾ ماهر سڏيو آهي. مان ان حقيقت کان ٻ باخبر آهيان ته هن ماڻهن کي کتري يا راجپوت سمجهيو ويو آهي، پر سندن علائقو اڄا ٻ ڪجھ ڏکڻ پرو آهي ۽ يونانين جي حملي وقت هندستان جي هن علائقي ۾ هو موجود ڪونہ هئا.

ٻنهي ندين جي وچ واري علائقي ۽ ٻنهي کان هڪ جيتري فاصلي تي شورڪوٽ جي نندڙي ڳوٺ جي پرسان شورڪوٽ جا کنڊر آهن، جيڪي چڳيءَ ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهن. سيوهڻ کان پکيڙ ۾ گهٽا وسيع آهن. شڪل صورت سيوهڻ جهڙي انن. مٽيءَ جي وڏي درّي جي چوڌاري پکين سرن جي قلعي جي پٽ آهي. سندس اوچائي بلند آهي، جو پري کان ٻ چهن يا انن ميلن جيترو ويڪرو پيو ڏسبو. مقامي روايتن موجب هتي 'شور' نالي هڪ هندو راجا حڪومت ڪندو هو. انڪل 1300 سال اڳ اوڀ ولايت جي ڪنهن ملڪ مٽس هلان ڪئي ۽ ڪرامتن جي زور تي هن قلعي کي فتح ڪيائون. شورڪوٽ جو ذڪر تيمور جي مؤرخن ٻ ڪيو آهي. سندس ماڳ مڪان جا آثار اهو ڏيکارين ٿا ته هي اهو شهر آهي، جتي سڪندر کي گهاءَ رسيا هئا. چاڪاڻ ته هن 'مالي' قوم جو پيڇو ڪندي جهلم کي پار ڪيو هو، جيڪي ڪانئس شڪست کائي هڪ ويجهي قلعبند شهر ۾ وڃي لڪا هئا. ان شهر جي قلعي جون پٽيون پکين سرن جون ٽهيل هيون. ان اوڀ واري بادشاه جي ڪاله تمام ٿوري ٻڌائي وڃي ٿي. گهٽو امڪان آهي ته اهو سڪندر مقدوني هوندو. سڪندر هٿان فتح ٿيل قلعن جي بناوت جي طرز منجهيل مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ ڪجھ مدد ڪري ٿي. سندوءَ جي ڪناري سان تعمير ٿيل قديم شهر مٽيءَ جي درڻن تي تعمير ٿيل آهن. انهن جي چوڌاري پکين سرن جا ڪوٽ ڏنل آهن.

خوشقسمتي سان هتان مون کي ڪجھ سکا ھٽ لڳا. گھڻي وقت تائين تہ منھنجو اھو خيال ھو تہ اھي سڀ ھندو دور سان واسطو رکن ٿا. ھتن پراڻن ماڻن لاءِ منھنجي قدامت جي اندازي کي اڃا بہ وڌيڪ پراچين حيثيت ملي وئي. ايشيائٽڪ سوسائٽي آف بنگال جي سيڪريٽري مسٽر جيمس پرنسيپ انھن سڪن کي باختري يوناني سڪا قرار ڏنو آھي. ھن صاحب جو چوڻ آھي تہ ھڪ سڪو ائپولو ڊوٽس جھڙو آھي ۽ شڪل مينانڊر (Menander) جھڙي اٽس. ھي سڀ سڀ کرنل جي (J) ٽاڊ اتان لڌا ھئا. جيڪي رايل ايشيائٽڪ سوسائٽيءَ وٽ محفوظ آھن. انھن تي يوناني زبان ۾ لکيل باڙيليوس (Bazileos) جو اکر چٽيءَ ريت پڙھي سگھجي ٿو. ان ڏس ۾ مان پاڻ کي مبارڪن جو مستحق سمجھان ٿو. جو مان پنجاب جي سرزمين تان يونان جا يادگار گولي لڌا آھن.

اسان ھن مشھور درياه تان ڪاٽيا ۽ جوڙ قبيلن کي ڏسندا واپس ورياسين. اسان جي اڇڻ تي اھي ڏاڍا اچرج ۾ پئجي وبا ھئا ۽ ميڙاڪن جي صورت ۾ اچي اسان کي ڏسڻ لڳا. ٽسندن پکا ۽ پيھون ٽڪريل پٽڪريل صورت ۾ ھڪ واندڪ جي شڪل ۾ موجود ھيون. ھڪ ھنڌ ٽڪي ڪونہ ھون. اڄ ھتي سياڻي ھُتي ٽڪندا وٽندا آھن. مال جي ڪيماڳ مٽائيندا. مرد ۽ عورت قد جا ڀڳا ۽ ھائيءَ ۾ پورا پنا ٽين. سندن مھاندا اس ۽ لوءَ ۾ لوساٽيل پيا ڏسبا. ڏمڙدن جا وار ڀڳھن چٽن جي صورت ۾ پيا ڪلھن تي لڙڪندا آھن. عورتن جي ڪنن ۾ وڏا وڏا پاتل، اھي بہ ھڏ ڪاٽ ۾ مضبوط ۽ سڳھاريون ٽين. قد ۽ وزن ۾ پنھنجي مردن کان پوئتي پيل ڪونہ ھوندیون آھن.

پھرين جولاءِ، اسان موٽي تلمبا آياسين. گرمين ٽڪائي پڄي رکيو ھو پر پنھنجي سفر کان ڏاڍو خوش ھئاسون. جلدئي لنگر کڻي سفر تي اسھياسين. اسان جي غيرحاضريءَ ۾ جبلن تي اوھيڙي جي اوڪ ٽي ھئي ۽ درياه ۾ بہ فوٽ چاڙھ اچي ويو ھو. پر مون کي ويڪر معلوم ڪانہ ٿي سگھي. اسان پنھنجي سفر دوران، ٻين درياھن کان وڌيڪ راويءَ ۾ پاڻيءَ جا پکي آڙيون، چيکلا، ٻگھلا، بدکون ۽ پيڙ ڏٺا. پاڻيءَ جي جانورن ۾ ٻلھڙ ڇڇھي انداز ۾ ھئي. ھتان جا ماڻھو ھن قسم جي مڇيءَ کي واڳونءَ جي جنس ۾ شمار ڪندا آھن. راويءَ جي منھن وٽ سندن انگ ڏاڍو ڇڇھو ھو. پاڻيءَ ۾ پٽيءَ قلابازيون کاڏائون. کيس چار نندڙا چنبا آھن ۽ دونڀ سوئر جيان ٽيندي اٽن. ڪٽاري ڏانھن ڪانہ ايندي آھي. سندس گذارو نديين مڇين تي ھوندو آھي. وڏا واڳون ھتي ڪونہ ٽين. باقي گھڙيال يا سيسر سو جامر آھن. تندوا نالي ڪڇونءَ جي قسم جو ھڪ جانور ٽيندو آھي، جنھن لاءِ چيو ويندو آھي تہ کيس وات ۾ رسي نموني ھڪ تند ٽيندي آھي، جنھن سان ماڻھو ٻلي ھائيءَ کي بہ قاسائي سگھندو آھي. شاسترن ۾ اھڙو ذکر موجود آھي تہ ھن ھڪ ديوتا جي ھائيءَ کي جھلي ورتو ھو. نہ مان اھو جانور ڏٺو

آهي ۽ نہ ئي مان اهڙين ڳالهين ۾ اعتبار ڪندو آهيان.

اسان سڪن جي ملڪ مان گهٽو سفر ڪيو آهي پر اسان ڪوبہ سڪ ڳوٺ يا اهڙي قبيلو ڪونہ ڏٺو، جنهن کي اسان جي خدمت ڪرڻ لاءِ رکيو ويو هجي. ملڪ ۾ آدمشماري تمام گهٽ آهي، ڪيترن ميلن ۾ تہ فصل ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ ٿا اچن. اسان جي ضرورت ۾ ايندڙ جنهن بہ شيءِ جي ماٺهن کان ڳُهر ڪئي ويندي آهي تہ اها هر شيءِ خوشيءَ سان ڪٽي ڏيندا آهن. سرڪاري آفيسن ۾ ماٺهن کي گهرائي فرنگين جي ضرورت واري شين جي پنوتري کين ڏني ويندي هئي ۽ گهربل سامان جهٽ پٽ پهچي ويندو هو. اسان جي اوسيئڙي ۾ آڻڻ جا ٽوڪرا پيا هوندا هئا. ڪڏهن تہ 400 يا 500 آنا روزانو ڳوٺن مان گهرايا ويندا هئا پر اهي ڪائڻ بجاءِ ڪنهن کي هٽي جُٹ ڪرڻ جي لائق وڌيڪ هوندا هئا. جو تہ انهن مان گهٽا تہ ڪنا هوندا هئا ۽ ڪيترن مان وري ڇڄا نڪري پوندا هئا. اسان جي گوشت جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ واسطي ملتان مان ڪاسائي آندا ويا هئا. شراب ۽ پاٽيءَ کي ٽڏي رکڻ واسطي شوري آٹو جو بندوبست ڪيو ويو هو. آرام ۽ آسائش تمام گهٹو هو. ضروريات زندگيءَ سان لاڳاپيل هر شيءِ جو اِنگ ججهو هو.

گرمي ۽ ڪُهٽ سهڻ کان ٻاهر ٿي چڪي هئي. مقامي ماٺهن جي چوٽ مطابق چوکو چوماسو اوڙڪو هو. سانوڻ من ٻانوٽ جي رت اکين نہ ٿي ڏٺي. جولاءِ جي ڏين تاريخ ڏين وڳين ٿرمامينر گرميءَ جو درجو 110 ڊگريون ٿي ڏيکاريو. سج لٿي مهل پورب جي پاسي کان طوفان آيو. جيڪو ٻُڌَ ۾ ڏاڍو سُهائي پيو. ڪلاڪ اڌ ۾ جهڙ افق کان ايرندو مٿي اچي اسان ويٺ پهتو. ڪڪر پنهنجي شڪل ۾ ڏسڻ ٿي معلوم ٿيا. اهو خالي طوفان هو. مينهن جي نالي کاڻ هڪ بوند بہ ڪا نہ وُٺي. ان جهڙو خالي طوفان اسان ملتان ۾ بہ ڏٺو هو. واءُ ايڏو ڪوسو هن جو جڻ تہ دوزخ جي دري کُلي وئي هئي. مٿيءَ جو وڏو وسڪار گڏيل هوس. ڪلاڪ ڪن ۾ اهو گذري ويو. انَ کان پوءِ وري بہ پورب ڪان ٻڪرال جا ٻهڪا ۽ گوڙين جا گجڪار ٿيڻ لڳا. جهن ڏينهن جي گرميءَ ۽ طوفان کان پوءِ وڏڙي وسڪارو لاتو. پر اڳيان ڇہ ئي ڏينهن مٿي ۽ طوفان ڪونہ گهٽايو هو ۽ شام ٿيڻ سان اچي پرگهٽ ٿيندو هو.

اسان جو مهماندار اسان جي واسطي چيچاوطني ڳوٺ ۾ سواريءَ لاءِ هاٿي جهليو ٻيٺو هو. پچڻ تي چيائين تہ هيءُ هاٿي اسان جي خدمت واسطي هر وقت موجود رهندو. سندس چوٽ مطابق هتان جا تيار ڪيل سودا سواريءَ ڪرڻ ۾ سهنجا ڪونہ ٿيندا آهن. مهاراجا رنجيت سنگهہ پنهنجي خيال ۾ بلڪل صحيح هو. سندس هن مهرباني‌ءَ جو ڪُلي‌ءَ دل سان اعتراف ڪيوسين. هاٿي قيمتي هودي سان سينگاريل هو. مَٿانئس وڏي ڪرسي رکيل هئي. جنهن تي چانديءَ ۽ مينا ڪاري جي ڪم سان سنجتا ڪيل هئي. گاڙهي بخمل جا پٽن تي پردا لڳل هئا. مهاراجا جا

شخصيت جو ارڏلي سان هئس، جيڪي قرمزي ڪپڙن ۾ ڦڪي رنگ جي پٽڪن سان ڏاڍا زيبائتا پئي لڳا. سڪ فوج مختلف قسمن جون وردیون پائيندي آهي پر پٽهنجي قبيلي سان لاڳاپيل ننڍڙو پٽڪو ضرور ڇڏيو هئائون. جنهن لاءِ مان اهو ضرور چوندس ته ڪير اهو ڏاڍو سوهندو ٻڌ آهي.

اسان سان گڏ رهندڙ ماڻهن جي قربائتي ڪچهري ڏاڍو وڻدرائيندڙ هوندي هئي. سڪ دربار جي هڪ وقائع نويس کي ان مقصد سان موڪليو ويو هو ته جيئن اهو ڏهاڙي دربار ڏانهن اسان جي نوڪرن ۾ رهائش متعلق معلومات موڪليندو رهي. ملتان شهر جو اخبار نويس به اسان سان گڏ هو. جيڪو پڻ خبرن جو وڏو پستڪ ناهي دربار ڏانهن روانو ڪندو هو. لاهور جي اخبار نويس مون ڏانهن هڪ مختصر مقامي خبر موڪلي هئي ۽ ان جي جواب موڪلڻ لاءِ به گذارش ڪئي هئائين. اسان جو ڏيوان، چيواليئر وينچورا ۽ الرد سان لکپڙهه ڪندو رهندو هو. مون کي ديوان وٽان فن ملڪ متعلق پڇيل سوالن جا ضحيح جواب هٿي ڏاڍو اچلج ٿيندو هو. مون کي معلومات ڏيڻ کان سواءِ ڪيئن سرڪار طرفان ان موضوع تي ٻڌي معلومات رکڻ لاءِ چيو ويو هو. هتان جا سڀ ماڻهو اسان لاءِ ڏاڍا ٻاجهارا ۽ حليم هئا. اسان جي خواهش جو ڏاڍو احترام ٿي ڪيائون ۽ پنهنجي ڪاب خواهش کان ٿي ڏيکاريائون. اسان کي ڏاڍو ساراهيندا ۽ پڏائيندا هئا. چاپلوس به ڇڙڙا هئا. روزانو چوندا هئا ته اسان سنڌوءَ جو خطرناڪ سفر ڪيو آهي ۽ اسان سڪندر ثاني آهيون. هتان جا شريف ۽ حليم طبع ماڻهو سنڌين ۽ بلوچن جي وحشي طبع ۽ ڪٻورتا کان ڏاڍا ٻنل ۽ هٽاڻل هئا.

تلمبا کان پنجاهه ميل اوپر طرف ۽ اتان خشڪيءَ رستي چار ميل پنڌ ڪري هڙاپا نالي قديم ڪنبر ڏسڻ ويس. اهي ڪنبر هڪ وسيع ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهن. پڪين سرن سان تعمير ٿيل آبادي جو دائرو به ٽن ميلن ۾ پکڙيل هو. شهر جي ندييءَ واري پاسي کان تباهه ٿيل قلعو آهي. سجو هڙاپا ڏاڙا ڦاڙا لڳو پيو آهي: ڪاب جڳهه سلامت ڪانه آهي. اتان پڪيون سرون ڪيي پراڻي شهر جي نالي پٽيان نئون ڳوٺ ٺاهيو ويو آهي. هتان جي روايتن مطابق شورڪوٽ ۽ هڙاپا جي تباهيءَ جو هڪ ئي دور سمجهيو وڃندو آهي. يعني اڄ کان 1800 سال اڳ جو زمانو. مقامي ماڻهو هڙاپا کي خدا تعاليٰ جي غضب ڪري تباهه ٿيل سمجهندا آهن. چيو وڃندو آهي ته ڪنهن زماني ۾ هتي هڪ ظالم حڪمران رهندو هو. جنهن کي نئين جوڙي جي شاديءَ وقت پنهنجي طرفان کي خاص حق حاصل هئا. ان هوس جو شڪار ٿي هو ويجهي رت جي رشتي مان به ڪوڙ مڙيو هو. تنهن ڪري خدا جو جو قهر نازل ٿيو. ان کان پوءِ هڙاپا مسلمانن جي قبضي ۾ آيو. اتي هڪ بزرگ جي مزار آهي. جنهن جي قد لاءِ نه وسهڻ جوڳي ڳالهه ڪئي وڃندي آهي ته سندس قد 18 فوٽ هو. مزار وٽ هڪ چلي جهڙو گول قسم جو وڻ ۽ ٻيو بيضوي شڪل

جھڙو پٽر قبر پرسان رکيل آهي. ماٹھو چوندا آهن تہ اهي رتن جا ٹهيل هئا، جيڪي هاڻي عام پٽر جي شڪل ۾ بدلجي ويا آهن ۽ ان مرحوم بزرگ جي ملڪيت هئا، جتي اهڙين نہ وسهڻ جوڳين ڀالهين ۾ اعتبار ڪيو وڃي تہ اتي ڪنهن مناسب عقلي ڀالهہ جي اميد ڪري ڪانہ ٹي سگهجي. مان ايراني ۽ هندو دور سان لاڳاپيل ڪي سڪا لڌا پر انهن جي عهد جو يقين ڪري ڪونہ ٹو سگهان.

جيئن اسان راويءَ ۾ مٹي هلندا وياسين ۽ ڪاٹيا واري علائقي مان لنگهي وياسين، تيئن ماٹھن جي آبادي جو تناسب وڌيڪ ٹيندو ٹي ويو. سندن ڳوٹ ڪٹي ننڍڙا هئا، پر انگ ۾ ججها هئا. جڏهن اسان ڪناري جي پرسان ايندا آهيون تہ اسان کي ڏسڻ واسطي ماٹھن جا انبوهہ ڪڏ ٹيندا ويندا آهن. ڪو ماٹھو اسان کي سڏ ڪري چوندو آهي تہ هو سيد آهي. ٻيو ماٹھو وري واکو ڪري ٻڌائيندو آهي تہ هو هتان جو وڏو زميندار آهي. ٹيون ماٹھو بہ سڏي اطلاع ڏيندو آهي تہ هو پير صاحب آهي، ۽ بزرگي سندس ڏندو آهي. چوٹون ماٹھو اسان کي وڏي واڪ چوندو آهي تہ هو سڪ آهي. اهڙيءَ ريت هن معاملي ۾ مردن کان عورتون پڻ پوئتي ڪونہ هيون، جيڪي اسان کي ڏسي پنهنجي اندر جي لُڇ کي لڪائي ڪين ٹي سگهيون. اهڙن موقعن تي اسان ٻيڙيءَ مان يا ٻيڙي ۾ جڙيل بنگلي مان باهر نڪري ايندا آهيون. اسان جي اهڙيءَ ريت باهر نڪرڻ تي ماٹھن جو رهندو انبوهہ وڏي ويندو آهي. ماٹھن کي اسان جي متعلق عجيب و غريب خيال هوندا آهن تہ اسان ٻن ڪبوترن جي ٻهري هيٹ آهيون، جيڪي اسان جي مٹان اس ۽ مينهن کان بچاءُ ڪري ٻيهندا آهن. هڪ ماٹھو اسان کي جادوگر سمجهندو هو. هن اسان کي گذارش ڪئي تہ بصرن جي ڳڙن کي سون ۾ تبديل ڪريون.

اسان کي پنهنجي سڪ دوستن جي بهادريءَ جو اڳتي پتو پيو هو. هن پيادو ٹي هڪ خونخوار جهنگلي سوئر کي تلوار سان ماري ختم ڪري ڇڏيو هو پر سندن بهادريءَ جو شاندار مظاهرو اسان هڪ چيتي کي مارڻ سان ڏٹو هو. اسان جي ٻيڙين جي لنگر هٹڻ واريءَ جاءِ وٹان، لَوَن جي گهاٹي جهنگ مان اوچتو نڪري پيو هو. اسان جي مهماندار شڪار ڏسڻ لاءِ اسان کي نيئڻ ڏني. مسٹر ليڪي تہ هليو ويو پر ان وقت هاڻي موجود ڪونہ هو. تنهن ڪري اڙ وڃي ڪونہ سگهيس. سڀ شڪاري گهوڙن تي سوار هئا. هڪ شڪاري هن خطرناڪ جانور کي گهائي وڏو. ڪيترا سوار پنهنجي ويڙهاڪ گهوڙن تان هلندي ويڙهہ ۾ ڪري پيا هئا. پوءِ سڪ اگهاڙيون تلوارون هٹن ۾ ڪٹي.گهايل ۽ براڻل چيتي تي وهي پيا. چيتي چنگهاڙ ڪري هڪ ماٹھوءَ تي حملو ڪيو. هن کاهي ڪلهي تي بچاءَ لاءِ ڪا شيءِ ٻڌي ڇڏي هئي، هڪ چيتي سڪ شڪاريءَ تي زوردار حملو ڪيو. اهو ماٹھو ويچارو ڪري پيو ۽ ڪيس گهٹا زخم رسيا هئا. سندس دوستن بہ دير ڪونہ ڪئي. حملو ڪري چيتي کي ڪيرائي وڌائون. هيءُ هڪ خطرناڪ جانور هو. سندس قد پورا

ڏه فوٽ هو. سندس ران جوان مرد ماڻهو جي ران جهڙي ٿلهي هئي. سکن جو صبر ۽ دليري يقين ڪرڻ کان وڌيڪ آهي ۽ کين پنهنجي سردار کان همت افزائي ملندي رهندي آهي. مان ان بدقسمت گهايل ماڻهوءَ لاءِ پڇا ڪئي ته لاڙواهيءَ سان جواب ۾ چيو ويو ته هيءُ هڪ سڪ آهي. ڪيس گهوڙو ڏنو ويو آهي ۽ سندس سالياني پگهار ۾ هڪ سو رپين جو اضافو ڪيو ويو آهي. چيتي جي ڪَلَ؛ سرُ ۽ چنبا جدا ڪري هڪدم مهاراجا ڏانهن موڪليا ويا، جنهن جي سخا جا دروازا زخمي سڪ واسطي وڌيڪ کليل ويندا. اهڙي قسم جي همت افزائي هن کي هندستان جي ٻين ماڻهن کان وڌيڪ بهادر بڻائي وڌو آهي.

چيتي کان رَسيل گهاڻن جي علاج جو هتان جو طريقو بہ ڏاڍو عجيب آهي، جيڪو يورپ جي علاج کان ٻئي نمونو جو آهي. هتان جي ماڻهن جو اهو خيال آهي ته جيڪڏهن چيتي جو گهايل شخص ننڊ ٻيو ۽ سپني ۾ چيتي جي شڪل ڏسائين ته زخمن وگهي مري ويندو. تنهن ڪري طريقو اهڙو اختيار ڪيو ويندو آهي جو، گهايل کي چهن ستن ڏينهن واسطي ننڊ ڪرڻ کان ڏني ويندي آهي. ان مدي ۾ گهاوَ ڪڙيون ٻڌڻ شروع ڪندا آهن. ان کان پوءِ وڃي گهايل کي ننڊ ڪرڻ جي موڪل ملندي آهي. مٿئين بيان ڪيل واقعي ۾ گهايل کي سجاڳ رکڻ لاءِ مان کين براندي ڏني هئي.

اسان جي مهماندار سردار لهٽي سنگھ جي عقل مون کي هڪ ڀيري حيران ڪري ڇڏيو. هن هڪ ترجمي وسيلي، علم نجوم، ڌرتيءَ جي گولي يا ٻين اوزارن تي غور ڪري، انهن جي ڪن اصولن تي پنهنجي اعتراض جو اظهار ڪيو هو. هن مون کان پڇيو ته اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو قطب تارو هڪ هنڌ ٻيٺو رهي ٿو ۽ ڌرتي لاءِ اهو چيو وڃي ٿو ته هوءَ سڄي جي چوطرف ڪيترا هزار ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان ڌاڙي ڦرندي رهي ٿي. مان کيس پنهنجيءَ جاڻ مطابق سمجهايو. ان کان سواءِ مان کيس ٽرماميٽر ڏيکاري ان جي فائدن بابت سمجهايو. هن چا ڪيو جو منهنجي سمجهاڻيءَ جو ٿَتُ لکندو ويو. علم پرائٽ جو اتساھ ڏسي مان کيس اهو ٽرماميٽر ڏئي ڇڏيو.

هيءُ سردار پنهنجي قوم جي فوجي سکيا جي فن ۾ وڏو ماهر آهي. پنهنجي ڪمان کي وڏي مهارت سان هلائي سگهندو آهي. گهوڙي سوار بہ واه جو آهي. تيز رفتار هلندي گهوڙي تي ويهي نشان چُڻي سگهي ٿو. تيز رفتار گهوڙي سواريءَ دوران مان سندس ٻئي پير هيٺ زمين تي ڏٺا. وري پتو ڪونہ پيو ته هو سوار ڪيئن ٿي ويو. اهو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو ته سندس دل ۾ اها هورا ڪورا ڪيس سائنس جي ڪوجنا ڏانهن نہ گهلي وڃي. هاڻي ڪيس وري هيءَ اڻ تڻ ورائي وئي آهي ته اسان گوشت ۽ مڇي کهڙي طريقي سان سَنڊي رکندا آهيون جو خراب ڪانہ ٿي ٿئي؛ سوءُ جو سڪل گوشت ڏيکاريومانس ته ڪُجھ ٻاپر آيس ۽

شيڪ شبها ۾ ڪجھ دور ٿي ويس. جڏهن ماڻ ڪيس گوشت صاف ڪري سڏڻ جو نسخو ٻڌايو تڏهن مس وچي راضي ٿيو. سڪ سوئر کائڻ جا ڏاڍا شوقين آهن ۽ سوئر جو سڪل لوٽيل گوشت پنجاب جي مستقل خوراڪ آهي.

11 تاريخ جولاءِ تي اسان ڪاڻيا قوم جي ديس کي الوداع چئي فتحپور پهتاسين. اتي ڪجھ فصلن جي ساوڪ نظر چڙهي، لاهور کي ويجهو ايندا پئي وياسون ته اسان جي سهولتن ۾ اڃا ۽ وڌيڪ واڌارو ايندو پئي ويو. اسان جي هيڙين کي ڪير تائين چڪڻ لاءِ ماڻهن جي ضرورت کي منهن ڏيڻ واسطي پنجاه جڻن تي مشتمل فوجي جٿا وچ وارن ڳوٺن ۾ لڏو لاٽيون پيا هڻا، ان لاءِ ته جيئن ئي اسان منزل جي ويجهو پهچون ته هيڙين کي ڪيرن سان لائڻ ۾ دير نه لڳي. اسان جي قافلي جا ماڻهو به وڏي وڄي 500 جي انگ کي پهتا هئا. ٻوتارين ۽ نقارا ته اسان سان اڳ ۾ ئي ڪڏ هئا. هاڻي بگل جو واڌارو ڪيو ويو هو. ساز ۽ آواز ۾ اهڙيءَ ناموافقت اڳي ڪڏهن به ٻڌڻ ۾ ڪانه آئي. انگريز سرڪار جي نوبت ڏينهن ۾ ٻه دفعا ٻڌبي هئي.

اسان جي رهڻ واسطي ڪشميري هيڙي به موڪلي وئي هئي. سندس نالو 'پرنده' يعني پکيڙو هو. شڪل ۾ دنگي وانگي هئي. آڱر ۽ پاڇل ڪنڌائتي هئس. هيڙيءَ جو ڏاڙ ته پاڻيءَ ۾ پسندو ئي ڪونه هو. مون کي ٻڌايو ويو آهي ته هن قسم جون هيڙيون وينس جي گونڊالا جهڙيون آهن ۽ ڪشمير جي ڍنڍن ۾ اهڙيون هيڙيون عام استعمال ڪيو ويندیون آهن. هيڙين جا خلاصي هن ملڪ جا رهاڪو هئا ۽ سائي رنگ سان رنگيل ونجهن سان هيڙيون هلائي رهيا هئا. پاڻيءَ ۾ ونجه هلائڻ جو سندن نمونو پنهنجو هو. ڏاڍا خوبصورت هئا. سندن جسم ورزشي هو ۽ ڪين گاڙهيون صدرين پاتل هيون.

هيڙيءَ ۾ اندر وچ تي هڪ ننگلو جڙيل هو. مٿس هموار ڇت هئي. پوياڙيءَ جو جڏهن ڏينهن ٻرندو هو ته مٿي ڇت تي چڙهي ويهندا هئاسون. سندس ترو تراکڙو هو. پاسين وارا تختا لوه جي پٽين سان جڙيل هئس. سندس پاڻيءَ ۾ اڪثر وڏڻ جهڪي پوڻ ٿيندو هو. جيڪو دل کي ته وٺندو ئي ڪونه هو. پر جنهن تيز رفتاريءَ سان هي هيڙيون سفر ڪريِ ٿي سگهيون تنهن کي مڇو ضرور پوندو.

جولاءِ جي 13 تاريخ تي ڪوٽ ڪمالیه جي ڪاردار جو وفد ميوات جا ڪارا پريو اسان جي اوسيڙي ۾ ويٺو هو. ساڻس 1100 رپين جي ٽيلهي به ڏٺ هئي. مهاراجا کان خط آندو هئائون، جنهن ۾ اسان جي ويجهي اچڻ تي سندس دلي خوشيءَ جو اظهار ٿيل هو. خط جي لکت جي انداز ۾ باغ بهار سمايل هو. جنهن جهڙو ڪليل خط مون فارسيءَ زبان ۾ به ڪونه ڏٺو آهي. باغن، بستانن، گلن گلزارين اوله جي ٽڏڙي ٻير ۽ ڦوهارن جي تشبيهن سان پريو پيو هو. هزهاءِ نيس ڏانهن به جيڪو خط مون لکيو هو، تنهن ۾ اهڙو ورجايو هيم ته خط پکي دوستيءَ جي مکڙي

آهي، جنهن جي هڪ هڪ لفظ جو هرهڪ اکر هڪ ٽڙيل گل آهي. اهڙي خط جي حقيقت ۽ ترجمي جي ضرورت آهي. شايد اهو ان جي لائق نہ ہ هجي.

اسان جي ماٿهن کي نہ مهاراجا جون واڌايون ۽ نہ سخاوتون خوش ڪري پئي سگهيون. ڇو تہ اهي ونجھ هٽي هٽي رت ۾ پوٽا پٽجي ويا هئا. ستن اٺن ڇٽن تہ وڃي ڪٽون ورتيون هيون ۽ ڪين شديد تڪليف هئي. اهي ڏري پنهنجي تڪليف پاڻيءَ ڏانهن منسوب ڪري رهيا هئا. پر منهنجو خيال هو تہ پاڻي نہ ملڻ ۽ گهٽي ڪمر سبب سندن اهو حال ٿيو هو. هن هيڙين رستي تمام گهٽو سفر ڪيو هو. هن هندستان کان وٺي انگلينڊ جي مفاصلي جيتري سفر کان ہ وڌيڪ ونجھ هلايو هو.

اسان هاڻي سکن جي پنهنجي ملڪ ۽ بادشاهي ۾ داخل ٿي رهيا هئاسون. هيءَ قوم عظيم رومين جيان يا تہ فوجي آهي يا وري ڪيتيءَ جي ڏنڊي سان واڪيل آهي. فطري طور ڪالهين جا ڪهير ۽ حوالي مڙس آهن. پڇڻ تي پيا جنگين جا حال اوريندا. سندوءَ پار يوسف زئي پٺاڻن سان ٿيل جنگين متعلق پيا تير پٽير جون ڪالهيون ڪندا. سندن حوالن مان پتو پوندو تہ هن مذهبي جنگين ۾ پنهنجن للهنگ مڙسن ۾ ڪيرو جوانن جو وڏو انگ مارايو آهي. منهنجي خيال ۾ اهو جس جوگو عمل ڪونهي. يوسف زئي پٺاڻ، سکن ڪافرن خلاف سخت نفرت رکندا آهن. هن غازي ٿي سکن کي ماري ختم ڪرڻ جو ڪئين پيرا اعلان ڪيو آهي. سندن عقيدو آهي تہ ڪنهن ڪافر جي موت کان سندن موت سَوَ پيرا پلو آهي. سڪ ڏرم جيئن محمد ﷺ جي دين اسلام کان ڪيئي صديون پوءِ ظاهر ٿيو آهي، تنهن ڪري ڪيس اسلام جي پئيرائي ڪانہ آهي. يوسف زئي سکن تي ناهيل ٽوٽڪا ٻڌي ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي پوندا آهن. چڱن ڪيڏو نہ چڱو ڇيو آهي تہ جڏهن اسان جو هن ماٿهو سان واسطو ٿي ڪونہ آهي تہ اسان کي سندن تاريخ ۽ سندن متعلق جاڻ بہ گهٽ رکڻ گهرجي.

15 تاريخ اسان، لاهور کان 25 ميل هيٺ چانگا پهتاسون. هتي اسان جي آجيان لاءِ مهاراجا طرفان وڏو پهتل هو. جنهن ۾ ٻہ سک سردار ۽ ٽيون مسلمان ۽ سيد نورالدين فقير شامل هو.(1) مٿس سک دربار جو وڏو ويساه هو. سندس گذارش ڪرڻ تي وڏو سان ملاقات هاڻين تي ويٺي ٿي. هاڻي پنج هئا، جن تي اسان ۽ مهاراجا طرفان موڪليل وڏو جا ماٿهو ويٺا. هر هڪ ماٿهوءَ اسان کي نقد رقم، سون ۽ چانديءَ جي سکن ۾ پيش ڪئي. هزهاءِ نيس راجا رنجيت سنگهہ جي خواهش مطابق مون کان انگلينڊ جي بادشاه جي خيرعافيت بابت پڇيو ويو ۽ ان سان گڏ اسان کان اهو بہ سوال ڪيو ويو تہ لنڊن ڇڏڻي اسان کي ڪيترو عرصو ڪڍري

---

(1) نورالدين فقير اهو ماٿهو آهي، جن جي پوين، ضلعي خيرپور جي گمبٽ شهر ۾ ٽيڪسٽائيل مل قائم ڪئي هئي. رنجيت سنگهہ جو بااثر وزير هو. سندين جو فائل دشمن هو. (سنديڪار)

چکو آهي. شايد مهاراجا جو خيال آهي ته مون کي انگلينڊ جي شاهي دربار طرفان لنڊن منجهان ئي موڪليو ويو آهي، مان حالتن جي تقاضا مطابق جواب ڏنو. شيام سنگھ، هن مان هڪ مڪي سڪ سردار مون کي روايت موجب ڪمان پيش ڪئي. ان وفد مهاراجا جو هڪ خط به پيش ڪيو. وڌيڪ اهو چيو ويو ته ڪين دربار طرفان حڪم آهي ته خيريت سان پهچڻ تي اسان کي دلي مبارڪ ڏين. اسان کي خوش ڪرڻ جي نيت سان گهٽو ڪجھ چيائون ۽ چاپلوسي ۾ ايتري ڪيائون، جو آءٌ قبول ڪريان ٿو ته اها ورجائڻ جهڙي ئي ڪانه آهي.

نورالدين فقير هن ريت فرمايو "توهان جي امن امان سان هتي پهچڻ واسطي موسم ئي بدلجي چڪي آهي. جيڪڏهن برسات پوي ها ته برسات جون ڪٽيون ۽ هي اس جا ڪرڻا، هي چمڪندڙ سج سپ انگلينڊ جي ملڪيت هجن ها، توهان ائين سمجهو ته پنهنجي گهر ۾ پهچي چڪا آهيو. هن گل ۽ گلستان ۾ اوهان جو وجود گلڙن جهڙو آهي. انگريز سرڪار ۽ سڪن جي دوستي ايتري ته پڪي ۽ پختي ٿي چڪي آهي جو دور دراز تي وسندڙ ايران ۽ روم جا رهواسي انهن جا اعلان ٻڌي سگهندا. اوهان وحشي ۽ ظالم سنڌين جي ملڪ مان لنگهي هتي پهتا آهيو، جڏ ته اونداهي کان پوءِ روشنيءَ ۾ آيا آهيو. ان جو اصلي اثر تبديل ٿي چڪو آهي ۽ اڄي جيڪا مڪڙي هئي سا پورو گل ٿي ٻڌي آهي."

مان جيڪڏهن سندس سڄو بيان نقل ڪريان ته منهنجا سپ لفظ جيڪر ڪپي وڃن. مون کان جيترو ٿي سگهيو ساڳي نموني سان کين جواب ڏنم. مان ڪائنڊ مهاراجا جي صحت جو پڇيو. اهو به چيو ته سڪ ملڪ ۾ پهچي اسان ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. هو اسان جي ضرورتن ڏانهن ڏاڍو ڌيان ڏين ٿا. ڏاڍا شريف ۽ هاجهارا آهن. واپس وڃڻ لاءِ اجازت وٺڻ کان اڳ مان کين گهوڙا ڏيڪاريا ۽ هو گهوڙا ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا.

سڪ سردارن رهبري لاءِ نيزه بردار جٿو ۽ سڪ فوجي دستو پاڻ سان آندو هو. هي فوجي دستو ڪيءَ ورديءَ ۾ ملبوس هو. سيد احمد(1) جي خلاف ويڙھ ۾ شريڪ هو ۽ شيام سنگھ سان گڏ تازو تازو موٽيو هو. سيد احمد هن ملڪ ۾ ڏکيءَ ويڙھ جو هڪ سلسلو قائم ڪيو هو. آخر ۾ هو هلنديءَ جنگ ۾ ماريو ويو هو.

ان فوجي ٽولي ۾ هڪ چوڪري ڏانهن اشارو ڪري ٻڌايو ويو ته سندس پيءُ جنگ ۾ وڙهندي مارجي ويو آهي، جنهن کي پيءُ جُي جاءِ تي فوج جو مهندار مقرر ڪيو ويو آهي. سڪ حڪومت سڪن جي فوجي جوان مردي ۽ بهادري جي

---

(1) سيد احمد شهيد جي اڳواڻي هيٺ سڪن خلاف هن ويڙھ ۾ سنڌين جو وڏو تعداد شريڪ هو، جيڪو بالا ڪوٽ ۾ سڪن سان وڙهيو. يار محمد نالي هڪ پٺان جي غداريءَ سبب مسلمانن هار کاڌي. (سنڌيڪار)

ڪيرن طريقن سان همت افزائي ڪري رهي آهي ۽ اسان ان فوجي ٽولي سان ڪڏ سفر ڪري رهيا هئاسون. ساڻن ڳالهين ٻولهين سبب پنهنجي ٻه وندر ٽي رهي هئي ۽ سڪ فوجي ٻه نهال پئي ٽيا. سڪ سردارن کي قيمتي هيرا جواهر پاتل هئا، پُر اهڙا ڳهه جنگي جوانن جي ڪاراين ۽ نراڙن تي ڪونه ٽي سونهيا.

اسان کي سڪ عورتون ڏسڻ جو موقعو مليو. اهي ٻه پنهنجي خوبين ۽ وصفن ۾ پنهنجن مردن کان گهڻ ڪونه هيون. مٿي جا وار ويڙهي تاج جيان چوٽو ڪري مٿان سفيد رنگ جي ٻگهي چادر پائيندیون آهن. جنهن ڪري سندن سجو بدن ڏکجي ويندو آهي. وارن جي چوٽي ڪري مخروطي معلوم ٿيندیون آهن. چوٽي جي ڳڻڊ ايڏي ته چڪي ٻڌندیون آهن، جو نراڙ جي کل ۽ اکين مٿان پرون ٻه مٿي تاڻجي بيهندا آهن. ظاهر آهي ته وارن ڳُنڍڻ جي انهي طرز سان شخصي خوبصورتي وڌي کانه ٽي. پر ان جو رواج ايترو عام آهي جو هر طبقي جون عورتون پنهنجا وار انهيءَ طريقي سان ڳنڍيندیون يا ويڙهائيندیون آهن. سکن جون عورتون پنهنجي مردن جهڙيون خوبصورت ڪونه آهن. سندن مهانڊا ايا ۽ عام رواجي هوندا آهن. اهي مسلمان عورتن جيان گهر ۾ ويهي ڪونه گذارين. سڪ شادي وهاڻ جي رسم رواج يا مذهبي لحاظ کان مسلمانن کان گهڻا مختلف آهن.

16 تاريخ شام جو اسان سان ساڻئي وفد ٻيهر ملاقات ڪئي، جنهن مهاراجا وٽان اسان لاءِ 700 رپين جي ٽيلهي ٻه آندي هئي. انهن ٻڌايو ته جيستائين اسان پنجاب ۾ رهنداسون ته اسان جي اها ڏهاڙيءَ جي ورءُ هوندي. مون اها قبول ڪئي، پر اهو صحيح ڪونه سمجهيم ته مستقبل ۾ ٻه اهڙي سخاوت جاري رکي وڃي.

17 تاريخ شام جو اسان کي بادشاهي مسجد لاهور جا منارا ڏسڻ ۾ آيا. اسان سمجهيو پئي ته مغل شهنشاهيت جي پراڻي دَارالسلطنت ۾ پهچي رهيا آهيون ۽ پنهنجي ٻگهي سفر جي پڄاڻي ٽي رهي آهي. پر اسان جي قافلي جي پُرتڪلف آجياڻي اسان کي لاهور کان ٽي يا چار ميل پري بيهڻ تي مجبور ڪيو ۽ پنهنجي رهبر جي چوڻ تي ٻيڙيون اتي جهليون سين. سج لهڻ وقت مان پهريون دفعو ڪشمير جي چوڌاري برف بسان ڏکيل اتاهان جبل ڏٺا. مون پهريون همالين کي ڏسي جڏ هوش ۽ حواس وڃائي چڪو هوس ۽ هن قدرتي ڏيک کي ڏسي اهو ٻه وساري ويٺو هوس ته پنهنجي رهبر وٽ خدمتون سرانجام ڏيڻ لاءِ منهنجا ٻيا ٻه ڪي فرض آهن.

لاهور

جولاءِ جي 18 تاريخ اسان لاهور ۾ داخل ٿياسون. اعزازالدين فقير(1) ۽ راجا گلاب سنگھ، شهر کان ٻي ميل پري اسان جي آڇيان ڪئي. ساٿس ملڻ جا چونڊ نواب ۽ امير ماڻهو گڏ هئا. رهبري طور اسان جي آڏو گهوڙيسوار ۽ پيادل فوج جو دستو هو. لڏيان جي پوليٽيڪل ايجنٽ ڪئپٽن ويڊ (Captain Wade)، انهن ماڻهن جو اسان سان تعارف ڪرايو. هن موقعي لاءِ ڊاڪٽر اي. مُري (Dr. A. Mŭrray) کي ڪئپٽن ويڊ سان گڏ لڏيان مان موڪليو ويو هو. يورپي معاشري جي ماڻهن کان جدا ٿئي بہ گهڻو وقت گذري ويو هو. جڏهن کين ڏسڻ تہ دل ڇڄي پئي. اسان جو آدرياءُ واه جو ڪيو ويو هو. وڏيءَ سرهائيءَ جي ڳالهه اها هئي تہ جيڪو ڪم اسان جي ذمي ڪيو ويو هو سو وڏيءَ سوپ ۽ ساک سان پڄاڻيءَ کي پهتو هو. اسان کي، ايم چيوالئر آلرڊ جي رهائش گاه پرسان هڪ باغ ۾ ترسايو ويو. مسٽر چيوالئر آلرڊ راج چگو مڙس ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ مٺڙو ۽ ڏاڍي ٻاجهاري طبيعت وارو انسان هو. هن جاءِ تي ڇڏي وڃڻ اسان کان موڪلايو. هيءُ وفد مهاراجا طرفان اسان لاءِ روڪ رقم ۽ ڪوڙ ساٽري مٺائي ڪٽي آيو هو.

بعد ۾ مسٽر چيوالئر اسان کي جاءِ جي مٿئين ڪمري ۾ وٺي ويو، جتي هر پُر تڪلف دعوت اسان جي منتظر هئي. هيو بہ هڪڙو فرينچ، مسٽر ايم، ڪورٽ اسان سان هن دعوت ۾ شريڪ ٿيو.

ڪمري جي پٽين ۽ ڇت ۾ شيشي جو بهترين ڪم ٿيل هو. اسان جي واسطي اهو ڪم ۽ منجهس رکيل سنجٽ ۽ سونهن جو ڏيک بلڪل نئون هو. دعوت ۾ شمپين جي بدران چانهه ۽ ڪافي رکي وئي هئي. ايم آلرڊ گهوڙيسوار فوج جو ڪمانڊر آهي. ناشتي وقت هن ڏويزن جا ڪجه سوار منهنجا اردلي رکيا ويا هئا. انگريز سرڪار جي نوبت وڄائڻ لاءِ هن ڏويزن جو بگل بہ منهنجيءَ ڪئمپ ۾ رکيو ويو هو. هيو ڏينهن بہ اسان هن ميزبان سان گڏ گذاريو. اهو ڏينهن مهاراجا سان 20 تاريخ تي رکيل ملاقات واسطي تياريون ڪندي لهي ويو.

---

(1) نور الدين فقير سندس پٽ هو. سنڌ دشمنيءَ ۾ بہ نورالدين فقير جو پيءُ هو. (سنڌيڪار)

ٻئي ڏينهن 9 ويڪين صبح جو جڏهن مهاراجا قلعي اندر پراڻي شاهي محلات ۾ پهتو تہ اسان کي باعزت طريقي سان وٺي اچڻ لاءِ سڪ سردارن جو وفد موڪليو ويو. سڀ سردار عملدار، نوڪر، چاڪر، اردلي ۽ رهبر فوجي دستا، جيڪي مون سان اڳ ۾ ملاقاتيون ڪري چڪا هئا، يا منهنجيءَ خدمت ۾ رهي چڪا هئا، سي سڀ اتي هڪيا تڪيا حاضر هئا. ڪئپٽن ويب لڊيانہ مان بہ بنگالي فوجي دستا پاڻ سان گڏ آندا هئا، سي بہ هن جلوس ۾ شريڪ هئا. گاڏي وارن گهوڙن جي پٺيان اسان هاٿين تي سوار ٿي هلي رهيا هئاسون. آءٌ هڪ خوبصورت پالكيءَ تي سينڌ ڪان اڳيان هيس. اسان شهر جي قلعي جي ٻاهرين پرسان هڪ جلوس جي شڪل ۾ وڃي رهيا هياسون. قلعي جي انهن ٻاهرين ۽ چوڌاري ڪنيل ڪاهيءَ جي وچ تان هڪ ڦاٽڪ ذريعي شهر ۾ داخل ٿياسون. شهر جون گهٽيون پيادل فوج ۽ گهوڙيسوار دستن ۽ توپخاني جي فوجين سان باترتيب سينگاريل هيون. اسان جڏهن پرسان پهتاسون تہ اتي بينڈ فوجي دستا، اسان کي سلامي ڏئي رهيا هئا.

ماڻهن جا ايترا انبوه گڏ ٿيا هئا، جو ترڻ جي بہ جاءِ ڪونہ هئي. ڪي ماڻهو ماڙ ڪيو پنهنجن گهرن ۾ بالڪونين مان نهاري رهيا هئا. دربار جي پهرئين حصي ۾ پهتاسون تہ اسان جي آجيان راجا ڌيان سنگھ ڪئي. هو هڏڪاڻ سان من موهيندڙ فوجي شخصيت جو مالڪ هو. بدن تي زره پاتل هئس. هن محلات جي دروازي تائين اسان جي رهنمائي ڪئي. جيئن آءٌ دربار جي در وٽ نوڙي بوٽ لاهي رهيو هوس تہ مان پاڻ کي اوچتو ڪنهن جي هانهن، ۽ پوءِ پاڪر ۾ محسوس ڪيو. ڏٺم تہ اهو ڏهرو ڪراڙو ماڻهو مهاراجا رنجيت سنگھ پاڻ هو. سندس پٺن مان بہ ساٿس گڏ هئا. انهن بہ مون کي ۽ مسٽر ليڪي کي پاڪر پاتو. پوءِ مهاراجا مون کي هٿ کان وٺي اندر دربار ڏانهن هليو. اسان جي آجيان عاليشان نموني ڪئي وئي. مهاراجا اڳتي وڌي استقبال ڪري اسان جو مان وڌايو هو. ڪئپٽن ويب ۽ ڊاڪٽر مري بہ اندر دربار ۾ وينا هئا. اسان سيني کي مهاراجا جي سامهون چانديءَ جي ڪرسين تي ويهاريو ويو. مهاراجا اسان جي مختلف نمونن سان پليڪار ڪئي ۽ گريٽ برٽن جي بادشاه جي خير عافيت پڇيائين.

جيئن اسان بمبئيءَ کان آيا هياسون، تنهن ڪري سر جان مالڪم جو بہ پڇيائين. وهڻ کان ٽورو وقت پوءِ مان هزهاءِ نيس کي ٻڌايو تہ انگلينڊ جي بادشاه طرفان هن ڏانهن تحفي ۾ موڪليل پنج گهوڙا ڪاهي سلامتيءَ سان لاهور پهچي ويو آهيان. اها سوڪڙي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پڪي دوستيءَ جي ناتن جي موجودگيءَ جي ثابتي آهي. ان سان گڏ رائيٽ آنريبل گورنر جنرل آف انڊيا طرفان بہ گهوڙي گاڏيءَ جو تحفو آهي، سو سندس اعليٰ ۽ شاندار دوستيءَ جي علامت آهي. وڌيڪ ڪيس ٻڌايم تہ انهن گهوڙن سان گڏ بادشاه سلامت جي وزير فار دي

افيئرس آف انڊيا طرفان خط جيڪو سون جي تند سان گڏي ٺاهيل ڪپڙي جي ڪوٽريءَ ۾ رکيل ۽ انگلينڊ جي فوج جي مهر سان سيل ٿيل آهي. منهنجي ايتري چوٽ تي مهاراجا، سندس درباري ۽ اسان پاڻ احترام طور اٿي بيٺاسون ۽ هڙهاءِ نيس پاڻ اهو خط مونکان ورتو. مُهر کي پنهنجي نراڙ تي لائي احترام جو اظهار ڪيو. ۽ پوءِ پڙهڻ واسطي فقير اعزازالدين جي حوالي ڪيائين، جنهن دربار جي سامهون ان خط جو فارسي ترجمو پڙهيو. پروارن سيني ملڪن جا سفير، ان وقت دربار ۾ موجود هئا. انگلينڊ جي بادشاه طرفان راجا رنجيت سنگھ ڏانهن لکيل خط جو ترجمون ملاحظي لاءِ هيٺ ڏجي ٿو.

انگلينڊ جي بادشاه جي وزير، فار دي افيئرس آف انڊيا طرفان راجا رنجيت سنگھ ڏانهن لکيل خط جو ترجمون جيڪو ڪيس 21 جولاءِ 1830ع تي پيش ڪيو ويو.

سڪ قوم جي سردار ۽ ڪشمير جي نواب هڙهاءِنيس راجا رنجيت سنگھ ڏانهن.

مهاراجا،

منهنجي رحمدل ۽ مهربان مالڪ ۽ بادشاه سلامت جو حڪم آهي ته مان عاليجاه طرفان اوهان جي موڪليل سوڪڙين جو دل جي گهراين سان اعتراف ڪريان. اوهان، اهي سوڪڙيون جيڪي اوهان جي ماتحت ملڪ ڪشمير جون جُڙيل هيون، لارڊ ائمهرسٽ جي ذريعي موڪليون هيون.

بادشاه سلامت چڱي ريت باخبر آهي ته اوهان وٽ ايشيا جي بهترين نسل جا گهوڙا موجود آهن. سندس مرضي آهي ته اوهان وٽ يورپ جي چوٽيءَ جي نسل جا گهوڙا به موجود هجن گهرجن. تنهن ڪري مون کي حڪم ڪيو ويو هو ته مان هن معاملي ۾ اوهان کي خوش ڪريان ۽ انگلينڊ جي بهترين نسل جي گهوڙن مان اوهان لاءِ چونڊ ڪريان.

مان هن گهوڙن جي چڱيءَ طرح سان چونڊ ڪئي آهي، تنهن ڪري اسان کي سوڪڙين موڪلڻ ۾ ڪجھ دير ٿي وئي. هاڻي اوهان جي خدمت ۾ موڪليا وڃن ٿا. جيئن ته اهي ٽلها متارا ۽ ڏکڻي قد وارا گهوڙا آهن، تنهن ڪري اهي گرم موسم ۽ ڏکڻي سفر ۾ ضرور ٽڪجي پوندا. مون هدايت جاري ڪئي آهي ته کين سنڌو درياه ۽ بعد ۾ پنجاب جي اهڙي ڪنهن درياه معرفت نيو وڃي جنهن ۾ جهازراني سولائي سان ٿي سگهندي هجي.

بادشاه سلامت اوهان کي اطلاع ڏيڻ واسطي مون کي خاص حڪم فرمايو آهي ته هو هنهي ملڪن وچ ۾ گهٽي وقت کان وٺي دوستاڻن ناتن جي موجودگيءَ

ڪري تمام گھٽو خوش آھي ۽ برطانيہ سرڪار ۽ اوھان جي وچ ۾ انھن رشتن کي خدا تعاليٰ ايڏا ٻہ وڌائي.

بادشاہ سلامت ٻنھي ملڪن جي رعيت جي پلي واسطي امن ۽ آشتي جو خواھان آھي. بادشاہ سلامت جي اھا ٻہ خواھش آھي تہ اوھان صحت مند رھو ۽ ڀگھي ڄمار ماڻيو ۽ باعزت رھو. ۽ جيڪي ٻہ قومون اوھان جي حڪومت ھيٺ آھن مٿان رحمتن ۽ سخائن جا ڪارڻ ٻڌجو.

بادشاہ جي حڪم سان
(صحي)
ايلن برو

جيئن جيئن خط ۾ لکيل حقيقتون ظاھر ٿيندیون ويون، تيئن تيئن مھاراجا جي منھن مان خوشيءَ ٻھڪي ظاھر ٿيندي ٿي وئي. جڏھن خط جو آخر پڙھيو ويو تہ ھن پنھنجي خواھش ظاھر ڪئي تہ ھو، ھن خط جي پھچڻ جي سلامي ڏيندو، توپخاني مان 60 توپون ھرھڪ 21 گولا چوڙي خط جون سلامي ڏيندیون تہ جيئن لاھور وارن کي سندن بادشاہ جي خوشي جي خبر پوي. ان کان پوءِ ھزھاءِ نيس رنجيت سنگھ سوکڙين ڏسڻ جي خواھش ڏيکاري ۽ اسان ساٿس گڏجي ھلياسين. گھوڙن تي نظر پوڻ سان ھو آپي کان ٻاھر نڪري ويو. سندن قد ۽ رنگ کان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ اھي جڻ تہ ننڍڙا ھاٿي آھن. گھوڙا جڏھن سندس پرسان لنگھيا تہ ھن ٻين سردارن ۽ عملدارن کي سڏائي ورتو، سي ٻہ ھن سان گھوڙن جي ساراہ ڪرڻ ۾ ٻڌ جھڻ ٿي بيٺا. ڪوٻہ ماڻھو مھاراجا کان وڌيڪ رلڻ ملڻ ڪونہ ھو.

ھو اسان سان ڏيڍ ڪلاڪ ڪن لڳاتار ڪچھري ڪندو رھيو ۽ پوءِ ملاقات ختم ٿي. ھن اسان کان ورائي ورائي سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي اونھائي متعلق پڇيو ۽ منجھس جھازراني جي امڪانن متعلق سوال پڇي ڪيا. ھن سنڌوءَ جي ڪنارن سان آباد ماڻھن، سندن سياسي سوچ ۽ فوج جي اھميت متعلق ٻہ ڪيئي سوال پڇيا. مان سنڌ جي خوشحاليءَ ۽ دولتمندي ڏانھن ڪيس اشارو ڪيو، جنھنڪري جڻ سندس ستل سورن کي جاڳائي وڌو ھو. ھن پر وارن ملڪن جي سفيرن جو اسان سان تعارف ڪرايو ۽ آخر ۾ ھن پنھنجي ڪڙھ جي گھوڙن ڏيکارڻ لاءِ اسان کان پڇيو. ٽيھ گھوڙا قطار جي صورت ۾ اسان جي سامھون گذاريا ويا. مٿن ڏاڍا ۽ شاندار قيمتي سنج پيل ھئا. ڪي تہ ھيرن جواھرن سان سينگاريل ھئا. ھن ھرھڪ گھوڙي جو نالو شجرو ۽ خوبيون ٻڌايون. سندن لاڳاپو سپني ملڪن سان ھو. سندن ڇڪين مان پتو پيو ٿي تہ سندن واڳون گھٽيل رکيون ويندیون آھن. پر ڏسڻ ۾ ڏاڍا ناھوکا ٿي آيا. سمجھ ۾ آيو ٿي تہ لاھور جي نالي جي نسبت سان ڪڙھيون ايڏيون سٹيون ڪونہ ھيون. ھر گھوڙو ھر عضوي ۾ ڪو تہ پئي ڏٺو.

هزهاءِ نيس جيڪا هن وقت تائين تڪليف ڪئي ان مان سمجهيوسين پئي ته ضرور ٽڪجي پيو هوندو. تنهن ڪري موڪلائي هليا آيا سين.

قدرت هن شخصڪي گهڻين خوبين سان نوازيو آهي. سندس جسم ۾ جان ۽ زمين آسمان جو فرق آهي. وڏيءَ ماتا سندس هڪ اک وڃائي چڪي هئي. سندس قد پنج فوٽ ٽن انچن کان وڌيڪ ڪونہ هو. ٽاٽ ۾ ابمبر کان ڪوهين دور پر سندس دربار جو شان اعليٰ ۽ اوچو آهي. سندس اشاري کان سواءِ ڪنهن بني بشر کي ڳالهائڻ جي جرئت ڪانہ هئي، جيتوڻيڪ سندس دربار ۾ بازار جيان ماڻهن جا ڳاهٽ هئا. هيءَ هندستان جي بادشاهن ۾ پهرئين قسم جي اهڙي دربار هئي، جنهن ۾ اعليٰ قسم جو نظم ۽ ضبط هو.

دربار عام جنهن ۾ هزهاءِ نيس اسان سان ملاقات ڪئي هئي، سا سڄي ساري سنگمرمر پٿر مان ٺهيل هئي. ۽ مغل شهنشاه جي تعمير ڪرايل هئي. ڇت خوبصورت ريشمي ڪپڙي جي پردن سان سينگاريل هئي. جنهن تي هيرا موتي ٽاڪيل هئا. مهاراجا کي ڳچيءَ ۾ هار ۽ هانهن ۾ ڪنگڻ ۽ زمرد جون چوڙيون پيل هيون، جيڪي ماپ ۾ ڪجھ وڌيون هيون. سندس تلوار تي بہ هيرن موتين جو ڪم ٿيل هو. امير ۽ نواب بہ هن موقعي تي ساڳي نموني پوشاڪ ۽ ڳھ پائي آيا هئا. سڄي دربار ۾ ڦڪي رنگ جي ٺهيل معلوم ٿي رهي هئي. هي سڪن جو دل پسند رنگ آهي. پنهنجي ورن ۾ شوخ هو، پر اثر پذير بہ ڏاڍو هو.

هئي ڏينهن صبح جو مهاراجا، سوڪڙين ڪٽي اچڻ واري تڪليف واري مهم جي بدلي وري بہ اسان کي فوجي مشقن ڏسڻ لاءِ گهرايو. اسان مهاراجا کي اندر فوجي ميدان ۾ لاهور جي قلعي جي ڀتين جي پاسي سان ٺاهيل ٽلهي تي ويٺل ڏٺو. پيادل فوج جون پنج ريجمينٽون ٽيهڙ جي شڪل ۾ قطار ڪيون بيٺيون هيون. راجا رنجيت سنگھ اسان کي انهن فوجين جي انسپيڪشن ڪرڻ لاءِ گذارش ڪئي. سندن وردين سفيد ۽ پٽا ڪارا هئا. هو منهن پرين بندوقن سان مسلح هئا. مان سمجهان ٿو ته اهي ڪشمير يا لاهور جون بٽيل هيون. فوج جي هر ٽولي ۾ سڪ ۽ هندستاني ڪڍيل هئا. انسپيڪشن کان پوءِ مقاميَ آفيسر جي حڪم سان فوج عاليشان نموني سان پريڊ ڪندي بلڪل اسان جي هندستاني فوجين وانگي اڪثي نڪري وئي. پريڊ جا احڪام فرينچ زبان ۾ ڏنا ٿي ويا.

فوجي مظاهري وقت هزهاءِ نيس راجا رنجيٽ سنگھ ڏاڍيءَ رواني سان ڳالهائي رهيو هو ۽ پنهنجيءَ فوج ۽ سندس هٿيارن متعلق اسان جا رايا معلوم ڪري رهيو هو. هن ٻڌايو ته سندس هر بندوق 17 ربيہ کائي وئي هئي. خاص طور هن جاڻ ملڻ جو ڏاڍو خواهش مند هو ته برطانيہ جون پيادل فوجون توپخاني جو مقابلو ڪري سگهن ٿيون يا نہ. ان موضوع تان گذرندو اچي ڪشمير جي محصول تي پهتو، جتان ڪيس چٽيہ لڪ محصول ملیو هو. هن ٻڌايو ته هن سال

کيس اتان چه لڪ رپيه وڌيڪ مليا آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته "مان سڀ فوجون ڪشمير موڪلي چڏيون آهن، ته جيئن انهن حرامزادن ڪشميرين کي ملڪ مان ئي ڪيڏي چڏن. ان ملڪ ۾ ڏاڍو عيش ۽ آرام آهي." ۽ چڏهن هن ان ملڪ جي اهميت کي محسوس ڪيو ته هن پاڻ وچ٦ يا پٽ کي موڪلڻ لاءِ سوچيو هو. راجا رنجيت سنگھ جي ڪالهائڻ جو ڍنگ ۽ ڍب اهو هو پڇ پڇ واري طبيعت ۽ اهمر سوالن کي سمجھڻ ڪري خاص ڪردار جو مالڪ هو. اسان جي اسٽابلشمينٽ ۾ ڪي هندستان جا ماڻهو موجود هئا، جيڪي ڪجھ وقت انگلينڊ ۾ ٻ رهيا هئا، تن کان اسان جي سامھون ٻ ڪي سوال پڇيائين ۽ پوءِ ٻ خانگي ريت گھرائي ڪائنڪ اسان انگريز قوم جي دولت ۽ طاقت متعلق ٻ پڇيائين ته سچ پچ.اهي اهڙائي طاقتور آهن، جھڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اسان هڙهاءِ نيس جي ناشتي جون تياريون ڏسي اجازت ورتي. گھٽو ڪري ناشتي جي ماني ڪليءَ فضا ۾ ۽ فوج جي روبرو کائيندو هو. ڪڏهن وري گھوڙي تي سوار هڻڻ واري حالت ۾ مٽي گھوڙي تي ماني کائي ونڊندو هو. کيس گھوڙي سواريءَ ڪرڻ ۾ وڏي سفر ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو آهي. ان حالت ۾ هو گھوڙي تان لھڻ بجاءِ گھوڙي تي چڙهي ناشتو ڪري ونڊندو آهي.

اسان، ايمر، چيواليئر وينچورا ۽ ھڪ ٻئي فرينچ فوجي جنرل جي باغيچي نما گھر ۾ وڃي ترسياسين. هو سنڊوءَ تي اسان جي آڃيان وقت پنھنجي فوجي جٿي سميت حاضر ڪونہ هو. اها جاءِ يورپ جي طرز تي جوڙيل هئي. چيواليئر منجھس نوي قوھارن سان ھڪ ٽلهي جو واڌارو ٻ ڪيو هو، ته جيئن قضا کي ٽڏو ڪري سگھجي. هن فرينچ جنرل سان اسان جون ڪالهيون ھڪ دوستاڻي ماحول ۾ ٽيون ۽ اهو سلسلو اسان جي لاهور ۾ رهڻ واري عرصي تائين قائم رهيو. انهن سيني مان ايمر، ڪورٽ ذهين ۽ سڃاڻ شخص معلوم ٽيو. هو جاگرافيدان هجڻ سان گڏ قديم آثارن جو ماهر ٻ لڳو ٽي. ايمر ڪورٽ ۽ سندس پائر جيڪي هاڻي آفيسر آهن، سي اڳي ايران جي بادشاه وٽ ملازم هئا ۽ ايران جي شهري هجڻ جي حيثيت ۾ هن هندستان جو سفر ڪيو هو. جنهن ڪري کيس وچ وارن ملڪن متعلق معلومات حاصل ڪرڻ جو سنو موقعو مليو هو. هن مون کي ھڪ رستي جو نقشو ڏيکاريو، جيڪو ڪرمان شاه کان هرات، قندار، غزني ۽ ڪابل کان ٽيندو اٽڪ پهتو ٽي، منجھس شهرن کي ڏاڍي خبرداريءَ سان چڻو ڪري ڏيکاريو ويو هو. هن مونکي وڌيڪ ٻڌايو ته هو ايشيا جي ان حصي جي پوري نقشي جو خواهان نہ آهي، پر ڪنهن سنڌي رستي جي موجودگيءَ کي وڌيڪ پسند ڪري ٽو، جنهن ۾ گھٽا ڦيرا ۽ چڪر هجن ۽ ملڪ ۾ فوجي ۽ پيداواري ذريعا جام هجن. فرينچن کي اهڙن ملڪن جي اسان کان وڌيڪ خبر آهي. ايمر ڪورٽ، مون کي نقشي وسيلي پيادل ۽ گھوڙي سوار فوج جا رستا ٻ سمجھايا هئا.

هيءُ همراه چئن سالن کان پنجاب جي جاگرافيءَ سان لاڳاپيل نقشن کيڻ ۾ رڌل آهي ۽ پنجاب جي سڪ حڪمران جي ڪاهڙ جو به شڪار رهي ٿو. پر تنهن هوندي به اٽڪ کان وڻي اسان جي سرحدن جي اوسي پاسي تائين نقشي ٺاهڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. مون کي پورو يقين آهي ته پنجاب جي قديم آثارن ۽ جاگرافي سان واسطو رکندڙ نقشن کيڻ ۾ هيءُ ڏاهو ماڻهو ضرور ڪامياب ويندو ۽ هو علم حاصل ڪرڻ ۽ ان کي پکيڙڻ پنهنجي عزت سمجهندو آهي. يقين آهي ته جاگرافيڪل سوسائٽي آف پئرس يا دارالسلطنت جو ڪو هيو اداروِ ايمرڪورٽ جي هن محنتن جو قدر عوام ۾ ضرور وڌيندو ۽ ورهائيندو.

شام جو اسان ڪي لاهور ڏسڻ جو موقعو مليو. هي قديم قلعو اوير کان اوڀ طرف 5 ميلن ۾ پکڙيل آهي. موکر وڌ ۾ وڌ ٽي ميل ڪن ٽيندس. اهڙي قسم جا اهاڻ ڪنڀرن مان ملي سگهن ٿا. مسجدين ۽ مقبرا جيڪي گهرن کان مضبوط بنيادن سان تعمير ڪيا ويا هئا، سي زرعي زمين جي وچ ۽ فصلن اندر قافلا سراين جيان اڄا به چوطرف ڏسڻ ۾ اچن ٿا. لاهور جي تازي دور ۾ تعمير ٿيل شهر اصل ۽ قديم شهر کان اوڀ طرف آهي ۽ چوڌاري مضبوط قلعو اٿس. گهر مٽي اوچا ۽ گهڻيون سوڙهيون آهن. وچ مان وهندڙ ڪني پاڻيءَ جي ڪسيءَ سبب چوطرف بدبوءِ پکڙيل آهي. لاهور جي بازار ۾ ڏڻ ۽ دولت ته نظر ئي ڪانه ايندي. پنجاب جي واپار جو اٿر امرت سر ۾ جام ڏسڻ ۾ ايندو، جو موجوده دور جو دارالسلطنت آهي. هتي ڪجه اهڙيون جايون آهن، جن جو ذڪر ڪرڻ لازمي آهي. بادشاهي مسجد ڳاڙهي پٿر مان ٺهيل هڪ وسيع عمارت آهي. اهو ڳاڙهو پٿر اورنگزيب دهليءَ جي پروارين ڪرين تان آڻايو هو. سندس چار اوچا منارا اڄا به بيٺا آهن. باقي نماز پڙهڻ واري حصي کي سکن فوج واسطي بارود ڄانو بڻائي ڇڏيو آهي. منارن سان هيون به ٻه مسجدون آهن، جيڪي مسلمانن جي زوال جي گواهي ڏئي رهيون آهن. جن ۾ سڄي پنجاب جي مسجدين جيان سکن جي خوف کان هتان جا مسلمان ماڻ ميڙ ۾ نماز پڙهيو هليا ويندا آهن.

هڪ ڏاريو ماڻهو راوي پار ڪري لاهور جي هڪ خوبصورت عمارت جو ضرور مشاهدو ڪندو. اها خوبصورت عمارت شاه درا ۾ جهانگير جو مقبرو آهي. هيءَ هڪ چوڪنڊي خوبصورت اڏاوت آهي. هر ڪنڊ تي منارو ٺاهيل اٽس ۽ مٽي 70 فوٽ اوچي آهي. هن سجيءَ عمارت ۾ سنگ مرمر ۽ ڳاڙهي پٿر کي واري وڻيءَ سان استعمال ڪيو ويو آهي. اندر لوڙهه تي ڏاڍو مقدس ڪمُ ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ڪجه لکت ۽ ڪجه سنجت ۽ سونهن سان لاڳاپيل رنگ برنگي چترڪاري ٿيل آهي. مختلف رنگن جي پٿرن تي چترڪاريءَ سبب جڏ ته گل ۽ ان جا پاڇا جڏا پيا ڏسڻ ۾ ايندا. سفيد سنگ مرمر جي تَرَ تي ڪاريءَ لکت ۾ ٻه سٽون آهن، جن ۾ 'دنيا جو فاتح' جهانگير جو نالو لکيل آهي. لوڙهه جي مختلف

پاڻ تي الله تعاليٰ جا مختلف 99 نالا عربي ۽ فارسيءَ ۾ لکيل آهن. فرش ۽ رنگارنگي نموني جو آهي. مقبري جي مٿان پهريائين قبو تعمير ٿيل هو. پر بهادرشاه اهو هن مقصد سان ٻهرائي چڻيو ته سندس ڏاڏي جهانگير جي قبر مٿان خدا جي رحمت، برسات ۽ ماڪ ضروري پوي. گهٽو امڪان اهو آهي ته هيءُ خوبصورت مقبري مٿان راوي جو پاڻي وهائيو وڃي، جنهنجو لاهور وٽ وهڪرو موج وارو هوندو آهي ۽ اڄي ۽ مقبري جي چوڌاري موجود باغ جو حصو راوي پائي ڪٽي وئي آهي.

ٻيو تاريخي مقام شاه جهان جو ٺهرايل شاليمار باغ آهي، جو مغل شهنشاهي شان ۽ شوڪت جو اعليٰ مثال آهي. ٻيڪ اڌ ميل ڪن ٽيندس ۽ هڪ ٻئي جي سطح مٿان ٽي ٽلها ٺاهيل آهن، هڪ واه پري کان واهي آندو ويو آهي، جيڪو هن باغ جي وچان گذري ٿو ۽ هن معرفت ففا کي ٽڏي رکڻ لاءِ 450 ڦوهارا ٺاهيا ويا آهن. سنگ مرمر جو تحفو ڪنهن زماني ۾ جنهن ٽي شهنشاه ويهندو هو، سو ٻه اڇا صحيح سلامت آهي. پر باغ راجا رنجيت سنگهه جي تخت نشين ٽيڻ کان اڳ ئي تباه ٿي چڪو هو. مهاراجا پاڻ ٻه ڪيترا ئي سنگ مرمر مان ٺهرايل گهر آکوڙايا. پر هو سونهن پرکڻ جي اهل هيو. هن انهن گهرن جي ٻيهر مرمت ڪرائي، پر سنگ مرمر بجاءِ گهٽ درجي وارو پٿر استعمال ڪرايو.

هڪ ڏينهن صبح جو اسان جهانگير جو مقبرو ڏسڻ وياسين ته ڏٺو سين ته راجا رنجيت سنگهه ميدان تي ويٺو هو ۽ سندس چوڌاري فوج ويٺل هئي. هڪ آفيسر موڪلي اسان کي پاڻ وٽ گهرايائين ۽ اسان اڌ ڪلاڪ کن ساڻس گذاريو. هن اسان کي پنجاب تي افغانن جي حملي متعلق ٻڌايو ۽ چيو ته اسان هينئر ان جاءِ تي ويٺا آهيون، جيڪا ڪنهن وقت افغان فوج جي ڪئمپ هئي. لڌيانا ۾ اسان جي پناه ۾ رهندڙ بادشاه زمان شاه پورا ٽي ٻيرا لاهور کي باه ڏئي ساڙي چڪو آهي. هن هندستان تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو، پر زماني جي حالتن جو شڪار ٿي ويو. مهاراجا درٻار ۾ سادا ڪپڙا پائي ايندو هو. سندس ڪپڙا قاتل ۽ پراڻا هوندا هئا. 25 تاريخ تي هزهاءِ نيس اسان سان غير سرڪاري ملاقات ڪئي ۽ ڪيس ڇڪي طرح ڏسڻ جو موقعو ملیو ۽ هن دربار برخواست ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

اسان پهتاسون ته ڪيس هڪ ڪرسيءَ تي ويٺل ڏٺوسين. ٽيه چاليه راڄي چوڪريون، چوڪرن جي لباس ۾ ويٺيون هيون. سندن لاڳاپو ڪشمير يا پر پاسي وارن جبلن سان هيو. بي انتها خوبصورت هيون. قد ڪاٺ ۾ مهانڊن ۾ ننڍيءَ عمر جون ٽي لڳيون. سندن ڀڳا ريشمي لباس کين ڏاڍو سونهن پيا. سمجه ۾ ائين پئي آيو جڻ هرهڪ کي تير ۽ ڪمان هٿ ۾ هجي. مشرق جي شاعريءَ ۾ ڪشميري اڪ جي ڏاڍي تعريف ڪيل آهي. جنهن لاءِ هي ڪارين ڪجليون ۽

چمڪدار اکيون مثال هيون ۽ هرهڪ چوڪريءَ اکين جي چوڌاري سون جو ٻورو هٽي پنهنجي قدرتي خوبصورتي کي جڙ بگيڙي ڇڏيو هو. مهاراجا رنجيت سنگھ چيو "هي به منهنجي ريجمينٽ آهي. پر هي چوندیون آهن ته هي اهڙي ريجمينٽ آهي جن سان تنظيمي اصول لاڳو نه ٿو ڪري سگھجي." مهاراجا جي هن راءِ ڏيڻ تي اسان ته ڪلياسين، پر سچي ميڙاڪي کان به ڪل ٻڌڻ کري وئي. هن ٻن عورتن ڏانهن اشارو ڪري چيو ته اهي هن هٿيار بند دستي جون ڪمانڊر آهن. جن کي هن انعام ۾ ڳوٺ ڏئي ڇڏيا آهن ۽ جن کي پنج ته ڪُن کي ڏهه روپيا ڏهاڙي ورڻ ملندي آهي. ان کان پوءِ جلدي هن چار پنج هاٿي گهرايا ته ڳائٽين جي هن هٿيار بند چڑواڳ دستي کي پنهنجن گهرن ڏانهن روانو ڪري سگھجي. ان کان پوءِ رنجيت سنگھ اهم موضوعن تي ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ برطانيہ سرڪار سان لاڳاپن جي 'تاريخ واري ميدان ٻوڙندو رهيو.' هن چيو ته "انگريز سرڪار جي حڪمت عملين گهڻن سڪ سردارن کي شڪ ۽ شبهي جو شڪار ٻنايو هو. پر مان شروع کان وٺي کانئن راضي هوس." هن سلسلي کي جاري رکندي چيو ته: "سرجان مالڪم پهريون ماڻهو هو، جنهن 1805ع ۾ دوستيءَ جو نانءُ نياڻيو. سر چارلس ميٽڪاف به مُڙسيءَ سان پنهنجو وارو وڃائي ويو. سر ڊيوڊ آڪٽرلوني ٻنهي طرفن جي دوستيءَ کي مضبوط بنيادن تي بيهاري ويو. مان هاٿي جيڪو خط انگلينڊ بادشاه سلامت جي وزير طرفان ڪيس ڏنو، سو به هڪ عام خط کان وڌيڪ جڙ ته ڪو دوستيءَ جو عهدنامون هو، جنهن راجا رنجيت سنگھ کي ايترو خوش ڪيو هو جو بيان ڪري ئي ڪونہ ٿو سگھجي. هو قُربي قُربي سنڌ جي شاهوڪاري ۽ ان جي دولت ڏانهن ٽي آيو. سنڌ جي دولت هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيس چريائي جي حد تائين شوق هو. سندس تمنا هئي ته سنڌ مان دولت جو پئسو پئسو هٿ ڪري پنهنجي خواهش مطابق خرچ ڪري ۽ هن سنڌ جي موضوع تي انگريز سرڪار جي ارادن متعلق هڪ ڳڻيڙ سوال مون کان پڇي ورتو. راجا رنجيت سنگھ کي هنن سوالن پڇڻ جو به شوق هوندو هو ته يورپي قومن مان وڌيڪ طاقتور ڪير آهي. هن موقعي تي مون کان پڇيائين ته فرانس ۽ انگلينڊ مان طاقتور ڪهڙو ملڪ آهي؟ ڪيس وراڻيم ته هئي طاقتور ملڪ آهن ۽ ڪيس فقط اهو ياد رکڻ گهرجي ته هندستان ۾ انگريزن جي طاقت برطانيہ جي نمائندگي ڪري ٿي.

- هن وڌيڪ چيو ته سندس فرينچ آفيسرن متعلق منهنجو ڪهڙو خيال آهي. ان کان پوءِ مون کان اهو ٻڌڻ چاهيائين ته مان سنڌوءَ جي ڪَن پار مسلمان غازين جي خلاف سندس هلايل جنگي مهم متعلق چا چا ٻڌو آهي. هن ٻڌايو ته اهي سڀ فتحون سندس قوم جي بهادريَ جي طفيل آهن، جن کي ڪنهن جي لاءِ به بُغض ڪونہ آهي. اهي اڻن ڏينهن جو ڪاڏو چيلهه سان ٻڌي هلندا آهن. جتي پاڻي نہ هوندو آهي اتي کوهہ کوٽيندا آهن. ضرورت پوندي آهي ته قلعو تعمير ڪري وٺندا

آهن. هندستان جي هيءَ اهڙي قسم جي خدمت آهي، جنهن جهڙي خدمت هن کانٻي ۾ کانه ڏني آهي. "توهان منهنجيءَ فوج جي بهادريءَ متعلق ته ڄاڻندا هوندا. هن ڪشمير وڙيءَ بهادريءَ سان فتح ڪيو. مان هاڻي ان ملڪ جون شالون ۽ هي پيداوار تجارتي مال طور استعمال ڪريان ٿو، مان پنهنجي فوجن کي ۾ اتان جون تيار ٿيل شالون ۽ هيو مال پگهار ۾ ڏيندو آهيان. هڪ سردار جنهنجا مون ڏانهن 300 رپيه ٿيندا آهن ته آءٌ ڪيس 500 روپين جون شالون ڏئي ڇڏيندو آهيان. ۽ هو ڏاڍو خوش ٿي ويندو آهي. ۽ ملڪ کي ۾ فائدو رسندو آهي."

ڪشمير جي شالن کان گفتگو هلندي اچي شراب تي بيٺي، ۽ شراب جي ڏاڍي تعريف ڪرڻ لڳو. خاص طور تي تيز شراب جي جنهنجو هيءُ پاڻ ۾ شوقين آهي. ان کان پوءِ هن مون کي اهو هدائت لاءِ التجا ڪئي ته جيڪو شراب هن مون ڏانهن موڪليو سو اسان پيتو هو يا نه؟ جنهن ۾ حڪيمن جا سفارش ڪيل موتي ۽ رتن وجهرائي موڪليو ويو هو. هن قسم جو شراب مشرق ۾ جام هوندو آهي. شراب جو اهو هڪ نمونو آهي. جنهن جي اصل حقيقت اها آهي ته ڪلال پنهنجي شراب کي مقبول عام ڪرڻ لاءِ منجهس اهڙيون طاقتور شيون ملائيندا آهن، جن کي اتان جا ماڻهو تمام گهڻو پسند ڪندا آهن. موتين ملائڻ سان ۾ شراب ڏاڍو مقوي ٻڌجي پوندو آهي. راجا رنجيت سنگهه سان اڪيلائيءَ ۾ گهڻي دير تائين ويٺا رهياسون. پوءِ هن هڪ خوبصورت ڪمان، تيرن جي جٿي، ڪشمير جي قيمتي شال جي جُهلَ ۽ سهڻن سَنجن سان هڪ گهوڙو، سنگ سليماني جي ميڙين جو سندس ڇچيءَ وارو پاتل هار، سائي پکيءَ جي ڪُنگي جيڪا سندس متي ۾ پاتل هئي، سئو مون کي تحفي ۾ ڏنا ۽ چيائين ته "هي منهنجي سواريءَ جي گهوڙن مان هڪ آهي. منهنجي گذارش آهي ته قبول ڪريو." هن اهڙو گهوڙو مسٽر ليکيءَ کي ۾ ڏنو.

اسان گهوڙن کي ڏسي رهيا هياسون ته هڪ لاڏو گهوڙو (Dray horse) آندو ويو. مٽانئس سونيءَ تند واري ڪپڙي جي جُهل ۽ هاٿيءَ وارو هودو پيل هوس. ان گهوڙي کي ڏسي مان ڪل روڪي ڪونه سگهيس. ان کان پوءِ راجا رنجيت سنگهه، صندل جو تيل ۽ گلاب جو پاڻي پنهنجي هٿن سان اسان جي مٿان ڇڙڪيو. ان بعد اسان جي ملاقات جي پڄاڻي ٿي. اسان کانئس موڪلائي وڃي رهيا هئاسين ته هڪ ڏينهن صبح سويل اڇڻ لاءِ چيائين ۽ اهو به هدايائين ته هو ان وقت اسان جي وندر لاءِ گهوڙيسوار فوج جو مظاهرو ڪرائيندو.

اسان هڪهاءِ نيس سان مقرر وقت تي فوجي ميدان تي ملاقات ڪئي. اسان ڏٺو ته ميدان تي 51 توپون بيڙل هيون، جن کي خاص هن موقعي لاءِ آندو ويو هو. پتل جون ٽهيل ۽ ڇهه پائونڊ گولن اڇلڻ واريون هيون. هرهڪ توب کي ڇهه گهوڙا ڇڪي رهيا هئا. اهو فوجي مظاهرو هڪ مقامي فوجي آفيسر جي نگرانيءَ هيٺ ٿي رهيو هو. توپن جو هلڻ ۽ چرپر گهوڙن وسيلي ٿي رهي هئي. هر طرف قطارون

۾ ڪالم ٺاهيا ويا هئا. بمباري جي انتها تي هڪدم ڪونہ پھتا. پر سندن ڦرتي چالاڪي ڏسڻ وٽان هئي. بمباريءَ ڪندي ڪوبہ حادثو پيش ڪونہ آيو. هن فوجي مظاهري ۾ ڪاڏين حصو ڪونہ ورتو. گهوڙا ۽ توبخاني وارو سامان گهٽ درجي وارو هو. توبون البت سئيون ٺهيل هيون ۽ ڳاڏا جن تي توبون رکيل هيون سي بہ سئيءَ حالت ۾ هئا ۽ لاهور جا ٺاهيل هئا. هرهڪ جو خرچ 1000 رپيہ هو. مظاهري لاءِ جيڪي ئي فوجون گذريون تہ اسان کان بہ هن مظاهري متعلق پنهنجو راءِ پڇيو ويو. هن ڄاڻ ڏيندي چيو، "هرهڪ توب تي آفيسرن، جوانن ۽ گهوڙن سميت منهنجو سالياني 5000 رپيہ خرچ آهي. قلعن تي حملن ۽ مارٽر جي استعمال کان سواءِ هون وٺ هڪ سو توبون آهن. فرينچ آفيسر چون ٿا تہ اهي تمام گهٽيون آهن." هن وڌيڪ ٻڌايو تہ "سندن تعداد وڌائي بہ ڪونہ ٿو سگهجي." اسان اتي گهڻو وقت ڪونہ ويٺاسون تہ هن چيو، "اڄ ناشتو مون سان ڪڍ ڪجو." هن کان اڳ اسان کي اهڙو اعزاز ڪونہ مليو هو ۽ اسان انڪار ڪري نہ سگهياسين. ڪرسين کي سيڙي پري ڪيو ويو ۽ هن انتهائي سادي مهاراجا جي سامهون هيٺ هرهڪ لاءِ جدا بخمل جا گدا رکيا ويا. ڪيرٽين جا ڪيترائي نمونا هئا. انبن جي ڪٺاڻ هئي. اهي سڀ اسان کي وٽن جي پٽن تي رکي ڏنا ٽي ويا. رنجيت سنگھ پنهنجي هٿ سان سئيون سئيون شيون چونڊيندو اسان کي ڏيندو ٽپي ويو. سندس ٺاٺائي ۽ حليم سياءَ اسان کي گهٽي ڪائڻ تي پئي مجبور ڪيو. اسان جي لاءِ چاقوءَ ڪانٽي کان سواءِ آڪريون جڻ تہ بيڪار هيون. ناشتي کرڻ کان پوءِ هن اسان کي ساٿس ٽهڪي جي ماني کائڻ جي نيند ڏني ۽ هڪدم پنهنجي ماٿهن کي ان جي تياري لاءِ هدايتون ڏيڻ لڳو. اسان کي مقرر وقت تي گهرايو ويو. اها ماني بہ ناشتي جهڙي ۽ ان ئي طريقي سان اسان کي کارائي وئي.

رنجيت سنگھ هر نقطئ نگاه کان هڪ عجيب و غريب ڪردار آهي. مان سندس فرينچ آفيسرن جي واتان ٻڌو آهي تہ هن جهڙو انسان قسطنطيہ کان هندستان تائين ڪاٽي بہ ڪونہ ملندو ۽ اهي سندس اندروني طاقت ڏسي چڪا آهن.

اسان 16 آگسٽ تائين مهاراجا جي مهمان جي حيثيت ۾ لاهور ۾ رهيا پيا هياسين. ان عرصي دوران ساٿس ملڻ جا مونکي ڪيترائي موقعا مليا. پر مان نہ ٿو سمجهان تہ سندس اقتدار ۾ اچڻ جي تاريخ کي انبالا جي پوليٽيڪل ايجنٽ ڪٽلٽن وليم مُري جيان ڪجھ وڌائي سگهان ٿو. رنجيت سنگھ ۾ جيڪا ساراهڻ جوڳي خاصيت آهي، سا سندس انسانيت آهي. تخت نشين ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن ڪونہ ٻڌو هوندو تہ هن ڪنهن بني بشر کي موت جي سزا ڏني. هو ڏوهيءَ جو عضوو ڪپي چڏيندو هو. پر گهڻو ڪري جبلن ڏانهن ملڪ نيڪالي ڏئي

چڏيندو هو. چالاڪيَ ۽ معاملن تي مصلحت سندس سياست ۽ تدبل جو بنياد هوندو هو. هن سڪ سردار جي سياسي حياتي ختم ٿيڻ واري آهي. ٿي- بيءَ جو مريض آهي. ڪمزوريءَ کان ڪهو ٿي ويو آهي. عضوا ڪمزور ٿي چڪا اٿس. ۽ هاڻي رات جو جيڪي شرابن جا چڪا چاڙهي ٿو يا تيز برانديءَ جا پڳ پئي ٿو سي سندس قوت برداشت جو بندُ ٻيڇي وڃهندا.

16 تاريخ آگسٽ تي اسان کانئس موڪل وٺڻ لاءِ آخري ملاقات ڪئي. منهنجو ٻيو دوست طبيعت جي ناساز هجڻ ڪري ڪونه هليو. ڪئپٽن ويڊ مُون سان گڏ هو. محلات جي دروازي وٽ اسان جي آجيان ڪيائين. سندس طبيعت ۾ ڪجھ گھرائي پئي ڏٺي. عاليشان غاليچي بدران اسان جي ڪرسين هيٺان سفيد ڪپڙو وڇايل هو ۽ دربار ۾ به ڪي مختصر نوڪر چاڪر موجود هئا. منهنجي خواهش ڪرڻ تي هن مون کي 'ڪوهنور هيرو' ڏنو. جيڪو دنيا جي هيرن ۾ وڏي ۾ وڏو هيرو هو ۽ راجا رنجيت سنگھ ڪابل جُي اڳئين بادشاه شجاع کان زبردستيءَ ڦريو هو. ڏاڍي قيمتي پاٿيٽ اٿس. ماپ ۾ ڪڪڙ جي آني جي اڌ جيترو ٿيندو. سندس تور سادا ٽن رپين جي برابر آهي. جيڪڏهن هن جواهر جي قيمت ڪٿي وئي ته سادن ٽن ملين رپين کان گھٽ ڪانه ٿيندي. پر مان سمجھان ٿو ته اهو وڏاءُ آهي. ڪوهنور هيري کي ٻانهن ۾ پائڻ لاءِ سندس ٻنهي طرفن کان جھرڪيءَ جي آڻن جيترا هيرا پويل آهن.

اسان جي موڪلائي ملڻ کان اڳ مهاراجا رنجيت سنگھ ڪوهنور هيري لاءِ ڏاڍو پريشان پئي ڏٺو. انهن هيرن سان گڏ 14 روپين جي تور جيترو هڪ لال هو. جنهن تي اورنگزيب ۽ احمد شاه سان گڏ ڪيترن بادشاهن نالا اکريل هئا، انهن جواهرن ۾ 11 روپين جي تور جيترو پکراج به شامل هو. جيڪو رنجيت سنگھ 20,000 رپين ۾ خريد ڪيو هو.

هزهاءِ نيس رنجيت سنگھ، هندستان جي دور دراز علائقن جھڙوڪ بمبئي سان آمدرفت کُلڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي انگريز سرڪار ان دوستي پڪي ڪرڻ جو يقين ڏياريو. بعد ۾ هن موتين جي هڪ لڙهي مون کي ڏني. هن هيري جي منڊي منهنجي هڪ هٿ تي ۽ زمرد جي مُنڊي ٻئي هٿ تي رکي ۽ چار داڻا زمرد ۽ موتين جا ٻيا به ڏنا. ان کان پوءِ هن منهنجي چيلھ سان تلوار ٻڌي جنهنجي مُٺي تي موتين جو ڪم ٿيل هو. هڪ گھوڙو به تحفي ۾ ڏنائين، جنهن جي جُھل تي سون جو ڪم ٿيل هو. لغام ۽ هني تي به سونا زيور جڙيل هئا. هن هڪ قلعت به ڏني، جيڪا ڪشميري شال مان ٺاهيل هئي ۽ ٻيون به ڪشمير جون ڪيتريون ئي ٺهيل شيون ڏنائين ۽ ساڳيون شيون مسٽر ليڪي کي به ڏنيون ويون. اسان جي ٽن نوڪرن کي به رنجيت سنگھ پنهنجي سخاوت سان نوازيو ۽ باقي رهيل نوڪرن لاءِ به 2000 روپيه ڏنا. بعد ۾ مهاراجا، انگلينڊ جي بادشاه جي وزير جي خط جي

جواب ۾ هڪ خط ڏنو ۽ ڪيس ڏيڻ لاءِ مون کي گذارش ڪئي. اهو خط هڪ ريشميءَ ڪپڙيءَ ۾ ويڙهيل خط جي ماپ چئن پنج فوٽن جي وچ تي هئي. ڏسڻ ۾ ئي ان خط ۾ باغ و بهار واري زبان استعمال ڪيل آهي جنهن کي يورپي ماڻهو پسند ڪونہ ڪندا آهن. ان سان گڏ منجهس دولت جو خمار ۽ ڪجھ اڪڙائيون بہ ڪيل آهن. هزهاءِ نيس کان جيڪو مون کي لقب عطا ٿيو، سو ٻڌي اوهان ڪِلي پوندؤ.

مهاراجا رنجيت سنگھ جو انگلينڊ جي بادشاه جي وزير ڏانهن لکيل خط جو نقل جيڪو آخري ملاقات ۾ منهنجي حوالي ڪيو ويو هو تہ جيئن آءٌ ان خط کي وزير فار دي افيئرس آف انڊيا جي حوالي ڪريان. ان خط جو زباني ترجمو هن ريت آهي:

"ان خوشيءَ جي موقعي تي جڏهن دوستيءَ جي ڪاغذ مان ڇوڪي چيڙ جي سڱڌ پري ڏڏڙي هير کهلي رهي هئي ۽ منهنجي احساسن کي خوشبودار ڪلن سان گڏ اُڏائي رهي هئي تہ عاليجناب جو خط پهتو، جنهن جو هرهڪ لفظ عزت جي تاريءَ تي ڏڙيل ڪُل سمان ۽ ان جو هرهڪ اکر شان ۽ وقار جي وڻ ۾ تازي ٻور مان اسرندڙ مٺي ميوي جيان آهي. مذڪوره خط مسٽر برنس ۽ جان ليڪي منهنجي حوالي ڪيو. جن کي پهچائڻ لاءِ الپائين نسل جا پلا گهوڙا بہ حوالي ڪيا ويا هئا. جن جو قد هاٿيءَ جيترو ۽ سونهن ۽ سوڀيا ۾ پنهنجو مٿ پاڻ هئا، جن جي تعريف هتي تہ ٻُهيو، پر سندن پنهنجي ملڪ ۾ بہ آهي. اهي نايابَ گهوڙا گريٽ برٽن جي بادشاه سلامت، سوڪڙيءَ طور مون ڏانهن موڪليا ۽ جن سان گڏ هڪ شاندار ۽ وڏي گهوڙي- گاڏي بہ شامر هئي. اهي مذڪوره سوڪڙيون مٽين ٻنهي نوجوانن وڏيءَ حفاظت سان سندوءَ رسٽي سفر ڪري مون وٽ پهچايون آهن. انهن سوڪڙين سان گڏ اوهان جو خط بہ موصول ٿيو، جنهن ۾ دوستيءَ جو دم آهي. اهو خط مسٽر برنس ڏنو، جيڪو منن ٻَہ بہ ٻولن وارو پيارو پنڇي ۽ فصاحت ۽ بلاغت جي باغن ۽ بستانن جي بلبل آهي. جڏهن اهي سڀ شيون مون وٽ پهتيون تہ منهنجيءَ دل ۾ خوشين جا هزارين اڌما اٿيا.

توهان جي خط معرفت اهو معلوم ٿيو تہ انگلينڊ جو بادشاه سلامت منهنجي طرفان موڪليل ڪشمير جي شال مان تيار ڪرايل خاص تحفو ملڻ ڪري ڏاڍو خوش ٿيو آهي. خوشي جي اهڙيءَ خبر مون کي نهال ڪري ڇڏيو آهي. خاص طور تي بادشاه سلامت جي خاص ڌيان ۽ ٻاجھ سبب منهنجي دل ۾ خوشي جي جذبن ۽ احسانمنديءَ جي اڌمن ڪري ايترو تہ ٽمڻار ٿي وئي آهي جو اهو امڪان ئي نظر ڪونہ ٿو اچي تہ انهن کي اکرن ۾ بيان ڪري سگهان.

God (1)

آکل پورک جي، (1) جي مهرباني سان منهنجي ڪُڙهه ۾ ترڪستان، ايران ۽ هندستان جي مختلف ملڪن جا چونڊ گهوڙا موجود آهن، پر اهي سڀ، توهان جي معرفت انگلينڊ جي بادشاه طرفان موڪليل گهوڙن جي پيٽ ۾ گهٽ آهن. چاڪاڻ ته اهي گهوڙا قد ڪاٺ، خوبصورتي ۽ بيهڪ ۾ دنيا جي هر شهر ۽ هر ملڪ جي گهوڙن کان بهتر آهن. انهن گهوڙن جي فعل کي ڏسي نئون چنڊ حسد وچان ڦڪو ڏسڻ ۾ ايندو.

گهٽو ڪري آسمان تان غائب ٿي ويندو. اهڙا گهوڙا ته سڄ جي اڪ ۾ ڪائنات ۾ ڪاڻي ۾ ڪونہ ڏٺا هوندا. مون کي اهڙي طاقت،ڪاڻ آهي جو ستڻ واڪاڻ، لفظن ۾ بيان ڪري سگهان. آءٌ مجبور ٿيو آهيان ته پلي گهوڙي جي ڪنڌ تي واڳون رکي ان کي ميدان تي ڊوڙڻ لاءِ چڏي ڏيان.

توهان پنهنجي خط ۾ ذڪر ڪيو آهي ته بادشاه سلامت، مون سان پڪي دوستيءَ جي دلي خواهش جي اظهار ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي، جيڪا ڪڏهين ڪيتري وقت کان قائم آهي ۽ هنهي ملڪن جي رعايا جي آرام ۽ خوشيءَ جو سبب ٻڌي آهي. اوهان وڏيڪ چيو آهي ته بادشاه سلامت جي دلي دعا آهي ته مان صحت ۽ ڀڳهي جمار ماڻيان ۽ پنهنجي ملڪ ۽ ملڪي ماڻهن جو تحفظ ڪندو رهان. توهان مهرباني ڪري بادشاه سلامت کي اهو يقين ڏياريو ته اهي ساڳيا جذبا منهنجا به آهن، ته شال اسان هنهي جا واسطا ۽ رابطا قائم ۽ دائم رهن ۽ بادشاه سلامت پنهنجي رعايا سميت سدائين خوش ۽ ريان ڪيان هجي.

هنهي ملڪن جي وچ ۾ دوستي جو بنياد هڪ سڪ ماڻهوءَ ۽ بلند ڪردار انسان سي- ٽي ميٽڪاف (C.T Metcalfe) جي معرفت پيو هو. سر سي- ٽي ميٽڪاف هندستان ۾ گهٽو عرصو رهيو. سندس ئي ڪوششن ۽ ڏيان سان باهمي دوستي ۽ هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۾ وڏي هٿي ملي هئي ۽ اها دوستي مضبوط ۽ مڪمل ٻڌجي وئي. جڏهن عزتِ مآب ارل آف مهرسٽ هندستان ۽ سملا آيو ته هنهي ملڪن جي وچ ۾ دوستيءَ جو خوب مظاهرو ڏسڻ ۾ آيو. جنهنجي مُلڪان ملڪ ڏوهه مچي وئي هئي.

جڏهن کان وٺي مسٽر ويڊ (Wadé) لڏيانا ۾ مقرر ٿي آيو آهي ته هن هنهي طاقتن جي تعلقاتن کي وڌائڻ ۾ ڪابه ڪثر ڪانہ چڏي آهي.

رائيٽ آنريبل لارڊ وليم بينٽنڪ ، موجوده گورنر جنرل جڏهن سملا پهتو هو ته، مان به خير سگالي طور مسٽر ويڊ سان گڏ اميرن جي هڪ سفارت موڪلي هئي. ڏانهس،خط به لکيو ويو هو، جنهن ۾ سندس صحت متعلق دعا ڪيل هئي. ملاقات ڪرڻ کان پوءِ گورنر جنرل کين باعزت رخصت ڪيو. واپس اچڻ تي ان سفارت سندس باعزت آجياڻي متعلق پيرائيتون ڳالهيون ٻڌايون. اهڙين خوشخبرين مون کي ڏاڍو خوش ڪيو. الله جي مهرباني سان موجوده گورنر جنرل به ارل آف امهرسٽ

جيان ٻنهي ملڪن جي تعلقات کي وڌائڻ ۾ قائمر رکڻ ۾ مشغول آهي ۽ اهو سندس اعليٰ خوبين جي ڪري آهي ۽ مون کي قوي اميد آهي ته هو هن موضوع تي اڳين گورنر جنرلن کان وڌيڪ ڏيان ڏيندو.

مسٽر برنس ۽ جان ليڪي جن جو آءٌ اڳ ۾ ب ذڪر ڪري آيو آهيان، سي بادشاه سلامت طرفان موڪليل سوڪڙيون ڪٽي پهتا، تن کان آءٌ دوستاڻي قسمر جي گفتگو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. انگريز سرڪار جي مهربانين ۽ سندن خاص ڏيان، جنهن اهڙن آفيسرن جهڙي سفارت موڪلي. ٻنهي ملڪن جي دوستيءَ کي سو دفعا وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي. هن قسمر جي خوشخبري ڏيهان ڏيڻ مشهور ٿي وئي آهي، جيڪا دوستن احبابن لاءِ ته خوشين جو باعث آهي، ۽ دشمنن جا ساه ساڙ ۾ سڙي رک ٿي ويا آهن. مون کي پوري اميد آهي ته هن خط جا خاص ٽڪرا بادشاه سلامت جي ڏيان تي آڻيندا.

مون کي پوري اميد آهي ته الله‌ج جي مهربانين سان اسان جي دوستي ۽ اسان جا تعلقات ڏيهري جي سج جيان چڙا پڙرا آهن ۽ بادشاه سلامت جي نيڪ ستاري طفيل ڏينهون ڏينهن وڌندا رهندا.

مان، مسٽر برنس ۽ جان ليڪي کي، توهان ڏانهن هيءُ دوستاڻي جوابي خط ڪٽي اڇڻ جي اجازت ڏني آهي ۽ مون کي پورو ويساه آهي ته اهي ٻئي آفيسر پنهنجي منزل تي سلامتيءَ سان پهچي اوهان کي اسان جي نيڪ جذبن جون سڀ ڳالهيون ٻڌائيندا. مون کي پورو اعتماد آهي ته توهان اهو ضرور سمجهندا هوندا ته بادشاه سلامت ۽ اوهان جي صحت جي مون کي ڏاڍي ڳڻتي هوندي آهي، تنهن ڪري اوهان پنهنجي ۽ بادشاه سلامت طرفان خط لکندا رهندا ته مهرباني ٿيندي.

(صحي)

E. Reaven Shaw

Depy. Pol. Secretary

هي خط ڏئي مهاراجا رنجيت سنگهه مون کي پاڪر پاتو ۽ گورنر جنرل آف انديا وٽ سندس نيڪ جذبن جي اظهار لاءِ مون کي گذارش ڪئي. پوءِ مان راجا کان اجازت وٺي ساڳي ڏينهن شام جو، سندس دارالسلطنت لاهور کي الوداع چئي ۽ هماليه جبل تي واقع سملا ڏانهن رواتو ٿيس. جتي ان وقت لارڊ بينٽڪ رهيل هو ۽ مون کي پنهنجي سفارت جي خال احوال ڏيڻ لاءِ اتي گهرايو ويو هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو آءٌ ٿيه ميل پري سکن جي مقدس مقام امرتسر ۾ موجود هيس. وچ واري علائقي کي مانجا (Manja) ٿي سڏيائون. ڏاڍو سر سبز ۽ خوشحال خطو آهي. هندستان جي هڪ شهنشاه راويءَ مان 80 ميل ڏکهو هڪ واه کوٽايو هو، جيڪو لاهور واري رستي سان پور-وچوٽ تي امرتسر کي پاسو

ڏئي وهندو آهي. سندس پاڻي تانگهو آهي. کاڻي سندس ويڪر 8 فوٽ مس ٿيندي. پوءِ به منجهس ننڍڙيون ٻيڙيون هلنديون رهنديون آهن. هڪڙو ڏينهن امرتسر ۾ رهي پيم. سندن رسم ۽ رواج اکين ڏٺم ۽ منهنجي پڇ پڇ واري اڇا گهٽي ختم ٿي وئي. شام جو شهر جي مکيءَ اسان کي پنهنجو قومي گردوارو ڏيکاريو. سندس تعمير وچ ينڊ ۾ ٿيل آهي. سڄي عمارت مٽان سون جو ته چاڙهيو ويو آهي. اسان سندس طواف ڪري اندر داخل ٿياسون. مقدس ڪتاب گرنٿ صاحب هڪ سڪ گروءَ جي آڏو کليو رکيو هو. گروءَ جي هٿ ۾ ٿهيٽ جي ڪئونءَ جوپڇ هو. جيکو مٽس وڃٽي جيان جَهلي رهيو هو. جڏ ته ناپاکائي دور ڪندو هجي.

اسان گرنٿ صاحب وٽ نذر نياز رکيوسين. اسان کي گردواري ۾ عزت سان وهاريو ويو هو. ان وقت هڪ سڪ اٽي ٻيئو ۽ گرو گوبند سنگهه کي واکاڻڻ لڳو ته سڀ موجود سڪ ان ۾ شريڪ ٿي ويا. هو چوندو رهيو ته جيکي اڄ سڪ پنهنجي حياتيءَ جون موجون ماڻي رهيا آهن، سو سڀ گوبند سنگهه جي يا ڪرپا سان آهي. گردواري ۾ موجود مهمان انگلينڊ جي بادشاه طرفان سوکڙيون کٽي دوستي پکي ڪرڻ آيو آهي ۽ هاڻي گردواري ۾ پهچي 250 رپين جي پيٽا ڏني آهي. اها پيٽا گرنٿ صاحب جي مٽان رکي وئي ۽ پوءِ "واه گروءَ جي کا فتح" جو نعرو هڻي جلسي جي ڪارروائي ختم ڪئي وئي. مان ان سڪ گروءَ کي هڪ اعلان ڪرڻ جي گذارش ڪئي ته اسان سڪ قوم سان پکي دوستي رکڻ جا خواهش مند آهيون. پوءِ به وري نعرا شروع ٿي ويا. "واه گرو جي کا فتح" خالصه جي کا فتح" وڏي گرد واري جي ياترا کان پوءِ اکالي بنگا آياسين. اکالي بنگا امر انسانن جا گهر هئا، جن ۾ انهن عظيم انسانن پنهنجي حياتي گذاري هئي. ساڳيءَ ريت اسان اتي به پيٽا رکي. اسان کي اندر وڃڻ لاءِ ڪوبه ڇڏيائون. اکالي يا نهنگ جنوني قسم جا مذهبي سڪ هوندا آهن، جن تي ڪنهن به قسم جو اعتبار ڪونه هوندو آهي. پيٽا جي بدلي گروءَ اسان کي ڪنڌ ڏني. اکالي قسم جا سڪ نيري رنگ جو پٽڪو ٻڌندا آهن، جيکو هوريان هوريان مٽي چوٽي ڪندو ويندو آهي. منجهس لوه جا ڪيترا ڳوڙها لڳل هوندا آهن ۽ پنهنجي بچاءَ واسطي اڇلي استعمال ڪيا ويندا آهن. اهي پنهنجي سڪ برادريءَ جي توهين ۽ بي عزتي ڪندي به ڪونه ڏجندا آهن. ڏهاڙي ڪونه ڪو دنگو فساد پيو ٿيندو آهي ۽ پنجاب ۾ اهو ڪو ڏينهن خالي ڪونهي جو مذهبي جنونين جي وڌي سان ڪو قتل نه ٿئي.

اکالي سڪ مذهب جو هڪ وڏو ٿولو آهي ۽ راجا رنجيت سنگهه به ان فرقي سان لاڳاپيل آهي. پر سندس ڏاڏاڻن کي دهائڻ لاءِ پنهنجيءَ طاقت کي به استعمال ڪندو آهي. وڏا ڏوهاري يا ته هن پنهنجي فوج ۾ پرتي ڪري ڇڏيا آهن يا کين ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي. اسان جي مهماندار جو پيءُ ديسا سنگهه مجيٿيه

(Majeetia) سڪ برادري جو چگو مڙس اسان جو رهبر، عمر ۾ موٽيل ۽ رج پلو مڙس هو. ڪيس اسان جي بچاءَ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. ماٺهن جي ڳپ گيه مان هٽن سان سُڪَ جهلي ٻاهر ڪيي آيو. ان کان پوءِ امرتسر شهر کي گهمي ڏٺو سين. هيءُ لاهور کان وڏو ۽ هندستان ۽ ڪابل جي وچ ۾ هلندڙ تجارت جو مرڪزي شهر آهي. هتان جا واپاري گهٽو ڪري هندو آهن. سندن گهرن جي درن وٽ سئونچر لوڻ جا وڏا چڪا رکيل ڏسي تعجب ۾ پئجي وياسين. بعد ۾ پتو پيو ته اهي هن مقدس شهر جي ڪُنڊ جي چڻڻ واسطي رکيا ويا آهن. واپسيءَ تي رام باغ ۾ گهمندا آياسون. مهاراجا رنجيت سنگهه جڏهن ۾ امرتسر ايندو آهي ته رام باغ ۾ رهندو آهي. هتي ۾ سندس فوجي ڪارڪردگي سان دلچسپيءَ جو پتو پيو. هن سردار قول باغ جي چوڌاري ڪچو قلعو اڏائي ڇڏيو آهي ۽ ان جي چوڌاري ڪاهيءَ جي ڪوٺائيءَ جو ڪم جاري آهي.

امرتسر کان 23 ميل پريَ بياس نديءَ تي پهتاسين. سڪندر اعظم هن درياه کي هئفاسس (Hyphasis) جي نالي سان سڏيو آهي. زمين جو ورن پڪو آهي. وٽ ۾ ڇدا پادا پيا ڏسبا. جلال آباد وٽان بياس 21 تاريخ اکرياسين. وسڪاري سبب سندس پيٽ هڪ ميل موڪرو ٿي ويو هو. سندس وَهَ جي تڪ پنج ميل في ڪلاڪ هئي. اڪرڻ ۾ اسان کي ۾ ڪلاڪ لڳا. جنهن جاءِ تان ٻيڙيءَ هاڪاريو، ان جي سامهون واري جاءِ کان ۾ ميل هيٺ وڃي ٻيڙيءَ پٽڻ ڪيو. سندس وڏ ۾ وڏ اونهائي 18 فوٽ هئي.

هن نديءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ٻيڙيون ائين پيون ڏسڻ ۾ ايندیون جڏ ته آڳل سان ڪي ٽُرها آهن. سندس موڙو ڪائڻ يا پٺتي ورڻ ڏاڍو خطرناڪ هوندو آهي. سندن سفر جيءُ جو جوکو هوندو آهي. تنهن هوندي ۾ دور ڏيکا، گهوڙا ٻهيڙا، هاٿي ۽ توبون پيون آرپار ايندیون ويندیون آهن. اسان ۾ خير سلامتي سان تار ڪري وڃي پار پياسين. پر هڪ خطرناڪ حادثي کان وار جي وٿيءَ تان بچي وياسين. ٿيو هينءَ جو وڏي وهڪري مان ته ٻيڙيءَ تي چڙهي اچي پار پڳاسين. پوءِ اسان کي، هاٿيءَ تي چڙهي واهڙ اکرڻ جو شوق ٿيو. واهڙ جي ويڪر 30 گز ۽ اونهائي 18 فوٽ هئي. هاٿي ۾ جڏهن تار مان تري اچي تانگهي ۾ پهتو ته پاٿيءَ ۾ ويهي رهيو ۽ وٽي لينڊ ۽ ليڙيون پائڻ شروع ڪيائين. مسٽر ليڪيءَ ۽ مان ابهرائي ڪري ائين ڪٽي پاٿيءَ ۾ آ ڪئي سين، ايڏا قداور ۾ ڪونه هئاسون جو تَرَ تي وڃي پير ڪپن نه وري ترڻ ۾ ماهر. بس تَرندا، تڙڪندا، ليڙيون پائيندا، گوتا ڪائيندا اچي ڪنڌيءَ لڳاسين. باقي ڊاڪٽر مري سو. آرام سان هاٿيءَ چي هودي ۾ پنهنجي جاءِ تي ڪُپ ڪوڙيون ويٺو هو. هن واقعي کان پوءِ اسان وري هاٿيءَ تي چڙهي درياه اکرڻ کان بان ڪئي، باقي ساندارن کي سو واه جو ڪتب آندوسين.

اسان جي منزل بياسَ کان 10 ميل پري ڪپور ٿلا شهر ۾ هئي. هيءُ علائقو

راجا فتح سنگھ الوال جي حڪمرانيءَ هيٺ آهي. هيءُ سڪ سردارن مان آهي، جن 1805ع ۾ لارڊ لئڪ سان گڏ هتي فوجي ڪئمپ هنئين هئي. ايڊا به نوجوان لڳو پيو آهي. هن اسان جي عزت آبروءَ ۽ مان مرجائت سان آڇيان ڪئي. ويجهي اڇڻ تي هن پنهنجا به پٽ اسان جي استقبال لاءِ موڪليا. شام جو ملاقات لاءِ هو اسان وٽ پاڻ ڪهي آيو. هئي ڏينهن جڏهن اسان ملاقات لاءِ وڃڻ ويڃاسين تہ هن باغ ۾ اسان جي وڏي دعوت ڪئي ۽ تمام گهڻا ڏينڀا هاريا ويا. اسان هڪ ٽلهي تي بيهي اڇرج جهڙي ڏيئاري (چراغاني) ڏسي ڏاڍا سرها ٿياسين. فتح سنگھ اهو ماڻهو آهي، جنهن جو سر جان مالڪم "اسڪيچ آف سکس" ۾ شرانجوريءَ جي حوالي سان ذڪر ڪيو آهي.

سالن گذرڻ کان پوءِ به سندس شراب پيئڻ جي شوق ۾ گهٽتائي ڪانہ آئي آهي. اسان جي وهڻ کان هڪدم پوءِ شراب جي بوتل ڪڍي بي حجاب ٿي پيئڻ لڳو. اسان کي به پيئڻ لاءِ زور پريائين. اهو شراب انگريزن جي استعمال کان وڌيڪ تيز هو. هن اسان کي هر قسم جي شراب موجود هجڻ جو يقين ڏياريو. اسان پيئڻ کان گهٽو لهرايو پئي. سردار صاحب ۽ سندس خاندان جي صحت جي نالي اسان هڪ هڪ جام پيتو ۽ ماڻ ڪري ويهي رهياسين. هن جڏهن قيمتي سوکڙيون ڏيڻ شروع ڪيون تہ اسان انڪار ڪري ڪونہ سگهياسين. مون کي هن موتين جي هڪ لڙهي ۽ هيا جواهر گهوڙي سان گڏ تلوار ۽ ڪيتريون شالون ڏنيون. سردار فتح سنگھ جي شخصيت به لاجواب آهي. سندس ذهن فوجي آهي. سالياني آمدني چار لک اٺس. پنهنجو پورائو ان منجهان ڪري ويندو آهي. ڪيس پنهنجي نئين گهر ٺهرائڻ جو به ڏاڍو شوق آهي. سندس اها به آرزو آهي تہ سندس هنهي باغن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ججها ماڻهو هجن. هاڻي پنهنجي لاءِ انگريزي طرز تي هڪ گهر ٺاهڻ ۾ رڌل آهي. گرميءَ کان بچاءَ لاءِ هن زمين هيٺ چئن پنجن ڪمرن تي مشتمل هڪ جاءِ ان عمارت سان شامل ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ڪائنس موڪلائي هلڻ لڳاسين تہ پنهنجي پراڻي دوست سڄ جان مالڪم کي گهڻن سلامن ڏيڻ جو تاڪيد ڪيائين.

اسان ڪپور ٽلا کان فلور تائين ٽي منزلون ڪيون. هيءُ شهر ڪپور ٽلا کان 30 ميل پري ستلج جي ڪناري تي آباد آهي. رستي سان جلندر ۽ جمشير، هنهي شهرن وٽان لنگهياسين. جلندر جو شهر وڏو هو. ڪنهن زماني ۾ افغانن جي منجهس گهڻائي هئي. چوڌاري پڪين سرن جو قلعو اٺس. گهٽين جي سرن سان فرش بندي ٿيل آهي. شهر تي جلندر جو نالو هڪ دو آبي ڪري پيو آهي. اهو علائقو ستلج ۽ بياس جي وچ تي آهي. هين دو آبين جا نالا به مرڪب لفظن ذريعي ٺهيل آهن. چناب ۽ بيهٽ جي وچ تي چينيوٽ آهي. راوي ۽ چناب جي وچ تي رچنا دو آبو آهي. بياس ۽ راوي جي وچ واري علائقي کي 'باري' سڏيو ويندو آهي. جلندر

کان وٺي ستلج تائين سڄو علائقو سرسبز آهي ۽ آباد آهي. ڳوٺن جي چوڌاري ڪچا ڪوٽ ڏنل آهن. ڪن ڳوٺن جي پرسان وري ڪڏون ڪنيل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. جنهن مان سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ اهو علائقو ايڏو گهٽو آباد ڪونه هو. گهرن ۾ ڪاٺ استعمال ٿيل آهي ۽ چت تراکڙي هوندي اٽن. گهرن جي لنبَ منّيءَ جي گاري سان ٿيل آهي. پر کان جڏ ته منّهن پيا معلوم ٿيندا.

ستلج جي ڪناري سان فلور (Flour) لاهور جي حڪمران جو سرحدي شهر آهي. هتي ملتان مان ڪنيل سڪ دوستن ۽ محافظن کان موڪلايوسين. ڪميشنر ۽ نان ڪميشنڈ آفيسرن ۾ ڪپڙا ورهايا ۽ ٻين ماڻهن کي هڪ هڪ هزار رپيو ڏنو ويو. انهن انعامن کري هرڪو ماڻهو خوش هو. مهاراجا رنجيت سنگهه پنهنجيَ سخاوت آخري وقت تائين برقرار رکيو آيو. ستلج پار ڪرڻ کان اڳ، هن جا موڪليل 24,000 رپيه روڪ اسان کي مليا، توڙي جو اسان لاهور پهچڻ کان پوءِ ڏهاڙي ورهٔ وارا 700 رپيه وٺڻ کان انڪار ڪيو هو.

پنجاب جي سرحدن کي صفا چڏڻ کان اڳ، اوهان کي سندس قديم آثارن متعلق ٻه ٽي ڳالهيون ٻڌائيندو هلان، جيڪي سياحن جو هميشه پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندیون آهن. اها هڪ ويساه جوڳي ڳاله آهي ته سڪندر اعظم لاهور ۾ آيو هو. هن دارالسلطنت جي ڏکڻ- اوپر طرف ينڊ جي مٿان سنگالا (Singala) نالي هڪ قديم شهر جا کنڊر موجود آهن. ماڻڪ والا واري A-Tope جو ذکر مسٽر ايلفن اسٽون اگ ۾ ئي ڪري چڪو آهي. بعد ۾ مسٽر وينچورا ٻه ان جي ڪجه کوجنا ڪئي آهي، جنهن جي لکڻ عالمن جو مشرق طرف ڌيان ڇڪايو هو.

فرينچ دوستن جو ويچار آهي ته اهي مذڪوره کنڊر سڪندر جي فوجي مهم کان گهٽا آڪاٽا آهن. ڇاڪاڻ ته اتان لڌل سڪن تي موجود شڪل نيپچون جي ٽي سولي تصوير سان ميل کائي ٿي، جيڪا پرس پولس جي پٽرن تي ٻه نظر ايندي آهي. پنجاب مان گذرندي سڪندر جي دور سان لاڳاپيل ڪوبه سڪو مون کي هٿ ڪونه لڳو ۽ نه وري يوناني باختري سڪو مليو. فرينچ دوستن وٽ ٻه اهڙو ڪوبه سڪو موجود ڪونه آهي. مون کي اهو بيان ڪري خوشي ٿئي ٿي ته ماڻڪ والا جي کنڊرن جهڙيون ٻه قديم وستيون سنڌوءَ جي اولهائين ڪناري، يوسف زئي علائقيَ جي جبلن ۾ ڳولهي لڌيون ويون آهن. انهن ماڳن جي کوٽائي ڪرڻ کان پوءِ پنجاب جي قديم آثارن جو چڱيءَ ريت پتو پئجي سگهندو. (1) هتان جي ماڻهن جي بيانن مطابق سيالڪوٽ تمام پراڻو شهر آهي. لاهور کان سندس فاصلو 40 ميل ڪن ٿيندو. سندس ذڪر فارسي زبان جي سڪندر نامي ۾ موجود آهي.

---

(1) My journey to Bokhara made me better acquanted with these topes, as has already appeared in vol. I

26 تاريخ آگسٽ جي منجهند جو، ستلج يا هيسو دورس کي پار ڪري لڏيانا روانا ٿياسين. هن کي ڪاٽي شتودرا يا سَون ندين وارو درياه به سڏيندا آهن. ڇاڪاڻ ته هيءَ ندي سَو ننڍين واهڙن ۾ وڌجي ويندي آهي. اسان جي پهچڻ کان ٻه ڏينهن اڳ منجهس چارڻ اچي ويو هو ۽ سندس ويڪر 700 گز تي پهچي چڪي هئي. سندس اونهائي ڪاٽي ڪاٽي 18 فوٽ نه ته عام طرح 12 فوٽ هئي. بياس کان سندس وَهڪري جي تڪ گهٽ آهي. ستلج جو پاڻي پنجاب جي ٻين درياهَن جي پاڻيءَ کان وڌيڪ ٽڏو آهي. شايد ان جو سبب اهو آهي ته سندس ديگهه گهٽي آهي ۽ سندس وهڪري جو گهڻو حصو برف پوش جبلن مان لنگهي ٿو. هي درياه پنهنجا وهڪرا بدلائيندو رهيو آهي ۽ هڪ ڪنارو ڪائي ٻيو ڪنارو ٻڌائي وٺندو آهي. انگريز سرڪار جي لڏيانه واري علائقي جي وچ تي هن درياءَ جي الائي ڪيترن سڪل واهڙن جا نشان ملن ٿا. انهن مان هڪ واهڙ اهو به آهي، جنهن جي پراڻي پيٽ جا نشان ڪئمپ وٽ ڏسڻ ايندا آهن، اڄ کان پنجاه سال اڳ ستلج درياه اتان وهندو هو. نومبر ۾ هن درياه ۾ لانگها ٻڌجي ويندا آهن.

سنہ 1805ع ۾ لارڊ لئڪ جي فوج لڏيانا کان ٻه ميل مٿان هي درياه پار ڪيو هو. سندس لانگها به هر سال بدلجي ويندا آهن. ماڻهن جي پار اڪرڻ واري موسم کان ٿورو اڳ ۾ اتان جا مهاڻا لانگهي جو نشان هٽي ڇڏيندا آهن، جو ته اتي چور گپ ڏاڍي هوندي آهي. بياس ۽ ستلج جي ڪَڇيل پاڻي کي گهاري جي نالي سان سڏيندا آهن. اهو تار پاڻي ۽ ماڻهن جي اڪرڻ کان وڏو هوندو آهي. ستلج جون ٻيڙيون بياس جي ٻيڙين جهڙيون آهن. فلور جي پٽڻ تي 17 کن ٻيڙا انهن جهڙيون ٻيڙيون ڏسڻ ۾ آيون. ستلج ۽ لڏيانا جي وچ وارو علائقو هيٺاهون آهي. مون ڏٺو ته ستلج نديءَ جي ڪاهي ڪنڌيءَ وارو علائقو ويندي جبلن تائين سڄو سارو هيٺانهون آهي. پري کان درياهي لڙ پيو معلوم ٿيندو. پر اهو سڄو وارياسو پٽ آهي.

اسان لڏيانه ۾ ٻن ماڻهن سان ملياسين. ڪڏهن اهي مشرق جا بااثر ماڻهو هئا ۽ هاڻي انگريز سرڪار جا پينشنر آهن. انهن مان هڪ آهي ڪابل جو اڳوڻو بادشاه شاه زمان ۽ ٻيو شجاع الملڪ شاه شجاع جو تعارف ايلفن اسٽون جي ڏنل تعارف جهڙو آهي. شاه شجاع پنهنجي زوال کان پوءِ پنهنجا شاهي رسم رواج ڪونه ڇڏيا آهن. سندس درٻار جا عملدار ساڳي اڳواڙي لباس ۾ ظاهر ٿيندا آهن. ترڪي زبان ۾ ڪجه اعلان ٿيڻ کان پوءِ پهريدار بوٽن جا وڏا آواز ڪندا پوئتي هٽي ويندا آهن. شاه جي شخصيت متعلق ايترو ته لکيو ويو آهي، جو ڪجه وڌيڪ لکڻ جي ضرورت ڪانه آهي. بدقسمت ڏينهن ۾ ٻه پنهنجي شاهي شان کي پوريءَ طرح برقرار رکيون اچي. ٽاڻ ۽ ادمبر ٻه بادشاهت وارو اٽس، باغ ۾ وڻ هيٺان سندس ڪرسي رکيل هئي. اسان سان ملاقات وقت سڄو وقت ٻيٺو

رهيو. ڪجھ ٽلھو متارو ٿي ويو آھي. گفتگو ۾ ڏاڍو اباٽڪو ۽ اداس پئي لڳو. ڳالھائڻ مھل ڪجھ ٻڌاڪ بہ ھٿي رهيو ھو. ھن سنڌ ۽ سنڌوءَ جي ڪنارن سان وسندڙ ٻين ملڪن جي وري وري پئي پڇا ڪئي. ھن چيو تہ سندس لاھور وڃڻ تي سنڌ جا امير سندس نيٽن تي شڪ ڪن ٿا ۽ اسان پٺاڻن ۽ سکن تي ڪاوڙ ۽ (ڪٽنر) ڪيئي جو اظھار بہ ڪندا آھن.

ھن وڌيڪ ٻڌايو تہ ھن سنڌ جي اميرن کي تمام گھٽي تنبيھ ڪئي آھي. ھن اھو بہ چيو تہ "جيڪڏھن منھنجي اڄ بادشاھت ھجي ھان تہ ڪابل ۾ انگريز کي ڏسي ڪيڏو نہ خوش ٿيان ھا ۽ ھندستان ۽ يورپ جي وچ ۾ آمدرفت واسطي ھڪ شاھي رستو تيار ھجي ھان." شاھ پوءِ پنھنجي معاملن متعلق ڳالھائڻ شروع ڪيو. ھڪ سوال جي جواب ۾ ڪيس ٻڌايم تہ سنڌ ۾ تہ سندس دوست ۽ مخلص ماڻھو گھٽا موجود آھن. تنھن تي شاھ شجاع جواب ڏنو. "اھي سنڌي اھڙا چنبا ۽ ڪندا آھن، جو دوست ھوندي بہ دشمنن کان وڌيڪ خطرناڪ آھن. تابعداري ۽ دوستيءَ جي دعويٰ ضرور ڪندا آھن، پر ڪڏھن بہ منھنجي مدد ڪانہ ڪئي اٿن. شايد اھي وساري چڪا آھن تہ مان ڪانئن بہ ڪروڙ رپيہ خراج لھڻان ٿو."

شاھ شجاع کي ھلڪي گلابي رنگ جا عام سادا ڪپڑا پاتل ھئا. مٿي تي سائي بخمل جي تاج جي نموني ٽوپي پاتل ھئس، جنھن ۾ زمرد ٽاڪيل ھئا. اھڙي شخصيت سان ملاقات ڪري انسان جي لاھين ڇاڙھين مان خوب واقف ٿي سگھجي ٿو. سندس ملاقات مان اھو محسوس ڪيم تہ وٽس ڪا طاقت ڪانہ آھي، جو ھو ھيھر وڃي ڪابل جي تخت تي ويھي. جيڪڏھن تخت وٽ ۾ سوياري ٿي بہ وڃي، پر منجھس اھڙي ڏکئي ڏيہ کي سنڀالڻ جو نہ ڏاڻ ۽ ذات آھي ۽ نہ ئي منجھس ڪا اھڙي ٽوم ئي آھي.

شاھ شجاع جو پاڻ شاھ زمان عمر جي لحاظ کان رحم جوگو انسان آھي. ھيو تہ ھو ويچارو نابين بہ آھي. اسان ساڻس ملاقات ڪئي. ھو فقط ھڪ خدمتگار سان ھال ۾ ويٺو ھو. جنھن کيس اسان جي اچڻ جو ٻڌايو. تڏھن شاھ زمان مٿي نھاريو ۽ اسان جي آجيان ڪئي. ھي ويچارو صفا نابين آھي. رات ڏينھن جو سنڌو بہ سمجھي ڪونہ سگھندو آھي. پاڻس جيان ڏاڍو واتوڙو ھو. کيس ڏاڍو ڏک ھو تہ پنھنجي حياتي جا باقي ڏينھڙا پنھنجي وطن ۾ گذاري ڪونہ سگھندو. جتي ڪجھ گرمي گھٽ آھي.

شاھ زمان ۾ گھٽي وقت کان وٺي مذھبي جنون ۽ جذبو پيدا ٿي پيو آھي. سندس گھٽو وقت قرآن ۽ ان جي تفسير ٻڌڻ ۾ گذري ٿو. ھن ويچاري تي ھرڪو ماڻھو پيو جھيو ڪائيندو ۽ ديا ڪندو آھي. جڏھن ڪانئس اجازت ورتي سون تہ لڏيانہ ڇڏڻ کان اڳ ھيھر اچڻ جي گذارش ڪيائين ۽ ٻڌايائين تہ ڪيس نون ماڻھن سان ملي دلي خوشي ٿيندي آھي. مان سندس اڇا کان لنوائي ڪونہ سگھيس.

جڏهن لڏيانہ مان وڃڻ هارا ٿياسون تہ مان اڪيلو وڃڻ لنگهي ويس. منهنجو خيال هو تہ نابينائي ۽ وڏيءَ عمر ڪري ڪيس سياست ۾ ڪنهن بہ قسم جي دلچسپي ڪانہ هوندي. هن ڏاڏيءَ نماڻائيءَ سان چيو تہ آءٌ گورنر- جنرل وٽ سندس پاءُ جي لاءِ سفارش ڪريان، تہ جيئن هو ملڪ نيڪالي جي عذاب مان ڇٽي پوي. مان ڪيس پنهنجيءَ سرڪار جي همدرديءَ جو يقين ڏياريو ۽ چيو تہ سندس پاءُ سنڌ ڏي نظر رکي يا دوراني شهنشاهت جي ٻين علائقن ۾ مدد لاءِ هٿ پير هڻي. هن ڪنڌ ڏوڻي انڪار ڪيو ۽ چيو تہ ائين تہ معاملو مايوس ڪن آهي.

گهڙي ڪن جي ماڻ ڪان پوءِ هن ٻيهر مون سان ڳالهايو تہ سندس اکين تي سوڄ ٿي پئي آهي ۽ مون کي سندس اکين ڏسڻ جي گذارش ڪيائين. ڪيس اها تڪليف ان ڏينهن کان وڌي هئي، جنهن ڏينهن سندس پاءُ ڪيس اکين ۾ نشتر هڻائي انڌو ڪرايو هو. جيئن عمر ۾ واڌ ايندي آهي تيئن عضون ۾ پڻ اوس تبديلي ايندي آهي. هاڻي سندس اکين جو ڪارو حصو بلڪل ختم ٿي چڪو آهي. اهو امڪان ڪونہ هو جو ماڻهو زمان شاه ڏانهن نهاري ۽ مٽس جهٻو ۽ ڪَرَ نہ اچي. سندس موجودگيءَ ۾ اهو وسهڻ مشڪل هو تہ هيءُ ئي اهو بادشاه آهي، جو گذريل صديءَ جي پوئين حصي ۾ سندس نالي کان سجو وچ ايشيا ڏڪي ويندو هو ۽ اسان جي هندستاني حڪمرانيءَ واري علائقن ۾ بہ سندس ڏاڏي ڏهڪاءُ ۽ سُراپ هوندو هو. هاڻي نهل، ناڀين ۽ پنهنجي ڏرتيءَ ڏڪاڻو انگريز سرڪار جي پينشن تي پلجي رهيو آهي.

لڏيانہ ۾ ڏهن ڏينهن جي آرام ۽ فرحت ماڻڻ ۽ انگريز پائرن سان گڏجي خوشي محسوس ڪرڻ کان پوءِ همالہ تي واقع شهر شملا ڏانهن اسهياسين جو هتان کان سو ميل پنڌ تي هو. مسافري ٿورن ڏينهن ۾ پوري ڪري ورتي سين. هتي اسان نهايت دل لبائيندڙ ڏيک ڏٺا، جيڪي شهنشاهن جو خوبصورت درٻارين کان وڌيڪ سنجڻ ۽ سونهن وارا هئا ۽ منهنجي هن سفر جي ڪهاڻي بہ هتي پوري ٿئي ٿي. اسان کي شملا ۾ رائيٽ آنريبل لارڊ ولنگڊن، گورنر جنرل هند سان ملاقات ڪرڻي هئي جيڪو اسان جي سفارت جي فرض ادائگي کان ڏاڏو خوش هو. ڇاڪاڻ تہ اسان سنڌوءَ ۾ جهازراني متعلق ڏرين سان ڳالهيون طئي ڪري آيا هياسون. جنهن تحت برطانيہ جي واپار لاءِ سنڌو ڪليو پيو هو. اها هڪ روشن مستقبل ڏانهن بهترين حڪمت عمليءَ سان لاڳاپيل پهرين وک هئي. جيڪا تجارت ۽ سياست جي نقطئہ نگاه کان وڏي اهميت هئي. گورنر جنرل ڏانهن سنڌوءَ جي جاگرافي، بادشاهن جي احوال ۽ سنڌوءَ جي ڪنڌين ڪنارن سان آباد ماڻهن متعلق هاڻ سان پريل خط موڪليو تہ ان جي پهچ جو اطلاع ڏنو ئي مون ڏانهن موڪليو ويو هو.

دهلي- 6 ڊسمبر 1830ع

"سياسي ڪاتو"
ليفٽيننٽ الیگزينڈر برنس ڏانهن

(1) مون کي جناب گورنر جنرل صاحب، هدايت ڪئي آهي تہ اوهان طرفان سنڌوءَ جي يادگيرين سان لاڳاپيل ڪيترن خطن ۽ لاهور جي سفر متعلق رواني ڪيل احوالن جي پهچ جي، اوهان ڏانهن رسيد موڪليان.

(2) سنڌوءَ متعلق نقشو بہ جناب اعليٰ جي خدمت ۾ پهچي چڪو آهي، جيڪو راجا رنجيت سنگھ ڏانهن بادشاه سلامت جون سوڪڙيون ڪٽي وڃڻ دوران، لاهور تائين سنڌوءَ متعلق ورتل معلومات جي ڪوٺ پوري ڪري ڏني.

(3) گورنر جنرل، اوهان جي موڪليل ڪاغذن پٽن کي چڱيءَ ريت پڙهي پروڙيو آهي. جنهن اهم ڪم کي اوهان جي سپرد ڪيو ويو هو، تنهن کي اوهان ڏاڍي ٺاهوڪي نموني سان نياهيو آهي ۽ ان ڪري اوهان مان ڏاڍو خوش آهي. اوهان سرڪار جي خواهش پٽاندڑ هُن ڪهربل نقطي تي تفصيلي جاڻ ڏني آهي، تنهن تي اوهان کي جس ۽ آفرين هجي.

(4) اوهان سنڌ جي امير يا سنڌ جي سفر جي حد تائين جن سردارن ۽ بين ماڻهن سان گفتگو ڪئي يا سفر ڪندي جن سان بہ مليو، سي سڀ ڪارڪذارون گورنر جنرل صاحب جي نظر ۾ شاباس جوڳيون آهن. اوهان جي اها حسن ڪارڪردگي هر طبقي جي ماڻهو جي دل تي ضرور پنهنجا اثر ويهارينديءَ سرڪار جي مقصدن کي امڪاني حد تائين اڳتي وڌائيندي. پوءِ اهي مقصد ترت ۽ تڪڙا هجن يا اوهان جي سفارت سان لاڳاپيل هجن يا مستقبل سان ڳنڍيل هجن. انهن ماڻهن سان جيڪي اوهان رابطا پيدا ڪيا آهن، تن مان گهڻي معلومات ملي آهي. انهن ماڻهن جي سياسي خواهشن ۾ ڪين اجاين آسرن ڏيڻ کان عقلمنديءَ سان نيائي ويا آهيو. جيڪي اڳتي هلي ڪوڙن ڏڻن ۽ پروسن جي منجهيل فضا پيدا ڪرڻ وجهن ها، يا اوهان کي ڪن مسئلن ۾ ڦاسائي رکن هان. سنڌوءَ ۾ سفر دوران جن حڪمرانن جي ملڪن مان اوهان گذريا آهيو، تن سان اوهان جو رويو يا جيڪا خط و ڪتابت ٿي آهي، انهن سڀني ڳالهين کي سرڪار قدر جي نگاه سان ڏسي ٿي.

(5) ساڳي ريت عالي جناب، اوهان جي جاگرافيائي جاڻ يا هي معلومات حاصل

ڪرڻ وارين تدبيرن ۾ احتياط کي تعريف جي لائق سمجهي ٿو. اهي به چگيءَ ريت ڪاغذن ۾ محفوظ آهن، رڪارڊ طور رکڻ ۽ غور ڪرڻ واسطي صاف ۽ چٽا لکيل آهن. اوهان جو تيار ڪيل نقشو هندوستان جي جاگرافيءَ ۾ اهم اضافو آهي. اهو پورهيو هن سائنس واري کاتي ۾ اوهان کي اهم جاءِ ڏيارينديو.

(6) اوهان جي سفر جا نتيجا رپورٽن، يادگيرين ۽ نقشن جي صورت ۾ ظاهر ٿي چڪا آهن، تنهن لاءِ رڳو مجتا ڪافي نه آهي، اهي ان کان وڌيڪ لهڻ ٿا. اهي سڀ بنا ڪنهن دير جي انگلينڊ جي اختياريءَ وارن ڏانهن موڪليا ويندا. اوهان کي خبر آهي ته انهن جي ئي حڪمن تحت اها مشن لاهور موڪلي وئي هئي. عزت مآب کي پورو پورو ويساه آهي ته اوهان جنهن جذبي، فهم ۽ فراست سان پنهنجي فرض کي نياهيو آهي، تنهن لاءِ اختياريءَ وارا پڻ تنهنجيءَ هن تعريف ۾ ساٿس ٻٽي ٿي ٻيهندا ۽ پنهنجي خوشيءَ جو ان نموني اظهار ڪندا، جهڙي احسن نموني سان سندن اميدون پوريون ٿيون آهن ۽ لاهور مشن جي نالي ۾ سندن اصلي وڏو مقصد پورو ٿيو آهي.

سنڌوءَ متعلق پادگيرين تي مشتمل ليک
۽ پنجاب ۾ سندس پرتي ڪندڙ شاخون

سنڌوءَ جي ڪيبل نقشي سان لاڳاپيل معلومات

سمنڊ ڪان ونڊي لاهور تائين سنڌوءَ ۽ پنجاب جي ندين جي نقشي بنائڻ ۾ ڪجھ سمجھاڻيءَ جي ضرورت آھي ۽ ھن موضوع متعلق منھنجو مشاھدو ھن ريت آھي:

سنڌو درياھ ڏکڻ طرف لھنوارو ٿي سمنڊ ڏانھن وھندو آھي. مشاھدي ۽ مطالعي ڪرڻ واري ماڻھوءَ لاءِ سندس وھڪرو گھٽيون تڪليفون پيدا ڪري ٿو. سندس ويڪرائي ڦاڪ جي مشاھدي مان ڏاڙيءَ جي سفر جي واڌ جو پتو پوي ٿو ۽ سڌو سنئون وھڪرو نقشي تيار ڪرڻ ۾ وڏيڪ مددگار ثابت ٿيندو. منھنجي ھن تيار ڪيل نقشي جو گھٽو دارومدار ستارن جي مطالعي تي رکيل آھي. مان تہ جيڪر سچ کي مٽيءَ ڪنڊ (Attilude) طور استعمال ڪريان ھان. پر اسان سان ھلندڙ سنڌي ماڻھو طبيعت جا اھڙا تہ شڪي ھئا، جو اسان لاءِ اھو ممڪن ئي ڪونہ ھو، جو ڏينھن ڏٺي جو اھڙو اوزار استعمال ڪري سگھون ۽ مون کي بہ پيرا ھيڙيون روڪي مختلف آليچيوبس ونڻا پونڻ ھان. پر ان سان گڏ ھيءَ ڳالھ بہ ھئي تہ سفر واريءَ موسم ۾ سڄ خط استويٰ کان پنڌين پاسي ڏکڻ طرف ھو. مٽاھين جاين جھڙوڪ نٽو، سيوھڻ، اُچ ۽ ملتان جتي اسان کي ضروري طور ترسڻو بہ ھو، اتي اسان انن نَون ستارن جي مدد سان ڪم جو پورائو ڪيو آھي.

ڏکھائي ڦاڪ کي صحيح نموني سان بيھارڻ ۽ درياھ جي موڙ جي عام صورت حال جو ٺيڪ نقشو ڪيڻ، ان ڳالھ تي مدار رکي ٿو، تہ درياھ جي ھر وکر جو تفصيلي جائزو ورتو وڃي. اھو جائزو وڏي ڏيان سان ۽ ھر اڌ ڪلاڪ، پر ان کان بہ جلدي جلدي ورتو وڃي تہ بھترين ٿيندو. ھن ڪم ڪرڻ ۾ قطب نما بلڪل صحيح ھجڻ گھرجي. ھي مڪيہ ڪم آھي. اختياريءَ وارن ھن ڪم ڏانھن ڏاڍو ڏيان ڏنو آھي. سندس اھميت جو اندازو ھن ڳالھ مان بہ لڳائي سگھجي ٿو تہ

سج ايرئي كان سج لٽي تائين منهنجا فيلڊ بوڪ سراسري طور ويهن هنڌن جي ماپ ڏيکارين ٿا. مڻ صبح جو سوير اٽي پاڻيءَ جي رفتار ڏسندو هوس، جنهن مان ڏهاڙيءَ هيڏين جي رفتار جو اندازو معلوم ڪري سگهندو هوس.

ماپيل ڪناري کي وقت سان ورڇندو هوس. ان فاصلي کي منڊن ۾ ڪلاڪن ۾ ورهائي ڪم کي سولو ڪيو ويندو هو. منهنجي هيڏيءَ کي ماٿو ڏيڍ ميل تي ڪلاڪ جي حساب سان هلائي سگهندا هئا. واءُ سٽائو هوندو هو ته رفتار ڏهن ميلن تي پهچي ويندي هئي. درياه جي ويڪرائي ڪجهه منجهائي رکندي هئي. اسان جي هن ڪم جو وڏو داروملدار هن شهرن ڪراچي ۾ مانڊو تي هوندو آهي. مانڊو ڪچ جو بندر آهي، جتان اسان پنهنجي سفر جي شروعات ڪئي هئي. ڪراچي سنڌوءَ جي صفا اولهائين منهن وٽان ڏسي سگهبي آهي. سنڌوءَ ۾ هاڪاريڙ کان اڳ اسان جاچي ڏٺو ته مانڊو 22 ڊگريون ۽ 50 منٽ ۽ ڪراچي 24 ڊگريون ۽ 56 منٽ ويڪرائي ڦاڪ تي آهي. اهي ماپون ڪابل جي سفارت جي ڪئپٽن مئڪس فيلڊ (Captain Max feld) جون ورتل آهن.

مان انهن نقطن کي صحيح سمجهيو آهي ۽ ڪچ جي سروي ۾ انهن تي قائم رکي آهي ۽ درياه جي ڪناري جي ڪيل ليڪ ۾ انهن مذڪوره نقطن جي وچ تي آهي. پر سنڌ سان لاڳاپيل اليڪچيوءِ سج جي منجهند واري نقطي جي مدد سان ورتل آهي، جيڪو پٽ ونجه جي مدد سان، ڏهاڙي هيڏي هلائڻ جي رفتار تي مدار رکي ٿو. اسان نندڙين هيڏين رستي، فقط ڏينهن جو ڪناري پرسان هاڪاريندا هئاسون. مون وٽ ڇه يا اٺ ناڪوا هميشه موجود رهندا هئا، جن پنهنجي ساري زندگي هن علائقي جي پاڻيءَ ۾ گذاري آهي.

سنڌوءَ جي مُنهن جي ذڪر، نقشن ۽ ملندڙ حقيقتن ۾ موجود فرق اوهان جو ضرور ڌيان ڇڪائيندو. ڌيان ۾ اها ڳاله ضرور رکڻ گهرجي ته مان اڳين نقشن جي سچائيءَ ۾ شڪ ۽ گمان ڪونه ڪيو آهي. سنڌوءَ جي هن پاڪي کي ۽ هتان جي ماٿهن جي روايتن مطابق جيئن جو تيئن، اعتبار ڪري ڇڏي ڏنو آهي. سنڌوءَ جي ان حصي سان لاڳاپيل حقيقتن کي 1808ع جي ڪابل مشن جي ڪيل نتيجن کي پيڻائي سچائيءَ کي معلوم ڪري سگهجي ٿو. سنڌ حڪومت جي سارَ ۽ ڪيني ڪري اسان کي پورا پنج پيرا پوئتي موڪليو ويو. تنهن ڪري ان پاڪي کي جاچي ڏسڻ جو هڪ سونهري موقعو ملي ويو. مون چارٽ کي پرکي ڏسڻ کان پوءِ ڪيترين حقيقتون معلوم ڪري ورتيون. اسان جڏهن سنڌ حڪومت جي حڪم مطابق ڏيون پيرو سنڌ ڇڏي ته گهٽو هيٺ هاڪاري وياسين ۽ 20 ڊگريون 30 منٽ اتر، ويڪرائي ڦاڪ تي وڃي پهتاسون ۽ پورن ڇهن ڏينهن لاءِ گم هئاسون. آخري ڏينهن جي منجهند جو (17 مارچ) سر اتر ڏي منهن ڪري معلوم ڪيم ته اسان ان ڏينهن 23 ڊگريون ۽ 50 منٽن جي ويڪرائي ڦاڪ تي هئاسون ۽ سنڌوءَ جي

ان منهن جي سامهون هئاسون، جتان آءٌ مٿي چڙهي، سنڌوءَ جي وڏي منهن ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو.

پوءِ مان ناکئن کي اتر- اوپر ڏس تي زمين ڏانهن سفر ڪرڻ لاءِ چيو ۽ سج لاهوءَ مهل حجامڙي جي منهن مان هـ ٿي ميل مٿي وڃي لنگر هنياسون.-حجامڙو سنڌوءَ جو سپ کان وڏو منهن هو، جنهن سان مون سفر ڪرڻ پئي چاهيو. صبح جو سويرَ سندس اونهائي 300 فوٽ ٻيئي، صبح جو ستين وڳي 252 فوٽ ۽ 11 وڳي 204 فوٽ ملي. شام جو ٻين وڳي وري 126 فوٽ اونهائي معلوم ٿي. جهونجهڪڙي جو اسان 12 فوٽ اونهائيءَ واري پاڻيءَ ۾ لنگر هنيان. ٻئي ڏينهن شام جو سايي چئين وڳي ريچل (Reachel) کان مٿي اسان جي زمين تي اک پئي.

ٻڌي کان هيٺان، ويندي ڇوڙ تائين، سنڌوءَ جي نقشي ڪيڻ جو مون کي ڪو موقعو ڪونہ مليو. ان جو سبب اهو هو تہ مون کي ٻڌي تائين سفر ڪرڻ جي اجازت سنڌوءَ جي هڪ واهڙ ذريعي ملي هئي ۽ ٿورو پنڌ خشڪيءَ رستي ڪرڻو پيو هو. واپس ورڻ وقت ڪنهن ٻئي رستي وٽي وڃڻ جو حڪم مليو هو. سنڌوءَ جي اولهائين منهن پٽيءَ ذريعي 30 ميل سفر ڪيوسين. سنڌ حڪومت ۽ سنڌين جي ڌارين خلاف نفرت ۽ مخالفانہ رويي ڪري مون کي ڪيترا رستا ڏسڻا پيا هئا. ان اوٽ موٽ سبب اسان کي سنڌ سان لاڳاپيل گهٽي جاڻ ملي وئي، جنهن جو هن ملڪ وارا ڪو اندازو ئي ڪري نہ ٿا سگهن. مان هن رپورٽ ۾ پنهنجي اختيار ڪيل رستي جي نقشي کان سواءِ ڪراچيءَ کان حيدرآباد ۽ اتان کان لڪپٽ ۽ ڇچ پهچڻ واري نقشي جو بہ اضافو ڪيو آهي. مان ڪوري ڪريڪ تائين ڇچ جي سروي پوري ڪئي آهي. جيڪو سنڌوءَ جو صفا اوپارين ڪاٺ آهي. مون کي پنهنجي مطالعي، مشاهدي، تجربي ۽ جاڻ مجبور ڪيو تہ مان روايتي چپيل نقشن ۾ ڏيڪاريل گوني يا پراڻ درياه (علي بندر کان مٿي ڪوري ڪاٺ جو نالو آهي) جي پيٽ کي ڪجهہ اولهہ طرف ڀڳهائي ڪاڪ ۾ ڏيڪاريان. ڇچ ۾، سنڌڙي ۾ علي بندر ناري کان اتر ۾ واقع آهن ۽ ڏيڪاريل نقشي مطابق درياه جو پاڻي اتر طرف رڻ ڏانهن اڻل ڪري ڪونہ ٿو سگهي.

مان اهو اضافو بہ ڪندس تہ، حيدرآباد کان مٿي نقشي جي هر حصي ۾ نشان ڪيل شهر(1) Sextant اوزار جي مدد سان ڏيڪاريل ويڪرائي ڪاڪ مطابق آهن ۽ ڳهٽا شهر نقشي ۾ ڏيڪاريل صورت حال کان وڏيڪ پور-وڃوٽ تي آهن. اُڇ شهر وٽ پهچي اسان کي پتو پيو تہ منهنجي طرفان ورتل هن شهر جي ڀڳهائي ڪاڪ، مسٽر ايلفن اسٽون جي سروير طرفان ورتل ڀڳهائي سان سهمت

(1) This instrument is used for the determenation of latitude and longitude degrees Translatin.

رکي ٿي، جنهن اها ڀگهائي قاڪ بهاولپور مٽان بيهي قائم ڪئي هوندي. پر اهو اصول بکر سان هڪ جهڙائي ڪونہ ٿو رکي. چاڪاڻ تہ هن جڳهہ جي ويڪرائي قاڪ، پور-وچوٽ مٽئين ليڪ کان 20 منٽ هيٺ آهي. تنهن ڪري مان مٽس بيان ڪيل نتيجن کي ڪن معقول سببن ڪري صحيح سمجهان ٿو. اهڙيءَ ريت پنجاب جي ندين جو پاڻي سنڌوءَ سان مڻن ڪوٽ وٽ سنگم ڪري ٿو. اهو ماڳ، ڪابل مشن جي ورتل ماپ مطابق 28 ڀگريون 20 منٽ ويڪرائي قاڪ تي آهي. پر حقيقت ۾ اهو 28 ڀگريون 50 منٽ ويڪرائي قاڪ اتر طرف آهي. ڳالهہ اها آهي تہ ڪوہ ماٿهو ٿورن ميڙ کان سواءِ ڪابل مشن سان لاڳاپيل مذڪوره ڪاغذ جاچي ڏسي ڪونہ ٿو سگهي. سندن اها ننڍڙي غلطي ڏسي اچرج ٿئي ٿو. شايد اها غلطي ان ڪري ٿي آهي جو هن، شهرن جي معلومات هين کان ورتي آهي.

پنجاب جي ندين کي سنڌوءَ جي وهڪري مطابق رکيو ويو آهي. چناب کي غلطيءَ وچان پنجند ڪري پيش ڪيو ويو آهي. هين ندين جي پاڻي پوڻ سان چناب جو وهڪرو ڪجهہ سڏو ٿي ويندو آهي. راويءَ ۾ ڏايا وَروکڙ آهن. گهٽيءَ پائيندڙ ڪري موجوده صورت ۾ وهي رهي آهي. اسان مُنجهس 20 ڏکيا ڏينهن سفر ڪري اڌا جاڻ حاصل ڪئي آهي. چناب سان سندس سنگم ويڪرائي قاڪ 31 ڀگريون 35 منٽ (فوٽ) ۽ انچ اتر طرف آهي. لاهور 70 ڀگريون 21 منٽ اوپر ڀگهائي قاڪ تي آهي. هن قسم جي ماپن منهنجي ڏاڍي سهائتا ڪئي آهي. مون جهلم يا بيهٽ جي چناب سان ميلاپ کي اڳئين ويڪرائي قاڪ کان هارنهن ميل مٿي ڏيکاريو آهي. هن ماڳ تي اهو سنگم ڳهٽي وٽ کان وٺي رهندو آيو آهي. ستلج جي اوپر طرف سروي تہ ڪئي ئي ڪانہ وئي آهي. جو تہ سندس ڪاهو ڪيل لڏيان جي فوجي جانوٿيءَ وٽ ختم ٿئي ٿو. جيڪا منهنجي معلومات موجب 30 ڀگريون 55 فوٽ ۽ 30 انچ ويڪرائي قاڪ تي موجود آهي. مان جديد اصول ۽ بهترين نقشن مطابق خبرداريءَ سان ماپون وٺي معلوم ڪيو آهي تہ اها 75 ڀگريون 54 فوٽ ڀگهائي قاڪ تي اوپر طرف آهي.

سنڌوءَ ۽ پنجاب جي درياهن سان گڏ جيلسمير جو نقشو بہ شامل ڪيو ويو آهي. اهو نقشو مان 1830ع ۾ پورو ڪيو هو. مون سان گڏ جيمس هالينڊ بہ هو ۽ ٻئي گڏ ڏکڻ راجپوتانا گهمي رهيا هياسون. ڪچ جو نقشو بہ شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ رڻ کي وڌيڪ واضح ڪري ڏيکاريو ويو آهي. ڪچ جي رڻ جي سروي، مان 1825ع، 1826ع، 1827ع ۽ 1828ع ۾ پاڻ ڪئي هئي.(1)

---

(1) Instead of gwing separate maps of the Indus and central Asia, I have now combened the whole of Geographical matter in our map as has already been explined.

واذارا

سنڌوءَ متعلق لکيل يادگيريون

سنڌوءَ جو عام ڏيک

سموند ڪان وڃي لاهور تائين ساري سنڌو جهازرانيءَ جي لائق آهي. وچ تي منجهس ڪابہ روڪ رنڊڪ ڪانهي. وچون فاصلو هڪ هزار انگريزي ميل ٿيندو. هيٺ ڏنل ڪاغذن ۾ سندس عملي طور جهازرانيءَ بابت ذري ڀرڻي تي تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي. پر ايڏو گهڻو نہ جيترو هيءُ اهم موضوع لهڻي ٿو. انهن ڪاغذن ۾ سنڌوءَ جي ڪنڌين ڪنارن سان وسندڙ ملڪي ماڻهن جو وستار بہ آهي.

سنڌو پنجاب جي درياهن جي سنگم ڪان پوءِ سوڪهڙي ۾ بہ تانگهو ڪونہ رهندو آهي. تڏهن بہ سندس گهٽ ۾ گهٽ ويڪر اڌ ميل ۽ اونهائي 15 فوٽ هوندي آٿس. چناب جي اونهائي وچولي درجي جي آهي. ۽ تر 12 فوٽ آٿس. راوي هن ندي جي اڌ جيتري آهي. اهي حقيقتون اسان سفر دوران هٿ ڪري ورتيون آهن. عام طور تي انهن ٽنهي ندين جي اونهائي ترتيب وار سنڌو 24 فوٽ، چناب 18 فوٽ ۽ راوي 6 فوٽ آهي. سفر مطابق ڏاڙيءَ جا انگ اکر نقشي ۾ موجود آهن.

سنڌوءَ ۾ وڏي پئماني تي جهازراني تي سگهي ٿي. پر منهنجي بيان مطابق استعمال ۾ ايندڙ ٻيڙيون هتي جي سنڌي طرز جهڙيون هجن. ترو هموار هجي جيڪي وڏي بار سان بہ 4 فوٽ پاڻي تي اثر وجهنديون آهن. انهن مان وڏي ٻيڙي 75 انگريزي ٽن وزن کڻي سگهندي آهي. سائنس ۽ ناڻو انهن ٻيڙين جي ٺاهڻ ۾ تبديلي ۽ ترقي آڻي سگهي ٿو. اسان جي تجارت کي وڏائڻ جي نقطئ نگاهہ کان ۽ تجارتي ٻيڙي کي روان دوان رکڻ لاءِ بہ انهيءَ قسم جون ٻيڙيون بہ واهہ جون ڪمائتيون ٿيندیون. تکيون هلندڙ ٻيڙيون ڪناري واري واريءَ تي اوندي ٽيڻ ۾ دير ڪونہ ڪنديون آهن. آڪبوٽ بہ هتي ڪم ڏئي ويندا، پر شرط اهو آهي تہ اهي بہ هتان جي ٻيڙين جي شڪل مطابق هجڻ گهرجن. ڪلي ٻيڙي Keeltype هتي ڪڏهن بہ ڪامياب ڪانہ ٿي سگهندي.

سموند ڪان لاهور تائين ٻيڙي جو سفر ٻہ مهينا وڃي ٿو. پر جڏهن اسان سفر ڪيو هو تڏهن واءُ ڏاڍو سٽائو ڪُهلي پيو هو. اڀل واري موسم اڃا شروع ڪانہ ٿي هئي. چاليهن ڏينهن ۾ وڃي ملتان ٽڪاءُ ڪيوسين. باقي رهيل سارو سفر

راوي سان طئي ڪيوسين. منجهس ڏنگ ڏاڍا هئا. ٻيڙين کي پره کان وٺي جهونجهڪڙي تائين پيا گهليندا هئاسون. اٽائو واءُ گهلندو هو ته ٻيڙين کي رسا ٻڌي پاڻي ۾ ڇڪتو پوندو هو.

ٽڪري يا ٻيٽاري ٻه ندين ۾ موجود کاڻ آهي. اوياري هاڪاڙ ۾ ڪشالا ڪاڻڻا پون ٿا. سين جي ٽڪ ٻه ميل في ڪلاڪ کان وڌيڪ کاڻ آهي. اسان ڏهاڙي سراسري سفر 20 ميل ڪري سگهندا هئاسون. اوڀارو سفر ڏيڍ ميل في ڪلاڪ ڪري سگهبو آهي. هلڪي ۽ سٽائي واءُ ۾ ٻه ميل في ڪلاڪ ۽ ڇوهي واءُ ۾ ٽي ميل رفتار هوندي هئي. آڪبوٽ هن قسم جي ڏکئي ۾ ڏکي جهاز راني کي چگيءَ ريت منهن ڏئي سگهي ٿو. ملتان سندس ڏهن ڏينهن جو سفر آهي، جتي اسان جا چاليه ڏينهن چٽ ٿي ويا. هن شهر جي پروارن ملڪن سان سٻي تجارت قائم ٿي سگهي ٿي.

ٻيڙيءَ کي جيڪڏهن لاهور مان لهنواري طرف هاڪاربو ته سمنڊ تي پندرهين ڏينهن پهچندي، ملتان ڇهين ڏينهن پهچندي. ملتان کان بکر تائين ڪيس چار فقط ڏينهن مس لڳندا. بکر کان حيدرآباد ٽئين ڏينهن پهچندي ۽ ساموندي بندر ٽي پهچڻ ۾ ڪيس فقط 2 ڏينهن ڪپن. هي لهنواري سفر لاءِ گهڻ ۾ گهڻ وقت آهي ۽ ڪنهن به اڳي آزمائي ڪونہ ڏٺو آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ ۽ پنجاب جو تجارتي رابطو درياه رستي موجود ڪونہ آهي.

سنڌوءَ کي تجارتي آمدرفت واسطي کولڻ لاءِ کي سياسي رندڪون موجود آهن. هتان جا ماڻهو اڃ پڙهيل جٽ ۽ بادشاه وحشي آهن. ماڻهو ڏاڙا هٿي سامان لٽي وڃن ٿا. ۽ حڪمران وڏو محصول هڻن ٿا. تنهن ڪري سامان خشڪيءَ رستي ايندو ويندو آهي ۽ رستا ورين غير معمولي بڳا آهن. پاڻي وسيلي تجارت جي منع ٿيل نہ آهي، پر ان جو سبب سنڌ حڪومت جي اڃ ڄاڻائي آهي. سموند ۽ لاهور جي وچ تي اهڙيون 700 ٻيڙيون آهن. اهي پٽڻ ۽ ٻين مقصدن لاءِ مس پوريون آهن.

پرٽش انديا واسطي سنڌو هڪ وڏو ٻچاءُ پڻ آهي ۽ اولهه پاسي کان جڙ هڪ شاندار سرحد جو ڪم ڏئي ٿي. پر هاڻي ٽورين ٽڪين رندڪن ڪري متاثر ٿي رهي آهي. اسان بنا ڪنهن رندڪ جي ڪچ ۽ ستلج کان جهازراني جي شروعات ڪنداسون. فوجي مقصدن لاءِ سنڌوءَ جو ته وڏو ۽ اهم ڪارج آهي. انڊ کان وٺي سموند تائين منجهس هر قسم جو جهاز هلي سگهي ٿو. وچ درياه ۾ بکر قلعي کي وڏي فوجي اهميت آهي.

سنڌوءَ گنگا وچ ۾ ٻيٽ

سنڌوءَ ۽ سندس پرتي ڪندڙ شاخن متعلق هر معلومات ڏاڍي ڏيان ۽ڳيان سان لکي اٿم. پر ان جي موڪر کي دنيا جي ٻين وڏن درياهن سان ٻيٽائي ڏسجي ته وڌيڪ صحيح ٿيندو. هڪ يورپيءَ کي مشرق ۾ هڄڻ جي ناتي سان فقط اهو جڳائي ٿو ته پنهنجي ان ٻيٽ جي دائري کي سوڙهو رکي فقط گنگا تائين محدود ڪري، جيڪا سنڌوءَ سان گڏ هڪ جاءِ تان وهي نڪري ٿي ۽ برٽش هندستان جي حڪمرانيءَ ۾ چوطرف پکڙجي وڃي ٿي. مسٽر جي- اي- پرنسيپ جي ڪلڪتي ۾ ڇاپيل پنهنجي تصنيف ۾ به هن ڪتاب جيان جهازراني‌ءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن معاملي ۾ اسان دير ضرور ڪئي آهي، پر گنگا نديءَ سان لاڳاپيل مواد سائنسي ۽ قيمتي ڪنيو آهي. ان موضوع تي مسٽر رنيل (Rennel) ۽ ڪل بروڪ به پُر مغز مقالا لکيا هئا. انڪري هن درياه متعلق مواد اڃا به گهڻو دستياب ٿيو آهي. اڄ پوري ئي سهي پر مان ڪوشش ضرور ڪئي آهي. هيڏين جي سفر دوران جيڪو مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو اٿم ان جي حوالي سان مون تي اهو لازم ٿئي ٿو ته جيڪي مسئلا سامهون آيا آهن، تن کي آڏو ترتيب سان ويهي ڪجهه لکان ۽ سنڌوءَ گنگا جي ٻيٽ ڪريان.

سنڌوءَ گنگا درياه، ٻئي هڪ ئي جبل هماليه مان ڦٽي نڪرن ٿا. سندن ويڪرائي ڦاڪ هڪ جهڙي آهي، ٻيگهه مختلف اٿن. ٻئي درياه خط استوا کان ٻاهر آهن. گهڻو ڪري سال جي ساڳي مهيني ۾ منجهن چاڙهه ايندو آهي. اهي ٻئي درياه ترتيب وار جيڪو پاڻيءَ جو مقدار سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندا آهن، ان منجهان سندن وڏي هڄڻ جو اندازو سولائيءَ سان ڪري سگهبو. ان کان سواءِ اسان انهن ميدانن کي به نظر ۾ رکنداسون، جن مان سندن گذر ٿئي ٿو ته اهي ڪيترا لهنوارا آهن.

ان کان پوءِ اسان کي اهو به ويچارڻو پوندو ته اهي سمونڊ ۾ ڪيتريءَ رفتار سان ڇوڙ ڪن ٿيون. ذري گهٽ ساڳي فاصلي تي گنگا تي سڪري گلي (Sicriguli) ۽ سنڌوءَ تي ٽڻو موجود آهي، اهي ٻئي اهڙا شهر آهن، جيڪي ٻيٽ ڪرڻ ۾ اسان جي وڏي سهائتا ڪندا. ٻئي شهر ٻنهي درياهن جي اهڙن ماڳن تي

موجود آهن، جتي پهچڻ کان اڳ سيئي پرتي ڪندڙ شاخون ملي وڃن ٿيون ۽ انهن جاين کان پوءِ مذڪوره درياه ڦاٽن ۽ چارڻهن ۾ ورهائجي وڃن ٿا. پر سنڌو نٽي پهچڻ کان اڳ ڦليلي ۽ پچياري ۾ ڦاٽ ڪڍي ٿو. چوماسي جي رت ۾ جڏهن سنڌوءَ ۾ چارڻ ايندو آهي تہ مٿيان ڦاٽ وهي چڙهندا آهن.

مسٽر جي- اي- پرنسيپ جي مضمون مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ اپريل مهيني ۾ سکري گليءَ وٽ ڳنگا 21500 ڪيوبڪ فوٽ پاڻي في سيڪنڊ جي حساب سان خارج ڪندي آهي. سندس سراسري ويڪر =5000 فوٽ رهي ٿي. اها ئي سندس في سيڪنڊ تڪ هوندي آهي. پر سندس سراسري اونهائي ٽن فوٽن کان مٿي ڪانہ آهي. ان طريقي اسان ڳنگا جي پاڻيءَ جي مقدار جو اندازو سولائي سان لائي سگهنداسين. اهڙيءَ ريت ساڳي مهيني اپريل ۾ بنارس نديءَ جي پاڻيءَ مان بہ گهٽي حقيقت ثابت ٿي ويندي آهي. سندس ويڪر =14000 فوٽ ۽ اونهائي 34 فوٽ هوندي آهي. سندس پاڻيءَ جو في سيڪنڊ اخراج =20,000 ڪيوبڪ فوٽ آهي. سکر گلي کان پاڻيءَ جو هي اخراج ٿورو فرق رکي ٿو.

مان اپريل مهيني ۾ نٽي وٽان سنڌوءَ جي ويڪر 670 گز ڏٺي آهي. ان وقت سندس وهڪ جي تک ايائي في ڪلاڪ هئي. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ هن علائقي ۾ سنڌوءَ جون ڪنڊيون ايڪپريون آهن. ڪناري کان ڪناري تائين جيڪڏهن سندس بيئل پاڻيءَ جا بہ ٽي فوٽ ڪاٽيون، تہ بہ اسان کي سندس سراسري اونهائي پورا پندرهن فوٽ ملي ٿي، اهڙو وڏو اسان کي، في سيڪنڊ جي حساب سان 110500 ڪيوبڪ فوٽ پاڻي جو اخراج ٻڌائي ٿو. بائٽ Baut جي حساب مطابق، سير واري پاڻيءَ کان ڪناري واري پاڻيءَ جي رفتار ٿوري هوندي آهي. تہ بہ ان حساب سان اخراج گهٽجي پوءِ بہ 93465 ڪيوبڪ فوٽ في سيڪنڊ بيهي ٿو. ڪنارن وٽ اونهائي ڪجھ گهٽ هوندي آهي. تنهن ڪري اپريل مهيني ۾ في سيڪنڊ جي حساب سان سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو اخراج (1) 80,000 ڪيوبڪ فوٽ هوندو آهي. منهنجي لاءِ اها نهايت افسوس جي ڳالهہ آهي تہ مان سنڌوءَ جي پاڻي جي اخراج جو مطالعو ڇڪ ماسي واريءَ رُت ۾ ڪري ڪونہ سگهيو آهيان. ان موسم ۾ سنڌوءَ کي ڏسڻ جو مون کي موقعو ڪونہ مليو آهي ۽ حقيقت جي خلاف پنهنجي راءِ جي اظهار جي خواهش بہ ڪونہ ٿو رکان. هتي منهنجي هڪ نماٽي گذارش اها بہ آهي تہ سيوهڻ وٽ سنڌوءَ جي ويڪر 500 گز آهي ۽ اونهائي 36 فوٽ اٽس. تيز رفتاريءَ سبب هوءَ ڪنڊي وارين ٽڪرين جي پاڻن کي پايون کايون

(1) In this part of my subject, I have to express my fullest acknowledgement to Mr. James Prencep, Secretary to Asiatic Society of Calcutta who has kenl by offered my his valuable services.

اڳتي نڪري ويندي آهي. اسان کي اتي به سندس ڪنارا ايڪڙا ڏسڻ ۾ آيا. ان جاءِ تي چوماسي جي رت ۾ سندس اونهائي 12 فوٽ اڃا به وڌي ويندي آهي. اٽل جي موسم ۾ اونهائي وڃي 48 فوٽ ٿيندي آهي. هن حقيقي وڃور مطابق ويڪر جي واڌ ۾ ڪجھ ائين جوڙ ڪريان جيئن مان اونهائي ۾ عمودي واڌ جوڙ ڪئي آهي تہ اسان مختلف موسمن جي پاڻيءَ جي اخراج جي تناسب Ratio کي معلوم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سون. پر مون وٽ هتان جي ماٿهن وٽان مليل ڪي منجهيل بيان ۽ شاهديون آهن، تنهن ڪري هن موضوع کي هتي ڇڏيان ٿو.

مٿي بيان ڪيل حقيقتن مان اهو معلوم ٿيندو تہ سنڌوءَ جي 80,000 ڪيوبڪ فوٽ في سيڪنڊ جي حساب سان پاڻيءَ جو وڏو اخراج، گنگا ندي جي پاڻيءَ جي ڪيوبڪ فوٽ في سيڪنڊ پاڻيءَ جي اخراج کان ڇوٽو وڏيڪ آهي ۽ سنڌو پاڻيءَ جي اخراج جي حساب سان آمريڪا جي وڏي ميسيپي (Mississipi) درياه سان ڏري گهٽ هڪجهڙائي رکي ٿي، سنڌو ۽ سندس پرتي ڪندڙ درياهن جي ٻيگھ تمام وڏي آهي. اهي اتاهن برف پوش جبلن تان شروع ٿين ٿيون ۽ اهي ئي وسيلا آهن، جتان کين پاڻي ملندو آهي ۽ انهن ئي اسان کي ڪنهن نتيجي تي پهچڻ لاءِ همت ٻڌائي آهي. اسان کي اهو ڏسڻ.نہ گهرجي تہ انهن مان هڪ نندڙو درياه زمين جي وڏيءَ ايراضيءَ تي پکڙيل آهي يا زمين جي مٿاڇري کان ڪيترو مٿي، اتانهن جبلن تان پاڻي ڪٽي اڇي ٿو ۽ اهي ڪي غير معمولي ڳالهيون ڪونہ آهن. مثال طور جيئن سطح سمنڊ جي بلنديءَ تان پاڻي ڪٽي ايندي آهي.

سنڌو ويران ۽ بيابان علائقن مان گذري ٿي، جتي ماڻهو ايڪڙ ٻيڪڙ پيا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پر ٻئي طرف گنگا نديءَ جو گهڻو پاڻي فصلن کاهڻ ۾ ڪم اچي وڃي ٿو ۽ ڪنڊين ڪنارن سان وسندڙ ماڻهن کي خوشي ۽ خوشحاليءَ جي نعمت سان نوازي ٿي. چاڙهه جي موسم ۾ به سنڌو ٻنهنجي پيٽ ۾ محدود رهندي آهي ۽ ٻين ندين کان سندس ڪنارا وڏيڪ ايڪڙا ۽ مضبوط آهن ۽ مان اڳ ۾ به بيان ڪري آيو آهيان تہ ڪاڻي سندس ويڪر اڌ ميل کان وڏيڪ ڪانہ هوندي آهي. ان جي برخلاف گنگا کي، ملڪ اندر ڪن حصن ۾ سمونڊ چيو ويندو آهي. ان موسم ۾ سندس ٻيو ڪنارو نظر ئي ڪونہ ايندو آهي. انهن حالتن ۾ پاڻي هاڻ ذريعي گهڻو اڏامي ويندو هوندو. سنڌوءَ جي ڪنڊين ۽ ڪنارن وارا علائقا ويران ۽ وارياسا آهن. جڏهن چاڙهه وارو پاڻي اٽل ڪندو آهي تہ وري جلدي لاٽ ڪري ويندو آهي. ٻيو تہ گنگا ۽ سندس پر تي ڪندڙ شاخون همالين جي ڏاکڻي حصي مان پاڻي ڪٽنديون آهن. پر سنڌو همالين جي ٻنهي پاسن کان پاڻي ڪٽي ٿو. ان کان سواءِ ڪابل ۾ به جيڪا برسات پوي ٿي ان جو پاڻي به اڇي منجهس يوري

ٿو ۽ تاتاري چين جو برف وارو پاڻي بہ سرڪي اچي سنڌوءَ ۾ پوندو آهي. سندس پاڻي برسات جي موسم شروع ٿيڻ کان گهڻو اڳ وڌڻ شروع ٿيندو آهي.

درياه جي دور دراز پاڻيءَ جي ذريعي تي نظر رکي اسان کي هن سوبلي چاڑهه جي سبب کي کيڏانهن منسوب ڪرڻ گهرجي؟ ڇا ان رجندڙ برف کي ان لاءِ ذميوار سمجهڻ گهرجي؟

سنڌو جنهن وقت سمونڊ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي تہ سندس ۽ سمونڊ جي پيٽ جي سنوٽ ۾ ڪو خاص فرق ڪونہ هوندو آهي. دنيا جي هر وڏي ندي ائين آرام سان ڇوڙ ڪندي آهي. جيئن مهان سنڌو ڪري ٿي. سندس وهڪرو ايائي ميل في ڪلاڪ جي حساب کان ڪڏهن بہ وڌيڪ ڪونہ هوندو آهي. پنجاب جون سڀ نديون جن ۾ اسان ٻيڙيون هاڪاريون آهن، سي سنڌوءَ کان رفتار ۾ هڪ ميل وڌيڪ آهن. سندس وهڪ جي تڪ لاءِ اهو ترت سبب ڏئي سگهون ٿا تہ اهي جبلن جي بلڪل ويجهو آهن ۽ اهو نقطو نديءَ جي ڇوڙ ڪرڻ وقت بہ ڪارفرما نظر ايندو. لاهور جو شهر سمونڊ کان ٻيڙي رستي هڪ هزار انگريزي ميل پري آهي. مان ڊاڪٽر جي- جي- جيراڊ G-J Gerad جو نهايت شڪر گذار آهيان، جنهن ڪجهه عرصو اڳ امرتسر ۾ بئراميٽر وسيلي ورتل مشاهدي جي هڪ سلسلي تان قائدي وٺڻ جو موقعو ڏنو. هي شهر لاهور کان 30 ميل ڪن اوپر طرف آهي.

اناويهن مشاهدن مطابق بئراميٽر جو ٻيئل انگ	28,861.3
ايترو ساڳيو بئراميٽر جو ڪلڪتي ۾ ورتل	29,711.3
فرق	850.2

مون کي معلوم ٿيو آهي تہ بئراميٽر مطابق ڪلڪتي جي سطح سمنڊ کان اوچائي- 25 فوٽ ٿيندي. امرتسر ۽ لاهور جي سطح سمونڊ کان اوچائي ساڳي آهي. ڇاڪاڻ تہ هڪي پنجاب جي ميدانن جا شهر آهن. تنهن ڪري انهن هنهي شهرن جي سطح سمنڊ کان اوچائي 900 فوٽ هوندي.

اسان هن موضوع جي ڇاڻ مطابق انگن اکرن ۾ پنهنجو بيان پيش ڪيو آهي. هاڻي ويچارڻو اهو پوندو تہ لاهور کان هيٺ واري واه کي ڪهڙي طور ۽ طريقي سان وڌ ورچ ڪجي. رينيل جي لکت مطابق گنگا ندي سان پيٽ ڪجي يا منهنجي دير سان آيل مضمون مطابق فرق سمجهائجي، جنهن ۾ آڳ هن سائنسي ذهن رکندڙ انسان جي امداد جا ٽورا ميڙيا آهن. اسان مٿي ڪوٽ کان هيٺ سمونڊ تائين ڌرتي جو مٿاڇرو گهڻو لهنوارو ڪونہ ٿا سمجهون. جيتوڻيڪ هن ماڳ وٽ پنجاب جا پنج درياه سنڌوءَ سان سنگم ڪن ٿا. وڏ ۾ وڏ پنج يا ڇهہ انچ في ميل جي حساب سان لاه آهي. نہ وري اسان هن ڳالهہ جي اجازت ڏيندا سون تہ هن ماڳ کي 900 فوٽن جي چوٽين حصي کان وڌيڪ سطح سمنڊ کان بلند سمجهيو وڃي.

چاڪاڻ ته اسان هتي سنڌوءَ جي وهڪ جي تڪ وڏيل ڪاڪ ٿا ڏسون، جيتوڻيڪ جبل جي پرسان به آهي. مٿڻ ڪوٽ سمنڊ کان 500 ميل پري ۽ سمنڊ ۽ لاهور جي وچ تي آهي. سطح سمنڊ کان سندس بلندي 220 فوٽ آهي. باقي 680 فوٽ پنجاب جي ندين ۾ وهائيندا ته پنجاب جي في ندي‌ءَ جي وهڪ جي تڪ نڪري ايندي، جيڪا سراسري 12 انچ في ميل لهنواري ٻيهي ٿي.

انهن حقيقتن ۾ گنگا ندي‌ءَ کان سنڌوءَ جي چوڌار شاهديون اڃا به وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. جڏهن سنڌو صفا لاٽ ۾ هوندي آهي ته به سندس وهڪ جي تڪ ايائي ميل في ڪلاڪ هوندي آهي ۽ سندس اونهائي 15 فوٽن کان گهٽ ڪاڪ هوندي آهي. جيڪڏهن تمام وڏي نه پر ڪجهه وڏي لاه تان سمنڊ ۾ چوڙ ڪري هان ته سندس چوڙ واري حالت ڪڏهن به هڪ جهڙي ڪاڪ هجي هان، جيتوڻيڪ ٻن جي ٻيٽ ۾ سنڌو وڏيڪ سنئون سڌو درياه آهي. ٻيو ته سنڌوءَ ۾ اهي ڪالهيون ڪونه آهن، جيڪي گنگا ۾ گهٽي پاڳي موجود آهن. جن جو مسٽر پرنسيپ گنگا ندي‌ءَ تي مضمون لکندي انڪشاف ڪيو آهي ته منجهس اندر ئي اندر ينديون ويريون ٻيٽ ۽ واري جا ٻڌا جام آهن. سنڌوءَ ۾ گنگا جيان ٿورو پاڻي ڪونه آهي، جو ائين ٿيندو. پاڻي‌ءَ جي مقدار جي لحاظ کان هڪ درياه ٻئي کان وڏو هوندو آهي. پر منجهن هڪ جهڙائي نظر ضرور ايندي آهي. گنگا جابلو ندين جو پاڻي تمام گهٽو وٺندي آهي، ۽ هڪ خاص موسم ۾ منجهس وڻن کان وڏيڪ چاڙهه هوندو آهي. پر اها به موسم ايندي آهي جو سڪي غير اهم بڻجي ويندي آهي. پر سنڌو سڄو سال پنهنجي اعليٰ شان ۽ وڏي ٺاٽ سان جهولندي جهومندي، رڙندي راڙيون ڪندي سمنڊ سان سنگم ڪندي آهي.

سنڌوءَ تي پنهنجي راين کي ختم ڪرڻ کان اڳ ۾ مان ٻنهي درياهن تي ساموندي لهر جي اثر جو ذڪر ڪندس. گنگا ندي تي ساموندي لهر جو اثر ڪلڪتي تائين محسوس ڪري سگهبو آهي. سنڌوءَ تي اهڙو اثر ٺٽي کان 25 ميل هيٺ يا سمنڊ کان 75 ميل پري محسوس ڪري ڪونه سگهبو آهي. اها صورت حال ان ڪري ٿيندي آهي، جو درياه جي پاڻي‌ءَ جو وڏو وهڪرو سمنڊ کي اندر پاڻي اڇڻ کان روڪيندو آهي. يعني سمنڊ جي موٽندڙ ويڑ "درياه جي پاڻي جي وزن جي آڏو پنهنجو سر جهڪائي ڇڏيندي آهي." يا مٿي پاڻي‌ءَ جي چوڙ جي طاقت سمنڊ جي ويڑ جي قوت کان وڏي ويندي آهي. جيئن اسان سمنڊ جي پرسان اينڊا ويندا سون، تيئن سنڌوءَ جي وهڪ جي تڪ ۾ ماڻار ڏسڻ ۾ ايندي. اهو سمنڊ جي ويڑ سبب ٿيندو آهي.

ڏٺو ويو آهي ته ساموند ويڑ جي چاڙهه ڪري گنگا ۾ 12 فوٽ چاڙهه اچي ويندو آهي. پر پونم جي موقعي تي سنڌوءَ ۾ فقط ڏهن فوٽ چاڙهه اچي ٿو. مون کي اهڙو موقعو جاچڻ ڏسڻ جو ڪونه ملیو آهي. بنگال جي اپسمنڊ تي گودين جي

تعمير سبب اُتي اولھ هندستان جي سامونڊين ويرين جيان تيزي کان وڌي آهي. بمبئي ۾ ٻه ڏوڪڻ تعمير ٿيڻ ڪري ويرين جي چاڙھ ۾ ڪمي آئي آهي. مان ان خيال جو آهيان تہ گنگا ۽ سنڌوءَ جي مُنھن وٽ پاڻي جو چاڙھ گھٽو ڪري ساڳيو آهي. ٻئي درياھ هڪ ئي طرف کان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿا. سامونڊي ڇوھن ۽ آندارين سبب منجھن هڪ جھڙو چاڙھ ايندو آهي. سنڌ سان لاڳاپيل سامونڊي ڪناري جو ٻہ ساڳيو حال آهي. ڏکڻ- اولھ طرفان مارچ تائين چوماسي جون تيز هوائون ڪُھلنديون رهنديون آهن ۽ پاڻي ٽن کان ڇھ فٽمن تائين لھي ويندو آهي ۽ جھازران کي ڪنارن تي موجود ڪڏون کوھا پري کان پيا نظر ايندا آهن.

سنڌ جي سرزمين

سنڌوءَ ۾ اوپارئين رخ تي هاڪاريندي، جنهن سرزمين تي اسان پهريون پير پاتو، سا سنڌ هئي، افغان شاهيءَ جي ستياناس ٽيڻ کان پوءِ هن ملڪ جي سياسي اهميت اڃا بہ وڌي وئي آهي. جڏهن کان وئي سنڌ جا حڪمران پٺاڻن جي سالياني ڏن ڏيڻ کان آجا ٿيا آهن، تڏهن کان سکيا ستابا ۽ پاڻ پرا ٿيا آهن ۽ پنهنجي ملڪي سرحدن کي وڌائڻ بہ شروع ڪيو اٺائون. هاڻي سندن بادشاهي پوري عروج تي آهي. ملڪ جي ڪل پکيڙ هڪ لک چورس ميل آهي. 79 کان 71 ڊگريون ڊگهائي ڦاڪ اوپر ۽ 23 کان 29 ڊگريون اُتر ويڪرائي ڦاڪ ۾ موجود آهي. سندس ڏاکڻين دنگ تي هندو وڏو سمنڊ آهي. سندس وچ واري 400 ميل اُريب کي، سنڌوءَ ۾ پنجاب جي درياهن جي سنگم واري ماڳ کان ٿورو ڏکڻ ڪاڇيو وڃي ٿو. هن سهڻيءَ سرزمين جو اوپاريون حصو غيرآباد آهي. سنڌو پنهنجي ڪنڌين ڪنارن وارا پٽ ۽ پاسا، اٽل واري آب سان پسائي سرڳ سمان بٽائي ڇڏيندو آهي. جائي سنڌس ٻوڏ جو پوتر پاڻي پهچي ڪونہ سگهندو آهي انهن ميداني علائقن ڏانهن واه ۽ ڪڙيا کوٽي زمينون آباد ڪيو ويندیون آهن.

سڄي سنڌ ٽالپرن جي ٽن گهراڻن ۾ ورهايل آهي. پنهنجي لحاظ کان هرهڪ آزاد حڪمران آهي، سنڌن مڪ گهراڻو حيدرآباد ۾ رهي ٿو، جنهن جو وڏو مير مراد علي خان آهي. ٽن وڏن پائرن جي وفات کان پوءِ هي اڪيلو وارث آهي.(1) ٻيو گهراڻو مير سهراب خان جي قريءَ مان آهي. هاڻي مير رستم خان خيرپور واري علائقي جو حڪمران آهي. بکر جي قلعي سان گڏ اتر سنڌ سنڌس حڪمرانيءَ ۾ شامل آهي. ٽيون گهراڻو مير ناري خان جي ڪُرم سان لاڳاپيل آهي. ان قبيلي جو سردار مير علي مراد آهي. جيڪو ميرپور ۾ رهندو آهي. سنڌس علائقو دارالسلطنت کان ڏکڻ- اوپر طرف تي آهي. اهي ٽيئي ٽالپر سردار، سنڌ جا صحيح معنيٰ ۾ امير آهن. خاص طور تي امير جو لقب حيدرآباد جي مير

(1) As this work is passing through a press intelligence has reached in England of the death of this Ameer, Which has been followed by the civil war.

لاءِ مخصوص آهي. محصول جي مناسبت سان سندن اهميت جاتي سڃاتي ويندي آهي. اهڙيءَ ريت حيدرآباد جي علائقي جي 15 لک روپيه، خيرپور جي 10 لک روپيه ۽ ميرپور جي 5 لک روپيه سالياني آمدني آهي. کل پيدائش 30 لک روپيه ٿئي ٿي. اهو سنڌ جو سالياني محصول جو انگ سمجهڻ گهرجي. خزاني جي کل جمع موڙيَ 20 لک پائونڊ آهي، جنهن مان 13 لک پائونڊ نقد ۽ هيا هيرا جواهر آهن. نقد رقم جو وڏو حصو حيدرآباد جي قلعي اندر محفوظ آهي. چيو وڃي ٿو ته اهو ڏن مير مراد علي ۽ سندس پاءُ مير کرم عليءَ جي زالن جي ملکيت آهي.

سکن کان سواءِ، سنڌ جا امير، هر پاڙيسري ملک کان طاقتور آهن. هن هر طرف کان پاڙي وارن حڪمرانن جي ملک جي ڪن پاڳڻ تي دنگو جمايو آهي. اوڀ پاسي لس ٻيلي جي حاڪم کان ڪراچي قُري ورتي اٽن ۽ هاٽي سون مياٽي ڏانهن وڌڻ جو سوچي رهيا آهن. اڃ کان سواءِ هن قندار جو واپار مڪمل طور پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو آهي. هن اتر- اوڀ طرف پيش قدمي ڪري شڪارپور ۽ بکر وارا سنڌ جا علائقا ٻنائٽن کان فتح ڪري ورتا آهن. اهي علائقا اڳ ۾ بارک زئي قبيلي جي ماتحت هئا. ڪابل، قندار ۽ پشاور تي به بارک زين جو قبضو هو. ٻنائٽ هر سال شڪارپور ۽ بکر وارن علائقن کي ٻيهر هٿ ڪرڻ لاءِ پيا حملا ڪندا آهن. پر ڪري ڪجه به ڪونه سگهندا آهن. جڏهن اسان شڪارپور وٽان منتياسين ته ڪچي ۽ گنداوا واري علائقي سبيءُ وارن ماڳن تي ٻنائٽن جو 6000 لشکر خيما کوڙيون ويٺو هو. اهي جنگ جي ميدان تي سنڌين کان شڪست کائي پاڇ کان پوءِ هتي ساهي پٽي رهيا هئا. اتر- اوير طرف هن سبزل ڪوٽ ۽ دائودپوٽن جي ٻڌي الاهي سائري علائقي تي قبضو جمائي ورتو آهي. هن 1813ع ۾ حملو ڪري جوڌپور جي راجا کان سنڌ جو عمرڪوٽ وارو پاڳو مڙسيءَ سان ڇڏائي ورتو آهي. ان کان پوءِ راجا جون فوجون پنهنجي علائقي ڏانهن هٽي ويون آهن. جيڪڏهن جيسلمير واري علائقي کي سندن حڪمراني مان ڪٽ ڪجي ته دارالسلطنت کان وٺي ڪچ تائين سارو ملڪ سندن آهي، جنهن ۾ پارکر به شامل آهي. ڪچ طرف سندن پيش قدميءَ کي انگريز سرڪار روڪي ورتو آهي.

فتح جي قيمت وڏي ملندي آهي. خرچ ٿورو ۽ فائدو گهڻو هوندو آهي. اهو خرچ حڪومت خوشيءَ سان ڀري ڏئي ٿي. ٿر وارن قلعن ۾ نه فوج رهندي آهي نه ڪي ٻُسا پرٽا پوندا آهن. جڏهن به حملو ٿيندو آهي ته جنگ جوان مڙسيءَ سان مقابلو ڪري سوين ماٽيندا آهن. جنگ جي ميدان ۾ سنڌي ڏاڍا جهونجهار اڙهنگ ۽ ارڏا مڙس آهن. جيڪڏهن اسان ايمانداريءَ ۽ انصاف سان ويهي نتيجن کي جاچيندا سين ته سيني پاڙيسري ملڪن ۾ بهاديءَ جي لحاظ کان سنڌي عظمت جا مالڪ آهن. هڪ پيري هن عقلمنديءَ کان ڪم وٺي پنهنجي فوج کي ٿر ڏانهن

هٿائي، ڪابل جي هڪ ظالم فوج جي حملي کي ناڪام بٽائي ڇڏيو. هُئي پيري ڪابل جي پٽاڻن ۽ سنڌين جي وچ شڪارپور جي اوسي پاسي ڪاڻي جنگ لڳي هئي، جنهن ۾ وڏي ڪوس کان پوءِ سنڌين پٽاڻن کي ڏاڍي بري شڪست ڏني. پر سنڌين ۾ هڪ وڏي ۾ وڏي خامي آهي، يعني منجهن تنظيم نالي ڪا شيءِ موجود ئي ڪانه آهي. ان ڪري هڪ باقاعدي فوج سان وڙهي پڄي ڪونه سگهندا.

اسان کي اهو مڃڻو پوندو ته سنڌي جنگ جي فن ۾ هڪ مهان قوم آهي. جڏهن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن ته پاڙيسري قومن کان وڌيڪ اعليٰ ۽ ارفع ياسبا آهن. ايشيا جي ٻين قومن جي برخلاف سنڌي پيادل جنگ ڪرڻ جا شوقين آهن ۽ ان قسم جي ڪيڏاري تي ڏاڍو فخر محسوس ڪندا آهن. بندوق کان وڌيڪ تلوار جي ڪيڏاري جا ڪوڏيا هوندا آهن. سندن توبخانو ڏاڍو خطرناڪ آهي. توبخاني جي اهڙي فوجي قوت کي اسان سڀي نظر سان ڪونه ٺاهڙسون. گهوڙيسوار فوج ناليري ڪانه آهي. گهوڙا ڏاڍا ٻلا ۽ چونڊ نسل جا آهن. گهوڙيسوار فوج متعلق اسان وٽ فقط اندازا آهن. منهنجي خيال ۾ اهي منجهيل ۽ اڻ پورا آهن. چاڪاڻ ته هر سنڌي بالغ ٽيڻ سان بنا ڪنهن سکيا ۽ تربيت جي فوجي بڻجي ويندا آهن. واپاري طبقي تان فوجي خدمت معاف آهي. امن امان جي وقت فوجي جوان سرڪار وٽان ڪاڏو خوراڪ وٺندا آهن.

هن قسم جو فوجي، مقابلي دوران اناڙي ثابت ٿيندو آهي. جنگ وقت فوجي خدمت لاءِ هڏل رهندو آهي. موجوده جنگي فن ۾ تلوار کاب اهميت ڪانه ٿي رکي، تنهن ڪري سنڌي فوجي، يورپي فوجيءَ سان مقابلي ڪرڻ جوگو ڪونه رهيو آهي. جيڪڏهن انگريز سرڪار حملو ڪيو ته سنڌ جا حڪمران ست ئي سهي ڪونه سگهندا ۽ پنهنجي دولت ۽ هيرا جواهر ڪٽي ٻر ڏانهن پڄي ويندا. موجوده سياسي حالتن جي تقاضائن موجب پنهنجو ملڪ به وڃائي ويهندا. ٿوري وقت لاءِ سازشون ۽ بغاوتون ڪندا ۽ پوءِ ماٺ ڪري ويهي رهندا. تالپر خاندان جي بدقسمتي وري اها به آهي ته انهن لاءِ ڪاڻي به همدردي ڪانه آهي. سندن حڪومت کان ته سندن رعايا به نفرت ڪَري ٿي. پاڙيسري ملڪ به هن کان ٻڌل آهن. سڀني مسلمان ملڪن جي زوال کان پوءِ ڏاڙين ماڻهن جي نظر ۾ سنڌ هڪ اوچو مقام رکي ٿي.

پاڙيسري ملڪن مان قلات ۽ گنداوا جي حڪمران محراب خان جي سنڌ جي امين سان گهٽي دوستي آهي. ڪنهن زماني ۾ هيءُ به هن جيان ڪابل جو ڏن-پرو هو. اهڙي ريت سنڌ جي حڪمرانن ساڻس دوستي پيدا ڪري پنهنجي ۽ افغان قوت جي وچ ۾ هڪ طاقتور قوم آڻي وڌي آهي. پٽاڻن سنڌ تي حملي جي نيت سان قلات جي خان کي رشوت پاسي پنهنجي طرف آڻڻ جا حيلا هلائي ڇڏيا آهن، پر اڃا تائين هو انڪار ڪيون ٻيٺو آهي ۽ پٽاڻن جي امڪاني حملي خلاف سنڌ

جي امين کان مدد جو به خواهان رهي ٿو. هيو ڪيس اهو به فائدو آهي ته سنڌ سان لاڳاپيل دنگ جي واني کان به آجو آهي. هن حيدرآباد جي امين سان مٽيءَ مائٽي جو رشتو به ڳنڍيو آهي، جاڪاڻ ته هروڀرو پاڻ کي هڪ ابي جو اولاد سمجهندا آهن ۽ ان سان گڏ اهو به ٻي سگهي ٿو ته سندن مفاد به هڪ جهڙا آهن. لاهور جي سکن سان سندن دلي له وڇڙ ڪانه آهي. بس ٿورو گهٽ لڳ-لاڳاپو آهي. راجا رنجيت کان ڪجه ڀڳل نه آهن. لاهور سان دوستي پيدا ڪري ڪابل جي قوت کي هروڀرو ڪونه چيڙائيندا. رنجيت سنگهه جا ماڻحت ڪونه آهن. نه وري راجا ڪڏهن ڪانئن ڏن ڏرائي سگهيو آهي. عام خيال اهو به آهي ته پاڙيسري ملڪن مان، سکن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي سنڌ تي حملو ڪرڻ جي همت ڪانه آهي. جيڪڏهن پنجاب جي سکن سنڌ تي حملو ڪيو ته منجهن مقابلي ڪرڻ جي طاقت آهي يا نه، سو پتو ڪونه ٿو پوي. اوير طرف راجپوتن سان دوستي رکڻ سوکڙين جي مناسبتا تائين محدود آهي. ڏسڻ ۾ اهو اچي ٿو ته سنڌ کي خطرو فقط پنجاب مان آهي.

سنڌ کي پنهنجي آمدني جا وسيلا تمام گهٽا آهن. خزاني جي وڌوڙ ڪرڻ ۾ حڪمرانن جي آمدنيءَ جي گهٽيل انگن اکرن کي ويچارڻ نه ڪپي. سنڌ جا امير ڳڻيل حالتن ۾ هروڀ برادرين کان مدد حاصل ڪري ويندا آهن، جن کي سنڌ سرڪار طرفان بي حساب زمينون ڏنيون ويون آهن. اهي پنهنجي آمدنيءَ جو وڏو حصو امين کي مدد طور ڏئي ڇڏيندا آهن. اهڙي ايڪي ۾ هڏي سبب پاڙيءَ وارا ملڪ حملي ڪرڻ جي جرئت ڪري ڪونه سگهندا آهن. هن ملڪ ۾ تجارت ۽ زراعت جڙ ته ختم ٿي چڪي آهي. درياه رستي ايندڙ ويندڙ سامان تي ڪاٽي پڪي چنگي مڙهي ويندي آهي. ان ڪري سنڌوءَ رستي ڪنهن تجارتي مال جي اڃ وڃ ڏسڻ ۾ ئي ڪانه ايندي. تنهن هوندي به يورپ جو ٽهيل مال بمبئي ۽ شڪارپور ۾ سستو ملندو آهي.

پيريپلس آف ايري ٿرين سي Periplus of Erythrean sea مطابق اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته هي ضدي عيسويءَ دوران جڏهن سنڌ جو حڪمران طاقتور هوندو هو ته سنڌ جو واپار اوج تي پهچي ويندو هو. اهو به چيو ويندو آهي ته اورنگزيب جي ڏينهن ۾ به سنڌ جي تيار ٿيل مال جو واپار به عام جام هو. موجوده حڪمران نه سنڌ جهڙيءَ وڏي ملڪ جا طاقتور حڪمران آهن، جيڪڏهن چاهين ته ملڪ کي هڪ تجارتي ۽ دولتمند خطو بنائي سگهن ٿا. پر سنڌو تجارت لاءِ گنگا جيان موزون ڪانه آهي. سندس وڏن جهازن لاءِ صحيح لنگهه ڪونه آهي ۽ هندستان کان ٽر جي وڏي رڻ ڪري جدا به لڳو پيو آهي. ان کان سواءِ حڪمران به ڪو وڏيءَ طاقتوارو هجي جو سنڌوءَ رستي ويندڙ تجارتي سامان کي برّدين ۽ مزارين جي لٽ مار کان بچائي سگهي. هن کان سواءِ اولهارئين ٽڪرين ۾ هيون به

ذاتيون آهن، جن جي ڪرت ئي ٻيڙا ڦرڻ آهي. سنڌو تجارتي درياه تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن خود حڪمران به روشن خيالن جو هجي. موجوده دور ۾ سنڌوءَ جي سرسبز ۽ زرخيز ڪنارن تي زراعت بدران ٻيلا ٻيڻا آهن. پکين جا ولر ۽ جانورن جا ٽڻ ته اٽيهئي پيا گهمندا آهن. پر پوک ته وڏي جهد ۽ ڏيان کان پوءِ ۽ موسم مطابق لاباري ٿي ايندي آهي. مان هاڻي سنڌ جي حڪمران گهراڻي ڏانهن اچان ٿو.

حيدرآباد جي ٽالپر گهراڻي وٽ انگريزن جون سفارتون پيون ايندون ويندونَ آهن، تنهن ڪري هن ڪان وڌيڪ ساڻن جاڻ سڃاڻ آهي. هن گهراڻي جي حوالي سنڌ جو ڏاکڻون حصو يا هيڏيون پاڳو آهيَ. سندن حڪومت 1786ع ۾ قائم ٿي هئي. ان کان پوءِ ڪيترين ئي تبديلين آيون آهن. حڪومت جون واڳون چوڏاريءَ مان قري آخري وارث جي هٿ ۾ آيون آهن. اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد کي روڪي چڏيو ويو هو. پر هاڻي سيني پٽن کي اقتدار ۾ پاڳي پائيوار ڪرڻ لاءِ اهڙي وصيعت موجود آهي. ميرِ مراد عليءَ 60 سال جي عمر ۾ وفات ڪئي آهي. هن حڪمران سان سندس پائر اقتدار ۾ هڪ جهڙا شريڪ هئا. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ايندڙ وراثت تنازعي جو شڪار ٿي ويندي. نتيجي ۾ گهرو جنگ ناگذير آهي.(1) هڪ امير کي ته اولاد ئي ڪونه آهي. ٻين کي پٽ آهن، جيڪي هاڻي جوان آهن. هڪ مير کي پنج پٽ آهن. مير نور محمد ۽ مير نصير پنهنجي سوٽن مير صوبدار ۽ مير محمد سان گڏ دربار ۾ وهندا آهن. هن چئني ٽالپر شهزادن جا سنڌ جي دربار ۾ چار ڊار ڏرا ٿهيل آهن. هرهڪ شهزادي جي حڪمت عملي اها هوندي آهي ته جيئن سندس مقصد حل ٿي سگهن. مير مراد علي جا پٽ ته فطري طور اهو چاهيندا، جيڪو سندن ابا ڏاڏا هن وقت تائين ڪندا آيا آهن. مير مراد عليءَ جي ٻئي نمبر پٽ جي شخصيت ٻين ميرن کان ٻولائتي ۽ پرڪشش آهي. حالتن مان ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته هن کان پوءِ سنڌ جي امير جي حڪومت وراثتي قانون مطابق ڪانه هلي سگهندي.

مير نصير خان جنهنجي اثر رسوخ جي دائري ڏانهن اشارو ڪري آيو آهيان، تنهن کي سندس پيءُ اڳتي آڻي انگريزن سان له لاڳاپا پيدا ڪرڻ لاءِ همٿايو آهي. وراثت جي لحاظ کان هو چوٿين نمبر تي آهي، پر پنهنجي پيءُ سان گڏجي انگريز سرڪار جي عيوضن سان هيءُ ڳالهائيندو آهي. انگريز سرڪار به ٻين کان وڌيڪ هن سان له وڇڙ ۾ اچڻ وڌيڪ پسند ڪندي آهي. هيءُ ماڻهن کي ظاهر ظهور چوندو وتندو آهي ته سندس انگريزن سان تعلقات آهن. هن مون کي به پنهنجن خطن ذريعي ۽ عوامي مجلسن ۾ ٻڌايو ته، منهنجي نگهبانيءَ هيٺ لاهور

---

(1) The death of lost Ameer has amply verified Such a Supposition.

ويندڙ سفارت سندس ئي ڪوشش سان، سندوءَ رستي سفر ڪرڻ جي اجازت ملي آهي. اها ڳالهه اچرج جهڙي به نظر ايندي، ڇاڪاڻ ته عام طور تي اهو ڇيو ويندو آهي ته سندس مائٽ انگريزن جا قاتل دشمن آهن. پر اقتدار حاصل ڪرڻ جي لالچ سبب پنهنجي پٽ کي ساڻن دوستي رکڻ لاءِ تاڪيد ڪيو ويو آهي.

مون کي به، بي حجاب ٿي هن حقيقت کان آگاه ڪيو ويو آهي ته مناسب وقت اچڻ تي هيءُ شهزادو اسان جي انگريز سرڪار کان ڪنهن سهائتا وٺڻ جو اميدوار آهي. مير نصير خان ڪابل جي تخت تان لاٿل شخصيتن سان پنهنجي دوستاڻن ناتن پيدا ڪرڻ ۾ لڳو پيو آهي. جڏهن اسان حيدرآباد ۾ هئاسون ته هرات ۾ رهندڙ ڪامران ڏانهن ڪي سوڪڙيون پاڪڙيون موڪلي رهيو هو. هيءُ مير طبيعت جو شريف، حالتن کي سمجهندڙ ۽ شڪار جو شوقين آهي. عقلمند هجڻ کان آزاد طبع وڌيڪ آهي. ان معاملي ۾ جيتريون تڪليفون ۽ مصيبتون ڪيس منهن ۾ اچڻيون آهن، تن کي منهن ڏيڻ لاءِ وٽس ڏاڍاءُ ڏات ڪانه آهي. جيڪڏهن هو پنهنجي پيءُ جي دولت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ته سندس سياسي سوچ جي اڪثريت ڪري سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ ته آرٿ جو هارٿ ناٿو هوندو آهي. وارٿ نه هجڻ جي حالت ۾ ڪرائي جا جنگي سپاهي پئسي کان سواءِ ڏل لائي لڙي ڪونه سگهندا آهن. مير نصير خان جي وڏي پاءُ مير نور محمد جي پنجاب جي سکن سان گهري دوستي آهي. پر سندس هن سڪ دوستيءَ واري دم ۾ ڪوبه سنڌي ساٿس شريڪ ڪونه آهي. اڪيلي سر وڏي اڪثريت اڇڻ جيتري دل منجهس ڪانه آهي. ان سان گڏ عيش عشرت ۽ بين گندين عادتن ۾ به هيءُ گهٽو قائل آهي. پر اهو ضرور ياد رکڻ گهرجي ته وقت جي حڪمران قبيلي جي مک جو وڏو پٽ آهي.

مير محمد به پنهنجي ليکي اقتدار جي ڪرسيءَ جو اميدوار آهي. ڪيس وڏو. ويساه آهي ته سندس مير غلام عليءَ جون خدمتون اقتدار جي حصول واسطي سندس سهائتا ثابت ٿيندیون. هن لڪ چوريءَ مون ڏانهن قاصد به موڪليو هو. هو اسان جي انگريز سرڪار سان ڪو خفيه معاهدو ڪرڻ لاءِ تيار هو. پر مان ڪن ظاهر ظهور سببن ڪري انڪار ڪيو هو. مير صوبدار خان مير مراد علي جو صحيح وارث آهي ۽ خاندان جي باني جو پٽ آهي. پر گهٽا امير ڪيس ڪونه چاهيندا آهن. وٽس ٿي ملين پائونڊ دولت ۽ زرخيز زمين آهي. جنهن مان ڪيس ساليانو ٿي لک روپيه آمدني ٿيندي آهي. وٽس ڪيترا سردار ۽ ماڻهو موجود آهن، جيڪي سندس پيءُ جي بهادري ڪري ساٿس گڏ آهن. هيءُ پنهنجي قبيلي جي بهادر انسانن جو اولاد آهي ۽ هڪ بغاوت به سندس اهڙي حق جو يقين ڏياريو آهي. اقتدار جو تنازعو مير نصير ۽ مير صوبدار جي وچ ۾ اٽندو. جيڪڏهن اهي چاهين ته حڪومت اڳئين دور جيان گڏيل رهي ته سندن اقتدار بحال رهي سگهي

ٿو. هن وقت مير صوبدار پنهنجي چاچي جيٰ بڇ کان پنهنجي نيت ۽ منصوبو ڪنهن کي ڪونہ ٿو ٻڌائي.

مان هن قسم جي رويي کي سنڌي ساڻ ۽ بغض جو نمونو ڪري چوان تہ غلط ڪونہ ٿيندو. مان هن ملڪ جي رسم ۽ رواج مطابق جڏهن بہ ساٿس ملڻ ويو آهيان تہ مان ڪيئن مير صاحب جي ساڃي پاسي ويٺل ڏٺو. جڏهن ٻيءَ ملاقات لاءِ دربار ۾ وياسين تہ سندس جاءِ مير نصير خان کي ويٺل ڏٺوسون، جڏهن مير مراد علي ڪراڙو ٿيندو تہ سندس اهي جرم ڪيس ڪڍيءَ ۾ پوندا ۽ سندس اها مسند ڪنهن ٻئي ٻڌويدار والاري چڏي هوندي، جيڪي هن وقت اڃا ٻار آهن، ٿي سگهي ٿو تہ انهن مان ڪو اهڙو بہ هجي جو سندس اولاد کان وڌيڪ دلير هجي ۽ اقتدار جي مسند سنياليِ.

خيرپور جو حڪمران مير رستم خان، پنهنجي پيءُ جو جانشين ٿيو. جنهن 1830ع ۾ بالڪوٽي تان ڪري وفات ڪئي هئي. سندس عمر پنجاه سال ڪن ٿيندي. ڪيس پنج پٽ ۽ بہ پائر آهن. هيءُ گهراٽو گهڻن ماڻهن تي مشتمل آهي. موجوده وقت بہ مير سهراب خان سان سڌي رشتي سان تعلق رکندڙ 40 مرد حال حيات آهن. هتان جو سردار حيدرآباد جي مير کان وڌيڪ ملڪ جو مالڪ آهي. ملڪ وسيع سرسبز ۽ خوشحال آهي. سيوهڻ کان درياه جي اوپارين ڪناري ويڪرائي ڪاڪ 28 ڪريون 30 فوٽ اتر ۽ درياه جي اولهه ڪناري شڪارپور کان وٺي پنجاب جي حد کوٽ کان 15 ميل اورتي، اولهه طرف جتاري جبل جي دامن کان وٺي ڇيڙي ۽ گنداوا تائين پکڙيل آهي.

خيرپور ۽ حيدرآباد جي ميرن جي وچ ۾ دلي دوستي ۽ نيڪ نيتيءَ وارا لاڳاپا موجود ڪونہ آهن. آفيم جي محصول تي سندن ويڇا اڃا وڌي ويا آهن. جنهن تي خيرپور جي مير منهنجي حصي جي اڃ تائين دعويٰ اجائي سجائي نموني ٻڌي ورجائي آهي. ۽ سفارت واسطي مهربانين ۽ سخاوت جو مظاهرو بہ گهٽو ڪيو ويو. جنهن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ اسان جا اهي نيڪ نيت ۽ مخلص دوست آهن. هنن ڪڏهن بہ يورپي ماڻهو ڪونہ ڏٺا آهن. سندس خزانو ٽن ملين رپين تي مشتمل آهي، جيڪو مير رستم جي نندي پاءُ مير علي مراد خان جي سنيال هيٺ آهي. مير سهراب خان جو لاڏلو پٽ آهي. سندس وفات وقت هن دولت تي قبضو ڪري ورتو هو. ڪن خاص ڳالهين کان سواءِ سجو خاندان ڪڏ ۽ يڪمشت آهي.

سنڌ جي معاملن ۾ خيرپور جي مير جو اثر تمام گهٽو هوندو آهي. ملڪي پلائي لاءِ جيڪي بہ منصوبا تيار ڪيا ويندا آهن، تن ۾ خيرپور جي مير صاحب جو صلاح مشورو ضرور شامل ڪيو ويندو آهي. اڃ تائين هن جي منظوريءَ کان سواءِ ڪوبہ ڪم شروع ڪونہ ڪيو ويو آهي. مير سهراب خان دائودپوٽن کي

تحفظ ڏيڻ ۾ سکن جي پيش قدمي روکڻ واسطي حيدرآباد جي ميرن جي منصوبي جي پٽيرائي کان کئي هئي. اهي خاندان هڪ ٻئي کان آزاد آهن، پر جڏهن به کير کندا آهن ته گڏجي کندا آهن. مير رستم خان جو حيدرآباد جي مير کان وڏيڪ پاڙيسري ملڪن سان سٺو سلوڪ آهي. سندس دربار ۾ جيلسمير بيڪانير جي راجائن ۽ دائوديپوٽن جا نمائندا رهندا آهن ۽ ان کان علاوه لاهور جي سکن سان به سندس سٺا تعلقات آهن. مير رستم سنڌ جي سرحدن جي حفاظت واسطي هڙئون ۽ وڙئون کونه گهٽائيندو آهي. جڏهن افغانن شڪارپور کي دوباره فتح کرڻ لاءِ سنڌ تي حملو کيو ته هن پنهنجي حصي جو لشکر حيدرآباد جي مير جي مدد لاءِ بنا دير موڪلي ڏنو هو.

ميرپور واري ٽالپرن جو وڏو مير مراد علي خان آهي. هو ٻين سنڌي اميرن جهڙو اثر رسوخ کونه ٿو رکي. سندس علائقو حيدرآباد جي ويجهو آهي، ايراضيءَ ۾ وڏو آهي، پر گهٽو غيرآباد آهي، تنهن کري حيدرآباد جي ميرن جو ڪيجهو به گهٽو رهندو آهي. سندس ملڪ کي جي پرسان هڻڻ کري سدائين حملي جي منهن ۾ رهي ٿو ۽ هيءُ امير اهڙي جنگي مهم لاءِ سدائين تيار رهندو آهي. هيءُ گهراٽو مير صوبدار خان جو هڏ ڏوکي آهي ۽ حڪومت جي تبديليءَ جي لحاظ کان هر حال ۾ سندس ئي پٽيرائي کندو رهندو آهي.

ميرن جي هن مختلف حڪومتن ۾ رهندڙ رعيتي ماڻهن جي اقتصادي حالتن جي حوالي سان گهڻن مصنفن لکيو آهي. تنهن کري مان سايو کري اکيون ٻوٽي لنوائي وڃان ها. پر ڪاله اها آهي ته انهن وٽ آمدورفت جا اهڙا ذريعا کونه هئا جهڙا مون وٽ آهن. مان هتي کيترا مهينا رهيو آهيان ۽ مشاهدي کرڻ جو سونهري وجهه مليو اٿم. منهنجو خيال آهي ته آءٌ سندن ڪن خيالن جي تردید کريان. سنڌي بنيادي طور تي تيسيارا ۽ هٿيلا ٽيندا آهن. سيئي دوکيباز ۽ ٺڳ سمجها ويندا آهن. واعدن کرڻ ۽ تعريف کرڻ ۾ سچا کونه هوندا آهن. سندن تيسو وحشانيت، جهالت، هٺ ۽ ساڙ کري هوندو آهي. سندن اهو دوکو پنهنجن لاءِ ڪڏهن به کونه هوندو آهي، تنهن کري هڻ ته ائين گهرجي ته کنهن ڏاريئي سان به ويساه گهاتي نه ڪن. سنڌي جيڪي منهنجا نوکر رهيا آهن، سي ڏاڍا ايماندار ۽ وفادار هئا. انهن سنڌين جي نگهبانيءَ هيٺ سنڌ جي هڪ کنڊ کان هي کنڊ سفر کيوسين ۽ اسان سان کوبه پنهنجو پهريدار دستو ساڻ کونه هو. لنگر هڻڻ وقت سنڌين جا ميڙاکا مڙي ويندا هئا، پر اسان جي سئي به گم کانه ٿي. سنڌين تي سنڌ جي نالي تي پنهنجا ئي حڪمران حڪومت کندا آهن.

جيڪڏهن سنڌ وارا هن فرق کي سمجهي سگهن ته شهري ۽ فضيلت واري زندگي جا گهڙا فائدا آهن يا صنعت، فن ۽ ڪلا جهنگلي فڪر رکندڙ بادشاهت کان وڏيڪ افضل آهن، ته اسان سنڌ ۽ اتان جي ماڻهن لاءِ جيڪر هيو نظريو

رکون، پر هي حڪمران جن پنهنجو اقتدار تلوار جي طاقت سان ورتو آهي، سي انهن ڳالهين کي ڪيئن بحال ڪري سگهندا. جتي عزت جا اصول سمجهه ۾ آچي ڪونه ٿا سگهن. (اها عام طور ايشيا جي هر ملڪ جي حالت آهي) ته ماڻهن جي مٿان خوف ۽ دهشت ذريعي ئي حڪومت ڪري سگهجي ٿي. جڏهن رعايا آزاد مهذب هوندئي آهي ته اهڙن فن ۽ ڪلا جي قائم ڪيل ادارن کي جاچي پرکي داد ڏيندي آهي ۽ حڪومت سان گڏ پاڳي پائيوار ٿيڻ جي اهل هوندي آهي.

سنڌي ڏاڍا بدحال ۽ مسڪين ماڻهو آهن. شهرن ۽ ڳوٺن جو حال ساڳيو آهي. سڄي دولت ذرهار سان وابسته هروچ سردارن ۽ مُرشدن ۾ ونڊيل آهي. ڪجهه دولت هندو واپارين وٽ ڏسڻ ۾ آئي. سڌ قبيلو بچڙاين ۾ پنهنجي مسلمان برادريءَ سان هڪ جهڙو ئي پاڳي پائيوار آهي ۽ جيئن هين مسلمان بادشاهتن ۾ خوش آهي، تيئن هتي به موجون ماڻي ٿو. سندن خلاف پهرئين دور واريون سختيون هاڻي ڪونه آهن. مسلمانن جو اهو جنوني دور ختم ٿي چڪو آهي. سنڌ جو هندو ديوان ملڪ سان لاڳاپيل کوڙ ڏندو ڪري سگهي ٿو. شراف ۽ شاهوڪار به هندو آهن، سي به بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي ڪٿي به پنهنجو ڏندو ڪري سگهن ٿا. عاقل بالغ ٿيڻ تي پنهنجن ٻارن جون شاديون ڪري سگهن ٿا. سندن موت کان پوءِ سندن ملڪيت سندن ئي اولاد کي ورثي ۾ ملندي آهي.

سنڌ جي آدم شماريءَ جو ڪاڏو ڪڍ ڏاڍو ڏکيو آهي. سنڌوءَ جي سفر دوران مان سنڌ جو گهڻو پاڳو اکٻين به ڏٺو آهي. اتي شهر گهٽ ۽ وڏا شهر به ٿمام ٿورا آهن. دارالسلطنت حيدرآباد جي آدم شماري 20,000 آهي. شڪارپور جي آدم شماري هن کان وڌيڪ آهي. ٺٽي، ڪراچي ۽ خيرپور، هرهڪ جي 15,000 آدمشاري آهي. ميرپور، هالا، سيوهڻ، لاڙڪاڏو ۽ روهڙي هرهڪ جي آدم شماري 10,000 آهي. مٽياري، سبزل ڪوٽ ۽ ٽنڊو الهيار هرهڪ جي 5 هزار آدمشماري آهي. ڪل جوڙ 2,00000 بيهي ٿو. چوڙ واري علائقي ۾ ماڻهن جو تعداد 30,000 آهي. درياه جي اوپر ۽ اولهه وارن ڪنارن سان ماڻهو ڏاڍا چڀا وسندڙ آهن. چاڪاڻ ته مالوند علائقن ۾ ماڻهو هونءَ به چڀا پابا هوندا آهن. اٽل جي پاڻيءَ جي پهچ تائين ڳوٺ وڏا ۽ بي شمار آهن ۽ سڄي ملڪ جي مٽاچري تي ڏهن لکن ماڻهن کان گهٽ ڪونه ٽيندا. چوٽين حصي تي هندو آهن. گهڻا ماڻهو هندن مان مسلمان ٿيلن جي اولاد مان آهن.

سنڌوءَ جي ڇوڙ واروعلائقو

سنڌو نيل ۽ گنگا جيان ڇوڙ ڪرڻ وقت گهڻن منهن ۾ ورهائجي ويندي آهي، اهي ڦاٽ، پليءَ لٽاشيءَ زمين وٽان پنهنجي اصلي وڻي وهڪري کان ڇڄي ڏار ٽيندا آهن. سمنڊ کان ست ميل پريٰ ۽ ٻڌي کان پنج ميل هيٺ، سنڌو ٻن شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. ساڄي طرف واري شاخ کي بگهيارَ ۽ کاٻي طرف واري در کي ساتا شاخ (Sata)(1) ڪري سڏيندا آهن. اها ٻه درياهي يوناني حملي جيتري پراڻي آهي، جنهن جو ذڪر سڪندر اعظم جي مؤرخن پڻ ڪيو آهي.

ٻنهي مان کاٻي شاخ ڏکڻ واري طرف ڏئي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي ۽ عام طور تي وڏي درياه واري رخ اختيار ڪري ٿي. ساڄي طرف واري شاخ يا بگهيارَ سنڌوءَ کان مختلف رخ اختيار ڪري الهندو طرف ڏيون سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. جڏ ته ساتا شاخ کان گوڻيءَ ڪنڊ تي رخ اختيار ڪري وهندي آهي.

ساتايا اوير واري شاخ ٻنهي مان وڏو درياه آهي ۽ جدا ٿيڻ واري هنڌ کان هيٺان سنڌس موڪر هڪ هزار گز آهي ۽ پاڻيءَ جو وڏو حصو منجهس وهندو آهي. سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ وقت گهڻ ۾ گهڻ ستن شاخن ۾ ورهائجي. وڃي ٿي. سنڌس اهو ورهاڪو 35 ميلن اندر ٿئي ٿو سنڌس وهڪرو ايترو تيز تکو ۽ زورائتو هوندو آهي جو واري واري سان ڪنڌيون ڪنارا ٻيڻ ۽ ٻيڻاريون پيو ٺاهيندو ۽ ڌاهيندو آهي. درياه جي هن شاخ مان ستن منهن ٿيڻ ڪري به هڪ منهن اهڙو آهي، جنهن مان 50 ٽن ٻار واري ٻيڙي سال جي هر موسم ۾ گذري سگهندي آهي. چاڙهه جي موسم ۾ هن منهن مان سمنڊ ۾ داخل ٿيندڙ پاڻي سمنڊ اندر چئن ميلن تائين لڙياٽو رهندو آهي. هن شاخ جي گهوڙا نالي منهن، سمنڊ ۾ وڃڻ جو ايڏو درڙو بڻائي ڇڏيو آهي جو اهو 15 ميل پري کان پيو ڏسڻ ۾ ايندو.

بگهيارَ نالي واري اولهائين شاخ پير پٽي، ٻوهارا ۽ ڏاراجي کان لنگهي جڏهن پنجويهه ميل سمنڊ جي ويجهو پهچي ٿي، ته ٻن واهڻن پٽي ۽ پيٽاٽيءَ ۾ ورهائجي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. اهي ٻئي ڦاٽ، پٽي ۽ پٽياٽي جهازراتيءَ لائق آهن. اهي سنڌوءَ جا ٻه وڏا منهن سمجهيا ويندا آهن. ۽ گهٽي وقت تائين سنڌي وڏيون ٻيڙيون منجهائن سفر ڪنديون هيون، اهي ايڏا ٻه سمنڊ طرفان سنڌوءَ ۾ وڃڻ جوکيون

(1) ان کي سيتا جي نالي سان سڏيو ويندو هو. ٿي سگهي ٿو ته ستن مُنهن سبب اُن کي ساتا سڏيو ويندو هجي. (سنڌيڪار)

آهن. پر ٿي سال کن ٿيندا ٿ درياه، بگهيارڙ کي ڇڏي ويو آهي. ڏارا جي شهر تائين سندس اونهائي 12 فوٽ آهي ۽ ان شهر کان مٿان ڪجهه ٿانگهه آهي. خشڪ موسم ۾ ڪن جاين تي گوڏي جيترو پاڻي مس هوندو آهي. سندس ترو جيڪو ڪڏهن اڏ ميل کن موڪرو هوندو آهي، سو سڪي وڃي 100 گز ٻيهندو آهي.

لفظ بگهيارڙ جي معنيٰ آهي تباه ڪندڙ. هيٺئر ڪجهه تبديلي آئي آهي. اڳي جيڪو واپار ڏاراجي وٽ هلندو هو، سو هاڻي ساتا (Sata) جي ڪنارن سان هلي رهيو اهي. بگهيارڙ جي پر پاسي وارو علائقو به اڳئين جيان زرخيز ۽ آباد آهي. جيتوڻيڪ منجهس وڏا ٻيڙا ڪونه اچي سگهندا آهن، پر منجهس 12 فوٽ پاڻي هڻڻ ڪري تراڪڙي تري واريون ٻيڙيون پيون ايندڙون ويندڙون آهن. چاڙهه جي رت ۾ ڏاڍي ناهوڪو درياه بڻجي پوندو آهي. امڪان اهو آهي ته سگهو ئي اڳوٽي اهميت حاصل ڪري وٺندو. هنهي قاٽن جي وچ واري زمين ۾ درياهي ڦٽي نڪرڻ واريءَ جاءِ کان وٺي سمنڊ تائين پکڙي پئي آهي. مان سمجهان ٿو ته اهو فاصلو 70 ڪن انگريزي ميل ٿيندو. اها حقيقت آهي ته درياه جي چوڙ واري علائقو اڃا به ساڳيو آهي. ساموٽبي ڪناري کان هن قاٽن واري پاسي، اتر- اولهه آهي.

اڳئين زماني ۾ سنڌوءَ جو مقدار اڄ کان گهڻو زياده هوندو هو. ساتا کان اوپر طرف ڪيس اڃا ٻيا ٻه منهن به هوندا هئا. جن مان هڪ جو 'سير' ٻئي جو 'ڪوري' نالو هوندو هو. ڪوري قاٽ کي ڪچ ۽ سنڌ جو ڏنگ سمجهيو ويندو هو. وقت جي حڪمرانن انهن هنهي قاٽن جو پاڻي پنهنجي ملڪ جي آبادي لاءِ استعمال ڪرايو ۽ سمنڊ تائين پهچڻ کان روڪي ڇڏيو. جيڪڏهن انهن هنهي منهن کي سنڌوءَ سان ملائجي ته سنڌوءَ جا سيئي منهن 125 انگريزي ميلن ۾ پکڙيل نظر ايندا. سندن ڪل انگ 11 هو. انتهائي اولهائين چوڙ جو ويڪرائي قاڪ 24 ڊگريون 40 فوٽ آهي. اوپارئين چوڙ جو ويڪرائي قاڪ 23 ڊگريون 30 فوٽ آهي. اهو انهي ڪري آهي، جو ويڪرائي قاڪ جي وچ تي پورن 80 ميلن جو فرق آهي. (1)

---

(1) This limited extent of the delta of Indus is quite inconsistant with the dimestion assigned to it by the Greeks. Arrian informs us that the two great branches below patala are about 1800 Stadia from each offer "and so much is the extent of the Island of patala along the sea Coast: The destance of the 125 British miles, the face of the modern delta does not amount to 1125 Stadia or litter more than one half the assigned destance of Arrian. On this point the Greaks had not personal observation to guide then, Since Nearchus sailed out of western branch of the Indus and Alexdair made but three day's journey between the two branches of the river and could not have entered Cutch as has been surmised by Dr. Vincent.

ڇوڙ واري علائقي ۾ سنڌوءَ جي جلدي رخ بدلائڻ واري خاصيت سنڌ ۾ هڪ پهاڪو ٻڌيل آهي. تنهن ڪري ان علائقي ۾ جهازراني مشڪل هجڻ سان گڏ خطرناڪ به آهي. اڄ به سنڌو پنهنجي وهڪري ۾ ايتري خطرناڪ ۽ مشهور آهي، جيتري يونانين جي حملي واري دور ۾ هئي.

سندس پاڻي هڪ ڪناري کان ٻيءَ ڪري ٻئي ڪناري تي ڏاڍي ست هٿندو آهي. ڪڏهن ۽ ڪريون، ڪنڊيون ۽ ڪنارا وڏن ٽڪائن سان پائيندو ڪيرائيندو ۽ وهائيندو ويندو آهي. جتي ڪٻر سخت هوندو آهي تہ پاڻي ڪُن هٽڻ شروع ڪندو آهي. درياه جي تري جي اونهائيءَ مان واري ۽ مٽي پٽڻ ۽ پاڻي تيزيءَ سان ڦرڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. جيڪڏهن هيڏو ڪُن ۾ ڦاسي پيو تہ پيو ڦرندو رهندو آهي. ان جاءِ تي پاڻيءَ جو وهڪرو ڏاڍو خطرناڪ هوندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ جان بچائڻ لاءِ نهايت خبرداريءَ کان ڪم وٺبو آهي. ان جاءِ تي پاڻيءَ جو وهڪرو خطري کان خالي ڪونہ هوندو آهي. جيڪڏهن هوا تيز هوندي تہ سمنڊ جيان پاڻيءَ جي لهر اٿي هيڏي تباه ڪري ڇڏيندي. ان وقت ناکئي جي ڏاهپ ۽ ڏاڻءُ جي پرک هوندي آهي تہ ڪيئن پنهنجي هيڏي کي اهڙن قهري ڪُن ۽ ڪارن کان ڪاروٽيارن مان اڪاري ڪڍي وڃي ٿي.

هيءَ رڪارڊ ۾ رکڻ جهڙي عجيب حقيقت آهي تہ سنڌوءَ جا اهي منهن، جن ۾ درياه جي پاڻيءَ جو مقدار ٿورو هوندو آهي، اهي ئي جهازرانيءَ جي وڌيڪ لائق هوندا آهن ۽ جهاز سمنڊ مان هاڪاري سولائيءَ سان منجهن داخل ڪري سگهبا آهن. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ اُهي ڦاٽ لٿ ۽ واريءَ کان واڇوڪيل هوندا آهن. منهن ۾ پاڻي ڇڇهو هوندو اٿن، پاڻيءَ جو وڏو وهڪرو لٿ ۽ واري ڪنارن تي اڇلائي درڙا ٻڌائي ڇڏيندو آهي، جتان وڏين هيڏين جو لنگهڻ مشڪل هوندو آهي. ساڳيءَ ريت بگهياڙ ڦاٽ جنهنجو ذڪر اڳ هاڻي ڪري آيو آهيان، منجهس سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو مقدار تمام گهٽ هوندو آهي ۽ ڏاراجي کان هيٺ سمنڊ تائين بلڪل صاف رهندو آهي. گنگا جي شاخ هگلي ۾ ساڳي سبب ڪري جهازرانيءَ جيءَ لائق آهي.

هاڻي مان سنڌوءَ جي ٻنِ مُنهن، بندرن، سندن ترن جي اونهائين ۽ ٻين حقيقتن جو ذڪر ڪندس، جيڪي سفر دوران منهنجي ڏيان ۾ آيون آهن:

اوڀ طرف کان شروع ڪندي اسان پهريون 'پٽي' منهن تي پهچنداسون. هي بگهياڙ جو هڪ منهن آهي، جيڪو ڪراچيءَ جي اپسمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. منجهس وچ تي ڪا ٻيٽياري ڪانہ آهي. پاسا واريا سا اٿس. ٻاهرئين طرف کان وڏو ٻيٽ اٿس، جنهن ڪري سڏيءَ ريت سمنڊ ۾ داخل ٿي ڪونہ ٿو سگهجي. ڇوڙ وٽ سندس منهن اڌ ميل جيترو سوڙهو آهي. جتي پاڻي هيٺ ڏونگهو آهي تہ اتي ويڪر گهٽجي وڃي 500 گز ٻيهي ٿي. مٽي وڃبو تہ رهندو ٻہ سوڙهو ٿيندو

ويندو ۾ سندس ماپ وڃي 160 گز تي بيهندي. هونءَ سندس عام ويڪر 300 گز آهي. جائي پٽي تانگهي آهي، اتي به سندس اونهائي ڏونگهي پاڻيءَ جيان 9 فوٽ آهي.

پونئر جي چنڊ تي وير به منجهس 9 (نَو) فوٽ چڙهندي آهي. مٽي ڏاراجيءَ وٽ تار پاڻي ۾ هر جاءِ تي اونهائي 12 فوٽ هوندي آهي. نہ تہ عام طور 5، 6 ڪاٽي 7 ڪاٽي وري 8 فوٽ ٻہ آهي. جتي ٻہ شاخون پاڻ ۾ ملن ٿيون، اتي پاڻي گهٽو ڏونگهو هوندو آهي. سمنڊ کان ڇہ ميل مٽي پٽي جي آرپار تري ۾ ٽکري موجود آهي. هيٺانهين لهر دوران هن ٽکري مٿان 9 فوٽ پاڻي بيڊل رهيَ ٿو. پٽي جي عام وهکري جو طرف- اولهہ- اتر- آوهہ آهي. پر سمند ۾ داخل ٿيڻ وقت سندس وهکرو صفا ڏکڻ طرف ٿي ويندو آهي. پٽي ڏاڀن ورن وکڙن واري آهي ۽ سندس ور وکڙ سوڙها ۽ سامهون وارن طرفن تي سڏا سامهون هوندا آهن. هک وکڙ ڏکڻ هوندس تہ ٻيو اتر هوندس. پاڻي کي ٻہ هک ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تي پئي اڇليندي. تنهن ڪري سندس پاڻي ٻنهي پاسن تي واري وٽيءَ سان اونهون رهندو آهي. جتي سڌس ڪنارا ايڪپرا هوندا تہ اتي سندس پاڻي تار هوندو آهي، جتي ڪنارا ننڍا هوندا تہ پاڻي وري تانگهو هوندو آهي. اهڙو اصول انهن درياهَن لاءِ ياد رکڻ گهرجي جيڪي سئينءَ سنوت واري مٿاڇري واري ميدان مان وهندا آهن. سمنڊ کان مٽي ٽيهن ميلن تائين پٽيءَ جو پاڻي لڙياٽو ڪونہ هوندو آهي. سندس ڪنارن سان سُنهون جهنگ تمام گهٽو هوندو آهي. پندرهن ميل مٽي اهو تہ رهندو ٻہ پٽيءَ جي پاڻيءَ ۾ اندر لڙڪي ٻيو آهي. اسان ڪيس ٻن هنڌن ڏاراجي ۽ ٻوهارا وٽ مٽيوسين: اتي منجهس 12 فوٽ ڏونگهو پاڻي هو.

سمنڊ کان 20 ميل مٽي پٽياٽي پٽيءَ کان ڇڇندي آهي. ۽ 24 ڊگريون ۽ 20 فوٽ ويڪرائي ڪاڪ تي سمنڊ سان ملي ٿي. هي 'پٽيءَ' کان ننڍو منهن آهي ۽ هر لحاظ کان گهٽ ڏرجي واري شاخ آهي. سندس منهن وٽ واريءَ جا ڪيترائي ڪنارا ۽ درڙا ڏسڻ ۾ ايندا، جيڪي هک ٻئي کي ڏکي ٻيهندا آهن. منجهس جهازراني ڪرٽ خطري کان خالي ڪانہ آهي. سامونڊي وير کان سواءِ سندس اونهائي 6 فوٽ ۽ وير وقت سندس اونهائي 15 فوٽ هئي. هڪڙي وقت جاچي ڏٺوسين تہ اتي 18 فوٽ ٻہ اونهائي هئي. صفا منهن ۾ سندس ويڪر 300 گز آهي. ٽورو مٽي وڃبو تہ اها موڪر گهٽجي وڃي 50 گز تي بيهندي. پر سندس 'پٽي' جي ملڻ واري جاءِ تائين اونهائي بلڪل ساڳي آهي، 'پٽياٽيءَ' جو زمين تي رخ اتر- اوپر طرف هوندو آهي. ٽوري فاصلي کان پوءِ 'پٽيءَ' جيان ٻڌجي وڃي ٿي، جنهن جو اسان اڳيلو مثال ڏنو تہ هک شاخ ساڳئي وقت هيٺ ۽ ٻي وري مٽي وهندي هجي.

سنڌوءَ جي هن ٻن شاخن سان ٻيا ٿي منهن ٻہ ڳڏيل آهن. اهي 'ڪوڏي'،

'کوُ' ۽ 'دهُو' نالي تمام نندڑيون ڪاريون آهن. ڪوڊي Koodee ۽ ڪُو Khow پٽيءَ سان ملي ويندا آهن. ڪوڊي ڏارا جي وڻان ڪنهن زماني ۾ وڏو درياه هوندو هو. پر هاڻي سندس پيٽ ۾ 'پٽياڻي'وهندي آهي ۽ اها ب بند آهي. دهو-Du boo پٽياڻيءَ جو ٻيو منهن آهي.

ٻنهي منهن ۾ سمنڊ ڪان ٻيڙا داخل ٿي سگهن ٿا. پر اهو ياد رکڻ گهرجي ته منجهن رڳو تراکڙن ترن واريون وڏيون ٻيڙيون بار ڪڍي درياه مان سمنڊ ۾ ۽ سمنڊ مان درياه ۾ وڃي سگهن ٿيون. اندرئين پاسي ڪان ساموندي جهاز لنگر هنيو ٻيڙا هوندا آهن. اها اڻ ٻڌي گاله هئي جو اسان جي سفر سان لاڳاپيل چار ٻيڙيون (جن مان هرهڪ تي 25 ٽن بار هو) 'پٽي' جي اوپارئين رخ تي 30 ميل مٿي ڪيي وڃڻ ۾ ڪامياب وياسون. پر يقين ڪريو ته اسان کي ڪاب تڪليف محسوس ڪا نه ٿي.

ٽٽي ڪان هيٺ سنڌوءَ جي اوپارين شاخ 'ساتا' جا مست منهن آهن. جوئا، Jooa ريچل Reachle ۽ حجامڙو پاڻ ۾ ڏهن ميلن جي وٿيءَ تي وهندا آهن. انهن مان هڪ شاخ سال جا ٻارنهن ئي مهينا جهازرانيءَ جي لائق هوندي آهي. هونءَ ته اهي منهن 'ساتا' جو پاڻي سمنڊ ۾ ڪيندا آهن. پر چاڙهه جي رت ۾ سندن ڪجه پاڻي 'بگهياڙ' رستي ب سمونڊ ۾ پوندو آهي. يا ڪنهن وڏي شاخ جو پاڻي ننڍين ڪارين ذريعي ب سمنڊ ۾ ويندو آهي. 'جوئا' ۽ 'ريچل' جا منهن هاڻي بند آهن. پر پوئين دور ۾ 'ريچل' ۾ تمام گهڻو پاڻي ايندو هو، اها حقيقت هڪ مناري مان ب ظاهر ٿئي ٿي، جيڪو مان سمجهان ٿو ته هاڻي ڪرئي پيو آهي. اهڙيون حقيقتون اسان کي پنهنجن اڳين جهازرانن جي بيانن مان ب معلوم ٿين ٿيون. منهن وٽ مناري جي نالي سان ڳوٺ آباد آهي. سمنڊ ڪان حجامڙي ۾ 50 ٽٽن واري ٻيڙي داخل ٿي سگهي ٿي. مٽس پنجويه ميل سمنڊ ڪان مٿي وڪر نالي هڪ بندر آهي، جيڪو شاه بندر (اجاب اوپر طرف) سان واپار ۾ ياڪي پائيوار آهي. هن موسم ۾ ڪير ب شاه بندر ڏانهن ڪونہ ٿو وڃي سگهي. ايندڙ موسم ۾ وري ڪير ب وڪر ڏانهن ڪونہ لڙندو. اسان حجامڙي رستي سنڌوءَ ۾ داخل ٿياسين ۽ وڪر جي بند تي اچي لنگر هنياسين. وڏيءَ ويڑ چڙهڻ وقت هڪ ٻيڙياريءَ تي 15 فوٽ پاڻي هو. ويڑ لٿي ڪان پوءِ وڪر تائين پاڻيءَ جي اونهائي چار فئوم يعني 24 فوٽ هئي.

حجامڙي ڪان اوپر طرف ڪيدي واريءَ Khedi warree نالي ٻيو منهن ب آهي ۽ نندڑين ڪارين رستي حجامڙي سان ڳنيل آهي، پاڻي تانگهو اٽس. اوڏانهن ٻيڙيون گهٽ ويندیون آهن ۽ بعضي ٻارڻ جو ڪاٺ ڍوئڻ لاءِ اوڏانهن نڪري ويندیون آهن.

ڪاٻي طرف واري شاخ جي منهن مان ٻيو مُنهن 'ڪوڙا' Gora نالي ب آهي،

جيڪو سيني منهن کان وڏو آهي. اهو منهن سڌو 'ساتا' مان پاڻي ڪٽي ٿو ۽ گهٽين ڪارين رستي (1) سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. ڪيس 'واڻيائيءَ' جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اسان 'حجامڙي' مان هڪ ڪاريءَ رستي سنڌوءَ جي هن منهن ۾ داخل ٿياسين. گوڙا ۾ (جنهن کي سمنڊ وٽ واڻيائي ۽ سڏيو وڃي ٿو.) هر جاءِ تي 24 فوٽ اونهو پاڻي ڏٺوسين. سندس وهڪرو سڌو ڏکڻ تي وڃي ٿو. ۽ هڪ خوبصورت ڳوٺ ڪلياڻ (Kelyan) جي پرسان گذري ٿو. 'گوڙا' جي وهڪري ۾ هاڪارڻ جون اهڙيون سهوليتون ۽ سهنجايون موجود آهن، پر پوءِ ۽ سمنڊ جي طرف کان ڪابه هلڪي ٻيڙي منجهس داخل ٿيڻ تي دل کانئ ٻڌندي آهي. ڇاڪاڻ ته منجهس خطرناڪ ۽ وارياسا ڪنارا موجود آهن، جن لاءِ مان اڳ ۾ اشارو ڪري آيو آهيان. ان مان صاف ظاهر آهي ته وارياسا ڪنارا پاڻيءَ جي ڪنهن سگهاري وهڪري ڪري سرجيا آهن، ڇاڪاڻ ته 'ريچل' جيستائين سنڌوءَ جي وڏي وهڪري سان ڳنڍيل هئي ته منجهس واريءَ جي وڏي ٻيٽياري موجود هئي، ۽ ايڏي وڏي هئي، جيتري هاڻي 'گوڙا' جي سامهون موجود آهي. پر هاڻي اها درياهي پاڻيءَ نه هجڻ ڪري گهٽ ٿي وئي آهي. گذريل صديءَ ۾ سنڌوءَ جي هيءَ شاخ وڏين ٻيڙين لاءِ ڪليل هوندي هئي. ستر ٽن ڪنڊڙ هڪ وڏو ٻيڙو جنهن جي چوڌاري جهنگلو لڳل آهي، سو پرسان خشڪ زمين تي ڏريو پيو آهي، ڪيس پورالي ۽ جنوني درياه ڏيري ڪري رکيو آهي.

'گوڙا' کان هيٺ ڪائير Khaeer ۽ 'مل' Mull ۽ منهن آهن، جيڪي ڪنهن رستي 'گوڙا' سان ڳنڍيل آهن. اهي ٽئي منهن 12 ميلن جي گهيري اندر سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿا. 'ڪائير' 'گوڙا' جيان جهازراني جي لائق ڪونه آهي. 'مل' ۾ 25 ٽن واري ٻيڙي بنا ڪنهن به خطري جي داخل ٿي سگهي ٿي ۽ شاهه بندر لاءِ فقط اهو منهن وڃي بچيو آهي، تنهن ڪري ان بندر تي ٻيڙيون عام جام پيون ايندیون ويندیون آهن.

هيڙيون اتر- اوپر طرفان بندر کان ويه ميل سفر ڪري هٽرادو ٽاهيل 'لپتا' Lepta نالي ڪاريءَ ۾ اچي لنگر هٽنديون آهن. 'مل' کان ويه پنجويه ميل هيٺ 'سير' نالي به هڪ منهن آهي، پر منجهس درياهي پاڻيءَ بدران سمنڊ جو کارو پاڻي پريل هوندو آهي. وچ تي ٻيون ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون کاريون آهن، پر منجهن کوبه رابطو وغيره ڪونه آهي. سير، سنڌوءَ جي هڪ تباه ٿيل شاخ آهي. جنهن کان پنجاه ميل مٿي ۽ مغل پين کان هيٺان، درياه جي هن شاخ ۾ مٽيءَ جو درڙو اڇلائي ڇڏيو آهي. ان بند ٻڌجي وڃڻ ڪري سندس وهڪرو بند ٿي ويو آهي. پر پوءِ به مٽان وڏو درياهي وهڪرو اٽس ۽ پاڻ پنهنجو رستو جوڙي ننڍڙين

---

(1) ويڪر ۽ حجامڙو ننگرپارکر ۾ پڻ مشهور آهي. (سنڌيڪار)

ڪارين رستي سير جو روپ اختيار ڪري وڃي ٿو. پنهنجي شڪل صورت ۾ ساموندي ڪاري آهي، پر مٽان 20 ميل درياهي پاڻي اٽس. مغل پين کان هيٺان هن درياهي شاخ جو نالو 'ڪنگرو' آهي. ان کان مٿي ڪيس 'پچياري' سڏيو.ويندو آهي ۽ حيدرآباد ۽ ٺٽي جي وچ تان درياه مان چڃي ٿو. سير جو منهن 38 ڏن ٻيڙي جي داخلا لائق آهي ۽ 'گندا' (Gunda) واري جاءِ تان مغل پين لاءِ ٻيڙيون لڏيون ويندیون آهن.

جيڪڏهن ٽوريَ وڏيڪ محنت ڪبي ته اهي ساڳيون ٻيڙيون مغل پين واري بند تائين پهچي سگهن ٿيون. اتان اندرين علائقن ڏانهن ويندڙ ٻيڙين کي سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڏکيائي محسوس ڪانہ ٿيندي آهي. خشڪ موسم ۾ اهڙين ڏکيائين جو امڪان موجود هوندو آهي. مغل پين وارو بند 40 فوٽ ويڪرو آهي. ڇوڙ وٽ 'سير' جو منهن بہ ميل آهي. پر جيئن مٿي وڃبو تيئن سوڙهي ٿيندي ويندي. پاڻيءَ جي اونهائي 24 کان 36 فوٽ ٿيندي. 'گندا' ڪان هيٺان پيٽ ۾ ٻيڻاري اٽس. ان مٽان پاڻيءَ جي اونهائي 6 فوٽ آهي. درياه جي هن شاخ معرفت پر وارن ملڪن ڪچ ۽ڪاٺياواڙ سان تجارتي رابطو قائم آهي. سنڌ جو چانور مغل پين ۾ جام ملندو آهي.

'ڪوري' يا سنڌوءَ جي اوپارين شاخ جي جوڙ ڏيڻ سان سنڌوءَ جا پورا يارنهن منهن بڏجن ٿا. ان منجهان حيدرآباد وٽان لنگهندڙ ڪليليءَ جو پاڻي سمنڊ ۾ خارج ٿيندو هو ۽ ان سان گڏ چاڙهه جي رت ۾ بکر کان سنڌوءَ مان ڌار ٻيندڙ شاخ جو پاڻي بہ وارياسي علائقي مان ڳڏري 'ڪوري ڪاريءَ رستي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. پر اهو بہ 1762ع کان بند آهي. ان زماني ۾ سنڌ وارن پنهنجي دشمن ڪچين کي سبق سيکارڻ لاءِ بند ٻڌي سندن پاڻي بند ڪري ڇڏيو هو.(1)

سنڌوءَ جي سيني منهن ۾ 'ڪوري' هڪ شاندار درياه جي ڏک ڏيندي هئي. لڪپت کان ٽورو هيٺان سندس شڪل دونهين خارج ڪرڻ واري بخار جهڙي ٿي وڃي ٿي. ڪوٽاسروٽ سندس ويڪر ست ميل ٿي وڃي ٿي، ۽ ايترو ويڪر ۾ وڏندي رهي ٿي، جو آخر ۾ سنڌ ۽ ڪڇ وارا ڪنارا ڏسي ڪونہ ٿا سگهجن. جڏهن منجهس سنڌوءَ جو پاڻي وهندو هوندو ته اهو هڪ وڏو شاندار درياه هوندو. سنڌوءَ جي هن شاخ جو پاڻي ڪافي اونهون آهي. ڪوٽاسروٽ وٽ پاڻيءَ جي اونهائي 20 فوٽ آهي. لڪپت کان اٺ ميل پري 'بستا' (Busta) وٽ بہ اونهائي ساڳي آهي.

---

(1) See "A Memoirs" regarding this month at the end of the volume, which contains an account of some singular alteration in physical Geography, as well as a notice of the Run of Kutch.

ڪمپنيءَ جو هڪ جهاز ڪوٽاسر تائين پهتو هو. اهو مُنهن ڏاڍو خطرناڪ مغلوم ٿي ٿيو. ان ڪري جو 'اڊياري' Adheearee نالي منهن ۾ واريءَ جي هيٺاري موجود هئي، جنهن تي هلڪي وير وقت پاڻي گوڏي جيترو مس چڙهندو هو. ڪوٽاسر ۽ اڊياريءَ جي وچ تي هيون بہ ڪيترون ئي هيٺاريون موجود آهن ۽ هڪ وڏي هيٺاري ڪوٽاسر جي سامهون بہ آهي. 'ڪوريءَ' جو 'سير' يا سنڊوءَ جي ڪنهن بہ منهن سان رابطو ڪونہ آهي ۽ سندس پاڻي ڪڇ طرف وهندو آهي. ۽ هندي وڏي سمنڊ جي 'جڪو' (Juckow) ۽ لڪپت تان ايندڙ هيڏين ڪي ڪڇ جي ڪاريءَ وٽان اندرون ملڪ ڏانهن سهنجو درياهي سفر مهيا ڪري ٿي. سنڊ وارن اهي ٻئي منهن بند ڪري ڇڏيا آهن. سنڊوءَ ۽ 'ڪوريءَ' جو هاڻي پاڻ ۾ ڪو سهڪار ڪونهي رهيو ۽ نہ وري هن معرفت سنڊ جو واپار ئي هلي ٿو. اهو 'سير' لاءِ ٻاهر نڪرڻ جو رستو آهي. سندس ڪنڊين ڪنارن سان ڪوبہ نئون شهر تعمير ڪونہ ٿيو آهي. هتي گهر تمام گهٽي آهي. سال جو ٿورو عرصو هن جي موسم ڪي قدر خوشگوار هوندي آهي.

هتي اسان سنڊوءَ جي منهن متعلق پنهنجو بيان بند ڪريون ٿا. هن منهن وٽ سمنڊ تانگهو هوندو آهي. پر انهن مُنهن کان ميل سوا هيٺ پاڻي جي اونهائي 12 کان 15 فوٽ هوندي آهي ۽ جهاز سولائيءَ سان سفر ڪري سگهندا آهن. 'گوڙا' جي منهن جا ڪنارا ڪڇ جي ماندوٽ کان وٺي ڪراچيءَ تائين واريءَ جي ڀاهَن سان پريا پيا آهن، جيڪي هيڏين جي سفر واسطي ڏکيائي جو سبب بڻيا آهن. ڪناري سان ٻارنهن ميلن تائين پاڻيءَ جا بريڪر ڏسڻ ۾ ايندا. هيڏائت انهي خطري کان بچڻ لاءِ پنهنجا هيڙا هيٺ 72 فوٽ پاڻيءَ ۾ وڃي هاڪاريندا آهن. هيڙائتن کي ائين چوندي ٻڌو ويو آهي تہ 25 ٽن جي هيڏيءَ کي 10 فئدم، يعني 60 فوٽ پاڻي مان هاڪارڻ ۾ سخت خطري واري ڳالهہ آهي، هن ڪناري سان مڇيءَ مارڻ وارا مهاڻا جام هوندا آهن. ڪين سندن جارين ۽ هيڏين مان ئي سَڃاتو ويندو آهي.

سنڊ وارو ساموندي ڪنارو ڪلهي هڻڻ ڪري هندي وڏي سمنڊ جي طوفانن کان بچاءُ گهڻ ڪري سگهندو آهي. هتي طوفاني حالتن ۾ سفر روڪي ڇڏبو آهي. پر پر وارن ملڪن ۾ ائين ڪونہ آهي. مارچ مهيني ۾ ٿورا هيڙا ڏکڻ- اولهہ واري ڇوماسي ڪري هيڏانهن اچڻ جي دل ٻڌندا آهن. جو تہ ان مهيني ۾ ٽوڙي حد تائين ڇوماسو شروع ٿي ويندو آهي. ساموندي پاڻي مٿي چاڙهہ ڪندو آهي ۽ پاڻيءَ ۾ 18 کان 24 فوٽن جو فرق اچي ويندو آهي. هيڻاهينءَ جي ڪري ڪنارن جو پتو ئي ڪونہ پوندو آهي، جيستائين ماٺهو صفا مٺان وڃي نہ بيهي. اهڙين حالتن ۾ بندر نہ ليڻ جو بہ خطرو موجود هوندو آهي. اهڙن موقعن تي وقت سر بچاءُ بہ ملي ڪونہ سگهندو آهي.

پونہر جي موقعي تي سنڌوءَ جي منهن وٽ سمنڊ جو چاڑهه نَوَ فوٽ هوندو آهي. ويرن ۾ ڏاڍي شدت هوندي آهي. منجهس ڪُن پيدا ٿي پوندا آهن. خاص طور تي اها حالت سمنڊ جي پرسان هوندي آهي، جتي ويرِ ڪنارن کي پل ڪن ۾ ٻوڙي ڇڏيندي آهي تہ ساڳئي وقت اڪ۔چنپ ۾ ڪنارا ڇڏي ويندي آهي. اهڙين حالتن ۾ لنگر هٽڻ خطري کان خالي ڪونہ هوندو آهي. اهڙي صورت حال ۾ سنڌوءَ جو منهن اُڀ چڙو هوندو آهي. ٽوري ويسلائي ڪبي تہ جهٽ ڪن ۾ ڏسبو تہ ٻيڙو خشڪ واريءَ تي بيٺل هوندو. سامونڊي ويرِ کي مٿي سنڌوءَ ۾ پنجهتر ميل تائين محسوس ڪري سگهبو آهي، يعني ٽُٽي کان 25 ميل هيٺ.

دنيا جي اندر سنڌوءَ جي منهن واري علائقي جهڙو خطرناڪ ٻيو خطو ڪونہ آهي. سمنڊ جون ويرون ننڍن ڪنارن مٿان اڇتي نڪري ويندين آهن ۽ سڄو ملڪ جيڪو ٻوڙن جي اوپڙ سان پريل ۽ وڻ۔ڪان بلڪل خالي هوندو آهي سو ڏيڻ نهار تائين پاڻيءَ سان پرجي ويندو آهي. بدقسمتيءَ سان جيڪڏهن ڪو ٻيڙو اچي هن ڪناري سان لڳندو آهي تہ ٻن ويرن جو پاڻي ڪيس پوري ڇڏيندو آهي. پوءِ وڏي کا امداد ئي مٿس لڏيل وَکرَ بچائي سگهي ٿي، نہ تہ مڙوئي خير. اسان کي اهڙي ثابتي هڪ بدقسمت ٻيڙي مان ملي، جيڪو اسان جي ٻر ۾ اچي قائو هو. ان مشڪلات ۾ واڌارو وري هتان جا حڪمران ٻہ ڪن ٿا. سنڌن هڪ ظالمانہ قانون بنايل آهي تہ جيڪا ٻہ شيءِ اچي سنڌن سامونڊي ڪناري سان لڳندي آهي تہ اها سنڌن ملڪيت ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن ڪو ٻيڙو طوفان کان توائي ٿي يا موسم جي خرابيءَ کان سنڌن بندر ۾ هليو آيو تہ ضبط ڪيو ويندو آهي.

سنڌ جو مکيہ سامونڊي بندر ڪراچي آهي. سندس اهميت تڏهن اڃا ٻہ وڌندي جڏهن سنڌوءَ جا منهن ٻہ ساڳئي حڪمران جي هٿ ۾ هوندا ۽ اهو سمجهائڻ ٻہ سولو آهي۔ ڪراچي سنڌوءَ جي صفا اولهائين منهن 'پٽيءَ' کان فقط 14 ميل جي مفاصلي تي آهي. اتي سامان جي لاهہ چاڑهہ ۾ ايتري تڪليف ڪانہ ٿيندي آهي، جيتري تراڪڙين ٻيڙين ۾ سامان ڪٽي درياه رستي ڏاراجي ۽ شاهہ بندر پهچڻ ۾ ٿئي ٿي. ڪراچي بندر پنهنجو درآمدي سامان سنڌ جي اندرين علاقن ۾ سولائي سان اماڻي سگهي ٿو. چاڪاڻ تہ ڪراچيءَ ۽ ٽُٽي جي وچ تي آمدرفت لاءِ هڪ سئو رستو موجود آهي. ڪراچي بندر تي ٻيڙين ۾ بار لڏڻ ٻہ هڪ بندر کان ٻئي بندر تائين تراڪڙين ٻيڙين ۾ سامان لڏڻ لاءِ بلڪل سهنجو آهي. ڪراچيءَ کان خشڪيءَ رستي ٽُٽو فقط 60 ميل آهي، ۽ ورن وڪڻن واري درياهي بندرن کان وڌيڪ سهوليتن وارو هوندو آهي. درياهي بندرن کي جهازران يا ٻيڙائت ڇڏي ٻہ ويندا آهن. ڪراچيءَ تي سنڌين جي قبضي کان اڳ سنڌ جو سارو برآمدي مال ڇوڙ وارن علائقن مان ٻاهر ويندو هو. ڪراچيءَ کان پوءِ سڀ قيمتي شيون

خشڪيءَ رستي ڪراچي مان چڙهن ٿيون. مُارواڙ جو آفير هيڙين ۾ ڪونہ چاڙهيو ويندو آهي. سنڌو پار ڪري خشڪيءَ رستي ڪراچيءَ پهچائي اتان لڏيو وڃي ٿو.

سنڌوءَ جون هيڙيون بہ ڏيان لهڻ ٿيون. ڪراچيءَ يا ملڪ جي ٻين بندرن تي دنگيون يا ساموندي هيڙيون سؤ ڪن بہ ڪونہ ٿيندیون. هن هيڙين جي جوڙڻ جو نمونو بہ جدا آهي. پٺهنجي طرز ۾ نوڪدار ۽ سندن پاڇيل مٿي اوچي ٿئي ٿي. اهڙيون ڳهيون هيڙيون سمنڊ ڪان مٿي درياه ۾ ڏکيون چڙهنديون آهن، تنهن ڪري ڪراچي بندر تي ئي ٻيٹيون رهنديون آهن ۽ اتان ڪان مسقط، بمبئي ۽ ملبار جي ڪنارن تائين پيون سامان ڏوئيندیون آهن. اهي توبون وغيره ڪونہ ڪنديون آهن. سنڌوءَ جي منهن ۾ وري ننڍيون دنگيون استعمال ڪيون وڃن ٿيون. اهي ڳهڻو ڪري مڇي مارڻ ۾ بہ ڪتب اچن ٿيون. اهي سڀيون ساموندي هيڙيون آهن ۽ سفر ڪرڻ ۾ ڏاڍيون تيز آهن. سنڌوءَ جي منهن ۾ مڇي ڏاڍي مرندي آهي. هتان جا مهاڻا هن فن ۾ ڏاڍا پڙ آهن، ۽ مڇيءَ جو واپار هتي جام هلي ٿو.

سنڌوءَ رستي آمدرفت سندس منهن وٽان شروع ٿئي ٿي ۽ تراڪڙن ترن وارين هيڙين يعني ٻوندين معرفت هلي ٿي. اهي وڏيون هڇ ڪري تکڙيون موڙي نہ ٿيون سگهجن. ۽ پنجاه ٽن وزن ڪان.وڌيڪ بار ڪٽي ڪونہ سگهنديون آهن. پنجاه ٽن وزن ڪان پوءِ بہ ڇار فوٽ ڪن پاڻيءَ ۾ مس هڏي ٻيهنديون آهن. ڪوها بہ هوندا اٽن. هڪ اڳيان ٻيو پٺيان. اڳ وارو ڪوهو وڏو هوندو آهي. انڪهن پٺيان سڙهه چاڙهيندا آهن. ڪنهن حادثي روڪڻ واسطي سڙهن جو استعمال ڪجه گهٽ ڪندا آهن. اڳيون سڙهه ٽڪنڊو هوندو آهي. پاڇيل وارو همچورس ۽ تمام وڏو. هوندو آهي. هن سڙهن جي مدد سان جيڪڏهن واءُ سٽائو آهي تہ ڪلاڪ ۾ ٽي ميل سفر ڪري سگهجي ٿو.

اسان سمنڊ ڪان ٻڌي پنجن ڏينهن ۾ اچيَ پهتاسون. جڏهن هواءِ ٻُڌ هوندي آهيَ تہ هڏن سان وڄه هلائي هيڙي اوپاري هلائي ويندي آهي. زمين تان ڏيڍ ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هيڙيءَ کي ڇڪي سگهجي ٿو. سڙهن کي کوهن جي چوٽيءَ ۾ سڀيءَ رفتار لاءِ هڏو ويندو آهي. سکان انگريزي 'P' اکر جهڙو هوندو آهي. وڏن هيڙن کي پاسن وارن ورتن جي مدد سان ضابطي هيٺ رکيو ويندو آهي. ٻوندِيءَ ۾ سکان کي پنهنجي.جدا حيثيت آهي، انهن هيڙين ۾ ڏکو اولو هوندو آهي، جنهن کي.ملاح اڳتي ۽ پوئتي پاڻي مان واري سان مٿي ڪيي هلائيندو آهي. ٻوندِيءَ کي فقط اولي سان هاڪارڻ بہ ممڪن هوندو آهي ۽ هن جي مدد سان مختلف پٽڻن ڪان لنگهي سگهبو آهي. جڏهن هيڙي لهنواري هلندي آهي تہ هن اولي جي وري بہ ضرورت محسوس ٿيندي آهي. اولي کي چؤطرف ڦيرو ڏئي استعمال ڪبو آهي تہ جيئن موڪرو پاسو پاڻيءَ جي لهنواري رخ تي ٿئي. لهنواري

هاڪارڻ وقت سڙهه استعمال ڪرڻ ڪيا ويندا آهن ۽ سڪان کي به هڪ جائتو ڪري رکي چڏبو آهي.

هن ہيڙين کي هاڪارڻ جو نمونو هوبهو چين جي جنڪ Junk ہيڙين جيان آهي. سنڌي ٻوڌين جي ٻيڱه 80 فوٽ ۽ ويڪر 18 فوٽ ٿئي ٿي. شڪل شبيه جهاز وانگي اٿس. پاڇيل اُپي ۽ آڳل لهنواري اٿس. هن.جو ڪٽنو ٻنهين طرفن لهنواري طرز تي آهي ته جيئن پاڻي ان کي.روڪي نه سگهي. ڏسڻ ۾ ڇڻ ته ترندڙ گهر ٻيا نظر ايندا. ڇاڪاڻ ته ہيڙائٽ پنهنجي سڄي گهراڻي، ڪڙ ڪانو ۽ ٻڪري ٻڪريءَ سان گڏ سفر ڪندا آهن. سنڌوءَ جون سڀ ہيڙيون ٻوءِ ننڍيون هجن يا وڏيون گهرن مثل هوندين آهن. ٻوڌيءَ کي هاڪارڻ ۾ ہيڙائٽ تانگهي پاڻيءَ کي وڌيڪ پسند ڪندا آهن ۽ پاڻي جي وڏين چولين کان لنوائيندا آهن.

سنڌوءَ جي منهن واري جاءِ جي احوال مان معلوم ٿيندو ته ڪنهن خاص ماپ جي آڪٻوٽن لاءِ سمنڊ مان سنڌوءَ ۾ چڙهڻ ممڪن آهي. پر مان اهو پوري يقين سان چئي سگهان ٿو ته ڪلي ہيڙي سنڌوءَ مان سلامتيءَ سان ڪڍهن به سفر ڪاڻ ڪري سگهندي. تراڪڙي تري وارين ہيڙين لاءِ هتي جاءِ آهي، ڪين ڪنهن جوکي جو خطرو ڪونه آهي. باقي ٻئي طرز تي جوڙيل ہيڙيون هن درياه جي دم دهشت ۽ لهرين جي لپيٽ ۾ نهي ڪونه سگهنديون. پوري ويساه سان آڪٻوٽن ۽ سنڌوءَ ۾ موجود ٻوڌين کي استعمال ڪري سگهجي ٿو. سنڌ ۾ ڪوٽلي جون ڪاٽيون موجود ڪونه آهن. تنهن ڪري پرسان بيٺل گهاٽن جهنگن جي ڪاٺ کي ان مقصد واسطي استعمال ڪري سگهجي ٿو. جن سان سنڌوءَ جون ڪنڌيون ڪنارا جنجهيا پيا آهن. آمريڪا ۾ ساڳي مقصد لاءِ ڪاٺ استعمال ڪيو ويندو آهي. لاڙ واري حصي ۾ اهڙي قسم جي ڪاٺ جي ڪمي ڪانه آهي.

مان سنڌوءَ ۾ آڪٻوٽ جي هاڪارڻ جو اشارو ان ڪري ڪيو آهي جو اهو اسان جي مفادن وٽان آهي. جيڪڏهن سنڌ خلاف ڪو حملو ڪيو وڃي ته ٻڌي کان سمنڊ تائين، سنڌو فوجي مهم لاءِ گهٽ لاڀ واري ٿيندي. عملي طور اهو ناممڪن آهي، جو چوڙ واري علائقي مان مختلف قاٽن ذريعي فوج کي مٿي وٺي اچجي. اهو به ممڪن ڪونه آهي جو سنڌوءَ جي ٻوڌين رستي لشڪر مٿي ڪيي اچجي. ڇاڪاڻ ته حيدرآباد کان هيٺان تعداد هڪ سو کان مٿي ڪونه ٿيندو. باربرداريءَ لاءِ سندس انگ تمام ٿورو آهي ۽ وڏي ۾ وڏي ہيڙي پيادل فوج جي هڪ ڪمپني به کڻي ڪانه سگهندي. سنڌ جي نازڪ جاءِ ڪراچي آهي. جيڪڏهن سنڌ تي قبضو ڪرڻو آهي ته ڪراچيءَ تي ضابطو رکو. هتي اسان شهر جي ٻنهي طرفن کان لهي سگهون ٿا. اوپر- ڏکڻ طرف واري گذري واري کاڙي طرف کان ته اڳ ۾ اشارو ملي چڪو آهي.(1) جيڪا ڪنهن خاص نقطئ

(1) By Mr. Crow

نگاه کان اهم جڳهه آهي ۽ مان به انڪري دل جي گهرائيءَ سان پٽيرائي ڪريان ٿو. فوج ان جڳهه جي پرپاسي ۾ پنهنجي لهڻ لاءِ جاءِ بٽائي وجهندي. خشڪي جي حملي واسطي ڪچ کان ٿر ذريعي پياليارين وارو رستو مفيد رهندو.

بهرحال مان، انگريز طرفان هندستان مان سنڌ تي حملي لاءِ، سنڌوءَ جي منهن کي استعمال ڪرڻ مناسب ڪونه ٿو سمجهان. مون کي ائين نه سمجهيو وڃي ته آءٌ اهڙي قسم جون روڪون ۽ رندڪون ٻڌائي جنگ کان ڀيڄاري رهيو آهيان ته هندستان طرفان سنڌ تي حملو نه ڪيو وڃي.

سنڌ جي هن هيٺئين پاڳي ۾ فوج جي کاڌ خوراڪ واسطي منهنجي معلومات وڌيڪ لاڀائتي ٿيندي. اناج، چانور ۽ باجهري جي هتي سڪر سٽائي آهي. ملت ۽ گهٽي آهي. سڳڀان جانور ۽ ريڍون دنبا ۽ عام جام ملن ٿا. ويءَ ولهار ايڏا جام ڪونه آهن. پر سمنڊ جي وڃڻ پاسن ۾ ججها آهن. سپ ڳوڙ جٽڪ نندڙيون وسندیون آهن. ڏاراجي، لاهري ۽ شاه بندر، جيڪي نقشن ۾ ڏيکاريا ويا آهن سي اهم جايون آهن، تن جي آدمشماري 2000 ماڻهن کان وڌيڪ ڪانه آهي. پهرين ٻن شهرن جي آدمشماري ته انهيءَ کان به گهٽ آهي. ٻڌي کان هيٺ 10 ڳوڙ اهڙا آهن، جن جي آدمشماري 100 ماڻهو به کانه ٿيندي. اُٽن جو انگ تمام ججهو ملندو. گهوڙا به چڱي انگ ۾ ملندا. پر سندن قد لاٿيرو آهي. باقي اٺ پلا آهن. مينهون به جام آهن. گه مڪ به جام آهي. درياه مڇيءَ سان ٽُپ لڳا پيا آهن.

هن علائقي ۾ ساموندي ڪناري سان ماڻهو جام آهن. جيڪي سانگي طرز جي زندگي گهارن ٿا. سندن واندیون ڪائي ڏسڻ ۾ ايندیون. درياه جي مُنهن وٽ آباد ڳوٺن جي ماڻهن کي پيڙ جي پاڻيءَ جي قلت جو مسئلو درپيش هوندو آهي. اهي پاڻ ۽ پنهنجي جانورن لاءِ پري کان پاڻي آڻيندا آهن. 'گوڙا' منهن جا ڪنارا اهڙي آپدا کان آجا آهن. ماڻهو گهٽو ڪري سانگي آهن. اڄ هتي سياڻي هُتي مال جي ڪيو. وٽن رات ڏينهن رلندا ڦرندا. جيتوڻيڪ سنڌو فصل آباد ڪرڻ واسطي هر قسم جون سهوليتون ميسر ڪري ٿي، پر ٻڌي کان هيٺان پليءَ ۽ زرخيز زمين جو ڇوٽون حصو به آباد نه آهي. ان کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪنهن به قسم جو توجه ڪونه ٿو ڏنو وڃي. باقي اتي لوڻ جا گهاٽا جهنگ سو جام بيٺا آهن.

سنڌوءَ جي ڇوڙ وارو علائقو

مصر ملڪ لاءِ هيروڊوٽس جو قول آهي تہ: "هي ملڪ نيل نديءَ جي سوکڙي آهي." اها ڇواڻي سنڌوءَ جي مُنهن واري علائقي لاءِ هوبهو ٺهڪي اچي ٿي. درياه جي ڪنارن تي مشتمل هڪ حصو آهي، جنهن ۾ واري سان هڪ ٻئي جي پٽيان لٽاشي ۾ چيڪي مٽي ۽ واري جا پور-وچونٽا تہ آهن. ڏرتيءَ جو اهو ٽڪرو جڏ درياه، سمنڊ کي پوئتي ڏڪي هٽ ڪيو آهي. درياه کي ان جدوجهد ۾ ڪو وقت ضرور لڳو هوندو. مان اها ڳالهہ پڪ سان چئي نہ ٿوسگهان تہ ڇوڙ وارو علائقو سنڌوءَ جڏ سمنڊ کان کسي ورتو آهي. اهو صاف ظاهر آهي تہ ڏرتي سمنڊ ڏانهن گهٽو وڌي آئي آهي. هن حقيقت جي ٻي کاٻ ثابتي پٽيرائي کانہ ٿي ڪري، سواءِ هن جي تہ سنڌوءَ جي مُنهن وٽ سمنڊ جو پاڻي تانگهو. تري ۾ چيڪي مٽي ۽ پاڻي جو رنگ لڙياڻو هوندو آهي.

ٿٽي وارو علائقو ڇوڙ واري خطي جو مٿيون پاڳو آهي ۽ چاڙهہ جي موسم ۾ اتل کان گهٽو متاثر ٿيندو آهي. درياه جا قاتَ ۽ واهڙ ايترا تہ گهٽا آهن جو علائقو سجو ٻوڏ جي پاڻيءَ هيٺان اچي ويندو آهي. جن علائقن ۾ هن اتفاقي ٻوڏ جو پاڻي نہ پهچندو آهي. اتي چار قوتَ ويڪريون ۽ ٽي قوتَ اونهيون واهيون کوٽي پاڻي زمين تائين پهچايو ويندو آهي. چاڙهہ جي موسم اپريل جي آخر ۾ شروع ٿيندي آهي ۽ جولاءِ تائين وڌندي رهندي آهي ۽ سيپٽمبر ۾ گهٽجي ويندي آهي. چيو ويندو آهي تہ اتر جي واءُ ان کي وڌيڪ چاڙهہ ڏياريندي آهي. چاڙهہ جي موسم مينهن پوڻ کان اڳ همالين ۾ برف رجڻ سان شروع ٿيندي آهي. ٻيءَ موسم ۾ آبادي نارن تي ڪئي وڃي ٿي ۽ نارن ۾ عام طور تي اٺ يا ڏاڍ جوٽيا ويندا آهن. ڇوڙ واري خطي جو اٽون حصو قاٽن واهڙن ۽ ريٽين جي والار هيٺ اچي ويو آهي. سمنڊ کان وٺي مٽي ڏهہ ميل ايراضيءَ ۾ ايتري تہ رقم ٻوٽي Furze جي اوپڙ آهي، جو زمين آباد ڪري ئي کانہ ٿي سگهجي. سمنڊ جي ڪناري جي وٽ پاسي ۾ وي ولهار آهن، جائي پٽارو ماهيو مال پيو ساول ۾ چرندو آهي. جن مان پاڻين کي گهہ مکڻ تہ جام ملي، پر ويچارن کي مٽي پاڻيءَ جو ڏڪ آهي، جو پنهنجي پاڻ ۽ مال لاءِ کوهن تان پاڻي آڻين.

علائقي جي جنهن حد تائين هن ڏنارڪي نسل جو ماڻهو رهي ٿو، ايستائين ڪي پڪا ڳوٺ ٻڌل ڏسڻ ۾ ڪونه ايندا. ڏاراجي، وڪر، شاه بندر ۽ مغل پين يا هڪ به هين ڳوٺن کان سواءِ ماڻهو سانگ ڪن ۽ واندين ۾ رهن، جن کي پنهنجي هوليءَ ۾ راج Raj چون. مال جي جوءِ جي آڏار تي پيهون اڏن ۽ ڀاهن. سندن پيهون ۽ پکا ڪاڻن ۽ پلال جي ٺهيل ٿُڻن سان جوڙي راس ٿين. هر گهر جي چوڌاري گند گاهن جو وانگاڙو ڦيرن ته جيئن ان علائقي جي ماڪ ۽ ڏڌيءَ واءُ کان بچاءُ ٿي سگهي، جيڪي انساني هَڏَ سجي لاءِ وڻاه آهن. هي اهي گهر آهن جن جو نير ڪوس به ذڪر ڪيو آهي. مون کي ويساه آهي ته اهي گهر سنڌوءَ جي ساڃاه به آهن. هندستان جي بازيگرن جا گهر به هن جهڙا آهن.

هن قسم جو علائقو جتي ماڻهو سانگي هجن ۽ ايراضي وسيع هجي ته اهو اندازو لائڻ ڪجه ڏکيو آهي ته منجهس حقيقي آدم شماري ڪيتري هوندي. ٻڌي جي شهر کان سواءِ اهڙيون پيهون پکا ته جاڻي ڪاڻي جام پيا ڏسبا آهن. چوڙ واري علائقي جي آدمشماري ڪنهن به ريت 30,000 کان گهٽ ڪانه ٿيندي. هن مان ٽئين حصي تي انهن ماڻهن جو انگ آهي، جيڪي پکن شهرن ۾ رهن ٿا. هيءَ آدمشماري في هم چورس ميل تي ساڍين ستن ماڻهوءَ جو انگ ٻڌائي ٿي.

سنڌوءَ جي هن چوڙ واري علائقي ۾ سانگي ماڻهو گهٽو ڪري سيءِ جت آهن. اهي ماڻهو هن علائقي جا اصلوڪا باشندا آهن. مسلمانن ۾ هيءُ نسل ڏاڍو وهمن ۽ وسوسن جو ويساه وسوڙل ماڻهو آهي ۽ جاهل آهي. سنڌوءَ جي مختلف قائن واهڻن جي ڪنڌين ۽ ڪنارن سان سنڌ جا مهاڻا آباد آهن. اهي پنجاب جي ندين تان لڏپلاڻ ڪري هتي پهتا آهن. هاڻي ڪين هيڙين هلائڻ ۽ سمنڊ جي مڇي مارڻ لاءِ رکيو ويو آهي. هتي هڪ ٻيو قبيلو لباڻي جي نالي سان به آهي، هي ماڻهو پترون ۽ تڏا جوڙيندا آهن. اهي ماڻهو جانورن جو شڪار به ڪندا آهن. هتان جا ماڻهو هن قبيلي جي گهٽي عزت ڪانه ڪندا آهن. جوڪيا يا جڪريا قبيلي جا ماڻهو به هتي رهندا آهن. ڪراچيءَ وارو جابلو علائقو سندن وطن آهي. پر سندن انگ ايترو گهٽو ڪونه آهي. سندن ڪن سردارن کي زمين به ڏني وئي آهي. ڪي بلوچ قبيلا به آباد آهن. مستقل آبادييءَ ۾ سندن ڳاڻاٽو گهٽ آهي. شهرن جي مستقل آدمشماري هندن تي مشتمل آهي. سندن ڏنڊو تجارت آهي. سنڌ جو ڏيساوري توڙي اندروني واپار سندن هٿ ۾ آهي. هندستان ۾ رهندڙ هندو برادري سان هڪ جهڙائي رکن ٿا.

جوڪيا قبيلي تي وڌيڪ تبصري جي ضرورت آهي. هي سما راجپوتن جي اولاد مان آهن. جن ڪنهن زماني ۾ سنڌ تي حڪومت ڪئي آهي. جڏهن هتي هندو سياسي طور تمام گهٽو ڏهجي ويا ته هو هندن مان مسلمان ٿيا هئا ۽ پاڻ تي ايڏا به هندو نالا رکندا اڃن ۽ پنهنجو ويجهو رت جو رشتو ڪڇ جي جاڙيجن سان جوڙيندا آهن. سندن رهائش جو تعلق سنڌوءَ جي اولاد ڪناري واري جابلو علائقي

سان آهي. ڳڙ ۾ ٽورا آهن، حڪومت کين گهٽي اهميت ڪانه ٿي ڏئي. سندن 2000 جنگي جوڌا ميدان ۾ لهي سگهن ٿا.

سنڌوءَ يا سندس مختلف منهن ۾ مڇي ڏاڍي مرندي آهي. مڇي گهٽ ڪري ڪُنديءَ يا هين ڪيترن طريقن سان ماري ويندي آهي. 'ڪجوري' Kujjooree نالي سان هڪ ڇڪي ذائقي واري سوادي مڇي هوندي آهي. سندس ڪنيڙاٽيون ننڍڙي ماگر مڇ Small Shark جهڙيون ٽيندیون آهن ۽ اها چين ملڪ ڏانهن برآمد ڪئي ويندي آهي. اهڙيءَ ريت مٿي پاڻيءَ جي مڇي به جام مرندي آهي، جن مان پلو تمام مشهور آهي. هي ڪڇي Carp جي قسم جي هڪ مڇي آهي. درياه ۾ چار مهينا رهندي آهي ۽ درياه جي چاڙه وقت سمنڊ مان مٿي چڙهندي آهي. هيو مشهور قسم سينگاري آهي. وزن ۾ Haddock جيتري هوندي آهي ۽ هتي جام مرندي آهي. سمنڊ جي ويرِ چڙهڻ وقت جهاز هيٺان ڏيڏر جهڙو آواز ڪندي آهي، سندس مٿو وڏو، ۽ جسم هڏائون ٿئي ٿو. هي مڇيون اوڀ هندستان جي سيني درياهن ۾ ملن ٿيون ۽ خاص سنڌوءَ سان واسطو ڪونہ ٿيون رکن.

مون کي خبر نہ آهي تہ هن ڇوڙ واري علائقي ۾ خاص جانور کڻڙا رهندا آهن. لڙڻ تہ تمام گهٽا آهن. انہن جو تہ ڪو شمار ئي ڪونهي. پلا ۽ واہ جو آهن. مينهون ۽ جام پاليون وڃن ٿيون. سگهاڙو جانور يا ريڇون ۽ تمام گهٽيون آهن. هتي ڪتا ۽ پاليا وڃن ٿا. ڪتو مالڪ جو سڏو خدمتگار آهي. ڏڻ جي واهت ڪن ٿا. خطرناڪ ۽ آهن ۽ ڪڏهن ڏاڙئي کي ڇوٽ جي ويجهو وڃڻ ڪونہ ڇڏيندا آهن ۽ اهي وڏي مهارت سان درياہ ۾ تري ويندا آهن. جن جا گهٽائي قسم ٿيندا آهن.

هن علائقي جي مک پيداوار جانور آهي، جن جا گهٽائي قسم ٿيندا آهن پر سندس اڳه وڪري جي لاءِ تياريءَ تي مدار رکي ٿو. هاجهري ۽ هندستان جا هيا اناج هتي جامز ٿيندا آهن. ڪمند جي گهٽيءَ پوک مان گهڻ قسم جي ڪنڊ تيار ڪئي ويندي آهي. جنهن کي 'ڳڙ' چيو ويندو آهي.(1) درياهن کي ڪاڻي واه ڪسيون ڪٽي زمين ۾ پاڻي پهچائي جوَ ۽ مُڱ ۽ ڪاهيا ويندا آهن. پر اهي چاڙه جي رُت کان اڳ راهيا ويندا آهن ۽ انهن کي آڏاوان فصل ڪري سڏيو ويندو آهي. ڇوڙ واري علائقي مان شورو پڻ ملي ٿو. پر هاڻي اهو برآمد ڪونہ ڪيو وڃي ٿو. اڳي اهو مال ايسٽ انديا ڪمپني خريد ڪندي هئي.

ڏکڻ سنڌ جي آبهوا لوٽيائي ۽ اڻ وٽندڙ آهي. مارچ مهيني ۾ ٿرمامينٽر 90 ڊگريون گرمي ڏيکاري ٿو. زمين لٽاشي ۽ ڏاڍي پلي آهي. ڏوڙ جا ڏوڙيا ۽ جام هوندا آهن.

---

(1) ڪمند مان سائي ڪنڊ، ڳڙ ۽ مُستي (مٺائي) تيار ڪئي ويندي آهي. (سنڌيڪار)

ماڪ تمام گهٽي پوندي آهي، جيڪا صحت لاءِ هاڃيڪار آهي. هي غلائقو جڏ انسانن جي عذاب لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي. ان جو هن ڳالهه مان پتو پوي ٿو ته هتان جا رهاڪو پنهنجي عمر کان اڳي ئي ڪرڙا ٿي ويندا آهن. مون ڪوٺ ٻڌو آهي ته ڪنهن کي ڪو مليريا جو بخار ٿيو يا ٻوڌ کان پوءِ هتي ڪا وبائي بيماري پئي. اهي سمورا ڏک سور صبر سان سهندا رهن ٿا. ڪٽمل (مونگهڻ) ۽ مڇرن جي آزار ٿي ٿورو چڙي پوندا آهن.

ٺٽي کان حيدرآباد تائين سنڌوءَ جو احوال

ٺٽي جو شهر درياه کان ٽي ميل پري ٽيندو. هتان سنڌو ڪيترن ڳاٽن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. سندس ساڄي ڪناري سان جابلو علائقو شروع ٿئي ٿو. کاهي طرف تي 'پڇياري' نالي سندس شاخ آهي. جڏهن اٽل جي پاڻي جو وڏو وهڪرو هن شاخ منجهان سمنڊ ۾ وهندو آهي تہ مغل ڪين وٺان هِيءُ ڳالهہ ٻڌين جي هاڪارڙ لائق ٻڌجي ويندو آهي. هونءَ نہ تہ عام طرح هن ڳالهہ جي ويڪر اڌ ميل آهي. حيدرآباد وٽ سنڌوءَ جي ويڪر 830 گز ۽ ٺٽي وٽ 700 گز آهي. ٺٽي کان 15 ميل پري 'هيلايا' ڳوٺ وٽ 600 گز ويڪر اٽس. وڏي ۾ وڏي اونهائي، دارالسلطنت جي سامهون آهي. اتي پاڻيءَ جي ماپ 15 فوٽ ٻيهي ٽي. عام ريت پاڻي جي اونهائي 20 فوٽ آهي.

سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾ درياه جا ڪنارا وارياسا ڪونہ آهن. ٺٽي کان وٺي حيدرآباد تائين صورتحال اها آهي. عام طرح ڪنارا ايڪپرن بجاءِ لهنوارا آهن. اونهي وهڪري کي ڳولهي لهڻ ۾ جڏ ڏکيائي پئي محسوس ٿيندي، اها ڳاله ٻيڙائتن کي ۽ منجهائي پريشان ڪري ڇڏي ٻي. گهٽ ڪري انهن وارياسن ڪنارن تي ٻني ٻوڙ پاڻي هوندو آهي.

پاڻيءَ جي وهڪري ڪري پيا پنهنجون جايون بدلائيندا آهن. سمنڊ جي پرسان درياهي وهڪري جي رفتار گهٽجي ويندي آهي. تنهن ڪري درياه واريءَ کي مٽي اڇلي ڪونہ سگهندو آهي. ڪن هنڌن تي اها واري ڳڏ ٿي ٻيٽاريون بنجي وئي آهي، ۽ اتان ڳاٽ ٻن شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. انهن مان هڪ نہ هڪ ضرور جهازراني جي لائق ٿي سگهي ٿو. اهڙي قسم جي ڳاٽن ۽ واهڙن جي ورهاست ڪي نقشن ۾ ڏيکاريو ويو آهي. انهن ڳاٽن متعلق منهنجو بيان اهو آهي تہ پڇياري ڳاٽ کان سواءِ ان جاءِ تي ٻئي ڪنهن جو ۽ وجود ڪونہ آهي. چاڙهہ جي زماني ۾ ٽريڪل Triccul نالي هڪ واهڙ ڪليلي ڳاٽ مان نڪرندو آهي، جيڪو چوڌاري گهيرو ڪري حيدرآباد شهر کي ٻيٽ بڻائي ڇڏيندو آهي.

خشڪيءَ رستي ٺٽي ۽ حيدرآباد ۾ فاصلو پنجاه ميلن کان گهٽ ٿيندو. درياه جا ور وڪڙ ان پنڌ کي گهٽائي ڪونہ ٿا وڌائن. مان سمجهان ٿو تہ درياهي سفر

ذريعي. اهو فاصلو پنجهٺ ميل کن بيهندو. جهڑڪ شهر کان پوءِ درياه ڏکڻ- اولهه طرف پر اچا ٻه الهندي طرف تي موڙ ڪائي، هڪ وڏڙ کان پوءِ سڌو ٿي مغل ٻين ڏانهن لاڙو کائي وڃي ٿو. اسان ٽئين کان جهڑڪ شهر تائين، هن ڏينهن ۾ سفر پورو ڪيو هو.

ٽئين ۽ دارالسلطنت (حيدرآباد) ڄي وچ تي 12 کن شهر آهن. انهن سيني مان اهم شهر جهڑڪ آهي، پر ان جي آبادي ٻه 15000 ڪاڻ ٿيندي. انهن سيني شهرن مان ڪوبه قلعبند شهر ڪونه آهي.

زمين جو هيءُ علائقو دنيا جي زرخيز ۽ پلڻيءَ زمين مان هڪ آهي، پر غيرآباد پيو آهي. شڪار گاهَن پٽيان شڪار گاهه ڇڏيا ويا آهن ۽ فصلن کاهڻ لاءِ جريب زمين جو ٻه واندو ڇڏيل ڪونه آهي. شڪار گاهَن جي چوڌاري لوڙها ڏنل آهن، جيڪي سنڌوءَ جي ڪناري سان اچي لڳن ٿا. شڪار گاهَن جا اندريان پاسا گهاٽن جهنگلن سان پريل آهن، جن ۾ لوا، ٻهر ۽ ٻيا وڻ ٻيٽا آهن، جيڪي قد جا نندڙا ۽ ڪَنڊن وارا آهن. اهي وڻ ڪٽڻ جي ڪنهن کي ٻه اجازت ڪانه آهي. تنهن ڪري سنڌوءَ جا ڪنارا گهاٽي جهنگ سان چانٽيا ۽ ڍڪيا پيا آهن. دشمن ملڪ ۾ هجڻ ڪري پاڻي رستي فوجي مهم دوران منجهن لشڪر ويهاري اسان جي انگريزي فوجن کي پريشان ڪري سگهجي ٿو. هن علائقي مان گذرندڙ رستا ٻه هن جهنگلن جي پرسان ۽ پنهنجي لحاظ کان مضبوط آهن.

سنڌ جي هن زرخيز علائقي ڏانهن ڪوبه توجه ڪونه ڏنو ويو آهي. پر پوءِ هتي اناج وغيره سستو ملي وڃي ٿو. ٽئين ۽ حيدرآباد سنڌ جا پراڻا ۽ نوان دارالسلطنت آهن.

ٽئين جي باغن ۾ زمين جي سٽي پيداوار زمين جي پلي هجڻ جو ثبوت آهي. هتي انگور، انجير ڏاڙهون ڏاڍا سٺا ٿين ٿا. صوفن جا وڻ ٻه جامَ آهن. ان جو ميوو نندڙو آهي. پر حيدرآباد جي اوسي پاسي ڏاڍو گهٽو ٽئي ٿو. زمين جي آباد ٽڪرين ۾ ڪٽڪ ۽ جَون سان گڏ ٻيا فصل ٿين ٿا. ڪمند، نير ۽ تماڪ ڏاڍو پلو ٽئي ٿو. هندستان ۾ پيدا ٿيندڙ ٻيا اناج ٻه هتي پوکيا ويندا آهن. هتان جي حڪمرانن جي خواهش اها آهي ته هر شيءِ پنهنجي اصلي قطرت ۾ موجود هجڻ گهرجي ۽ ائين نه ٽئي جو سنڌ جي سرسبزي ۽ خوشحالي ڏسي پر وارن ملڪن جون حريص نگاهون منجهس ڪُپي وڃن. زراعت ۽ تجارت هتي تباه حالي جو شڪار آهي.

هن ملڪ جون اندروني واپار ٻه ڪراچيءَ کان سواءِ ڪائي ڏسٽ ۾ ڪونه ٿو اچي. سنڌوءَ جو وجود ٻه جهڙو آهي تهڙو نه آهي. ڇاڪاڻ ته منجهائنس ڪوبه لاڀائتو ڪم ڪونه ٿو ورتو وڃي. ملڪ جي چوڙ وارن علائقن ڏانهن هن رستي اناج ته موڪليو وڃي ٿو، پر سنڌوءَ مان فائدو وٺندي واپاري سامان حيدرآباد

ڏانهن ڪوڙ ٿو موڪليو وڃي. درآمدي مال ڪراچيءَ ۾ لهندو آهي. برآمدي مال ۾ قيمتي سامان مالوا جو آفيم آهي، جيڪو ڪراچيءَ جي بندر تان ٻاهر روانو ڪيو ويندو آهي. ان تي ڪُل محصول في اُٺُ 250 رپيه هوندو آهي. هن اسم تي فقط اڳئين سال جيڪو محصول اڳڙيو آهي، سو چيو وڃي ٿو تہ ست لک رپيه آهي ۽ اهو حيدرآباد جي امير جي زمين تان اڳڙيل دل جيترو آهي.

سنڌوءَ رستي ڪنهن بہ قسم جي واپاري آمدرفت جي ڪابہ اميد نظر ڪانہ ٿي اچي. هتان جي حڪمرانن کي هن قسم جي ترقي ڏانهن ڪو لاڳو ڪونہ آهي. انهن حڪمرانن مان اهڙو ڪو روشن ضمير ۽ ڪليءَ دل وارو امير نڪري پوي ۽ سمجهي تہ سنڌ جي اصل شاهوڪاري ۽ دولت سنڌين جو صنعت ۾ داخل ٿيڻ ۽ ڏساوري تجارت شروع ڪرڻ آهي. موجوده دور ۾ مون کي تہ سنڌ ۾ ڪابہ دولت نظر ڪانہ ٿي اچي. پر جيڪا ڪجه آهي ان تي سنڌ جي اميرن جو قبضو آهي ۽ ماٺهو جيڪڏهن چاهين تہ بہ يورپ جي ٻيهر شين جي خريد ڪرڻ جي منجهن طاقت ڪانہ آهي.

هن صديءَ جي شروع ۾ قصو ڪجه ابتڙ هو. جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ٻڌي جي ڪوٻيءَ معرفت تجارت ڪرڻ شروع ڪئي هئي، ان وقت هتان جا حڪمران ڪابل جي ماتحت هئا. افغانستان يا هين ملڪن ڏانهن مال جي روانگيءَ تي ڪوبہ اعتراض ڪونہ ڪندا هئا. سنڌ وارن کي ايشيا جي هڪ خطي افغانستان جي وڳوڙي وايو منڊل مان سبق سکڻ گهرجي. اسان جو اندازو آهي تہ هاڻي جيڪڏهن داني ڪابل جي تخت تي قبضو ڪري بہ وڃن، پر سنڌ جون سياسي حالتون ايتريون مضبوط آهن جو افغانستان ۾ آيل تبديلين جو اثر سنڌ تائين پهچي ڪونہ سگهندو.

موجوده دور ۾ تجارت جي لحاظ کان سنڌوءَ ۾ کي خاطرخواه هيڙيون بہ موجود ڪونہ آهن. حيدرآباد ۽ ٻڌي جي وچ تي سندن انگ پنجاه کان مٿي ڪونہ ٽپندو. انهن مان گهڻيون تہ ننڍيون ۽ مچي مارڻ جي استعمال هيٺ آهن. انهن مان جيڪي جهونيون آهن، سي پٽڻ تان پُور ڪنيو پيون آرپار اچن وڃن. ٿوري گهڻي همت افزائي کان پوءِ فوجي ۽ تجارتي اوٽاين کي دور ڪري سگهجي ٿو. سنڌ ۾ هيڙين ٽاهڻ واسطي ڪاٺ ڪونہ آهي ۽ اهڙو ڪاٺ ملبار مان آڻي هيڙيون بڻايون ويندين آهن.

حيدرآباد کان سيوهڻ تائين سفر

سيوهڻ جو شهر، سنڌوءَ جي اولهائين ڪناري کان ٻه ميل پري آهي ۽ حيدرآباد کان هڪ ڌڳري ويڪرائي ڦاڪ تي اتر طرف آهي. سنڌو اتان کان 26 ڌڳرين ۽ 22 فوٽن جي پور–وچوٽ تي گذري ٿو. اُٽ ڏينهن اوپارو هاڪاري اتي پهتاسين. حيدرآباد کان 105 ميل مفاصلو ٽيندو. درياه جي هن پاڳي جي وهڪري کي بلوچي زبان ۾ لاڙ چوندا آهن، جنهنجي معنيٰ 'ڏکڻ' آهي. هتان کان درياه ڏکڻ– ڏکڻ– اوپر ڏس تي وهندو آهي. سيوهڻ پرسان موجود ٽڪرائتي علائقي ڪري سنڌوءَ جو پاڻي ٽڪرجي پنهنجي وهڪري جو رخ ئي بدلائي ڇڏيندو آهي. هتي سندس ڪنارا هيئاهان آهن، چاڙهه جي موسم ۾ اوسي پاسي وارن علائقن تي ٻوڙان ٻوڙ لائي ڏيندو آهي. خاص طور تي اوپارئين ڪناري تي اهڙي مهرباني ڪجه گهٽي ڪندو آهي. سندس اولهائون ڪنارو جابلو آهي. جيڪو اٽ-فوٽ ڪن ٽيندو. درياه جائي ويڪرو هوندو آهي، اتي پاڻيءَ جي اونهائي گهٽجي 18 فوٽ ٿي ويندي آهي. چاڙهه جي رت ۾ 12 فوٽن جو واڌارو اچي ويندو آهي. هن جاءِ تي سندس ويڪر 1000 گز ڪن وڌيڪ آهي. حيدرآباد کان چهه-ميل مٿي سنڌو ٻه–درياهي ۾ وڏجي وڃي ٿو. هڪ شاخ پٽڻ جوڳي آهي. ٻيءَ شاخ جي ويڪر 400 گز آهي ۽ هيءَ جاءِ فوج کي پٽائڻ لاءِ موزون آهي. سيوهڻ وٽ لڳيءَ جو ٽڪرائتو علائقو سنڌوءَ جي وهڪري کي سوڙهو ڪري ٿو. اتي سندس ويڪر 500 گز مس ٽيندي، پر اونهائي چاليهارو گز ڪن اٽس. ۽ وهڪري ۾ تڪ ٻه ڏاڍي اٽس.

هن علائقي ۾ ڪليليءَ کان سواءِ سنڌو ڪناري کي پاڻي ڪائي اڇلي ڪونه ٿو ڇڏي. ڪليليءَ وارو ڦاٽ حيدرآباد کان مٽان سنڌوءَ مان ڇڇي شهر جو اوپاريون پاسو ڏيون، وهندو آهي. پر وهندو چاڙهه جي وقت آهي. جڏهن اسان حيدرآباد ۾ هئاسون تہ ڪليلي سڪل هو، سنڌوءَ کان ڇڇ واري جاءِ وٽ 100 گز موڪرو ۽ مس گوڏي جيترو هيٺ اونهون هو. ان هوندي ٻه ڇڳو خاصو ڦاٽ آهي. چاڙهه جي رت ۾ سنڌ جو وڏو پاڳو آباد ڪندو آهي. ڇيو وڃي ٿو تہ هي ڦاٽ حيدرآباد ۽ ڪڇ جي وچ تي ڪاٽي ختم ٿي ويندو آهي. اڳيان ٻاهيل نقشا سنڌوءَ متعلق غلط معلومات فراهم ڪن ٿا. ڇاڪاڻ تہ ڪي واهڙ ڪڍيا ۽ ڪسيون چاڙهه جي

ٿوري عرصي لاءِ وهي بند ٿي ويندا آهن. جن مان ڪيترين هنڌرادو ڪوٽيل واهيون ۽ آهن، جيڪي ڪيتي ڪرڻ جي ارادي سان ڪوٽي زمين تائين پهچايون ويندين آهن. سنڌو نون مهينن لاءِ فقط هڪ وهڪري جي حالت ۾ ٿئي ڪان وهندو آهي.

سنڌوءَ جي وچ سير جي رفتار ٿي ميل في ڪلاڪ جي حساب ڪان وڌيڪ ڪانه هوندي آهي. پر جن جاين تي ڪجه سوڙهي هوندي آهي تہ ڪنارا ۽ ڪنڌيون پائي ۽ ڳوٺ لوڙهي ويندي آهي. ساڄي طرف وسندڙ مانجهند ۽ آمريءَ ڪي ٻوڙي تباه ڪري ڇڏيو اٿائين. مانجهند ڪي ڪڏيل ٻارنهن سالن ۾ ڳهڻ اٽ پيرا لوڙهي ويو آهي. اتان جا رهاڪو 100 فوٽ ڪن پري مٽي وڃي پاڻي سڪڻ تائين پنهنجا ويڑها وسائيندا آهن. هالا سندس اوير ڪناري تي آهي. تنهن جي اڳل جي آپدا ٻہ ڳهڻي ڪجه سئي آهي. سنڌوءَ جو وهڪرو حيدرآباد ڪان اوله طرف آهي. جتي ڪنارا ايڪپرا آهن. ڪنڌيون تراڪڙيون ۽ وارياسيون آهن ۽ مٽن پاڻي چاڙه جي رُت ۾ چڙهندو ۽ ٻوڙي ڇڏيندو آهي. چاڙه واري موسم ۾، سنڌوءَ ڪان 8 ميل اوير طرف ڪيڏانهن وڃڻ جي جاءِ ئي ڪانه ملندي آهي ۽ سجو علائقو منجهانئس نڪتل واهڙن جو مهاڄار بڻجي ويندو آهي. هن علائقي ۾ درياهي وهڪري جي پيٽ ۾ ڪا تبديلي ڪانه آئي آهي. منهنجي معلومات مطابق لڳيءَ ڪان اوير درياه تائين پڻل علائقو اُڳل جي پاڻي سان پرجي تار ٿي ويندو آهي.

سنڌوءَ جو هيءُ پاڳو وڏي اهميت جي لائق آهي. سيوهڻ ڪان ٻہ ميل هيٺ اهي جبل درياه جي ويجهو ڪناري سان اچي لڳندا آهن. هن جبلن ۾ اهڙا ٻہ لڪ موجود آهن، جن مان ماٺهو ايندا ويندا آهن، هڪ لڪ ننڍين ٽڪرين منجهان گذري ٿو. جنهن ڪي پڳو ٽوڙهو ڪري سڏيو ويندو آهي ۽ لڪي ڳوٺ ڪان اوله پاسي تي آهي. هن ڳوٺ ڪي ٻہ هن لڪ جي ڪري سڏيو ويندو آهي ۽ لڪي ڳوٺ ڪان اوله پاسي تي آهي. هن ڳوٺ تي ٻہ هن لڪ جي ڪري اهو نالو پيو آهي. اتي ويهي ماٺهو سخت مقابلو ڪري سگهي ٿو. پر هن رستي سان توپون اڇي ڪونہ سگهنديون. ٻيو لڪ سنڌوءَ ۽ جبل جي وچ تي ۽ لڪي جبلن جي تري ۾ آهي. ٻن ميلن تائين هيءُ علائقو ڏاڍو محفوظ آهي.

مان اڳ ۾ ٻہ ذڪر ڪري آيو آهيان تہ سيوهڻ ڪان مٿان درياه سوڙهو ٿي وڃي ٿو. ساڄي طرف وارو ڪنارو ڏاڍو اهم آهي. هڪ قدرتي قسم جو پٿي پٽ جو نهرو پٿتو آهي. اوچائي 50 فوٽ اٿس ۽ سنڌوءَ جي ڪناري 400 فوٽ ڪن هلندو هلي ٿو ڪنهن ماٺهوءَ جو مٿس چڙهي وڃڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. هن ٽڪرائتي پٿي وٽان درياه ٽيز رفتاري سان وهندو آهي. ويڪر فقط 500 گز اٿس. منهنجي خيال موجب مٿس پل تيار ٿي سگهي ٿي. هن هنڌ ڪان ٿورو اتر طرف ويڪر ۾ 100 گز وٽيڪ آهن. پر پاڻي جي رفتار ماڻي آهي ۽ اها جاءِ هن

کان بہ وڌيڪ سجهائتي آهي. سيوهڻ ۾ ٽيه چاليه تراکڙن ترن واريون هيڙيون اٽيهئي موجود هونديون آهن ۽ اولهائين واريا سي ۽ لهنواري ڪناري تي لنگر هٽنديون آهن. سيوهڻ کان حيدرآباد تائين سنڌوءَ جي ٻنهيءَ ڪنارن سان ڊايا سڌا رستا ٺاهيل آهن. هتان جبل جي تري ۾ هڪ پيچرو آهي، جيڪو ڪراچي تائين هليو وڃي ٿو.

سنڌ جي اترئين پاڪي ۾ واءُ تمام گهڻ هوندو آهي. تنهن ڪري هيڙين کي چڪي يا اولي هلائي سگهبو آهي. هن طريقي وارو سفر جوکائتو گهڻ آهي. ڏينهن ۾ 15 ميل کن پنڌ هٽي سگهجي ٿو. اهو قطعي ناممڪن آهي، جو سنڌ ۾ فوجي مهم آڳبوٽ کان سواءِ اوپارو هاڪارجي ۽ ڪامياب ٿجي. جو ته هيڙين چڪ ۾ ورتون وڃي به پوندیون آهن ۽ هيڙا وهڪري جي تک حوالي به ٿي ويندا آهن. فوج جيڪڏهن سنڌوءَ جي لنهواري طرف ويندي ته معاملو ئي ابتڙ ٿي ويندو ۽ پوءِ مسئلا ۽ مشڪلاتون گهڻ آهن. تجارتي هيڙيون هن معاملي ۾ ڪم اچي ڪونه سگهنديون. سفر دوران حيدرآباد کان ونڻي سيوهڻ تائين ڇڻ ڪيم ته سندن انگ 180 کان مٿي ڪونه چڙهيو.

سيوهڻ ۽ حيدرآباد جي وچ واري علائقي موجود ڇوڻن لاءِ فقط ٻہ لفظ ڳالهائي سگهجن ٿا. انهن مان سيوهڻ سيني مان وڏو آهي. حيدرآباد کان 16 ميل پري مٽياري جو شهر آهي. آدمشماري 4000 کن اٽس. هالا، پان، مانجهند ۽ سن، هرهڪ جي آبادي 2000 کان مٿي ڪانہ آهي. هيا ٻہ ڇوٽ آهن، پر آبادي تمام گهڻ اٽن. ٽن يا چئن جا ته هڪ جهڙا نالا آهن. علائقو توجه نہ هڻ ڪري تباه حال لڳو پيو آهي. سنڌوءَ جا ڪنارا لُڻ جي گهاٽن وڻن سان ڍڪيل آهن. جبلن وارو پاسو ڪليل آهي. خشڪ موسم ۾ ڪپهه، ڪمند، نيل، ڪڻڪ، جوَ تماڪ جا فصل ڪاهي سگهجن ٿا. پر ڪيتي تمام گهڻ آهي. حيدرآباد کان ونڻي سيوهڻ تائين هڪ سو ميلن جي مفاصلي ۾ فقط 194 ڪوه ۽ درياه مان ڪوٽيل ڪسيون ڏٺيون سين. زمين ڏاڍي پلي ۽ ابادیءَ لائق هئي. ڪي ٽڪرا ڪلر جي ڪري آبادي لائق ڪونہ هئا. چاڙهہ جي رت ۾ ساريون پوکيون وڃن ٿيون. اهڙين حالتن جي باوجود بہ ڪاڌي خوراڪ سان لاڳاپيل شيون پر وارن ملڪن کان گهٽيون سستيون آهن، خاص طور تي ماروڙ کان، هتان جي ماڻهن جي مکيہ خوراڪ مڇي ۽ کير آهي.

سيوهڻ ۾ سنڌ جي هر شهر کان وڌيڪ سستائي آهي. هن علائقي جي سرسبزي ۽ خوشحالي خراسان کان آيل بزرگ لال شهباز قلندر ڪري آهي. سندس روضو هتان جي پري اوري جي هندو، مسلمان جي واسطي زيارت گاه آهي. سنڌو درياه جو اڙل نالي هڪ ڦاٽ لاڙڪاڻي سامهون سنڌوءَ مان نڪري هن شهر جو پاسو ڏئي وهندو آهي. پر سندس ذڪر ٻئي باب ۾ ايندو. چار سال اڳ سنڌو

سيوهڻ جي بلبل پرسان وهندو هو. هاڻي اتان ڇڏي ويو آهي. باقي شهر جي چوڌاري ڏينهون ڏورا جام پيا ڏسڻ ۾ اچن. سيوهڻ جي چوطرف وارو علائقو ڏاڍو زرخيز ۽ اپت اپراسي وارو آهي ۽ بازار ۾ هر شيءِ جا ڍير لڳا پيا آهن. اتر ڏانهن نگاه کبي تہ رڳو ساوڪ ئي ساوڪ نظر ايندي. جبلن جي تري تائين رڳو فصل پيا نظر ايندا توت، صوف، گدرا ۽ ونگا هتي ڏايا ٿيندا آهن. اناج جا پلا فصل ڏسي اسان تہ دنگ رهجي وياسين. اسان هتي پهريون پيرو چٹا سيوهڻ ۾ ڏٺا. گدرا سوادۑ۾ ڪجه گهٽ هئا. منهنجو خيال آهي تہ اهي پليءَ زمين جي ڪري هئا. سنڌ ۾ ونگا رڳو سيوهڻ ۾ ٿيندا آهن. آبهواءِ گرم سازيندڙ آهي ۽ ماڻهوءَ کي پاڻ ڪاڙ پوندي آهي.

سيوهڻ وٽ لکي واريون ٽڪريون، سنڌوءَ جي ڪناري پرسان اچي ٿيون لڳن. سندس شروعات ڪراچيءَ جي بندر وٽان ٿئي ٿي ۽ هوريان هوريان سنڌوءَ کي ويجهيون پونديون اچن ٿيون ۽ اچي آخر ڪناري جي صورت وٺن ٿيون. منهنجي خيال موجب هن جي جبلن جي قطار جي وڏ ۾ اوچائي، 2000 فوٽ مس ٿيندي. سندس ساخت چن جي آهي. مٿيون چوٽيون گول ۽ تراکڙيون آهن ۽ ڪاٽي بہ مخروطي شڪل تي ڏسڻ ۾ ڪونہ آيون. مٿن ڪابہ اوپڙ نظر ڪانہ ايندي. سيني ۾ پاڻيءَ جي ڪُنڊ جا نشان آهن، جيڪي سنڌوءَ ڏانهن وهندا نظر ايندا. سيوهڻ پرسان لکي ڪوٽ وٽ گرم پاڻيءَ جو چشمو آهي، جيڪو انهن جبلن تي تري مان ڦٽي نڪري ٿو ۽ اهڙي قسم جي ٽڏي چشمي جي پاڻيءَ سان ملي وڃي ٿو. گرم چشمي وٽ هندن جو تيرٿ گاه آهي ۽ هن جي پاڻيءَ کي چمڙي جي بيمارين واسطي اکسير سمجهيو ويندو آهي. جبلن جي ساڄيءَ قطار جي خاتمي وٽ، ڪراچيءَ پرسان بہ هڪ اهڙي قسم جو چشمو آهي، ٿي سگهي ٿو تہ وچ وارن حصن ۾ بہ ڪي اهڙا گرم جهرڻا موجود هجن. جبلن جي هن ئي قطار ۾، مانجهند کان 16 ميل اولهہ طرف، سنڌوءَ جي ڪناري پرسان رونا (Runna) نالي هڪ ٽڪري تي قلعو موجود آهي.(1) قديم دور سان لاڳاپيل ڪو قلعبند شهر هجي، جنهن کي گهٽي وقت کان وٺي ائين نڊٺڪو ڇڏي ڏنو ويو آهي. وڏو خرچ ڪري سنڌ جي امير هن قلعي جي مرمت ڪرائي آهي. جيستائين مون کي معلوم ٿيو آهي تہ رونا (Runna) جي قلعي ۾ ٻاهران جبلن مان پاڻي ڪونہ ٿو اچي، پر ڪوٽ جي ٻڌين جي اندران ئي چشمن مان پاڻي وهي ٿو. جنهنجو مقدار ڏاڍو ججهو آهي.

---

(1) امڪان آهي تہ اهو رني ڪوٽ جو قلعو هجي.

سيوهڙ ڪان بڪر (Bukkur) ٽائين

سنڌوءَ جو سفر

بکر جو اکيلو قلعو سکر ۽ روهڙيءَ جي وچ تي، سنڌوءَ ۾ اندر موجود هڪ ٽڪريءَ تي ٺهيل آهي. سيوهڙ ڪان هڪ ڏڪري ۽ 20 منٽن تي اتر ۾ آهي. ويڪرائي ڦاڪ 27 ڏکريون ۽ 42 منٽ اتس ۽ ڏکڻائي ڦاڪ ۾ 56 ميل اوپر آهي. درياه سان سندس فاصلو 160 ميل آهي. اسان اهو سفر نون ڏينهن ۾ پورو ڪيو. بکر ۽ سيوهڙ جي وچ تي سنڌوءَ کي سوين وڪڙ آهن. بکر ڪان سندس وهڪرو ڏکڻ- اولهه طرف آهي ۽ سيوهڙ ڪان هيٺان لڪيءَ جي ٽڪرين سان وڃي ٽڪرائجي ٿو. وچ واري علائقي ۾ ورن وڪڙن ۽ ننڍڙن ڪنارن جي ڪري پاڻي اٿلي پوندو آهي. تنهن ڪري وڻن ۽ ولهارن سان پريل ٻيٽ ۽ گاهن سان پريل ساوا ميدان نظر ايندا. جڏهن سنڌوءَ جا ٻئي ڪنارا پاڻي جو زور سهي نه سگهندا آهن ته پاڻي اٿل ڪري جاڏي ڪاڏي ڇرون ٺاهي ڇڏيندو آهي، ڏوڪيندو وڃي عمرڪوٽ تائين پهچندو آهي ۽ سنڌوءَ جي انتها تي اوپر واري ڦاٽ 'ڪوريءَ' سان وڃي ملندو آهي. جيڪو ڪچ مان لنگهي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. اهو ڦاٽ بکر ڪان مٿان سنڌوءَ مان ڇهجي چار ميل اوپر واقع قديم شهر اروڙ ڪان لنگهندو آهي.

بکر ڪان اٽڪل 25 ميل هيٺ هڪ واهڙ نڪري ٿو، جنهن کي ناري جي نالي سان سڏيندا آهن. اهو واهڙ هالار جبل جي تري وارن ڀٽن کي وڃي پسائيندو هو ۽ ڪيترا ميل سنڌوءَ سان پور وڇوٽو هلي سيوهڙ ڪان وري وڃي سنڌوءَ ۾ داخل ٿيندو آهي. ناري واه جو پاڻي هن سئينءَ سنوت واري علائقي جي پليٺ زمين واسطي خدا ڄ جي نعمت ڪان گهٽ ڪونه آهي. هن واهڙ جي اوپارئين ڪناري وارو علائقو جنهن کي هن واه مان اولهه ڪناري واري علائقي ڪان ٿورو پاڻي ملندو آهي، سو وڌيڪ آباد آهي. ننڍن واهڻ جي ڪنارن تي ڪيترائي ڳوٺ آباد آهن ۽ اهي واه پنهنجو- پاڻي سخاوت سان ونڊي ورڇي اتان جي ماڻهن جي محنت جي ڇڻ تصديق ڪندا آهن.

هن علائقي مان سنڌو هڪ وهڪري جي صورت ۾ ڪاڻ وهندي آهي. هتي سندس ويڪر 3/4 ميل آهي. سندس تانگهي ۾ تانگهو پاڻي 15 فوٽ آهي. ان

علائقي ۾ لانگها ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندا. هن پاڪي جي ڪوٽن سامهون 200 ہيڙيون بيٺل ڏسڻ ۾ ايندیون. جيڪا هيٺاهين ميداني علائقي مان لنگهي سنڌو سمنڊ ڏانهن وڃي ٿي، سو هوريان هوريان هيٺ ٿيندو وڃي ٿو ۽ ڇوڙ واري علائقي ۾ سندس وَهَ جي تڪ فقط ادائي ميل في ڪلاڪ آهي. سيوهڻ کان مٿي سنڌوءَ کي 'سرو' چوندا آهن.(1) جنهنجو مطلب آهي ته اتريون پاسو ۽ اهو معنيٰ ۾ لاڙ جي ابتڙ آهي. مهراڻ جو اڪثر ہاهريون ڏسڻ ۾ اُچي ٿو، جنهن کان هتان جا رهاڪو مانوس ڪونہ آهن.

سنڌوءَ جي بلڪل پرواري علائقو خوبصورتيءَ ۽ ماٹهن کان واڻجهيل آهي. اتي لَوَن ۽ ہين وٹن جا-وڏا جهنگ آهن. ماٹهن جا ڪوٹ درياهہ کان ہ ٽي ميل پري آباد آهن، انهيءَ لاءِ ته جيئن ہوڏ جي پاڻيءَ جي تڪليف کان گهٹو اُجا رهن. اسان کي درياهہ جي ڪناري سان 100 نار ب هلندي نظر ڪونہ آيا. سنڌوءَ جو اوپاريون ڪپارو سيوهڻ کان بکر تائين ماٹهن سان ڏاڍو آباد آهي. ننڍڙا ڪوٹ انگ ۾ وڏن. ۽ شاهوڪار شهرن کان وڏيڪ ڏسڻ ۾ آيا. انهن مان گهٹن ۾ 500 کان وڌيڪ گهرن جي آبادي هئي. هيءُ علائقو خيرپور جي مير جي حڪمرانيءَ هيٺ آهي، جنهن کي ميرواهہ نالي واهہ کوٹائي آباد ڪيو ويو آهي. هن واهہ جي ويڪر 40 فوٹ ۽ ڊيگهہ 90 ميل آهي. بکر جي سامهون سنڌوءَ مان نڪري ٿو ۽ ڏکڻ طرف وهي پٹن يا زمينن ۾ ڪاٽي ڪٽي ٿو. هن واهہ جي طفيل خيرپور وارو علائقو ڏاڍو سرسبز ۽ آباد آهي. مٹئين بيان ڪيل واهہ کان سواءِ ب ٻيا ڪيترا ننڍا وڏا واهہ آهن، جن جي ڪنڌين ۽ ڪنارن سان ڪوٹ ۽ ڪُيتيون آباد آهن. هن واهَن ۾ ہيڙيون هلنديون آهن ۽ ڪيتيءَ جي اپت ڪٹي شهرن ڏانهن پيون ايندیون ويندیون آهن. خشڪ موسم ۾ اهي واهہ پيڇرن جو ڪم ب ڏيندا آهن ۽ ڏانڊ ڪاڌين لاءِ بهترين رستا ٻڌجي پوندا آهن. ماٹهو، عام رستي کان واهہ جي پيٽ واري رستي کي وڌيڪ پسند ڪندا آهن، ڇاڪاڻ ٿہ عام رستا گاهہ جمڻ جهنگ ۽ ہوڙن ڦٽن ڪري بند ٿي ويندا آهن.

سنڌوءَ جي اوهہ پاسي وارو علائقو، جنهن کي اوهہ ٹار اڏو اڌ ڪري چانڊڪي نالي سان مشهور آهي، جيڪو هن بلوچ قبيلي جي پٹيان سڏيو وڃي ٿو. هن علائقي مان حيدرآباد جي ميرن کي ڊل تمام گهٹي ملندي آهي. سنڌوءَ جي هيءَ شاخ، بکر کان هيٺان درياهہ مان ڇڇي ساٹس پور-وڇوٹ ٿي هلي منچر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي. هن ڍنڍ ۾ مڇي جام مرندي آهي. درياهہ سان ملڻ کان اڳ ناري مان ڦري اڙل ٿي پوندو آهي. سندس ويڪر، 100 گز ٿيندي ۽ فقط چاڑهہ جي موسم ۾ جهازراني لائق هوندو آهي. منجهانئس ڪيترائي واهہ ۽ ڪڙيا

(1) سنڌو درياهہ کي نہ بلڪ سنڌ ملڪ جي اترئين پاسيَ کي سرو چيو ويندو آهي. (سنڌيڪار)

کوٽيا ويا آهن. لاڙڪاڻي واري گهاڙ واه به هن ڳالهه مان کوٽي ڪڍيو ويو آهي، جيڪو آبادي جي لحاظ کان وڏي اهميت جو مالڪ آهي. سنڌوءَ جي پاڻيءَ کان سواءِ، هن علائقي کي اوڀر طرف کان اٽاهن جبلن مان ايندڙ نئين جو پاڻي به آباد ڪري ٿو منچر ڍنڍ جا ڪنارا ۽ ڪنڊيون، خشڪ موسم ۾ ڪڇ جي فصلن سان ساوا پيا هوندا آهن. چاڪاڻ ته جڏهن ڍنڍ ۾ پاڻي لهندو آهي ته اتي پيل درياهي لٽ پوکيل فصل کي ڏاڍي طاقت ڏيندو آهي.

بکر جو قلعو، سنڌوءَ جي ڪاهي ڪَپَ کان 400 گز اندر ننڍيءَ ٽڪريءَ جي هڪ ٻيٽ تي پکين سرن سان تعمير ٿيل آهي. اوڀ واري ڪپ کان 350 گز اندر ٿيندو. قلعي جون ڀتيون اڌ گول طرز تي ٺاهيل آهن. پاسن کان چبوترا يا منارا هنيا ويا آهن، جيڪي پاڻي واري طرف کان ڪجھ لهنوارا نظر ايندا. ڀتين جي اوچائي 20 فوٽن کان مٿي ٿيندي. سکر ۽ روهڙيءَ وارن پاسن کان وڏا ڦاٽڪ ٺهيل آهن. سندن پاسن کان ٻه دريون ڏسڻ ۾ ايندين، قلعي جي اندرئين پاسي ڪُٽيل گهر آهن. وچ واڙيءَ مسجدون ٻه نظر ايندين. انهن جا ڪجھ حصا ٽڪريءَ کي کوري ٺاهيا ويا آهن، جيڪي ڀتين جي مٿان نظر پيا ايندا. قلعي جي شڪل بيضوي آهي. ٻيگھ 800 گز ۽ مُنڊ 300 گز ٿيندو. ضرورت مطابق ڪاٽي ڪاٽي ٽڪريءَ کي ڪاٽيو ۽ ڪوريو ويو آهي.

قلعو پنهنجي بناوت جي نقطئ نگاھ کان مضبوط ڪوٽ آهي. پر جنهن ماڳ تي قلعي جي تعمير آهي، سو پنهنجي لحاظ کان خطرناڪ آهي. هن قلعي ۾ خيرپور جي امير جا 100 کن فوجي رهندا آهن ۽ 15 توپون ٻه رکيل آهن. جن مان ڪجھ اهڙيون ٻه آهن، جن جي مرمت ڪري کين استعمال لائق بنائي سگھجي ٿو. سڄي ٽڪري قلعي جي پٺ اندر اچي وئي آهي. پر اتر پاسي، جاڏهون کڻين جو جھڳٽو آهي، تاڏهون ڪجھ وڏي ڇڏيل آهي، جتان ساڄي ڪناري کان اسان پنهنجي فوج لاهي سگھنداسون. اتان ئي توب سان گولاباري ڪري قلعو فتح ڪري سگھجي ٿو. درياھ جي ڪناري تان بيهي ٻه ٽوپن ذريعي قلعي جي پٺ ڀڃي سگھجي ٿي. ڪوٽ جيُ ٻنهي پاسن کان پاڻيءَ جي اونهائي 24 فوٽ آهي. خشڪ موسم ۾ اوياريون وهڪرو تانگھو ٿي ويندو آهي. ڇيو ويندو آهي ته هڪ پيري اتان درياھ سڪي لانگھا ڪري ويو هو. بکر وٽ جھازراني ڪٽن سبب ڏاڍي خطرناڪ هوندي آهي. اهي ڪٽ بکر جي ٻيٽ هيٺان پاڻيءَ ۾ ٻڌل ٽڪرين جي ڪري پيدا ٿي پوندا آهن. پر سنڌوءَ جا مهاڻا ڏاڍا سڃاڻ آهن ۽ سونهين کان سواءِ نئين ماڻهو لاءِ ٻيڙين ٻڌائڻ جي ڪوشش بلڪل بيڪار ثابت ٿيندي. حادثا بلڪل ٿورا ٿيندا آهن.

روهڙيءَ جو شهر بکر جي سامهون سنڌوءَ جي ڪنڊي سان چاليه فوٽ مٿي هڪ ايڪپري ٽڪري تي جوڙيل آهي ۽ مٿي جوٽيءَ تي گهر منارن جيان معلوم

ٽيندا آهن. ان ٽڪريءَ کي ڪاٽي درياهه ڏانهن اچڻ لاءِ رستو بڻايو ويو آهي. ان ايڪپري ٽڪريءَ کان ٽوروپر پري بکر ڏانهن ويندڙ سامان يا ماڻهو هيڙيءَ ۾ سوار ٽيندا آهن. جڏهن درياهه ۾ چاڙهه هوندو آهي تہ مان سمجهان ٽو تہ لهڻ ۽ چڙهڻ ڏاڍو ڏکيو ٽي پوندو هوندو. روهڙيءَ جي آدمشماري 8,000 آهي، جيڪي گهٽو ڪري هندو آهن. ان کان اوپر طرف ويران ٽڪريون ڏسڻ ۾ ايندين. پر علائقي کي ڏاڍو سگهارو ڏيک ۽ وايومنڊل ڏين ٽيون. شهر جي ڏکڻ طرف ٽن چئن ميلن ۾ ڪجين جا باغ آهن ۽ هيا بہ ڪيترن ئي قسمن جا باغ باغيچا آهن. سکر روهڙيءَ جي سامهون هڪ ڪناري تي آباد آهي ۽ آبادي ۾ روهڙي جي اڌ جيترو ٽيندو. پراڻي زماني ۾ اهي هڪ شهر چڪا مشهور هوندا هئا. هاڻي تہ منجهس مسجدين منارن جا يادگار وڃي بچيا آهن. سکر جي طرف وارو سنڌوءَ جو ڪنارو ايڪپرو ڪوٽ آهي ۽ شهر درياهه جي ڪناري وٽان ئي شروع ٽئي ٽو ۽ روهڙي جي ابتڙ ڪنارن سان آباد آهي. انهن هنهي شهرن جو وجود بکر جي قلعي سبب آهي، جنهن ڏکئي وقت هنهي شهرن جي ماڻهن جو بچاءُ ڪيو هوندو.

موجوده دور سان لاڳاپيل ہ شهر، جن تي ڪجهه لکڻ جي بہ ضرورت محسوس ٽئي ٽي، سي لاڙڪاڻو ۽ خيرپور آهن. لاڙڪاڻي سنڌوءَ جي ساڄي ۽ خيرپور کاهي ڪناري تي آباد آهي. هئي ساڳي پور- وچوٽي ۽ ويڪرائي ڪاڪ تي موجود آهن ۽ هنهي کي سنڌوءَ مان واهن ذريعي پاڻي ملندو آهي. هئي سنڌوءَ کان اٽڪل 14 ميل جي فاصلي تي آباد آهن. خيرپور جديد مصر جو شهر آهي. جنهن کي ٽالپر سردار مير سهراب خان تعمير ڪرايو هو. ڪلهوڙا خاندان جي زوال کان پوءِ هن خاندان اتر سنڌ تي پنهنجو ديرو دمايو هو. آدمشماري 15000 اٽس. سڀ جايون ڪچيون آهن، جيڪي ڇٽ گهٽين جي پاسن ۾ اچي گڏ ٽيون آهن. قلعو بہ ٽهيل ڪوٽ اٽس. شهر وچين حصي ۾ ٽلهو ڪوٽ آهي، جو امير جي گهر جي،،چوڌاري ڏنو ويو آهي ۽ اهوئي ڪافي سمجهيو وڃي ٽو. شهر جي اوسي پاسي زمين تراکڙي ۽ هيٺاهين آهي. منجهس هوڙا ۽ هيو جهنگ جامر آهي، هوڏ جي پاڻي کان بچاءَ لاءِ شهر جي چوڌاري هلکو بند ٻڌل آهي. لاڙڪاڻو سنڌوءَ جي اولهاينءَ ڪڙ تي آهي ۽ چانبڪي پرڳڻي جو صدر مقام آهي. آدمشماري 10000 ماڻهو اٽس ۽ سنڌ جي امينن جو اتر- اولهه طرف کان ڳڏيل علائقو آهي. چوڌاري ڪچو قلعو اٽس. امن امان برقرار رکڻ ۽ جبل جي سرڪش ماڻهن کي ڊيجارڻ واسطي ويهارو ڪن توپون منجهس رکيل آهن. هتي سنڌ جي حڪمران طرفان مقرر ڪيل نواب رهندو آهي.

سنڌ جي پيداوار جتي ڪٽي هڪ جهڙي آهي. سيوهڻ ۽ هتان جو اناج هڪ جهڙو آهي. هتي هڪ ٻوٽو 'سيار' Syar آهي، شڪل وال فلاور Wall flower جهڙي هوندي اٽس. اهو ٻوٽو هن علائقي ۾ عام جامر ٽئي ٽو. ان جي رس کي

ٻارن جي بيماريءَ جي هڪ دوا طور استعمال ڪيو ويندو آهي. هيٺانهين زمين ۾ سارين جيان ڪٽڪ جو تمام گهٽو فصل ٿئي ٿو. روهڙيءَ پرسان تماڪ جو ڏاڍو پلو فصل ٿيندو آهي. سنڌ ۾ گاهه جي وڏي ضرورت هوندي آهي، جنهن کي لَوَن جا وڻ ٿيڻ ئي ڪونہ ڏيندا آهن. ماٹهو لون جي جهنگلن کي باهيون ڏئي اتي فصل وغيره پوکيندا آهن. ٻهر جو وڻ بہ هتي ٽلهو ڪونہ ٿو ٿئي. وڏا وڻ مون کي تمام ٿورا نظر آيا. نمر ۽ سرينهن جا وڻ هونءَ تہ هندستان ۾ جام ٿيندا آهن. پر هتي تمام گهٽ نظر يا. برّ جو وڻ هتان جو ڪونہ آهي. ٿر جا وڻ جهڙوڪ ڪيجرا، کير، ٻير، اڪڙا ۽ لوا هتي بہ جام ڏسڻ ۾ ايندا. مان اڳ ۾ روهڙيءَ ۽ ڪجين جي وڻن جيٰ موجودگيءَ ڏانهن اشارو ڪيو آهي:

ٻهر= Mimosa ،

نم Melia azadarachta Neem

برّ Ficus Reigiosa

سنڌو ، بکر کان وٺي پنجاب جي ندين جي ملڻ واري جاءِ تائين

پنجاب جي درياهَن جو پاڻي هڪ وهڪري جي صورت ۾ منڊ ڪوٽ وٽ، ويڪرائي ڦاڪ 28 ڊگريون ۽ 55 منٽ اتر، سنڌوءَ جي پاڻيءَ سان سنگم ڪري ٿو. ان جاءِ کان وٺي بکر تائين سنڌوءَ جو رخ ڏکڻ- اولهه طرف تي رهندو آهي ۽ پاڻي سندس پنهنجي پيٽ ۾ ئي رهندو آهي، پر واريءَ جي ڪنارين ۽ هيٺارين جي ڪري واهڻن ۾ به وندجي ورڇجي ويندو آهي ۽ درياهه جي اصلي وڏي وهڪري مان ڪيترا ور وڪڙ وارا واهڙ ڇڇي الڳاٽي ويندا آهن. جهازراني جي نقطئه نگاهه کان هيڙائتا وڏي وهڪري کي ڇڏيَ واهڻن کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا آهن. اهي وچ واري علائقي مان وهندا آهن، جنهن جو آءٌ هينئر ذکر ڪري رهيو آهيان.

سنڌو بکر کان مٺان گهٽين جاين تي ويڪر ۾ وڌي وڃي ٿي. ڪٿي ته 1000 ڪَن کان به ويڪري ٿي ويندي آهي. منڊ ڪوٽ وٽ سندس ويڪر هن کان به هيٺ تي هئي. سندس اونهائي ان تناسب سان وري گهٽ کاند هئي. ڪن جاين تي ته 96 فوٽ (16 فئدم) به هئي ۽ 24 فوٽ (4 فئدم) ته جتي ڪٿي نظر آئي. هي انگ اکر اَن زماني جا آهن، جڏهن پاڻي گهڻو لٽل هو. سنڌوءَ جي هيٺين پاسن کان سواءِ منجهن چاڙهه ڪونه هو. نديڙن نانگڙ- وڪڙ واهڻن جي ذکر ڪان محسوس ٿئي ٿو ته اهو علائقو سنڌيءَ سنوت وارو آهي.

بکر کان مٺان سنڌوءَ ۾ ڏونڊي ٻيڙي کان مختلف ٻيڙي استعمال ڪئي ويندي آهي. جنهن کي 'زروڪ' (Zohruk) ڪري سڏيو وڃي ٿو. هن وڏ جي ٻيڙيءَ ۾ پيادل فوج ۽ گهوڙا روانا ڪري سگهجن ٿا. ڪيس پاڇل جي طرف کان ڪمرا ٺاهيل هوندا آهن. اهڙي قسم جون ٻيڙيون تمام ٿوريون آهن. هن قسم جون ٻيڙيون منڊ ڪوٽ ڏانهن هاڪاريندي به ڏٺيون ويون آهن. منهنجي شمار موجب سندن انگ 95 هو. اسان به هن قسم جي ٻيڙين تي بکر کان وٺي منڊ ڪوٽ تائين نَوَ ڏينهن سفر ڪيو. وچ وارو درياهي فاصلو 170 ميل آهي.

سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن سان هي علائقو ڏاڍو سائو ڀائو ٿي لڳو. هتي

سنڌوءَ جو پاڻي واهڙن ۾ ڪنارن اٽلڻ ڪري اوڀر ۾ اوپر هوڙان هوڙ لائي ڏيندو آهي. پر گهڻو مارو ڏکڻ تي هوندو اٽس. پٽ، پوڻا، ٽليون ۾ ترايون هوڙي پاڻي موڻي وڃي وري درياهه ۾ پوندو آهي. بکر کان 260 ميل ڪن مٽي ساڃي ڪناري جهازراني‌ءَ جي لائق سنڌوءَ جو هڪ واهڙ آهي، جنهن کي ماڻهو 'سنڌ' جي نالي سان سڏيندا آهن. دهليءَ جي ڪنهن شهنشاهه(1) هن واهڙ جي پاڻيءَ کي، واهه ۾ ڪسيون کوٽائي شڪارپور، نوشهري ۽ لاڙڪاڻي تائين پهچايو هو. سنڌ جي هن پار آبادي ڪا خاص ڪانه آهي. بوردگاه (Boordgah) (برڊي)، ڪين Ken موزارڪا (Moozarka) (مزاري) هڪ ٻئي ٻنيان هن علائقي ۾ آباد ٿيندا رهيا. بلوچ قبيلن سان واسطو اٽن. ڪيتي واڙيءَ مان ڪونه جاڻن. سندن ڏنڏو ڏاڙا هٽڻ ۽ ڏڻ چارڻ آهي. سنڌوءَ جا ٻئي پاسا گهڻو ڪري سنڌين جي حوالي آهن. ساڃي پاسي سنڌ ملڪ جي سرحد مڙئ ڪوٽ کان 15 ميل هيٺ آهي. پرسان سکن جو ملڪ آهي. ڪاهي طرف کان 28 ڀگريون ۽ 23 منٽ هيٺ لهي اچي ٽي ۽ سبزل ڪوٽ کان 25 ميل اتر ٻيهي ٽي. سنڌوءَ جي اوڀر طرف کان ڪڇ علائقو دائوديوٽن جي ملڪيت آهي، جنهن جو حڪمران بهاول خان آهي. ان ڏنگ کان هيٺئين پاسي سنڌ جي سرحد آهي. جنهن کي اباوڙي جو علائقو چوندا آهن. اتان جا رهاڪو گهڻو ڪري مهر ۽ ڏهر آهن ۽ ڪين سنڌيءَ نالن ڪري ب سڃاتو ويندو آهي.

شڪارپور، بکر کان 32 ميلن جي پنڌ تي هن علائقي، بلڪ سڄي سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي. شايد سنڌ جي دارالسلطنت حيدرآباد کان ب وڏو هجي. سندس اوسي پاسي وارو علائقو ڏاديو آباد آهي. اڳ ۾ اهو شهر افغانن جي ماتحت هو ۽ هاڻي سنڌ سان شامل آهي. اقتدار بدلجڻ ڪري سندس محصول ۾ اڌ لڪ رپين جو سالياڻو فرق پيو آهي. حڪومت جو روپو ظالماڻو آهي. تجارت اڃا تائين خشڪي رستي هلندي رهي ٽي. واپاري هندو آهن ۽ پر وارن سيني ملڪن ۾ سندن گماشتا ڪم ڪن ٿا. شڪارپور جي چوڌاري ڪچو قلعو آهي. هن صوبي جي حڪمران جو اهم عهدو آهي. ڪيس نواب ڪري چيو ويندو آهي. هي شهر ۽ علائقو اٽڪل 8 سال اڳ سنڌين فتح ڪيو هو. ٻيهر پورو آباد اڃا ڪونه ٿيو آهي. پڻاٽن هن علائقي ۽ شهر کي فتح ڪرڻ لاءِ هرهر ننهن چوٽيءَ جا زور پئي لاتا آهن، پر ڪامياب ٽي ڪونه سگهيا آهن.

سنڌوءَ جي ڪاهي ڪناري تي موجود سبزل ڪوٽ جيڪو 15 ميل اندر بهاول

---

(1) دهلي جي ڪنهن ب شهنشاهه سنڌ جو ڪوب واهه ڪونه ڪوٽايو آهي. تاريخن ۾ فقط سمن، سلطانن ۽ ڪلهوڙا حڪمرانن جا حوالا ملن ٿا ۽ هي واهه لاڙڪاڻي ۽ نوشهري هڪ ئي وقت ڪونه پهتو هو. چاڪاڻ ٻئي سنڌوءَ جي مخالف پرن تي موجود آهن.(سنڌيڪار)

خان جي سرحد ۾ آهي، سو شڪارپور کان پنجوٽو گهٽ آهي. آدمشماري 5000 کن ٽيندس ۽ انهن شهرن مان هڪ آهي، جن جو آءُ مٽي ذکر ڪري آيو آهيان. مٽ جنهن کي بعضي مٽ ڪوٽ به سڏيو ويندو آهي، سندس ڪل آدمشماري 15000 مس ٽيندي. قلعو ڀهي ناس ٿي چڪو آهي.

سنڌوءَ جي هن پاڳي ۾ يا ڪن ٻين هنڌن تي ڪناري ويجهو ماڻهن جي آبادي تمام گهٽ نظر ايندي. مان سمجهان ٿو ته ان جو سبب سنڌوءَ جو سالياني چاڑهه آهي، جنهن سبب درياه جي ويجهي چڪ ۾ ڪابه آبادي ڪانه ٿي ڪئي وڃي ۽ نه وري ماڻهو ڳوٺ ٻڌي ويهن ٿا. انهيءَ مان معلوم اهو ٿئي ٿو ته واه ڪوٽي زراعت واسطي پاڻي ڏورانهن علائقن تائين پهچايو ويندو آهي. اٽل جو پاڻي درياه جا ڪنارا پٽي ويندو هو ۽ سڄي ملڪ کي ڪچو بٽائي ڇڏيندو هو. سبزل ڪوٽ وارو اوسو پاسو اٽل جي ان آزار کان ملڪ ڇڏي ڪيڏانهن نڪري ويو آهي. پاڻيءَ جو مقدار هڪ واهڙ جي صورت ۾ اروڙ ڏانهن رخ ڪري ٿو. سنڌوءَ جو مختلف سالن ۾ مختلف چاڑهه رهيو آهي. اڳين ٻن موسمن ۾ پوئين چاڑهه جي ماپ تي ڪونه پهتو آهي.

هن علائقي ۾ سگاوَن جانورن جو تعداد شمار کان گهٽو آهي. مينهُن جو ته ڪو حساب ئي ڪونه آهي. سنڌوءَ جي هيٺئين علائقي کان هتي مينهُن جو ملهه چوٽين حصي تي آهي. پلي ۾ پليءَ مينهن جي قيمت 10 رپيا آهي. هرڻ، سوئر ۽ تتر جام آهن. مڻي جي هن موسم ۾ بکر کان مٽان پاڻيءَ جا پکي ايترا ته گهٽا آهن، جو ڳڻڻ کان ٻاهر آهن.

مان سنڌ جي اوڀ وارن علائقن ۽ سندن رهاڪن جي ڏاڻن ڪُرن واري عادت جو ذکر ڪيو آهي. برّدي، شڪارپور جو اتريون علائقو، ويندي ڪڇ گنداوا جي علائقي تائين والاري ويٺا آهن. اصل ڪڇ مڪران سان واسطو رکن ٿا ۽ رند قبيلي سان ويجهڙائي اٽن. ڏاڍو خوبصورت نسل آهي. بلوچن کان وڌيڪ جٽ پٺاڻ پيا معلوم ٿيندا. سنڌين وارا ڪپڙا کونه پائيندا آهن. وڏا پڪا ٻڌندا ۽ ڀڳها وار ڇڏيندا آهن، جيڪي چوٽين جيان هيٺ پيا لڙڪندا آهن، ڏسڻ ۾ جٽ وحشي پيا ايندا آهن. مٽن برّدي ذات جو نالو سندن ڪنهن وڏي ابي ڏاڏي جي نالي تان پيو آهي. بلوچن جي رسم رواج مطابق اهي سڀ قبيلا هڪ ماڻهوءَ جو اولاد آهن. برّدين جي رهڻ جو اصلي ماڳ مڪان 'دري' آهي، پر ڪين کي وڏا شهر ڪونه آهن. برّدين جي سڄي قبيلي يا اولوس جي آدمشماري 10,000 ٽيندي. سيئي جنگجو آهن. جيستائين ميرن جي نوڪرين ۾ ڪونه آيا هئا، ته پيا ڏاڙا ڦريون لٽيون ڪندا هئا. اڄ به هلڪيون چوريون ۽ ڏاڙا ضرور هڻن. سندن زبان بگڙيل فارسيءَ جي صورت آهي. جتوئين، مزارين ۽ بگٽين جي هوڻي به ساڄي آهي ۽ برّدين کان رڳو نالي ماتر جدا آهن. جتوئي بوردگاه (Boordgah) جا آهن. مزارين جي

وڏن جو روجهاڙ سان تعلق آهي ۽ ديري غازي خان ۾ به جام آهن. اڳي پٺاڻن جي فوجن تي وڃي راتاها هٿندا هئا، پر هاڻي سندن زور ختم ٿي ويو آهي. بگٽي ۽ ڪلهوڙ جندراري جي ٽاڪرو علائقي سان تعلق رکن ٿا، جنهنجي ويڪرائي ڦاڪ منڊ ڪوٽ کان هيٺان آهي ۽ سنڌوءَ سان گڏ پور-وڇوٽ هلندو اچي ٻڏو.

سنڌو منڊ ڪوٽ کان اٽڪ تائين

اسان چناب رستي ملتان روانا ٿيا هئاسين. مان منڊ ڪوٽ کان مٿي سنڌوءَ جي وهڪري متعلق ڪيترين پڇائون ڳاڇائون ڪيون ۽ تفصيلي معلومات ونڊ لاءِ ڪيترا ئي ماڻهو ڳولي ڪيا هئا. 1809ع ۾ ڪابل ويندڙ سفارت منڊ ڪوٽ کان هڪ سو ميل تي هادو ڪوٽ وٽ پهتي هئي. منهنجي مرضي به اها آهي ته پنهنجي ڄاڃ پڙتال کي ان شهر سان ملايان ۽ سنڌوءَ متعلق جاڻ سمند کان ونڊي اٽڪ سان ڳنديي چڏيان.

سنڌو هن وهڪري واري جاءِ تان بلڪل سڌوسنئون آهي ۽ ڏکڻ وهي ٿو ۽ منجهس سفر ڪرڻ جو ڪو خطرو موجود ڪونہ آهي. جهازراڻيءَ ۾ بہ ڪا تڪليف ڪانہ آهي. هن جاءِ تي سندس نالو اٽڪ يا سنڌو آهي ۽ اهڙي علائقي مان گذري ٿو. جيڪو منڊ ڪوٽ جي پسگردائي جهڙو آهي. ڪنارن ننڍن هجڻ سبب سندس پاڻي چوڌاري پکڙجي ويندو آهي. 'ڪاهري' (Kaheree) وٽ سندس ٻيٽ ڪجھ سوڙهو آهي. اتان جنوريءَ جي مهيني ۾ مسٽر ايلفن استون ٽپيو هو. اونهائي 12 فوٽن کان وڌيڪ ڪانہ اٽس. ۽ ويڪر 1000 گز ٿيندس. ان کان پوءِ منجهن پنجاب جي درياهن جو پاڻي پوي ٿو. پوءِ سنڌو گوڙون ۽ گجڪارون ڪندي منڊ ڪوٽ کان لنگهندي آهي. ان وقت سندس ويڪر 2000 گز تائين وڃي پهچي ٿي. ڪاهي ڪناري جي ماپ موجب اونهائي 24 فوٽ هئي.

سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري تي ديري غازي خان جو جابلو علائقو آهي. اهو هڪ سرسبز شاداب خطو آهي ۽ ديري غازي خان جو شهر سنڌوءَ جي مٿان آباد شهرن مان وڏي ۽ وڏو شهر آهي. چوڌاري باغ، ڪجين جا جهنگٽا ۽ ساوا کيٽ اٽس. هين علائقن جيان سکن هن کي فتح ڪري ڇڏ لکن رپين جي عيوض بهاولپور جي حوالي ڪيو آهي. هن علائقي جي اڳين پيداوار چار لک هئي هتي زوري محصول اُگاڑڻ جا طريقا استعمال ڪيا ويا آهن، تنهن ڪري اتان جا رهواسي هن علائقي کي چڏڻ لڳا آهن. هي علائقو راجا رنجيت سنگھ جي جڪمرانيءَ کان گھٽو پري آهي. راجا بنا ڪنهن فوجي امداد جي هن علائقي کي پاڻ وٽ رکڻ چاهي ٿو. هن راجا، داجل ۽ هن علائقي جو ڪجھ حصو، بروهين کي سندن فوجي خدمت جي عيوض ڏنو آهي.

ديمائون (Demaun) ۾ سنڌوءَ جي اولهائين ۽ اڇ طرف وارن علائقن جي پيداوار ديري غازي جو والي هٽ ڪندو آهي، پر هيڏين جو عام رستو اڄا به ڪجھ مٽيرو آهي، جيڪو ڪاهريءَ جو پٽڻ ٽپي ملتان هليو وڃي ٿو. سنڌوءَ کي ڪنهن به قسم جي تجارتي آمدرفت لاءِ استعمال ڪونہ ٿو.ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته هيڏين جو ڪرايو ڀاڻي ويگو آهي ۽ ماٺهو پنهنجو سامان انهن ۽ ڪاڏين ذريعي ڪٽائي ويندا آهن. هتي برآمد ڪرڻ واري شيءِ مادر يا ميٿ آهي، جيڪا سنڌوءَ رستي ڪپڙي رنگڻ واسطي بهاولپور وڃي ٿي.

هيءَ هڪ اهم حقيقت آهي ته سنڌوءَ جي مٿين علائقن سان لاڳاپيل مهمن هميشہ سنڌوءَ کي ڇڏي پنجاب جي تندن درياهن کي آبي سفر واسطي پئي اهميت ڏني آهي پر اسان هن خيال جا ڪونہ آهيون ته وڏو درياه هن سفر واسطي بند سمجھڻ گهرجي. سڪندر جي فتح کيس سنڌوءَ جي پرپاسي وارن علائقن کان گهڻو پري وڃي هئي. ان وقت جي شهنشاه جو دارالسلطنت لاهور هو. هن پنهنجا ٻيڙا ملتان ۾ رکيا هئا، جيڪو ان وقت سندس حڪمرانيءَ جو هڪ اهم شهر هو. پرسان سنڌو وهندي هئي، جتان وڏين ٻيڙين جي جهازراتي لائق هئي.

سنڌو اٽڪ پرسان پار ڪيو ويو. ايلفن اسٽون جي تصنيف ۾ اهو سڀ ڪجھ واضح آهي. لاهور جي حڪمران ڪجھ وقت اڳ پنهنجون فوجون سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي پهچايون هيون، ان متعلق مان جيڪو سندس ڏميوار عملدارن کان ٻڌو سو به ٻڌائڻ جي لائق آهي. راجا رنجيت سنگھ وٽ 37 ٻيڙين جو هڪ جنگي ٻيڙو آهي، جنهن جي مدد سان هن پل ٺاهي ورتي هئي. ان جاءِ تي درياه جي ويڪر 260 گز آهي. درياهي وهڪري اندر ٻيڙيون هڪ ٻئي کان ٽوريءَ وٽيءَ تي لنگر هٽي بيهاريون ويندیون آهن. کين مضبوط تختن ۽ سگهارن رسن سان قابو ڪري ٻڌو ويندو آهي ۽ مٿانئن مٽي وڌي ويندي آهي. اٽڪ قلعي جي پرسان اهڙيون 24 ٻيڙيون پل لاءِ ڪافي آهن، باقي ٻين جاين تي 37 ٻيڙين جي ضرورت پوي ٿي. اهڙي قسم جون پليون نومبر کان مارچ تائين استعمال ۾ اچي سگهن ٿيون.

ان وقت پاڻيءَ جي رفتار مائي هوندي آهي. ٻيڙين جي پل هن ريت ٺاهي ويندي آهي، جو پل ۾ ڪم ايندڙ هرهڪ ٻيڙيءَ ۾ 250 مڻ (25000 پائونڊ) جي وزن جيترا پٿر رکيا ويندا آهن. ٻيڙين کي قابو ٻڌڻ کان پوءِ جڏهن پل ٺهي تيار ٿي ويندي آهي، تہ ٻيڙين ۾ رکيل پٿر مضبوط رسن سان ٻڌي درياه ۾ اڇلايا ويندا آهن. هي پٿر اڻکر جو ڪم ڏيندا آهن، تنهن ڪري ڪنهن به حادثي کان بچي وڃبو آهي. اهڙي قسم جي پل ٽن ڏينهن اندر تيار ٿي سگهي ٿي، پر عام طور تي ڇهن ڏينهن ۾ تيار ڪندا آهن. آرين (Arrain) (1) جي

(1) Vide lib V.C .7

بيان موجب اهڙي قسم جي ٻيڙين مان تيار ٿيل پل سڪندر اعظم ۽ تيار ڪرائي هئي. جڏ ته ان وقت ۽ ڪيس اتڪ وڃان درياه پار ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي هئي ۽ وڌيڪ چوي ٿو ته سڪندر مڏ يا ٻُرها پاڻ ۾ جوڙي جوڙي پل تيار ڪئي هئي. جدت ۽ قدامت جو فرق سو آهي، باقي پل ٺاهڻ جي طرز ساڳي آهي: افغانن 14000 رپيا خرچ ڪري پل ٺهرائي هئي ۽ اتان ٽپي اچي ماڻهن تي ظلم ۽ ڦرلٽ ڪندا هئا. سکن اها تباهي بند ڪئي. ملڪي ماڻهن جي ڦرلٽ جو سلسلو ختم ٿيو. سکن جا 5000 کان وڌيڪ ماڻهو ڪونہ هوندا هئا، اُن پل بجاءِ ٻيڙين رستي ٽپي ٻيءَ ۾ ويندا هئا ۽ جيڪو ڪجھ ڪپندو ھُئن سو ڪٽي ايندا هئا ۽ اهڙيءَ پل ٺاهڻ جو خفو سر تي ڪڏهن ۽ ڪونہ ڪنيائون.

چناب جو ستلج سان سنگم

چناب يا يونانين جي آسيسينس مٿن ڪوٽ وٽ سندوءَ سان سنگم ڪري ٿي. ان کان پهريائين هوءَ پنجاب جي سيني درياهَن جو پاڻي ڪٽي ايندي آهي. هي سنگم بنا ڪنهن گوڙ شور جي آرام سان گذري ويندو آهي. ڇاڪاڻ ته ٻنهي طرفن کان درياهن جا ڪنارا ويڙل آهن ۽ ويڪر تمام گهٽي هوندي اٿس. ڪُنَ ۽ ڪارونيار اوير طرف پيدا ٿيندا آهن. اتي پاڻي عام اونهائي ڪان وڌيڪ گهرو هوندو آهي پر ڪڏهن ٻه خطري جو باعث ڪونہ بڻيو آهي. جڏهن دجلہ ۽ فرات پاڻ ۾ ڳڏبيون آهن ته سندن گڏيل پاڻي کي عربن جي درياه جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. چناب جي هن ٽڪري کي پنجند جو نالو ڏنو ويو آهي پر اهو نالو ڇو ۽ ڪيئن پيو؟ ڪنارن تي آباد ماڻهن کي هن متعلق ڪابہ ڄاڻ ڪانہ آهي پر منهنجي خيال ۾ اهو نالو جاگرافيائي سهولت لاءِ پئجي ويو آهي.

29 ڊگرين ۽ 20 منٽن جي پور-ڇوٽ تي اتر ويڪرائي ڦاڪ تي ۽ پنج ميل اُڇ کان مٿي چناب سان گهاري يا ستلج ۽ بياس جو پاڻي ملي ٿو. اهو سنگم ڪنهن ڪولاهل ۽ گوڙ کان سواءِ ٿي ويندو آهي. ٻنهي درياهن جا هيٺانهان ڪنارا سنگم جي جاءِ کي بدلائيندا رهندا آهن. ٻہ سال کن اڳ سندن سنگم ٻہ ٽي ميل مٿي هو. تنهن ڪري اهو ٻڌائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي ته سنگم ڪان اڳ ۾ سندن ويڪر ڪيتري هئي. هڪ درياه 500 گز کن موڪرا آهن، پر چناب رفتار جي لحاظ سان ڪجه تيز آهي. سنگم کان هڪدم پوءِ گڏيل وهڪري جي ماپ 800 گز ٿي ويندي آهي. سندوءَ ڏانهن هلندي سندس ويڪر ۾ ڪجه گهٽ وڌائي ايندي رهندي آهي. پر چناب جي ويڪر ڪڏهن ٻہ 600 گزن کان مٿي ڪانہ چڙهي آهي. هن علائقي ۾ منجهس گهٽي تبديلي اچي ويندي آهي.

سندوءَ سان سنگم ڪرڻ وقت سندس اونهائي وڌيل هوندي آهي، يعني 20 فوٽ ٿي ويندي اٿس. سندس چاڙهه واري طرف تي پاڻيءَ جي اونهائي فقط 15 فوٽ هوندي آهي. سندوءَ جي-پاڻيءَ کان تڪ ۾ ڪجه وڌيڪ هوندي آهي. سندس مجموعي رفتار سادي ٿي ميل في ڪلاڪ هوندي آهي. چناب جا ڪنارا واريا آهن پر 'زروڪ' ٻيڙي رستي سفر ڪبو ته ڪابہ تڪليف نہ ڏيندا. مٿن ڪوٽ کان اڇ تائين 40 ميلن جي وٿيءَ تي سندس انگ 40 آهي. اسان اهو سفر پنجن

ڏينهن ۾ پوڙو ڪيو هو.

چناب جا ڪنارا سندس پاڻيءَ کان ٽُلي فوٽ مٿي مس هوندا آهن ۽ اهي سنڌوءَ جيان وٽن سان ڏکيل هڄڻ بدران کليل آهن. ڪنارن پرسان ڪمند جهڙا ڪانا ڏسڻ ۾ ايندا.(1) ۽ ٻيو واهَن(2) نالي هڪ وڻ آهي جنهن جا پن Beech tree جهڙا ٿيندا آهن. علائقو ڏاڍو آباد آهي ۽ منجهس واهَن جو هڪ جار وڇايل آهي. زمين ڏاڍي زرخيز ۽ اپت واري آهي. فصل ڏاڍا پلا ٿين ٿا. چوپايو مال جام آهي. ڳوٺ تمام گهٽا ۽ وڻن وٽن سان ڇانيل آهن. هن علائقي ۾ ڪنارن ۽ سانگي ماٺهن جون ڪيتريون ئي واندون آهن، جيڪي چوپائي جي چاري خاطر وڃندا آهن ماڳ مڪان مٽائيندا؛ پر گهٽا ماٺهو پنهنجا پڪا ڳوٺ ٻڌي ٻنهي ڪنارن سان آباد ٿيا ويٺا آهن. سندن ڳوٺ چناب يا سنڌوءَ جي پاڻي کان متاثر ڪونہ ٿيندا آهن، ڇو ته ٻنهي درياهَن جو پاڻي ہن ميلن کان وڌيڪ ٻوڏ ڪري ڪونہ سگهندو آهي.

چناب جي گهاري سان سنگم واري جاءِ کان هيٺ اهم ماڳ اُچ جو آهي. هيءُ شهر درياه کان 4 ميل اولهه طرف ۽ جهازراني لائق ٻنهي درياهَن جي سنگم واري جاءِ جي اوسي پاسي آهي. سندس چوڌاري علائقو ڏاڍو سرسبز ۽ آباد آهي. خاص طور تي هن علائقي ۾ تماڪ جي پوکي ڏاڍي عمدي ٿيندي آهي. پاڻي جي ٻوڏ سڪي وڃڻ کان پوءِ هيءُ علائقو سڄو سائو نظر ايندو آهي. انگور، انجير، صوف، توت ۽ قاروا هتي جام ٿين ٿا. بيد مشڪ جو وڻ (Odori ferous wrllow) هتي گهڻو ٿيندو آهي. گلاب جي گلن (Balsam) ۽ گل سوسن جي گلزاري نظر آچي ٿي. هتي ڪيترا اهڙا گل موجود آهن، جيڪي هندستان ۾ ڪونہ ٿيندا آهن. هتي شرم ٻوٽي نالي هڪ ٻوٽي ٿئي، جنهن کي هٿ لائبو تہ ڪومائجي ويندي ۽ پن ڏانڊيءَ سان لڳي سوڙهَا ٿي ويندا. اها ٻوٽي ڏسي مون کي ڏاڍو اچرج لڳو. هن زمين ۾ انب پورو پچي ڪونہ سگهندو آهي. شايد اسان جيئن اتر وڃون ٿا تہ آبهوا انبن لاءِ ڇڻ خراب ٿيندي وڃي ٿي. هتي نير ڏاڍو سئو ٿئي ٿو. سارين کان وڌيڪ هتي ڪڪ يا ٻيا اناج پوکيا وڃن ٿا. اتر ۽ لاڙ سنڌ ۾ ٻين اناجن کان وڌيڪ ساريون پوکيون ويندیون آهن. ماٺهن جي کاڌي خوراڪ لاءِ اناج وڌيڪ پوکيو وڃي ٿو.

---

(1) ٿي سگهي ٿو تہ اهي ڪانهن جا ڪانا هجن يا سَر جا ڪوڙا ڪانا هجن.

(2) ممڪن آهي تہ باهڙ کي مصنف واهَن سڏيندو هجي.(سنڌيڪا)

بهاول خان جو ملک

لاهور جي سک حڪمران ۽ تالپرن جي سنڌ جي وچ تي، سنڌوءَ جي اوپر طرف بهاول خان دائودپوٽي جو ملک آهي. سندس ملک جي اتر ۾ ڪنهن حد تائين ستلج يا گهارو اچي وڃي ٿو، پر اها ندي بهاولپور وٽان گذري جلالپور ڏانهن وڃي ٽي. ملک جو ڪجهه ٽڪرو ستلج ۽ چناب ۽ ڪجهه چناب ۽ سنڌوءَ جي وچ تي اچي وڃي ٿو. راجپوتن جو بيڪانير وارو ملک سندس ملک جي اوپر طرف کان ڦري اچي ٿو. ڏکڻ ۾ جيلسمير اٿس، سنڌ ۽ بهاول خان جيءَ ملک جي سرحدن جي وچ تي چار ميل غيرآباد پٽو ڇڏيو ويو ته جيئن دنگ تي کو جهيڙو فساد نه ٿئي.

ملک جو گهڻو حصو ويران پٽن تي مشتمل آهي. درياهَن پرسان زمينون پليون آهن ۽ ڏايا سٺا فصل ٿيندا آهن. انهن فصلن جي پاڻيءَ جو بندوبست سنڌوءَ جي ٻين ڪنارن جيان هتي به سالياني ٻوڏ تي هوندو آهي. شهر تعداد ۾ تمام ٿورا آهن، پر چناب تي ڳوٺن جو تعداد گهڻو آهي. بهاولپور ستلج جي ڪاهي ڪناري تي واقع آهي. سندس آدمشماري ويهه هزار آهي. دارالسلطنت جو هي شهر تجارت سان واسطو رکي ٿو. ٿورو ڏکڻ طرف احمدپور جو شهر آهي، جنهن جي چوڌاري ڪوٽ ڏنل آهي. ان کان اڳتي ڪجهه ڏکڻ طرف تي بهاول خان جي رهائشگاه آهي. آدمشماري جي لحاظ کان احمدپور ان جي اڌ جيتري ٿيندي ۽ دراول جي پرسان آهي، جنهنجو قديم قلعو بنان ڪنهن پر واري آباد شهر جي اڳا سلامت آهي. سڃي ملک ۾ اهو اڪيلو قلعو آهي. دراول لاءِ سنڌ جي تاريخ ۾ ذڪر آهي ته سڪندر اعظم جي دور سان واسطو رکي ٿو. مٽس شاه حسن ارغون 931 هجريءَ ۾ حملو ڪيو هو. گهيري جي حوالن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته ڏايو مضبوط ۽ پڪين سرن جو ٺهيل آهي.

بهاولپور جي نواب جو اثر پنهنجي ملک تائين محدود آهي. سک سندس طاقت کي کنا کيڙا ڪري ڇڏيو آهي، پر سندس سياسي وجود هڪ عهدنامي سبب بچيو پيو آهي، جنهن تحت رنجيت سنگهه کي ستلج کان پار ٽپٽو ڪونه آهي. ملک جي پيداوار سالياني 10 لکن روپين کان مٿي ڪانه ٿيندي. ديري غازي خان جي پيداوار ان کان سواءِ آهي. پر اهو ملک حقيقي طور سکن جو آهي، جنهن جي

ستلج جي اوپرندئين حصي جي پيداوار جا ٽي حصا رنجيت سنگھ ڏانهن ڏن طور لاهور موڪليا ويندا آهن. تنهن هوندي بہ بهاول خان پنهنجو شان ۽ شوڪت بحال رکيو اڇي. وٽس پگهار تي بہ هزار فوجي آهن. جيڪي توپخاني سان تعلق رکن ٿا. سندس ملڪ ۾ موجود جاگيردارن جي مدد سان ڏکئي وقت ۾ ويهہ هزار فوج گڏ ٿي سگهي ٿي. موجوده سردار کي پنهنجي پيءُ جي وراثت مان وڏي دولت هٿ آئي آهي.

دائودپوٽہ مسلمانن جو هڪ قبيلو آهي. سندس بنيادي تعلق شڪارپور واري علائقي سان آهي، جيڪو سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري تي آباد آهي. اورنگزيب جي شروعاتي ڏينهن تائين اهي شڪارپور واري دٽيءَ ۾ رهندا هئا. انهن درياه ٽپي دليريءَ جا ڪارناما سرانجام ڏنا. مهرن ۽ ڏهرن کان کي علائقا فتح ڪري پنهنجي قبضي ۾ ڪيا هئا. پنجن نسلن کان وٺي هاڻي تائين بهاولپور ۾ رهندا اچن ٿا. سندن ذات يعني دائودپوٽہ مان پتو پوي ٿو تہ دائود نالي ڪنهن ماڻهوءَ جي اولاد مان آهن پر بهاولپور جو نواب پنهنجو شجرو نبي سڳوري جي چاچي عباس سان وڃي ملائي ٿو. نواب دائودپوٽن وارو قبيلو پيرجاڻي ۽ هيا عام داؤدپوٽا ڪيهراڻي ڪري سڏبا آهن. عام دائودپوٽا نوابن جيان پنهنجو شجرو نبي سڳوري جي چاچي عباس سان ملائي ڪونہ سگهندا آهن، تنهن ڪري سندن شجري ملاڻڻ وارو معاملو شڪ کان خالي ڪونہ آهي. دائودپوٽن جو سڄو قبيلو پندرهن هزار ماڻهن کان وڌيڪ ڪونہ ٿيندو. ڏاڍا خوبصورت قداور جوان آهن، پر بگهن ڇٽن وارن ڪري سندن سونهن ڪجهہ گهٽجي وڃي ٿي، جيڪي سندن ڪلهن تي پيا لڙڪندا آهن.

جيستائين افغان حڪومت طاقتور هئي تہ بهاولپور ڪابل جي ڏن ۾ رهي هئي ۽ بهاولپور جي سردار کي نواب جو لقب مليل هوندو هو. پر هاڻي هيءُ ملڪ آزاد ٿي چڪو آهي. هتان جا اڳيان ٽي حڪمران ملتان جي بزرگ جي نالي پٺيان بهاول خان سڏبا هئا. نواب جي لقب بدران کين هاڻي خان سڏيو ويندو آهي ۽ اهو لقب سندن رعايا ۾ گهڻو مشهور ۽ مقبول آهي. موجوده بهاول خان 30 سالن جو نوجوان آهي. رعايا کيس ڏاڍي عزت ۽ پيار ڏيندي آهي. هو سائنسي سوچ رکندڙ انسان آهي. تجارت ۽ زراعت کي ڏاڍي هٿي ڏئي ٿو. هيءُ خان پنج سال کن اڳ حڪمران ٿيو آهي. ساٽس وڏي پاءُ توڙي ٽپائي ڏني هئي، پر هاڻي سندس ماتحت ڪم ڪندو آهي. سندس اقتدار باقاعده قائم ٿي چڪو آهي. کيس ٽي پٽ آهن. حڪومت جي طرز مطلق العناني آهي. خان کان سواءِ سڄي ملڪ ۾ ڪوبہ اهڙو ماڻهو ڪونہ آهي، جنهنجو خان سان برابري وارو دم هجي. سندس شاهي شان ۽ شوڪت کان هيا سڀ هيٺ آهن ۽ منجهن عزت ۽ احترام واري حد فاصل قائم آهي.

بهاولپور ۾ ٽهندڙ مال مان هتان جي خاص قسم جي لنگي آهي. ڏاڍي خوبصورت ۽ شاندار ٿئي ٿي. هتان کان باهر به موڪلي وڃي ٿي. ڪوري هندو آهن. هن ملڪ ۾ هيءُ طبقو تمام گهٽو آهي. مذهب جي معاملي ۾ متن سخٽي آهي، پر ڏنڊي ۾ هو آزاد آهن. بهاولپور جا واپاري يورپ جي ٽهيل مال جو گهٽو واپار ڪندا آهن. اهو مال کين ماروار جي 'پالي' شهر مان ملي ويندو آهي ۽ بيڪانير ۽ ٿر رستي بهاولپور پهچي ٿو. ڪاهيءَ وٽان سنڌو پار ڪري ملتان ۽ لي معرفت دُراني علائقن ۾ پهچايو وڃي ٿو. بهاولپور ۽ هن ملڪ جا هندو ڏاڍا مهر جُو آهن. اهي بلخ ۽ استرخان تائين واپار لاءِ سفر ڪري ويندا آهن.

پشاور، ڪابل ۽ بامیان رستي وڃي آمون درياه ڪري هندستان جي ٽهيل مال جي-مال سبان متاستا ڪندا آهن، ۽ ايشيا جي ان حصي ۽ روس جو ٽهيل مال اتان وٺجي واپاري ڪٽي هتي پهچندا آهن. هندو واپاري ازبيڪ بادشاه ۽ ڪابل جي دوست محمد جي ڏاڍي ساراه ڪندا آهن، چو جو اهي ٻئي سندن شخصي توڙي تجارت جي وڏي حفاظت ڪندا آهن، ستلج درياه يا البت ستلج ۽ بياس جو ڪڏيل وهڪرو گهارو، جنهن جي ڪناري تي بهاولپور جو شهر آباد آهي؛ سو جهازراني جي لائق آهي، اها ٻي ڳاله آهي جو ڪيس تجارتي آمدرفت لاءِ استعمال ڪونہ ٿو ڪيو وڃي. سنڌ کان سواءِ هين علائقن ۾ درياهن رستي تجارتي آمدرفت ڪانہ آهي. ان لاءِ آءٌ اهڙو ذڪر ڪري ٻ آين آهيان تہ سنڌ جي سنڌوءَ سان آباد اترين ملڪن سان درياهي تجارتي آمدرفت ڪانہ آهي. بياس درياه جي نالي متعلق آءٌ ٻڌائيندو هلان تہ ستدس اصلي نالو 'بائپاسا' آهي، جنهن جا سي اکر هاءِ فاسس (Hyphasis) ۾ موجود ملن ٿا ۽ اهو نالو قديم مؤرخن جي تاريخن ۾ ٻ ملي ٿو.

پنجاب

مهاراجا رنجيت سنگھ جو ملڪ ، ستلج کان وٺي سنڌوءَ ۽ ڪشمير کان وٺي ملتان تائين پکڙيل آهيٰ. سنڌوءَ کان اوپر طرف واريون پنج ندیون ان ملڪ کي پاڻي ڏين ٿيون. هن ملڪ تي مهاراجا جو اقتدار ڏاڍو سگهارو آهي. سندس حڪم جبلن ۽ ميدان تي جاري ۽ ساري آهي. هن سڪ سردار جي ڏينهن ۾ حڪومت جو دستور بدلجي ويو آهي. ويهن سالن جي عرصي اندر هڪ جمهوري حڪومت مطلق العنان بادشاهي ملڪ ۾ بدلجي وئي آهي. هن اڪيلي ماڻهوءَ جي عقل ۽ ڏاهپ هيڏي ساري تبديلي آندي آهي. مذهبي طاقت جيڪا جمهوري ۽ ٻين جذبن کان اعليٰ ۽ اتر هوندي آهي، تنهن ۾ سندس پرپور مخالفت ڪئي هئي.

عادتن جي تبديلي ۾ عام نظر اچي ٿي. عادتن جي اها تبديلي پهريون ته هن مهاراجا ۾ آئي، پر سندس اهم سردارن کان وڌيڪ تبديلي عام ماڻهوءَ ۾ نظر اچي ٿي، جيڪي کيس ڏي عزت ڏيندا آهن ۽ گهڻو احترام ڪندا آهن.

اسان جو امرتسر ۾ هاڻي کو ڪمر ڪونہ رهيو آهي. هي شهر جو مقدس شهر آهي، هن ئي شهر ۾ ملڪي سياست جا معاملا بحث هيٺ ايندا ۽ طئي ٿيندا هئا. گرو گوبند سنگھ جي چيلن هتان پنهنجي قوم جي آزاديءَ جو اعلان ڪيو هو. اڄ هتي سياسي بحث مباحثي جو نالو نشان ۽ ڪونہ ملندو. جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته اهو هندن جي مذهبي هٿ ڏريءَ جي پراڻن اصولن کان بلڪل پري ۽ پاڻيسري يوسف زئي مسلمانن جي ضعيف اسلامي عقيدن کان گهڻو ڏور هو. سندس بهادري سڪ مذهب سان هر وڪ تي گڏ؛ بلڪ سڪ مذهب ئي سندن بهادريءَ جو بٹياد هو. سکن جو سياسي اوج ۽ مذهب جي منجڻ (بدلائڻ) ڪري ٿيو. جيڪو هاڻي ته گهڻو بدلجي چڪو آهي. سکن جا اصول خاص قسم جا هوندا آهن ۽ پنهنجن مقصدن ۽ نيتن جي لحاظ کان نرالا آهن.

مهاراجا رنجيت سنگھ اقتدار، حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي خاص حڪمت عمليءَ سان جمائي رکيو آهي. ونس باقاعده ۽ منظم فوج آهي. ان سان گڏ مناسب توپخانو ۽ گهوڙيسوار دستا ۽ موجود آهن. هن ملڪ ۾ يورپي طرز جو فوجي طريقو رائج ڪونہ آهي. هن قسم جي فوجي جدت ۽ جديد خيال رکندڙ ماڻهن کي سڪ سردار شڪ ۽ شبهي جي نظرن سان ڏسندا آهن. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته

راجا رنجيت سنگھ جي مرڻ کان پوءِ پاڻ کي ڏاڍو اڪيلو سمجھندا. پنجاب ڇڏڻ وقت سندن سڄيءَ عمر جو پورهيو ڪنهن وڏي وگوڙ جو شڪار ٿي ويندو. موجوده دور ۾ سندن بٽالين ڏهاڙيءَ واريون پريدون پابنديءَ سان ڪنديون رهنديون آهن. سڪ فوج گهربل ساز سامان سان سينگاريل ضرور آهي، پر فوجي سپاهين وارين خوبين کان واڌيڪ آهي ۽ منجهن تنظيم نالي جي ڪا به شيءِ موجود ڪانه آهي. کين پگهار به وقت سار ڪانه ٿي ملي. اهي سپاهي مشينن سان لاڳاپيل فرض به سرانجام ڏئي سگهن ٿا. بهادريءَ جا ڪيترا مثال قائم ڪري چڪا آهن، پر فوج ۽ حڪومت ۾ هم آهنگي ڪانه ٿي ڏسجي. مهاراجا جون شاندار فتحون هن باقائده ۽ منظم فوج جي قيام کان اڳ واري دور سان تعلق رکن ٿيون.

سڪ سردار پنهنجي جاگيرن اندر به اقتدار وڃائي ويٺا آهن. رنجيت سنگھ کين بحال ڪرڻ ۾ ناڪام ڪونه ويو آهي. وري به کين موقعي جو فائدو ڏيندو آهي. اتفاق جي صورت ۾ ٻنهي ڌرين کي لٽي ڦري پنهنجي شان ۽ شوڪت وڌائڻ جو موقعو ڏنهن به هٿان وڃائڻ ڪونه چاهيندو آهي. هن هميشه انساني اوٽاين مان پرپور فائدو حاصل ڪرڻ پنهنجو حق سمجهيو آهي. ڪيس وڏن واعدن ڪرڻ وقت ڪا به خبر ڪانه پوندي آهي، ڇو ته انهن کي پوري ڪرڻ جو ڪيس ڪڏهن به ارادو ڪونه هوندو آهي. مهاراجا وڏي دل ڪري فتح ڪيل ملڪ ۽ ملڪيت سردارن ۾ ورهائي آهي ۽ ڏئي وٺي کين هميشه راضي رکندو ايندو آهي، پر مٿس ڪن ٽورن کي اعتبار ۽ اعتماد هوندو آهي. هو سندس طاقت کان باخبر آهن ۽ سندس ڪاوڙ کان گهٽو ڪن هٽندا آهن.

پنجاب ۽ سندس ماتحت علائقن جي سالياني پيداوار ايائي ڪروڙ روپيا آهي. وڏو محصول ڪيس ڪشمير مان ملندو آهي. ڪشمير پنجاب جو غلام ملڪ آهي، جيڪو ڪيس ڇٽيه لک روپيا سالياتو ڏن ڏيندو آهي. هن ۾ هڪ ڪاله جو واڌارو ضرور ڪندس ته پنجاب جي هن پيداوار ۾ سڪن جون مذهبي جاگيرون ۽ انهن جون ديلون به شامل سمجهڻ گهرجن. محصولن جي اوگاڙي وڏي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ سان ڪئي ويندي آهي. ائين جيئن هتان جي ڏيهي ملڪن جو رواج آهي.

پهرين اهو سمجهڻ گهرجي ته ديل وصول ڪرڻ وارا عملدار هوندا ئي ڪائو آهن، وڏي (رشوت) سندن ايمان هوندو آهي. هن حقيقت کان چگيءَ ريت باخبر هوندا آهن ته ديل وٺڻ وقت ديل ڏيڻ واري جو پٺڪو ضرور لاهجي ۽ موت ۾ هن هٿان ٻه چار پادر ڪائجن. مهاراجا رنجيت سنگھ طرفان مڙهيل ديلون هلڪيون آهن. ملتان جون ديلون خوشحاليءَ واري دور ۾ اڳوڻيون بحال رکيون ويندون آهن. ان جي ابتڙ ڪشمير جي حالت ڏاڍي خراب آهي. هتان جا ويچارا ماڻهو ڏاڍا مظلوم ۽ مسڪين آهن. مهاراجا جو ٻين تي اعتماد ڪونه هوندو آهي. شڪ

هوندو اٽس تہ متان سرڪار لاءِ مليل قيمتي شيون ڪسڪائي ڪائي وڃن. تنهن ڪري هيءُ پنهنجا ذاتي ماڻهو اوڏانهن موڪليندو آهي.

سنڌوءَ جي اوڀ طرف وارن علائقن کي پنجاب ۾ شامل ڪري محصول جي آمدني وڌائي سگهجي ٿي. انهن مان ڪي علائقا تہ رنجيت سنگھ فتح ڪري ورتا آهن. ائين ڪري هن دوراندیشيءَ ۾ امتياز جو ثبوت ڏنو آهي. سنڌوءَ پار، سندس مقابلو يوسف زئي جهڙن جنوني مسلمانن سان ضرور ٿيندو ۽ اهي فتح ٿيڻ ۾ سندس فوج جو وڏو وقت وٺندا. تنهن ڪري راجا پشاور کان سالیانو ڪجھ گھوڙا ۽ چانور وٺڻ تي راضي ٿي ويندو آهي. سنڌوءَ جي ڏکڻ، ديري غازي خان ۽ بهاولپور جا علائقا آهن.

پنجاب ۾ فوجي رسد جا ذريعا تمامُ گھٽا آهن. اناج پنهنجي رعايا جي کپت کان گھٽو پيدا ٿئي ٿو. آدمشماري گھٽ هجڻ ڪري زرعي پيداوار جي وسيلن کي پريور نموني استعمال ڪري ڪونہ ٿو سگھجي. اٽ، خچر، گھوڙا ۽ ٻيو چوپايو مال جامَ آهي. قد ۾ ڪٽي لائيرا آهن، پر ڏاڍا ڪمائتا آهن. ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين قيٽي جي آمدرفت ڪنهن سٹي رستي جي موجودگيءَ جي وڏي ثابتي آهي، پر جابلو علائقن ۾ اهڙي قسم جا رستا موجود ڪونہ آهن. سنڌو ۽ ٻيا درياھ جهازراني جي لائق آهن، پر انهن کي هن مقصد لاءِ استعمال ڪونہ ٿو ڪيو وڃي. پٽڻ واريون ٻيڙيون گھٽيون موجود آهن، ۽ ٻيڙين بنائڻ لاءِ خام مال بہ موجود آهي. هتي سيٹاھ سان درياھ اڪرڻ جو رواج آهي، پر اهو ميدانن کان جابلو علائقن ۾ وڌيڪ مقبول آهي.

ملڪ ۾ سکن جي ٿورائي آهي. تعجب جي ڳالھ اها آهي تہ پوءِ بہ حڪومت سندن قائم آهي، هن قوم جي ماٽر پوميءَ دوآبو آهي، يعني راويءَ ۽ ستلج جي وچ وارو علائقو. لاهور کان 30 ميل هيٺ سک واجبي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. جهلم (Hydaspis) کان اوڀ طرف سکن جو ٿانءُ نشان بہ ڪونہ ملندو. لاهور کان اوپر طرف سندن گھٽائي آهي. سک پنجاب جي سڃيءَ آدمشماري جي ٽئين حصي جيترا بہ ڪونہ ٿيندا. پنجاب ۾ ماڻهو تمام ٿوريءَ انگ ۾ آهن. ان پيٽ ۾ زرخيز ۽ آباد زمين وڌيڪ آهي ۽ موجوده حڪمران جي دور ۾ پنجاب جي آدمشماري تمام گھٹي وڌي آهي. (1)

---

*(1) A more full account of the Punjab has been given in Vol:II, Which was drawn up after my last visit to that Country.

چناب (Acesines) ۽ راوي (Hydroates) جو سنگم

چناب پنجاب جي بگهي ۾ بگهي ندي آهي. سندس ويڪر کي وڌائي پيش ڪيو ويو آهي. ٽالمي، سندس مٿئين پاسي واري ميوڪر 15 فرلانگ ٿو ٻڌائي. آرين چوي ٿو ته پنجن درياهن جو پاڻي چناب جي وهڪري جي صورت ۾ سنڌوءَ سان سنگم ڪري ٿو ته سندس ويڪر 130 اسٽاديا کان وڌيڪ ۽ نيل درياه کان گهڻي وڏي آهي. سڪندر پنهنجي جنگي مهم چوماسي جي رُت ۾ شروع ڪئي هئي. ان وقت، ندين ۾ انتها درجي جو چاڑهه ۽ ٻن مهينن لاءِ هر طرف پاڻيءَ جي اٽل هوندي آهي. اسان هيٺئين پاسيّ جي وڏيل ويڪر جو اڳ ۾ ئي ذڪر ڪري چڪا آهيون ۽ ٻڌايو اٿم ته اتي چناب جي ويڪر 600 گز ۽ اونهائي 20 فوٽ آهي. ستلج جي سنگم کان مٿان هن درياه جي ويڪر ۾ ڪا گهٽتائي ڏسڻ ۾ اچڻ جهڙي ڪانهي ڪا. چاڪاڻ ته درياه جي ويڪر ۾ واڌارو ڪونه ٿو ڏسڻ ۾ اچي، پر اونهائي وڌي وڃي ٿي. راويءَ جي ڏکڻ ۾ چناب جي اونهائي فقط 12 فوٽ آهي. سندس ڪنارا نديا آهن. ڪن جاين تي سندس ويڪر 1200 گز آهي ۽ سنڌوءَ جهڙي موڪري پئي نظر ايندي آهي. ملتان جي ٻڌڻ وٽ به هڪ هزار گز موڪري هئي. اها جاءِ راوي جي سنگم کان 3/4 ميل هيٺ هئي. هي ڳالهيون عام وهڪري سان لاڳاپيل ڪونه آهن.

راويءَ ۽ چناب جو سنگم فاضل پور کان هيٺ 30 ڀگريون ۽ 40 منٽ ويڪرائي ڏاڪ تي ۽ اڇ کان 180 ميل پري ملتان کان 53 ميل مٿي درياه جي وڪڙ ۾ ٿئي ٿو. اهو وهڪرو ملتان جو پاسو ڏيو ڏکڻ- اولهه طرف موڙ کائي سنڌوءَ ڏانهن وڃي ٿو.(1) سندس پاڻيءَ جي ڳاڙهي رنگ جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيا آهيون. راويءَ جو پاڻي اڃا ب گهري رنگ جو آهي. رفتار ۾ سنڌوءَ جي پاڻيءَ کان وڌيڪ تکو آهي. پر پنجاب جي ب سيني ندين کان تيز آهي. سندس ٻئي ڪنارا ڪليل آهن ۽ منجهانئس وڏا واهه ڪوٽي زمين آباد ڪئي وڃي ٿي. ملتان کان مٿان ساڄي ڪناري واري طرف ٻڌل آهن، جن تي ڪيتي ڪاڻ ٿي سگهندي آهي

*(1) We perform the Voyage from one junction to the Thar in six days, against the stream.

۽ اُهي درياھ کان ٻہ ميل پري زرعي زمين ڏانھن وڌندیون رھن ٿيون. اھو ويساھ ڪرڻ غلط ٿيندو تہ جاٽايل ويران علائقو اُڇ جيترو ھيٺانھون آھي ۽ ھيءُ خطو سنڌوءَ ۽ چناب جي وچ واري دوآبي ۾ شامل آھي. ھن خطي ۾ ڪيترا وسندڙ ڳوٺ آھن ۽ ھڪ درياھ جي ڪناري کان وٺي ٻئي تائين ڏاڍو سرسبز ۽ آباد آھي. ٻنھي درياھن جي وچ تي 25 ميلن جو مفاصلو آھي. اھو خطو ڪڏھن ٻہ ويران ڪونہ رھندو. پر جيڪڏھن ان بنجر علائقي ۾ ڪجھ واڌارو آيو ۽ ملتان جي ھيٺئين طرف وڌندو ويو تہ پوءِ اھڙو امڪان ٿي سگھي ٿو.

ملتان وٽ چناب ۾ زروڪ طرز جون ٻيڙيون ھلن ٿيون، پر اھي ٻيڙيون دائوديوٽن واري ملڪ ۾ استعمال ٿيندڙ ٻيڙين کان ڪجھ مختلف آھن. ھن ٻيڙيءَ جو ٻُلڪ پاڻيءَ ۾ رھڻ ھڪ فوٽ مٿي ھوندو آھي. گھٽيون ننديون ٻہ ھونديون آھن. ڪوھي تي ڪيڏي بدران تڏن جا سڙھ ٻڌندا آھن ۽ ڪوھا ٻہ ننڍا ٿين، جيئن تہ درياھي آمدرفت ڪانہ آھي، تنھن ڪري ضرورت وقت جھلم مان لوڻ ڪڍي ايندڙ ٻيڙيون استعمال ڪري سگھبيون آھن. اسان جي ٻيڙين وارو قافلو ڏھن ٻيڙين تي مشتمل ھو. درياھ جي ھن پاڪي ۾ وڏيڪ ٻيڙيون جاصل ڪري ڪونہ ٿيون سگھجن. ھي ٻيڙيون ديال (Cedar) مان جوڙيون ويندیون آھن. ھيءُ وڻ ان جاءِ تي ٿئي ٿو، جتان پنجاب جون نديون جبلن تان پاڻي ڪڍي ھيٺ ايندیون آھن. ديال جا وڻ وڏي درياھن ۾ اڇلايا ويندا آھن ۽ مالڪن کان سواءِ ڪين پاڻيءَ مان ٻيو ڪير ٻہ ڪيي ڪونہ سگھندو آھي. اھو ڪاٺ ھر مقصد لاءِ ڪم اچي ٿو. ٻيڙيون تہ خير ھن ڪاٺ مان جوڙيون وڃن ٿيون، پر مرمت ۾ ٽالھيءَ (يا سنجھيءَ) جي ڪائي استعمال ٿئي ٿي، جيڪا ھر ڳوٺ ۾ چانو لاءِ پوکي ويندي آھي. ھن ملڪ ۾ وڻ بلڪل گھٽ آھن. فوجي ماٹھو اھي وڻ ڪٽي درياھ ۾ اڇلي ڇڏيندا آھن ۽ جتي ضرورت ھوندي آھي، اتان ٻاھر ڪيندا آھن، ڪين روڪڻ وارو ڪير ھوندوئي ڪونہ آھي.

ھتان جا رھاڪو بنا ٻيڙين جي درياھ ٽپي ويندا آھن. ترڻ ۾ سيٺاھ يا ترھو استعمال ڪن. ھن قسم جي غيرمحفوظ طريقي سان خاندان جا خاندان تار مان پار اکري ويندا آھن. مان ھڪ ماٹھو ڪي سندس زال ۽ ٽن ٻارن سان درياھ پار ڪندي ڈٺو. سندس زال ۽ ٻارڙا ھڪ ترھي تي ويٺل ھُئا ۽ پاڻ سيٺاھ جي مدد سان ترندي ترھي ڪي ڏڪي رھيو ھو. عورت ڪي ھڪ ننڍڙو ٻار ھو جيڪو سندس ڇاتيءَ سان چنبڙيل ھو. سيٺاھ تي ترڻ وقت سامان سڙو، لٽا ڪپڑا لاھي مٿي سان ٻڌي(1) درياھ ۾ گھڙبو آھي. ڪين پڪ ٻہ ھوندي آھي تہ پاڻيءَ ۾ واڳون ٻہ آھن، پوءِ ڪٽي ٽورا ھوندا، پر ٻنھن ھوندي ٻہ اھڙي قسم جا خوف ۽ خطرا ماٹھن ڪي وري وري ترڻ کان روڪي ڪونہ سگھندا آھن.

---

(1) ترڻ مھل مٿي سان ٻڌل ڪپڑن کي مولھيو چيو ويندو آھي. (سنڌيڪار)

چناب جي ڪناري سان ملتان واري علائقي ۾ هڪ وسيع ايراضي آهي، جنهن ۾ هين ڪان سواءِ شجاع آباد جو جديد دور سان واسطو رکندڙ شهر به آهي. جڏهن هيءُ علائقو پٺاڻن جو ڏن- پرو هو تہ پٺاڻن منجهس ڪابہ چگي شيءِ نالي ڪاڻ ڪانہ ڇڏي هئي. قبضي ڪرڻ ڪان پوءِ رنجيت سنگھ ماڻهن جو اعتماد بحال ڪيو آهي. نوان واهہ کوٽايائون ۽ پراڻن جي صفائي ڪرايائون. هاڻي هيءُ هڪ سرسبز ۽ خوشحال علائقو بڻجي پيو آهي ۽ اڳي تہ ڏاريو سمجهي ڏڪي ڇڏيو ويو هو. زمين ڏاڍي پلي آهي. ماڻهوءَ جو پورهيو ڪانہ ٿي رکي. زمين ايتري تہ زرخيز آهي جو ڪٽڪ ڏيي ڏيڻ ڪان اڳ ۾ ٻہ ڀيرا ڪُنپ (1) لڻائيندي آهي، جنهن کي مال جي چاري لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو. پوءِ اَنَ جون دَنيون لايو ٿي ڇڏي. نير ۽ ڪمند جي پوک بہ ڏاڍي پلي ٿيندي آهي. زمين جي پنج ميل ڪن ڏکهي پٽي جي مون کي 75000 رپيا ڏل ڏٺائي وئي. ڪل ڏل ڏهہ لک رپيا اڳڙي ٿي. اهو انگ 1809ع ۾ اوڳاڙيل ڏل ڪان ٻيڻ تي آهي. ملتان جو تماڪ تہ عالمشان آهي. هندستان جي اندر ملتان ۾ ڪجيءَ جو وڻ جام آهي. پيداوار بہ جام آهي. هتان جي ڪجي ميوي بہ ڏاڍو جهلي ٿي. خوبين ۽ خاصيتن جي لحاظ ڪان عربستان جي ڪتل ڪان ڦروپرو گهٽ ڪانہ آهي. اوهہ هندستان جيان تاڙي ڏيڻ ڪان پوءِ هتان جي ڪجي ڪمزور اصل ڪانہ ٿيندي آهي. ان ڪري فصل پورو ڏئي ٿي. هن سبب ڪري سندس ميوي ۾ گهٽيون عمدين خاصيتون موجود هونديون آهن. انب خط استوا ڪان پري ڪو خاص قر ڪونہ ڏيندو آهي.

---

(1) سنڌ جي ڪن علائقن ۾ ڪنپ کي 'ڪوئر' چيو ويندو آهي. (سنڌيڪار)

لاهور کان هيٺ راويءَ جو احوال

راوي پنجاب جي ننڍي ۾ ننڍي ندي آهي. پر ان ندين يا سنڌوءَ سان گڏجي، سمنڊ کان ڏُهي لاهور تائين ويڙهين جي سفر لائق آهي. هيءُ درياهه فاضل شاه وٽ، ويڪراڻي ڦاڪ 30 ڊگريون ۽ 30 منٽ تي چناب سان سنگم ڪري ٿو. چناب سان ملڻ وقت ڪيس 8 فوٽ اونهائي سان ٿي منهن آهن. لاهور کان هيٺئين پاسي سندس ويڪر 150 گز آهي. سندس ڪنارا ايڪپرا، اتانهان ۽ سخت آهن. ڪيترن هنڌن تي موڪري ٻه آهي. ور وڪڙ ڏايا اٿس. ان ڪري سڙهه استعمال ڪري ڪونه سگهبا آهن. وڪڙن هڇ ڪري سڄي ڏينهن ۾ ٿي يا چار ميل سفر مس ڪري سگهبو آهي. راويءَ جي منهن کان لاهور 175 ميلن تي آهي. اهو درياهه شاه 380 انگريزي ميل ٿي ويندو.

سال جي اڻ مهين ۾ راوي ڪٽان ڪٽان لانگها ٻڏجي ويندي آهي. پر سندس پاڻيءَ جي عام گهرائي 12 فوٽن کان مٿي هوندي آهي. منهنجو خيال آهي ته جيڪا ويڙي پاڻيءَ ۾ 5 فوٽ هيٺ لهي سگهي، سا هن درياهه ۾ سولائيءَ سان هاڪاري سگهندي. هن ملڪ جي ويڙي پاڻيءَ ۾ ٽي فوٽ مس لهندي آهي. تراڪڙي تري واري ٻه هوندي آهي، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٻه اڇي ڇڪو آهي. اهڙين ويڙهين لاءِ هارهوئي ڪٽي ٻه ڏکيائي ڪانه ٿيندي. راوَيءَ کي تجارتي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. هتان جون سڀ ويڙيون پٽڻ جو ڪم ڪندیون آهن. لاهور کان هيٺان اهڙين ويڙهين جو انگ 52 آهي. اسان ٻه منجهن چڙهيا آهيون، وڏيڪ ويڙيون حاصل ڪري ڪونه سگهياسين. سفر 21 ڏينهن ورتا، پر ڏکيو ڏاڍو هو. ٽڪائي ماري رکيو هئائين. شايد هن ڏنگي، ڏائي ۽ ڏکئي سفر سبب ماڻهو منجهس سفر ڪرڻ ڪندا آهن.

راوي سڀي ندي ڪانه آهي. سندس ڪپر ۽ ڪنارا راويءَ جي ٻين سان پريا پيا آهن. انهن مان ڪيترن هنڌن تي چورڳپ آهي، جو ماڻهو ويو ناهي هٽيڪو ٿيو ناهي. سندس ورن وڪڙن مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته هي درياهه جنهن علائقي مان گذري ٿو سو سنئينءَ سنوت وارو ميدان آهي. سندس ڪنارا سنڌوءَ يا پنجاب جي ٻين درياهن کان پڪا پختا آهن. لاهور جي اوسي پاسي سندس ڪنارا چاليه فوٽ کن اتانهان آهن. ڪن جاين تي ان جي اڌ جيترا اوچا آهن ۽ معلوم ائين پيو ٿيندو جڏ ته راوي درياهه نه پر ڪو هڪڙو واهه آهي، پر پاسي واري ايراضيءَ

تي سندس پاڻي اٽل ۽ ٻوڏ گهٽ ڪندو آهي. اها ڏيان ۾ رکڻ جوڳي ڳاله آهي ته زراعت جي مقصد واسطي لاهور کان هيٺان هن درياه مان ڪي واه کوٽيل ڪونه آهن. سندس وهڪري جي تک ٿي ميل في ڪلاڪ آهي. چناب جي پاڻي جيان، سندس پاڻي به ڳاڙهو آهي. پر جڏهن جهلن ۾ پوندو آهي ۽ ندين وهي اچي منجهس پوندين آهن ته پاڻيءَ جو رنگ بدلجي ويندو آهي، هن درياه کي بعضي 'اروتي' جي نالي سان به سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ اسان يونانين جي نالي Hy-droates جي اصليت کي محسوس ڪريون ٿا.

راويءَ جا ڪنارا ڪليل آهن ۽ ماٺهن جي آبادي به سندس چوڙ کان مٿي ڏسڻ ۾ ايندي آهي ۽ دارالسلطنت جي اڌ پنڌ تائين آبادين ڪچين ڏسبين. جوڙ ۽ ڪاٽيا جا سانگي قبيلا مال جي ڪڍ واندين وستين بدلائيندا وتندا آهن، جن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. فتحپور جي علائقي ۾ سندن آبادي ڪل آهي ۽ اتي فصل ڪاهيا وڃن ٿا. ان هنڌ کان هيٺ زمينون غيرآباد پيون آهن. ستلج ۽ راويءَ جي وچ وارو علائقو به جهلم جي اترئين علائقي جيان غيرآباد آهي. راويءَ جي ٻنهي ڪنڌين سان شورو تمام گهٽ ٽيندو آهي.

راويءَ جي ڪناري تي لاهور جو هڪ ئي اهم شهر آباد آهي، پر هيءُ درياه گهٽي وقت کان وٺي هن شهر کان گهٽو دور وهندو آهي ۽ هي پراڻو دارالسلطنت راويءَ جي هڪ واهڙ تي آباد آهي. فوجي ۽ تجارتي لحاظ کا لاهور جي حيثيت اطمينان جوڳي آهي. ڪشمير، ملتان ۽ پشاور کان هڪ جيتري مفاصلي تي واقع آهي، پر مان ته دهليءَ کي به انهن شهرن ۾ شمار ڪريان ٿو. سندس چوڌاري سرسبز ۽ آباد علائقو آهي ۽ اسي هزار ماٺهن جي لاءِ کاڌو خوراڪ مهيا ڪري ٿو. پر ماٺهو چون ٿا ته آبادي جي انگ وڌڻ سان کاڌ خوراڪ جي شرح ۾ ايڏو واڌارو ڪونه آيو آهي. شهر جي آدمشماري اسي هزار آهي. سندس چوڌاري پڪين سرن جي عالم پناه ۽ ڪاهي کوٽيل آهي، جنهن کي راوي درياه جي پاڻيءَ سان پريو ڦيندو آهي. عالم پناه کي چوڌاري 12 ڦاٽڪ ۽ ايترا اڌ گول چبوترا جوڙيل آهن. منجهس آباد ماٺهن جي ججهي انگ کي ڏسي سمجهي سگهجي ٿو ته. شهر گهيري جو گهٽو وقت مقابلو ڪري ڪونه سگهندو. باقي غيرمنظم فوجي حملي خلاف پنهنجو بچاءُ ضرور ڪري سگهندو. امرتسر، لاهور کان وڏو ۽ وڌيڪ سگهارو شهر آهي. هن،جي چوڌاري وڏيءَ ويڪر سان هڪ مضبوط ڪچو قلعو موجود آهي، شهر ستن ميلن ۾ پکڙيل آهي ۽ 'گوبند گهر' جو ڪيس وڏو بچاءُ آهي. سندس آدمشماري هڪ لک آهي. راويءَ جي چوڙ وٽ تلمبا جو نندو شهر آهي. آدمشماري 1500 اٽس. چؤطرف ڪمزور قسم جو گول پڪو قلعو آهي. راويءَ کان به ميل پري ڏکڻ ۾، ڪجين جي وٽن جي جهڳٽي ۾ هيءُ شهر ڪن ايامن کان آباد آهي.

سنڌوءَ جي اوپرين شاخ ۽ ڪڇ متعلق يادگيرن تان ورتل احوال ۽ ڪڇ ۾ 1819ع ۾ آيل زلزلي ڪري تبديلين ۽ رڻ متعلق به چار ڳالهيون

[مان ڪجھ وقت اڳ لکيل پنهنجي مقالي کي هن بهترين موقعي تي پيش ڪري رهيو آهيان. مان اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو ڀانئيان ته هن مقالي ۾ ڪجھ حقيقتون اهڙيون درج ڪيل آهن، جن متعلق عوام کي اڳ ئي خبر آهي ۽ انهن متعلق پروفيسر لائل (Lyell) به ڪجھ لکيو آهي. (1)

ڪڇ جي رڻ تي ڪو هيو مواد به ڇپيو آهي يا نه، سا مون کي خبر ڪانه آهي، هيءَ دنيا جي گولي تي پنهنجي نوعيت جو هڪ عجيب خطو آهي.

اسان جي هندستاني علائقي جي اولھ- اتر واري ڇيڙي ۽ خط استوا جي پرسان ڪڇ جو ويران خطو آهي، پر انگريزن جي جنگي پيش قدمي واسطي وڏي اهميت رکي ٿو. انهن سيني ڳالهين کان وڌيڪ هڪ تاريخ جي شاگرد جو هن سبب ڪري به ڌيان ڇڪائي ٿو ته سندس اولھ واري ساموندي ڪناري سان مهان ۽ قديم سنڌوءَ (Classic Indus) جو پاڻي اچي ڇوڙ ڪندو آهي. ڪڇ جي ملڪ جو پنهنجو خاص هنڌ ۽ ماڳ آهي. سندس اولھ پاسي کان پورالو ۽ جنوبي سنڌو آهي. اتر ۽ اوپر کان رڻ آهي، جيڪو ڪٿي وارياسو بيابان آهي ته ڪٿي وري پاڻيءَ جون ينديون آهن. ڏکڻ ڏس کان ڪڇ جي کاري ۽ هندي سمنڊ آهي، جيڪو سال بسال ڪنارا ڇڏيندو وڃي ٿو.

هن ملڪ جي طبعي جاگرافي ڏاڍي دلچسپ آهي. سندس سرحدون سدائين قرنديون گهرنديون رهن ٿيون. اهو ته ٻيهر پر اهو ڏرتيءَ جي ڏوڏن جي به منهن ۾ رهيو آهي. ڏرتيءَ جي پوئين ڏوڏي هڪ نه ڏسڻ جهڙي پيمانڪ تبديلي اها آندي، جنهن جو سنڌوءَ جي اوپارئين شاخ تي وڏو اثر پيو. هن مقالي جو خاص مقصد اهو آهي ته ان تبديليءَ جي خاص اثرن جو چڱيءَ ريت کولي بيان ڪجي. موجوده

(1) See "Priniciples of Geology" by Charles Lyell rsp., II 1832. F.R.S. London Vol II 1832.

. دور ۾ ڪڇ ۾ واري ملڪ جي پاند پلاند ونڻ واري سازَ ۽ ڪيني جي جذبن جو شڪار آهي. 1762ع جي 'جهارا' واريءَ جنگ(1) کان اڳ ۾ سنڌوءَ جي اوپارين شاخ پراڻ ڪڇ ملڪ جو اولهائون پاسو ڏئي هندي سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندي هئي. منڊ کان ونڊي توڙ تائين سندس ڪنڊيون ۽ ڪنارا ڏايا وسندڙ ۽ آباد هئا ۽ ماڻهو ريان ڪيان ۽ خوشحال هئا. اڻل واريءَ موسم ۾ تمام گهڻيون ساريون ٽيندیون هيون. ان ڪري سندس ۾ پاسي واريءَ ايراضيءَ کي ماڻهو 'ساريال' ڪري سڏيندا هئا. 1762ع کان پوءِ اها سڪي وئي.

قدرت طرفان بخشيل اهي نعمتون 'جهارا' جي جنگ کان پوءِ ختم ٿي ويون. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي حڪمران پنهنجي شڪست جي ونگو ويڑ ونڊي ڪيس ڏاڍو گهرو گهاءُ رسايو. ڪڇ ملڪ جو قصور فقط اهو هو ته هو سندس آڏو جهڪيو ڪونہ هو. ڪڇ کي هن آباد ڪندڙ سنڌوءَ جي شاخ کي 'مورا' جي ماڳن وٽ بند ٻڌائي بند ڪري پاڻي ٻئي ڦاٽ ۾ موڪليو ويو. جيڪو سندس ملڪ جي بيابان علائقي مان لنگهندو هو ۽ ڪڇ جو اهو سڪر سٽائي وارو سڪيو ستابو ۽ وسندڙ علائقو رڻ پٽ-ٻٽائي ڇڏيو. اها شاخ جيڪا جاڙيجن لاءِ سدائين سڪار جو سنيهو ڪٽي ويندي هئي، تنهن تي بند ٻڌي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ٻڌايل بند، سنڌوءَ جو پاڻي صفا روڪي ڪونہ سگهيو هو. پر پاڻيءَ کي اهڙي طريقي سان روڪيو ويو هو، جو مُکيہ وهڪري تي مدار رکندي. ڪيتي راهي وري پاڻ ٻري ٿي ڪانہ سگهي.

وقت گذرڻ سان ٿوري گهڻي زراعت بہ ختم ٿيندي وئي. ڪلهوڙن کان پوءِ ٽالپر سنڌ جا حڪمران ٿيا تہ انهن بہ 1802ع ۾ علي بندر وٽ، اڳئين جيان ٻيو بند ٻڌرايو. نتيجو اهو ٿيو تہ جيڪو ٻوڙ جي زماني ۾ سنڌوءَ جو پاڻي ڪڇ ڏانهن ڏوڪي ويندو هو سو بہ بند ٿي ويو. ۽ اهو ڦاٽ جيڪو ڪڇ ماڻ لنگهي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو، سو هميشہ لاءِ سڪي ويو. ان کان پوءِ رهندو سهندو ڪڇ جو اهو ساريال پاڳو ڪڇ جي رڻ جو حصو ٻڌجي ويو تہ منجهس گاهہ جي سائي ٽهي وري کانہ جائي. لکپت(2) وٽ اها شاخ تانگهي ٿي وئي ۽ مٽي سنڌريءَ جي ماڳن وٽ گپ سان پرجي آخر سڪي وئي. ان شاخ جو هيٺيون پاسو کاريءَ جي صورت

---

*(1) This battle was faught near a small village of that name. The inhabitants of Cutch made a brave stand for their independance against a Sindhian army led by Ghulam Shah Kalhora.

ان فوج جي اڳواڻي شاهہ بهاري ڪئي هئي. (سنڌيڪار)

(2) Captain (Now tiet-col) D. Wilson of Bombay Army found a Iford here in 1820, in the part of the rever, 500 yds wide. In 1826, found a depth of fifteen feet in the oame place.

اختيار ڪري ويو ۽ جڏهن به سمنڊ جي ويڑ چڑهندي آهي تہ ڪاري پاڻيءَ سان تار ٿي ويندي آهي.

ڪچ جي راڻن کي سنڌ ۾ بدين، بالياري ۽ رحمڪي بازار ۾ ٿي فوجي چانوڻيون هيون. پر اهي پوءِ به پنهنجي ۽ پنهنجي رعايا جي توهين خاموشيءَ سان سهندا آيا. جن نعمتن سان قدرت سندن ملڪ کي نوازيو ۽ وري ڪائنس کسجي ويون هيون، تن نعمتن کي پنهنجي ملڪ جي لاءِ موٽائڻ واسطي هٿ پير به ڪونہ هنيائون. انهن گهرن گهاوَن کي چٽائڻ جي ڪڏهن به ڪوشش ڪانہ ڪئي وئي. اهو هڪ قدرتي قانون به هوندو آهي تہ مختلف قومون امن امان جي دور ۾ هڪ ٻئي سان سنو ورتاءُ ڪنديون آهن. جنگ جي وقت وري پنهنجي مفاد خاطر ننڍي ۾ ننڍي نقصان ڪرڻ کان به ڪونہ ڪيهائينديون آهن.

انساني ڪنورتا جي هن عمل سان گڏ 1819ع ۾ ڏرتيءَ جي هڪ وڏي ڏوڏي جو به اضافو ٿيو، جنهن ۾ سوين ڪچي مري ويا. قلعن جي چوٽيءَ کان وٺي پيڙهہ تائين سرُ سر کان الڳ ٿي وئي. ڪُوهن ۽ واهڙن جا پاڻي جيڪي منا هئا، سي ڪري کارا ٿي ويا، پر اهي سپ چيها، سنڌوءَ جي اوپارين شاخ جي سڪي وڃڻ جي پيٽ ۾ تچ سمان هئا. سج لٽي ويل سنڌڙيءَ جي ماڳن وٽ ڏرتيءَ جا ڏوڏا ۽ لوڏا محسوس ڪيا ويا.

هيءُ دنگئي شهر، سنڌوءَ جي اوپارين شاخ جي ڪناري تي ان جاءِ تي واقع هو، جتي ڪچ حڪومت جي پيدي Custom office قائم هئي ۽ ڪچ- سنڌ وارو عام رستو به اتان لنگهندو هو. سنڌڙيءَ ۾ 150 فوٽ همچورس، تجارتي مال رکڻ لاءِ پڪين سرن جو قلعو ٺهيل هو. ڏرتيءَ ڏڻڻ کري هيءُ قلعو ڏهي پٽ پٽجي ويو. مٽائنس ساموندي ويرون وري ويون. تمام ٿوري وقت اندر سمنڊ جو پاڻي چوڌس چڑهي آيو. سنڌڙيءَ جي چوڌاري 16 ميل واريا سو رڻ پٽ اڪ چنپ ۾ ساموندي ينڊ بڻجي ويو. گهرگهاٽ به ساموندي پاڻيءَ هيٺ اچي ويا هئا. اڃ سال پوءِ، انهن گهرن واري پاڻيءَ ۾ مون پاڻ مڇي ڏٺي هئي. خشڪ ماڳ فقط اهي وڃي بچيا هئا، جتي قلعي جون سرون ڪري هڪ جاءِ تي ڍير ٿي ويون هيون. جئن مان فقط هڪ منارو وڃي بچيو هو، جنهن تي چڑهي پيديءَ جي عملدارن پنهنجون جانيون بچايون هيون. ٻئي ڏينهن تي کين ٻيڙين تي چاڑهي ڪنهن محفوظ ماڳ ڏانهن نيو ويو هو. (1)

*(1) Since my return to England, I have been so fortunate to Procure a view of Sindree, as it existed in the year 1808 from a sketeh by Captain Grendlay who visited it by that time. It has been engraved for this work and faces chapter XVI. Captain Grendlay's observations on Sindree follow in note.

ٹوري وقت کان پوءِ کين پتو پيو تہ پونچال جي هن ٽرٽلي فقط اها اڪيلي تبديلي ڪانہ آندي هئي. سنڌڙيءَ جي رهاڪن پنج ميل اتر طرف ڏٺو تہ جتي اڳي ٽِلين ۽ ترايون هيون، اتي مٽيءَ جا وڏا درڙا ڪ.ڪنيو بيٺا هئا. جيڪي اوله ۽ اوپر طرف گهٽي فاصلي تائين پکڙيل هئا ۽ سنڌوءَ جي شاخ پراڻ جي پيٽ مان ٻاهر ايري ڪيس سمنڊ ڪان هميشہ لاءِ جدا ڪري ڇڏيو هو. هتان جا ماڻهو ان کي اللہ بند جي نالي سان سڏڻ لڳا. اهو ان ڪاله ڏانهن اشارو هو تہ سنڌوءَ تي ٻيا بند ماڻهن ٻڌايا هئا، پر هيءُ قدرت جو جوڙيل بند آهي.

اهي تباهيءَ جهڙا واقعا ٿيندا رهيا، پر هتان جي رهاڪن، انهن کي خيال ۾ ڪونہ آندو. ڇاڪاڻ تہ 1762ع ۾ بند ٻڌائڻ سبب ان ملڪ ۾ جيڪا تباهي آئي هئي، سا ايتري تہ گهٽي هئي جو هن هاڃي تي ڌيان ئي ڪونہ ڏنائون تہ هاڻي ملڪ جو ڪيترو حصو ويران ٿيو ۽ ڪيتري حصي ۾ سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ جي ويندڙ ٽي ٻيهي رهي. ڪجهہ نئين سر ڪوشش ڪري اللہ بند جي مٿان پيدي قائم ڪئي، جنهن تي سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن اعتراض ڪيو. ڪ جي حڪومت پيديءَ جي عملدارن کي اتان ڪيڙي ڪڍ جي دنگ اندر وڃي رهايو.

اهي حالتون نومبر 1826ع تائين ساڳيون رهيون. اطلاع پهچي رهيا هئا تہ سنڌوءَ اتر سنڌ ۾ سڀ بند ڀڄي ڇڏيا آهن ۽ پاڻيءَ جو وڏو وهڪرو اوپر طرف آهلي پيو آهي. اللہ بند سان گڏ ٻيا هٿرادو بند ب ڀڄي ڇڏيا آهن ۽ سندس پاڻي ڪڇ ڏانهن ڏوڪيندو پيو اچي. مٿئين بيان جي سچائيءَ کي پرکڻ لاءِ مان، مارچ 1827ع ۾ روانو ٿيس تہ جيئن هن مستقل تبديليءَ متعلق حقيقتن کي ب قلمبند ڪري سگهان. مان ڪڇ جي دارالسلطنت ڀُڄَ کان هلي لکپت پهتس. هي شهر سنڌوءَ جي اوپارين شاخ ڪوريءَ جي ڪناري ۽ ملڪ جي اتر- اوله واري دنگ تي واقع آهي. هتان تراڪڙي تري وارڻ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيس ۽ ندييءَ جي وهڪري وٽ پهتس.

لکپت يا ان کان ٻارهن ميل مٿي هيءَ ندي 300 گز موڪري ۽ ٻارهن کان ارڙهن فوٽ اونهي هئي ۽ پوري درياه جيان ڏسڻ ۾ ٿي آئي. سموند جي ماڻڪ وٽ شهر کان 12 ميلن تائين واريءَ جا درڙا ۽ ڪنارا موجود هئا. درياه ۾ ميلن تائين چار يا پنج فوٽ تانگهو هو، پر پوءِ وري ساڳي اونهائي نظر آئي. هڪ وڏي ويندي ۾ داخل ٿيس، جنهن جا ڪنارا تہ ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ ٿي آيا ۽ سنڌڙيءَ وارو منارو ڇڻ تہ سمنڊ ۾ ٽڪريءَ جيان معلوم ٿي رهيو هو. سونبا وٽ پاڻي ڪارو ۽ سنڌڙيءَ وٽ پاڻي ٽاڙو ۽ درياهي هو. اتان کان اللہ بند ڏانهن ويس، جيڪو ڏهہ فٽ بلند ۽ مٽي مان ٺهيل هو. منجهس سپون ۽ ڪوڏيون جام هيون. بند واه جي ڪنارن جيان عمودي ڪوٽيل هو. پيٽ 35 گز ۽ اونهائي ارڙهن فوٽ هئس. سچي پچي سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو هڪ وڏو حصو وڪڙ هٽندو ويندي ۾ وهي رهيو هو.

جنهن کي آءٌ پار ڪري مٿي 'اللّه بند' وٽ پهتو هوس. هتي به وهڪري جي ڏڪ درياه جهڙي هئي.

مان ڪيترين هيڙيون گيه سان لڏيل ڏٺيون، جيڪي 'ونگي' ڪان پرجي هيڏانهن اچي رهيون هيون. مان اهو سڀ ڪجه اکين ڏٺو. جيڪو ڪنين ٻڌو هيم ته سنڌوءَ وچ وارا سيئي بند پڄي چڪيا آهن ۽ هنهي ملڪن جي وچ ۾ ورهين کان روڪيل آمدرفت وري بحال ٿي وئي آهي. ساڳيءَ ريت مون کي اهو به معلوم ٿيو ته عمرڪوٽ جي مشهور قلعي جو ڪجه حصو هن اڳ ۾ تباه ٿي ويو آهي. هيءُ بيابان ۾ هڪ خيابان مثل سمجهيو ويندو آهي. پکين سرن جي هن نديڙي قلعي ۾ اڪبر اعظم جنم ورتو هو. سنڌو ڪناڏس چار ميل پري وهي ٿي. مارچ 1829ع کان اڳ، هن شهر ۽ لڪپت جي وچ ۾ پائيءَ رستي آمدرفت جاري هئي.

اللّه بند کي مون چگيءَ ريت جاچي ڏٺو. هيءُ ڏرتيءَ جي هن وڏي ڏوڏي جو پنهنجو مثال پاڻ هو. نيڻ نهار تائين اولهه ۽ اوپر طرف هڪ سنوت ۾ هو. هتان جا ماڻهو هن بند جي ٻيگه پنجاه ميل هڏائن ٿا. اهو هٿرادو بند وانگي ڪو سوڙهي پٽي جيان ڪونه آهي ۽ ملڪ اندر رحمڪي بازار تائين پکڙيل آهي. منهنجي اندازي مطابق هن بند جي ويڪر 16 ميل ٿيندي ۽ ڏرتيءَ جي قدرتي ايار جو انوکو مثال آهي. سندس مٿاڇرو ڪرائو آهي. مٿي ۽ واري شامل اٿس. منجهس سپون ۽ ڪوڏيون به ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ماڻهو عام طور تي هن کي قدرتي بند سڏيندا آهن ۽ ڪيس ڏرتي ڏڏڻ ڏانهن منسوب ڪندا آهن ۽ سمنڊ وٽ ندي‌ءَ جي تانگهي ٿي وڃڻ کي به ساڳي واقعي سان ڳنڍيندا آهن.

سمنڊ کان پري ڪاري ڌنڌ 2000 چورس ميلن تي پکڙيل آهي. سنڌ- ڪچ جا ٻه رستا سندس هنهي ڪنارن سان گذرندا آهن. هڪ رستو نرا (Nurra) کان لوٽي ۽ رحمڪي بازار ڏانهن ويندو آهي. ٻيو لڪپت کان ڪوري ڪاري‌ءَ کان جاتي‌ءَ پهچندو آهي. منهنجو ذاتي خيال آهي ته سنڌڙي جي چوڌاري هيٺانهين‌ءَ زمين ۾ اچي پاڻي ڪٺو ٿيو آهي. چاڪاڻ ته ڪاٺ ته ڏرتيءَ ڏوڏي جو اثر اللّه بند کان هيٺ ٿيو آهي. ڏرتيءَ جي ڏوڏي اچڻ ڪري وڏيڪ هيٺ گهرو ٿي ويو ۽ سمنڊ کان وٺي لڪپت تائين 100 ٽن وزني ٻيڙا منجهس اچڻ وڃڻ لڳا ۽ 1762ع کان وٺي ائين ڪونه ٿيو آهي. سنڌڙي واري ترائي ۽ اللّه بند وارو واقعو هڪ ئي حادثي جي پيداوار آهن ۽ مٿي بيان ڪيل واقعي مان به چٽي‌ءَ ريت معلوم ٿي ويندو.

آگسٽ 1827ع ۾ مان سنڌوءَ جي اوپارين شاخ ڏسڻ ويس. منهنجو مقصد سندس چگيءَ ريت مشاهدو ۽ مطالعو ڪرڻ هو. مان ۽ ٻيا به ڪيترا ماڻهو هن مامري ۾ دلچسپي وٺي رهيا هئاسون. ملڪ ۾ وڏين تبديلين اچي ويون هيون. وڏي ڌنڌ ۽ درياه جي شاخ به فوٽ هيٺ اونهائين ٿي ويون هيون. اللّه بند کي ڪنڌ هٽي پار ويندڙ واهڙ جو پيٽ ويڪرو ٿي چڪو هو. ۽ پاڻي کارو هو. اللّه بند جي

پرسان لنگهندڙ درياهي پاڻي جو وهڪرو سوڙهو ۽ پاڻي ٿورو هو. مان هيو دفعو هتي آيو هوس. وچ واري عرصي ۾ اوهان- ڏکڻ طرف واريون هوائون ڪُهاڻ لڳيون هيون، جنهن ڪري، ساموندي ڪارو پاڻي مٺي پاڻي ڏانهن چڙهي آيو هو ۽ ان ڪري اهي سڀ تبديليون آيون هيون.

هن مستند حقيقتن کان سواءِ، هڪ واضح سچائي اها به آهي ته سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو آر لڪپت ۽ ڪڇ ڏانهن وڌيڪ آهي. اسان ڏٺو آهي ته اٽل جو پاڻي هڪ پراڻي قٽل پيٽ مان وهڻ لڳو آهي، جنهن کي پنجهٽ سال اڳ درياهه چڏي چڪو آهي. (1)

ڪڇ جو رڻ

سنڌوءَ جي مٿاهدي دوران، منهنجي دل ۾ ڪڇ جي رڻ متعلق ڪيترائي سوال ايري آيا، جنهن جي سرحد سان گهنڊي ڏئي هي ندي وهندي رهندي آهي. جيڪڏهن درياهه جي تبديليءَ بابت ڪجهه چئجي ته فقط ايترو ئي چئي سگهجي ٿو ته ڏرتيءَ جي هن گولي تي ڪڇ جو هيءُ رڻ پنهنجو مثال پاڻ آهي. هيءُ رڻ بيگهه ۾ سنڌوءَ کان وٺي اوهه ڳجرات تائين هليو وڃي ٿو، جنهن جو فاصلو انگريزي 200 ميل ٿيندو. ويڪر 35 ميل اٿس. سندس مختلف پٽن جون ڪيترين شاخون آهن، جن جي ڪل پکيڙ 7000 چورس ميل آهي. نقشي ۾ ڪيس ڇڻيءَ ريت ڇڻو ڪري ڏيکاريو ويو آهي. هن سڄي علائقي کي آدمخور خطو چئجي ته صحيح ٿيندو. ساري رڻ ۾ تلائن کان سواءِ مٺو پاڻي ڪونه ملندو، پر اهو به ڪو عام ڪونه آهي. اوڀر فقط نندياءَ 'لاءِ'(2) جي صورت ۾ ملندي، جيڪي مينهن جي پاڻيءَ تي سايون بيٺيون آهن.

هيءُ علائقو ورلياسي رڻ پٽ کان به ايترو ئي مختلف آهي، جيترو آباد زمين کان نيارو آهي. روس جي پوٽاون علائقن جيان به ڪونه آهي. پنهنجي خاص خوبين ۽ وصفن ڪري دنيا ۾ پنهنجي نموني جو نرالو خطو آهي. جاگرافيدانن هن ايراضيءَ کي ڇڙ ڪپ ۽ ڪيچڙ سان پريل علائقو قرار ڏنو آهي، جنهن ڪري هن متعلق ڪيترين غلط فهمين پيدا ٿي ويون آهن. منجهس اهڙين کي به خاصيتون ڪونه آهن. ڪن خاص موسمن کان سواءِ منجهس پاڻي نظر ئي ڪونه ايندو آهي.

---

*(1) I have suppressed various openions which I had formed on the cause of these constant changes deeming them small value. The paper has been also published at length by the 'Royal Asiatic Society of London.'

(2) ليون، نندين لين جو جهنگ

پاڻيءَ جي ڪنڌين ڪنارن سان سائي گاھ جو سلو اڪ تي ڪونہ چڙھندو. گپ چڪ تہ ڪٿي بہ نظر ڪانہ ايندي. زمين سخت خشڪ ۽ ڪٿي وارياسي آھي.

سمجھ ۾ ائين پيو ايندو تہ جڏ اھا مٽي ڳوھي ڪاڻ سگھبي ۽ آھي بہ ائين. جيڪڏھن لڳاتار پاڻي ھڪ جاءِ تي پوندو رھندو تہ اھو مس ڪيس ڳاري گپ بڻائي سگھندو نہ تہ سؤلي تہ پسي گپ ۽ ڏاھ ڪانہ ٿيندي آھي. اھا سخت زمين ڪٿي واريءَ جي ڏھن جو ھڪ تراکڙو ميدان آھي، جنھن ۾ لوڻ جا ککڑا موجود ھوندا آھن. ڪن جاين تي لوڻ جو ھڪ انچ ڪن تہ جاول ھوندو آھي. سمجھ ۾ ائين ايندو آھي تہ جڏ پاڻي ٻاڦ بڻجي سڪي ويو آھي. ڪن جاين تي لوڻ جا خوبصورت چڪا جاول نظر پيا ايندا آھن. ملڪ ۾ چوڌاري لوڻ ئي لوڻ نظر ايندو ۽ ان مٽاڇري تي جيڪو ڪوھ بہ ڪوڏبو آھي تہ لوڻ ٿي ويندو آھي. عام زمين جي سطح کان ھيٺ جيڪڏھن ڪا ترائي ڏسڻ ۾ ايندي تہ سمجھ ۾ ائين پيو ايندو تہ اتي ڪڏھن سمنڊ جو پاڻي ٻيڙل ھوندو.

ڪٿي بہ ھڪ جھڙو وايومنڊل ڪونہ آھي. ھن رڻ ۾ قسمين قسمين سراب پيا ڏسڻ ۾ ايندا. ھتان جا ڪجي رڄ جي ڏيکاءَ کي دونھون چوندا آھن. ڪجھ فاصلي تي ٻيڙل ننڍڙا ھوڏا ڪنھن وڏي ھيلي جو ڏيک پيا ڏيندا. ويجھي پھچ تي ڪڏھن ائين پيو معلوم ٿيندو تہ سڙھن سان ھيڙا آھن. ڪڏھن وري ڏس تہ پاڻيءَ جي زور پيڇ واريون پٽرن جون جھلون آھن. ھوڻن جو ھڪ جھڳٽو مون کي ائين ڏسڻ ۾ آيو جڏ تہ وڏا اتانھان ٽنيا آھن، جن جي پرسان وڻن کوھن سان ھيڙا ٻيڙا آھن. پرسان پھتس تہ انھن ھوڻن پرسان ڪو درياھي ڪنارو ئي موجود ڪونہ ھو، جنھن سان لاڳاپيل فريب ڪاڏو ھيم. رڻ مان ڪچ واريون ٽڪريون ڏاڍيون اتانھيون نظر ايندين آھن ۽ سمجھ ۾ ائين پيو ايندو آھي تہ سندن چوٽيون مٽي ڪرن ۾ پيھي ويون آھن. انھن ٽڪرين جا ترا ٻاڦ جي ڏُڦ ۾ ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندا آھن.

ھن علائقي ۾ فقط جھنگلي ڪڏھ رھن ٿا. ٿولا ڪيو پيا ھيڏي ھوڏي ڦرندا آھن ۽ "انھن ڪرپ جھڙن جانورن اتي جڏ شھر وڃي آباد ڪيا آھن، ويران ۽ سڃي علائقي ۾ رھائش اختيار ڪئي اٿن." سندن قد ڪاٺ عام ڪڏھن کان وڏو ڪونہ آھي، پر پري کان ھاڻي کان وڏا پيا ڏسبا. اس ۾ ھي وسيع علائقو پاڻيءَ جي جَر معلوم ٿيندو آھي. ھن نظاري کي اھي ماڻھو پاڻي ڪونہ سمجھندا آھن، جيڪي ھنن ڏيکن جا ھيراڪ ۽ ھتان جا عام رھاڪو آھن. اس نہ ھوندي آھي تہ رڻ ڪجھ مٽيرو پيو ڏسبو آھي ۽ سمنڊ جيان پيو معلوم ٿيندو. بعضي وسيع تلائن جي صورت ۾ پيو ڏسڻ ۾ ايندو آھي ۽ ماڻھو ويچارا ڏوکو کائي ويندا آھن.

ڪچ جي ھندن ۽ مسلمانن جو عقيدو آھي تہ رڻ اڳ ۾ سمنڊ ھو. ھي روايت

هر هڪ جي واتان ٻڌي وئي آهي ته هڪ جوگيءَ ڏرم ناٽ(1) ڪڇ جي سپ کان اتانهين ڏينودر (Denodur) ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي وڃي مٿي ٻُڌ ۾ بيهي هارهن سال تپسيا ڪئي هئي. جڏهن سندس اهو يوگ ختم ٿيو ته کيس خدا نظر آيو. ٽڪري جنهن تي پاڻ ويٺو هو، سا قاٽي ٻه ٽڪرا ٿي پئي. رڻ وارو سمنڊ سڪي خشڪ ٿي زمين بڻجي ويو. جهاز ۽ ٻيڙيون جيڪي منجهس ان وقت تري رهيون هيون اونڌيون ٿي پيون. بندر بازاريون تباهه ٿي ويون ۽ گهٽائي اچرج جهڙا واقعا پيش آيا. دنيا ۾ ماڻهن جو اهڙو ڪو ٻيو نسل ڪونه آهي، جن جو هندستان جي ماڻهن جيان عجيب غريب عقيدو هجي. اهي ماڻهو جيڪي ڪنهن ڳالهه جي جاڻ لاءِ پڇ پڇان ڪندا وتندا آهن، تن کي مٿئين بيان ڪيل قصي جيان حقيقي ڳالهه ۾ ٻه عجيب قصي جو پيوند ڪري ٻڌائيندا آهن ۽ پوءِ اهڙي ڳالهه پوين نسلن ۾ ٻه پٽي ڦرندي اچي. ڪڇ ۽ ٻار بار ڏرتيءَ جو ڏڌ انهيءَ ڳالهه ڏانهن اشارو آهي ته هتي ٻرندڙ جبل موجود آهي، جيڪو هن ملڪ کي لوڏي ۽ ڏوڏي ٿو رکي ۽ اهڙيءَ ريت پونچال اچڻ هڪ قطري ڳالهه آهي، ۽ هتان جا ماڻهو گهٽو ڪري اهڙين ڳالهين کي ٻه پنهنجي روايتي قصن سان ڳنڍي ڇڏيندا آهن.

سو هتان جا ڏيهي ماڻهو پنهنجي روايتن، قصن ۽ ڪهاڻين کي بزرگن جي چوڌاري پيا ڦيرائيندا گهيرائيندا آهن ۽ چوندا آهن ته: ڪڇ جي رڻ ۾ ڪيترائي بندر موجود هوندا هئا. اهو به ٻڌائيندا آهن ته، ڪڇ جي دارالسلطنت ڀُڄ کان ويهه ميل اتر- اتر- اولهه، رڻ جي وڏ سان نيرونا (Nerona) نالي ٻه هڪ سامونڊي بندر هوندو هو، جنهن جو ڪچي شاعر ۾ هن ريت بيان آهي:

"Nerona nuggar tur
Judhee Goontree chitrano."

"نيرونا نگر تر
جڏهن ڳنڍري چتراٿو."

جنهن جو مطلب آهي ته ان زماني ۾ جڏهن ۾ واري ڪڇ جي علائقي چتراٽي ۾ قديم شهر ڳنڍري (Goontree) پنهنجي عروج تي هو ته سامونڊي بندر نيرونا (Nerona) جو سماچار چوڌس پکڙيل هو. چيو ويندو آهي ته نيرونا کان اولهه ڏس تي چاڙيءَ ڳوٺ جي اوسي پاسي ٻه هڪ بندر موجود هو. رڻ جي وڏي ٻيٽ پڇم

*(1) This class of people is numerous in Cutch, it is among them that the horrid custom called, Traga Pervails. It consists in sacrifying one of this number when any enjoy or oppression is offered to their community, under a belief that the blood so shed rests on the head of those who oppress them.

جا ماڻهو به هڪ بندر جي روايت ڪندا آهن ۽ چوندا آهن ته ان ٻيڙ جي ٽڪرين سان ٻيڙيون ٽڪرائجي تباه ٿي ويندیون هيون. پرسان دورت (Dorut)، دوه (Doh)، دوهي (Dohee) ۽ ڪنگوارو کان سواءِ پڇم جي علائقي جي آوه ۾ ٻيا به ڪيترا بندر هوندا هئا. سنڌ ۽ ڪڇ واري وڏي رستي جي ڪناري ڪڇ ۽ الله بند جي وچ تي ٻيڙارو نالي به هڪ ساموندي بندر هوندو هو. هاڻي ان جاءِ تي هڪڙو ننڍڙو ڳوٺڙو آهي. ٻين بندرن جا نالا ٻڌائي سگهان ٿو. ڪڇ جي رڻ کان اتر، سنڌ واري علائقي ۾ به بندرن موجود هجڻ جون روايتون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. اهو به چيو وڃي ٿو ته الله بند جي پرسان ويگو گد (Veego gud) نالي به هڪ بندر هوندو هو. انهن ماڻهن تي پڪين سرن جا ڪنبر اڇ به ڏسي سگهجن ٿا. ان کان اتر طرف ونگر (Vengur) ۽ باليارې (Ballyaree) لاءِ ساڻي دعويٰ ڪئي ويندي آهي. ڪڇ واري سمنڊ جو نالو ڪلڻ (Kiln) هو. ماڻهن جي اهڙين شاهدين کي مان کوڙ کونه ٿو سمجهان. اهڙيون روايتون مان گهڻ ئي ماڻهن جي واتان ٻڌيون آهن ۽ اهڙن مختلف ماڻهن کان ٻڌيون آهن، جن جو پاڻ ۾ ميل ميلاپ ۽ ڪو رابطو به ڪونه هو.

1819ع واري ڏرتيءَ جي ڏوڏي جو بيان اڳ ۾ به ڪري آيا آهيون، ته ان جو سنڌوءَ جي پروارن علائقن تي ڪيئن اثر پيو. پر اهڙي قسم جڏ ساڻيو اثر اوير وارن علائقن تي پيو آهي. ان ڪري رڻ ۾ ڪيترا ڏار يا ڪهارا پئجي ويا. مون کي اڪين ڏٺي شاهد کان اهو معلوم ٿيو ته ڪارو ميرو پاڻي ٿن ڏينهن تائين انهن ڪهارن ۽ ڏارن مان وهندو رهيو هو. رڻ پاسي ۾ ٻني (Bunnee) جي علائقي ۾ موجود ڪوهن جو پاڻي ايامي متي نڪري آيو ۽ ان خطي ۾ 6 فوٽ پاڻي جي چر بنجي وئي ۽ ڪٿي ته ڏهه فوٽ به پاڻي هو. ڏنارن پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي چوپائي مال کي ڏاڍين سورن کان پوءِ بچايو.

ان زماني ۾ ڪنگوارو بندر وٺ جهازن جا کي لوهه جا ٽڪرا سمنڊ ۾ اڇلايا ويا هئا. ان کان پوءِ پاڻيءَ لاءِ کڏون کوٽيندي ساڻي قسم جو لوهه جو سامان اتان ير پاسي مان لڌو ويو آهي. مان هي حقيقت نرا (Nurra) جي هڪ معزز ماڻهو جي بيان کيل ڳالهه جي آڌار تي ٻڌائي رهيو آهيان، جنهن مون کي ٻڌايو ته: "1819ع واري ڏرتيءَ جي ڏوڏي کان اڳ اهي شيون کونه لڌيون ويون هيون."

ڪڇ جو اڀرندو رڻ اهو آهي، جيڪو سنڌ ۽ پڇم ۽ ڪڇ جي ٻيٽن جي وچ تي آهي. ٻيا رڻ ان جون شاخون آهن. ان رڻ جو اوله ۽ اوير طرف کان سمنڊ سان واسطو آهي، يعني اوله طرف کان سنڌوءَ جي پاڻي رستي ۽ اوير کان ڪڇ جي ڪاريءَ وسيلي، سمنڊ سان سهنڌ اٽس.

جڏهن اپريل مهيني ۾ اوله واريون هوائون ڳهڻ شروع ٿيندیون آهن ته ٻنهي طرفن کان رڻ هر سال ٻڏڻ شروع ڪندو آهي. جڏهن رڻ ۾ برسات پوندي آهي ته

سمنڊ جو پاڻي ڏاڍو تکڙو مٺس چڑهي ايندو آهي ۽ ڪچ ڪجه مهين لاءِ دنيا کان ڪٽجي ويندو آهي. رڻ جو مٿاڇرو سمنڊ کان گهٽو مٽيرو آهي، پر ٽيز ۽ تکيون هوائون مٺس سمنڊ جي پاڻيءَ جي اٿل آٿي وجهنديون آهن.

اسان کي هاڻي رڻ جي صورتحال بيان ڪرڻ گهرجي. ڪچ جي اتر- اوپر واري دنگ وٽ ٻيلا (Bheyla) پرسان رڻ جي مٿان اتانهين ٽڪريون ڳاڻ ڏيون ٻيٽيون آهن. سندس اوچائي 300 فوٽ ٽيندي ۽ هڪدم ئي ختم ٿي وڃن ٿيون. ٽڪرين جي هن قطار جي اوله ۾ ڪيرٽر ۽ پڇم جا ٻيٽ آهن. ٻيلا جي ٽڪرين جيان هي لوڻ جي ساخت واريون ٽڪريون ڪونه آهن، پر اها ٽڪرين واري ساڳي قطار آهي، جيڪا اتر طرفان قري اچي ٿي ۽ رڻ ۾ ڪريڙ وٽ هڪدم ختم ٿي وڃي ٿي. ڪريڙ ڪچ کان ڇه ميل پري اوله طرف ۽ پڇم ڪريڙ کان 16 ميلن جي مفاصلي تي آهي. پڇم جي اوله ۾ رڻ اندر واريءَ جا ٻيٽ آهن. ان کان ڏکڻ طرف ٻني (Bunnee) جو علائقو آهي. سنوت ۾ رڻ کان ٽوڙو مٽيرو آهي. اتي ساوڪ ۽ سبزه زاري جام آهي. پر اناج جي پيداوار لاءِ تمام ٽوري ايراضي آهي. منجهس مٺي پاڻيءَ جا کوهه جام آهن ۽ مالوند ماٽهن جي جُوءِ آهي. ڪريڙ جي ڏکڻ پاسي گهٽا ئي ٻيٽ آهن، جن مان وڏو گنتا (Ganta) آهي، جيڪو ٽڪرين سان ڏيکيل آهي. گجرات ۽ ڪچ جيَ وچ تي رڻ، سوڙهو پٽو ٿي وڃي ٿو.

آڏيس، چوراڙ جي ٻيٽ وٽ ڏيڏ ميل ويڪرو هڪ ٻيٽ آهي. هتي اسان کي سپيون کوڏيون ۽ ٻيون سامونڊي شيون پيل ملندين ۽ ڪاربن ۽ چاڪ سان ملي ٻيون ٻه ڪيترين ئي شيون ڏسڻ ۾ ايندين آهن. گاڙهي ڦڪي رنگ جا چمڪدار شيشا پکڙيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن تي ڪن مومن قسم جي مسلمانن کي قرآن جا اڪر لکيل ڏسڻ ۾ ايندا آهن. هن قسم جي پٽر کي مغل شهنشاهن، رنگين نقش و نگار ۾ استعمال ڪيو آهي ۽ شهنشاهن هن پٽر کي ڏکر وارو (Dookar warro) سنگمرمر ڪري سڏيندا هئا. ٻيلا (Bheyla) ٽڪرين جي اتر ۾ ٻيلا (Bhiylla) نالي رڻ جو پارڪر وارو علائقو آهي. منجهس ڪارونجهر ٽڪرين جو سلسلو هليو اچي ٿو، جيڪو ڪچ جي ٽڪرين کان بلڪل مختلف آهي ۽ Sand stone جي پٽر سان تعلق رکي ٿو. هيءَ نهايت پراڻي قسم جون ٽڪريون آهن، جنهن جون چوٽيون ڪُنڊائتيون ۽ هڪ ٻئي مٿان اُپريل آهن. سمجه ۾ ائين ايندو آهي ته جڏ مٿان ڪڪرن مان هيٺ ڪريون آهن. سندن چوٽيون عجيب قسم جون آهن ۽ هيٺان ٽئين حصي جي ماپ کان وڌي مٽي چوٽيءَ تائين هڪ جهڙيون آهن. سندن ترو ڳاڙهي گرينائيٽ جو آهي ۽ ڏڪ هٽڻ سان وڃندو آهي. اهي ٽڪريون ڪچ کان رڻ جي 30 ميل موڪري پٽي ڪري جدا ٿي پونديون آهن.

ڪچ جو اتريون پاسو، اوپر کان ٻيلا (Bheyla) کان وڌي، اوله لکپت تائين

يا تہ ٽڪرائتو آهي يا تہ منجهس مٽي اپريل متيءَ جا بند آهن. نرا کان وٺي لکپت تائين ٽڪرين جو سلسلو آهي، جيڪو هلندي هڪدم ختم ٿي وڃي ٿو. ٽڪرين جون چوٽيون ائين ڏسڻ ۾ ايندیون آهن، جڙ اهي ڪڏهن سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ رهيون هجن. جتي رڻ جي جاگرافي مٽائين بيان مطابق نہ آهي، اتي وري پاڻيءَ جا تلاءَ موجود آهن. حالتن مان معلوم ائين ٿيندو آهي تہ اتي ڪڏهن اجهاڳ ۾ آجهل پاڻي موجود هوندو.

سمنڊ، ڪچ جي ڏاکڻين ڪنارن کان پوئتي هٽندو پيو وڃي، مان سمجهان ٿو ۾ عام ويساه بہ اهو ئي آهي تہ ڌرتيءَ جي گولي تان جڏ سمنڊ پوئتي هٽندو پيو وڃي. پر دنيا جي ڪن هنڌن تي سمنڊ چڙهيو بہ آهي. تنهن ڪري اسان اهو سمجهون ٿا تہ ڪچ جي ساموندي ڪنارن تان سمنڊ هٽندو پيو وڃي ۾ ڪڏهن اهو ڪچ جو علائقو سمنڊ هيٺ هو ۾ مٽس جهاڙ هاڪاريندا هئا. هتان جا ماڻهو هيءَ تبديلي ڏرمر ناڻ جوڳيءَ ڏانهن منسوب ڪندا آهن. اهڙي قسم جا جوڳي هتي ڪچ ۾ عام جام پيا ڏسبا آهن. اهي ڏاڏا مهمان نواز ۾ انسان دوست آهن ۾ ڪنهن کي بہ پنهنجي در تان بکيو موڪائي کونہ ڇڏيندا آهن. سخي بہ آهن ۾ وٽن ڏيڻ لاءِ هوندو بہ گهٽو ڪجهہ آهي.

قديم زماني جي يورپي راهبن جيان هي جوڳي بہ تاريخ ۾ روايتن جو خزانو آهن ۾ متقي ۾ پرهيزگار ماڻهن جيان پنهنجي حياتي صاف ۾ سادي گذاريندا آهن. تنهن ڪري ماڻهن جو ويساه آهي تہ جوڳي فرقي جي بانيءَ ڏرمر ناڻ جوڳيءَ جي يوگ ڪري موجوده تبديلي آئي آهي. ان جي ثابتيءَ ۾ ماڻهو هي روايت بيان ڪندا آهن تہ ڪچ جي موجوده حڪمران جا ابا ڏاڏا سنڌ جي سمي (ٽٻي) جا ڏنار ۾ غريب ماڻهو هئا. ڪيڻ دينودر (Denodur) جوڳيءَ دعا ڪئي هئي ۾ پوءِ ملڪ جا راجا ٿي ويا. جيڪڏهن اهو قصو سچو آهي تہ ڪچ جا راجپوت اصلي ٽٻي سان تعلق رکن ٿا ۾ ڪچ وڃي پنهنجو مال چاريندا هئا. پر اسان کي ويساه آهي تہ اهي ڪنهن هندو راهب جي دعا سان بادشاه ٿيڻ بٹيا هئا، پر اهڙي قسم جي تبديليءَ جي روايت چئن سون سالن کان هلندي پئي اچي. (1)

---

*(1) "I have since found in some manuscript papers of the late lamented Captain MC Murdo written as long since as 1819 that he formed similias condusions with my self regarding the Run of Cutch, He is treating of that part of it near Kattywar of which I ing extract is both cureous andhave not spoken, and the follow satis factory:

The Run has every appearance of the sea, having shortly with drawn from it. This is supported by the Pl: See Next Page

سنڌ متعلق مختصر ياداشت

مان هيٺ ڪئپٽن آر- ايم گرينڊلي جي لکيل مختصر ياداشت شامل ڪري رهيو آهيان. هو سن 1808ع ۾ ڪچ جي لکپت کان سنڌڙي رستي هڪ سفارت سان گڏ سفر ڪري سنڌ جي ميرن ڏانهن حيدرآباد آيو هو.

اها مختصر ياداشت مهرباني ڪري مون کي ڏني وئي آهي. هن اختصار ۾ ڏنو ويندو ته سنڌڙيءَ جي پسگردائي، جنهن کي مون پنهنجي بيان ۾ پاٽيءَ جي هيٺ ٻڌايو آهي، سا سڪل ڏيکاري ويئي آهي. ان وقت اتي موجود پاڻي سڪي چڪو هوندو. اهو به ڏنو ويندو ته ان عرصي تائين سنڌڙيءَ جو قلعو صحيح سلامت هو ۽ ڪچ جي حڪومت جي چوڪي طور استعمال ٿيندو هو.

"اسان لکپت جي بندر کان ٻيڙين ۾ چڙهي ڪاريءَ رستي ٻيڙين کي هاڪاريو. اها ڪاري 3/4 ميل ويڪري، جهن کان اٺ ميل ٻگهي آهي ۽ اتر- اوپر طرف کان اچي ٿي. ان کان پوءِ اها سوڙهي ٿيڻ شروع ٿئي ٿي. ٻنهي ڪنارن سان پاڻي جا تلاءَ آهن، ۽ ڪين گاهه جا ٻوٽا ڏيکيو ٻيٺا آهن. شام جو اسان ڪناري تي پهچي لنگر هنيا. ٻئي ڏينهن هارهين وڳي اسان سنڌڙيءَ وٽان لنگهياسين. هيءُ ماڳ لکپت کان ٽيهن ميلن جي مفاصلي تي ۽ لکپت جي ئي حدن اندر واقع آهي. منجهس فوج جا ڪي ٿورا سپاهي رهن ٿا. هيءُ هڪ ننڍڙو قلعو آهي. ٻاهران ٽوريون پُنگيون جوڙيل اٿس. پيٺ جي پاٽيءَ لاءِ پرسان ئي کوهه موجود آهي. هن هنڌ تي ڪاي سوا ميل ڪن موڪري آهي. پار اڪرڙ لاءِ پٽڻ تي ٻيڙيون موجود هونديون آهن. هتي سنڌ ڏانهن ويندڙ پاندي انگ ۾ ججها ڪونه هوندا آهن ۽ هن ٻب تي ڪنهن رستي جو نالو نشان ٻه ڪونه ملندو آهي. رڻ وارو سارو علائقو هن تاڏي جهڙو ٻاٻاچو آهي. ڏينهن جو ڏاڍي گرمي هوندي آهي، جو

Conti: from last Page samblance and production of the neghbauring country and large stones are found on the shore several miles from the present Run of a disorption similiar to those used as anchors; They have holes bored through for the cables. On the shore at different places, are shown small ancient buildings called Dan Dereeš, or honses where dan or customs were collected; and in short, it is a tradition in the country, that Khor, a village two miles east of Teekir was a sea port town. About fifty years since, the work of a vessel, of a size for beyond that of any of the craft now in use in the Gulf of Cutch was discovered wawania, sunk in the mud about fifteen feet deep"

Captain M. Murdo's MS. Memoir on Kattywar, August 1815.

ساھ پيو نڪرندو آھي، تنھن ڪري ماٹھو سفر گھٹو ڪري رات جو ڪندا آھن. سنڌڙيءَ کان پوءِ ٻي منزل ڇوويھ ميل پري ٻاوڙا (Baura) وٽ ٿيندي آھي. ان کان پوءِ رڻ جون حدون ختم ٿي ويندیون آھن ۽ پيٽ لائق پاڻي ٻہ ملي ويندو آھي.

سنڌڙيءَ وٽان لنگھڻ وقت اسان کي ڪيترين ئي چاڑھون ڏسڻ ۾ آيون، جن مان مرد ۽ عورتون پار اڪري رھيا ھئا. سنڌڙيءَ کان 20 ميل اڳتي سفر ڪري علي بندر وٽ پھتاسون ۽ انھن وڳي پرسان ھڪ درڙي تي لنگر ھنياسين. مٹو پاڻي ويجھوئي موجود ھو. صبح جو ڏٺوسين تہ اھو ھڪ غريباڻو ۽ ڪچو ڳوٹ ھو. منجھس پنجاھي ڪن گھر مس ھئا. ھڪ جڏو سڏو منارو ٹھيل ٻہ ڏسڻ ۾ آيو. اسان درياھي ھيڙين ھٹ ڪرڻ لاءِ ڪجھ وقت ھتي ترسي پياسين. ھتي ھيڙيون ٻہ ڪي گھٹيون موجود ڪونہ ھيون. اسان سان گڏ آيل ھيڙين مان گھٹين کي مٹي درياھ ڏانھن ڇڪيوسين. ان ڪم ۾ اسان کي ڏينھن لڳي ويا. ان عرصي دوران اسان ھتان جي ڏرتيءَ جي ڏوڙ مان ڏاڍو ٽنگ ٽياسين. مينھن جيان مٹي ايتري وسي رھي ھئي، جو ڪجھ ٻڌائبو تہ ماٹھو اعتبار ئي ڪونہ ڪندا. ڏوڙ ۽ دوڦان ۾ سج ٻہ ڇٹو ڪوٹ ٿي ڏٺو. ھڪ سو گز پري رکيل شيءِ ٻہ نظر ڪانہ ٿي آئي. ھتان جا ماٹھو مٹيءَ جي وسڪاري ۾ ايڏو تہ مٽجي ويا ھئا، جو سندن رنگ ٻہ سجاڻي ڪونہ ٿي سگھياسين تہ ڪارا آھن يا پورا.

رڻ جي مٹيءَ ۾ سنھيءَ واريءَ ۽ لوڻ جو ميلاپ ھوندو آھي. سمجھ ۾ انين اچي ٿو تہ اڳي ھن جاءِ تي سمنڊ جو پاڻي ھوندو، سج جي گرمي کيس سڪائي ۽ لوڻ کي سنھو ۽ نازڪ نفيس اٽو ٻٹائي ڇڏيو ھوندو. رڻ جي سرحد علي بندر وٽ ختم ٿي ويندي آھي. پرسان ئي پاڻيءَ ۾ ڦٽل وارا ٻوڙا ۽ منجھن ڦاٽل واريءَ جو پٹون پيون نظر ايندیون آھن. انھن پٹن جي اوچائي ٻوڙن جي قد جيتري يعني پنجن کان پندرھن ڦوٽ تائين ٿيندي آھي. صورتحال مان انين پيو ڏسبو آھي تہ پاڻيءَ جو ڪوبہ واھڙ رڻ مان نڪري ٻاھر ڪونہ ويندو ۽ ھيڙيءَ جي سفر لائق ٻہ ڪونہ ھوندا آھن. سپ واھڙ مڙي ھڪ وڏي وھڪري سان گڏجي ويندا آھن. اھو وڏو وھڪرو ھيڙيءَ جي سفر لائق معلوم پيو ٿيندو آھي. اسان ٻہ ان ساڻ ھيڙيءَ جو سفر ڪيو.

10 تاريخ تي اسين مني پاڻيءَ رستي سفر ڪيو. مٹي پاڻيءَ جيڏ ھن چاڑھ جي موڪر 400 گز ھئي. اڳتي ھلياسين تہ اڳا ٻہ وڏيڪ ويڪري معلوم پئي ٿي. سندس ڪنڌين ۽ ڪنارن سان واريءَ جا وڏا درڙا ڏسڻ ۾ پئي آيا. ھتي درياھ جي ھن چاڑھ کي گونيءَ جي نالي سان سڏيندا آھن.

علي بندر کان ٻارھن ميلن جي مفاصلي تي درياھ وڏيڪ ورھائجي ٿي ويو ۽ ڏاڍو سوڙھو ٿي ويو ۽ ايترو سوڙھو جو ھيڙي ھلائڻ مشڪل ٿي وئي. ڪنڌيءَ تي ڦٽل ٻوڙا لڙکي اچي درياھ ۾ پيا، ھئا، جنھن ڪري ھيڙي ھلائڻ مشڪل ٿي

وئي. معلوم ائين پئي ٿيو ته هيءَ درياھ بجاءِ، ڪو گھاڙ واھ آھي ۽ ڪوٽي ٺاھيو ويو آھي. ڪنارا ب ڪٽي هيٺ ڪٽي مٽي هئا. زمين ب هيٺانهين ۽ پاڻيءَ ۾ چڙ لڳي پئي هئي. اسان ڪاريءَ جي منهن مان الهندي طرف لڙياسين، جنهن لاءِ چيو ٿي ويو ته اها شاخ نٽي ويندي آهي. هن علائقي ۾ ڪيتيءَ جي مقصد سان ڪيترائي واھ کوٽيل هئا.

علي بندر کان ڏه ميل پري الهندي ڪناري تي، چٽي ٽر (Chuttee Thur) (اڇڙي ٽر) جي سامهون وڏي منهن سان هڪ ڦاٽ آهي، سندس ٻئي پار وڏو بند ٻڌل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سمجھ ۾ اچي ٿو ته اھو پراڻ (Phoran) درياھ آھي. ڪنهن زماني ۾ سنڌوءَ جي هڪ وڏي شاخ هو ۽ نصرپور جي پرسان وهندو هو. منهنجي خيال مطابق اھو ڏکڻ- اوپر طرف ڏئي وهندو هوندو، هتان جي گھٽن رھاڪن کي درياھ جي وهڪري متائن جي يادگيري آهي. درياھ جي اٽل هن شهر جي گھٽي پاڳي کي ٻوڙي ڇڏيو آهي. ان واقعي کان پوءِ درياھ پنهنجو رخ بدلائي ويو ۽ ان پراڻي وهڪري ۾ پاڻي تمام ٿورو اچڻ لڳو آهي. سجيءَ سنڌ جي مٽي ئي اهڙي آهي، جو درياھ سدائين پيو ٿو پنهنجا وهڪرا متائي، هر سال جڏهن درياھ اٽل ڪندو آهي ته پنهنجو رخ ب خير سان ڪنهن ٻئي پاسي موڙي ڇڏيندو آهي. اهڙن ڪيترن ئي واقعن جو ذڪر مان اڳ ۾ ب ڪري آيو آهيان، جن کان هتان جا رهاڪو چڱيءَ ريت باخبر آهن. وهڪرن جي وڏي تبديلي نٽي کان هيٺ سنڌوءَ جي ڦاٽن ۽ سندن چاڙهن جي ڦيرين گھيرين مان ب معلوم ٿي سگھي ٿي.

---

(1) See Captain Grindlay's Journal in MS.

ضميمو

اليگزينڊر برنس جي هڪ ٻئي ڪتاب ۾ سنڌ
جي متعلق ڏنل معلومات

سفارت جو مقصد- بمبئيءَ کان روانگي- هدايتون- گپ ۾ گتل جهاز- سنڌو- ڏاريل لُڏڻو- وکر جو شهر- پيڻ پکي- پُلهڻ- نئون رواج- پيرَ پٺو- جوکين جو سردار- وسوسا- رمضان شريف- هندن جي حالت- کلان کوٽ جا کنڊر- ساموئي نگر- کينجهر- سنڌ جي امير وٽ- گاله ٻوله- حيدرآباد- پراڻا ڄاڻُو.

سال 1836ع ۾ نومبر جي پڇاڙيءَ ڌاران، هندستان جي گورنر جنرل، ارل آف آڪلينڊ، مون کي کابل ڏانهن سفارت وٺي وڃڻ جي هدايت ڪئي. ليفٽيننٽ (هاڻي ميجر) رابرٽ ليچ (Robert Leach) جنهن جو واسطو بمبئي انجنيئرس سان هو، انڊين نيويءَ جو ليفٽيننٽ جان وڊ (Jhon Wood) ۽ پرڪيول- بي لارڊ اسڪائر ايم- بي (Percival B Lord, Esqr; M.B) ۽ ان سفارت جيَ قافلي ۾ شامل ڪيا ويا. هن مان حڪومت جو مقصد اهو هو ته سنڌوءَ وسيلي تجارت شروع ڪرڻ لاءِ کا واضح حڪمت عملي جوڙي وڃي ۽ سڻن نتيجن حاصل ڪرڻ واسطي سنڌوءَ جي ڪناري پرسان ۽ اوري پري وارن ملڪن سان دوستاڻا ناتا پيدا ڪيا وڃن. اسان 26 نومبر تي خيرن سان بمبئي مان سڙهه سنياليا. 6 ڊسمبر اسان کي ماندوِ جو شاهي محلات نظر آئو. ساڳئي مهيني جي 13 تاريخ تي اسان سنڌ ملڪ جي ڪناري سان لنگر هنيا. ڊاڪٽر لارڊ، مارچ مهيني تائين اسان جي هن ساٿ سان ڪو نه مليو هو.

سنڌوءَ ۾ داخل ٿيڻ سان، مان ليفٽيننٽ ليچ ۽ وڊ کي ضروري هدايتون ڏنيون. ليفٽيننٽ کي چيم ته توهان هن ملڪ ۾ فوجي اهميت رکندڙ ماڳ ۽ ٽاڪ چگيءَ ريت اک مان ڪيندا هلو ۽ ان موضوع سان لاڳاپيل معلومات قلمبند ڪندا رهو. ليفٽيننٽ وڊ کي سنڌوءَ جي وهڪري جي جاچ پڙتال ڪرڻ لاءِ چيم. ٻنهي کي اهو تاڪيد ڪيو هيم ته جن ڪمن لاءِ کين مقرر ڪيو ويو آهي، انهن متعلق وڌ کان وڌ ڄاڻ حاصل ڪن. جڏهن ڊاڪٽر اسان جي قافلي ۾ شامل ٿيو ته کيس جيالاجي ۽ جهنگلي جيوت سان لاڳاپيل موضوع حوالي ڪيو ويو. ۽هن سفارت متعلق ڇپيل معلومات مان اهو ڏسڻ ۾ ايندو ته مرهيات ڊاڪٽر لارڊ هڪ سچيت ۽ سڄاڻ کامورو (آفيسر) هو. هن جيڪا معلومات قلمبند ڪئي، سا کا خاص اهم ڪانه هئي پر ٿوري وقت لاءِ ڪارائتي ضرور هئي. مان اهو ضروري ٿو سمجهان

تہ پارلياميٽ آڏو پيش ڪيل ڪاغذن ۾ منهنجي ذمي ڪيل فرضن متعلق (جن جي آءٌ مٿي سڄ (اشارو) ڏئي آيو آهيان) اوهان سان احوال اوريندو هلان. هيءُ سفارت سان لاڳاپيل هڪ خشڪ موضوع به آهي، ان ڪري آءٌ ان ڳاله ڏانهن خاص ڌيان ڏيندس تہ جيئن پڙهندڙ ڪٽي ورڇجي نہ پون. مون کي هن ڳاله تي اطمينان آهي تہ مون عام ماڻهن کي هن موضوع تي ڄاڻ ڏيڻ واسطي فراخ دلي ڏيکاري آهي. ڪتاب جي هن جلد جو مقصد اهو آهي تہ جيئن مان هن سفر سان لاڳاپيل شخصي ۽ ٻين جي گڏيل معلومات اوهان تائين پهچائي سگهان.

سنڌ جي ساموندي ڪناري ڇڏڻ کان ٿورو پوءِ، اتان اتڪل ويهارو ميل ڪن ڏور سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي ۾ وڪر جي ضلعي پرسان، خشڪ زمين تي هڪ جهاز ڏٺوسين. معلوم ايئن ٿي رهيو هو تہ ڪڏهن سندس وڏا سڙهہ رسن سان هڏل ۽ هوا ۾ پکڙيل هوندا. سنڌوءَ جي لهرين جي لپيٽ ۽ ڇپيٽ کيس بيڪار بنائي ڇڏيو هو. اهو ڪلهوڙن جي دور جو واقعو آهي، جيڪو موجوده ٽالپر گهراڻي کان اڳ ۾ سنڌ جو حڪمران هو. سنڌي هن جهاز کي 'آرمات' (Armat) سڏيندا آهن. هن جي ٻيڳه 70 منڊيو 28 فوٽ آهي. سمجه ۾ ايئن اچي ٿو تہ هيءُ ڪُوهي وارو جنگي ٻيڙو هو. منجهس چوڏهن ننڍين توبن لاءِ مارا ٽهيل هئا ۽ ٻہ سو انگريزي ٽن وزن کٽڻ جي لائق هو. پاڇيل واري پاسي کان پاڻيءَ جا نشان نَوَنِ فوٽن تائين هئا. اهو ٻيڙو چاليهہ ٽن کڻندڙ ڏيهي ٻيڙي کان ماپ ۾ گهٽ هو. ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو تہ موجوده دور ۾ استعمال ٿيندڙ ٻيڙين کان علاوه ملاح ٻين ٻہ ڪيترن ئي قسمن جا ٻيڙا سنڌوءَ ۾ هاڪاريندا هئا، جنهن جو مثال هيءُ خشڪيءَ تي بيٺل پراڻو جهاز آهي. 'آرمات' لفظ مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ هيءُ جهاز پورچوگيزن جي ملڪيت هو ۽ 'آرمات' Armada لفظ جي بگڙيل صورت آهي. رومن ڪئٿولڪ جي عيسائي فرقي سان لاڳاپيل صليب جو نمونو ٻہ مٿس اڪريل هو. پورچوگيزن 1555ع ۾ ٺٽي کي باهہ ڏئي سڙي تباهہ ڪري ڇڏيو هو. منهنجو ويچار آهي تہ هيءُ جهاز ان تاريخي واقعي کان گهڻو پوءِ جي دور سان واسطو رکي ٿو. اسان ان جهاز مان ڇهہ هلڪيون توبون ڏيڻ ورتيون، جيڪي پتل (Brass) مان جوڙيل هيون. انهن سان گڏ چار سؤخالي گولا ۽ بارود سان پريل سيل پڻ لڌا. جنگ سان لاڳاپيل اهو سامان اسان کي جهاز جي پاڇيل وٽ ٺهيل بارودخاني مان مليو. جنهن مان اسان کي پتو پيو ٿو تہ هي جنگي جهاز هو. هن وقت اهو اُيو ٽيو ٻيٺو آهي؛ سندس ڊيڪ منجهان لئي جو هڪ وڏو وٽ نڪري هوا ۾ لڏي رهيُو آهي. هتان ڄڃا ٻيڙائتا هن کي 'نئون خريد' يعني نئون خريد ٽيل جهاز سڏيندا آهن ۽ اهو ٻہ ڇيو وڃي ٿو تہ هن جهاز کي گذريل صديءَ ۾ انهيءَ جاءِ تي ڇڏيو ويو، جنهن جاءِ تي هاڻي اڪيلو ٻيٺل ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

مان سنڌ ۾، ڪجهہ عرصو اڳ ٻہ آيو هوس. تنهن زماني ۾ هتان جي

حڪمرانن اسان کان سخت نفرت ٿي ڪئي پر هاڻي ڪجھ تبديلي آئي آهي، يعني هو اسان کان ايتري گھڻي نفرت نہ ٿا ڪن، تنهن هوندي بہ پنهنجي سر بچاءَ واسطي احتياط ڪرڻ ضروري آهي. اسان ساموندي بندرن وٽ ماڻهن سان ڏاڍيون ڪچهريون ڪيون. انهن مان ڪجھ جھونڙا بہ هئا جن پنهنجن وڏڙن کان انگريزن جا نالا ٻڌا هئا، جيڪي ڪين پوريءَ ريت ياد هئا. سندن سنڌي اچارن مان اسان پروڙي ورتو تہ انهن انگريزن جا نالا ڪئلينڊر (Calender)، بيڪر (Baker)، ارسڪن (Erskine) ۽ سمٿ (Smith) هئا. هن اهو بہ ٻڌايو تہ ڊيهرا (Dehra) ۾ هڪ انگريز جي قبر جا نشان اڃا بہ موجود آهن. سرڪاري ڪاغذن ۾ اهو بيان موجود آهي تہ مسٽر ڪئلينڊر، اهو ماڻهو هو جنهن سن 1775ع ۾ ٺٽي واري انگريزي ڪوٺي بند ڪئي هئي. ڪاغذن ۾ هن ريت لکيل آهي تہ "اسان کي سنڌ جي حڪمران جي بي انصافيءَ جو اڳي بہ گھڻو تجربو آهي." موجوده دور جي نئين نسل جيڪي پنهنجن وڏڙن کان ڳالهيون ٻڌيون سي کين چٽيءَ ريت ياد آهن. جهڙيءَ ريت هتان جي حڪمرانن اسان جي پليڪار ڪئي، هتان جي عام ماڻهوءَ بہ اسان جي اهڙي ئي آجيان ڪئي. سندن دل سان ڪُهريل دعائون جلد ئي اڳهاٽيون. هاڻي سنڌ ۾ فقط انگريزن جي ڪوٺي ڪاند آهي، پر سچي سنڌ انگريز شهنشاهيت جو حصو آهي.

سنڌوءَ کي مان 1831ع ۾ ڏٺو هو. هن وچ واري عرصي ۾ سندس وهڪري ۾ گھڻيون تبديليون اچي چڪيون آهن. جيتري قدر مون کي ياد پوي ٿو تہ هن جي وهڪري ۾ ڪا خاص وڏي تبديلي ڪا نہ آئي آهي، جنهنجو مئڪمرڊو (Macmurdo) بيان ڪيو آهي، پر اهو ضرور ٿيو آهي جو سندس پاڻي هڪ چوڙ کي ڇڏي ٻئي چوڙ ۾ وڌيڪ وهڻ لڳو آهي. ان کان سواءِ چوڙ بہ ساڳين نالن وارا آهن. سن 1783ع ۾ ڪئپٽن ڊال ريمپل (Dalrymple) جيڪو بحري نقشو ڏنو آهي، تنهن مان يارهن چوڙن جا نالا بلڪل ساڳيا آهن، جيڪي مون کي ياد آهن ۽ اڄ بہ انهن ئي نالن سان مشهور آهن. پر هيءَ ڳاله واضح ڪاند آهي تہ ڳنگا درياه جي شاخ هگليءَ ۾ هاڪاريندڙ ٻيڙن جيڏا ٻيڙا سنڌوءَ ۾ هاڪاري سگھن ٿا يا نہ. سنڌوءَ جي چوڙ وارن وهڪرن جي اونهائي اڃا بہ ايتري گھڻي آهي جو انهيءَ مان واپاري وڏو لاڀ پرائي سگھن ٿا. پر اسان جي مُلڪ سان واپار ڪرڻ واسطي جهازن جي بناوت جي ڏس ۾ گھڻو ڏيان ڏرڻو پوندو.

قاسم نالي وارو اسان جو پهريون ماڻهو هو، جنهن کي سن 1831ع ۾ 'ٻٽيءَ' نالي چوڙ ۾ بيهڻ جي اجازت ڏني وئي هئي، پر ڪيس پنهنجي ٻيڙيءَ مان هيٺ لهڻ جي موڪل ڪا نہ هئي. هاڻي هن اسان کي نوڪريءَ ۾ رکڻ جي گذارش ڪئي آهي. هن ماڻهوءَ جي شڪل ڏسڻ سان مون کي ان رات وارو ڏڪوئيندڙ واقعو دل تي تري آيو. جڏهن اسان جڻ ماڻهن جي رڙين ۽ دانهن تي

پنهنجي ٻيڙين کي سنڌوءَ مان هاڪاري هيٺ هليا ويا هئاسين. قاسم کي جڏهن ٻئي ٻيرو ڏٺمر ته ڏاڍو خوش ٿيس. ٽن چئن ڏونڊين جا ٻيڙائتا به اسان سان ملڻ آيا. اڳئين سفر ۾ هو اسان سان بکر تائين گڏ هئا ۽ وري به اسان کي نوڪريءَ ۾ رکڻ جي گذارش ڪيائون. ڏونڊين جي مالڪن مان هڪ جي پٽ جا نالو ابراهيم هو. اڳئين سفر دوران هو نندڙو ٻار هو جيڪو هاڻي وڏي ڪيرو ۾ سگهارو جوان ٿي ڀيو هو. ٻيڙيءَ تان لهي جڏهن مان ڪناري تي پير رکيو ته مرڪندي اچي منهنجي ٻليڪار ڪيائين ۽ جوئر جي اَن جي هڙ سوکڙيءَ طور منهنجي آڏو اچي رکيائين.

ذاتي لالچ سبب هُو قري گهريَ سگهن ٿا. سندن سلوڪ ڏسي روح کي راحت رسندي آهي.

شام جو مان سنڌ جي ڪنهن نئينءَ شيءِ کي ڏسڻ لاءِ نڪتس. 'گهوڙا' ڦاٽ جي ڪناري سان هلڻ لڳس ۽ منهنجي هٿ ۾ بندوق هئي. منهنجي هڪ ساٿواري تي وڃي اڪ ڪُتي. مون کي ڪنهن هورا ڪورا جهلي ورتو ۽ منهنجي بندوق ڏانهس تاڪيل ٻي رهجي وئي. پوءِ معلوم ٿيو ته اهو ڏاريل لُڏڙو هو. جيڪو مڇيءَ کي پٽي کائي رهيو هو. لڏڙي جي مالڪ اهو جانور اسان کي سوکڙيءَ طور ڏنو. ڪتي جيان هريل مريل هو. هيءُ بکر تائين اسان جي سفر جو ساٿي رهيو. خوراڪ جي تبديليءَ ڪري بيمار رهڻ لڳو هو. ڇاڪاڻ ته هن واسطي وڏي درياهه مان مڇي ماري کو نه ٿي.سگهياسين. ان کان سواءِ اسان جي نوڪرن ۽ ٻيڙائتن هن کي چيڙائي چتو ڪري ڇڏيو هو. تنهن ڪري منجهائنس جند ڇڏائڻ تي مجبور ٿي پياسين.

'گهوڙا' ڦاٽ سان اڳتي وڌڻ لڳس ۽ ڏُنمر ته 'وِڪر' کان ٻه ميل ڏور اهو ختم ٿي ويو. بعد ۾ گهوڙي تي سوار ٿي سندس ڪنار سان هلندو وڃي سنڌوءَ جي مکيه وهڪري وٽ پهتس. هيءَ ڳالهه ڌيان طلب آهي ته مان 1831ع ۾ هن ڦاٽ سان هاڪاريو هو، پر سالياني چاڙهه ڪري منجهس منڊي ۽ لٽ وهندو ويو ۽ ان ڪري هيءَ تبديلي ٿي هئي.

اسان 24 ڊسمبر جو 'وِڪر' کان الله واهي ڪئي ۾ 'سيئام' (Seeam) واري ڦاٽ ۾ داخل ٿياسين. منجهس پاڻي ڇڇهو هو. هن ڦاٽ مان اسان پورا ٻه ڏينهن هاڪاريو. سندس ڪنڌين تي ڏاڍو جهنگ ڏسڻ ۾ آيو. صبح جو اسان کي ڪٽڇين جون هوليون ٻڌڻ ۾ آيون. سندن لات هوبهو يورپ جي چنبول جهڙي ۽ مينهن جي ڇڇين ۾ ٻڌل چڙن جي چونگار جيان هئي. لَڳ جي جهنگ مان گهمندي سندن منڙيون هوليون ٻڌي ڏاڍو محظوظ ٿياسين. هتي اسان پيٽ (Pelican) پکي ڏٺو، جنهن اسان جي جهنگلي جيوت واري علم ۾ واڌارو ڪيو. سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي ۾ هيءُ پکي پاليو ويندو آهي، سندس قد چار فوٽ ۽ هڪ چيڙي کان

هي جيڙي تائين سندس پرن جي ماپ اٺ يا نَوَ فوٽ هئي. اٺ پکيءَ کان پوءِ هيءُ ئي وڏو پکي آهي ۽ هن جهڙو پکيءَ مان ڪٽي کو نہ ڏٺو. ايراني نار ۽ ڳاڙهي سمنڊ جو پيڙ پکي رنگ جو اڇو ٿيندو آهي. پر سنڊ جو هيءُ پکي ڪجھ پوري ٿيندو آهي. هيءُ پکي ڏکيائيءَ سان کائي سگھندو آهي. مڇي ڏٻس تہ سڄي ساري گھي ڇڏيندو.

ڪنارن سان گھمندي اسان ڳوٺن ۾ لنگهي وياسون، جن کي هتان جا ماڻهو 'راڄ' سڏيندا آهن. ڳوٺن جا رهواسي، اسان جي ويجهو اچڻ تي پنهنجا ڏندا ڏاڙي ڇڏي اسان سان ملڻ ٽي آيا. سندن منهن تي خوشيءَ جي مرڪ تري رهي هئي. اسان سان ڪن جڏهن اڏامندي ڪانوَ کي ماريو ٽي (جيڪو ڏکيو ڪم کو نہ هو) تہ اسان کي چيائون ٽي "اوهان حاڪم يا بادشاهہ آهيو." جتن جي مٿن تي وڏا گول پٽڪا هڏل هئا. طبيعت ۾ تيرج وارا، ٿڏا ۽ سهاجهڙا هئا. دل ٽي چيو تہ جيڪر برش کڻي سندن تصوير ٺاهجي. پنهنجي پورهئي ۾ اورچ، ڪاٽن جي ڪم ۽ ڪارن جوڙڻ ۾ ڀڙ. لاءِ جي چهن مان کارا ٺاهين. انهن چهن مان ڪڙون ۽ پترون جوڙي پنهنجين ٻيڙين ۾ اهڙي جوڙ ڪن، جو سندن ٻيڙيون پاڻيءَ کان بچيل ۽ آرام واريون بڌجي پونديون آهن. اسان هڪ ڳوٺ مان پنهنجي ٻيڙائتن واسطي ٻہ ڏڙيون مڇي خريد ڪئي، جيڪي انگ ۾ اسي هيون. اهي سڀ فقط هڪ رپئي ۾ مليون. مڇيءَ جي وڏ ورهاست ٻہ ڏاڍي ڏکي پئي لڳي. مڇيءَ جون ٻہ ڏيريون ڪيون-ويون، هڪ ٽياڪڙ مختلف ماپن جا ٻہ پٽر ڪٽي ڪُٽا وڌا. اهڙيءَ ريت هر ڏُر کي پنهنجي ياڳي جي ڏيري ملي. هر هڪ ڏيريءَ جا ٽي ياڳا ڪيا ويا. وري ٻہ ٽياڪڙ ڪُٽا وڇهي مڇيءَ جي ورهاست ڪئي. اهڙي نموني سان نيٺ مڇي وڇي ڏيڳڙي داخل ٽي. مهاڻن مڇيءَ جا چلر ڪهاڙيءَ سان ٽي لاٽا جيڪا ڏاڍي تکي هئي. چلر ٻہ ڏاڍيءَ مهارت سان لاٽائون، ان مڇيءَ کي ڏنيرو ٽي سڏيائون.

اسان سنڊوءَ جي مکيہ وهڪري ۾ داخل ٽياسون، جيڪو ٻلهڻ جي قلابازين ڪري ڇڻ سڃاپرو لڳو ٻيئو هو. هيءُ سنڊوءَ جو مشهور جانور آهي، جنهن کي مان ، فقط هڪ ڏيرو جيئرو پڪڙي سگھيو آهيان. شهنشاهہ بابر هن جانور کي 'پاڻيءَ جو سوئر' سڏيو آهي ۽ سدائين پاڻي سان کيڏندو رهندو آهي ۽ فيل ماهي (Cetacea) قسم جي جانورن جي گھراڻي سان لاڳاپو رکي ٿو. ان وقت سنڊوءَ جو گرميءَ جو درجو (ڪوسائي پد) 58 ڊگريون ۽ سندس هڪ ننڍڙيءَ شاخ جو گرميءَ جو درجو 62 ڊگريون هو.

سنڊي مهاڻا جنهن تيرج ۽ اعتماد سان هن مهان ۽ سگھاري سنڊوءَ مان پنهنجون ٻيڙيون هاڪاريندا آهن، سو سيلانين ۽ مسافرن کي ڏاڍو پلو لڳندو آهي. سنڊوءَ جي ڪنهن ٻہ پاڳي ۾ جتي ٻيڙيءَ ڇڪڻ جي ضرورت پوندي آهي تہ ٻيڙيءَ جو مالڪ يا ميربحر پنهنجي همراهن کي "شاباس بهادرو! پهلوانو" جئي

همٿائيندو آهي ۽ سفر ختم ٿيڻ تي سندن ڏاڙهين کي نئين سر ڪاري ڪرڻ لاءِ ڪيس وٺي ڏيڻ جو وچن ڪندو آهي. حقيقت اها آهي ته هيڏي هاڪاري ڏايو ڏکيو پورهيو آهي، اهو ايئن هوندو آهي جو جڏ سنڌوءَ بدران ڪنهن سگهاري ويريءَ سان وڙي ويڙهاند ڪرڻي هوندي آهي. هڪ واهڙ جي ڪنڌ اڪرندي هڪ هيڏي وڃي زمين سان لڳي، پاڻيءَ جي لهر پنج ڇهه انچ مس اٿي. اِهو ٽاڪ ڪناري کان پنجاه گز کن پري هو. پوءِ اها هوريان هوريان سرڪندي وڃي ڪناري سان لڳي. هتي هيئين علائقن ۾ پاڻيءَ جي هوڙان هوڙ لڳي پئي هوندي آهي، اهڙي قسم جا واقعا ڪي اتفاقي ڪونه ٿيندا آهن، پر اهي فطري طور ٿيندا رهندا آهن. اچرج جي ڳاله اها به آهي ته سنڌي هيڏيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪاٺ به مصر جيان ٻاهران گهرايو ويندو آهي. مصر ۾ اهڙو ڪاٺ شام منجهان ۽ سنڌ، هندستان مان گهرائيندي آهي. ٻنهي ملڪن ۾ ٻين هڪ جهڙاين سان گڏ هڪ هيءَ به هڪجهڙائي آهي.

31 ڊسمبر، اسان پير پٺي کان ست ميل کن پري، 'نور ڪنڊا' نالي هڪ ڳوٺ ويجهو لنگر هنيا. پرسان ئي ڪمند جي پوک هئي. فصل کي هڪ جُنگ (ٻن نارن) وسيلي پاڻي ڏيئي رهيا هئا. هڪ نار ۾ اٺ ۽ ٻئي ۾ ڏاندن جي جوڪ ٻڌل هئي. ٻنهي نارن جي وهڻن کي هڪ ماڻهو هڪلي رهيو هو. جانورن جي اکين تي اکيا ٻڌل هئا. جيڪڏهن سندن اکيون کليل هُجن ها ته کين هڪلڻ ۾ وڌيڪ ڏکيائي ٿئي ها. سنڌ جا ماڻهو ڪمند مان گڙ ۽ مٺائي کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ ٺاهي ڪو نه سگهندا آهن. اسان پير پٺي جي مزار جي زيارت واسطي وياسين، جيڪو درياه جي ڪناري کان پري هو. هر ٽڪريءَ تي ڪيترين ئي مزارن جو هڪ مڇلو ڏسڻ ۾ آيو، جيڪو سنڌوءَ جي هڪ ڪاٺ 'بگهيار' جي ڪندي مٿان هو. اوسي پاسي وارو علائقو گهاٽن لُوَن سان ستيو پيو هو. هيءُ ماڳ ياترا جو هڪ آستان آهي ۽ اٺ سو سال پراڻو آهي. هندو ۽ مسلمان بنا ڪنهن متيد جي هتي ايندا رهندا آهن. بوٽ لاهڻ کان پوءِ اسان کي اندر وڃڻ جي موڪل ڏني وئي. اتان جي ماڻهن اسان سان تمام سهڻو ورتاءُ ڪيو. هڪ نرار جي چٽ تي مون 'هينري ايلمر 1809ع' جا لفظ لکيل ڏٺا. هيءُ مسٽر هئنڪي سمٿ (Mr. Han-key Smith) جي نائبن مان هڪ هو، جنهن کي بعد ۾ اسان جي حڪومت پاران ايران ۾ سفير مقرر ڪيو ويو هو. پير پٺي جي ماڳن وٽ بگهيار ۾ ججهو پاڻي ٻيٺو هو. اهو هن ڳاله جو هڪ چٽو دليل هو ته ڪجهه عرصو اڳ هن سنڌوءَ جي هڪ ڪاٺ جي خيثيت ورتي هئي ۽ سندس پاڻي ڏنڊ جيان ٻيٺل هو. سنڌوءَ جو مکيه وهڪرو هن ڪاٺ جي مُنهن جي اوسي پاسي واريءَ جا ٻڌا ڇڏي ويو هو. جنهن ڪري منجهس پاڻي اڇڻ بند ٿي ويو هو، ۽ وري اهو به ڇيو وڃي ٿو ته گذريل سال چوني سان لڏيل ٻيڙا هن ڪاٺ وسيلي مالا کان سمنڊ تائين پهتا هئا.

نئين سال واري ڏينهن اسان ٻڌي پهتاسين. ڏسڻ ۾ ايئن پئي آيو ته درياه هن شهر جي ويجهو ايندو ٿي ويو ۽ ايئن ٿي لڳو ته هلندڙ صدي جي پڇاڙيءَ تائين هن شهر جيڏو بلڪل ويجهو وهڻ شروع ڪندو. منهنجو سياسي حريف سيد ذوالفقار شاهه، جنهن لاءِ مون کي اميد هئي ته هو اچي منهنجي آجيان ڪندو، سو منهنجي ٻڌي پهچڻ کان هڪ هفتو اڳ وفات ڪري ويو هو. هن جي چوڻ تي مان بمبئيَ ۾مان هن لاءِ ميڙ بتيون آنديون هيون، پر هاڻي ڪيس قبر جي ڪاريءَ ٻاڻ ۾ نه سڄ جي سهائيءَ جيُ لوڙ هئي ۽ نه ڪنهن ميڙ بتيءَ جي لاڙ جي ضرورت هئي. مان هن ايشيا جي هڪ ذهين ۽ ڏاهي ماڻهوءَ سان، موجوده وقت جي بدليل سياسي حالتن ۾ ملڻ ٿي گهريو. مون کي اميد هئي ته ماضيءَ جي هن عظيم شهر جي تباهي متعلق ڪائنس ڪارائتي معلومات ونڊندس. هن مرهيات سيد بدران هتان جي نواب ۽ سندس نوڪر منهنجي آجيان ڪئي ۽ شهر ڏانهن وڃڻ لاءِ منهنجو سڳر سونهون ٽيو. اسان سادي نموني شهر ۾ داخل ٿياسون. ماڻهن وڏي آواز سان دنبها هٽي اسان جي پليڪار ڪئي ۽ اسان کي ڪڏارش ٿي ڪئي ته اسان اچي هن "زبون حال شهر کي ٻيهر آباد ڪريون". هڪ ماڻهوءَ اسان کي ڏرڻ ڪري چيو ته "هن ويراني ۾ ڇا ٿا ڏسڻ چاهيو؟ هي شهر انگريزن جي حڪمرانيءَ هيٺ وڏي ترقي ڪندو." ٻين چيو ته هتان جا حڪمران اڏا آهن. هڪ عطر فروش اسان کي عطر خريد ڪرڻ لاءِ چيو. هن ٻڌايو ته هاڻي هن شهر ۾ عطر خريد ڪرڻ وارا رهيا ئي ڪو نه آهن. هن اسان کي ڪوڙو مُنهن ڪري ٻڌايو ته خشڪي يا پاڻي واري رستي سان حيدرآباد کان ڪراچي تائين غريبن وٽ ته ڪا به شيءِ ڪانه بچي آهي. اڳي جيڪي سڪيا ستابا ۽ ڏن وارا هئا تن وٽ به اڏ موڙي وڃي بچي آهي. 1831ع کان پوءِ مَريءَ (ڪالرا) ٻڌي ڪي ويران ڪري ڇڏيو هو. سڄيءَ سنڌ ۾ اهو عام خيال آهي ته هيءُ شهر هڪ ترائي ۾ جوڙيل آهي ۽ اڳهاين وارو ماڳ آهي. ڪُوهن ۽ درياه جو بيڊل پاڻي به گندو آهي. چوڌاري پاڻي بيڊل هوندو آهي. سياري جي رت ۾ صبح جو ڏُنڌ ۽ ڪوهيڙي ڪري بجاڻ پئي لڳندي آهي.

جوڪين جو سردار جام مهر علي خان اهو ماڻهو هو، جنهن اسان سان پهرين ملاقات ڪئي. هيءُ ٻڌي جي اولاد ۾ جابلو علائقي جو رهاڪو هو. سندس ذات جا هيا ماڻهو ڏراڙ هئا ۽ هڪ ماڳ تي ٽوٽي ٿي ڪو نه ويهندا هئا. هن اسان جي پهريداريءَ لاءِ پنهنجا ماڻهو ڏنا. جام مهر علي سڳهارو ۽ وڏيءَ عمر وارو هو. سندس ڏاڙهي ميندي ۽ سأن رتل هُئي ۽ هو ڏسڻ ۾ جهنگلي ۽ جٽ ٿي لڳو. جڏهن اسان سنڌيءَ جا ٻه ٿي غلط سلط لفظ ساڻس ڳالهايا ته هو ڏاڍو خوش ٿيو. هيءُ جوڪين جو سردار هو پر سندس لقب "جام" هندن وارو هو. جڏهن هو موڪلائڻ لڳو ته اسان کيس ڪجهه دوائون ڏنيون ته هن نه فقط اسان جا ٿورا مڃيا پر اسان جو هڪ سچو ساٿي بڻجي ٻيو. هن ڳوٺ پهچي اسان جي رهبريءَ لاءِ پنهنجا بدن

کنِ ماٹھو موکلي ڏنا. اهي ڏسڻ ۾ جهنگلي ٽي آيا، سندن وار وڏا هئا، پر نمڪ حلال ۽ فرمانبردار هئا. منهنجي هن بيان کان، ڪتاب ۾ ڏنل پيروز جي تصوير وڌيڪ واضح آهي. انهن ماٹهن سان گڏ جام صاحب اسان ڏانهن شڪار ڪيل هڪ هرڻ به موڪلي ڏنو جيڪو هڪ گهوڙيسوار جي هني سان هڏل هو. ان جي بدلي ۾ اسان ڏانهنس ڪجه بارود موڪلي ڏنو ته جيئن هو پنهنجي شڪار وارو شغل جاري رکي. ٿوري وقت کان پوءِ اسان کين پرکي ڏٺو ته هو سٺا نشاني باز ڪو نه هئا، نوي گڻ جي فاصلي تان شيشي جي بوتل کي چُٽ ۾ ڪير به سوياروِ ڪو نه ٽيو. فاصلي کي ڪجه گهٽايو ويو پر پوءِ به نتيجو ساڳيو رهيو. هن اسان کي ٻڌايو ته جيئن ته هو مَڪي واري ڏس ڏانهن بندوقون چوڙي رهيا هئا، تنهن ڪري گُسي پئي ويا، پوءِ نشانا اوڀ بدران اوير طرف رکيا ويا، پر پوءِ به نتيجو ساڳيو رهيو. سندن اهڙن اجاين وهمن ڪري اسان کلي رهيا هئاسون. هن جهنگلي ماٹهن پنهنجي هٿ سڌي جي لڳاڙ ۽ ٻناڪ ٽي هنئي پر پوءِ جڏهن نشاني چٽ ۾ سوياروِ نه ٽيا ته شرم وچان سندن حالت ڏسڻ وٽان هئي. مان سمجهان ٿو ته سنڌي گهٽي قدر لهاڙي آهن. ڏهن هارهن گهرن جي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي کي هو شهر سڏيندا آهن. جڏهن اسان جا نَوَ ڏه ماٹهو ڪڍجي گهميا ته ان ٽولي کي لشڪر ٽي ڪوٺيائون. هن وڏي سفر ۾ هن جوکين کان سواءِ ڪجه عرب ۽ ڪچ جا ميانا (Myana) (مهاٹا) ڏاڙيل به اسان سان گڏ هئا. ڪچ رڻ جا رهاڪو ۽ سنڌ جا جابلو ماٹهو اسان جا پرجهلا هئا، تنهن ڪري اسان کي ڪنهن دشمن جو الڪو ڪو نه هو. پهريدارن جي اهڙي جوڙجڪ اسان کي پنهنجي يادگيرين لاءِ هيءَ موضوع مهيا ڪري ڏنو ته برطانيا جو هندستان ۾ ڪيڏو نه وڏو ڏاکو آهي.

ٻڌي شهر ۾، اسان سان ملُن جو ڄڄهو انگ اڇي مليو. اسان جي تقاضا ڪرڻ تي وڪري لاءِ ڪتاب ڪٽي پهتا هئا. انهن ڪتابن ۾ مون کي 'ڇچ نامو' ۽ 'تحفه الڪرام' ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي سنڌ جي تاريخ جا مشهور ڪتاب هئا. پر سندن ڪتابن جي ديرمان گهڻن جو واسطو قرآن جي تفسير ۽ شرح سان هو. انهن مان ڪجه نماز ۽ شاعريءَ سان به لاڳاپيل هئا. جيڪڏهن انهن ديرن مان ڳولا ڪجي ها ته ڪجه قيمتي ڪتاب ملي وڃن ها. اسان واري سات جو سونهون مرزا گل محمد نالي هڪ شخص هو جيڪو مرزا علي ترخان جي پيڙهيءَ مان هو. ان وقت هو ڪنڪلو هو پر وٽس شاهه جهان بادشاه طرفان مليل ڪي فرمان موجود هئا. هن شهر ۾ علم ۽ ادب تباهه، واپار وڏو ختم ۽ آدمشماري نه هئڻ جي برابر وڃي رهي آهي. اسان رمضان واري عيد تي ٻڌي ۾ موجود هئاسين. عيد نماز تي عيدگاهن ۽ مسجدين ۾ نمازين جو انگ هن هزارن کان مٿي ڪونه هو. سنڌ ۾ اهڙن موقعن تي هندو ٻاهر نڪري ساءُ ڪو نه ڪندا آهن. جيڪي ڪجه مان

اکثين ڏنو ۽ ان کان پوءِ پڇا ڳاڇا ٻه ڪيم، جنهن مان مون کي پرو پيو ته هن شهر جي ڪل آدمشماري اٺ يا ڏهه هزار کن آهي ۽ شهر ڏينهون ڏينهن ناس ٿيندو پيو وڃي.

گوبند جو پاڻ، آسومل هڪ هندو، جيڪو پنهنجن پائي بندن ۾ ڏاڍو ذهين آهي، سو هن شهر (نٽي) جو برڪ واپاري آهي، هو اسان وٽ لنگهي آيو. ڏاڍو سُلجهيل ۽ مانائتو ماڻهو ٿي ڏنو. ڪيس پنهنجي ماتر پوميءَ جي هن وڏي ۽ وسندڙ شهر جي ويراني‌ءَ تي ڏاڍو ڏک هو. اشارن ۽ ڪنايين ۾ ڳالهائيندي، هن چيو ته "واپاري ۽ هاري ناري سنڌ جي اصلي مٽي آهن ۽ اها مٽي تيستائين زرخيز نه ٿي سگهندي، جيستائين ان کي واپار جي پاڻي‌ءَ سان آباد نه ڪيو ويندو."

هتان جي هندن جي حالت سندن ئي بيانن مان پڌري پٽ ظاهر ٿيندي آهي. اسان نٽي ۾ ئي موجود هئاسون جو هندن جو هڪ چريو پرلوڪ پڌاري ويو. مسلمانن دعويٰ ڪئي ته هن جو لاش دفن ڪرڻ لاءِ سندن حوالي ڪيو وڃي. تنهن تي هندن ڏوڙي آڇي نٽي جي گورنر جو در جهليو. ڪن مسلمانن پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو ته مرهيات جڏهن جيئرو هو ته گارين ڏيڻ ۽ پٽ پاراتا ڪيڻ سان گڏ هن ڪيترا ڀيرا پاڪ نالا به اچاريا هئا ۽ قرآن جي آيتن سان دليل ڏنائون ته هو مسلمان هو. گورنر ان چرئي هندوءَ جو لاش مسلمانن کي ڏياريو. جن کٽي وڃي ان کي مسلمانن جي قبرستان مڪليءَ ۾ دفن ڪيو. اسان جي پهچڻ کان مهينو اڳ ۾ هڪ هندو عورت پنهنجن ٻن هارڙن سان مسلمان ٿي وئي هئي. ارڙهن مهينا کن اڳ پرسان ڪنهن ڳوٺ جي هڪ هندوءَ کي ان ڏوهه ۾ زوري‌ءَ مسلمان ڪيو ويو هو جو سندس پاڻ کي ڏوهه ڪري لڪي ويو هو. اهو به چيو وڃي ٿو ته هندو گهٽو ڪري پنهنجي رضا خوشي‌ءَ سان اسلام قبول نه ڪندا آهن. مان اهو هندن جي تصديق جي آڌار تي چئي سگهان ٿو. هندو مسلمانن جي پاڪ نالن وٽ ڪاڻ ڏاڍو ڪيهائيندا آهن. ٽنڊي الهيار جا واپاري، هن شهر کي رڳو ٽنڊو چوندا آهن ۽ 'الهيار' چوڻ کان لهرائيندا آهن. هتي هندو عيد جي خوشين ۾ شريڪ ڪو نه ٿيندا آهن. هندستان ۾ وري اها حالت آهي جو مسلمانن کان وڌيڪ هندو عيدن جون خوشيون ڪندا آهن. هن پنجن ڇهن سالن جي عرصي دوران زبردستي‌ءَ مسلمان ڪرڻ جو وڏو واقعو ٿي گذريو آهي. ڪراچي‌ءَ جي هڪ مشهور واپاري‌ءَ هوتچند کي سندس مرضي‌ءَ خلاف زوري‌ءَ مسلمان ڪيو ويو. هن واقعي کان پوءِ هو ڪڇ ڏانهن ويجي ويو ۽ پنهنجي گهراڻي سميت لکپت ۾ رهڻ لڳو آهي. سندس اولاد هن سان گڏجي ماني کو نه کائيندو آهي، وٽس ملڪيت ۽ ڌن ته گهڻو آهي، پر سندس هندو جاتي‌ءَ وارا ڪيس اڳين حيثيت ڏيڻ لاءِ تيار کو نه آهن.

نٽي جي قدامت اسان کي هميشه پاڻ ڏانهن ڇڪيندي رهي آهي. اسان به

اتي پهچي پيا ڳاڇا ڪان ويسلا ڪوٽ ۽ ويناسين ۽ پهريائين 'ڪلان ڪوٽ' ڏسڻ ويناسين. هي قلعو ان ساڳيءَ ٽڪريءَ تي جوڙيل آهي جتي مڪليءَ جا هيا شاندار مقبرا ٺاهيل آهن. ڏسڻ کان پوءِ مون کي ائين لڳو ٿو ته هيءَ ٽاڪ پراچين ٻڌي سان لاڳاپو رکي ٿو. ڪلان ڪوٽ جي معنيٰ آهي وڏو قلعو. جيڪو ٽڪريءَ جي مٿاچري تي اڏيل آهي. سندس ويڪر منهن ميل ۽ ويڪر پنج سو گز کن ٿيندي. هن جي شڪل صورت ڏکڻ- اولهه جي پاسي کان سواءِ چوڪنڊي آهي. ان طرف کان ڪجهه ٻاهر تي نڪتل آهي. ان ٽڪريءَ جي مٿاچري تي چوڌاري قلعي جي ڀت ڦيريل آهي، جيڪا ڪچي آهي ۽ ٻاهرئين پاسي کان پڪيون سرون ٽڪيون ويون آهن. قلعي جي اندر گهڻين جا اهڃاڻ محسوس ڪري سگهجن ٿا. هڪ زبون حال ويڪري مسجد به ڏسڻ ۾ ايندي، جنهن جي اڏو هڪ ڦوهاري جا نشان به نظر ايندا. اتي گهمندي اسان کي ائين محسوس ٿيو ته زمين هيٺان کوٽه خانو آهي. هڪ پاسي کان اسان کي سڙي کوئلو ٽيل ڪٽڪ ملي. اتي ڪجهه سرون به ڏسڻ ۾ آيون جيڪي گهٽي ٻاهه ڪري جلي بوهڙ جي شڪل اختيار ڪري ويون هيون. ڪلان ڪوٽ ٽٻي جو هڪ قديم قلعو آهي. اولهه پاسي کنهن وستيءَ جا کنڊر ڏسڻ ۾ ايندا، پر ٻين طرفن کان هن جي چوڌاري هڪ وڏي ڍنڍ نظر ايندي، جنهن کي اوپر طرفان وهندڙ سنڌوءَ مان هڪ کوٽيل واهه وسيلي پريو ويندو هو. هن ڍنڍ جي هڪڙي پاسي هندن جي پوڄا جا ڪيترا آستان نظر ايندا، جيڪي ٽڪري ۾ قدرتي ڏاڻن جي صورت يا هٿرادو جوڙيل ڳڦائن جي شڪل ۾ آهن. هيءَ ٽڪري شڪل ۾ گول ۽ ماکي جي مانارِ جيان سوراخن واري آهي. منجهس سپون ڪوڏ يا سنڪ جام پيا ڏسڻ ۾ ايندا. منجهس غارون به جام آهن. هن ڍنڍ مان ڪير به مڇي ڪونه مارينڊو هو. چاڪاڻ ته هي ماڳ ٻڌي جي هندن واسطي هڪ تيرٿ هو. جتي مهيني ۾ به ڀيرا اچي باسون باسيندا. ۽ سڪائون ڏينداهئا. چا اهو ئي سنڌ جو ديبل آهي، جنهن جي لهڻ واسطي قديم آثارن جا گهٽگهرا، اٽو ٻڌي وڙ ڪنجي سدائين ووڙيندا وٽندا آهن؟ ۽ حقيقت اها آهي ته هتي اهڙا ديول يا مندر ڪونه آهن. ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ اهڙي ڪا به ديول ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي آچي، جنهن جي نسبت سان اڄ تائين هن علائقي کي ديول جي نالي پٺيان سڏيو ويندو آهي. ڪجهه وقت اڳ جڏهن مان بمبئي ۾ هوس ته مسقط ۾ مقرر ٿيل اسان جي گماشتي اسان ڏانهن هڪ خبر لکي روانه ڪئي هئي ته مسقط جو امام رنجبار تي حملو ڪرڻ چاهي ٿو. تنهن ڪري هن فوجي سپاهي پرتي ڪرڻ واسطي ديول ڏانهن پنهنجا ماڻهو موڪليا آهن. اهڙي فوج پرتي ڪرڻ جي اجازت واسطي سنڌ جي حڪمران کي گذارش ڪئي آهي. ڪلان ڪوٽ جنهن صورت شڪل ۾ اڄ موجود آهي، تنهن مان ڏسجي ٿو ته سندس اڏاوت اسلامي دور کان اڳ جي ڪا نه آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته ٻڌي شهر جي بنياد رکندڙ حڪمران

ان ماڳ کي چونڊيو اتي قلعي جي اڏاوت شروع ڪئي هوندي. قلعي جي ڪنڊن ۾ موجوده نُڻي شهر جي وچ تي ڪي به قديم آثار نظر ڪونہ ايندا ۽ ٽن ميلن جي دائري اندر ئي قِنل قلعي جا ڏڙا آهن. شهر جي اتر پاسي اهڙا ڪنڊر موجود آهن، جيڪي هين پاسن جي ڪنڊن کان نرالا آهن ۽ هتي پٽين جا اهجاڻ به نظر اچن ٿا. چيو ويندو آهي ته هن ماڳ تي سومرن ۽ سمن جو هڪ قلعو اڏيل هو. نُڻي کي اڄان تائين 'نگر' جي نالي سڏيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي وڏو شهر. مون کي شڪ آهي، جنهن جو مون الائي ڪٽي اظهار ٻ ڪيو آهي ته هن ماڳن تي مينا نگر نالي هڪ شهر آباد هو.

نُڻي کان ڏکڻ- اولهه طرف ۾ ڪلان ڪوٽ جي سَر اتر، اسان کي ساموئي نگر جا پراٽا پڊ ڏسڻ ۾ ايندا، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته موجوده نُڻي کان اڳ ۾ هيءُ شهر آباد هو. اتي هاڻي فقط اٺ ڏهه گهر وڃي رهيا آهن، جيڪي شاه جئند جي مقبري جا مجاور آهن. هتان کان ٽوري پنڌ تي سنڊوءَ مان، ساڄي طرف تي، پهريون ڦاٽ 'ڪاري' ڦُٽي نڪري ٿو. جيڪڏهن منجهس پاڻي تار هوندو آهي ته نُڻي کي الگ ڪري ڇڏيندو آهي. سندس پاڻيءَ تي پوکي راهي کاڻ ٽيندي آهي ۽ ايئن اڪارٽ تي ويندو آهي. مڪلي ٽڪري جي حد، ساموئي نگر وٽ ختم ٿي وڃي ٿي. هيءُ شهر سمن اڏايو هو. سندن مقبرا ٻ هتي ئي اڏيل آهن. ڪراچي- نُڻي واري رستي تي موجود پنيور جو شهر، ساموئي شهر جو همعصر چيو ويندو آهي. ساموئي ۽ نُڻي شهر جي وچ تي سيدا (Sida) جا ڪنڊر آهن، جتي پڻ هڪ مزار ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ان بابت هڪ روايت مشهور آهي ته هندو هتي ڪاغذن کي ڏن ۾ بدلائي ڇڏيندا آهن ۽ جيڪڏهن ان تي ڪنهن جي نظر پئي ته اها دولت ڏرتيءَ ۾ گهر ٿي ويندي آهي.

برهمڻ آباد نالي کي به شهر ڳولي لهي کو نہ سگهيو آهيان. ڪيترا سنڌي چوندا آهن ته ان پراڻي شهر جون سرون روهڙيءَ جي جاين ٽاهڻ ۾ ڪٿ آنديون ويون آهن. هين جو خيال آهي ته ان نالي سان شهر هالا يا خداآباد جي پرسان هوندو هو. ٿر واري علائقي ۾ 'بهمينا' نالي هڪ پراڻو شهر آهي. ڪاڪ نالي هيو پراڻو شهر عمرڪوٽ پرسان ٻڌايو وڃي ٿو. موجوده شهر نُڻي پرسان، ڪي قديم ماڳ موجود آهن. مڪلي ٽڪريءَ تان پنڌ پاهڻ ٽيل مٽين جيان ڪي پٿر پوئي تسبيحون تيار ڪيون ويندين آهن. منهنجي خيال موجب لس هيلي طرف 'پيس' جي ڇڻ ۾ سوراخ ڪري تسبيحون جوڙيون ويندين آهن. اهي داڻا عميق جيان لڳندا آهن. هنگلاج ڏانهن ويندڙ هندو ياتري هن قسم جي واپار کي ڇڻ ته هٽي ڏيندا آهن. مڪلي ٽڪريءَ تي موجود ڪلاڪوٽ ۽ ڪالڪان ديويءَ جو تيرٿ آهي. موجوده دور واري قِنل شهر نُڻي ۾، اڄ به برهمڻ جا پنج سو گهر آباد آهن، جنهن مان اسان کي پتو پوي ٿو ته هي شهر ڪنهن زماني ۾ هندن جو پوتر

آستان هو. کو بہ ماٹھو اسان کي ديبل سنڌي ۾ برهمڻ آباد متعلق کا بہ معلومات ڪو نہ ٿو ڏئي پر انهن متعلق اندازا ۾ تخمينا ڪيي سگهجن ٿا.

هتان جي قديم آثارن مون کي هتي گهٽو ٽڪائي وڌو آهي. مان، سمن جامن جهڙوڪ جام نندي، جام تماچي جي خوبصورت مزارن جو ذکر اڳ ۾ چڌي، ايترو ضرور چوندس تہ اهي ڏاڍا سهٽا آهن ۾ هاٿي وري پنهنجي سفر ڏانهن موٽون ٿا.

سنڌ جي اميرن، ٽڪي جي گورنر معرفت پنهنجي دلين جي ڀاڪ ڀڏائي هئي تہ هو اسان جي اوسيئڙي ۾ ڏاڍا" ماندا ويٺا آهن. چاڪاڻ تہ شڪار جي موسم گذري رهي هئي. سندن مرضي هئي تہ اسان بہ ساڻن گڏجي شڪار ڪريون. پهريائين مون اهو خيال ڪيو تہ جيڪي ڪجھ هو لهڻن، انهيءَ کان وڌيڪ کين اهميت نہ ڏيان. اهي ماٹھو اها ڀاڪ سمجهي ئي کونہ ٿي سگهيا تہ اسان ڪهڙي سبب ڪري ٽڪي ۾ گهٽو ترسي پيا آهيون. حڪمران گهراٹي جي ڪنهن هڪ بہ ماٹھوءَ ڪهي اچي ٽڪي جا اهڙا خوبصورت ماڻهو ڏٺائي کو نہ آهن، توڙي جو اهي سنڌ جي راجڌاني کان فقط 56 ميلن جي پنڌ تي آهن. اسان يارهين جنوريءَ تي ٽڪي کي الوداع چئي سفر تي اسهياسين.

'هيلايا' پهچي اسان هيڙين مان لهي پياسين ۾ خشڪيءَ رستي ٿي ميل سفر ڪري ڪينجهر ونڊ تي پهتاسين. هيءَ ٽن ونڊين مان اها هڪ ونڊ آهي جيڪا اتر کان ڏکڻ تائين ويهن ميلن ۾ پکڙيل آهي. چاڑهہ جي رُت ۾ سنڌوءَ سان وڇي ملندي آهي. هتي پهچي اسان بي انتها خوش ٿياسون. ونڊ ۾ بيٺل هڪ هيڙيءَ ۾ سوار ٿياسين. ونڊ جو ڏيک ڏاڍو دل ڀائيندڙ هو. اسان مڇيءَ مارڻ جا نوان طريقا بہ ڏٺا. ونڊ جتي ڇہ سو گز ويڪري هئي، اتي آرپار ٻڌل رڄ اٽڪايا ويا هٿا ۾ وڇ تي سڏائيءَ ۾ ڪجھ وٽيون رکي رڄن کي گول دائري ۾ ڦيريو ويو هو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن مڇي پنهنجي وڇ جو رستو بند ڏسي جار جي گول دائري ۾ گهڙي وڃي. ان کان پوءِ مهاٹا اسان کي شڪار واري پاسي وٽي هليا جتي هن پاڻي کي ڇاڇوڙ شروع ڪيو. هو پنهنجي هيڙن تي ٻيهي ٽپا ڏيڻ لڳا، پنهنجي گهرن جا ٽانو ٽپا وڃائي هر قسم جو شور گوڙ شروع ڪري ڏنائون ۾ انهيءَ سان گڏ هو اڇتي بہ وڌندا رهيا. مڇي ڇرڪي پڇي سنڌن اڳ ۾ هلندي رهي ۾ هيو رستو ڪليل نہ ڏسي، وڃي جار ۾ پهتي. مهاٹن بہ ڦاسائڻ ۾ دير ڪانہ لاتي. هڪ ئي ست ۾ سَوَ ڪان وڌيڪ مڇيون جار ۾ اچي ڦاٽيون. ان شڪار مان اسان کي ڏاڍو مزو آيو. مهاٹا بہ تمام گهٽو خوش ٿيا. هو ڏاڍا قداور ۾ خوبصورت آهن.

سنڌن دعويٰ آهي تہ هو راٹوڙ راجپوت قريءَ سان لاڳاپو رکن ٿا. هو جام تماچيءَ جي شاندار دور کي گهٽو ياد ڪندا آهن. هن ڀڻي پيڙهيءَ مان هڪ نهايت سهڻي ڪنيا سان سلطان جام تماچي شادي ڪئي هئي. ان سبب کين گهٽيون

رعايتون مليون هيون، جيڪي اڄان سوڌو هلندين اچن ٿيون. هڪ ڏينهن لاءِ اسان مڃيءَ ۾ ٻئي شڪار ڪان لطف اندوز ٿياسين. پوءِ وري پنهنجو سفر جاري رکيوسين. سفر ڪندي اسان ڪيترا پراڻا مقبرا ڏٺا جيڪي ٽڪرين جي چوٽين تي تعمير ٿيل هئا ۾ 'سُونڊا' جي ماڻڪ وٽ درياهه تائين اسان جي جٽ رهنمائي ڪندا هليا، جتي ٻيڙيون اسان جو انتظار ڪري رهيون هيون. هيءَ علائقو ڪلرائو هو ۾ پوڪي راهيءَ لائق زمين تمام ٿوري هئي. جاڏي ڪاڏي ڪرڙ، ڪبڙ ۾ لَوَن جا وڻ نظر ٿي آيا. رات ٿيڻ کان اڳي اسان امين جي هڪ شڪار گاهه وٽ پهتاسين ۾ اتان موٽندي ٻهرن جي سڳنڌ کان ڏاڍو خوش ٿياسون، جيڪي سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ سان ڀاڪ اوچا ڪيو ڦلاريا بيٺا هئا. اسان اوپارو سفر ڪري رهيا هياسين. جڏهن بيٽل ٻيڙائٽن اسان جي ساڻ ڪي ڏسي وڻي شور مچايو ته سندن آواز ٻيلي جي وڻن سان ٽڪرائجي پڙاڏو پيدا ڪرڻ لڳو. پڙاڏي جو آواز ٽڪرين سان ٽڪرائجي وري پڙاڏي جو پڙاڏو ٿيڻ لڳو. جيڪو اسان کي ڏاڍو وڻيو. بيٽل ٻيڙين وٽ پهچڻ وارا هئاسين جو هڪ جوڪئي همراه پنهنجي ساٿين کي خوش ڪرڻ واسطي 'تماچي' (Tumachee) وڄائڻ شروع ڪئي. ڪجه وقت لاءِ ته سندس بي سري ساز کي ٻڌندا رهياسين، پوءِ صندوقون وڄائي مٽس چٽرون ڪيوسين، بعد ۾ هن همراه خود قبول ڪيو ته سندس ساز جو آواز گهٽي وقت کان وڌي ٿي ويو آهي. سوِس (Swiss) جي جابلو علائقي جا ماڻهو پنهنجي وطن جي ٽڪرين سان گهڻو پيار ڪندا آهن، ساڳي ريت جوکيا به پنهنجي ملڪ جي ٽڪرين سان گهڻي محبت ڪندا آهن.

ٿڻي کان حيدرآباد ويندي، سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري سان ٽڪريون ڏسڻ ۾ ايندين، انهن جو پٽر ڪچو ۽ چوني وارو آهي. سندن متاڇرو اڳهاڙو آهي. مٽن نالي ماتر به ساوڪ ڏسڻ ۾ ڪاته ايندي. گهٽ اوچائي وارين ٽڪرين جو تالو ڪارو (Kara) آهي. انهن جو ڪو باقاعدي سلسلو ڪونه آهي. هالار جبل انهن کان ڪجه وڌيرڪو آهي ۽ ڪائنڊ گهڻو اوچو به آهي. جاٽايل ٽڪرين وچان سيوهڻ- ڪراچي ۽ جهرڪ- حيدرآباد وارا رستا گذرن ٿا. هن ٽڪرين جو اڀ وٺندڙ ڏيک، سفر ڪري اسان جهٽ ۾ ختم ڪري ورتو ۽ 18 جنوريءَ جو سنڌ جي راجڌانيءَ پهتاسين.

ٻئي ڏينهن اسان کي امين وٽ پهچايو ويو ۽ اتي مون هندستان جي گورنر جنرل کان ملهل سفارتي سنڊ پيش ڪئي. ملاقات گهڻو وقت هلي. امين اسان جي دل جي گهراين سان آجيان ڪئي. اسان پهريائين مير نورمحمد ۽ نصيرخان سان ملياسين ۽ پوءِ ساٿن گڏجي مير محمد سان ملاقات ڪرڻ وياسين. هو بيمار هو ۽ گهر جي ڪمري ۾ پيو هو. چوٽون امير صوبدار هميشه جيان غيرحاضر هو ۽ ان جي بدران سندس پٽ ڪچهريءَ ۾ موجود هو. ميرنورمحمد اسان کي ٻڌايو ته سنڌ

حڪومت ۽ انگريزن جي وچ ۾ دوستاڻن ناتن کي مضبوط ڪرڻ ۾ سندس پيءُ جو وڏو هٿ هو. مان کيس هاڪار ۾ ٻڌايو ۽ چيومانس ته "اها ڳاله واقعي سچي آهي، پر اوهان بہ دوستيءَ جي وڻ کي وڌيءَ اخلاص سان پاڻي ڏئي رهيا آهيو. "هاڻي اهو هڪ سگهارو وڻ بڻجي ويو آهي." امير جواب ۾ چيو، هائو سائين بروبر." "ان وڻ جا ميوا ڏسجي رهيا آهن." مان کيس وراڻي ڏني. مان ساڻس گفتگو مشرقي آدابن مطابق ڪري رهيو هوس، جنهن جو مون کي پهرئين پيري واريءَ ملاقات جو تجربو هو. ان کان پوءِ اسان عام موضوعن تي ڳالهايو. هن مون کان اتر سنڌ متعلق رنجيت سنگھ جي نيت جي باري ۾ سوال ڪيو. مان کيس وراڻيو ته دوست ملڪ تي، دوست جو دوست حملو ڪري ڪونہ سگھندو. ان کانِ پوءِ گورنر جنرل مون کي جنهن مقصد سان هيڏانهن موڪليو آهي سو کيس کولي ٻڌايم. مان هن کي چٽيءَ ريت سمجهايو ته مون کي اٽڪ تائين سنڌوءَ کي ماپڻ ۾ جاچ پڙتال ڪرڻ جو حڪم آهي ۽ ان ارادي سان هيءُ ڪشالو ڪيو اٿم. کيس وڌيڪ اهو بہ چيم ته منهنجي منزل مقصود ڪابل ۽ قندار آهي. ڇاڪاڻ ته اتان جي حاڪمن ۽ واپارين کي سنڌوءَ رستي تجارت متعلق حڪمت عمليءَ سمجهائڻي آهي. سيني کان وڌيڪ اهم نقطو اهو بہ آهي ته مون کي واضح هدايتون ملڻيون آهن، ته مان سچي ۽ سگهاريءَ دوستيءَ جو اعلان ڪري سنڌوءَ جي ڪنارن سان آباد دوست ملڪن جي حڪمرانن جي اعتماد کي وڌيڪ پڪو ڪريان. جڏهن مان پنهنجي هن نقطءِ نظر کي بيان ڪري رهيو هوس ته محسوس ڪيو هيم ته هو مون ڏانهن غور سان تڪي رهيو هو. مان جڏهن ڳاله ختم ڪئي ته امير چيو ته، "تنهنجو سفر تمام بڳھو آهي. سنڌ مان گذرڻ وقت اسان اوهان جي پرگھور لهنداسون ۽ جڏهن واپس ايندئو، ته اسان اوهان جي آجيان ڪنداسون." امير کان موڪلائي هلڻ کان اڳ ۾ مان هميشہ جيان بہ چار لفظ سنڌيءَ ٻوليءَ جا چيا ۽ جيڪي مان هلندي سکيو ورتا هئا. اهي سندن خوش خيرعافيت متعلق هئا. مان کين اهو بہ ٻڌايو ته انگريز سرڪار جي چيف سيڪريٽري مسٽر واٿن (Mr. Wathen) سنڌي ٻوليءَ جو هڪ وياڪرڻ (گرامر) تيار ڪيو آهي ۽ مان کين ان جي هڪ ڪاپي ڏيڻ جو واعدو ڪيو. ان کان پوءِ ملاقات ختم ٿي.

ٻئي ڏينهن تي امير شڪار ڪرڻ لاءِ نڪري ويا ۽ اسان حيدرآباد جون گھٽيون ۽ بازاريون گھميون. سنڌ جي درٻار جي روين ۾ وڏي تبديلي اچي وئي هئي، جنهن کي هين کان وڌيڪ مان محسوس ڪيو. مان سمجهان ٿو ته جيڪو سفر مان سنڌوءَ رستي ڪري لاهور پهتو هوس، سو سنڌ جي امين جي طبيعت ۾ نرمي، ان سفر جو نتيجو آهي.

مان حيدرآباد ۾ هوس جو ڪابل مان قاصد اچي پهتو. اهو ماڻهو منهنجي

دوست حيات خان قافلہ بامشيءَ جو ويجهو مائٽ هو. هن همراهہ خلوم (Khooloom) کان قنديز (Koondooz) تائين مون سان گڏ سفر ڪيو هو. مان ڏسڻ سان ڪيس سجاڻي ورتو ۽ ڪائنس دوستن جي خيرعافيت معلوم ڪئي ۽ مراد بيگ بابت پڇا ڪئي. هن تعجب مان چيو تہ "اهو شخص مراد بيگ هو؟ عظمہ ديوان بيگي، خود هن جو وزير!" " توهان سان قرب پريا قدم ڪٽي پاڻ کي ڏاڍو بختاور سجهندو آهي" هن وڌيڪ چيو تہ هو "پنهنجي زال واسطي ڪابل ۾ ٽڪي پيو" هيءَ اسان جو پراڻو قاصد هو. سندس نالو معصوم هو. مان ڪيس ڪائڻ لاءِ گهٽو گوشت ڏنو. هن اچرج وچان چيو، "ڪير بہ ٻڌائي ڪونہ سگهندو تہ اهو ماڻهو تون هئين، جنهن ٻن لباسن متان زناني چادر اوڍي لڪُ ڪيو هو. پر اسان کي پوريءَ ريت پتو هو تہ اهو تون ئي هئين." هن گهمندڙ قرندڙ ماڻهوءَ ڪابل ڏانهن پيغام ڪٽي وڃڻ جي مون کي آڇ ڪئي، جيڪا مان هڪدم قبول ڪئي. ملا نانڪ (Mollah Nanuk) بہ بخارا جون خبرون ڪٽي خيرن سان اچي پهتو هو. هو منهنجي سفر جي سائين الهداد ۽ سرور خان کي بہ جاڻندو سڃاڻندو هو. هن مون کان سوال ڪيو تہ "تو بخارا جهڙو اسلام ڪٽي ڏٺو آهي" هن وڌيڪ چيو تہ هو پنهنجي سونپيل ڪم ڪرڻ کان اڳ ۾ هن شهر جا نرمل نظارا ڏسڻ گهري ٿو.

مان سنڌ جي حڪمرانن سان جا ڳالهايو هولهايو، ان وستار ۾ وڃڻ کو نہ ٿو ڳهران. مان ساڻن نهايت دوستاڻي نموني گفتگو ڪئي. هڪڙي ڏينهن مير نور محمد چيو، "جڏهن مان توکي پهريندي ڏٺو هو تہ توکي ڏاڙهي کو نہ هئي" ڪيس وراڻيم تہ، "هاڻي تہ منهنجو منهن ڪارنهن سان ڏکجي ويو آهي ۽ هاروڻ جي ڏاهاڳ جو ڏاڍو ڏک اٿم." اهو خيال مان سعديءَ وٽان چورايو هو ۽ مين وڌي آواز سان واه واه ڪري پسند ڪيو هو. هن وري مون کان پڇيو تہ مان ڪهڙي قسم جا ڪتاب پڙهندو آهيان. ڪيس وراڻيم تہ گهٽو تاريخ سان شوق اٿم. سندس پاڻ مون کان پڇيو تہ توهان گلستان ۽ بوستان ڪتاب پڙهيا آهن يا نہ؟ انهن سيني مون کان زور ڏئي پڇيو تہ اسان انگريز، غلامن جي واپار جي مخالفت ڇو ڪري رهيا آهيون. مان کين سمجهايو تہ غلامي وڏو ڏوهہ آهي ۽ يورپ جي ملڪن غلامن جي واپار کي ختم ڪرڻ واسطي پاڻ ۾ هڪ معاهدو ڪيو آهي. موڪلائڻ وقت مير نور محمد مون کي چيو، "توهان جهڙي ذهين ماڻهوءَ سان گفتگو ڪرڻ ۾ مزو ايندو آهي. جيڪو اڳلي کي باشعور بنائي ٿو ڇڏي." سنڌ وارن جي چاپلوسيءَ تي گهٽو ڪجهہ ڳالهائي سگهجي ٿو. پر مان هاڻي حيدرآباد کان اڳتي هلڻ چاهيان ٿو.

ميرن سان گڏ شڪار- اٽن جي سواري- لباس- حادثو- شڪار جو طريقو- خطرناڪ شڪار- لاڪاٽ- وندر- بازن سان شڪار- سيوهڻ- اخلاقي پستي- جيالاجي- جهنگلي جيوت- نوان ساٿي- لاڙڪاٽو- ڊاڪٽر لارڊ- خيرپور جا ميرَ- سنڌي ناڇ- غلام نبي خان- ڏجي- مراس چينو (Maras chino) نالي هڪ دوا- قاڻهن جو شڪار- سنڌي باز- بکر.

حيدرآباد جي ميرن اسان کي شڪار جي دعوت ڏني، جيڪا اسان خوشيءَ سان قبول ڪئي. شڪار جو اها ماڳ راڄڌانيءَ جي اتر طرف هو. اسان 5 فيبروريءَ جو شهر ڇڏيو. ٻئي صبح جو ڪائوپوٽا (Khaupoota) پٽڻ جي پرسان وڃي هڙهاءِ نيس سان ملياسين. هيءُ ماڳ شهر کان ڏهن ميلن جي فاصلي تي هو. ميرَ صاحب شڪار ڇڏي اسان سان ملڻ آيا. ميرَ شهداد خان نيرن ڪرڙ مهل اسان سان ملاقات ڪئي. هن ميرن پڻ اسان جي رهائش واري جاءِ ڏهه- دريءَ وٽان لنگهندي اسان جي مرحبا ڪئي.

ميرَ شهداد جي عمر 22 سال کن ٿيندي. ڏاڍو ڏهرو ٿي نظر آيو. چيو وڃي ٿو ته هو ڪنهن ڳٽتيءَ ۾ ڪري ڪنڌا ٿي ويو آهي. مان سمجهان ٿو هو پنهنجي پيءُ ۽ چاچن کان وڌيڪ پڙهيل ۽ ذهين آهي. هن مون کان پڇيو ته: چين وارن جو مذهب ڪهڙو آهي؟ جڏهن مان کيس هن موضوع تي ڪجهه ڄاڻ ڏني ته چيائين، "چنگيز خان جو مذهب به اهو ئي هوندو." 'ايبنبرا ريويو' جا ڪجهه پرچا سندس ميز تي پيا هئا. هن جي پڇا ڳاڇا ڪرڻ تي، مان کيس 'ريويو' متعلق ٻڌايو ته اهو ڇا آهي. جڏهن مان ڳالهائي رهيو هوس ته هو ڏاڍي ڌيان سان ٻڌي ۽ هنڊائي رهيو هو. جڏهن مان ڳالهائي بس ڪئي ته هن چيو ته "هر ملڪ جي رهواسين جو 2/3 حصو بيوقوف هوندو آهي." هن سمجهيو ٿي ته اسان انگريزن اهو انگ ڪجهه هيٺ لاهي 1/5 بيهاريو آهي. هن محسوس ڪيو ته شايد اسان جي مانيءَ کي دير ٿي رهي آهي ان ڪري هو ڪجهه پريشان ٿي ڏٺو. هن چيو ته سندس غيرحاضري ڪري سندس پيءُ کي اُلڪو ٿيندو هوندو. تنهن ڪري هو موڪلائي هليو ويو. هو پنهنجي ڏاڏي ميرَ مراد علي جي مزار تي فاتح پڙهڻ ويو هو. سندس طبيعت مان

معلوم ٿيو ٿي ته هو سڀني ميرن کان مزاج ۾ سخت ۽ سنجيده خيالن وارو آهي.

ڪچري منجهند ڏاران هڪ قاصد ٻوڙندو آيو، جنهن اچي اسان کي ٻڌايو ته مير صاحب اسان جي اوسيئڙي ۾ ويٺا آهن. اسان جي ٽولي ۾، مان، ليفٽيننٽ وڊ ۽ ليچ هئاسون. اسان اُٺن تي سوار ٿياسين جيڪي ڏاڍي سهڻي نموني پاکوڙيل هئا. اهي خاص طور اسان جي سواريءَ لاءِ موڪليا ويا هئا. مير نور محمد ۽ مير نصير محمد مافن تي هئا، جيڪي هن ڇڇرن تي رکيل هئا. هڪ ڇڇر اڳ ۾ ۽ ٻيو پٺيان هو. جڏهن اسان وٽن پهتاسين ته هو هيٺ لهي اٺن تي سوار ٿيا. مان سمجهان ٿو ته مافن واري سواري اٺن جي سواري کان وڌيڪ آرامده هئي ۽ گرميءَ کان بچاءَ لاءِ مٿان چانوَ ٻه ڪيل هئي. اٺن جي سواريءَ ۾ اهي سهولتون ڪونه هيون. سواريءَ جي اها مٿا سٽا هِن فقط اسان واسطي ڪئي هئي. جڏهن مان اها ڳاله مير صاحب کي ٻڌائي ته مير صاحب وڏي اخلاق ۽ ٻاجهاري نموني چيو ته، "اٺن جي سواري ٻه آرام واري هوندي آهي." اٺن تي اسان سيئي ميرن سميت لڏندا لمندا پئي آياسون. اٺن کي سکيا ڏيڻ کان پوءِ سندن سواري سفر جو سهنجو ذريعو هوندي آهي. جڏهن نماڻ جو وقت ٿيو ته اٺن تان لهي پياسون ۽ سرڪي وڃي وٽن جي چانو ۾ بيٺاسين ۽ پنهنجي قاصد جي ذريعي گذارش ڪئي سين ته هو پلي ڏار پنهنجي سهولت آهر سفر ڪن. پوءِ اسان پنهنجي مرضيءَ سان سفر ڪندا شام جو وڃي ساٽن ملياسين. مير صاحب هن پيري بنا ڪنهن حجاب ۽ وڏ- ماٺپائي جي ڏاڍي سٺي نموني سان ملايا هئا. درٻارين، اٺن جي جٽن ۽ ميرن جو لباس ڏاڍو سهڻو هو. سيني کي ڦڪي رنگ جو چولو پهريل هو جيڪو بلائوز وانگي ٽي لڳو. ڪين چيلهه تي لنگين جا سندرا ٻڌل هئا. مير نور محمد اسان کان پڇيو ته اسان ڪمربند (Waist Sashes) جو ڪونه ٺا ٻڌون، مان ڪيس وراڻيو ته اسان ان جي بدران سوڙهو چست لباس پائيندا آهيون. هن وڌيڪ چيو ته ڪمربند هڪ قسم جي سونهن ۾ هوندو آهي. اسان سان گڏ جيڪي سنڌي هئا، سي عام سنڌين جيان شور گوڙ ۽ هُلا هُلاچي جا ڪوڙيا هئا. وڪ وڪ تي بسم الله ۽ يا علي پئي ورجايائون. جڏهن اٺ ڪڙئي جي ڪپر تي ٻي ڇڙهيو ته بسم الله ٽي پڙهيائون ۽ جڏهن وري اٺ رستي سان ٽي هليو ته يا علي ٽي هوليائون ۽ اسان ڏاڍو محظوظ پئي ٿياسون. امين سان پنهنجا ملازم ساڻ هئا، جن جو انگ ٽيهارو ڪن هو. بازدار ۽ طبيب پنهنجي مرضيءَ سان سندن پٺيان اچي رهيا هئا. شام ويلي اسان سيئي 'ميسا' نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙيءَ ۾ هلياسون. ان جي پرسان ئي هڪ باغ ۽ شڪار جو گودر هو. ٽالپر سردار هتي اچي لٿا. رات جو اسان ڏانهن ماڻهو موڪلي نياپو ڪيائون ته اسان اوهان جا ٽولا ڏسڻ گهرون ٿا، جن گرميءَ کان اسان جو بچاءُ ڪيو هو. اسان گرميءَ ۾ آرام سان پئي هلياسون ۽ مير صاحب ڪاڙهي ۾ ڪڙهي هيڙ ٽي پيا

هئا. ليفٽيننٽ ليچ کي پاتل ٽوپلو خاص اهميت جي لائق هو. جيڪو رنگ جو اڇو، وڏو، ابتو سبتو ۽ جهٽ ٽي پئي سگهيو. اندرئين پاسي رنگ سائو هوس. شڪار مهل هيڏي هوڏي ڦرندي سڀ ڪنهن پئي انهن جي تعريف ڪئي. مون کي پاتل ٽوپلو ته چسو هو پراٽو ۽ هو. پنهنجي عمر پوري ڪري چڪو هو. امين ڏانهن پنهنجو اهو ٽوپلو موڪليندي مون کي لڄ پئي آئي. تنهن هوندي ۽ مان پنهنجو پراٽو ٽوپلو مير صاحبن ڏانهن موڪلي ڏنو. دل کي تسلي ۽ ڏنم ته جيڪڏهن سندس هن پراٽي ڇڳل ٽوپلي ڪري مير صاحبن کي گرميءَ مان ڇوٽڪارو مليو ته سمجهندس ته منهنجا پاڳ پلا آهن. رات جو اسان سيني مير صاحبن جي تيار ڪرايل سيخ ڪبابن جو لطف ورتو. اسان فقط هڪ پيرو ڪباب کوڻ ڪاڏا، پر جيترو وقت اسان شڪار تي هئاسون ته مين جي مهمان نوازي کان لطف اندوز ٿيندا رهياسين.

سنڌيُ پنهنجن گهوڙن کي هيڏين ۾ چاڙهڻ ۽ لاهڻ جا استاد آهن. هڪ ڏينهن صبح جو هڪ گهوڙي جي قيڙ کان جنگھ نڪري پئي. گهوڙي جو سئس، ان کي ڪٽائي، مشوري وٺڻ لاءِ مون وٽ پهتو. جاچ پڙتال کان پوءِ مان کين گهوڙي کي هيٺ سمهارڻ لاءِ چيو. اسان جي گهوڙن جا سيئي سئس گهوڙي جي چوڌاري ڦري وڃا ۽ نڪتل جنگھ کي وٽي هيڏي هوڏي چڪڻ لڳا. ماڻهن جي ڇڪ ڇڪان کان علاوه گهوڙي پنهنجي مڙسي ۽ ڏيکاري. اسان جي اچرج جي حد نه رهي جڏهن ڏٺوسين ته گهوڙو اڳئين جهڙو ٺيڪ ٺاڪ ٿي چڪو هو. اسان جي ڳاله ۽ مانُ مٽائهون ٿيو ۽ اسان کي گهوڙن جي بيمارين جا وڏا ماهر سمجهيو ٿي ويو. امين کي هن ماجرا جي سٽس پئجي وئي. گهوڙي جو مالڪ ۽ ڏاڍو خوش ٿيو. ٿورو وقت اڳ مان هن کي ليٽو تي چاپيل گلستان جو نسخو ڏنو هو ته ايترو خوش کوڻ ٿيو هو. سندس نالو علي خان هو. هيءُ شخص لغارين جي سردار احمد خان جو پاءُ هو.

ستين تاريخ جي شام جو اسان مين سان گڏجي ماجندو (Majindu) ڏانهن هلڻ لڳاسون. اهو ماڳ هتان کان ويهن ميلن جي فاصلي تي هو. علائقو ڪليل ۽ ويران هو. ايڪڙ هيڪڙ کي ٽڪريون ڏسڻ ۾ ٿي آيون. ويجهو ئي لڪيءَ جو جابلو سلسلو نظر ٿي آيو. هلندا هلندا اچي نيٺ شڪار جي هئي گودر ۾ پهتاسون. امين پنهنجن بندوقن کي ڏسڻ وائسٽ شروع ڪيو. چاڪاڻ ته کين شڪار ملڻ جي توقع هئي. مين اسان جو استقبال بنا ڪنهن تڪلف جي دوستاڻي نموني ڪيو. ليفٽيننٽ ليچ ۽ مون کي مين جي سامهون ڪٽ تي ويهاريو ويو. ليفٽيننٽ وڊ غيرحاضر هو. مير نور محمد مون کي سنڌ جي ٻهيل هڪ رائفل سوکڙيءَ طور ڏني ۽ استعمال جو طريقو سيکارڻ لڳو. مير ۽ سندس پاءُ مون کي بندوق جهلڻ سيکاري رهيا هئا. بعد ۾ مير صاحب اڳي هڪ ٽانو کي نشاني طور

چٽيو. اهو ايترو ته ويجهو هو جو گسڻ جو امڪان گهٽ هو. هن کان پوءِ مان انهيءَ ٽانو کي چُٽيو. ڏڪ لڳڻ سان ٽانو ٻه دفعا لڏيو ۽ اها ڪا وڏي ڳالهه ٻه ڪانه هئي، پر هن نشاني چڏڻ ڪري مون کي مفت ۾ توپچيءَ (Topchee) هڻ جو خطاب ملي ويو. مسٽر ليچ کي هڪ خنجر تحفي طور ڏنو ويو ۽ هيو مسٽر وڊ ڏانهن سوکڙيءَ طور موڪليو ويو. ٻئي ڏينهن لاءِ واعدو ڪيوسين ته اسان سنڌي لباس پائي شڪاري ٽولي سان اچي شڪار ۾ شريڪ ٿينداسين. اهو لباس مير صاحبن خاص اسان لاءِ تيار ڪرايو هو. فيصلو اهو ڪيو ويو هو ته شڪار گاه ۾ 'اوسر' ڪٽي جانورن کي تڙي ايترو سوڙهو ڪجي، جيترو فرنگين جو سوڙهو لباس هوندو آهي. اهو ڏيڪ منهنجي لاءِ بلڪل نئون هو.


اسان هميشه جيان، سج نڪرڻ سان اٽن تي سوار ٿياسين ۽ ڏي ميل سفر ڪري هڪ مهاڙيءَ ۾ وڃي پهتاسون. سنڌي جيڪي لڙ لُڙيات تي هريل هئا، سي هينئر ماٺ ۾ هئا. مان مير نصير خان سان گڏ هلي رهيو هوس. هتي هو پنهنجي اٽ تان لهي پيو ۽ مون کي به اٽ تان هيٺ لهڻ جو چيائين. پوءِ هو مون کي هٿ کان وٺي هڪ ڪڏي ۾ وٺي ويو، جتي اندر هڪ دڪي ٺاهيل هئي. پاڻ مٿس ويٺو ۽ مون کي پنهنجي پرسان ويهاريائين، ڪُڏي جي سامهون وارو پاسو ڪليل هو. اسان ساه مٽ ۾ جهلي شڪار جي اوسيڙي ۾ هڪ ڪنا ڏي ويهي رهياسين.

ماڻهو ۽ ڪتا هڪ اوسر جي شڪل ۾ جانورن کي تڙي اسان جي ڪڏڻ جي سامهون آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. گهڙي ڪن کان پوءِ اسان ڪتن جون ڇَهَڪارون ۽ پچاڙيون ٻڌيون، جيڪي سامهون واري جهنگل مان اچي رهيون هُيون. اٽن ڪندي هڪ اڪيلو سوئر اچي اسان جي ڪڏي جي وٽ ڏئي لانگهائو ٿيو. اهو ايترو تيز هو جو اسان کي بندوق چوڻڻ جو وجهه ئي ڪونه ڏنائين. توڙي جو امير پنهنجين سُٽين بندوق مان هڪ جلدي ڪري منهنجي هٿن ۾ ڏني ۽ مون کي پهرين شڪار ڪرڻ جي هٿي ۾ ڏنائين. اڌ ڪلاڪ ڪن کان پوءِ رت ۾ وهنتل ۽ هُڪيل ڪتا ۽ ظاهر ٿيا. سمجهه ۾ آيو ته هن مهاڙيءَ ۾ شڪار بس اهو اڪيلو سوئر هو. ان کان پوءِ اٽن تي سوار ٿي، وڃي مير نور محمد سان گڏياسين، جيڪو شڪار جي ٻئي گودر ڏانهن وڃي رهيو هو. هتي ٻه ساڻئي نموني جو بندوبست ٿيل هو. مان-وڏي مير سان ڪڏي ۾ ويٺس، منهنجي هٿ ۾ بندوق هئي، جيڪا هن مون کي اڳيءَ شام جو سوکڙيءَ طور ڏني هئي. هتي شڪار جام هو. ٿوري گهڙيءَ کان پوءِ اٽن ڏهن سوئرن منهن ڪيو. مير صاحب هڪ سچي شڪاريءَ جيان مون کي چيو ته، "اهو پاسو تنهنجو ۽ هي منهنجو آهي". پهريون فائر مان ڪيو ۽ هڪ سوئر ماري وڌم. مان گسي ٻه ڪو نه سگهان ها، چاڪاڻ ته سوئر 25 يا 30 گز ويجهو هو. مان اهو سوئر رائفل سان ماريو هو ۽ وري ٻيهر فائر ڪونه ڪيم. مير صاحب ڏاڍو خوش ٿيو. منهنجي هٿ کان وٺي وڏي آواز

سان واڌايون ڏيڻ لڳو. هن حقيقت کان پوريءَ ريت باخبر هوس ته مان انگريز شڪارين جي پيٽ ۾ ڪجھ به ڪونہ آهيان ۽ هيءُ سوئر ماري خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ ڪونہ ٽي ماپيس ته مان ڪُسي، انگريز قوم کي ڪونہ لڄايو هو. ٿوري وقت جي ساهيءَ کان پوءِ هڪ ڦاڙهو چال ڏيندو ڪڌڻي جي پرسان مَٽَڻ لڳو. ڏاڍو تيز هو، جڏهن سنڌس پير پُٽيءَ تي ڪونہ ٽي لڳا. مير صاحب به چيو آ پلا ويندين ڪاڏي. ٽڪاءَ سان ڦاڙهي وڃي ڌرتي ۾ چڪ هنيو. مير صاحب ڏاڍي تيزي ۽ هوشياري ڏيکاري. شڪاري هٿان شڪار جڏهن قتل جو هڪ عمل آهي. ڦاڙهو تمام ويجهو لنگهيو هو. بندوق جي نالي ۽ هن جي وچ ۾ ٽن يا ڇهن ڳڻ جيتري وٿي هئي. مير نور محمد هڪ ميل شڪاري هو. هن شڪار ۾ خوشي ۽ امنگ ٻئي گڏ هئا. ڪڏهن گهٽو ڪري سنهيءَ لاءِ جي جهنگ ۾ لڪل هئا. انهن کي ڪپي ٿوريءَ وٽيءَ تي مختلف ڏسن تي پَها بڌايا ويا هئا. اهي سپ پَها ان ڪڏهن تي اڇي ڪُٽا ٽي، جتي امير بندوق سنياليو ويٺو هو. ڏيان ڇڪڻ جهڙي ڳالھ اها به آهي ته جانور ان پهي تي پهچي ٿوري گهڙي بيهي هيڏي هوڏي نهاريو ٽي، جڏهن ته پُنهنجو پاڻ سان مشورو ڪندو هجي ته ڪهڙو رستو اختيار ڪري گهرجي. پلي پوءِ انهن جي ڪيڏ ڪتن جو چهڪارون ۽ پڙنڪون ڇو نہ هجن ۽ ڪيترا به ڪٽي ٻنل ۽ هپاڻل هجن پر پوءِ به ايئن ضرور ڪندا. جهڙ ڪن ڪان پوءِ چالون هٽندا ڇُنگون پريندا اڏامندا اڪٽي ڏوڪيندا ويندا جتي سندن انتظار ۾ موت هڪيو تڪيو حاضر هوندو. هن شغل کان پوءِ شڪار ۾ حصو وٺندڙ ماڻهن جو ميڙاڪو ڇڙوڇڙ ٽي ويو ۽ مير نصير خان، مير نور محمد خان کان موڪلائي پنهنجي شڪارگاه ڏانهن هليو ويو. اسان به انهن کي ڏوڙائيندا ڏڻن ڪن ميل پنڌ هٽي وڃي سنڌوءَ تي پهتاسين. رستي ۾ مير نور محمد کي وڃي پڳاسين، جيڪو پالکي ۾ چڙهي شڪارگاهِ ڏانهن وڃي رهيو هو. اسان ڪجھ مفاصلو ساڻس گڏ هلياسين. ڪيس ۽ سنڌس پاءُ کي خاڪي رنگ جا اوني ڪپڙا پاتل هئا. ٻين عام ماڻهن کان فقط قميص جي ڪَفَني ۾ ٽاڪيل زمرد جي ٻيڙن ۽ جواهرن سان مڙهيل خنجرن ڪري نرالا ڏسڻ ۾ ٽي آيا. سندن بندوقون به سهڻي نموني سينگاريل هيون، جيڪي ٻين ٻن جڏن بندوقن سان گڏ هميشہ پريل رهنديون آهن. انهن بندوقن جا لاڪ (Locks) برطانيا جا ٺهيل هئا، باقي بندوقون سنڌ جون ٺهيل هيون. بارود انگريزي ڪتب آڻيندا آهن. اسان امير جي ٻيڙيءَ ۾ ويهي سنڌو پار ڪيو ۽ وڃي لاکاڻ جي علائقي ۾ پهتاسين. ٻئي ڏينهن صبح جو سويل اٺن تي سوار ٽي ڏهہ ميل پنڌ هلي وڃي نهايا (Nihaya) وٽ منزل ڪئي سين. سجيءَ سنڌ ۾ هيءُ ٽاڪ مشهور شڪارگاهہ سمجهيو ويندو آهي.

اسان ٻہ چار ڏينهن شڪار ڪرڻ ۾ مگن هئاسين، جو ڏکڻ جي واءُ وائڙو ڪري چيڄ ۾ چيڏڪ وجهي چڏيو. هن واءُ کي، شڪار جي شغل خلاف، جڏ

چن تي ٽانڊو سمجهيو ويندو آهي. ٻارهين تاريخ وري واءُ ڦيرو کاڌو. سرن جي پاندن تي پارو جمي پيو، جيکو لين جي لامن تان ماڪ جا ڦڙا بڇجي هيٺ ٽمڻ لڳو. مير نور محمد خان ڏاڍو خوش طبع انسان هو. هڪ ڏينهن چا ٽيو جو جنهن منجڻ تي اسان وينا هئاسون تنهن اوچتو ٽڪاءُ ڏئي وڃي زمين ورتي. اسان ٻه لوٽ پوٽ ٿي وڃي هڪ ٻئي مٿان کرياسين. مير نور محمد ٻِنا ٻِنا ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳو. اُن ڏينهن اسان کي ڏاڍو سٺو شڪار لڳو. سندن شڪار ڪرڻ جي طريقي تي ويچار ڪري مان پنهنجو پاڻ کان سوال ڪرڻ لڳس ته اهو شڪار ڪيئن ڪري سگهبو آهي. جڏهن ته لاءِ جو جهنگ تمام گهاٽو هوندو آهي. جيڪڏهن شڪار ڪرڻ واسطي پنهنجو ڏيهي طريقو استعمال نه ڪن ته هوند شڪار ڪرڻ ۾ سوياراڪونه ٽين. پهريون چا ڪندا آهن جو شڪار واسطي هڪ چورس يا چوڪنڊو ٽڪرو چونڊيندا آهن، جنهن کي هو پنهنجي ٻوليءَ ۾ 'مُهاڙي' چوندا آهن ۽ ان کي ڏڪ ڪوڙي اوڙا ڏئي چوڌاري بند ڪري ڇڏيندا آهن، انهيءَ مقصد سان ته کوبه جانور ان مهاڙيءَ مان باهر نڪري نه سگهي. پوءِ ان مهاڙيءَ کي ٽِڪُنڊن ٽڪرن ۾ ورڇيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت جو سندن هر ڪنڊ ڪڍڻي وٽ اچي ڪٽندي آهي. جيڪڏهن کو جانور هڪ ڪنڊ کان پڄي ۽ بچي نڪتو ته پِي ڪنڊ وٽ ڪيس سولائي سان روڪي سگهبو آهي. شڪار جي گوڙ جو نقشو هن ريت هوندو آهي:



شڪار وقت ميرن ۽ مون کان سواءِ ڪنهن به ماڻهو بندوق ڪونه ٽي هلائي. ميرن جا ڪيترا پٽ ۽ پائٽيا شڪار ۾ شامل هُئا، پر ڪين بندوق هلائڻ جي موڪل ڪانه هئي.

اهڙيءَ ريت اسان ڪيترائي ڏينهن شڪار ڪندي ۽ مڇي پڪڙيندي گذاريا. قاڙهي جا آٽا اوجهري کائڻ ۾ ڏاڍا ساءَ سواد وارا هوندا آهن. اسان جهنگلي

سوئر کائي ڪونہ ٿي سگھياسين. چاڪاڻ تہ جنھن معاشري ۾ اسان موجود ھئاسين، تنھن ۾ سوئر کائڻ تي مذھبي پابندي ھئي. تنھن ڪري اسان ايئن ڪرڻ کان لنوايو ٿي. اسان البت تترن جو سيخ ڪباب ڪندا ھئاسون. مير صاحب ہ روزانو بلوچي ڪباب موڪليندا ھئا، جيڪي ڏاڍا سوادي ھوندا ھئا. ڪن ڏينھن تي صبح جو سويل ميرن سان گڏجي بازن سان شڪار جو مزو وٺندا ھئاسون. شڪار جو ھيءُ نمونو ہ ڏاڍو مزيدار ھوندو آھي. ڪو ہ پکي باز کان بچي ڪونہ سگھندو آھي. تنھن ڪري ھن شڪار ۾ ايتري پڪ ھوندي آھي، جيترو ھٽ سڌي توپچيءَ کي پنھنجي شڪار جو يقين ھوندو آھي. بازن جي جوڙي سان اسان ہن ڪلاڪن کن ۾ پنھنجو ٽيلھو پکين سان پُر ڪري ورندا ھئاسين. شڪاري پکين جا ہ قسم ھوندا ھئا: ھڪ ڦڪين اکين سان خراساني 'باز'، سندس رنگ ڪجھ ڪار سرو خاڪي ھو. ہيو پکي 'باشو' ھو. ھيءُ سنڌ جو پکي ۽ شڪري جو ھڪ قسم آھي. ھن پکين کي شڪار جي سکيا ڏيڻ جو طريقو ايران جھڙو آھي. شڪاري پکين کي ڦاسائڻ کان پوءِ سندن اکيون سبيون ويندیون آھن ۽ ھري وڇ تائين کين ننڊ ڪرڻ کا نہ ڏني ويندي آھي. (1)

اسان مير صاحب سان جڏھن ہ چاھيندا ھئاسون بنا ڪنھن حجاب جي ملي سگھندا ھئاسين ۽ ساٿس بي حجاب ڳالھائيندا ہولھائيندا ھئاسين. ھن اسان کي پنھنجي شڪارگاھن ۾ شڪار ڪرايا ۽ اسان سان گھٽو رلي ملي ويو. انھيءَ ھلت سان سندس اھو مقصد ڪو نہ ھو تہ ھو اسان جي خوشامد ڪري رھيو آھي، پر ماڻھن کي اھو ڏيکارڻ جي ڪوشش پئي ڪيائين تہ اسان ہئي ڏريون ھڪ آھيون. اسان انصاف ڪندي دل جي گھراين سان مڃيون ٿا تہ ھو اسان تي تمام گھٽو مھربان ھو. مان ھڪ ڀيري چيو ھو تہ "ہنھي حڪومتن جي وچ ۾ مفاھمت موجود آھي ۽ دوستاڻا تعلقات ان کي وڌيڪ سگھارو ڪندا." مستقبل واسطي آڏ ھيءَ اڳڪٿي ڪري سگھان ٿو تہ حالتون ساڳيون ڪو نہ رھنديون. مير نور محمد مون کان پڇيو تہ "ھندستان جي ہين حڪمرانن سان توھان جو روبو ڪھڙو آھي؟" ھن اسان کان مغل شھنشاھ جي پينشن ٻتعلق پڇيو. مان کيس گھربل معلومات ڏني ۽ چيومانس تہ اھا انگلينڊ جي درياھ دلي آھي جنھن مرھٽن جي ٻصيبت کان نجات ڏياري آھي ۽ کيس پندرھن لکن رپين جي سالياني پينشن ڏني وئي آھي. مير صاحب ھن ڳالھ تي اچرج ڪاڏو تہ بڙوا جي مرھٹي حڪمران 'گائڪواڙ' جي سالياني آمدني ھڪ ڪروڙ رپيا آھي. پر ھو سندس دربار ۾ رھندڙ انگريز ريزيڊنٽ کي ادائگي تمام ٿوري ڪندو آھي. ھن گجرات جي دولت کي ڪجھ وڌائي ہڏايو ھو. ھن مون کان اھو ہ پڇيو تہ 'گرنار' ايترو تباھ چو ٿي وئي آھي

(1) ان کان پوءِ ہ جيڪڏھن ھري نہ سگھندي آھي تہ کيس نشو کارايو ويندو آھي. (سنڌيڪار)

۽ اهو به سوال ڪيائين ته چمپانير جي نالي سان اڃا به ڪو ماڳ آهي يا نه ۽ احمد آباد جا حال ڪهڙا آهن؟ اهي ماڳ محمود بيگڙي جي دور ۾ ڏاڍا مشهور ۽ سڪيا ستابا مقام هئا. مون کان اهو به پڇيائين ته "تو ڪڏهن ايڏو وڏو درياه ڏٺو. جيڪو سنڌوءَ سان پيڻائي سگهجي." مان کيس وراڻيو "مان گنگا، نيل ۽ آمون درياه ڏٺا آهن. پر اُهي درياهه حڪمران، رعايا ۽ واپارين واسطي ايترا لاڀائتا ڪونه آهن جيترو سنڌو آهي." کيس اهو به ٻڌايم ته "ان هوندي به ڪي ملڪ مينهن جا محتاج هوندا پر سنڌ ئي هڪ اهڙو سياڻو ملڪ آهي، جنهن کي مينهن جي ڪاڻ ڪاڻ آهي. خاص طور تي سنڌ جو لاڙ وارو پاڪو ته ان معاملي ۾ ڪجھ وڌيڪ پاڪوند آهي. هتي جڏهن مينهن پوندو آهي ته مَري ۽ اڳهائي منهن ڪيندي آهي. جيڪڏهن مينهن نه پوندو آهي ته ماٹهو رِيان ڪِيان رهندا آهن. مير صاحب مون کي ٻڌايو ته وٽس سنڌ جي تاريخ جا پنج ڪتاب موجود آهن جيڪي هو مون کي ڏيڻ چاهي ٿو. اهو واعدو فقط واعدو ئي رهجي ويو پر ڏنائين ڪو نه. هو سمن ۽ سومرن جي تاريخ متعلق سنڌي روايتن کان پوريءَ ريت باخبر هو. هن هڪ روايت ٻڌائي ته ڪيئن سَند (Sund) راجا ڪاهه ۾ لکي قلعو فتح ڪري ڇڏ تي قبضو ڪري ورتو هو. هن موضوع تي ڳالهائيندي پنهنجن ابن ڏاڏن متعلق به معلومات ڏنائين ۽ برٽش حڪومت سان لاڳاپن جا به قصا ڪيائين. مسٽر ايلس بابت به پڇيائين ۽ چيائين ته هو واه جو رَڄُ ڇڏي مرس هو ۽ هو ڪيس اڃا به ياد ڪندو رهندو آهي. سندس هڏ ڳالهه مير جي پيءُ ۽ چاچن کي هميشه ياد هوندي هئي. جڏهن اسان پنهنجو ڪو نمائندو سنڌ ۾ رکندا هئاسون ته مير صاحب ان کي ٽٽي ۾ رهائيندا هئا. جڏهن مسٽر ايلس کي ٽٽي ۾ رهڻ لاءِ چيو ويو ته وراڻيائين ته، "مون کي امين جي پاڇي ۾ رهڻ ڏنو وڃي." ۽ پوءِ هو حيدرآباد ۾ ئي رهڻ لڳو. مان مٽي مير صاحب جي گفتگوءَ جو هڪ عام جائزو پيش ڪيو آهي.

اسان هڪاءِ نيس کان 16 تاريخ ناصري (Nasree) وٽان موڪلايو ۽ سيوهڻ ڏانهن روانا ٿياسون، جتي اسان جون ٻيڙيون بيٺل هيون. مير صاحب به ساڻئي ڏينهن جو راجڌانيءَ روانو ٿيو. اتفاقن ۽ حادثن جي هوندي به ٻئي ڏريون شڪار جي شغل مان ڏاڍو لطف اندوز ٿيون هيون.

مان سمنڊ کان سيوهڻ تائين خشڪيءَ رستي سفر ڪيو هو. ان ڪري مون کي هن ملڪ متعلق گهڻي معلومات ملي هئي. اسان هن ملڪ کي ڏاڍو سڪيو ستابو ۽ دولتمند سمجهندا هئاسون. منهنجي خيال ۾ اسان جو اهو ويچار بلڪل غلط هو. هتي ته سڄا سارا علائقا لُڻن جي جهنگ سان ڀريا پيا آهن. هن ملڪ جو اهڙو هڪ جهڙو ڏيڪ اکين کي ٺڪائي وڃهندو آهي. منهنجو پڪو ويساه آهي ته هتن ميدانن جو وڏو حصو آبادیءَ هيٺ آڻي سگهجي ٿو. لاءِ جا جهنگل ويڙي ناس ڪرڻ ۾ ڏاڍا سولا آهن. ٿوري پورهئي سان وچان ئي وچان هڪ وڏو شاهي

رستو بہ ٻڌائي سگھجي ٿو، سنڌ جو زرخيز علائقو سنڌوءَ جي ڪنڌين پرسان نہ پر ان کان ڪجھ وڌيڪ آھي، جتي واھن وسيلي پاڻي پھچايو ويندو آھي. ھن ملڪ جي اندرين علائقن ۾ ڏينھن جو انگ بہ گھٽو آھي، جن ۾ بيئل پاڻي ھوندو آھي. ھن ڏينھن جو پاڻي ھاڻي آبادي واسطي ڪتب ايندو آھي. ڪينجھر ڏنڊ جو ذڪر آءٌ مٿي ڪري چڪو آھيان. لاڪاڻ جي علائقي ۾ بہ ھن ڏينھن جو انگ ڇھن ڏسڻ ۾ آيو. منجھن مڇي جام ھوندي آھي ۽ سنڌن ڪناڙن سان مٺي پاڻيءَ جون سپون ۽ ڪوڏ بہ جام ڏسڻ ۾ ايندا آھن. انھن مان ڪي تہ ڪائي وانگي شفاف ۽ نازڪ نفيس بہ ھوندا آھن. ھيءَ اچرج جھڙي ڳالھ آھي تہ توڙي جو اسان ھيٺين علائقن مان سفر ڪيو، پر اسان کي وڏو ڏيڊر ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيو. وڇون ۽ نانگ بہ ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيا. البت نانگن جون لاٽل ڪلون سو جام نظر آيون.

سنڌوءَ ڏانھن ويندي رستي ۾ اسان سان ھتان جا ڪيترائي رھواسي مليا. مون کي ڏاڍو اچرج لڳو تہ ھتان جو غريب ۾ غريب ماڻھو بہ مير جي شڪار ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺي رھيو ھو. جنھن ۾ اسان بہ شامل ھئاسين. اھي اسان کان ورجائي پڇي رھيا ھئا تہ مير ڪي شڪار سڏو لڳو يا نہ. مان اڳ ۾ ائين پئي سمجھيو تہ اھڙا سوال رڳو ڪي وڏا ماڻھو ڪندا. پر منھنجي وھم گمان ۾ بہ اھڙي ڳالھ ڪانہ ھئي تہ ھاري ناري بہ اھڙي قسم جا سوال ڪندا. ڪجھ ڏينھن اڳ ٻڌڻي جي پرسان ھئاسون جو ھڪ ھاري بگھڙ جو سر کڻي آيو. ھن اھو بگھڙ مھاڙيءَ مان ماريو ھو ۽ مون کان ان جي بدلي ۾ انعام گھريو لڳو. انھيءَ لاءِ نہ تہ ھن انسان جي ويريءَ کي نگھوسار ڪيو آھي، پر انھيءَ لاءِ تہ ھن مير صاحبن جي شڪار جو دشمن ماريو ھو. ھتي بہ انگلينڊ جي ھيلن وارو پراڻو قاعدو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيڪڏھن ڪو ماڻھو ميرن جي شڪارگاھن ۾ بنا اجازت ٽپي ايندو آھي تہ ڪيس سخت سزا ڏني ويندي آھي. جيڪڏھن ڪو رولو ڏيڻ يا مينھن انھن مھاڙين ۾ لنگھي ايندو آھي تہ، اھي بہ ضبط ڪيا ويندا آھن. اسان جي ھتي موجودگي ھن لاءِ وڏي تعجب جي ڳالھ آھي. اھي اسان کان پڇندا آھن تہ، "اسان کي ڪٿون مينھن ڪھڻ ۽ وڏي آواز سان ٻانگ ڏيڻ ۽ نماز پڙھڻ جي موڪل ھوندي." ھو اسان کي فاتح سمجھي رھيا آھن. جيئن سڪن پنھنجي مفتوح علائقن ۾ مسلمانن مٿان اھڙي پابندي نافذ ڪئي، تيئن اسان مان بہ توقع ڪري رھيا ھئا. ھتي مون کي اھو بہ ڏسڻ ۾ آيو تہ ھر طبقي جا سنڌي مھذب ڳھٽ آھن. سڄي سفر ۾ مون کي سنڌي ڇڙوڇڙ ۽ ھر شيءِ کان بي پرواھ ڏسڻ ۾ آيا. عورتن ڏانھن سندن لاڙو مڙوئي ڪجھ وڌيڪ ھو. لاءِ جا ھوڻا سندن قومي اوپڙ آھي ۽ ملڪ بہ اھڙي ئي رنگ ڍنگ جو آھي. ڳاھہ ۽ ٻين گندين ھوڻين سڄي تربيءَ کي ڏکي ڇڏيو آھي. ھتان جا ماڻھو بہ طبعي ۽ اخلاقي طور تي ساڳي جھنگلي فطرت رکن ٿا.

سيوهڻ جڏڻ کان اڳ ۾ لکيءَ ۾ موجود چشمن کي ڏوري وڃي ڏٺوسين، جيکي ڇهه سؤ فوٽ اوچي ۽ ايڪپريءَ ٽکريءَ جي سيرن ۽ ڦاٽن مان اهڙڪي باهر نڪرن ٿا. هن جهرڻ کي ڏسي مون کي هندوڪش جبل ياد اچي ويو. هن پاڻيءَ جو ڪوساڻي پد 102 هو ۽ هوا جو ڪوساڻي پد 70 هو. پاڻيءَ مان گندرف جي هراڙ ٿي آئي، جيکا ٻڃان جهڙي هئي. چشمن جو پاڻي وهندو رهندو آهي ۽ ان تي ٽکريءَ پرسان پاڻيءَ سان ڪڏيل چونو ۽ واري وهندي ڪڏ ٽيندي ويندي آهي. اها ٽکري چوني جي آهي. منجهس سنک ۽ ڪوڏ جامَ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. منجهس ڦاٽ، سيرون ۽ چير به عجيب قسم جا آهن. ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو ته اها ڪنهن پونچال جي ستم ظريفي آهي. قديم زماني سان واسطو رکندڙ باقيات به هتي گهٽي ڏسڻ ۾ ايندي. هتي، مرجان، هڪ قسم جو ڪوڏ (Cockle) سپون (Oyster) ۽ Nummulete قسم جون ٻيون سپون ۽ ساموندي ڪوڏ به ڏسڻ ۾ ايندا، جيکي لکيءَ جي جابلو سلسلي ۾ جام آهن. ٽکرين جي چوٽين تان مان ڪجهه هڏا لڏا ٻهڙا. منهنجي خيال ۾ اهي ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکن ٿا، جيکي گدڙن يا ٻراخن کٽي هتي ڦٽا ڪيا آهن. هن عجيب غريب جابلو سلسلي ۾، جيڪڏهن ڪوشش ڪجي ته جيالاجي سان واسطو رکندڙ ڪيترون ئي نادر شيون ملي ويندیون. مون کي شڪ آهي ته اولهه وارو هالار جو اتانهون جبل بناوت ۾ سيوهڻ پرسان موجود ٽکرين سان هڪجهڙائي رکي ٿو. اهي سپ اڪهاڙا آهن. اوپڙ جو مٽن کو نالو نشان به کو نه ملندو.

اسان 20 تاريخ جو اڙل ۾ وڃي لنگر هنيا ۽ سيوهڻ جو مشهور قلعو ٻيو پيرو ڏسڻ ويس، جنهن تي هڪ وڏو بحث چڙيل آهي. مان پهرئين پيري جيان هاٿي به ڏاڍو حيران ٿي ويس ۽ خوشي به ڏاڍي محسوس ٿي رهي هئي. لال شهباز قلندر جي مزار ڏسڻ ڪونه ويس. اها مزار ماٿهو زندگيءَ ۾ هڪ پيرو ڏسي ته به ڪافي آهي. هڪ ته اتي لڙ ۽ گوڙ ايڏو هوندو آهي جو بس پلي. ٻيو وري فقيرن جي چٽي پن جو آزار. هڪ دفعو ويس، وري ڏسڻ جي همٿ ڪري ڇڏيم. سيوهڻ جي آدمشماري اڍائين کان اڳ جيتري ٿيندي. مان سمجهان ٿو پنج هزار ماٿهو به مس ٿيندا. سي به گهٽو ڪري پينو فقير ۽ مهاڻا آهن. هتي گهٽن ئي قسمن جي مڇي مرندي آهي. اسان کي مڇي ڪاسائن جي نظاري ڏسڻ جو موقعو مليو. هتي گهٽو ڪري اهائي مڇي هئي، جيکا سنڌوءَ ۾ ملندي آهي، جنهن جا چٽيهه قسم آهن. منجهه ڏند ۾ پاڻيءَ جا پکي جام هئا. انهن پکين کي ليفٽيننٽ ليچ ڏسڻ ويو هو، جن کي هن ڏاڍي ڏيان ۽ گيان سان ڏٺو. انهن مان کي ڏاڍا اڇرج جهڙا پکي هئا، جن مان هڪ 'آڙي' به هئي. جنهن جي جهليدار پيرن ۾ ٽي سنڌا هئا، جيکي هڪ ٻئي مٽان زره جيان چڙهيل هئا. انهن ٻين کنين وارن پکين جون 191 شڪليون، چوپيرن جانورن جو ويه ۽ سرندڙ جانورن جون يارهن

شڪليون ٺاهيون ويون هيون. اهي ۽ جهنگلي جيوت ۽ جيالاجيءَ سان واسطو رکندڙ سڀ شڪليون اسان جي حڪومت رايل ايشياٽڪ سوسائٽي ڪلڪتہ جي حوالي ڪري ڇڏيون.

اسان منجھر بہ گھٽ ويا ھئاسين. ھن جابلو علائقي ۾ ھيءَ اڪيلي ڏينھن آھي. چارڇھ ڪان پوءِ جڏھن پاڻي لھي ويندو آھي تہ پوکي راھي ڪئي ويندي آھي. سڄي ڏينھن مھاڻن جي ھيڙين سان پريل ڏسڻ ۾ ايندي، جن جو انگ ھزار ڪان وڌي ويندو. عام طور تي ھتي سُوئن سان مڇي ماري ويندي آھي. ڇاڪاڻ تہ پاڻيءَ ۾ قُدرتي گاھ گند ۾ جار ھڻڻ ڏکيو ھوندو آھي.

سيوھڻ ڇڏڻ وقت، مون کي سفر جو پراڻو ساٿي موھن لال مليو، جيڪو بھاولپور ڪان کھي آيو ھو. سندس خدمتون منھنجي حوالي ڪيون ويون. مان پنجن سالن کان پوءِ ساڻس ملي ڏاڍو خوش ٿيو ھوس. مون وٽ نوروزجي فريدون جي نالي ھڪڙو ماڻھو ڪم ڪري رھيو، جيڪو ايلفن اسٽون ڪاليج بمبئي جو تعليم يافتہ ھو. مان شخصي طور ان راءِ جو آھيان تہ بمبئي صوبي جو ڪو ماڻھو ھن سفر جو ضرور تجربو حاصل ڪري، جيڪو خاصو اھم ھو. نوروزجي اسان کي پنھنجون خدمتون رضاڪارانہ طور آڇيون ھيون. ھو پنھنجي طور تي بہ ھڪ لائق ماڻھو ھو. ھن، عزت ماب جيمس سدرلئنڈ (James Sutherland) جي زيرنگرانيءَ تعليم حاصل ڪئي ھئي. ھيءُ سڄاڻ ماڻھو منھنجو پيارو دوست ھو. جيمس سدرلئنڈ ڪيس گھٽو چاھيندو ھو. مان بہ ھن نوجوان جي بھتريءَ واسطي گھٽو ڪجھ ڪرڻ ٿي چاھيو. بمبئي جي ڏرتيءَ سان ڪيس گھٽو پيار ھو. جڏھن منھنجو سفر ختم ٿيو تہ ھو بہ جلد ئي مون کي چڏي بمبئي موٽي آيو. پر مان ھن مان ڏاڍو خوش ھوس. ھاڻي ھو ايلفن اسٽون ڪاليج ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آھي. ھي تعليمي اِدارو پنھنجي نالي جي نسبت سان وڏو مانُ لھڻي ٿو.

مان پھرينءَ مارچ جو مٹياڻي پھتس. ھي ماڳ مير رستم جي دڳ وٽ آھي. منھنجي اتي، پراڻن دوستن جيان پليڪار ڪئي وئي ھئي. ھن مير جي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ شرط اسان سان گڏ ھڪ ڊاڪٽر محمد عليءَ ھڪ نون سالن جي ٻار جي اکين جو آپريشن ڪيو، جيڪو ھنھي اکين کان ڄائي ڄمر جو نابين ھو. کيس موتئي پاڻي (Capsular Cataracts) جو مرض ھو. آپريشن کان پوءِ اسان ان مريض کي گھڻن ڏينھن تائين پنھنجي ھيڙيءَ ۾ رکيو. بعد ۾ اھو ڇوڪرو ڇڪيءَ ريت ڏسي سگھندو ھو ۽ ڏيکاريل آڱريون ڳڻي ويندو ھو ۽ ھلڻ وقت ڪنھن جي سھائتا کان سواءِ پاڻمرادو پيو ھلندو وتندو ھو. ڊاڪٽر جو ھي آپريشن اسان جي شھرت واسطي ھڪ سڻي ڳالھ ھئي ۽ نابين ڇوڪري جا مائٽ بہ کيس دعائون ڏئي رھيا ھئا.

اھي سندس ھيءَ اڪ جي آپريشن ۽ صحيح ٿيڻ تائين ڪو نہ ترسيا، بس ھڪ

ئي اڪ جي ڪامياب آپريشن تي راضي ٿي واپس ڳوٺ هليا ويا. هتان جي ڊاڪٽر جو اهو پهريون ڪارنامو ڪو نه هو. هن هڪ ڪرڙي عورت جي اکين جو به آپريشن ڪيو هو، جيڪا ويچاري ڇهن سالن کان نابين ٿي ويٺي هئي. آپريشن کان پوءِ اها عورت جلد ئي ڏسڻ وائسڻ جي لائق ٿي وئي ۽ اسان کي دعائون ڏيڻ لڳي. هيءُ ڊاڪٽر هندستان ۾ ڊاڪٽر رچمنڊ (Dr. Richmond) جي زير نگرانيءَ ڇڇ عرصي تائين تجربو حاصل ڪندو رهيو هو. ايشيا جا ماڻهو، سڀ کان وڌيڪ اڪ جي-آپريشن ۾ يورپي ماڻهن کان متاثر ٿين ٿا. سائنس جي هن شاخ کان ايشيائي ماڻهو بلڪل ڪورا آهن.

طوفاني برساتين سبب اسان پنهنجي ٻيڙي وڃائي، پر پوءِ به پنهنجو سفر جاري رکيوسون. چاندڪا کان اڳتي لنگهي لاڙڪاڻو گهمڻ هليا وياسين. هيءُ شهر سنڌوءَ کان چوڏهن ميل پري آهي، سندس آدمشماري ٻارهن هزار کن ٿيندي. اڌ پنڌ اسان ناري درياهه سان ڪيوسون. ان جو پاڻي،ٿي فوٽ کن اونهون ۽ رفتار هڪ ميل في ڪلاڪ مس هئي. هن ماڳن تائين اسان کي ساري زمين ڪلراٹي ڏسڻ ۾ آئي، مٽانئس لوڻ جا ته جميل هئا. هن درياهه کي پار ڪرڻ کان پوءِ زرخيز زمين ڏسڻ ۾ آئي ۽ اتي پوکي راهي به ڇڪي هئي. لاڙڪاڻي شهر جي چوڌاري ڪچين جا وڻ آهن. هن جي بازار ۾ 370 کان وڌيڪ هٽ ڪو نه ٿيندا ۽ ڪجھ 'جوڙيءَ' جي ڪپڙي ٺاهڻ جا آڏاڻا آهن. هيءُ شهر ڪراچي- شڪارپور رستي تي واقع آهي. اسان هتي هڪ آرمينيائي ماڻهوءَ موسيٰ جي ڪمانڊري هيٺ هندستاني فوجي سپاهي ڏٺا. هن اسان ڏانهن خوش خيروعافيت جو پيغام موڪليو هو پر هلي اڇي ملڻ کان ڊجي ۽ لهرائي ويو هو. لاڙڪاڻي ۾ نشو تمام گهٽو وڀرايو ويندو آهي. هتان جا ماڻهو اخلاقي طور تي به گهٽا ڪريل آهن. نشي جو واهپو ايترو ته گهٽو آهي جو اسانڪ جي ماڻهن کي به نشي تي لاهي وڏائون. ڏڪ جي ڪاله اها آهي ته سنڌ جي حدن ۾ گهڙڻ کان پوءِ اسان جا ڪيترا ماڻهو ڪرنگ موالي ٿي ويا. سنڌيءَ هوليءَ ۾ هڪ چوٽي آهي ته "جي هجئي ناڻو ته گهر لاڙڪاڻو" ٻين شهرن لاءِ به ايئن چئي سگهجي ٿو.

هڪ ڏينهن ترسي اسان لاڙڪاڻي کان الله واهي ڪئي. 'ڪيري' (Keree) جي پتڻ وٽان ٻيڙين ۾ سوار ٿياسين. هتي اسان کي مير علي مراد طرفان موڪليل وفد مليو. جنهن کي اسان جي آڇيان واسطي موڪليو ويو هو. انهيءَ وفد سان گڏ سندس سالو ۽ هڪ آرمينيائي سائمن ميڪائل (Simon Michael) هو جيڪو سندس فوج جو ڪمانڊر هو. انهن پاڻ سان شڪاري ڪتا آندا هئا ۽ اسان کي شڪار ڪرڻ جي نيندڙ ڏنائون. سياسي حالتون اهڙيون هيون جو مان سندن شڪار جي ڏنل آڇ قبول ڪا نه ڪئي. اسان پنڌي(1) (پتنگ) پتڻ کان گذرياسين

(1) ممڪن آهي ته پير ڳوٺ ۾ سان وارو صدر جي پنڌي ڳوٺ هجي. (سنڌيڪار)

جيڪو خيرپور ڪان ويهن ميلن جي پنڌ تي هو. هتي اسان کي مير علي مراد جو وزير فتح خان غوري اچي مليو، جيڪو اسان کي وڏي عزت ۽ آبروءَ سان ٻئي ڏينهن، خيرپور وٺي هليو. ان سفر دوران اسان هڪ وڏي ڳوٺ 'پير ڳوٺ' وٽان لنگهيو. ٻيڙين جي ناکوئن مان هڪ اسان سان گڏ هو جيڪو پاڻ ٻ ٻيڙائتو هو. خشڪيءَ تي پهچڻ کان پوءِ ڪيس ڏاڍو پريشان ڏٺم. ڪانئس پڇيم ته "ڪهڙي ويڙهن اٽئي تون هن سفر مان لطف اندوز ڪونه ٿو ٿئين؟" هن ڪاوڙ مان وراٽيو "لطف اندوز، هيءَ لطف اندوزيءَ ته ٻيڙيءَ جي پيڙ ۾ ڪجھ ٻ ڪانه آهي. اسان ٻيڙين ۾ هوندا آهيون، ته پاڻ کي بادشاھ سمجھندا آهيون ۽ ڏينهن ۾ ڏهه ڪوهه هلي ويندا آهيون. هتي ته هلي ٽڪجي چور ٿي مري وڃا آهيون." مان سندس خيال سان سهمت ڪانه ڪئي، چيومانس ته خشڪيءَ جو سفر وڌيڪ خوشگوار هوندو آهي ۽ مان هميشہ ٻيڙيءَ کان خشڪيءَ جي سفر کي وڌيڪ پسند ڪندو آهيان. خيرپور ۾ اسان سان ڀاڪٽر لارڊ ٻ اچي مليو هو. هو حيدرآباد مان هاويل (Howell) نالي هڪ انگريز سان گڏجي آيو هو، جيڪو ميرن جو ملازم هو. سندس لقب 'چوٽا خان' هو.

16. تاريخ اسان مير صاحب وٽ پهتاسون جنهن اسان کي حيدرآباد جي ميرن کان وڌيڪ مانُ ڏنو، هن،مون کي پاڻ سان گڏ ويهاريو ۽ چيائين، "تو انگريز سرڪار ۽ منهنجي وچ ۾ دوستيءَ جو بنياد رکيو ۽ تون منهنجو تمام پيارو دوست آهين." ٻيو ٻ گهٽو ڪجھ چيائين، جنهن کي هتي بيان ڪرڻ ضروريَ ڪونه ٿو سمجھان. پر انصاف جي تقاضا اها آهي ته مان هن مير متعلق هڪ گاله ٻڌائيندو هلان ته هن ملاقات کان ٻ سال پوءِ هن هڙهاءِ نيس پنهنجي ڪردار مان اهو ثابت ڪريَ ڏيکاريو ته هو انگريزن جو نهايت وفادار دوست آهي. جڏهن سچي سنڌ اسان جي مخالف ٿي بيٺي ته هن پاڻ کي انهن سازشن کان الگ رکيو ۽ نازڪ وقت ۾ بکر جو قلعو اسان جي حوالي ڪيائين، جيڪو اسان فوجي مرڪز ۽ باروٻ جو گدام بڻايو. مير صاحب چوندو هو ته بکر 'سنڌ جي دل' جي حيثيت رکي ٿو. مان هن صاف دل سردار سان ايڏو سٺو ورتاءُ ڪريَ کو نه سگهيس. چاڪاڻ ته حيدرآباد جي ميرن جي خواهش اها هئي،ته سچي سنڌ تي پنهنجي حاڪميت قائم ڪن. پر هو پنهنجن ارادن ۾ ڪامياب کو نه ٿيا. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو اسان جي حڪومت ۽ خيرپور جي وچ ۾ موجود دوستي ڪجھ ڊلي پئجي وئي هئي، پر خوش قسمتيءَ سان وري ساڳا ناتا بحال ٿي ويا.

هي عيد اڇ وقت اسان خيرپور ۾ موجود هئاسون. ان ڪري اسان کي ميائي يا مائي (Mai) جي اصلي سنڌين جي ناچ ڏسڻ جو موقعو مليو، جن جو ڏندو مڇي مارڻ آهي. ان قبيلي جي عورتن کي عيد جا ڪپڙا پاتل هئا ۽ وڃڻ (Musicians) جي چوڌاري ڪڙو ٿاهي بيٺيون، واري سان پير زمين تي

ٽڪائيندين ۽ تارڙين وڃائيندين هوريان هوريان اکٽي سرڪنديون ٽي رهيون، تارڙين وڃائڻ ويل سندن هٽ پنهنجي مٽن کان مٽي ڪجي ٽي ويا. شاديءَ ۽ عيد جي موقعن تي عورتون ۽ مرد ڳڙجي ناچ ڪندا آهن. عورتون گهٽو ڪري بدن ۾ ڳوريون ۽ رنگ ۾ سانوريون هيون، منجهائن خوبصورت ڪي ٿوريون هيون، سندن ڪن ۽ ڳچين وارا ڳه تمام وڏا هئا، جيڪي ڪين اصلي ڪو نه ٽي ٽهيا.

خيرپور جي هن تماشي کان پوءِ 'جيوڻ بخش' اسان کي 'ناچ' سان وندرايو. هن 'چوڪريءَ جو واسطو مير صاحب جي درٻار سان آهي. ناچ ڪرڻ سان گڏ هيءَ چوڪري مذهب ڏانهن گهٽو لڙيل آهي. مسجدين ٽهرائڻ جو گهٽو شوق اٽس. ڪير خيراتون ٻ جام ڪندي آهي. طبيعت جي ڳڻيير آهي. سهڻي ٻ ڏاڍي آهي. سندس پيرن جي بيهڪ ڏاڍي خوبصورت آهي. سندس پينر ٻ ڏاڍيون سهڻيون آهن. اسان کي خوش ڪرڻ لاءِ ڏاڍو جتن ڪري رهيون هيون. هن اکاڙيون تلوارون ۽ بندوقون هٿن ۾ ڪري ناچ ڪيو ۽ اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪيائون ٽي ته لاجو (غيرتمند) مرد ۽ سرويچ عاشق ڪيئن هوندا آهن. ناچ ڪندي ڪندي آخر ۾ ڪري پيون. منهنجي خيال ۾ ٽڪجي هٽجي ڪو نه ڪريون هيون پر ڪنهن وجدان ۾ اچي هيٺ ڦهڪو ڪيو هئائون.

جنهن زماني ۾ اسان خيرپور ۾ هئاسون ته قلات جي بروهي سردار جو وفد آيو. اسان هن وفد جي معرفت قلات جي حڪمران محراب خان سان رابطو قائم ڪيو ۽ سندس پٽ جيڪو ان وقت گنداوا ۾ رهندو هو، تنهن سان له لاڳاپو پيدا ڪيوسين. هن اُسان سان پڪو وچن ڪيو ته هو اسان جي هر نموني سهائتا ڪندو. غلام نبي نالي هڪ وڪيل يا نمائندي ٻ اسان سان ڪئمپ ۾ ملاقات ڪئي. هن ۽ سندس ماڻهن وٽان اسان اهم معلومات حاصل ڪئي. مان ڪيس ايشيا جي لباسن جون تصويرونَ ڏيکاريون، جن کي ڏسي هو ڏاڍو خوش ٿيو. رنجيت سنگهه جي تصوير ڏسي هڪدم رڙ ڪري چيائين، "اوهان ڪوتاه نظر ۽ انڌا ٻ آهيو، پر تنهن هوندي ٻ اوهان سڄيءَ دنيا کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي." هن پشاور جي يوسف زئي ماڻهن متعلق ڳالهائيندي ڪاوڙ مان چيو ته، "اوهان نياڳا، سکن کان انهن جي دل ڪٽي ڏار ڇو نه ٽڙا ڪريو." رنجيت سنگهه جي تصوير ٻئي ماڻهو جي سامهون ڪندي ڪيس چيائين، "هن بندري ڪافر ڏانهن ڏس. هن کي اقتَ مار. تون سندس ايترو ويجهو وري ڪونه ويندين، جيترو تون هاٿي ڪيس ويجهو آهين؟" هن ڪاوڙ ۾ پنهنجي طاقت جو اهڙو مظاهرو ڪيو پر اسان کي ڪل پئي آئي.

ڏجيءَ جي سردار علي مراد خان جڏهن ڏٺو ته هو اسان کي شڪار ڪرڻ لاءِ مجائي ڪونه سگهندو ته هو سياسي نموني بيمار ٽي پيو ۽ ڊاڪٽر لارنس کي موڪلڻ جي گذارش ڪيائين، جيڪا مون مڃي، ڏانهس ڊاڪٽر موڪلي ڏنو. هئي

ڏينهن مير رستم علي خان ننڍڙي ٻار جي وفات ڪري، ڏجيءَ جي سردار وٽ عذرخواهيءَ لاءِ لنگهي ويو. اسان کي به دعوت ملي هئي، سو اسان ڊاڪٽر لاڙ سان گڏجي 'ڏجيءَ' وياسين، جيڪا خيرپور کان چوڏهن ميلن جي فاصلي تي هئي. هتي هڪ قلعو ڏسڻ ۾ آيو جيڪو متيءَ (1) جو ٺهيل هو. هن علائقي ۾ هيءُ واحد قلعو آهي. هي ڪوڙي ڏيکاءَ جو قلعو نه ناليل ماتر ڪو مضبوط آهي. ٽالپر خاندان جي دولت ڏن هتي رکيل آهي. هن سردار کي سنڌ جو دولتمند امير سڏيو ويندو آهي. هن قلعي جي پرسان هڪ ننڍڙو شهر آهي، جتي نوڪر چاڪر رهندا آهن. جيسلمير ڏانهن ويندڙ ويران علائقو ڏجيءَ وٽان شروع ٿيندو آهي. ڏجيءَ جي سردار اسان جي ڏاڍي سٺي نموني آڃيان ڪئي ۽ قلعي ۾ رهايائين. پنهنجي بيماريءَ کي وساري اسان کي هڪ ڏينهن لاءِ شڪار ڪرڻ جي نيٺ ڏنائين. هن اسان کي هڪڙيو ته ڊاڪٽر لاڙ جي دوا ڪري هو چگو ٿيو آهي. انهيءَ ڊاڪٽر ته ڪيس 'مارس چينو' نالي هڪ دوا ڏني هئي جيڪا هڪ سنڌي دوا هئي، جنهن جو پتو به اسان کي سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ ٻيو. اسان کي اهو به پتو ڪو نه هو ته اها دوا ڪهڙي مرض تي پوندي آهي. هن دوا کي ڏاڍو پسند ڪيو ويو. اسان ان جو استعمال گهٽ ڪيو، پر هن جا ٻي ڏينهن وڌيڪ گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليوسين ته جيئن غريب ماڻهن جو علاج ڪري سگهون.

ٻئي ڏينهن صبح جو ٽر(2) جي ڪناري سان هرڻن جو شڪار ڪرڻ لاءِ روانا ٿياسين. امير مون کي پاڻ سان گڏ اٺ تي ويهاريو. ڊاڪٽر لاڙ، مير جي سالي سان گڏ هڪ اٺ تي سوار هو، جنهن ڪري ماڻهن کي ڏاڍو اچرج ٿيو. امير علي مراد پنجويهن سالن جو ٿيندو. ڏاڍو ذهين، قوّت ۽ چالاڪ آهي. اخلاقي طور به هيءُ سگهارو ماڻهو آهي. هن مون کان سياست سان واسطو رکندڙ ڪيترائي سوال ڪيا، جنهن مان مون کي پتو پيو ته سندس مقصد اسان کي رڳو شڪار ڪرائڻ نه هو. اسان هرڻن جي ولرن مان هلي رهيا هئاسين. اسان انُ تان لٿاسين ۽ انُ کي اوڙو ڪري هرڻن جي بلڪل پرسان وڃي پهتاسون. انهيءَ لاءِ جيئن کين سولائيءَ سان ماري سگهون. مان به پيرا بندوق هلائي ۽ ٻئي پيرا گسي ويس. اهو ڏسي مير علي مراد فائر ڪري هڪ ناهوڪو هرڻ ماري وڌو ۽ رڙ ڪري پنهنجي ماڻهن کي چيائين: "اهو هرڻ برنس صاحب ماريو آهي" ۽ مون کي هڪ ماهر توپچي ظاهر ڪري ڏاڍي تعريف ڪرڻ لڳو. پنهنجي لاءِ اهي ڪوڙيون تعريفون

---

(1) هيٺيون قلعو ته واقعي ڪچو آهي پر ٽڪريءَ تي اڏايل قلعو تمام پڪو ۽ مضبوط آهي (سنڌيڪار)

(2) ڪوٽ ڏجيءَ پرسان موجود پٽن کي هن ٽر سمجهيو آهي، جيڪي ميرواه پر سان ڪوٽ ڏجي جي ڏکڻ ۾ آهن. (سنڌيڪار)

ٻڌي مون کان ته ڪل نڪري وئي. مان ٻين کي ته ڏٺي سگهيس ٿي پر منهنجن پنهنجن ماڻهن کي منهنجي هٿ سڏائي جي پوري خبر هئي. مهاڙين ۾ شڪار لاءِ رکيل هرڻ تمام گهٽا آهن. پر جنهن نموني سان اسان کي شڪار ڪرايو ويو پئي، اهو جڙ مون کي سڀو ڪو نه پئي پاسيو. هيءَ ان قسم جو شڪار آهي جنهن کي اسان هندستان ۾ هرڻن جو اوڙو ڪري شڪار ڪرڻ (Stalking Deer) چوندا آهيون. ٿوري وقت شڪار ڪرڻ کان پوءِ اسان ٻوڙن جي ڇانوَ ۾ اچي ويٺاسون ۽ تازي اوٺي کير مان لطف اندوز ٿيڻ لڳاسون. اسان اهو کير جتن کان ورتو، جيڪي پرواري ميدان ۾ ڏاڇين جا وڳ چاري رهيا هئا. اوٺو کير تازو پيئجي ته سڀو لڪندو آهي. ان کان پوءِ اسان ڏجيءَ موٽياسين. اتي اسان کي وندرائڻ لاءِ گهڻو ڪجھ موجود هو. شام جو اسان خيرپور ورياسين. مير صاحب مون کي پاڻ سان گڏ اٺ تي ويهاريو ۽ جت واري خاني ۾ ويهي اٺ ڪاهڻ لڳو. سڄو مامرو امن امان سان گذري ويو. مير رستم خان کي به ڪو نقصان ڪو نه رسيو، جيڪو اسان جي سياسي ڪاله ٻولهه جو نازڪ نقطو هو. الوداع ڪرڻ کان اڳ ۾ مير صاحب ليفٽيننٽ ليچ کي گمبٽ ۽ راٽيپور جا صنعتي علائقا ڏسڻ جي اجازت ڏني. اهڙي شهر مير صاحب جي حدن ۾ واقع آهن. مسٽر ليچ اهي علائقا ڏسڻ لاءِ ڏجيءَ مان سڌو اوڏانهن روانو ٿيو. ليفٽيننٽ وڏ درياهه تي موجود هو ۽ هن دعوتن ۾ شريڪ ڪو نه ٿيو. هو پنهنجي ڪمر سان واڌيل رهيو. هن سنڌوءَ جي هيٺئين پاڪي سان لاڳاپيل صحيح معلومات حاصل ڪري مون ڏانهن موڪلي ڏني. هڙهاءِ نيس مير علي مراد وٽ اعليٰ قسم جا باز آهن، جن سان شڪارگاهن ڏانهن ويندي ۽ واپس اچڻ تي شڪار جو مزو ڏسندا آياسون. مون ٻڌو آهي ته هن قسم جي شڪار جا شوقين ماڻهو بازن جي موضوع تي گهڻو ڪجھ ٻڌڻ چاهيندا آهن. مان هيٺ انهن بازن جي پنوتري ڏئي رهيو آهيان جن کان سنڌي واقف آهن:

لغڙ= مادي، جهڪڙ= نر: هي سنڌ جو پکي آهي. شڪري جو وڏو قسم آهي. اکيون ڪاريون ٿيندیون اٿس. هڪ رُت جو شڪار ڪري ڪيس چڏي ڏنو ويندو آهي.

باز= مادي، زُور= نر: خراسان سان واسطو رکي ٿو. اکيون گلابي (ڳڙيون) ٿيندیون اٿس. هيءَ هڪ شاندار پکي آهي.

باشو= مادي، باشين= نر: خراسان مان ايندو آهي. اکيون گلابي (ڳڙيون) ٿيندیون اٿس ۽ نندڙو هوندو آهي.

بهري= مادي، بهري بچو= نر: سنڌ سان واسطو رکي ٿو. سنڌوءَ جي ڪنارن سان رهندو آهي. خاص اهميت ڪو نه ٿو رکي.

چرغ= مادي، چرغيلو= نر: ڪٿي (Cuthee) سان واسطو رکي ٿو. اکيون ڪاريون ٿيندیون اٿس. هرڻن جو شڪار ڪندو آهي. تلور ۽

ماريندو آهي.

ڪوهي= مادي، ڪوهيلو= نر: هن کي شاهين بہ سڏيندا آهن. سنڌ جو پکي آهي. اکيون ڪاريون ٿيندیون اٿس.

ترمچي= مادي، چتوي (Chatway) نر: سنڌ جو پکي آهي. اکيون ڪاريون ٿيندیون اٿس. هڪ رُت جي شڪار کان پوءِ هُن کي ڇڏي ڏنو ويندو آهي.

شڪرو= مادي، چپڪ= نر: سنڌ جو پکي آهي، اکيون گلابي ٿيندیون اٿس.

عقاب بہ سنڌ جو پکي آهي ۽ سيني بازن تي حملو ڪندو آهي. ڏاڙڻ کان پوءِ جڏهن ڪو بہ باز ڇڏي ڏنو ويندو آهي تہ پنهنجي ذات واري پکي کيس مارياندا آهن ۽ اها ڏاڍي عجيب غريب ڳالهہ آهي.

30 مارچ جو اسان خيرپور مان موڪلائي روهڙي بکر روانا ٿياسين. هتان جي رهاڪن ۾ اسان پنهنجي متعلق وڏي تبديلي ڏٺي. جڏهن اسان درياهہ پار اڪرڙ جي مرضي ڏيکاري تہ اسان کي اڪاڙڙ ۾ ديرڪا نہ ڪيائون. وزير پنهنجي سر پاڻ اسان کي بکر جي مشهور قلعي ڏانهن وٺي ويو. هن موقعو ڏسي، اڳ ۾ ڪيل گذارشن تي نئين سر غور ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو، جنهن جو مقصد اهو هو تہ سندن اطاعت تي پروسو ڪيو وڃي ۽ دوستيءَ کي وڌيڪ سگهارو بنايو وو وڃي، کيس چيمر تہ جيڪي ڪيو اٿس سو نيڪ نيتيءَ سان ڪيو اٿس ۽ وڌيڪ توهان ڇا ٿا چاهيو. اسان جو پاڻ ۾ باهمي اتحاد ايترو تہ پڪو آهي، جو اسان دوستن جيان بکر اندر بيٺا آهيون. هن موقعي تي مون کي ڪجهہ آسرو هو تہ هلندڙ سال ناتال جي ڏاڙي تي، مان هڪ سفير جي حيثيت ۾ هڪ معاهدي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندس، جنهن ۾ خيرپور کي برطانيا جي حفاظت ۾ ڏنو ويندو، ڇاڪاڻ تہ حالتون اڇي انهيءَ جاءِ تي بيٺيون هيون. 29 جنوري 1839ع ۾ عزت مآب جنرل سر ولوبي ڪاٽن (Willoughby Cotton) سان گڏجي هتي پهتس تہ ڏٺم تہ برطانيا جو قريرو بکر تي قڙڪيو ٿي ۽ سندس پاڇو سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي لڏي رهيو هو.

سکر- شڪارپور ۽ ان جي تجارتي آمدرفت- آدمشماري- ماڻهو- بازار- شڪارپور پرسان سنڌ واهه تي خوشيون- خوبصورتي- ماڻهن جو اخلاق- مزاري قبيلو، ان جو سردار- سندن قبيلي جو گيت- واڳون- سيسر- مٺ ڪوٽ- بهاولپور جو سردار بهاول خان- فرانس جو سياح مونس آرگائوڊ (Mons Argoud)- مسلمانن جون خانقاهون- اسان جو ڪلاڪار: جون جوس گونسا لويز Jose Gon- (Don salvez) رنجيت سنگھ جا ڪڙي (ڪامورا)- وڏي آجيان- مٺ ڪوٽ وٽ سنڌو- ديرو غازي خان- ديره جات جا علائقا- انهن جي اهميت- لوهاتي افغان سندن اڃ ويڃ جا رستا- خراسان جا لڪ- ديري غازي خان جي آمدرفت- اوسو پاسو- بازاريون.

اسان بکر کان درياھ اکري سکر وياسين ۽ ٻئي ڏينهن شڪارپور اکاٽيوسين. اوڏانهن آسان اڳي ڪڏهن کو نہ ويا هئاسين. هن شهر جون بازاريون ڏکيون ۽ گنديون هيون. حيدرآباد ۽ خيرپور جا عيوضي اسان جي رهنمائي ڪري رهيا هئا. اتان جو گورنر بہ اسان سان ملڻ آيو. واپاري، پئسا منڊيندڙ ۽ هندين وارا اکيچار ماڻهو اسان ڇي ڪئمپ کي گهيرو ڪري ويا. انهن وٽان اسان کي هرات ۽ قندار متعلق ايران جي ارادن جي سٽس پئي ۽ اسان جي ڏيان کي ڪنهن ٻئي پاسي ڦرندو ڏٺائون. کين توقع هئي تہ اسان سنڌو درياھ ۽ سنڌ متعلق ڳالهائيندا سين، پر هنن سان اسان ماڳهين ٻئي اهم موضوع تي ڳالھ ٻول ڪئي هئي. آخر ۾ کين اهڙين تبديلين کان آگاھ ڪيوسون جن جي کين توقع کا نہ هئي. سنڌوءَ ۾ گهڙڻ کان پوءِ بهاولپور جو سردار اسان سان مستقل خط و ڪتابت جو رابطو رکندو آيو. سو اسان جي ملڻ واسطي اتاولو ويٺو هو ۽ مون کي تکڙي اچڻ جي گذارش ڪئي هئائين ۽ لکيو هئائين تہ وچ تي موجود جدائي جي پردي کي چاڪ ڪري ساٽس جلدي وڃي ملان. اسان سڪ حڪومت ۽ سنڌ جي وڏي علائقي جي وچ تي اچي پيا هئاسين. ان ڪري رنجيت سنگھ خوش نظر کو نہ ٿي آيو. سک سردار سنڌ جي هن علائقي کي پنهنجو شڪار سمجهيو ويٺو هو. پر دعوتن ڏيڻ ۾ ڏاڍو مهربان هو. سندس مخالف ڪابل جي حڪمران دوست محمد خان، قاصد موڪلي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ دعوت ڏني هئي. اسان شڪارپور ۾

ڏه ڏينهن کن ٽڪياسين. اسان هن شهر جي تجارت متعلق معلومات حاصل ڪندا رهياسين، جنهن جو سڄي ايشيا سان واپار هلندڙ هو. پر چين ۽ ترڪيءَ سان سندن ڏيتي ليتي ڪانه هئي. سندوءَ وسيلي تجارت جي نقطءِ نگاه کان شڪارپور جو شهر وڏي اهميت رکي ٿو. انهيءَ ڪري نه ته هيءُ شهر ڏيهي صنعت جي واپار سبب مٿانهون آهي، پر پٽسي جي ڏيتيءَ ليتيءَ ڪري ڏيساور جي وڏين منڊين سان تجارتي ناتا اٽس. هيءُ شهر سنڌ جي اتر پاسي دنگ سان واقع ۽ سندوءَ ۽ بکر کان اٽاويه ميل سر اوڀ طرف آهي. اتر پاسي کان سنڌ جو دنگ روجهاڻ تائين آهي. اهو شهر قندار ۽ قلات ڏانهن ويندڙ ان رستي تي آهي، جيڪو بولان جي لڪ مان لنگهندو آهي، ان ڪري واپاري سدائين شڪارپور ۽ ديري غازي خان جون ڳالهيون ڪندا ڏسبا آهن. ديرو غازي، شڪارپور کان اتر طرف آهي ۽ 'خراسان جي لڪ' جو نالو وٺي ڪابل جي حدن کي نرالو ڪيو ويندو آهي. هر ڏس تي ويندڙ رستا شڪارپور جي واپار سان واڳيل آهن. اهو سڄو واپار خشڪي رستي هلندو آهي. هتان جا نديا وڏا واپاري هن خيال سان متفق آهن ته جيڪڏهن هتان جي تجارت کي پاٽيءَ وسيلي پکيڙيو وڃي ته انهن لاءِ وڌيڪ ڪارائتو ۽ لاپائتو ثابت ٿيندو ۽ سندن مفادن جو به وڌيڪ تحفظ ٿي سگهندو.

شڪارپور قديم شهر نه آهي، پر هن جي پرپاسي اهم ٽاڪ ضرور آهن. اروڙ، سکر، بکر ۽ روهڙي لاڳيتا شهر آهن. شڪارپور جو شهر لکيءَ کان پوءِ ايندو آهي. هي شهر بهاولپور جي موجوده سردار جي ابن ڏاڏن جو ٻڌايل آهي، جن کي اتان نادر شاهه ڪيڏيو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هن شهر جو بنياد 1617ع ۾ پيو. اها تاريخ عربي لفظ غوث يعني ڏيڏر جي اکر ۾ ڏنل آهي. ابجد مطابق هن لفظ جي اکرن جو انگن ۾ حساب ڪبو ته 1026هجري وڃي بيهندو. هيءُ لفظ ان حقيقت ڏانهن به اشارو ڪري ٿو ته هن شهر جي اوسي پاسي کي ڏينهون به موجود هيون. هن علائقي جي زمين جو مٽاچرو آبپاشيءَ نظام واسطي ڏاڍو موزون آهي. ان ڪري دهليءَ جي حڪمرانن سندوءَ مان واهڙ ڪڍائي هن علائقي کي آباد ڪيو آهي (1). ان جو فتيجو اهو نڪتو آهي جو سنڌ جي ٻين شهرن کان شڪارپور ۾ وڌيڪ سستائي آهي. سرسبزيءَ ۽ شادابيءَ جي ناتي سان هن کي 'نو لکي سنڌ' ڪري سڏيو ويندو آهي. مون کي ٻڌايو ويو آهي ته مغلي (Mughlee) ٻالي علائقي مان سڄيءَ سنڌ کان وڌيڪ ڏل اڳڙندي آهي. شڪارپور جا رهاڪو، جيڪي هاٿي برٽش انڊيا سان تعلق رکن ٿا، تن جو چوڻ آهي ته سندن علائقو ٻيو بنگال بنجڻ جي لائق آهي. نادرشاه حملي دوران شڪارپور ۾ آيو هو. هن ڏٺو ته شهر جي اوسي پاسي وارا علائقا ويران ۽ بيابان ٿي ويا هئا. تنهن ڪري ان زماني ۾ مشهور تجارتي مرڪز بڻجي ڪونه سگهيو.

---

(1) اهو غلط آهي. (سنڌيڪار)

جڏهن حڪومت جي واڳ سدوزئي گهراڻي جي هٿ ۾ آئي تہ شڪارپور جي قسمت بہ جاڳي پئي. شڪارپور جي پلائيءَ جو سال 1786ع کان سمجهڻ گهرجي. ان زماني ۾ تيمور شاهہ افغانستان جو فرمانروا هو. هن شڪارپور جي هندن کي وڏيون سهولتون ڏنيون. ان کان پوءِ سنڌ جا امير هن علائقي تي قابض ٿيا. شڪارپور سنڌ جو اهو علائقو آهي جتي هن قبيلي پنهنجو اثر رسوخ پيدا ڪري ورتو آهي. امير بہ عقلمنديءَ جو مظاهرو ڪندي ڪين اتان بي دخل نہ ڪيو. آهي، توڙي جو هو گذريل سورهن سالن کان شڪارپور مان کين بي دخل ڪرڻ جو سوچي رهيا آهن. هن علائقي مان جيڪا ڏل اڪڙندي آهي، سا حيدرآباد ۽ خيرپور جا امير اڌيءَ ريت ورهائي ڪٽندا آهن جو ڇاڪاڻ حصا حيدرآباد وارن ميرن کي ۽ ٽي حصا خيرپور وارن ميرن کي ملندا آهن.

شڪارپور جي بچاءَ واسطي جيڪو خرچ آيو هو سو بہ انهن حصن پٽاندر پريو اٽن. شهر جي آدمشماري ٽيهن هزارن کان مٿي آهي، اصلي رهاڪن مان هندن جو انگ تمام گهٽ آهي، جيڪي واپار سانگي سڄي ايشيا ۾ پکڙيا پيا آهن ۽ گهٽي عرصي کان پوءِ پنهنجي مائٽن سان ملڻ لاءِ وطن ورندا آهن. هتان جا هندو واٽيا، لوهاڻا ۽ ٻيٽي نسلن سان تعلق رکن ٿا، پر بابا نانڪ سڪ سان واسطو رکندڙ هندن جو تعداد اڌ کان وڌيڪ آهي. آدمشماريءَ جي ڏهين پٽي مسلمانن تي مشتمل آهي، جيڪي افغان آهن ۽ دُراني حڪمرانن جي زماني ۾ کين شڪارپور جي اوسي پاسي پٽي تي زمينون ڏئي آباد ڪيو ويو هو. شهر باغن جي وچ ۾ موجود آهي پر بچاءَ جي لحاظ کان ڏاڍو ڪمزور آهي. جنهن جي ڪچي قلعي جون پٽيون ڪرڻ تي آهن، تنهن کي قلعو چوڻ غلط ٿيندو. هن جڏي سڏي قلعي کي اٺ ڪنڊ آهن. بازار تمام وڏي آهي، جنهن ۾ مختلف قسمن جا 881 هٽ آهن. بازار مٿان تڏن جي ڇانو ڪئي وئي آهي. هتي ڪابہ اڏاوتي خوبصورتي ڪانہ آهي. چيو ويندو آهي تہ اونهاري ۾ سخت گرمي ٿيندي آهي. قلعي جي پٽ جي چوڌاري بيٺل پاڻيءَ جون ڪيتريون ڏيئون آهن. شايد اهو ئي سبب آهي جو هتان جا ماڻهو هن علائقي کي گرم ڪونہ سمجهندا آهن. اپريل جي وچ ڌاران هتان جو رات جي وقت 59 ۽ ڏينهن دوران 82 ڪوسائي پد هو. مون کي ٻڌايو ويو تہ هن سال موسم ڪجهہ خوشگوار آهي. درياه گذريل ٽن چئن سالن کان لڳاتار اوسي پاسي وارا علائقا ٻوڙي ناس ڪري چڏيا آهن. هن علائقي جي سالياني ڏل اٽڪل ادائي لک رپيا ٿيندي آهي. شهر مان ڪسٽم ۽ ٻئي محصول مان 64000 رپيا اڪڙندا آهن. رپئي جو ملهہ ڪمپنيءَ جي رپئي جي حساب سان 51/2 في سيڪڙو گهٽ آهي. هي انگ اکر شڪارپور جي سڄي علائقي سان واسطو ڪو نہ ٿا رکن، جيڪو ڪڏهن افغانن جي حڪومت هيٺ هو. نوشهرو، لاڙڪاڻي جي ماتحت آهي. هن علائقي جون پيدائش واريون جاگيرون مذهبي ماٿهن کي ڏنيون ويون آهن.

ڪجھ عرصي کان وٺي ھوڏ جو پاڻي شڪارپور تائين اچي نڪرندو آھي. جنھن ڪري ڊل ۾ اڌ لک رپين جو واڌارو ٿيو آھي، جيڪو مستقل نہ آھي. اھو ضروري ٿيندو جو آڏ انھن شھرن جا نالا ڏيان، جتي شڪارپور جي واپارين جا پلاوٽا ڪم ڪري رھيا آھن، انھيءَ لاءِ ٿہ جيئن انھن جي واپاري اثر رسوخ جو پتو پئجي سگھي. اولھ طرف کان استرخان کان شروع ڪري ڪلڪتي تائين پھچون ٿا، جن جي وچ تي ھر وڏي شھر ۾ سندن گماشتا يا پلاوٽا ويٺل نظر ايندا. اھي ھن ريت آھن: مسقط، بندر عباس، ھيمان (Heeman)، يزد (Yezd)، مشھد، استرخان، بخارا، سمرقند، قوقن، يارقند، قندين، خُلوم (Khooloom)، سلزوار (Sulzwar)، قندار، غزني، ڪابل، پشاور، بکر، ليا، ديرا غازي خان، ديرا اسماعيل خان، ملتان، اچ، بھاولپور، امرتسر، جئ پور، بيڪانير، جيسلمير، پالي، مانبو، بمبئي، حيدرآباد (دکن)، حيدرآباد سنڌ، ڪراچي، قلات، مرزا پور ۽ ڪلڪتو. انھن سيني شھرن ۾ سندن منڊيون ھلندڙ آھن. گھٽو ڪري انھن سيني شھرن جو شڪارپور سان سڌو واپاري رستو آھي ۽ ڪن ۾ وري سندن پلاوٽا ڪم ڪري رھيا آھن. سندن ڏنڊو ھئي واپار کان وڌيڪ ڏن جي ڏيتي ليتيءَ سان آھي. اھا ھي ڳالھ آھي تہ شڪارپور ۾ تيار ڏن کو نہ ملندو، چاڪاڻ تہ ھتي ضرب خانو کو نہ آھي، جو سون ۽ چاندي جو سڪو تيار ڪيو وڃي. ان ڪري ھن قيمتي ڌاتوءَ جي درآمد تي ڪين خساري سان منھن ڏيڻو پوي ٿو. مون کي ٻڌايو ويو آھي تہ استرخان ۾ رھندڙ ھندو مسلمان ٿي ويا آھن ۽ بخارا ۾ بہ ڪين پھريون پيرو غيرمسلمان ھجڻ ڪري ماريو ڪٽيو ويو آھي.

6 اپريل تي اسان کي شڪارپور جي ماٺھن سان ملڻ جو موقعو مليو. ھو 'سنڊوءَ' جي مان ۾ کو خوشيءَ جو ڏڻ ملھائي رھيا ھئا، جيڪو چيٽي چنڊ جي موقعي تي ملھايو ويندو آھي. اھو اتفاق سان ھن سال محرم مھيني سان گڏ شروع ٿي رھيو ھو، جيڪو شيعن جو پاڪ مھينو ھوندو آھي. ھن موقعي تي سڄي شڪارپور خالي ٿي وئي ھئي ۽ سيئي ماٺھو ٽڪري اچي پرسان سنڌ واھ تي پھتا ھئا، جتي وڏن وڻن ھيٺان ماٺھن جا ميڙاکا لڳا پيا ھئا. مان سمجھان ٿو تہ ان ميلي جو 2/3 حصو عورتن ۽ ٻارن تي مشتمل ھو. انھن سيني سنڌ واھ جي پاڻي آڏو جھڪي سجدو ڪيو ۽ پوڄا پاٺ ڪري ھڪ ٻئي سان ڏاڍي گرم جوشيءَ سان ملڻ لڳا جيئن يورپي ماٺھو پاڻ ۾ ملندا آھن. تنھن کان پوءِ مائرن ۽ پائرن پنھنجي ٻارن ۽ پينرن لاءِ اتان انگريزي قسم جا راندڪا خريد ڪيا. ماٺھو مٺايون ۽ گوشت گھٽو خريد ڪري رھيا ھئا. اسان بہ ميڙاکي جي ماٺھو کي سڏا ٻڌا. ھتي اسان جھونن ماٺھن جو ھڪ جوڙو ڏٺو، جن کي پيرن ۾ چيريون ۽ ھٿن ۾ جھانجھ ھئي ۽ ڏاڍي سھڻي نموني انھن کي وڄائي ۽ ننڍين چوڪرين جيان ناچ ڪري رھيا ھئا. اھي شايد پنڊت ھئا، جيڪي پاڻ کي ھن عاشقن جي روپ ۾ پيش

ڪري رهيا هئا. اسان پاڻ کي پاڪوند پئي ڀانيو. جو اسان کي شڪارپور جي نينگرين جي سهڻين ۽ سهاڄهين اڪڙين ڏسڻ جو موقعو مليو هو ۽ شڪارپور کي به انهيءَ ڳالهه تي فخر هجڻ گهرجي. شڪارپوري ڏاڍا ڏهين ۽ چالاڪ آهن. علم ۽ ادب تمام گهڻا آهي. سندن تعليم هٿ جي حساب ڪتاب رکڻ جيتري مس آهي. دل چوي ٿي ته جيڪر سندن دلچسپ بيان ان سهڻي انداز سان لکان. "جيئن اناسٽاسيس (Anastasius) جي مصنف پنهنجي برادري سميرنا (Smyrna) جي ماڻهن لاءِ لکيو هو: هو چوي ٿو ته، "سندن دليون ڪهه ۽ نفيس ڪپڙن ۾ ويڙهيل آهن. اهي سمجهن ٿا ته خدا کين رڳو خريد ڪرڻ ۽ وڪري ڪرڻ (واپار) لاءِ پيدا ڪيو آهي. جيڪڏهن انهن مان ڪو اهو ڏنڊو اختيار نه ٿو ڪري ته سمجهيو وڃي ٿو ته انهيءَ جي زندگي اجائي آهي. هو شاديءَ ۾ انهيءَ ڪري ڪندا آهن ته جيئن واپارين ۽ ڏن جي ڏيتيءَ ليتيءَ وارن ماڻهن جو نسل برقرار رهي سگهي."

اسان ڏهين تاريخ جو موٽي مولينو چاچڙ وٽان سنڌوءَ تي پهتاسين، جيڪو بکر کان ويهارو ميل ڪن پري هو. هتي ٻيڙيون اسان جي انتظار ۾ ٻيٺيون هيون. هيءَ علائقو اڃ پنڌ تائين ڪجڪاه ٻيلن سان پريو پيو هو. شڪارپور پرسان علائقو ڏاڍو ڪليل هو. اتي سنڌ واه مان نڪرندڙ ڪڙين ڪسين کي ماٺهو صاف ڪري رهيا هئا. هن علائقي جي خوشحالي سنڌ واه تي مدار رکي ٿي. ٿوري وقت کان پوءِ درياه جو پاڻي سنڌ واه ۾ داخل ٿيندو. هن موسم ۾ زمين ۾ واڪٽائيءَ قسم جي هڪ ٻوٽي نظر ٿي آئي. جيڪا هيٿر (Heather) جهڙي هئي. مون دنيا جي، ڪنهن به ملڪ ۾ ايترا گهڻا گلاب جا گل ڪونه ڏٺا، جيترا اتر سنڌ جي هن علائقي ۾ ڏٺم، پر منجهن سگنڌ ڪجه گهڻ هئي. هاڻي توتن جي موسم آهي. هتان جا توت ڏاڍا سُرها ۽ وڏا آهن. هي ميوو گهڻي گرميءَ ۾ پچندو آهي. هاڻي به ڪوسائي پد 95 فارنهائيٽ آهي.

سنڌوءَ جي الهندي ڪناري سان آباد بڙدين، بگٽين ۽ مزارين جون ذاتيون آهن، جيڪي جٽ ۽ وحشي آهن: (1) هاڻي اسان جي چوڌاري اچي ڪٺا ٿيا آهن ۽ شريف ۽ فرمانبردار رهڻ جا واعدا ڪري رهيا آهن. مزارين جي ڏاڻن ۽ ڦرين کان سواءِ هي ڪرت ئي ڪا نه هئي، جنهن اسان جي حڪومت جا ڪن اپڙا ڪيا هئا. اسان سنڌ جي حُڪمرانن کي واضح طور ٻڌايو هو ته سندن ڪڌين ڪارروائين کي ختم ڪرائڻ جا جتن ڪن، انهيءَ لاءِ ته جيئن سنڌوءَ جي ڪنڌين ڪنارن سان امن امان بحال ٿي سگهي. سندن ڳنڍ ڪرتوتن کي هنجي ڏيڻ لاءِ سکن به سندن علائقي ۾ فوج موڪلي ڏني آهي. انهن جي هن ڇوڙن تي قبضو به

(1) انگريزن سان جن مهاڏو اٽڪايو تن کي هنن نفرت وچان وحشي، ڏاڙيل ۽ سازشي سڏيو آهي. (سنڌيڪار)

ڪري ورتو اٿن. سندن اهڙن افعالن، سيني ڏرين کي خبردار ڪري ڇڏيو آهي. مزارين جو سردار بهرام خان برطانيا سرڪار آڏو پيش ٿيو آهي ۽ پنهنجي قبيلي جي سڀ ماڻهن سان گڏجي پنهنجي جابلو علائقي مان هلي مون سان ملڻ لاءِ خيرپور پهتو هو ۽ مون کي چيو هئائين ته، "مان انگريز قوم جا دامن جهلڻ آيو آهيان." هي سردار پاڻ سان پٽ وٺي آيو هو. جيئن ئي هو اسان جي ڪئمپ ۾ داخل ٿيو ته سندس بهادريءَ جا ڳيچ ڳائڻ لڳا. سندن هٿن ۾ سارنگيون هيون، جيڪي سندن آوازن سان سنگت ڪري رهيون هيون. انهن جو آواز صاف ۽ مڌر هو. سمجھ ۾ ايئن پئي آيو ته اهو آواز سندوءَ جي ڏاڙيلن جو ٿي ڪو نه ٿو سگهي. هنن جهنگلين کي جڏهن اسان پنهنجا بينڊ باجا ڏيکاريا ته وائڙا ٿي ويا. سندن سردار منجهائن ڪجھ عقلمند ماڻهو ٿي ڏٺو. اهي سيئي گهوڙين تي چڙهي آيا هئا، جيڪي سندن چواڻيءَ مطابق گهوڙن کان وڌيڪ شريف ٿيندڙ آهن ۽ حملن ڪرڻ وقت گهوڙن کان وڌيڪ بڪ ڏڪ سهي سگهندڙ آهن. لهڻ کان پوءِ هڪ ماڻهو چهن سٽن گهوڙين کي جهلي بيهي سگهندو آهي. هنن ان متعلق هڪ پهاڪو به چئي ٻڌايو ته "هڪ سوار جڏهن گهوڙيءَ تي چڙهندو آهي ته جڻ گهوڙي تي سوار هوندو آهي، پر جڏهن گهوڙي تي سوار هوندو آهي ته جڻ هنو سندس مٿي تي رکيل هوندو آهي." جڏهن پٽ ڳائي رهيا هئا ته مان کانئن پڇيو ته هو ڪهڙي موضوع تي ڳائي رهيا آهن. انهن جواب ۾ چيو ته "پنهنجي سردار جي بهادري متعلق ڳائي رهيا آهيون." سندن شاعريءَ جو آزاد ترجمو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

"(دشمن جي) قلعي جي تباهيءَ واسطي اسان خدا جا شڪرگذار آهيون
هو غريبن جا ڏڪ ڏور ڪندو
بهرام جي التجا ڏانهن ڪن ڏجو
هو ڏاتار آهي، قلعن جو حڪمران آهي.
سندس لشڪر سمنڊ جي وهرين جيترو ڳهڻو آهي
ڪرمان ۽ دلدار سندس به تجربيڪار سپھ سالار آهن
پيران پير جيلاني هن جي مدد ڪر
او! اُچ وارا ولي هن جي سهائتا ڪر
هن دشمن جا سو جوان قتل ڪيا.
هن جهونجهار جو ڏاڪو پري پري پکڙيل آهي.
پري رهندڙ ماڻهو هن کان ڪڏ ڇو ٿا ڪائن؟
هن سان ٻارهن هزار مزاري جوان گڏ آهن.
هن جي دربار 'مٺا' (Mitta) جهڙي آهي.
ڪيس عليءَ جي مدد حاصل آهي.
مٿس خدائيءَ نُور سدائين چمڪندو رهي ٿو

سندس گھوڑيءَ جا ڪن قلم جيان نوڪدار آهن
سندس هُنُو هزار رپين جو آهي.
دنيا ڄاڻي ٿي تہ لغاري سندس مقابلي لاءِ آيا .
هي خدا تي پروسو رکي ميدان ۾ ڪڏي ڪاهي پيو
غلام محمد بام سندس لشڪر جو سالار هو.
رستم مسعيد (Maseed) دشمن کي شڪست ڏني
سندن پنج سو ماڻهو قتل ٿيا
سندن مال ملڪيت ڦري لڌي وئي
بهرام مزاري دشمن مٿان سويارو ٿيو.
سندن علائقو اُنَ ۾ شاهوڪار آهي، پر هن جو لباس سوڌي ۽ جوڙيءَ جي ڪپڙي مان ٺهيل هو. سامهون واري صفحي تي ڏنل تصويرون بلوچن جون آهن، جنهن لاءِ مان پنهنجي دوست ڪئپٽن هارٽ (Captain Hart) جو ٽورائتو آهيان، جنهن پنهنجي چترڪاري ۾ سندن هوبهو شڪليون بيهاريون آهن. سنڌ جي فوج اندر سندن بهادري کان اسان پوريءَ ريت باخبر آهيون ۽ کين پرکي ڏسڻ واسطي اسان کي ڪيترا موقعا ب ملايا آهن.

اڳ ڏينهن جي هاڪارڙ کان پوءِ اسان سنڌ جون حُدون ڇڏي ڇڪا هئاسين، ان جو ڪارڻ اهو هو تہ واءُ ڏاڍي سڌائي هئي، پر ڪجھ سوائي ب ڪُھلي رهي هئي، جيڪا اسان جي ٻيڙيءَ جو ڪوهو اڏائي ڪڍي وئي، ٻيو ب ڪيترو ئي نقصان ڪيائين ۽ اسان جي حجم کي ب ذري گھٽ ماري رکيو هئائين، جيڪو لڏن جي سڌ نہ سهي ڇيڙڪو ڪري وڃي درياه ۾ ڪريو هو. هو حاجي هو، چار ڀيرا حج ڪيو هئائين. هن ايئن پئي سمجھيو تہ هو حج ڪرڻ جي صدقي موت جي چنبي کان بچي ويو آهي. هڪ ڏينهن جيئن ئي اسان تيز رفتاريءَ سان هاڪاري رهيا هئاسين تہ مان ڏٺو تہ هڪ ماڻهو ٻوڙندو اسان ڏي اچي رهيو هو. مان سندس حال ڏسي ٻيڙي ٻيهاري سندس ڳاله ٻڌڻ جو ارادو ڪيو. هن مون کي نماڻائيءَ سان گذارش ڪئي تہ جيئن تہ "توهان هن ملڪ جا حڪمران آهيو، ان ڪري نادر شاهہ جي زماني ۾ سندس خاندان کان کسيل زمين ڪيس ڏياري وڃي ۽ ان زمين جا مالڪاڻا حق لکت ۾ اڃا ب وٺس موجود آهن." اسان کي هتان جي ديواني قانون جو ڪو پتو ڪونہ هو تہ مامري کي ڪهڙيءَ ريت نبيرجي. هو اسان کي ورجائي چئي رهيو تہ، "جيڪڏهن اوهان چاهيو تہ اوهان کي انصاف ڪرڻ جي طاقت آهي." هن ماڻهوءَ جي مدد ڪرڻ اسان جي وس کان ٻاهر هئي. ٻيا تہ ڪيترائي ماڻهو اهڙي قسم جا مامرا ڪڍي آيا هئا، پر اسان هتان جي گهرو مامرن ۾ ٽنگ اڙائڻ کا نہ ٿي چاهي، پر معاهدي مطابق جيڪڏهن کو مامرو هجي ها تہ البت ڪجھ ڪري سگھجي ها.

هن سفارت جي مقصد متعلق ورجائڻ اجايو ٿيندو. ڪيترن ماڻهن اسان کي ڏسي پنهنجي اچرج جو ڏاڍيان اظهار ڪيو هو. جڏهن مان پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندو هوس ته قبيلن جا سردار مان ڪري ٻڌندا هتا، پر مون ۾ سندن ڪنهن به قسم جو ويساه ڪو نه هو.

اسان ٻاڙا (Bara) جي پٽڻ وٽ ڏٺو ته اتان جا مهاڻا هڪ وڏي سيسر کي ڪپي پتيون ڪري پاڻ ۾ ورهائي رهيا هئا. هڻ بلا کي سندن وٽان ڪاڌيو هئائون. ان جا ڪجھ حصا ته کائڻ لاءِ تيار هئا، چئي رهيا هئا ته هن جانور جا ڳترا کائڻ ۾ ڏاڍا سوادي آهن. مان کانئن پڇيو ته سيسر ماڻهوءَ کي ته ڪونہ کائيندا آهن ته هنن ترت وراڻيو ته واڳون ۽ سيسر جو گذران مڇيءَ تي هوندو آهي. مان ڏيڏر، گهوڙي، اٺ ۽ ويسر (Shark) مڇيءَ جو گوشت ڪائي ڏٺو آهي. منهنجي مرضي هئي ته هن خوش خوراڪيءَ کان به لطف اندوز ٿي. ڏسجي ۽ مان سيسر جي گوشت جو هڪ ڳترو کائي ڏٺو. مون کي معلوم ٿيو ته هن جانور جي گوشت ۾ ڪو ساءُ سواد ڪو نه هو. گوشت ۾ داڻ داڻ هُنس ۽ ڪا سڳنڌ وغيره به محسوس ڪا نه ٿي. مان ته هڪدم کڻي بس ڪئي. واڳون ۽ سيسر کي پڇائڻ کائڻ وارو طريقو اڃا شروعاتي مرحلن ۾ آهي. هن جانور جو پٽو سانديي رکندا آهن ۽ ناسور ۽ پکريز واسطي دوا طور ڪتب آڻيندا آهن. اسان کي سندن هن بيان کي جاچي پرکي ڏسڻ جو موقعو ڪو نه ملیو. اهي جانور فقط مڇيءَ تي گذران ڪندا آهن. اسان ٻلهڻ ڦاسائڻ واسطي پورا هڪ سؤ ماڻهو مقرر ڪيا. هو ٻلهڻ ته ڪو نه ڦاسائي سگهيا پر هڪ وڏو واڳون پکڙي آيا، جنهن جي ٻيگهه تيرهن چوڏهه فوٽ ڪن هئي. مهاڻا هن جانور کي اهڙو ته چؤڪنيو ٻڌي سُڪ ڪري ڪٽي آيا هئا جو، جيڪڏهن وائرٽن (Mr. Waterton) هن جي مٿان سوار ٿي شڪار ڪندو وتي ها ته ڪيس کو ڏپڇ کو نه ٿئي ها. (1) جڏهن هن اجگر جو پيٽ چيريو ويو ته منجهائس چار پلا (Sablefish) نڪتا. معلوم ٿيو ته مڇي کائڻ ۾ به سندس پسند شاندار هئي. ان سان گڏ سندين جي هن خيال کي رد ڪيو هئائين ته پلو بکر کان مٿي کو نه چڙهندو آهي. واڳون جي هن سنڊ کان پوءِ اسان سمجهيو ته پلو درياهه جي هن پاڪيءَ ۾ به موجود آهي. سو اسان هن مڇيءَ ڦاسائڻ لاءِ جاکوڙ شروع ڪئي. هڪ مهاڻي پڻهنجي هوليءَ ۾ هن ريت چيو، "سائين هيءُ جانور اهڙي وڏي درياهه ۾ چو نه هجي. هيءَ ته پاڻي جو نواب آهي" جتي اسان ڏٺو ته پاڻي جي وهه ۾ تکائي ڪا نه هئي ته اتي اسان کي بيشمار سيسر نظر آيا. اهي پستول جي گولیءَ جي پهچ جيترو پري هئا. مان ڪنڌيءَ تي

---

(1) هن جانور کي هاڻي بمبئي جي ايشياٽڪ سوسائٽي جي عجائب گهر ۾ ڏسي سگهجي ٿو. (ليکڪ)

هڪ هنڌ سؤ کن ڪنيءَ ٻہ ڏنا. ننڍن جو ته ڪو انت شمار ئي ڪو نہ هو. ڪين ڦاسائڻ ڏاڍو سولو آهي. •

اسان 22 اپريل جو منڊ ڪوٽ پهتاسين ته معلوم ٿيو ته جڙ ڪنهن نئين علائقي ۾ رَسيا آهيون. سنڊوءَ ۾ مٽي وڃڻ ٻدران ڪجهه ميل چناب سان هاڪاري احمدپور ۾ پنهنجي پراڻي دوست بهاول خان سان ملڻ ويس. اتان کان پوءِ بهاولپور وڃڻ لنگهي گهاري وسيلي اڇ کان ٿي وري منڊ ڪوٽ وڃياسين. اسان کي هن سفر ۾ مهينو کن لڳي ويو، پر اهو سارو وقت واندا ويڻا ڪو نہ رهياسين. مان بهاول خان کي ايئن ڏٺو جيئن انگريز هن کي هميشہ ڏسندا آيا آهن. هڪ فرمانبردار دوست ۽ هڪ بادشاه مهمان نواز. هن هر منزل تي اسان لاءِ لانديون (Landees) تيار ڪرايون هيون، جتي اسان لهي آرام ڪندا هئاسون. هو سدائين اسان ڏانهن گوشت ٿيار ڪرائي موڪليندو هو، جيڪو اسان کي سڏو ڪو نہ لڳندو هو. ان کان سواءِ اسان کان پڇندو رهندو هو ته اسان ڪهڙي شيءِ وڌيڪ پسند ڪندا آهيون. ڪنهن شاهينگ وڃي ڪيس ٻڌايو ته اسان ڏيڏر کائڻ وڌيڪ پسند ڪندا آهيون. سو هن چا ڪيو جو دُنهاءِ ۾ ڪڏون جاچي سيئي ٽلها دنبا ڏيڏر ڦاسائي سؤکي ٽيڻ لاءِ هڪ سئي تلاءَ ۾ ڇڏرايائين. جڏهن اسان وٽس پهتاسون ۽ ڪيس پتو پيو ته اهو ڪوڙ هو، تڏهن وڃي ڏيڏرن جي مَس مَس جان ڇڏي. اهو ڇگو يوگ ٽي ويو ۽ ويچارا ڏيڏر بہ مرڻ کان بچي ويا. اسان کي بهاول پور ۾ هڪ معزز ماڻهوءَ سان ملڻ جو موقعو مليو. سندس نالو ڪئپٽن مئي فرسن (M'pherson) هو. جيڪو خان جو ملازم هو. اتي هڪ انگريز مسٽر ڪرافورڊ (Crawford) سان بہ ملاقات ٿي. هن پنهنجي مادري زبان وساري ڇڏي آهي.

بهاولپور ۾ پهچي اسان کي معلوم ٿيو ته هڪ يورپي ماڻهو قافلہ سراءِ ۾ رهندو آهي. مان هڪدم هن ڏانهن دعوت موڪلي ته هو اسان سان اچي ملي. مانيسورو بينائر آرگائوڊ، ڪئپٽين دي انفنيٽراءِ (Monseeur Benoir Argoud, Capitainede, Infanterie) هو ۽ لاهور مان اچي هتي پهتو هو. هو جمهوريت جو پرجوش حامي هو. ماني کائي ميز تان اٿياسين ته هو ڪنهن بہ سئيءَ شيءِ کان متاثر ڪو نہ ٿي ڏٺو ۽ آدي رات تائين آزادي (Liberty)، برابري ۽ سينٽ سائمنينزم (Sanet Simonionism) زنده باد جا نعرا هڻي رهيو هو. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير منهنجي ڪمري ۾ اچي پهتو ۽ رڙيون ڪري چوڻ لڳو ته "ست وجي ويا آهن. جلدي ڪرات- واگرام (Wagram) جي هلندڙ جنگ هاڻي ختم ٿي وئي آهي ۽ منهنجو پيءُ ڪلاڪ کن ٿيو جو وڙهندي مارجي ويو آهي." سڄيءَ ڳالهہ جو تت اهو هو ته مانسيورو دوست محمد خان سان ملڻ لاءِ ڪابل وڃي رهيو هو، انهيءَ لاءِ ته جيئن هو ڪيس مشورو ڏئي ته پيغمبر جي سڀائي

قميص جو جهنڊو جوڙي سگهن سان جنگ جو اعلان ڪري. هن اهو ب پڪو ڪيو آهي ته جنگ ۾ وڙهندڙ مجاهدن جي خوراڪ واسطي هو پٽاڻن جي پوڪ ڪندو.

اسان سوچي ان نتيجي تي پهتاسين ته مانسيورو چريو آهي. ياجين فئني ڪمبيل (Fanny Kembel) آرمينين لاءِ چوندو آهي ته سندن 'معاملو ئي ڪجه ابترّ' آهي. سو مانسيرو آرگائوءِ جي چريائيءَ جو تمونو ب نرالو هو. هو بولان لڪ مان لنگهي، قندار کان ٽيندو وڃي ڪابل پهتو هو. اها ڪا معمولي ڳالهه ڪانه هئي. ڪجه وقت کان پوءِ خوش قسمتيءَ سان وري ساٿس ملاقات ٿي وئي. مون کي چيائين ته "مان پاڻ کي موت جي منهن مان بچائي ورتو آهي. مان مفت ۾ پنهنجي مٿي کي تلوارن جا گهاءَ رسائي مرڻ کو نه ٿي چاهيو." پوءِ هن مسلمانن وارو ڪلمو پڙهيو "لا اله الاالله محمدالرسول الله" هن مزيدار گفتگوءَ کان ڪجه عرصو پوءِ اسان جي اکين جي سامهون هڪ واقعو ٿي گذريو. ڊاڪٽر لارڊ جو هڪ سٺس جيڪو مذهبي طور هڪ هندو هو، سو پنهنجي ڌرم کان وڃڻ ٿي ويو ۽ اسلام قبول ڪرڻ لاءِ آتو هو. اهو واقعو مٿن ڪوٺ جي سامهون چاڇڻ جي ڳوٺ ۾ پيش آيو. هن ڳوٺ ۾ خدابخش نالي هڪ ماڻهو هو، جيڪو هڪ پير جي شڪل ۾ ملان هو ۽ ڳوٺ جا ٻار پاڙهيندو هو. تنهن ڪيس الائي ڪهڙي ڳالهه جي ڦرهي چاڙهي جو همراه ارن مان نڪري ويو. ڪجه وقت ڳجهاً نياپا سنيها پيا ملندا هئا ۽ ملاقاتون ب ٽيندين رهنديون هيون، پر ملان اسان کان ڊنو ٿي ۽ اسان جي موڪل کان سواءِ ڪيس مسلمان کو نه ٿي ڪيائين. اسان جڏهن ان هندوءَ همراه کان سوال جواب ڪيا ته هن وراڻيو ته هو پنهنجي رضا خوشيءَ سان اسلام قبول ڪري رهيو آهي ۽ ان ماميري تي هن ڪجه وقت غور ب ڪيو آهي. اسان چيو ته هن معاملي ۾ اسان کي وچ ۾ پوڻ نه گهرجي. جيئن سندس مرضي، اسان چو مخالفت ڪريون. مان ۽ ليفٽيننٽ ليچ پڪو پڪو ڪيو ته هن جي مسلمان ٽيڻ واري رسم ۾ اسان ضرور شريڪ ٽيناسين. اسان مقرر جاءِ تي پهتاسون ته ڏٺو سون ته هڪ مَڻهن هيڻان ڏيڊ سو ڪن ماڻهو هيڻ تڏا وڇايو ماڻ ڪيو ويٺا آهن. اتي پهچڻ تي اسان جي پليڪار ڪيائون ۽ هندو جنهن جو نالو ماڻڪو (Mankoo) هو، پنهنجي دل جي حضور سان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو. سندس پراڻو نالي متائي مسلمانڪو نالو شيخ دين محمد رکيائون.

مسلمان ٽيڻ کان اڳ ۾ ملي اسلام جا ٻي مختلف ڪلما پڙهيا ۽ هندوءَ ب ان جي ڪڍ ساڳيا لفظ ورجايا. جڏهن مسلمان ٽيندڙ همراه ڪلما پڙهي بس ڪئي ته اتي ويٺل مسلمانن کيس مبارڪون ڏنيون ۽ ان کان پوءِ دعوت شروع ٿي. مسلمان ٽيڻ واري هيءَ رسم عيسائين لاءِ ناڪافي هئي، پر تنهن هوندي ب اهو چڱو ٽيو جو هن اسلام قبول ڪيو، جنهن ۾ گهٽيون اوڻايون ته آهن، پر پوءِ ب

وهمن ۾ وسوسن واري هندو ڏرم کان گهٽين ڳالهين ۾ چگو آهي. ان ڏينهن کان پوءِ هي همراه مسلمان ٽي جڻ اهل ڪتاب ۽ دنياوي ۽ مذهبي نقطءِ نگاه کان جڻ مانَ وارو بڻجي ويو. چاچڻ وارو ملان پنهنجي تر ۾ وڏي اثر رسوخ وارو ماڻهو هو. منهنجي خيال ۾ سندس تعلق ڪنهن معزز گهراڻي سان هو. هن جا ابا ڏاڏا منڊ ڪوٽ ۾ دفن آهن. ڪنهن زماني ۾ هي شهر سندن ضابطي هيٺ هو. ڪجھ وقت ٽيو جو سکن سنڌوءَ رستي سنڌ تي ڪاهڻ جي نيت ڪئي. سنڌ جا امير وٽس دعا گهرڻ آيا هئا. کين جواب ۾ چيو هئائين تہ "هو اڳتي ڪو نہ وڌندا." اهو اندازو هُن حالتن مان لڳائي ورتو هو. اها اڳڪٿي سورهن آنا صحيح ثابت ٿي. جنهن ڪري هن جي عزت آبرو ڪجھ سرس ٽي وئي هئي. البت هن سنڌين کي ڏاڍي چنڊ ڪيي تہ هو پنهنجن اهم ڳالهين ڏانهن ڌيان ڪو نہ ٿا ڏين. کين اهو بہ چيائين، "جيتوڻيڪ دنيا کي تقدير هلائي رهي آهي پر اها تدبير سان بہ هلي سگهندي آهي. اوهان هن اهم ماموري ڏانهن ڌيان چو ڪو نہ ڏريو ۽ اوهان کي مقابلي واسطي هڪ وڏي فوج تيار ڪرڻ گهرجي ها."

22 تاريخ جو اسانَ بهاول خان جي عملدارن کان موڪلائي، منڊ ڪوٽ کي الوداع چيو. خان مون ڏانهن سندس قبيلي جي تاريخ موڪلڻ جو واعدو ڪيو هو. ان واعدي کي پوري ڪرڻ لاءِ هن هڪ ڪتاب موڪليو، جنهن ۾ سندس قبيلي متعلق هڪ ڏگهو احوال قلمبند ٿيل هو. آخر ۾ اللّه کان دعا گهري هئائين تہ جيئن شڪار ڪرڻ ۾ سدائين سوپارو رهي. هن ڪتاب جي بدلي مون کي ستارن جي گولي موڪلڻ لاءِ گذارش ڪئي هئائين، جيڪو ڪل جي زور تي هلندو آهي. جيڪو ڪيس موڪلي ڏنم؟ ان سان گڏ مان ڪيس مديني شريف جي ناهيل تصوير بہ موڪلي ڏني، جيڪا اسان جي ڊرافٽس مين مسٽر گون سالويز (Mr. Gon salvez) تيار ڪئي هئي. خان وٽ مڪي شريف جي تصوير اڳ ۾ ئي هئي. مديني شريف جي ناهيل تصوير ان سان مشابهت ٽي رکي. مان پڙهندڙن کي پنهنجي سفر جي هن ساٿيءَ جي هن وقت تائين سجاڻ ڪا نہ ڪرائي آهي. هن مون کي ڪيترين ئي تصويرون ناهي ڏنيون آهن، جنهن ڪري مان سندس ڏاڍو ٿورائتو آهيان؛ انهن تصويرن جي ڪري هيءُ ڪتاب ڪجھ وڌيڪ خوبصورت ٽي پيو آهي. مان کيس دون جوس (Don jose) جو خطاب ڏنو آهي. جيڪڏهن هيءُ دوست ان خطاب جي لائق نہ آهي تہ هو محنت ڪري ان لائق بڻجي ويندو، جنهن جي مون کي پوري اميد آهي. هي پورچوگيز گوا جو رهاڪو آهي. هن پنهنجي تعليم گوا جي پروپئگنڈا (Propaganda) نالي هڪ اداري مان مڪمل ڪئي آهي. هن جو اصلي ذوق موسيقيءَ سان آهي. هن چترڪاريءَ ۾ مهارت حاصل ڪري جڻ موسيقيءَ جي پيٽ کي پاڻ سان شامل ڪيو آهي. هيءُ ماڻهو پنهنجي مادري ٻوليءَ سان،گڏ فرينچ ۽ لئٽن جي بہ ڪجھ سڌ بڌ رکي ٿو ۽ ڪنهن حد

تائين انگريزي ۾ چاڻندو آهي. حقيقت اها آهي ته هي پنهنجي شهر،آلبوڪرڪ (Albuquerque) جو مانُ مٽي ڪيو آهي. هن پنهنجي وطن کانَ دور ٽي پنهنجي هم وطن ۽ مثالي انسان ڪئمونس (Camoens) سان ۾ همدردي رکي ٿو. هيءُ پنهنجي دل جڻ تہ پوئتي ڇڏي آيو آهي. جڏهن اسان سنڌوءَ جي موجن مٿان سفر ڪري رهيا هئاسون تہ سندس اخلاص، خوش مزاجي ۽ موسيقي اسان کي ڏاڍو وندرايو ۽ هاڻي جڏهن هندوڪش جبلن جي برف اسان کي وائڙو ڪري ڇڏيو آهي تہ سندس اها ذات ڪنهن نعمت کان گهٽ ڪو نہ آهي. گٽار ڏون جو پيارو ساز آهي. پر اڪارڊين (Accordian) جي ساز تي، هوم سويٽ هوم (Home sweet home) جي ڌن ڏاڍي سريلي آواز ۾ ٻڌائيندو آهي. فرينچ هوليءَ جو ڪائرا (Caira) پورچوگيز هوليءَ ۾ لايل ايئر (Loyal air) ۾ سڻائيندو آهي. ڪڏهن وري پنهنجي فانڊانگو (Faundango) جي وڃت جي سنگيت ۾ ڪندو اٿس. مطلب تہ ڏون جوس گون سالويز هڪ اصلي نوعيت جو ڪردار آهي ۽ اسان جو پيارو ساٿي رهيو آهي. هو پهرئين ڏينهن کان وٺي پنهنجي ڊرافٽس مين واري ذميداري کي ڏاڍي ايمانداري ۽ جفاڪشيءَ سان نيائيندو آيو آهي. رات جي ماني کان پوءِ اسان جڏهن ۾ ڪيس گذارش ڪئي هئي هميشہ ساز ۽ آواز سان خوشين کي پکڙيندو رهيو. منهنجي خيال ۾ هاڻي هو بمبئي ۾ رهي ٿو، مون کي اميد آهي تہ ڪتاب جو هيءُ صفحو ضرور پڙهندو ۽ ضرور محسوس ڪندو تہ هي ستون مان دل جي گهراين سان لکيون آهن. مان سندس ڪامياب مستقبل جي لاءِ دعا ڪريان ٿو ۽ سينهورا تائين امن امان سان پهچي وڃڻ ڪري ڪيس واڌايون ڏيان ٿو.

منڊ ڪوٽ ۾ هئاسون تہ رنجيت سنگهہ جا ماڻهو اچي پهتا. اسان جي ڏاڍي سٹي نموني آجيان ڪيائون روڪ ڏوکڙن ۽ منڌاين جا ڀير ڪري ڇڏيائون. اسان جي پراڻي واقفڪار هري سنگهہ کي اسان جو مهماندار مقرر ڪيو ويو هو. هن مهماندار طرفان پُهرين سوکڙي ڇهن سگهن وارو هڪ گهنڊو هو. پهريون تہ مان سمجهيو تہ اها ڪا جهڙي تهڙي شيءِ هوندي، پر جڏهن ڏٺم تہ معلوم ٿيو تہ اهو ڏاڍو قيمتي آهي. اسان منڊ ڪوٽ ايئن ڪو نہ ڏٺو. جيئن اسان کي ان شهر جو تصور هو. هيءُ شهر ان بهترين ٽاڪ تي آهي جتي اهو تجارت جو وڏو مرڪز بڻجي سگهيو ٿي. علائقو هيٺانهون°آهي تنهن ڪري سدائين ٻڌندو هوندو. هن جي اولاد پاسي ۾ آگوئي (Aguee) نالي قديم وستي آهي. منڊ ڪوٽ ۾ قديم شهر جي کنڊرن.تي آباد آهي. دجل جي پرسان هڙند جو شهر آهي، جيڪو هتان کان ڪجهہ اندر تي آهي. منهنجو خيال آهي تہ اهو شهر هيريءَ نالي پٽيان.سڏيو ويندو آهي، جيڪو سڪندر جي غلامن مان هڪ هو.

منڊ ڪوٽ کان مٽي اسان لاءِ هر چيز نئين هئي. درياهہ ۾ جڻ نئون هو، جنهن

ڄاڻ نہ سکندر نہ وري ڪنهن انگريز ئي ڪڏهن هاڪاريو هو. اسان جيڏي لاءِ مٽي هاڪاڙ هڪ ڏکي ڳالهه هئي. درياهه ۾ چاڙهه هو. سندس رفتار ڪجهه سرس هئي ۽ ويڪرائي ۾ به ڪجهه وڌيڪ پئي لڳو. مون کي ان ڳالهه تي يقين هو ته سنڌوءَ ۾ پاڻي هيٺئين حصي کان مٿئين حصي ۾ وڌيڪ هوندو آهي. هيٺئين حصي ۾ درياهه جو پاڻي هڪ ته آبادي‌ءَ واسطي به استعمال ٿيندو آهي. ٻيو ته اوستائين پهچڻ تائين سندس پاڻي ٻاڦ وسيلي ڪجهه اڏامي به ويندو آهي. سنڌوءَ ۽ چناب جي سنگم کان مٿان، علائقي جو ڪجهه حصو چوڌاري پاڻي هيٺ هو. پَنِ ۽ پاڻي‌ءَ جي ٻئي گاهه مان سمجهيوسين ته اتي هميشه پاڻي‌ءَ جي چر رهندي آهي. چاڙهه جي موسم ۾ پاڻي الهندي طرف گهٽو آهلي پوندو آهي. سنڌوءَ ۽ پنجاب جي درياهن جي پاڻي‌ءَ جي ليفٽيننٽ وڊ، سُچيتائي سان جاچ پرتال ڪئي. ڊاڪٽر لارڊ وري انهن درياهن جي پاڻي‌ءَ ۾ موجود لٽ جي في سيڪڙي جو صحيح نموني سان اندازو لڳائي رهيو هو ۽ اهو به ڏسي رهيو هو ته اهو ڪهڑي سياءَ جو آهي. ڪيس اهو معلوم ٿيو ته ان لٽ ۾، سائليڪس (Silex) اليومن (Álumine)، ڪاربونيٽ ۽ اوڀڙ جو ڀار موجود آهي. 'ممايز آن دي پلئن آف انڊس' ۾ ڊاڪٽر لارڊ پنهنجي راءِ جو اظهار هن ريت ڪيو آهي:

"پاڻي‌ءَ جي ڦي سيڪنڊ رفتار ۽ مقدار جو اسان هن ريت جائزو ورتو آهي ته مثال طور پاڻي جو مقدار 3000.000 ڪيوبڪ فوٽ في سيڪنڊ آهي. تجربي مان اسان کي اهو معلوم ٿيو آهي ته ان پاڻي جو 1/500 حصو لٽُ آهي. پاڻي‌ءَ ۽ لٽ جي اها نسبت وزن مطابق رکي وئي آهي. مثال طور لٽ جي ڳوراڻ '2' ونءَ جيڪا واريءَ جي ڳوراڻ ۾ آهي ۽ اها حقيقت جي ويجهو ٻڌ آهي. ماپ مطابق اهو وڃي 1/1000 بيهندو. ان حساب سان ستن مهينن جي درياهي پاڻي‌ءَ ۾ 300 ڪيوبڪ فوٽ في سيڪنڊ جي حساب سان لٽ هلندو آهي. ان ليکي سان اهو لٽ 2 ميل ڊگهو، 27 ميل ويڪرو ۽ 40 فوٽ مٽي هڪ ٻيٽ ٺاهي سگهندو. ڪنارن وٽ سمنڊ جيڏي پاڻي‌ءَ جي ماپ پنج فٿم يعني 30 فوٽ هوندي آهي. ايتري لٽ پوڻ ڪري پاڻي‌ءَ کان ڏه فوٽ مٽي هڪ ٻوٽو ٻڌجي سگهي ٿي. ڪو به ماڻهو جيڪڏهن لٽ جي هن حساب کي نظر ۾ رکي سؤ يا هزار سالن جو اندازو ڪندو ته سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي بنجڻ واري سوال کي سمجهي سگهندو."

انن ڏينهن جي هاڪاڙ کان پوءِ اسان ديري غازي خان پهتاسين. چاڪاڻ ته ڏکڻ جو واءُ زوز سان پئي لڳو جيڪو اسان کي سٽائو هو. چيو ويندو آهي ته عمرو خليفه عمر ڏانهن لکيو هو ته مصر هڪ وارياسو علائقو آهي. هتي مٽي پاڻي‌ءَ جو هڪ سمنڊ آهي ۽ منجهس گلن جا باغ آهن. جيستائين ان لٽ ۽ مٽي‌ءَ جو تعلق آهي ته سنڌ جي لاڙ واري پاڪي ۾ به اهو جام آهي. هتي به اسان مٽي پاڻي‌ءَ جو سمنڊ ڏسون ٿا جو درياهه جو ٻيو ڪنارو ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ايندو آهي. باقي گلن

جي باغن بدران هتي وڏو گاهه ۽ لَوَن جا جهنگ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. اسان سوچيو ته گلن جي باغن واسطي اسان کي ڪابل ڏانهن ڏسڻ گهرجي. اسان هاڪاريندا نوشهرو رائڪ ۽ جتوئي ۽ شيروءَ جي پٽڻ کان لنگهياسين. اهي ڳوٺ درياه کان ڪجه فاصلي تي آهن ۽ ٻيڙيءَ جي ڪوهي تي چڙهي ڏسي سگهبا آهن. انهن جي پرسان جيڪي وڻ هوندا آهن تن مان به معلوم ڪري سگهبو آهي ته اهي ڳوٺ آهن. هتي درياه گهڻين شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. اسان بنا ڪنهن سونهين جي هاڪاريندا وياسين. اتان جو ڏيڪ هڪ جهڙو هو تنهن ڪري ڪجه بيزار ٿي پياسين. شام جو ٻين وڳين درياه جو ڪوسائي پد 84 ۽ هوا جو 108 هو. شام جو جڏهن اسان اتي پهتاسين ته سج لٿي کان گهڻو پوءِ ڏکڻ کان لُڪ لڳڻ لڳي، جيڪا اسان کي ساڙي رهي هئي. چادرون پسائي پُسي ڪري مس ماني کاڌي سين. ڪوسائي پد 94 کان هيٺ ڪرڻ لٿو. هتان جي آبهوا ڏاڍي گرم هئي. سج اپريو ته پاڻ سان باهه جا اُلا کنيو آيو. اَفق کان ٽورو مٿي چڙهيو ته سمجهيوسين، ته آڳ جا اُلا وسائي رهيو آهي. ان ڪري اسان گهڻن کي ڏينهن لڳي ويو ۽ اڇي تپ ورايو. ٻيڙين ۾ هڪ جاءِ تي وهڻ ڪري اسان جا همراه تنگ ٿي پيا هئا. مٿان وري سردارن جون دعوتون هوندیون هيون ۽ هر ڪو پيو دل کولي کائيندو هو.

اهو به ضروري ٿيندو ته جنهن علائقي ۾ اسان هاٿي داخل ٿيا آهيون ان جو مختصر احوال ڏجي، جيڪو گهڻين ڳالهين ڪري ڪجه دلچسپ به آهي. سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري، نمڪ سير کان هيٺان ويندي ان ماڳ تائين جتي پنجاب جا درياه سنڌوءَ سان سنگم ڪن ٿا، تنهن سڄي علائقي کي ديره جات جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هن علائقي جو اهو نالو ان ڪري آهي، جو هتان جا مشهور شهر ديرن جي نالي يعني ديرو غازي خان ۽ ديرو اسماعيل خان آهن. ديره جات عربي لفظ آهي ۽ ديره جو جمع آهي. هن جي هيٺئين پاسي کي مقامي طو سنڌ سڏيو ويندو آهي ۽ مٿئين پاسي کي دامن يعني دنگ ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته ان جي دنگ سان سليمان جبل جون قطارون آهن. زمين هموار آهي ۽ ڪٿي ڪٿي آباد آهي. خاص طور تي ديري اسماعيل ۽ ديري غازي جي پر وارو علائقو ڏاڍو سائو ڏسبو آهي. پر درياه جي اوڀ طرف ٽورن ميلن جي پنڌ تي اسان کي ڪوهه به ڏسڻ ۾ ڪونه آيا. پوڪيءَ راهيءَ جو سڄو داروهدار مينهن جي چئن ڪٽين تي آهي، جيڪو ٽڪرين تان نَئين جي شڪل ۾ هيٺ وهي ايندو آهي. هن پاٽيءَ کان سواءِ ڪنهن فصل ڦڙيءَ جو آسرو ڪونه هوندو آهي. هن ڪناري جي سامهون ۽ 'ليا' جي علائقي ۾ سنڌوءَ جي ٻوڏ جي پاٽيءَ جو رخ اوپر ڏس تي هوندو آهي. زمين زرخيز آهي. فصل تمام پلا ٿيندا آهن. انهيءَ ايراضيءَ کي ڪچي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ليا جي پرسان ڪميريءَ جو مشهور پٽڻ آهي جتان ماٺهو لهندا چڙهندا ۽ سنڌو اُڪري ديره جات واري علائقي ڏانهن پيا ايندا ويندا آهن.

جابلو علائقو انن جي قافلن سان پار ڪبو آهي، جيڪي ڪابل ۽ قندار طرف پيا ويندا رهندا آهن. هندستان کان ايندڙ قافلا اوله وڃڻ کان اڳ هتي اچي گڏ ٿيندا آهن. ان ڪري ديره جات واپاري مرڪز بڻيل هوندو آهي.

• واپاري قافلا ڪلڪتي کان هلي، لکنؤ، دهلي ۽ هاسنيءَ کان ٿيندا بهاولپور پهچندا آهن. بمبئي کان پالي، بيڪانير ۽ بهاولپور کان ٿيندا ملتان پهچندا آهن. امرتسر کان جنگ (Jung) ۽ ليا کان ٿيندا هتي پهچندا آهن. خود ديري غازي خان کان هلندڙ قافلا بهاولپور کان ٿيندا هتي رسندا آهن. اهي سيئي رستا، ديرابند (Dera bund) نالي هڪ ڳوٺ وٽ گڏبا آهن، جيڪو ديري اسماعيل خان کان ٽيه ميل اوله طرف آهي. هن ماڳ وٽان هڪ مشهور رستو قُنڌي نڪرندو آهي جيڪو گومل درياه سان هلندو گوليايي (Goolairee) لڪ مان لنگهي اڪثي روانو ٿيندو آهي ۽ هن ٽاڪ کان اڳتي لوهاڻي افغانن جا قافلا ويندا آهن. انهن مان ڪي قافلا تاڪ (Tak) کان اوله پاسو ڏئي اتانهين جابلو علائقي ۽ 'چيري' (Cheree) نالي هڪ ننڍي لڪ مان لنگهندا آهن. اهي سيئي رستا وري اڳي ديرابند کان 45 ميل پري، هڪ جاءِ تي گڏبا آهن. لوهاڻي افغان ڏراڙ ۽ سانگي ماٿهو آهن ۽ سال ۾ هڪ ڀيرو هندستان جا وڻ ٻ ڏسندا آهن. اها لڏپلاڻ وڇ واپار ڪارڻ ڪندا آهن ۽ گهٽو ڪري اپريل مهيني ۾ هتي اچي گڏ ٿيندا آهن. سندن مٿ مائٽ جيڪي سيارو اچي سنڌوءَ جي ڪنارن سان گڏاريندا آهن، تن سان سندن ميڙائو ٻ هتي ٿيندو آهي. تنهن کان پوءِ هو خراسان هليا ويندا آهن ۽ اونهاري جي گرمي واري موسم اتي گهاريندا آهن. هي ماٿهو ٽن يا ڪِريز (Kirees) حصن ۾ وندجي لڏپلاڻ ڪندا آهن. منهنجي خيال ۾ ڪريز لفظ جي معنيٰ لڏپلاڻ آهي. هن ڪريز کي ٽن، نصير (Nusseer)، خرائوتي (Kharoutee) ۽ ميان خيل (Meea khyl) جي مختلف نالن سان سڏيو ويندو آهي. اهي سندن قبيلن جي شاخن جا نالا آهن، جيڪي سندن لڏپلاڻ جي اڳواڻي ڪندا آهن، پهرئين نالي وارا ماٿهو گهٽا هوندا آهن،، ساٺن 50.000 يا 60.000 ڪن رڍون هوندیون آهن. پوئين نالي وارن ماٿهن سان هندو واپاري ۽ ولايتي ماٿهو سفر ڪندا آهن. سندن اڇڻ وڃڻ جي گهٽائي راهداري ۽ ڪسٽم متعلق ڪتاب ۾ درج آهي، جيڪو ڏيکاري ٿو تہ هن سال 5140 سامان سان لڏيل اٺ هتان لنگهيا آهن. ٻيا اٺ جيڪي ماٿهن جو سامان سڙو ۽ تنبو وغيره کڻي لنگهيا تن جو انگ 24000 آهي. نصير وارن جو انگ 17000، ميان خيل وارن جو 4000 ۽ خرائوتي وارن جو انگ 3000 آهي. جن رستن سان سندن قافلا سفر ڪندا آهن سي فقط گس هوندا آهن، جن ۾ جهاڪا ۽ هيٺ مٿانهيون هوندیون آهن. گهٽو ڪري وزيري قبائلين جي علائقي مان گومل درياه سان سفر ڪندا آهن. لوهاڻي قبيلن سان هٿيار ٻ گڏ هوندا آهن، جن وسيلي پنهنجي ۽ مسافرن جي مال ملڪيت

جو تحفظ ڪندا آهن. سندن قافلا جون مهيني جي وچ ڌاران ڪابل ۾ قندار پهچندا آهن. ان کان پوءِ هو هرات ۽ بخارا اُسهندا آهن. آڪٽوبر مهيني ۾ جڏهن سيارو شروع ٿيڻ وارو هوندو آهي تہ هيٺ سنڌوءَ جي ميدانن ڏانهن اچڻ شروع ڪندا آهن. ساٿن ڏڻ، رنگ، ميوا ۽ ڪابل جون تيار ٿيل شيون هوندیون آهن، جيڪي هن هندستاني ۽ برطانيہ جي مال عيوض وڃيون هونديون آهن. واپار جو هيءُ رستو تمام قديم آهي. شنهشاه بابر جو چوڻ آهي تہ هن جڏهن 1505ع ۾ ديره جات تي هلان ڪئي هئي تہ اوچتو وڃي لوهاڻي قبيلي جي واپارين مٿان پيو هو ۽ ڪانئن ڪپڙي، خوشبودار شين، دوائن، ڪنڊ، مصري ۽ گهوڙن جي ڦر ڪئي هئي. وڌن سامان تمام گهڻو هو ۽ هن ڪا بہ شيءِ ڪا نہ ڇڏي. اڄ ڪلهہ بہ اسان اهي ساڳيون شيون ڏسون ٿا، جن جو موجوده دور ۾ واپار هلندو آهي. اهو ذڪر ڪرڻ بہ لازمي ٿيندو تہ شهنشاه بابر ضرورت وقت هن کي قربو لڏيو، پر جڏهن هن ڪابل ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ اتي پوريءَ ريت پنهنجا پير پختا ڪيا، تہ کين خلعتون بخشي وڏو مان ڏنو هئائين.

لوهاڻي قافلن جي بيان کان پوءِ اهو ضروري آهي تہ هندستان کان ڪابل ويندڙ مڙني رستن جو ذڪر ڪريان. زباني بيان ڪرڻ، مان سمجهان ٿو تہ ڪجهہ مڙئي وڌيڪ ڏکيو ٿيندو. اهي مکيہ ٽي رستا آهن. هڪ لاهور ۽ اٽڪ وارو، ٻيو ديره جات وارو جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. ٽيون بولان لڪ وارو جيڪو شڪارپور کان قندار ويندو آهي. هن کان سواءِ وچووڙيءَ بہ ڪي رستا آهن، جن سان فوجون وغيره ايندیون رهيون آهن. هاڻي انهن رستن سان واپاري قافلا ڪو نہ ڪڏرندا آهن. هڪ رستو ديري غازي خان کان هلي سخي سرور لڪ لنگهي بوري (Boree) کان ٿيندو قندار پهچندو آهي. هن رستي وسيلي ڪابل جا بادشاه انبن جو مزو ماڻيندا آهن. مان انهن ماڻهن سان مليو آهيان جيڪي سنڌوءَ وٽان انبن جو بار ڪٽي نون ڏينهن ۾ قندار رسندا آهن. بوري جي آبهوا خوشگوار آهي. اهو بيان رڳو ايلفن اسٽون جو نہ آهي، پر مون هن موضوع تي هتان جي ڪيترن ماڻهن کان پڇا ڳاڇا بہ ڪئي آهي. بابر بادشاه بہ هيءُ رستو ڏئي 1505ع ۾ پنهنجي لشکر سان گڏ غزني پهتو هو. جنهن جو بيان مٿي اچي چڪو آهي. سندن گهوڙن کي گاه پاڻي نہ هجڻ ڪري سخت تڪليف ائي هئي. قافلن جي رستي هجڻ جي حيثيت ۾ هيءُ گولياري لڪ کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ ڪونہ آهي. ڪجهہ عرصي کان هيءُ رستو ويران آهي. هيءُ رستو هاڻي فقط قاصد استعمال ڪندا آهن جيڪي هندستان ڏانهن پيا ايندي ويندي ڏسبا آهن. هي ترت پيغام پهچائڻ وارو نندي ۾ نندو رستو آهي. ديري اسماعيل کان اتر پشاور تائين ڪابہ سڌي آمدرفت ڪا نہ آهي. هتان جا رستا گهٽو ڪري خراب ۽ ڏاڙيلن جي ور چڙهيل آهن. ڪابل ڏانهن ويندڙ سڀ رستو ڪورم (Kooram)

درياه مان آهي. هڪ رستو ديري غازي خان کان هلندو آهي ۽ داجل ۽ هڙند جو ڏکڻ ڏئي ٽڪرين جو وچ وٽي باغ ۽ ڊاير کان ٽيندو بولان لڪ ڏانهن ويندو آهي. گذريل پنجويهن سالن کان قافلن وارا انهن رستن تي ايندا ويندا رهيا آهن. عام ماڻهو شڪارپور ۽ ديري غازي خان کي 'خراسان جو دروازو' سمجهندا آهن. اهڙو ذکر آءٌ مٿي به ڪري آيو آهيان.

اوسي پاسي وارو علائقو ڏاڍو موزون آهي. هتان جا واپاري تيار ٽيل ڏيهي مال باهر ڪڍي ويندا آهن ۽ ان جي بدلي، کين ڏاڍو لاڀ ملندو آهي. واپاري ان مال جي عيوض کين هين ملڪن جو ٽهيل مال ڏيندا آهن، جنهن ۾ ڪجه ڏيساور جون شيون به هونديون آهن، انهيءَ مال جو اندرون ملڪ ڏاڍو ڪاپو هوندو آهي. ديري غازي خان ۾ به ڪيتريون ئي شيون جڙنديون آهن، پر خوبصورتيءَ ۽ سٹائي ۾ ملتان ۽ بهاولپور جو ٽهيل مال ڪسر هوندو آهي. ڪنهن زماني ۾ هن جي ڏيتي ليتي اولاد سان گڏ اوپر طرف به هوندي هئي، پر برطانيه جي مال اڇڻ ڪري سندس اها خوشحالي ڪا نه رهي آهي. هتان جا ڏيهي صنعتڪار اڄان به ڪجه پاڻ پرا ۽ مڇي مانيءَ لائق آهن. هيءَ ماڳ گلبدن نالي ڪپڙي ۽ فراسين ڪري ڪهڙو مشهور آهي، سادي ۽ ڇڙيل ريشمي ڪپڙي ڪري به نالي وارو آهي، جيڪو لاهور ۽ سنڌ ڏانهن موڪليو ويندو آهي. هن ورن جو ڪپڙو هين ملڪن جي اهڙي ڪپڙي کان وڌيڪ سٹو هوندو آهي. اوپر ڏانهن به ريشمي ڪپڙو روانو ڪيو ويندو آهي. ڪچو مال بخارا ۽ مغرب کان گهرايو ويندو آهي. اولهه ڏانهن هتان ڪپه ۽ جوڙيءَ جو ڪپڙو موڪليو ويندو آهي، جيڪو هتان جي روانگي.شين ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. خراسان ۾ هتن شين جو وڏو اڳهه آهي، جتي هن مال جو انگريزي ڪپڙي سان مقابلو آهي. هن ڪپڙي جي طلب ان ڪري به وڌيڪ آهي، جو اهو انگريزي ڪپڙي جي پيٽ ۾ سادو ۽ سستو آهي. برطانيه جو ڪٹليڪو وڙ وارو ڪپڙو، هيل اڏاڻ گهٽ هليو. گذريل سال هن ڪپڙي مان 50.000 اپٽ ٽي. هن سال 24000 جُو اپراسو مس ٽيو. مختلف وڻن جون چيٽون به آهن. سوسيون، بافتو ۽ سادين لنگيون به هن مال ۾ شامل آهن جيڪي سوتي ڪپڙي جي پنوتريءَ ۾ داخل هيون. اوني ڪپڙو هتي ڪو نه ٺهندو آهي. هتي ٺهندڙ سوتي ڪپڙي جو ملهه هڪ ، ڏيڍ يا ٻه لک رپيا ٽيندو، جنهن جو وڏو حصو باهر موڪليو ويندو آهي. ويڙ جا اوزار، جهڙوڪ: ڪاتيون، چاقو، چريون، تلوارون، ڪٹڻيون به ديري غازي ۾ ٺهنديون آهن، جيڪي ٻڙائتا ٻڌ ڪتب آڻيندا آهن ۽ باهر به موڪليون ويندين آهن. هن شهر ۾ 1600 کن هٿ آهن جن مان 530 هٿن ۾ ڪپڙو اڄندو ۽ وڪيو ويندو آهي. شهر ڏسڻ ۾ ڏاڍو خوشحال نظر ايندو آهي. منهنجي خيال ۾ اهو سڀ ڪجه ان ڪري آهي جو هن علائقي کي 'مانسيورو وينچورا' جي حوالي ڪيو ويو آهي. آدمشماري 25000 کن ٽيندي.

چيو ويندو آهي تہ 300 سال کن اڳ هڪ بلوچ هن شهر جو بنياد رکيو هو. هن شهر کي ڪڏهن 'غازي خان' ڪڏهن 'حاجي خان' جي نالي سڏيو ويو آهي. اڄي هيءُ شهر ڪابل جي ماتحت هو. گذريل پنجويهن سالن کان سکن جي قبضي ۾ آهي. سکن هيءُ علائقو بهاول خان جي تحويل ۾ ڏنو آهي، جنهن کي هن علائقي سان ڪا بہ دلچسپي ڪا نہ آهي. سندس لاڪڙين (آفيسرن) هتي ڦرلٽ جي هيڪهي مچائي ڇڏي هئي. سن 1832ع کان سکن هيءُ علائقو پنهنجي سنيال ۾ ورتو آهي ۽ ان کان پوءِ سندس حالت سڌري رهي آهي.

ديري غازي جي چوڌاري زمين ڏاڍي زرخيز آهي. شهر هڪ هموار ميداني علائقي ۾ سنڌوءَ کان ڇهن ميلن جي پنڌ تي آهي. چوطرف باغ ۽ بڳها وڻ اٿس. ڪجهہ جي وڻ جي گهٽائي آهي. چيو ويندو آهي تہ ديري غازي خان جي.چوڌاري 80.000 ڪجين جا وڻ آهن. انهن سيني کان وڌيڪ هتي نير جي پيدائش ٿيندي آهي، جنهن مان هن سال 2.000 مڻ اولهہ ڏانهن برآمد ڪيا ويا آهن. مون کي ٻڌايو ويو آهي تہ هيءَ نير جي سڄي علائقي جي پيداوار آهي. سڀي قسم جي نير جي ميز جي قيمت پنجهٽ روپيا في مڻ آهي. وچولو قسم پنجاهہ روپيا ۽ سادي قسم جي قيمت ٻٽيهہ روپيا في مڻ آهي. هن وٽ جي برآمد مان هڪ لک روپيا اپت ٿيندي آهي. هتان جو رنگ بهاولپور کان سادي قسم جو آهي پر قيمت ۾ سهانگو آهي جيڪو ڪابل ۽ بخارا ڏانهن برآمد ڪيو ويندو آهي ۽ هين جي بنسبت پنڌ ۾ ڪجهہ ويجهو بہ آهي. ديري غازي خان جي ڪپهہ سڀيءَ جنس جي ۽ پٽ جهڙي نرم آهي. پيداوار 25.000 مڻ کن ٿيندي. جيڪا باهر موڪلي ويندي آهي. ٿوري وقت کان وٺي هتي ٿوري گهٽي ڪمند جي پوک بہ ڪئي وڃي ٿي. هتي اَن گهٽو پيدا ٿيندو آهي. ڪڻڪ ۽ جوَن جي جنس تمام سٺي آهي، پر چانور ڳاڙها آهن، جيڪي جنس جي لحاظ کان گهٽ هوندا آهن. جون 1837ع مطابق ان جا اڳه هيٺ ڏجن ٿا. سڪو شجاع الملڪ جو هلندڙ آهي. اڳه گهٽو ڪري شڪارپور جي اڳهن جهڙا آهن:

جنس	قيمت
چانور چاليهہ سير مڻ	3 روپيا
چانور وچولي جنس	2 کان 3/4– 1 روپيا
ڪڻڪ ڏيڍ مڻ	1 روپيو
جوئر 70 سير	1 روپيو
مهري دال بہ مڻ	1 روپيو
مڪ 50 سير	1 روپيو
لوڻ في مڻ	3 3/4 روپيا
ڏيهي لوڻ بہ مڻ	1 روپيو

ڪڻ في من	3 1/2 رپيا
مصري ني مڻ	16 رپيا

ديرو غازي جڏهن ڪابل جو ڏنيرو هو، تڏهن هن ملڪ ۾ مان هارهن لکَ محصول اڳرندو هو، پر هاڻي اهو سايا ۽ اٺ يا نَوَ لک آهي. هي اپت، سنگور (Sangur)، هڑند، داجل ۽ درياهَ کان پار ڪچي واري علائقي مان ٿيندي آهي. محصول جو انگ ان شخص جو ٻڌل آهي، جيڪو هن وقت ملتان جو گورنر آهي. ديري غازي خان جي چوڌاري ڳوٺن جو وڏو انگ آهي، جن ۾ گهٽو ڪري مسلمان رهندا آهن. ديري غازي خان جي شهر ۾ هندن ۽ مسلمانن جو انگ هڪ جيترو آهي. منجهس هندن جا ڪل 125 مندر ۽ ننڍيون وڏيون 110 مسجديون پڻ آهن، هن انگ ۾ ننڍي وڏي مذهبي جاءِ شامل آهي. ديري غازي خان جو سٺن رستن واسطي اوسي پاسي جي سٺني ملڪن سان رابطو آهي. هن شهر سان ڳنڍيل شهرن جو جيڪڏهن ذڪر ڪبو تہ اجايو ڪو نہ ٿيندو. شهر هي آهن: آسني (Asnee)، هڑند، ڪچي، گنداوا، مٺڻ ڪوٽ، شڪارپور، بهاولپور، خيرپور، اللّه يار، حيدرآباد، ملتان، لاهور ۽ امرتسر.

هن شهر جي بازار ۾ موجود هٽن جو وچور ڏئي، **هن علائقي جو بيان هتي** ختم ڪندس. مان سمجهان ٿو تہ هي بيان اوهان کي **شماريات جو دستاويز** ڏسڻ ۾ ايندو، پر مان ان جو وچور ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان.

سنڌوءَ جي ڪناري تي وسندڙ شهر ديري غازي جي بازار ۾ **موجود هٽن جي** پنوتري:

ڪپڙي جا هٽ	113
ريشمي ڪپڙي جا هٽ	25
سوتي ڪپڙي جي ڪورين جا هٽ	128
ريشمي ڪپڙي جي ڪورين جا هٽ	112
پچارن جا هٽ	25
ڪپھ وڪڻڻ وارن جا هٽ	17
اَنَ جا هٽ	219
جوتن جا هٽ	55
هندن جا جوتا ٺاهيندڙ هٽ	25
ٽوپين جا هٽ	15
درزڪا هٽ	50
ڪاسائي	15
ساين پاڇين جا هٽ	40

ميوات جا هٽ	32
ڪير جا هٽ	30
مٽاين جا هٽ	75
ٽانوائي	40
حڪيمن جا هٽ	10
پساري	30
ڪاڄ ۽ شيشن جا هٽ	30
لوهرن جا هٽ	45
ٽائارن جا هٽ	25
سونارن جا هٽ	60
ڇرين ڪاتين ۽ چاقن جا هٽ	12
جنبيءَ وارن جا هٽ	9
صرافن جا هٽ	30
ڪهوڙن جي سنجن جا هٽ	20
ڏوهين جا هٽ	50
رنگ وارن جا هٽ	15
تماڪ جا هٽ ۽ پنگ جا ڳٽا	30
نڙن جا هٽ	18
ڪاغذ جا هٽ	18
بند ٽيل هٽ، جن جي بند ٽيڻ جو سبب معلوم نہ آهي.	165
ڪل جوڙ	1597



پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيو:

انڌي ماءُ جٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَڳهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڑھندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَـنَ ساوا، گاڙهو، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ہيں لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سي ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڈي وَڻُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَـنَـن پاران ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ يلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل ـ پ ن The Reading Generation

پَڻ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُکارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڪو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَـنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَـنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهـڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڏ وڏ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)